

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي

سوانح حيات ۽ علمي خدمتون

تحقيق:
ڊاڪٽر عبدالرسول قادري

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو، سنڌ
2022ع

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

ڇاپو پهريون	سال 1988ع	تعداد هڪ هزار
ڇاپو ٻيو	سال 2006ع	تعداد هڪ هزار
ڇاپو ٽيون	سال 2022ع	تعداد پنج سؤ

(هن ڪتاب جي ڪنهن بہ حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن بہ طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.)

قيمت: اَٺ سؤ رپيا

[Price Rs. 800-00]

خريداريءَ لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679، Fax: 022-2771602)
Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiadabiboard.org. www.sindhiadabiboard.net.

هيءُ ڪتاب سنڌ جي قومي اداري سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شوري ۾ مئنيجر خضر خان وگهئي ڇپيو ۽ سيد سڪندر علي شاهہ، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

انتساب

هيءُ ناچيز علمي سوغات، انتهائي محبت ۽ عقيدت، ادب ۽ احترام سان پنهنجي محترم ۽ محسن عظيم استاد، سائين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نالي منسوب ڪندي، سندس برڪت ڀريءَ خدمت ۾ عقيدت ۽ محبت سان پيش ڪريان ٿو.

”تون پارس آئون لوهہ، جي سڄين تہ سون ٿيان.“

***

”مون سين مون پرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا.“

***

”تہ واريءَ، جر ڦُڙا، تِر راهين، سر وار،
تهان ئي اپار، ٿورا مون تي سڄڻين.“

(شاهہ)

عبدالرسول قادري

ملفوظات

چار هزار ڪتاب پڙهيم، انهن مان چار ڳالهيون پسند ڪيم.

1. ته اي منهنجا نفس! خدا تعاليٰ جي عبادت ڪرين ته ڪر، نه ته ان جو رزق نه کاءُ!
2. ته اي منهنجا نفس! جنهن ڪان الله تعاليٰ روڪ ڪئي آهي، ان کان پاسو ڪر، نه ته ان جي ملڪ مان نڪري وڃ!
3. ته اي منهنجا نفس! جيڪي ازلي قسمت مان توکي پهچي، ان تي صبر ڪر، نه ته ڪو ٻيو خدا ڳول، جيڪو توکي روزي وڌائي ڏئي.
4. ته اي منهنجا نفس! جي گناهه جو خيال ڪرين، ته ڪا اهڙي جاءِ تلاش ڪر، جتي توکي خدا نه ڏسي، نه ته گناهه نه ڪر!

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي

ڇپائيندڙ پاران

سنڌ ڌرتيءَ کي اِها عظمت حاصل رهي آهي ته، هِن سرزمين تي ڪيترائي اعليٰ پائي جا عالم، مؤرخ، محدث ۽ فقيه ٿي گذريا آهن، جن جي هاڪ نه فقط سنڌ، پر برصغير ايشيا تائين پکڙيل نظر اچي ٿي ۽ اهڙن عظيم بزرگ عالمن ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي پنهنجي علمي بصيرت ۽ شخصيت ۾ پنهنجو مثال پاڻ هئا.

ڪلهوڙا دؤر ۾ جن عالمن تحريري طور دين جي علمي ۽ تحقيقي خدمت ڪئي، انهن ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو نالو نمايان نظر اچي ٿو. جنهن ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ ديني، علمي ۽ ادبي ميدان ۾ مثالي خدمت ڪئي. توڙي جو هيءُ دور ڏيهي حڪومت جو دور هو، پر پوءِ به سنڌ ۾ فارسي زبان جو غلبو هو. انهن ڏينهن ۾ هڪ عالم جو سنڌي زبان ۾ علم و ادب جي خدمت ڪرڻ تمام وڏي ڳالهه سمجهڻ کپي.

هيءُ ڪتاب "مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: سوانح حيات ۽ علمي خدمتون" اصل ۾ هڪ تحقيقي مقالو آهي. جيڪو جناب عبدالرسول قادري صاحب سنڌ جي هاڪاري عالم جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جي رهبريءَ ۾ لکي پي ايڇ. ڊي جي اعليٰ سَنَد حاصل ڪئي.

هيءُ ڪتاب "مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: سوانح حيات ۽ علمي خدمتون" بورڊ طرفان سال 1988ع ۾ پهريون ڀيرو ڇپجي پڌرو ڪيو ويو. جيڪو پڙهندڙن وٽ بيحد مقبول ٿيو. جنهن بعد پڙهندڙن جي گهرج موجب اُن جو ٻيو ڇاپو سال 2006ع ۾ واڌارن سان شايع ڪيو ويو.

موجوده وقت ۾ بورڊ جي مانواري چيئرمين عزتمآب مخدوم سعيدالزمان 'عاطف' صاحب جن جو سنڌن علمي ادبي خاندان سان تعلق هئڻ ڪري ۽ سنڌن خاص دلچسپيءَ ۽ هدايتن تحت اداري طرفان نون ڪتابن جي اشاعت سان گڏوگڏ پڙهندڙن طرفان گهُر ٿيندڙ ريپرنٽ ڪتاب به شايع ٿي رهيا آهن.

سنڌي ادبي بورڊ طرفان هِن ڪتاب ”مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: سوانح حيات ۽ علمي خدمتون“ جو هيءُ ٽيون ڇاپو واڌارن ۽ سڌارن سان بورڊ جي مانواري چيئرمين جناب مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي سرڪردگيءَ ۾ بورڊ طرفان شايع ڪري سرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان.

اميد آهي ته، اسان جو هيءُ پورهيو تاريخ سان دلچسپي رکندڙن وٽ مانُ لهندو.

09- رمضان المبارڪ 1443هه — سيد سڪندر علي شاهه

11- اپريل 2022ع — سيڪريٽري

فهرست

پيش لفظ 19
مقدمو 21

پاڳو پهريون
مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو زمانو

باب پهريون: سنڌ جو تاريخي پسمنظر 33
باب ٻيو: مغل بادشاهن جو سن وار دؤر 43
باب ٽيون: ڪلهوڙا دور جا اهم تاريخي، مذهبي ۽ سياسي واقعا 45

پاڳو ٻيو
مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي سوانح حيات

باب پهريون: مخدوم محمد هاشم جو خانداني پس منظر [حسب نسب، نالو، ولادت ۽ شجرو] 55
باب ٻيو: تعليم، تربيت ۽ نصاب 59
(الف) سنڌ جا استاد 60
❊ مخدوم عبدالغفور پنهور 60
❊ مخدوم محمد سعيد ٺٽوي 60
❊ مخدوم ضياء الدين ٺٽوي 61
❊ مخدوم رحمت الله ٺٽوي 61
❊ مخدوم محمد معين ٺٽوي 62
❊ مخدوم عنايت الله ٺٽوي 63
(ب) عربستان جا استاد 63
❊ شيخ عبدالقادر حنفي مڪي 63
❊ شيخ عيد بن علي مصري 64
❊ شيخ ابوطاهر مدني 64
(ج) مخدوم صاحب جي دور جو تعليمي نصاب 66
باب ٽيون: طريقت جو سلسلو (روحاني رهبر ۽ مرشد) 70

1. ابوالقاسم نقشبندي ٺٽوي 70
2. سيد سعد الله قادري سورتي 74
باب چوٿون: مخدوم محمد هاشم جي درس تدريس جو مشغلو 75
1. دارالعلوم هاشميه ٺٽي جو قيام 75
2. مدرسي واري هاشمي مسجد 77
3. جامع خسرو (دابگران واري مسجد) 78
مخدوم صاحب جا شاگرد 78
1. سيد شهمير شاهه مٽياروي 79
2. مخدوم مئيڏنو نصرپوري 79
3. مخدوم عبدالرحمان ٺٽوي (فرزند) 80
4. سيد محمد صالح شاهه جيلاني گهوٽڪيءَ وارو 80
5. مخدوم ابوالحسن صغير ٺٽوي مدني 80
6. مخدوم عبداللطيف ٺٽوي (فرزند) 81
7. شاهه فقير الله علوي شڪارپوري 81
8. مخدوم عبدالله منڌرو نرئي وارو 82
9. مخدوم عبدالخالق ٺٽوي 84
10. مخدوم نور محمد نصرپوري 85
11. شيخ الاسلام مراد سيوهاڻي 86
12. عزت الله ڪيريو چوٽياروي 86
13. حافظ آدم طالب علم (ٺٽوي؟) 87
14. نور محمد ”خستہ“ ٽڪڙائي 87
باب پنجون: ديني خدمتون 89
❊ شريعت جي پابندي 89
❊ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي طرفان پروانو 91
❊ پرواني جو نقل 91
❊ ديني ۽ انقلابي تبليغ جا اثرات 93
❊ روحاني طاقت 96
❊ شريعت سجاڻ 98

❊ دربارِ رسالت ۾ مقبوليت 98
❊ فتويٰ نويسي 99
❊ عين عبادت 100
باب ڇهون: سير ۽ سفر
❊ حرمين شريفين جو سفر 101
❊ سورت بندر 106
❊ پٽ شاهه 106
❊ پراڻ 108
❊ مٽياري 109
❊ کهڙا 110
❊ نانگو شاهه نزد بدين 112
❊ سيوهڻ 113
❊ ڏامراهه (لاڙڪاڻو) 114
❊ نصرپور 115
❊ شڪارپور ۽ گهوٽڪي 116
باب ستون: مخدوم صاحب بحيثيت شاعر
(الف) عربي شاعري 118
(ب) فارسي شاعري 125
(ج) سنڌي شاعري 134
(د) مخدوم صاحب ۽ شاهه لطيف جي سنڌي شاعري 136
باب اٺون: مخدوم صاحب بحيثيت تنقيد نگار 140
باب نائون: مخدوم صاحب جون امتيازي خصوصيتون 148
1. عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻولين تي عبور 148
2. سنڌي تصنيفات 148
3. ديني علمن جي خدمت 149
(الف) قرآن ڪريم 150
(ب) حديث نبوي 150
(ج) فقه 150

(د) تصوف 150
4. قناعت ۽ سادگي 151
5. وطن سان محبت 152
6. مسلماني آساني 152
7. حق گوئي 153
باب ڏهون: وقت جي حڪمرانن سان لاڳاپا 154
باب يارهون: ڪتب خانو 157
باب ٻارهون: وفات ۽ مدفن 163
❊ (سيرت، ڪردار ۽ حليو) 166
باب تيرهون: اولاد ۽ پونير 168
❊ مخدوم عبدالرحمان 168
❊ مخدوم عبداللطيف 169
❊ مخدوم ابراهيم (مڏئي مرقد) 171
❊ مخدوم عبداللطيف 182
❊ مخدوم عبدالغفور 185
❊ مخدوم عبدالرحمان 186
❊ مخدوم عبدالحي 187
❊ مخدوم عبدالله "اميد" ٺٽوي 187
باب چوڏهون: همعصر 191
1. ميون ابوالحسن سنڌي ٺٽوي 192
2. مخدوم ابوالحسن ڪبير ٺٽوي مدني 193
3. مخدوم عبدالرحمان کهڙائي 195
4. مخدوم محمد قائم ٺٽوي مدني 196
5. مخدوم محمد معين ٺٽوي 196
6. مخدوم محمد حيات سنڌي مدني 198
7. شاهه عبداللطيف ڀٽائي 199
8. مخدوم عبدالرؤف ڀٽي 203
9. مخدوم عبدالله واعظ ٺٽوي 204

10. مخدوم محمدي کهڙائي 205
11. سيد موسيٰ شاهه جيلا ني گهوٽڪيءَ وارو 205
12. مخدوم محمد اسماعيل پريان لوءِ وارو 206
13. مخدوم ابوالحسن ڏاهري 207
14. محمد احسن خان ٺٽوي 208
15. مخدوم محمد زمان لنواريءَ وارو 209
16. مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي 211
17. ميون محمد مبين ڪيريو چوٽياروي 212
18. سيد محمد بقا شاهه شهيد (پَٽ ڌڻي) 214
19. مير علي شير "قانع" ٺٽوي 215
20. مخدوم روح الله بکري 218
21. مولوي محمد حسين 218
22. مخدوم محمد مقيم ٻيلائي 218
23. مولانا عبدالرزاق 220
24. علي اڪبر 221
25. مخدوم محمد ابراهيم ڀٽي 222
26. محمد پناهه "رجا" ٺٽوي 223
27. غلام علي "مداح" ٺٽوي 223
28. محمد رفيع ٺٽوي 224
29. مرزا غلام علي بيگ ٺٽوي 225
30. محمد رحيم ٺٽوي 225

ڀاڱو ٽيون

مخدوم صاحب جي تصنيفات ۽ تاليفات جو علمي جائزو

باب پهريون: علمي خدمتون 229
(الف) سنڌي ڪتاب
باب ٻيو: 1. زاد الفقير 235
2. قوت العاشقين 241
3. راحة المؤمنين 245
4. سايه نامه 250

5. بناء الاسلام 253
6. تفسير هاشمي 257
7. تحفة التائبين 261
8. اصلاح مقدمة الصلواة 663
9. تنبيه نامو 264
باب ٽيون: (ب) عربي ڪتاب 265
1. مظهر الانوار 265
2. فاڪهة البستان 269
3. شد النطاق فيما يلحق من الطلاق 273
4. جنة النعيم في فضائل القرآن الڪريم 276
5. السيف الجلي عليٰ ساب النبي 279
6. رد رسالہ قرة العين في البڪاء علي الحسين 281
7. اتحاف الاڪابر بمرويات الشيخ عبدالقادر 283
8. نظم الجواهر بذيل اتحاف الاڪابر 285
9. نورالبصائر تڪمله ذيل اتحاف الاڪابر 286
10. درهم الصرة في وضع اليدين تحت السرة 287
11. معيار النقاد في تمييز المغشوش عن الجياد 289
12. ترصيع الدرة عليٰ درهم الصرة 291
13. نورالعينين في اثباة الاشارة في التشهدين 293
14. ڪشف الغطاء عما يحل و يحرم من النوح و البڪاء 296
15. رفع الغطاء عن مسئلة جعل العمامة تحت الرداء 299
16. الشفاء في مسئلة الراء 301
17. اللؤلؤ المڪنون في تحقيق مد السڪون 303
18. ڪشف الرين عن مسئلة رفع اليدين 306
19. تحفة القاري بجمع المقاري 309
20. حصن الممنوع عما اورد عليٰ من ادرج الحديث الموضوع 312
21. تمام العناية في الفرق بين صريح الطلاق والڪناية 314
22. تحقيق المسلک في ثبوت اسلام الذمي بقوله للمسلم انا مثلک 318

23. تصحيح المدرک في ثبوت اسلام الذمي بقوله انا مثلک 323
24. النور المبين في جمع اسماء البدريين 325
25. القول الانور في حڪم لبس الاحمر 329
26. رفع النصب لتڪثر التشهدات في المغرب 333
27. الحجة القويه في حقيقة القطع بالافضلية 335
28. حياة القاري باطراف صحيح البخاري 338
29. بذل القوة في حوادث سني النبوة 346
30. التحفة المرغوبة في حقيقة الدعاء بعد المڪتوبة 352
31. تنقيح الڪلام في النهي عن قرأة الفاتحة خلف الامام 355
32. فتح العلي في حوادث سني نبوة النبي 358
33. حلاوة الفم بذڪر جوامع الڪلم 360
34. فرائض الاسلام 364
35. الوصية الهاشميه 371
36. بياض هاشمي 374
37. خطبات هاشميه 381
38. رد الرسالة المعينيه 385
39. الحجة القوية في الرد عليٰ من قدح في الحافظ ابن تيميه 386
40. ثمانية قصائد صغار في مدح النبي ﷺ 389
41. موهبة العظيم في ارث حق مجاورة الشعر الڪريم 391
42. شرح صفة الروضة 394
43. حاشيہ درود حاضري 398
44. ڪفاية القاري 400
45. حواشي شاطبيہ 402
46. حاشيہ مقدمة الجزري 405
47. ڪشف الرمزعن وجوه الوقف علي الهمز 407
48. حاشيہ خلاصة الحساب 409
49. الطِراز المُذهب في ترجيح الصحيح من المذهب 412

50. ارشاد الظريف الیٰ طور التصنيف 414

51. الحجة الجلية في مسئلة سؤر الاجنبيه 416

52. بسط البرده (نئون دستياب ڪتاب) 416

53. الطريقة الاحمديه (نئون دستياب ڪتاب) 417

54. فتح الخلاق (نئون دستياب ڪتاب) 417

55. القول المعجب (نئون دستياب ڪتاب) 417

56. نصرة النبي الڪريم (نئون دستياب ڪتاب) 417

57. وسيلة القبول (نئون دستياب ڪتاب) 417

باب چوٿون: (ج) فارسي ڪتاب

1. ذريعة الوصول الیٰ جناب الرسول 419

2. فتح الڪلام في ڪيفية اسقاط الصلواة و الصيام 423

3. رشف الزلال في تحقيق فيءِ الزوال 425

4. حيات الصائمين 429

5. فتح القوي في نسب النبي ﷺ 434

6. زاد السفينة لسالڪي المدينة 440

7. تحفة الا خوان في منع شرب الدخان 442

8. حيات القلوب في زيارت المحبوب 446

9. فيض الغني في تقدير صاع النبي 450

10. مدح نامه سنڌ 454

11. الباقيات الصالحات في ذڪر الازواج الطاهرات 456

12. جمع اليواقيت في تحقيق المواقيت 461

13. تحفة السالڪين الیٰ جناب الامين 462

14. وسيلة الغريب الیٰ جناب الحبيب 464

15. تحفة المسلمين في تقدير مهور اُمهات المؤمنين 468

16. اصلاح مقدمة الصلواة 474

17. نتيجة الفڪر في تحقيق صدقة الفطر 477

18. حديقة الصفا في اسماء المصطفیٰ ﷺ 478

19. وسيلة الفقير في شرح اسماء الرسول البشير 482

20. النفحات الباهرة في جواز القول بالخمسة الطاهرة 484

21. فضائل نماز و دُعاءِ عاشوره 486

22. حاشيہ برشيخ الاسلام سراجي 488

باب پنجون: (د) مخدوم صاحب جي علمي عظمت 490

باب ڇهون: (هه) مخدوم صاحب عالمن ۽ اديبن جي نظر ۾ 497

ضميما

ضميمو پهريون: ماڳ ۽ مڪان 513

ضميمو ٻيو: اسنادِ هاشمي، نبي ﷺ تائين 520

ضميمو ٽيون: مخدوم صاحب جي موجود 88 ڪتابن جي فهرست 523

ضميمو چوٿون: مخدوم صاحب جي انهن 75 ڪتابن جا نالا، جيڪي مختلف حوالن سان معلوم ٿي سگهيا آهن 527

ببليو گرافي: 531

تاريخي يادگارن جا عڪس

1. ”جامع خسرو“ دابگير مسجد، ٺٽو (سامهون وچون دروازو)

2. ”هاشمي مسجد“ اگر محلہ ٺٽو

3. ”مدرسہ هاشميہ“ بهرام پور جا ڦٽل آثار

4. ”مدرسہ هاشميہ“ اگر محلہ ٺٽي جا ڦٽل آثار

5. ”جامع خسرو“ دابگير مسجد، ٺٽو (اولهندي پاسي وارو نظارو)

6. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ جي مزار جو چبوترو

7. ”شرح صفة الروضة“ (قلمي عربي) ۾ آيل مخدوم صاحب جو دستخط

8. مخدوم صاحب جي هڪ ناياب مُهر، سن 1134 ھ

9. مخدوم صاحب جي پهرئين سنڌي تصنيف ”زادالفقير“ (1125 ھ)- مطبوعہ 1312 ھ جي سرورق جو عڪس

10. مخدوم صاحب جي آخري سنڌي تصنيف ”تفسير هاشمي“ (1162 ھ)- مطبوعہ 1330ھ جي سرورق جو عڪس

11. مخدوم صاحب جي پهرئين عربي تصنيف ”مظهر الانوار“ (1125ھ)- ڪتبخانہ درگاهہ خياري شريف جي قلمي نسخي جو هڪ ورق

12. مخدوم صاحب جي آخري عربي تصنيف ”الوصية الهاشمية“ (1174ھ)- مطبوعہ 1416ھ جي سرورق جو عڪس

13. مخدوم صاحب جي پهرئين فارسي تصنيف ”ذريعة الوصول الیٰ جنابِ الرسول“ (1133ھ)- مطبوعہ مهراڻ آرٽس ڪائونسل، حيدرآباد سنڌ جي هڪ ورق جو عڪس

14. مخدوم صاحب جي آخري فارسي تصنيف ”تحفة المسلمين في تقدير مهور اُمهات المومنين“ (1171ھ)- مطبوعہ 1999ع جي سرورق جو عڪس

***

پيش لفظ

بِسمِ اللّٰہ الرَحمٰنِ الرَحِيمِ

اَلصَّلواةُ وَالسَّلامُ عَليک يارَحْمَة لِلعَالمِيْنَ.

اللّٰہ تعاليٰ جي ٻاجھہ ۽ مٺي مرسل ﷺجي رحمت سان سرزمين سنڌ مان هميشه پروردگار جا پيارا پهتل ٻانها ۽ محبتي مٺيادار ماڻهو پيدا ٿيندا رهيا آهن. انهن پنهنجي فيض ۽ برڪت، علم ۽ عمل جي روشنيءَ سان جڳ کي پئي جرڪايو آهي. سنڌ جي انهن عظيم فيض ور ۽ علم پرور انسانن مان مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة اللّٰہ عليه ”شمس العلماء“ ۽ ”قمر المنير“ ٿي اڀريو ۽ چمڪيو، جنهن جي علمي ۽ قلمي فيض ديس پرديس جا واهڻ ۽ وسنديون، ڳوٺ ۽ شهر روشن ڪري ڇڏيا.

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي زندگيءَ بابت سنڌي ٻوليءَ ۾ هيءُ پهريون جامع تحقيقي ۽ ضخيم ڪتاب آهي، جيڪو اصل ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري ۾، پي ايڇ. ڊي (Ph.D) واسطي هيٺئين عنوان سان لکيل ۽ پيش ڪيل تحقيقي مقالو آهي: ”مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: سوانح حيات، زمانو ۽ علمي خدمتون“. هيءُ تحقيقي مقالو موجوده دور جي شمس العلم، استاد محترم سائين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي رهبريءَ ۾ سنہ 1997ع ۾ لکي مڪمل ڪيو ويو.

جيئن تہ يونيورسٽي جي امتحاني طريقۂ ڪار ۽ تقاضا موجب مواد ۽ حوالن جي گهٽائي، ترتيب ۽ وچ وارن مختلف مرحلن جي ڪري، ٿيسز جي جمع ۽ ترتيب جو علحده نمونو هوندو آهي. هينئر ڪتاب جي ڇپائيءَ وقت مواد کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ لاءِ، مروج ڪتابي طريقي پٽاندڙ، سموري مواد جي اختصار سان گڏ مواد جي ترتيب پڻ تبديل ڪئي وئي آهي ۽ ان سان گڏ ويجهڙائيءَ ۾ جيڪو نئون مواد مليو آهي، اهو پڻ هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي تہ جيئن مخدوم ٺٽويءَ بابت پڙهندڙن کي جامع ۽ مڪمل معلومات ملي ۽ اهلِ علم محققن سان گڏ عام ماڻهو بہ ڪتاب پڙهي، سولائيءَ سان سمجهي لاڀ پرائي سگهن.

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي زماني، سوانح حيات ۽ ديني علمي خدمتن جي باري ۾ هيءُ جامع تحقيقي ڪتاب آهي، جيڪو ”سنڌي ادبي بورڊ“ طرفان

شايع ٿي رهيو آهي.

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ بابت هيءَ تاريخي، علمي ۽ ضخيم تحقيقي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي، وڏوعلمي ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. اميد ته اهلِ سنڌ جي علمي دنيا ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو هيءُ ڪارنامو يادگار رهندو.

ان سان گڏ علم دوست اديبن مرحوم رحيم بخش "قمر" لاڪي، مرحوم ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي علمي ساٿ نباهيو ۽ ڊاڪٽر غلام محمد لاکي ۽ محترم بشير احمد هيسباڻيءَ جو خلوص دل سان احسان مند آهيان. جن سفر حضر ۾ هن ڪتاب جي مواد ۽ طباعت جي سڀني مرحلن ۾ مڪمل رهنمائي ۽ نگراني ڪئي.

ٿورا نہ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا،
تر ۾ واري ٿورڙي، تهان گهڻيرا،
پلاٽي ۽ پيرا، ڳڻي ڳڻيان ڪيترا.
(شاهہ)

طالب العلم
عبدالرسول قادري
ڳوٺ دڙي مگسي،
يونين ڪائونسل ماروي، تعلقو سڪرنڊ،
ضلعو شهيد
بينظيرآباد [نواب شاهہ]، سنڌ

يوم الجمعة
24- جمادي الاوليٰ 1441هجري
20- مارچ 2020ع

مقدمو

بسم الله الرحمٰن الرحيم

سڀ ساراهون رب کي، جو خاوند خلقڻهار،
سڀاجهو سڀين پرئين، ڏڏن جو ڏاتار،
***
رس رسول رحيم تون، مون کي محمدا،
"هاشم" جهڙي حقير تي، ڪر شفاعت ڪا!
(مخدوم ٺٽوي)

سن 92هه/ 711ع ۾ سنڌ کي محمد بن قاسم جي اڳواڻيءَ ۾ عربن فتح ڪري، اسلامي حڪومت جو بنياد وڌو. دراصل، برصغير هند و پاڪ ۾ سنڌ ئي پهريون خطو هو، جتي اسلامي حڪومت جو پايو پيو. اسلامي حڪومت جي قائم ٿيڻ کان پوءِ سنڌ جا جيڪي به وڏا ۽ اهم مکيہ مرڪز هئا، تن ۾ ديني تعليم جي اشاعت ۽ تبليغ لاءِ عالمن جي طرفان ڪوششون ڪيون ويون ۽ سنڌ جي چپي چپي تي مسجدون ۽ اسلامي تعليم-جهڙوڪ: قرآن پاڪ، تفسير، حديث سان گڏ عقلي خواه نقلي علمن جي پڙهائڻ جو سرشتو رائج ٿيو. عربن سنڌ جي سرزمين کي پنهنجي تهذيب، تمدن ۽ عربي ٻوليءَ سان تمام گهڻو روشناس ڪرايو. جنهن جا اثرات اڄ ڏينهن تائين قائم آهن. انهيءَ سموري عرصي ۾ سنڌ اندر وڏا جيد عالم، مفسر، محدث ۽ فقيه پيدا ٿيا. جن جي علمي ۽ ديني ڪارنامن کان نہ صرف سنڌ، پر سموري اسلامي دنيا روشناس ٿي. عرب دور جي خاتمي کان پوءِ سومرن ۽ سمن جي صاحبيءَ ۾ پڻ علم جي اها روشن شمع سنڌ کي منور ڪندي رهي. سنڌ جي سرزمين کي اهو شرف حاصل آهي تہ هتان جي پاڪ پري مٽيءَ مان هر دور ۽ هر زماني ۾ اعليٰ ۽ ارفع انسان پيدا ٿيندا رهيا آهن. جن پنهنجي علم ۽ قلم، فڪر ۽ فهم، همت ۽ عزم سان پنهنجي وطن جي خدمت پي ڪئي آهي ۽ ان سان گڏ ديني تعليم کي اُجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. خاص طرح سان ڪلهوڙن جو دور، جنهن کي مؤرخن پنهنجي ديسي ماڻهن جي حڪومت سان منسوب ڪيو آهي، ان دور ۾ ٺٽي جو شهر علم ۽ عرفان جو هڪ وڏو مرڪز هو. هتي نہ صرف ظاهري علمن کي فروغ ڏيڻ وارا پيدا ٿيا، پر روحانيت جي تعليم سان پڪيل انسانن جي دلين کي بہ

پنهنجي روحانيت جي شمع سان روشن ڪيائون. ٺٽو، ڪلهوڙن جي دور ۾ عرب جي اسلامي مرڪزن جهڙوڪ: دمشق، بغداد وغيره کان ڪنهن به حالت ۾ گهٽ نه هو. ان دور ۾ ٺٽي شهر ۾ وڏا عالم، مفسر، محدث، فقيه ۽ صوفي بزرگ رهندا هئا. جن جا علمي، ادبي، ديني ۽ روحاني ڪارناما اڄ به تذڪرن ۾ موجود آهن. ان دور ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي هڪ علمي سج مثل هو، جنهن جي شعاعن سموريءَ سنڌ ۽ عرب دنيا کي منور ڪيو. ٺٽي ۾ جيئن ته ميون ابوالحسن سنڌي، مخدوم ضياءُ الدين، مخدوم ابوالقاسم نقشبندي، مخدوم محمد معين ۽ ٻيا ڪيترائي وقت جا وڏا جيد عالم هئا. پر انهن سڀني مان مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ وڏي پايي جو عالم ۽ ارفع انسان ٿي گذريو آهي.

راقم، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي شخصيت کان طالب علميءَ جي زماني کان وٺي ڏاڍو متاثر رهيو آهي. سندس سنڌي تصنيفات ۽ تاليفات کان سواءِ عربي ۽ فارسيءِ لکيل ڪتابن جو جڏهن باريڪ بينيءَ سان مطالعو ڪيم، تڏهن مون اهو محسوس ڪيو ته سنڌ جي هن بلند پايي عالم جي انهن علمي ۽ ديني شهپارن کي سنڌ جي پڙهيل خواه گهٽ علم وارن ماڻهن تائين پهچائجي. جيتوڻيڪ مخدوم صاحب بابت عربي ۽ فارسيءَ کان سواءِ سنڌيءَ ۾ ڪجهه ننڍا وڏا مضمون ۽ مقالا ۽ ڪتاب پڻ نظر مان گذريا، پر اهي سڀ مختصر هئا. افسوس جو مقام اهو آهي ته برصغير جي عالمن ۽ مصنفن تي ڪافي انداز ۾ علمي ۽ تحقيقي لحاظ کان ڪم ڪيو ويو آهي. پر اسان سنڌ وارن جي اها شوم بختي آهي، جو اهڙن علمي ۽ ادبي گوهرن طرف گهٽ توجهه ڏنو ويو آهي. انهيءَ ڳالهه کي سامهون رکي، مون سڀ کان پهريائين مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ تي علمي ۽ تحقيقي لحاظ کان ڪم ڪرڻ لاءِ سنڌ جي لائق ۽ فائق محقق، مشهور اسڪالر ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي اڳوڻي وائيس چانسلر- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سان ذڪر ڪيو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب نه صرف منهنجي ان پراڻي دلي خواهش کي پايهٔ تڪميل تي پهچائڻ لاءِ همت افزائي ڪئي، پر ان سان گڏ رهبري ۽ رهنمائي ڪرڻ جو به واعدو ڪيو. هونئن به ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن جي شخصيت راقم تي هميشه مهربان پئي رهي آهي. هن کان اڳ سندس ئي هدايتن مطابق، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه بابت مير عبدالحسين "سانگيءَ" جو فارسي ٻوليءَ ۾ تاليف ڪيل ڪتاب "لطائف لطيفي" جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هئم، جو سن 1986ع ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز طرفان شايع ٿيو. ان ڪتاب جو لطيف سائينءَ جي ميلي جي موقعي تي سنڌ جي تڏهوڪي وزير اعليٰ

افتتاح ڪيو هو. اڳتي هلي، سندس رهنمائيءَ ۾ مخدوم محمد جعفر بوبڪائيءَ جي ڪتاب "حاصل النهج" (فارسي) ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي ڪتاب "رشف الزلال" (فارسي) جو ترجمو ڪيم. پاڻ انهن ٻنهي ڪتابن جو نه صرف مهاڳ لکيائون، پر انهن کي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري، حيدرآباد طرفان شايع ڪرڻ جو بندوبست به ڪيائون. ازانسواءِ، سندس سعيي سان ئي سن 1996ع ۾ "منشور الوصيت" فارسيءَ جو سنڌي ترجمو، ڪلهوڙا سيمينار ڪراچي ۽ 2005ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري طرفان شايع ٿيو.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب سان انهيءَ متئين ملاقات کان پوءِ، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي شخصيت، علميت، عظمت ۽ ٻين ڪيترين ئي اهڙين فني ڳالهين تي پاڻ ۾ بحث مباحثو ٿيو. آخرڪار، پاڻ مخدوم صاحب تي تحقيقي ڪم ڪرڻ لاءِ "مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: سوانح حيات، زمانو ۽ علمي خدمتون" جي عنوان سان ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏنائون. سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري جي لائق اختياريءَ وارن انهيءَ موضوع جي اهميت ۽ افاديت کي محسوس ڪندي، راقم کي پي ايڇ. ڊي (Ph.D) لاءِ تحقيقي مقالي لکڻ جي اجازت ڏني.

جيئن ته آئون منڊ ۾، مخدوم صاحب کان اڳ واري دور متعلق ٿوري روشني وجهي چڪو آهيان ۽ ساڳئي وقت اهو به ڄاڻايو اٿم، ته مخدوم صاحب ٺٽي جي عالمن ۾ هڪ وڏو روشن سج هو. مخدوم صاحب نه صرف عالم، مدرس، خطيب ۽ مفتي هو، پر ان سان گڏ هڪ وڏو صاحبِ تصنيف بزرگ، مبلغ ۽ همه گير صفتن جو مالڪ هو. سندس علمي، ادبي ۽ ديني شهپارا سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ عربي ۽ فارسي زبانن ۾ آهن. مخدوم صاحب جي انهن علمي تصنيفات جو اهو ڳاڻاٽو ڪرڻ دشوار آهي ته پاڻ پوين لاءِ ڪيترو علمي سرمايو ڇڏيائون. ڇاڪاڻ ته اسان سنڌ جي ٻين ڪيترن عالمن ۽ بزرگن وانگر هن عالم جي ڇڏيل سرمايي کي به هڪ هنڌ محفوظ نه ڪيو آهي. ان هوندي به سنڌ جي مختلف عالمن، جهڙوڪ: مخدوم امير احمد عباسي، سيد حسام الدين راشدي، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، راشدي پير درگاهه پيرجهنڊو ۽ مفتي محمد جان نعيمي ڪراچي- مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي ڪافي تصنيفات کي هڪ هنڌ يڪجاءِ ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون آهن. انهيءَ لحاظ کان اهو صرف اندازو ڪري سگهجي ٿو ته هن وقت تائين مخدوم صاحب جا ٽن سون کان وڌيڪ ڪتاب سنڌي، عربي ۽ فارسي ٻولين جي جامي ۾ آهن. جن مان چند ڪتاب ڇپجي چڪا آهن ۽ اڃا ڪافي قلمي صورت ۾ موجود آهن. مخدوم صاحب

جي عربي تصنيفات کي اسلامي دنيا ۾ وڏي قدر ۽ منزلت سان ڏٺو وڃي ٿو. مصر جي مشهور يونيورسٽي "جامعه الازهر" ۾ اڄ بہ مخدوم صاحب جا ڪتاب نصاب طور پڙهايا وڃن ٿا. مخدوم صاحب جو عربيءَ ۾ سيرت تي لکيل ڪتاب "بذل القوة"، جنهن ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جي سيرت تي تاريخ ۽ سن وار نموني ۾ روشني وڌل آهي، هڪ اهڙو ڪتاب آهي، جنهن جو مثال سيرت جي ڪتابن ۾ ملڻ مشڪل آهي.

انهن مڙني ڳالهين کي ذهن ۾ رکي، راقم مخدوم صاحب جي علمي شخصيت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ، سندس تصنيفات ۽ تاليفات جو ڳوڙهو اڀياس ڪري هن تحقيقي مقالي لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، تہ جيئن مخدوم صاحب جي انهيءَ چڱيل علمي ورثي کي هڪ هنڌ محفوظ ڪيو وڃي ۽ ساڳئي وقت هن موجوده ڏکئي ۽ ڪٺن دور ۾، جتي نوجوان نسل سڌي رستي کان هٽي اوجهڙ رستي ڏانهن راغب ٿي رهيو آهي، من مخدوم ٺٽويءَ جي ڪتابن مان ڪجھ رهنمائي ۽ روشني حاصل ڪن ۽ صراطِ مستقيم جو رستو اختيار ڪن. منهنجو صرف اهو ئي مقصد آهي تہ مخدوم صاحب جي اها چڱيل راهہ، جيڪا هن پنهنجي دور جي مسلمانن لاءِ استوار ڪئي هئي، اها ڪانئس پوءِ بہ قائم ۽ دائم رهي.

مخدوم صاحب پنهنجي دور جي "نظم معريٰ" کان بہ واقف هو، ڇاڪاڻ تہ ان دور ۾ سنڌي نثر اڃان ايترو رواج هيٺ نہ هو. سندس دور جا عالم، ڊگهن ڪلمن ۽ الف اشباع واري جامي ۾ ڪتاب تصنيف ڪندا هئا. مخدوم صاحب پڻ پنهنجي سنڌي تصنيفات کي انهيءَ نموني ۾ منظوم ڪيو آهي، جنهن مان اهو بخوبيءَ ظاهر ٿئي ٿو تہ پاڻ ان دور جي مروج سنڌي نظم تي بہ وڏو عبور رکندڙ هو.

راقم جي ڪوشش سان، تازو سنڌ جي نامور عالم ۽ مفسر - مولانا محمد ادريس ڏاهري "بلبل مدينه"، مخدوم صاحب جي لکيل هڪ فارسي ڪتاب "مدح نامه سنڌ" جو سنڌيءَ ۾ ترجمو شايع ڪيو آهي. دراصل، عبدالرؤف نالي هڪ افغانيءَ پنهنجي رسالي ۾، سنڌ جي سرزمين ۽ هتان جي رهواسين جي هجو ۾ اخلا قي حدون لتاڙيون هيون. مخدوم صاحب هن جي اعتراضن ۾ آيل من گهڙت الزامن تي عالمانہ انداز ۾ روشني وجهي، ردڪد ڏنو آهي. ان مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ مخدوم صاحب نہ صرف ديني عالم هو، پر ساڳئي وقت سنڌ جو محافظ ۽ سنڌ جي سرزمين سان محبت رکندڙ هو. مخدوم صاحب پنهنجي انهيءَ مذڪوره ڪتاب ۾ پيار، ميٺاج، وطن جي حفاظت ۽ وسيع القلبيءَ جو مظاهرو ڪيو آهي.

مخدوم صاحب کي وقت جي حاڪمن وٽ وڏيءَ عزت ۽ احترام سان ڏٺو ويندو هو. سندس دور جي حاڪم، ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي پنهنجي طرفان مخدوم صاحب کي پروانو لکي ڏنو هو، جنهن ۾ ڪيس اهو اختيار ڏنو ويو هو، تہ سنڌ ۾ جتي ڪو بہ غير شرعي، بدعتي، ڪفر ۽ الحاد جو ڪم ٿئي، تہ ان کي بند ڪرڻ جو مخدوم صاحب کي پورو اختيار آهي. پاڻ پنهنجي وقت جو قاضي القضاة هو. ٺٽي کان وٺي ويندي اتر سنڌ تائين، عالمن جي ڏنل فتوائن تي جيستائين مخدوم صاحب جي مُهر نہ لڳندي هئي، تيستائين ان جي ڪا بہ قانوني حيثيت نہ هوندي هئي.

انهن سڀني ڳالهين کي سامهون رکي، راقم مخدوم صاحب جي متعلق مواد ڪٺي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جيڪي ڪجھ ڇپيل خواه اڻ ڇپيل مواد حاصل ٿي سگهيو، تنهن کي ڪٺو ڪيم. سنڌ جي وڏن وڏن ڪتبخانن ۾ وڃي ڏينهن جا ڏينهن رهي، مخدوم صاحب جي متعلق مواد کي يڪجاءِ ڪيم.ازانسواءِ، سنڌ جا جيڪي بہ وڏا علمي خانوادا هئا، تن جي درن تي وڃي مخدوم صاحب جي مواد لاءِ صدا هنيم، جن منهنجو نماڻو سڏُ سڻي، پنهنجي علمي ۽ ناياب ڪتبخانن مان سنڌ جي هن گوهرِ ناياب جي متعلق مواد گڏ ڪرڻ جي اجازت ڏني. اهڙيءَ طرح، مخدوم صاحب جي باري ۾ مواد گڏ ڪرڻ ۾ ڪافي وقت لڳي ويو. ان کان پوءِ مخدوم صاحب جي متعلق، عنوان جي مناسبت سان مون جيڪا سٽاءَ قائم رکي هئي، ان لحاظ سان انهيءَ گڏ ڪيل مواد جي چنڊ ڇاڻ ڪرڻ شروع ڪيم. انهيءَ گڏ ڪيل خزاني مان جيڪي ڪجھ هٿ آيم - جهڙوڪ: مخدوم صاحب جي شخصيت، خانداني احوال، تصنيفات ۽ تاليفات، سندس دؤر جي تاريخ ۽ ان سان گڏ سندس استادن ۽ همعصر عالمن ۽ شاگردن جو احوال وغيره. انهن سڀني ڳالهين کي سلسلي وار لکڻ شروع ڪيم. راقم کي جيڪي ڪجھ هٿ اچي سگهيو آهي، تنهن کي آءٌ پنهنجي هن تحقيقي مقالي ۾ سهيڙي ۽ سموهي پيش ڪري رهيو آهيان. دراصل، تحقيقي مقالو لکڻ هڪ وڏو دشوار ڪم آهي. ان جو اندازو اهي اهلِ قلم ئي لڳائي سگهن ٿا، جن هن ڏس ۾ تحقيقي ڪم ڪيو آهي. هاڻي اهو لائق پڙهندڙن تي ڇڏيل آهي، تہ هو منهنجي هن ڪيل پُرخلوص محنت کي ڪيتري قدر علمي ۽ ادبي لحاظ سان قبول ڪن ٿا. مخدوم صاحب جي باري ۾ لکيل هيءُ ڪتاب ڪو حرفِ آخر نہ آهي. ممڪن آهي تہ ڪي اهڙا پهلو ۽ ڪي اهڙيون ڳالهيون رهجي ويون هجن، جي منهنجي مطالعي هيٺ نہ آيون هجن. اميد تہ منهنجي ان ڪوتاهيءَ کي هن هيڏي ساري ڪيل محنت جي پيٺ ۾ درگذر ڪيو ويندو، ڇاڪاڻ تہ بي عيب فقط ان

پروردگار جي ذات پاڪ آهي. سنڌ جي مشهور صاحبِ ديوان شاعر محمد بخش "واصف" جو قول آهي:

بي عيب فقط آهي خداوند زمن،
سؤ عيب رکي يار تو دنيا جو چمن.

هونئن به تحقيقي ۽ علمي دنيا ۾ ائين ٿيندو آهي ته جيڪي ڪجهه رهجي ويندو آهي، ته آئنده جو محقق عالم ان کي پايئه تڪميل تي پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اهو اصول، ادبي دنيا ۾ هميشه کان رهندو پئي آيو آهي. بهرحال مون جيڪي ڪجهه مخدوم صاحب جي باري ۾ مطالعو ڪيو، پڙهيو ۽ پروڙيو، سوچيو ۽ سمجهيو، ان کي هن تحقيقي مقالي ۾ درج ڪيو اٿم.

هن سڄي علمي ڪشالي ۾ آءٌ پنهنجي محسن ۽ مهربان رهبر، محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جو دل جي گهراين سان ٿورائتو آهيان. جيڪڏهن سندن وقت بوقت رهبري ۽ رهنمائي نه ٿئي ها، ته شايد هيءُ هيڏو سارو ڪم تڪميل جي مرحلي تائين پهچي نه سگهي ها! هن مقالي لکندي ڪيترائي مشڪل مسئلا ۽ سوال ايرندا رهيا، پر ڊاڪٽر صاحب جي وسيع مطالعي، تجربي، علمي ۽ تحقيقي ڄاڻ ڪري، اهي سڀ آسان ٿي ويا. ڊاڪٽر صاحب جن ان دوران مون کي ڪيترن ئي ناياب قلمي ڪتابن سان پڻ نوازيو، جنهن لاءِ آءٌ سندن تهدل ٿورائتو آهيان.

ان کان سواءِ هن تحقيقي مقالي لکندي، منهنجي بين به ڪيترن ئي ڪرم فرمائن، عالمن، اديبن ۽ علم دوستن علمي مدد ڪئي، جن جو آءٌ نهايت ئي ٿورائتو آهيان. اهڙن مهربان ۽ علم پرور اڪابرن ۾ هي نامور نالا سرفهرست آهن: علامه مفتي استاد ڪريم بخش مگسي ميهڙ وارو، مرشد "سائين سهڻو" احمد شاهه درگاهه شريف ذاڪري سڪرنڊ، مفتي محمد جان نعيمي ملير ڪراچي وارو، مولوي محمد قاسم سومرو ۽ ڊاڪٽر محمد ادريس السندي - ساڪن ڪنڊيارو، مفتي عبدالرحمان ٺٽوي، مولوي طفيل احمد نقشبندي مڪليءَ وارو، حافظ عبدالله ميمڻ متيارين وارو، ڊاڪٽر قريشي حامد علي "خانائي" - ساڪن نواب شاهه، مرحوم الحاج رحيم بخش "قمر" نواب شاهي، استاد عبدالرحمان منگيو- سڪرنڊ، پروفيسر عبدالباري- شاهجهان مسجد ٺٽو ۽ سندس والد بزرگوار مفتي عبداللطيف صديقي- خطيب شاهجهاني مسجد ٺٽو، مولانا محمد ادريس ڏاهري شاهپور جهانيان، مفتي عبدالرحيم شر "سڪندري" شاهپور چاڪر وارو، ڊاڪٽر نواز علي "شوق"- ڪراچي يونيورسٽي، ميڊم ممتاز پٺو- چيئرپرسن، مسلم هسٽري شعبو (سنڌ يونيورسٽي)، محترمه عزيزه چنه- ڊين فيڪلٽي آف اسلامڪ اسٽڊيز (سنڌ

يونيورسٽي)، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو- ساڪن بدين، پروفيسر محمد قاسم سومرو ۽ ڊاڪٽر غلام محمد لاکو- جنرل هسٽري شعبو (سنڌ يونيورسٽي)، ميان محمد شفيع بروهي- سينٽرل لائبريري (سنڌ يونيورسٽي)، گل محمد مغل- لائبريرين سنڌالاجي، حافظ حبيب سنڌي- ساڪن چوهڙ جمالي، پير رفيع الدين خياروي- درگاهه خياري شريف تعلقه سڪرنڊ، مخدوم نديم احمد هاشمي ۽ سندس والد بزرگوار مخدوم نيڪ محمد- درگاهه کهڙا شريف، بشير احمد ڪلهوڙو ۽ سيد صبغة الله شاهه- ساڪن راڻيپور، محمد پنهل ڏهر- ساڪن ڏهرڪي، سيد امام راشدي ۽ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي- ضلعو لاڙڪاڻو، سيد گل محمد شاهه بخاري- ساڪن شهداد ڪوٽ، ڊاڪٽر گل حسن لغاري- پرنسيپال، گورنمينٽ ڪاليج ٽنڊو ڄام، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ هالا نوان، علامه غلام مصطفىٰ قاسمي، محمد ابراهيم جويو ۽ شيخ احمد حيدرآباد، سيد محمد منير شاهه جيلاني ذاڪري ۽ سيد محمد حنيف شاهه - درگاهه ذاڪري سڪرنڊ، ڊاڪٽر حافظ غلام محمد ڏاهري- مهراڻ ڪاليج مورو، حڪيم غلام رسول لاکو شاهپور جهانيان وارو، نفيس احمد شيخ "ناشاد" حيدرآباد، غلام محمد جوهر- ساڪن ميرپور بٺورو، ڊاڪٽر مظهر الدين سومرو- ساڪن سڪرنڊ، محمد صديق منگيو- ساڪن سڪرنڊ، قاضي محمد مراد سيوهاڻي، پير محب الله شاهه راشدي پير جهنڊي وارو، پروفيسر اسرار احمد علوي- درگاهه فقير الله علوي شڪارپور، غلام سرور پٺو- ساڪن منصوره هالا، قاضي محمد موسىٰ- ساڪن سونڊا (ٺٽو)، عزيز جعفراڻي سجاول، مولوي انور حسين ميمڻ ساڪن ٺٽو، مولوي نذير احمد جمالي سڪندري سڪرنڊ ۽ ابوبڪر شيخ- ساڪن بدين. افسوس انهن مهربان علم دوستن مان ڪجهه وفات ڪري ويا آهن!

خاص طرح سان احسانمند آهيان مهربان استاد ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ محسن علم نواز پروفيسر ڊاڪٽر قريشي حامد علي "خانائي" - گورنمينٽ ڪاليج نواب شاهه جو، جن مواد کي ڏسڻ ۽ ترتيب ڏيڻ ۾ ڀرپور تعاون ڪيو. ازانسواءِ پنهنجي نوجوان علم دوست محترم بشير احمد هيسباڻي- ساڪن مهراڻ ڪالوني، نواب شاهه جو نهايت ئي ٿورائتو آهيان، جنهن پنهنجيءَ بئنڪ جي ملازمت جي گوناگون مصروفيتن هوندي به هن تحقيقي مقالي جي صاف ۽ سهڻي ڪاپي تيار ڪرڻ ۽ سٽاءَ قائم رکڻ ۾ مدد ڪئي، مولانا رحيم بخش "قمر" مرحوم ۽ ڊاڪٽر غلام محمد لاکي پڻ مون سان هميشه سفر حضر ۾ سات نباهيو. الله سائين سڀني علم دوستن کي شاد ۽ آباد رکي!

هن تحقيقي مقالي جي اهميت ۽ مقصد جي انهيءَ مختصر ۽ مفصل احوال بيان ڪرڻ کان پوءِ، آءٌ اهو ضروري سمجهان ٿو ته هتي پنهنجي پڙهندڙن کي هن مقالي جي مختصر ڄاڻ ڏجي ته جيئن هو اهو چڱيءَ طرح سان محسوس ڪن، ته

هن تحقيقي مقالي ۾ ڪھڙين ڪھڙين ڳالھين جو ذڪر ڪيو ويو آهي. دراصل، هيءَ تحقيقي مقالو ٽن پاڱن تي مشتمل آهي.

مقالي جو پھريون پاڱو مخدوم صاحب جي دور متعلق آهي، جنھن ۾ انھيءَ مکيہ عنوان سان لاڳاپيل ٽي باب آهن. جن ۾ مختلف نمونن سان ان دور تي روشني وڌي وئي آهي ۽ اهي هن ريت آهن: سنڌ جو تاريخي پس منظر، مغل بادشاهن جو سن وار دؤر، ڪلهوڙا دؤر جا اهم تاريخي، مذهبي ۽ سياسي واقعا.

ٻئي پاڱي ۾ مخدوم صاحب جي سوانح حيات تي مفصل روشني وڌي وئي آهي. هن پاڱي کي چوڏهن بابن ۾ ورهايو ويو آهي، جن ۾ مخدوم صاحب جو خانداني پس منظر، تعليم ۽ تربيت، طريقت جو سلسلو، درس تدريس ۽ شاگرد، ديني خدمتون، سير سفر، بحيثيت شاعر، بحيثيت تنقيد نگار، امتيازي خصوصيتون، ڪتبخانو، وفات ۽ مدفن، اولاد پونير ۽ همعصر جي عنوانن تحت تفصيلي احوال ڏنو ويو آهي.

هن مقالي جو ٽيون پاڱو، جيڪو ائين ڪٿي سمجھجي تہ هن مقالي جي اصل جان آهي، مخدوم صاحب جي لکيل ۽ دستياب ٿيل تصنيفات ۽ تاليفات جي باري ۾ آهي. ڏهہ نوان ڪتاب بہ دستياب آهن. هن پاڱي ۾ مخدوم صاحب جي سنڌي، عربي ۽ فارسيءَ جي دستياب 88 ڪتابن جو تحقيقي جائزو پيش ڪيو ويو آهي. انھيءَ تجزيي ۾ هر ڪتاب جو پورو نالو، تصنيف جو سال، ڪاتب جو نالو، ڪتابت جو سال، صفحن جو تعداد (هن ۾ صفحي جي ڊيگھہ ۽ ويڪر جي ماپ، سٽن جو تعداد ۽ هر سٽ ۾ لفظن جو تعداد ڄاڻايو ويو آهي)، موضوع، متن جي شروعات ۽ خاتمي جون چند سٽون، ڪاتب جي صورتخطي، مجموعي خصوصيات (هن ۾ نسخي جي قدامت ۽ اهميت، ڪتاب ڇپيل آهي يا قلمي صورت ۾ آهي، تہ ان جا نسخا ڪٿي ۽ ڪھڙن ڪتبخانن ۾ موجود آهن وغيره) ۽ اهڙي طرح سڄي ڪتاب ۾ آيل مواد جو نچوڙ ڏنو ويو آهي.

آخر ۾ مخدوم صاحب جا جيڪي بہ ڪتاب ڇپيل خواہ قلمي مليا آهن، يا ان موضوع سان واسطو رکندڙ ڳالھيون دستياب ٿي سگھيون آهن، تن کي ضميمي ۾ ڏنو ويو آهي. ازانسواءِ مخدوم صاحب سان واسطو رکندڙ تاريخي ماڳن ۽ مڪانن جا فوٽوگراف، مخدوم صاحب جي هڪ ناياب مهر (جنھن تي سن 1134هہ درج آهي)، سندن هٿ اکر ۽ سندن ڪجھہ ڪتابن جا عڪس پڻ شامل ڪيا ويا آهن.

آخر ۾ آءٌ هڪ دفعو وري بہ پنھنجي محسن ۽ مهربان استاد، محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ٿورائتو آهيان، جنھن پنھنجي گوناگون مصروفيتن جي

باوجود منھنجي هر وک تي مدد ۽ رهنمائي ڪئي. آءٌ يقين سان چوان ٿو، تہ جيڪڏهن الله تعاليٰ جي ٻاجھہ ۽ مهربان استاد جي رهبري شامل حاصل نہ رهي ها، تہ هيءَ تحقيقي ڪم هوند پايہ تڪميل تي پھچي نہ سگھي ها!

محبت پائي من ۾، رنديا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو اگھائيو.
(شاهہ)

طالب العلم
عبدالرسول "قادري"
بن مجنون خان مگسي
فارغ التحصيل درس نظامي،
فاضل فارسي ۽ عربي؛
ايم.اي (فرسٽ ڪلاس)
پي ايچ.ڊي

ڳوٺ بخشو مگسي(دڙي مگسي)
يونين ڪائونسل ماروي،
تعلقو سڪرنڊ،
ضلعو نواب شاهہ،
[شهيد بينظيرآباد] سنڌ.
يوم الجمعہ
13 ذوالقعد 1426 هجري
16- ڊسمبر 2005 ع

پاڳو پهريون

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو زمانو

باب پهريون

سنڌ جو تاريخي پس منظر

الله تعاليٰ سرزمين سنڌ کي اهو شرف بخشيو آهي، جو اُن جي مردم خيز مٽيءَ مان ڪيترائي وڏا بزرگ، اولياء الله، عارف بالله، صاف دل صوفي ۽ صالح، درويش ۽ شاعر، عالم ڪامل، سگهڙ ۽ ڏاها، اهلِ قلم اديب ۽ انشا پرداز پيدا ٿيندا رهيا آهن. سرزمين سنڌ اهو خوش نصيب خطو آهي، جيڪو برصغير مان سڀ کان اول توحيد رباني، رحمتي رسالت ۽ دين اسلام جي نور سان منور ٿيو.

اسلام کان اڳ واري دور جي سنڌ جي تاريخ رڳو ڪن آثارن ۽ اهڃاڻن کان سواءِ بنهه ناپيد آهي. پهرين صدي هجريءَ جي آخر ۾ جڏهن عربن هتي جي سرزمين ۽ عوام کي اسلام جهڙي ڪامل ۽ اعليٰ دين سان روشناس ڪرايو، تڏهن کان هتي نئين دور جو آغاز ٿيو ۽ گل غنچا ٽڙڻ لڳا. ٿوري ئي وقت ۾ هتي اهڙا ته علم جا گوهر ۽ علامه اڪابر پيدا ٿيا، جن جي علمي سڳنڌ ۽ سرهاڻ سڄي دنيا ۾ واسجي ويئي.

سنڌ تي انهيءَ نالي پوڻ جا ڪجھ وجوه آهن، جيئن ته:

سنڌ تي اهو نالو حام بن نوح عليه السلام جي پٽ "هند" جي ڀاءُ "سند" جي نالي پٺيان پيل آهي. هيءَ سڄي سرزمين ايڪهٺ ملڪن مان ٽيتاليهين ملڪ جو نالو آهي. پهرين اقليم سندس اتر کان ۽ ٻي ولايت سندس وچان لنگهي ٿي. هيءُ ملڪ پهرين، ٻي، ٽين، چوٿين ۽ پنجين ولايت ۾ مشترڪ آهي...پر هن ملڪ جو گهڻو پاڱو ٻي ولايت جي خط هيٺ آهي. تنهن ڪري مڪي شريف ۽ مديني منوره جي پاڪ سرزمين سان هن زمين جو حقيقي قرب ثابت آهي.[1]

سنڌ تي اهو نالو "سنڌو" نديءَ تان پيو آهي. سنسڪرت ۾ "سنڌو" معنيٰ سمنڊ يا وڏو درياء ... "سنڌو" ندي رواجي ندين کان گهڻو وڏي هوندي هئي ۽ سمنڊ سان ڪلهو پئي هڻندي هئي. انهيءَ سبب آڳاٽن آرين اهو نالو رکيس.

"سنڌو" جو ڌاتو يا بنياد آهي سنسڪرت لفظ "سيند" (Syand)، معنيٰ وهڻ. انهيءَ سبب "سنڌو" جي بنيادي معنيٰ آهي "اها ندي، جا سدائين پئي وهي."

---

[1] ميرعلي شير "قانع" ٺٽوي: "تحفة الڪرام" _ جلد 3 (فارسي)، مطبع ناصري، 1304هه، ص 2

سنڌوءَ جو ڌاتو آهي ”سڌ“، معنيٰ رکي وٺڻ يا بچاءُ ڪرڻ. سنڌو ندي جتان وهي ٿي، تن هنڌن جي رهاڪن جو ڌارين جي ڪاهن ۽ جهنگلي مرن جي حملن کان بچاءُ ڪري ٿي.

”قديم سنڌ“ جو مصنف مختلف ڪتابن ۽ ڊڪشنرين جي معنيٰ ۽ تحقيق ڪان پوءِ لکي ٿو، تہ ٻئي ڌاتو ٺهي اچن ٿا، پر پهرئين معنيٰ وڌيڪ عام آهي.[1]

ڪن جو بيان آهي تہ لفظ ”سنڌو“ سنسڪرت لفظ ”سنڌوا“ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي چنڊ. ”رگويد“ ، جو هندن جو پراڻو گرنٿ آهي، تنهن ۾ سنڌ جو نالو ”سپت سنڌو“ يعني ستن ندين وارو ملڪ لکيل آهي. آرين لوڪن سنڌ تي ”سنڌو درياءَ“ ڪري اهو نالو وڌو، جنهن جي معنيٰ آهي سمنڊ. آرين جا پاڙيسري پائر ايراني ”س“ کي ”هہ“ سان پنهنجي لهجي ۾ بدلائيندا هئا، ان ڪري زند جي زبان ۾ ”سپت“ بدلجي ”هپت“ ۽ ”سنڌ“ ڦري ”هند“ ٿيو. هيءُ لفظ پوءِ رومن صرف و نحو جي چرخي تي چڙهي ”اِند“ ٿيو، جو پوءِ قلابازيون کائيندو بدلجي ”انڊيا“ ٿيو ۽ اڄا تائين مغربي زبانن ۾ مروج آهي.[2]

سنڌ جو نالو حضرت آدم عليه السلام جي هم شڪل پٽ حضرت شيث عليه السلام جو ٻيو نالو آهي، جنهن کي تورات ”سيت“ جي نالي سان سڏيو آهي ۽ رگويد ”ورڻ“ ڪوٺيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي پاڻي، جنهن ۾ سمنڊ ۽ درياءَ اچي وڃن ٿا. الله تعاليٰ، حضرت آدم عليه السلام جي انهيءَ پٽ کي اها عزت بخشي جو زمين خواه پاڻي جتي هو رهيو، سڀ هن جي نالي سان ”سنڌ“ ڪوٺجڻ ۾ آيا ۽ الله تعاليٰ، حضرت آدم عليه السلام جي ٻين سڀني پٽن جي نسلن کي فنا ڪري، هن جي نسل کي دنيا جي تختي تي قائم رکيو، جو روز قيامت تائين قائم رهندو.[1]

اهلِ فارس جڏهن هن ملڪ جي هڪ صوبي تي قبضو ڪيو تہ ان درياءَ جو نالو جنهن کي هاڻي سنڌو درياءُ چون ٿا، ان درياءَ جو نالو عربن جي زبان ۾ ”مهراڻ“ آهي، يعني اهلِ فارس ”سنڌ“ کي ”هند“ جي نالي سان سڏيو آهي، ڇاڪاڻ تہ پراڻي ايراني زبان ۽ سنسڪرت ۾ ”س“ ۽ ”هہ“ پاڻ ۾ مٽجن ٿا، جن جا گهڻا مثال آهن. انهيءَ ڪري فارسي وارن ”سنڌ“ کي ”هند“ ڪري ڪوٺيو. پر عرب جيڪي سنڌ کان علاوه هن ملڪ جي ٻين شهرن کان بہ واقف هئا، انهن ”سنڌ“ کي ”سنڌ“ جي نالي سان

(1) پيرومل مهرچند آڏواڻي: ”قديم سنڌ“، ص 44، 45
(2) رحيمداد خان مولائي شيدائي: ”جنت السنڌ“، ص 4
(1) شمس الدين قريشي: ”آئينہ قديم سنڌ“، ڏسو مقدمو ص 1

ئي سڏيو.. فرينچ ۾ ”هہ“ جو حرف ”الف“ بنجي اندر ۽ انڊيا ۽ ان جون مختلف صورتون ٿي سڄي دنيا ۾ مشهور ٿي ويو.[2]

بهرحال لغوي ۽ لفظي لحاظ کان ”قديم سنڌ“، ”جنت السنڌ“ ۽ ”عرب وهند کي تعلقات“ جي معنيٰ ڪنهن حد تائين ٺهڪي اچي ٿي. ”آئينہ قديم سنڌ“ جو مفروضو تحقيق طلب آهي. البت، ”تحفة الڪرام“ جو حوالو تاريخي لحاظ کان وزندار ۽ صحيح آهي.

سنڌ جي عظمت تاريخي طور تسليم شده آهي. ان لاءِ رجال ۽ تاريخ جا ڪتاب شاهد آهن، تہ سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن علمي دنيا ۾ وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. علم حديث، تفسير، فقه، تاريخ، شعر و ادب ۾ مشهور عظيم سنڌي عالمن ۽ اهلِ قلم بزرگن جا نالا قابلِ قدر ۽ تاريخ جي ورقن ۾ ٽڙيا پکڙيا پيا آهن.

سنڌ، هندي ننڍي کنڊ جو هڪ حصو آهي، ليڪن تاريخي تهذيب، علمي ۽ ادبي لحاظ کان هن ملڪ جي تاريخ هميشہ نرالي پئي رهي آهي. سنڌ جو خطو تاريخي طور تي ڇهن مکيہ زمانن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: سنڌو ماٿر جي تهذيب جو دور، قديم روايتي تاريخ کان ڏاهرجي زوال تائين جو دور، اسلامي دور ۽ انگريزن کان وٺي اڄ تائين جو زمانو.

برصغير ۾ اسلام سڀ کان پهريائين سنڌ ۾ پهتو، جنهن ڪري هتي توحيد، رسالت ۽ يائيچاري جي فضا قائم ٿي. هر طرف مسجدون، محراب، منبر ۽ مدرسا جڙيا، جتي برگزيده ٻانهن، عالمن، خطيبن ۽ صالحن سنڌ ۽ هند واسين کي وحدانيت جو درس ۽ رسالت جو پيغام ڏيڻ شروع ڪيو. عربن جي زماني ۾ سوين عالم ۽ محدث حضرات جا نالا تاريخ ۽ رجال جي ڪتابن ۾ محفوظ آهن، جن تفسير، حديث، فقه، تصوف ۽ توحيد و رسالت جو پرچار ڪيو.

سنڌ جو ملڪ سن 92هہ/711ع ۾ اسلام جي دائري ۾ آيو. ابتدا ۾ بنو اُميہ پوءِ بنو عباس ۽ آخر ۾ هباري خاندان جي عربن، سنڌ تي ٽي صديون ڪن راڄ ڪيو. سن 401هہ/1010ع ۾ سنڌ ۾ عربن جي راڄ جو خاتمو ٿيو.

ان بعد هتي سومرن جو مقامي راڄ قائم ٿيو. سومرن جا ويهہ- ٻاويهہ بادشاهہ ٿيا. ان دور ۾ هندستان ۾ بہ مسلمانن جي بادشاهي قائم ٿي، يعني غزنوي، غوري، خلجي ۽ تغلق حڪمراني ڪندا آيا. ليڪن، پوءِ بہ سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت برابر

(2) سيد سليمان ندوي: ”عرب وهند کي تعلقات“، (اردو) ص 36

قائم رهي. هن دور ۾ پهريون ڀيرو سنڌي ٻوليءَ ۾ شعر و شاعري جا اهڃاڻ ملن ٿا. فارسي زبان پڻ هتي مروج ٿيڻ شروع ٿي. هن زماني ۾ سنڌ جو دستياب پهريون تاريخي عربي ڪتاب "چچ نامه" فارسي ترجمي جي صورت ۾ اسان تائين پهتو.

سن 750ھ/1350ع ۾ سومرن جو زوال اچي ٿو. جنهن بعد سمن ڄامن جي سلطنت قائم ٿي. ڄام فيروز، ڄام تماچي، ڄام جوڻو ۽ ڄام نظام الدين (ڄام ننڍو) هن خاندان جا مشهور سلاطين ٿي گذريا آهن. ٺٽو سندن تختگاهه هو. هن دور ۾ ٺٽو "عراق ثاني" سڏجڻ ۾ آيو. ڄامن جي دور ۾ مخدوم بلال وڏو عالم ٿي گذريو. خود ڄام نظام الدين وڏو عالم ۽ شاعر هو. سن 927ھ/1520ع ۾ ارغونن سنڌ تي حملو ڪيو ۽ دولهه دريا خان ٺٽي ۾ وڙهندي مارجي ويو.

سن 927ھ/1520ع کان سنڌ تي ارغونن جي حڪومت قائم ٿي. شاهه بيگ ارغون 930ھ/1524ع تائين حڪومت ڪئي. پوءِ سندس پٽ شاهه حسن ارغون حڪمران بڻيو. ان دور ۾ (932ھ/1526ع) بابر هندستان ۾ داخل ٿيو. ان طرح برصغير تي مغل بادشاهت قائم ٿي. شاهه حسن ارغون لاهري بندر کان ملتان تائين، مختلف قبيلن ۽ شهرن تي حملا ڪيا. آخرڪار ملتان فتح ڪري، دهليءَ جي مغلن جي حوالي ڪري ڇڏيائين. شاهه حسن ارغون سن 962ھ/1555ع ۾ فوت ٿيو. ڪيس پٺائون اولاد ڪونه هو.

شاهه حسن ارغون کان پوءِ سنڌ جو ملڪ هن جي اميرن ورهائي ڪنيو. اتر سنڌ جو حصو سلطان محمود کي مليو. جنهن جو مرڪز بکر هو. هن 982ھ/1574ع ۾ وفات ڪئي ۽ سندس ملڪ اڪبر جي لشڪر اچي والاريو. ان ريت سنڌ، دهليءَ جي مغلن جي تصرف ۾ اچڻ شروع ٿي.

ملڪ جو هيٺيون حصو ترخان خاندان جي حوالي ٿيو. هن خاندان ۾ مرزا عيسيٰ ترخان، مرزا باقي ترخان، مرزا جاني بيگ ترخان ۽ مرزا غازي بيگ حڪمران ٿيا. جاني بيگ جي دور ۾ سن 1000ھ/1592ع ۾ عبدالرحيم خان خانان هيٺين سنڌ تي قبضو ڪيو. ان طرح سڄي سنڌ مغلن جي حڪومت ۾ اچي وئي. ان هوندي به اڪبر "ٺٽي" کي ترخانن جي حاڪميت ۾ رهڻ ڏنو. جاني بيگ کان پوءِ سندس پٽ غازي بيگ حاڪم ٿيو. هن سن 1021ھ/1612ع ۾ وفات ڪئي. تڏهن جهانگير، ٺٽي کي سڌو پنهنجي عملداريءَ ۾ ورتو. سنڌ تي ترخانن جو راڄ مڪمل ٿيو. ٺٽي تي مغلن جا صوبيدار يا حاڪم سن 1150ھ/1737ع تائين ايندا رهيا.

ارغون، ترخان ۽ مغل دور، تهذيبي لحاظ کان هڪ دور تسليم ڪيو وڃي ٿو.

تنهي خاندانن سنڌ ۾ فارسي علم و ادب جي سرپرستي ڪئي. وچ ايشيا کان ايران تائين سوين عالم، اديب ۽ شاعر سنڌ ۾ پهتا. حاڪمن انهن کي انعام و اڪرام ڏنا. ان ريت پهريون ڀيرو سنڌ ۾ فارسي تصنيف و تاليف جا مستند بنياد پيا. ڳچ تاريخون لکيون ويون، تذڪرا تيار ڪيا ويا ۽ فارسي شعر و سخن جا ڪتاب وجود ۾ آيا. ان نوعيت جي ادب جي اڀياس جي اڄ به سنڌ ۾ وڏي اهميت آهي.

ارغون، ترخان ۽ مغلن سان سنڌ جي مختلف قبيلن وقت بوقت مهاڏو اٽڪايو، ڪين للڪاريو ۽ ڪيئي تحريڪون به هلايون. پر تاريخي طور ڪلهوڙا خاندان کي وڏي اهميت حاصل ٿي. ڇاڪاڻ ته هڪ صديءَ جي مسلسل جدوجهد کان پوءِ، آخرڪار ڪلهوڙا خاندان سنڌ ۾ مغلن کي ختم ڪري، پنهنجي حڪومت ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿيو. ميان آدم شاهه ۽ شاهه علي، مغلن سان معرڪن ۾ مارجي ويا. جهڙيءَ ريت مغلن سنڌ ۾ قدم به قدم اقتدار حاصل ڪيو. ان طرح رفته رفته سندن اقتدار جو خاتمو به ٿيو ۽ ڪلهوڙن سندن جاءِ والاري.

جديد تحقيق مان ثابت آهي، ته ميان نصير محمد ڪلهوڙو سن 1681/1092ع ۾ ڪلهوڙن جي خانداني حڪومت جو بنياد رکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. سندس تصرف ۾ ڪاڇو ۽ چانڊڪو پرڳڻو هئا. لاڪاڻ، مورو ۽ نوشهرو فيروز به سندن قبضي ۾ اچي ويا. ميان نصير محمد جو تختگاهه "ڳاڙهي" ڪاڇي ۾ هو. سندس وفات سن 1103ھ/1692ع ۾ ٿي.

بعد ۾ ميان دين محمد ڪلهوڙو سندس جاءِ نشين ٿيو. هن جو مرڪز به "ڳاڙهي" هو. ميان دين محمد حڪومتي دائري کي اڃا به وڌايو. سبي جي پٺاڻن، قلات جي بروهين ۽ پاڙيسري زميندارن جي دشمنيءَ آخر رنگ لاتو. ملتان جو وائسراءِ شهزادو معزالدين حملي آور ٿي ڳاڙهيءَ پهتو. ڪلهوڙن ۽ مغلن ۾ خونريز معرڪا ٿيا ۽ ميان دين محمد کي گرفتار ڪري ملتان وٺي ويا، جتي هن کي سن 1111ھ/1700ع ۾ ڦاسي ڏني وئي. ميان نصير محمد ۽ ميان دين محمد ڪلهوڙي جا مدفن گاهه به "ڳاڙهي" ۾ ئي آهن. ڪلهوڙن جي حڪومت جو هي پهريون دور هو.

معزالدين جي مار ڌاڙ وقت ميان يار محمد ڪلهوڙو قلات ڏي هليو ويو هو. حالتون صحيح ٿيون، ته پاڻ سن 1113ھ/1701ع ۾ وڏيءَ قوت سان سنڌ ۾ داخل ٿيو. هن ميان دين محمد جي حڪومت واري سڄي علائقي تي قبضو ڪيو. ڪاڇي مان نڪري، نسبتاً وڌيڪ ويجهي ۽ ڪليل خِطي ۾ پنهنجو تختگاهه قائم ڪيائين. هيءُ تختگاهه "خدا آباد" جي نالي سان تاريخن ۾ مشهور آهي، جو به موجوده دادو

ضلعي ۾ موجود آهي. ميان يار محمد ڪلهوڙي کي مغلن باقاعدي تسليم ڪيو. هر ايندڙ ڏينهن تي هن جي حڪومت وڌندي رهي ۽ مضبوط ٿيندي وئي. ميان يار محمد آهستي آهستي بکر ۽ سيوهڻ تائين پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. ان طرح اتر سنڌ مان مغلن جي راڄ جو خاتمو ٿي ويو. سن 1130ھ/1718ع ۾ ٺٽي جي حدن اندر مغلن ۽ شاهه عنايت جهوڪ واري ۾ معرڪا ٿيا ۽ شاهه عنايت شهيد ٿيو. سن 1131ھ/1719ع ۾ خود ميان يار محمد به فوت ٿيو. کيس "خدا آباد" ۾ دفن ڪيو ويو. جتي اڄ به سندس نهايل عاليشان مسجد ۽ سهڻو مقبرو موجود آهي.

ميان يار محمد کان پوءِ سندس فرزند ميان نور محمد ڪلهوڙو سنڌ جو حاڪم ٿيو. ميان نور محمد جي دور ۾ سن 1150ھ/1737ع ۾ ٺٽو صوبو به ڪلهوڙن جي قبضي ۾ اچي ويو. ان ريت سڄيءَ سنڌ مان مغلن جي حڪومت ختم ٿي ۽ سڄي ملڪ تي ڪلهوڙن جي حڪمراني قائم ٿي. افسوس! جو ميان نور محمد ڪلهوڙي ۽ خود اهلِ سنڌ جي اها خوشي عارضي ثابت ٿي، ڇاڪاڻ ته نادر شاهه افشار هندستان جي مارڌاڙ کان پوءِ، سن 1152ھ/1740ع ۾ سنڌ ۾ داخل ٿيو. ان کان پوءِ ڪلهوڙا حڪمران، مغلن جي بجاءِ ايران جا باجگذار بڻجي ويا. نادر شاهه سن 1160ھ/1747ع ۾ پنهنجي اميرن هٿان قتل ٿي ويو. هن جو افغان سپهه سالار احمد شاهه هرات پهتو ۽ جديد افغانستان جو بنياد رکيائين. احمد شاهه ابدالي سنڌ تي به پنهنجي بالادستي برقرار رکي. سنڌ تي افغانن جي بالادستي ڪلهوڙن جي آخر تائين برقرار رهي. بعد ۾ احمد شاهه ابدالي سنڌ طرف به پيش قدمي ڪئي. ان زماني ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙو سن 1167ھ/1753ع ۾ فوت ٿيو. کيس محمد آباد ۾ دفن ڪيو ويو. هن وقت سندس مدفن شاهه پور جهانيان ويجهو، تعلقي قاضي احمد، ضلعي نواب شاهه (موجوده ضلعو شهيد بينظيرآباد) ۾ واقع آهي ۽ اهو قبرستان اڄ تائين "ميان جا قبا" جي نالي سان موجود ۽ مشهور آهي.

ميان نور محمد ڪلهوڙو هڪ وڏو مدبر، دُورانديش ۽ ديندار حڪمران هو. سندس زندگيءَ جو عڪس سندس لکيل فارسي ڪتاب "منشور الوصيت" ۾ صاف صاف ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن ۾ ظاهري طور تي پدري شفقت ڪري پنهنجي پٽن ۽ عملدارن کي وصيت ۽ نصيحت ڪيل آهي، پر ان مان سندس سنڌ وارن لاءِ پيغامِ عمل پڻ سمايل آهي. مثال طور: الله تعاليٰ جي عبادت، رسول ڪريم ﷺ جي رسالت ۽ اطاعت، عالمن ۽ صالحن سان صحبت، اهل بيت جي محبت ، پدري شفقت، خيرخواهي، قرآن ڪريم ۽ درود شريف پڙهڻ جي ترغيب، موت جي يادگيري،

ڪسرنفسي، سادگي، خوفِ خدا، ملڪي ورهاست، مردم شناسي ۽ سياسي حڪمت عمليءَ جو پورو نقشو چٽيل آهي.[1]

اها ٻي ڳالهه آهي، جو مهربان ۽ داناءَ پيءُ جي نصيحت تي پونير عمل نه ڪيو. فتني فساد ۽ لڙائيءَ تائين نوبت وڃي پهتي. اڳتي هلي ٽيهن سالن ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت ٽالپرن ۾ منتقل ٿي وئي.

ميان نور محمد پنهنجي دور ۾ هڪ غير معمولي شخصيت جو مالڪ هو. جن نازڪ حالتن سان کيس ۽ سندس اولاد کي سڄي ڄمار واسطو پوندو رهيو، سي فولادي عزم رکڻ وارن ماڻهن کي به متزلزل ۽ هراسان بنائڻ واسطي ڪافي هئا، ليڪن هنن پنهنجي پيءُ ۽ پٽن طرح طرح جي مشڪلاتن جي اونداهيءَ مان پنهنجي لاءِ عمل جي راهه هموار ڪئي ۽ پنهنجي عزيز وطن جون اهي خدمتون ڪيون، جن جو نظير صدين جي تاريخ ۾ به نه ٿو ملي. انهن خدمتن لاءِ صبر ۽ تحمل، تدبر ۽ ڏاهپ، جرئت ۽ شجاعت ۽ انتظامي مهارت کان سواءِ هن ڳالهه جي به ضرورت هئي، ته هڪ هڪ واقعي جي پڇاڙيءَ ۽ نتيجي تي گهري نظر رکي وڃي ها! ميان يار محمد وانگر ميان نور محمد ۾ به اهي وصفون اُتم درجي جون موجود هيون.[2]

ميان نور محمد جي وفات کان پوءِ، وصيت موجب سندس وڏو پٽ محمد مراداياب خان تخت نشين ٿيو. پر "فتح نامہ" جي قول موجب:

"ولي چون اولي العزم و غازي نبود." [3]

مطلب ته هو مضبوط ارادي، عزم وارو ۽ غازي نه هو. ان ڪري سندس دور ۾ ملڪ ۾ بدامني پکڙجي وئي. نيٺ اميرن گڏجي ان کي سن 1170ھ/1757ع ۾ معزول ڪيو. سندس جاءِ تي ميان غلام شاهه ڪلهوڙو حڪمران ٿيو. ميان غلام شاهه سان ابتدا ۾ ميان عطر خان ۽ ميان احمد يار خان جون لڙايون ٿيون. ليڪن آخرڪار اهي خاموش ٿي ويا ۽ ميان غلام شاهه اڪيلي سر سنڌ جو والي بڻجي ويو.

شروع ۾ الهه آباد، شاهه پور اول ۽ شاهه پور ثاني سندس سرڪاري مرڪز هئا. آخرڪار قديم شهر نيرون ڪوٽ جي جاءِ تي "حيدرآباد" نالي پنهنجو شهر وجود ۾ آڻي، ان کي تختگاهه مقرر ڪيائين. حيدرآباد جو قيام سن 1182ھ/1769ع ۾ ٿيو. ميان غلام شاهه هتي هڪ پڪو قلعو به تعمير ڪرايو.

(1) ميان نور محمد ڪلهوڙو: "منشور الوصيت و دستور الحڪومت"، فارسي (تلخيص)
(2) غلام رسول مهر: "تاريخ سنڌ ــ عهد ڪلهوڙا" ــ جلد 1 (اردو)، ص 65 ــ 564
(3) مير عظيم الدين ٺٽوي: "فتح نامہ" (فارسي)، ص 29

جو اڄ تائين موجود آهي. غلام شاهه هڪ برجستو حاڪم ٿي گذريو آهي. هن ڪڇ تي به پيرا حملا ڪيا. احمد شاهه ابدالي هن جي انتظام مان راضي ٿي، ڪيس ديره غازي خان ۽ ديره اسماعيل خان جي حڪومت به ڏني. هن سن 1186هه/1772ع ۾ وفات ڪئي. ڪيس پنهنجي دارالحڪومت "حيدرآباد" ۾ دفن ڪيو ويو.

ميان غلام شاهه ڪلهوڙي کان پوءِ، سندس پٽ ميان محمد سرفراز ڪلهوڙو سنڌ جو والي بڻيو. پنهنجي پيءُ وانگر هن به ڪڇ تي ڪاهون ڪيون. ديرن جو انتظام به سندس ذمي رهيو. سندس دور ۾ درٻاري سازشن زور ورتو. سن 1189هه/1775ع ۾ درٻار ۾ مير بهرام خان ۽ مير صوبدار خان کي قتل ڪيو ويو. ميان محمد سرفراز ڪلهوڙو ان وقت هالا جي پرسان پنهنجي مرڪز "خدا آباد" ثالث ۾ هو. آخرڪار ٽالپرن محلات تي حملو ڪيو ۽ پاڻ حيدرآباد طرف نڪري ويو. ان طرح سندس حڪومت پوري ٿي. ساڳيءَ ريت ڪلهوڙن جو عروج زوال پذير ٿيڻ لڳو.

جيتوڻيڪ سن 1189هه/1775ع کان 1198هه/1783ع تائين، پوءِ به ڪلهوڙن ڏهه سال کن حڪومت ڪئي، پر اهو سندن زوال جو دور آهي. ميان صادق علي، ميان غلام نبي ۽ ميان عبدالنبي ڪلهوڙو ٿوري ٿوري وقت لاءِ حڪمران بڻيا. درٻاري سازشون زور وٺنديون رهيون. نتيجي ۾ مير بجار خان، مير عبدالله خان ۽ مير فتح خان ٽالپر قتل ٿي ويا. سن 1198هه/1783ع ۾ هالاڻيءَ جي ميدان تي ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن ۾ لڙائي ٿي. ڪلهوڙن شڪست کاڌي ۽ سنڌ تي ميرن ٽالپرن جو راڄ قائم ٿيو.

جيتوڻيڪ ڪلهوڙن جو دؤر سياسي طور تي وڏين ڪاميابين سان ڀريل ڪونهي. تڏهن به علمي ۽ ثقافتي طور تي هيءُ دؤر تاريخ ۾ يادگار "سونهري دؤر" ليکجي ٿو.

هن دؤر ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جهڙو لاثاني شاعر ٿي گذريو آهي. سنڌ، مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ جهڙو بي مثل مؤرخ ۽ تذڪره نويس هن دؤر ۾ پيدا ڪيو. اهوئي زمانو آهي، جڏهن مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جهڙو هاڪارو عالم، اديب، استاد، مفتي ۽ مصنف جائو، نپنو ۽ وڏو ٿيو ۽ پنهنجو تاريخي علمي ڪردار ادا ڪيو. هيءُ تحقيقي مقالو به سندس ئي سوانح حيات ۽ علمي خدمتن تي مشتمل آهي.

باب پيو

مغل بادشاهن جو سن وار دؤر

سنڌ ۾ مخدوم صاحب جو سياسي طور اڪثر زمانو ڪلهوڙا حڪمرانن جو دور رهيو آهي. البت، ان وقت سنڌ سميت هندستان ۾ مرڪزي حڪومت مغل بادشاهن جي رهندي پئي آئي. مجموعي طور مخدوم صاحب جو ڏهن مغل بادشاهن جي دؤر سان واسطو رهيو آهي، يعني اورنگزيب عالمگير (سن 1068ھ/1658ع - 1118ھ/1707ع) کان وٺي شاهه عالم ثاني (سن 1173ھ/1759 - 1221ھ/1806ع) جي دور تائين. هيٺ سيني مغل بادشاهن جو ابتدائي يعني بابر کان وٺي آخري مغل حڪمران بهادر شاهه ظفر تائين مڪمل سن وار دؤر جو وچور ڏنل آهي:

1. ظهير الدين بابر ابن عمر شيخ مرزا 932ھ/1526ع - 937ھ/1530ع
2. نصير الدين همايون ابن بابر 937ھ/1530ع - 963ھ/1556ع
3. جلال الدين اڪبر ابن همايون 963ھ/1556ع - 1014ھ/1605ع
4. نور الدين جهانگير ابن اڪبر 1014ھ/1605ع - 1037ھ/1627ع
5. شهاب الدين شاهجهان ابن جهانگير1037ھ/1627ع - 1068ھ1658ع
6. اورنگزيب عالمگير ابن شاهجهان1068ھ/1658ع - 1118ھ/1707ع
7. شاهه عالم اول ابن اورنگزيب 1118ھ/1707ع - 1124ھ/1712ع
8. جهاندار شاهه ابن شاهه عالم 1124ھ/1712ع - 1125ھ/1713ع
9. فرخ سير ابن عظيم الشان 1125ھ/1713ع- 1131ھ/1719ع
10. رفيع الدرجات ابن رفيع الشان 1131ھ/1719ع - 1131ھ/1719ع
(سوا ٽي مهينا بادشاهه رهيو، 19 ربيع الثاني کان 20 رجب المرجب تائين)
11. رفيع الدولہ ابن رفيع الشان 1131ھ/1719ع - 1131ھ/1719ع
(چار مهينا بادشاهه رهيو، 20 رجب المرجب کان 17 ذوالقعد تائين)
12. محمد شاهه ابن جهان شاهه 1131ھ/1719ع - 1161ھ/1748ع
13. احمد شاهه ابن محمد شاهه 1161ھ/1748ع - 1167ھ/1754ع

14. عالمگير ثاني ابن معزالدين 1167ھ/1754ع - 1173ھ/1759ع
15. شاهه عالم ثاني ابن عالمگير ثاني1173ھ/1759ع - 1221ھ/1806ع
16. اڪبر شاهه ثاني ابن شاهه عالم ثاني 1221ھ/1806ع - 1253ھ/1837ع
17. بهادر شاهه ظفر ابن اڪبر شاهه ثاني 1253ھ/1837ع - 1274ھ/1857ع

بهادر شاهه ظفر سن 1857ع ۾ جنگ آزاديءَ ۾ حصو وٺڻ ڪري جنوري 1858ع ۾ قيد ٿي رنگون پهتو ۽ اتي 7 نومبر 1862ع تي وفات ڪيائين.[1]

----

[1] شاهنواز خان: "مآثر الامراء" ـ جلد 3، مترجم: محمد ايوب قادري، مرڪزي اردو بورڊ لاهور، 1970ع، ضميمو 1، ص 808

باب ٽيون

ڪلهوڙا دور جا اهم تاريخي، مذهبي ۽ سياسي واقعا

سن 1092ھ/1681ع: ميان نصير محمد ”ڳاڙهيءَ“ ۾ ڪلهوڙا حڪومت جو بنياد رکيو.

سن 1101ھ/1688ع: مغل دربار مان نواب زبردست خان ٺٽي جو ناظم مقرر ٿي آيو، پر هتي پهچڻ سان ئي مري ويو. نواب نصرت خان ٺٽي جو ٻيهر ناظم مقرر ٿي آيو.

سن 1102ھ/1689ع: مخدوم صاحب جو همعصر ۽ سنڌ جو مشهور شاعر، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي تولد ٿيو.

سن 1103ھ/1691ع: ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي وفات، ميان دين محمد پنهنجي اباڻي مسندِ ارشاد کي رونق بخشي. نواب حفظ الله خان ٺٽي جو ناظم مقرر ٿي آيو.

سن 1104ھ/1693ع: مخدوم محمد هاشم ”بنوري“ ۾ جائو.

سن 1109ھ/1698ع: مخدوم صاحب ابتدائي ديني تعليم پنهنجي والد بزرگ عبدالغفور وٽ پڙهڻ لڳو.

سن 1111ھ/1700ع: غالباً مخدوم صاحب جو وڌيڪ تعليم پرائڻ لاءِ ٺٽي ۾ اچڻ. ميان دين محمد ڪلهوڙي کي ملتان ۾ ڦاسي ڏني ويئي. ان کان پوءِ ميان يار محمد مسند سنڀالي.

سن 1112ھ/1701ع: ميان يار محمد کي مغل دربار مان سنڌ تي حڪومت ڪرڻ جو پروانو مليو. ميان يار محمد دادوءَ کان ڏکڻ طرف ”خدا آباد“ نالي ڳوٺ جو هنڌ تعمير ڪرايو.

سن 1113ھ/1701ع: سعيد خان صوبيدار ٿي آيو. ميان يار محمد کي اورنگزيب طرفان عنايتون ۽ نوازشون. اتر سنڌ ۾ دائودپوٽن جي شڪست. مخدوم صاحب جي والد عبدالغفور جي بنوري ۾ وفات.

سن 1114ھ/1702ع: مير امين الدين خان حسين ٺٽي جو ناظم مقرر ٿيڻ.

سن 1115ھ/4-1703ع: يوسف خان ٺٽي جو ناظم ٿي آيو.

سن 1116ھ/5-1704ع: نواب احمد يار خان ٺٽي جو ناظم ٿيو.

سن 1117ھ/1706ع: ميان يار محمد هٿان نومڙين جي شڪست.

سن 1118ھ/1707ع: هند ۽ سنڌ جي بادشاهه اورنگزيب عالمگير جي دکن ۾ وفات، اعظم ۽ معظم جي پاڻ ۾ جنگ ۽ اعظم جي هار ۽ قتل ٿيڻ.

سن 1119ھ/1708ع: اورنگزيب جو پٽ شهزادو معظم، بهادر شاهه اول جي لقب سان تخت تي ويٺو.

سن 1120ھ/1708ع: سعيد خان عرف عطر خان، معظم جي حڪم سان ٺٽي جو ناظم مقرر ٿي آيو.

سن 1121ھ/1709ع: ٺٽي جي مشهور شاعر ”محسن“ ٺٽويءَ جي ولادت. نواب مهين خان ٺٽي جو ناظم ٿي آيو.

سن 1123ھ/1711ع: ميان يار محمد اتر سنڌ ۾ پنهنجي طاقت وڌائڻ شروع ڪئي. شاڪر خان نواب مقرر ٿيو. نواب مهين خان ٻيهر ٺٽي جو نواب مقرر ٿيو.

سن 1124ھ/1712ع: بهادر شاهه اول جي لاهور ۾ وفات. سندس پٽ معزالدين جهاندار شاهه جي تخت نشيني. خواجه محمد خليل، جهاندار شاهه جي حڪم تي ناظم مقرر ٿيو. سال جي آخر ۾ جهاندار شاهه، فرخ سير جي مقابلي ۾ شڪست کاڌي ۽ فرخ سير بادشاهه بڻيو.

سن 1125ھ/1713ع: عطر خان ولد سعيد خان ٺٽي جو ناظم مقرر ٿيو. ميان يار محمد جي هٿان سبي ۽ ڍاڍر جي فتح.

سن 1125ھ/1713ع: مخدوم صاحب ”زادالفقير“ نالي سنڌي ٻوليءَ ۾ منظوم ڪتاب لکيو. جيڪا سندس غالباً پهرين تصنيف آهي. عطر خان ۽ لطف علي خان جي لڙائي. ٺٽي جو محاصرو. عطر خان جو مارجڻ ۽ لطف عليءَ جو ٺٽي تي قبضو.

سن 1128ھ/1715ع: نواب اعظم خان ٺٽي جو والي مقرر ٿيو.

سن 1129ھ/1716ع: نواب اعظم خان جو جهوڪ تي حملو ۽ صوفي شاهه عنايت الله جهوڪ واري جي گرفتاري.

سن 1130ھ/1718ع: نواب اعظم خان جي هٿان صوفي شاهه عنايت جي شهادت.

سن 1131ھ/1718ع: فرخ سير قيد ٿيو. جهان شاهه بن بهادر شاهه اول جو پٽ

روشن اختر، محمد شاهه جي لقب سان تخت نشين ٿيو. ميان يار محمد جي وفات. سندس فرزند ميان نور محمد جي جاءِ نشيني. نواب اعظم خان جي معزولي.

سن 1132ھ/1719ع: مهابت خان بن منعم خان ٺٽي جو ناظم مقرر ٿيو.

سن 1133ھ/1720ع: قطب الملڪ ۽ محمد شاهه جي فوجن جي لڙائي، قطب الملڪ جي گرفتاري.

سن 1135ھ/1722ع: مخدوم صاحب جو حرمين شريفين حج ادا ڪرڻ ۽ وڌيڪ تعليم پرائڻ لاءِ ٺٽي مان سفر.

سن 1136ھ/1723ع: مخدوم صاحب مديني منوره ۾ حضور ﷺ جن جي زيارت جو شرف حاصل ڪيو. ابو طاهر مدنيءَ کان علم حديث ۾ اجازت ۽ سند حاصل ڪرڻ. ٺٽي ۽ مديني جي ٺوئي جي تحقيق، ٺٽي ۽ حرمين جي پاڇي جي تحقيق ڪرڻ ۽ بعد ۾ ڪتاب لکڻ. حج ادا ڪرڻ ۽ حرمين مان واپسي. مخدوم صاحب سورت بندر ۾ آيو ۽ سيد سعدالله قادريءَ جو مريد ٿيو. خلا فت جو خرقو ڏڪيو. هندوستان ۾ عيسائي پادرين سان مناظرو ڪرڻ. سنڌ ۾ سلطان محمد خان پنهنجي پيءُ مهابت خان جي وفات کان پوءِ ٺٽي جو انتظام سنڀاليو.

سن 1137ھ/1723ع: مخدوم صاحب ماه صفر ۾ حج ۽ سفر حرمين ۽ سورت بندر کان سفر پورو ڪري واپس پنهنجي ماڳ ٺٽي پهتو. نواب سيف الله ٺٽي جو ناظم مقرر ٿيو. جنهن جلوه گاه امامين جو مقبرو تعمير ڪرايو.

سن 1138ھ/1724ع: مخدوم صاحب جو مرشد سيد سعد الله قادري سورتي وفات ڪري ويو. ٺٽي ۾ مشهور نقشبندي بزرگ ابوالقاسم جي وفات.

سن 1140ھ/1727ع: سنڌ جو مشهور مؤرخ، مير علي شير "قانع" ٺٽوي ڄائو، جنهن پنهنجي ڪتابن "تحفة الڪرام"، "مقالات الشعراء ۽ معيار سالڪان طريقت" فارسيءَ ۾ مخدوم صاحب جو پهريون پيرو اکين ڏٺو احوال لکيو.

سن 1143ھ/1730ع: ٺٽي جي نواب سيف الله جي وفات، نواب دلير خان جي ٺٽي ۾ مقرري، قلات جي واليءَ عبدالله خان بروهيءَ جو مارجڻ.

سن 1144ھ/1731ع: ميان نور محمد کي "ثابت جنگ" جو خطاب مليو. مخدوم صاحب جي مديني شريف واري استاد ابوطاهر مدنيءَ جي وفات. مخدوم عبدالرحمان کهڙائيءَ جي شهادت.

سن 1146ھ/1733ع: مخدوم صاحب سنڌ جي شان ۾ "مدح نامہ سنڌ" نالي بهترين ڪتاب لکيو. سنڌ جي مخالفن جا ان ۾ جواب ڏنا.

سن 1148ھ/1735ع: 23 شوال بروز اڱاري تي نادر قليءَ "نادر شاهه" جو لقب اختيار ڪري، پنهنجي بادشاهيءَ جو اعلان ڪيو.

سن 1149ھ/1736ع: نادرشاهه هٿان قنڌار جي فتح. نواب همت دلير خان جي موقوفيءَ کان پوءِ نواب صادق علي بن سيف الله خان ٺٽي کي ٺيڪي تي ڪنيو. مرزا مقبل جي آمد سان صادق عليءَ جو ٺيڪو ختم.

سن 1150ھ/1737ع: مغل شاهي دربار مان ميان نور محمد کي ٺٽي جو علائقو ٺيڪي تي مليو. هن غلام محمد کي پنهنجو نائب بنائي ٺٽي موڪليو. ميان نور محمد جي ٺيڪيداريءَ کان پوءِ مغلن طرفان ٺٽي ۾ نوابن گورنرن جو اچڻ بند ٿي ويو. جيتوڻيڪ ميان جي گادي ٺٽي يا بکر ۾ نہ هئي ۽ هن جي طرفان بہ سرڪاري ڪاروبار لاءِ عملدار مقرر ڪيل هئا ۽ پاڻ نگراني ڪندو هو.

سن 1151ھ/1738ع: نادرشاهه ڪابل تي قبضو ڪيو. اتان روانو ٿي، ڪرنال ۾ محمد شاهي فوجن کي شڪست ڏني ۽ دهليءَ ۾ عام ڪوس ڪرايو. ميان نور محمد پنهنجي پٽ مراداياب کي لشڪر ڏئي ٺٽي موڪليو. ان ڪڪراليءَ جي ڄام کي شڪست ڏني.

سن 1152ھ/1739ع: نادرشاهه دهليءَ مان روانو ٿي ڪابل پهتو. اتان ڌوڪيندو عمرڪوٽ ويو. ميان نورمحمد ۽ نادر جو پاڻ ۾ ڳرن شرطن تي ٺاهه ٿيو.

سن 1153ھ/1740ع: نادرشاهه سنڌ مان واپس قنڌار روانو ٿيو. ويندي پاڻ سان گڏ ميان نور محمد جا بہ پٽ محمد مراداياب ۽ غلام شاهه کي يرغمال بنائي وٺي ويو. ميان جو ڪتبخانو بہ نادر لٽي ڪنيو ويو. ان کان پوءِ سنڌ دهليءَ جي مغلن کا ڦري ايران جي ڏنَ پرُو ٿي.

سن 1155ھ/1742ع: مظفر خان بيگلر بيگي، نادرشاهه جون ڀيڙيون ڪاهي سورت کان ٺٽي پهتو. ميان نور محمد ان سان ملڻ لاءِ ٺٽي ويو. ممڪن آهي تہ ميان صاحب ۽ مخدوم صاحب جي ان دوران ٺٽي ۾ ملاقات ٿي هجي!

سن 1156ھ/1743ع: نادرشاهه طرفان سليمان بيگ اسلم کي سِڪي ۽ خطبي جي نگرانيءَ لاءِ خدا آباد موڪليو.

سن 1157ھ/1744ع: مخدوم صاحب جي همعصر ۽ مد مقابل عالم مخدوم محمد قائم جي مديني منوره ۾ وفات.

سن 1160ھ/1747ع: ايران ۾ نادرشاهه مارجي ويو. قنڌار جي سردارن احمد شاهه ابداليءَ کي نادرشاهه جي جاءِ تي پنهنجو بادشاهه چونڊيو.

سن 1161هه/1748ع: احمد شاهه ابداليءَ هندستان تي حملو ڪيو ۽ شڪست کاڌي. محمد شاهه هندستان جو بادشاهه وفات ڪري ويو. مخدوم صاحب جي همعصر ۽ مد مقابل بزرگ مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جي وفات.

سن 1162هه/1749ع: ميان غلام شاهه خشڪيءَ رستي يرغماليءَ مان آزاد ٿي، ايران مان سنڌ پهتو. البت، مراداياب خان بحري رستي مسقط پهتو ۽ ٽي سال اتي ترسيو.

سن 1163هه/1750ع: سنڌ، دهليءَ کان بعد ۾ ايران کان پوءِ، هيئنئر افغانستان جي ڏَنُ ڀرو بڻي. ٺٽي جي مشهور صاحبِ ديوان شاعر "محسن" ٺٽويءَ جي وفات. ميان نور محمد مشهور وصيت نامو "منشور الوصيت و دستور الحڪومت" نالي لکيو.

سن 1165هه/1751ع: مخدوم صاحب جي همعصر ۽ مشهور شاعر، حضرت شاهه عبداللطيف جي ڀٽ شاهه تي وفات.

سن 1167هه/1754ع: احمد شاهه دُرانيءَ جو سنڌ تي حملو. 12 صفر تي ميان نور محمد جي اسي سالن جي عمر ۾ وفات. ميان صاحب جي وڏي پٽ محمد مراداياب خان جي سنڌس جاءِ تي تخت نشيني.

سن 1170هه/1757ع: مراداياب خان معزول ٿيو ۽ سندس جاءِ ميان غلام شاهه سنڌ جو حڪمران بڻيو.

سن 1171هه/1757ع: ميان مراداياب خان وفات ڪري ويو. مخدوم صاحب جي استاد مخدوم ضياءُ الدين ٺٽويءَ جي وفات. ميان غلام شاهه ۽ سندس ڀائرن، عطر خان ۽ احمد يار خان وچ ۾ روهڙيءَ وٽ فيصلي ڪُن لڙائي لڳي.

سن 1172هه/1759ع: مخدوم صاحب ڀرپور عملي طور شريعت جي نفاذ جو پروانو سنڌ جي حڪمران ميان غلام شاهه ڪلهوڙي کان جاري ڪرايو. (2 شعبان المعظم 1172هه)

سن 1174هه/1761ع: مخدوم صاحب غالباً آخري ڪتاب "الوصية الهاشميه" عربيءَ ۾ لکيو. مخدوم صاحب ٺٽي ۾ 6 رجب المرجب خميس جي ڏينهن وفات ڪري ويو. مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ ڪتاب "مقالات الشعراء" فارسي لکي پورو ڪيو. هن ڪتاب ۾ مخدوم صاحب کي وقت جو "مجدد" سڏيو ويو آهي.

سن 1181هه/1768ع: مخدوم صاحب جي وڏي فرزند مخدوم عبدالرحمان جي وفات. مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ پنهنجو مشهور تاريخي ڪتاب "تحفة الڪرام"

لکي پورو ڪيو. هن ڪتاب ۾ پڻ مخدوم صاحب جو قدري تفصيلي احوال آيل آهي ۽ سندس ديني خدمتن جي ساراهه ڪيل آهي.

سن 1182هه/1769ع: ميان غلام شاهه نيرون ڪوٽ ۾ قلعو تعمير ڪرائي، متس "حيدرآباد" نالو رکي، پنهنجو تخت گاهه بنايو.

سن 1186هه/1772ع: ميان غلام شاهه جي حيدرآباد ۾ وفات. سندس پٽ ميان محمد سرفراز خان سنڌ حڪومت جون واڳون سنڀاليون. احمد شاهه ابداليءَ جي قنڌار ۾ وفات ٿي.

سن 1187هه/1773ع: مخدوم صاحب جو ٻيو فرزند مخدوم عبداللطيف، ميان سرفراز خان جي لشڪر ۾ قاضي القضاة مقرر ٿيو.

سن 1189هه/76-1775ع: ميان سرفراز خان کان سياسي غلطيون ٿيون، ان ڪري سندس ڀاءُ محمود خان مسند نشين ٿيو. محمود خان جلد معزول ٿيو. ميان غلام النبي حڪمران بڻيو.

سن 1190هه/77-1776ع: ميان غلام النبي شهيد ٿيو. ميان عبدالنبي سنڌ جو والي بڻيو. محمد سرفراز خان، ان جو پٽ محمد خان، ڀاءُ محمود خان ۽ چاچو عطر خان، قيد ۾ عبدالنبيءَ جي ماڻهن هٿان ماراِيا ويا.

سن 1193هه/1779ع: مدد خان سنڌ ۾ قهر بنجي آيو ۽ ظلم مچايو. مير بجار خان، عبدالنبيءَ جي دور ۾ ماريو ويو. عبدالنبي حڪومت ڇڏي فرار ٿي ويو. صادق علي خان حڪومت جي مسند تي ويٺو.

سن 1198هه/1783ع: ميان غلام شاهه کان پوءِ هڪ ٻئي پٺيان ميان محمد سرفراز، محمود خان، غلام النبي، عبدالنبي، صادق علي خان، دوباره عبدالنبي حڪومت ڪندا رهيا. پاڻ ۾ سندن حڪمرانيءَ تان مار ڌاڙ، ڪشت و خون جو سلسلو جاري رهيو. آخر ٽالپر سنڌ جا حڪمران بڻيا ۽ ائين ڪلهوڙا دور جو ميان عبدالنبيءَ تي خاتمو ٿيو.

پاڱو پيو

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي سوانح حيات

باب پهريون

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ
جو خانداني پسمنظر

[حسب نسب، نالو، ولادت ۽ شجرو]

سر زمين سنڌ جي تاريخ ساز خطي کي پنهنجي شاندار ماضيءَ تي اڄ بہ فخر آهي. سدا بهار سنڌ جو هيءُ خطو سرسبز شاداب، سگهڙ ۽ سرهاڻ ڀريو گلشن ۽ گلستان آهي، جنهن مان هميشہ علمي ۽ ادبي ٻهڪندڙ ٻوٽا ۽ ٽڙندڙ گل ۽ غنچا ڦٽندا رهيا آهن. انهن خوشبودار علمي گلن مان مخدوم محمد هاشم ٺٽوي بہ هڪ آهي.

مخدوم صاحب جو نالو محمد هاشم، والد جو نالو عبدالغفور* ۽ ذات جو پنهور هو. پنهورن جو نسب، حارث بن عبدالمطلب سان وڃي ملي ٿو.(1) تاريخ ۾ هن قبيلي جو تعلق عرب انساب سان مليل آهي تہ اهي محمد بن قاسم سان گڏ سنڌ ۾ آيا هئا، سنڌ سان لنئُن لائي، هميشہ جي لاءِ هتي جا ٿي ويا ۽ سيوهڻ ۾ رهي پيا.(2)

---

* نوٽ: مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي والد جي نالي ۾ ڪيترن مصنفن کان سهو ٿي آهي. ڪن مصنفن عبدالغفور جي بجاءِ عبداللطيف نالو آندو آهي. جيتوڻيڪ عبداللطيف، مخدوم صاحب جي پڙ ڏاڏي جو نالو آهي. اها ڀُل هنن ڪتابن ۾ آيل آهي:
(الف) "سنڌ جي ادبي تاريخ" _ جلد پهريون (خانبهادر محمد صديق ميمڻ) ص 149
(ب) "الوحيد"، سنڌ آزاد نمبر 1936ع، ص 32
(ج) "پيغامِ لطيف"، جي. ايم. سيد، ص 53
(د) "بناء الاسلام" (مقدمہ نگار: محمد يوسف "شاڪر" ابڙو)، ص 6. مخدوم صاحب خود پنهنجي اڪثر ڪتابن ۾ "محمد هاشم بن عبدالغفور" نالو لکيو آهي. (ليکڪ)
(1) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "معيارِ سالڪانِ طريقت" (قلمي فارسي)، ص 203. هن ڪتاب جو هڪ قلمي نسخو، برٽش ميوزيم لائبريري لنڊن ۾ موجود آهي، جنهن جو عڪس راقم کي پنهنجي مشفق ۽ مهربان استاد ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کان تحفي طور مليو. ڊاڪٽر سيد خضر نوشاهي صاحب انهيءَ ناياب قلمي نسخي کي ايڊٽ ڪري، پي ايڇ. ڊي جي ڊگري ورتي آهي. تازو "معيارِ سالڪانِ طريقت" سن 2000ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. بعد ۾ ان جو سنڌي ۽ اردو ترجمو بہ ڇپيو آهي.
(2) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: "فاڪهة البستان" (قلمي عربي)، مرتب: ڊاڪٽر احمد اقبال قاسمي،

"پنهور" قوم جي باري ۾ محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو آهي:

"پنهور اصل ۾ عرب آهن، پر مال جي پرورش ڪندي پنهور سڏيا ويا. اسلام جي اوائلي دور کان وٺي سيوهڻ جي اُتر ۾ آباد ٿيا ۽ سنڌن اميرن جي رياست 'پنهوارڪي' قائم رهي. آخري دور ۾ سنڌن رياست 'سامتاڻي' تائين محدود ٿي، يعني ٻوبڪ ۽ دادوءَ جي وچ وارو علائقو." (1)

مخدوم محمد هاشم جو نسب نامو هن طرح آهي:

"محمد هاشم بن عبدالغفور بن عبدالرحمان بن عبداللطيف بن عبدالرحمان بن خيرالدين السندي البتورائي ثم البهرام پوري ثم التتوي." (2)

مخدوم صاحب جا وڏا پهريائين سيوهڻ ۾ اچي رهيا. مخدوم صاحب جو والد عبدالغفور پنهور بہ سيوستان جي عالمن مان هڪ هو. پاڻ پوءِ زماني جي گردش جي ڪري، لاڙ طرف "بٺوري" ضلعي ٺٽي ۾ اچي رهيو، جتي مخدوم صاحب تولد ٿيو. لاڙ جو مشهور اديب ۽ محقق، محمد سومار شيخ لکي ٿو:

"مخدوم* صاحب جو والد عبدالغفور 'اگهاماڻي' ۾ رهندو هو." (1)

ڏسو مقدمو ص 1
(1) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "رهاڻ هيرن ڪاڻ" جلد پهريون، ص 31
(2) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: "اتحاف الاڪابر" (قلمي عربي) ص 2
* نوٽ: دراصل، "مخدوم" ڪا ذات نہ آهي. مخدوم صاحب ذات جو پنهور هو، پر علمي جدوجهد ۽ ديني خدمتن جي ڪري هر هنڌ "مخدوم" سڏجڻ لڳو. سندس لياقت ۽ فضيلت جي لحاظ کان ماڻهو کين "مخدوم" سڏيندا هئا. پاڻ جيڪڏهن "مخدوم" ٿيو، تہ ڪيس سندس خدمتن ئي خادم مان مخدوم بنايو هو.
لغت ۾ مخدوم لفظ جي معنيٰ هن ريت آيل آهي: مَخدُومُ جمع مخدومَ: ذ (ع) خدمت ڪيل. جنهن جي خدمت ڪجي. بزرگ، عزت وارو، مان وارو، معزز، سائين، آقا، آغا، آگو، سوامي، مُربي، مذهبي رهبر، پيشوا، هادي، امام [ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "جامع سنڌي لغات" جلد پنجون، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو سنڌ، 1988ع، ص 3623.]
رچرڊ برٽن لکي ٿو تہ، مخدوم مٿين درجن جي طالبن کي درس ڏيندا هئا... انهيءَ عهدي لاءِ گهڻا ماڻهو

ممڪن آهي، ته مخدوم صاحب جو والد عبدالغفور، سيوهڻ مان لاڙ طرف ايندي، پهريائين ڪجهه وقت اگهاماڻي ۾ رهيو هجي ۽ پوءِ مستقل طور ميرپور بٺوري ۾ اچي رهائش پذير ٿيو هجي. شيخ محمد سومار جي ان مٿئين روايت جي ٻئي ڪنهن به ڪتاب مان تصديق ڪا نه ٿي سگهي آهي. مخدوم صاحب خود پنهنجن ڪتابن ۾، پاڻ کي پنهنجي والد جي رهائش جي نسبت سان "بٺورائي" ڪري لکيو آهي، نه "اگهاماڻي".

مخدوم محمد هاشم تاريخ 10 ربيع الاول 1104هه/19 نومبر 1692ع تي، خميس جي رات، بٺوري ۾ ڄائو[2] سندس ولادت جي تاريخ، هيٺئين عربي فقري مان نڪري ٿي:

"انبت الله نباتا حسنا."[3]

1104هه

"سلو انگوران پلو" وانگر چمندي ئي سندس پيشانيءَ ۾، بخت جي ياوري ۽ علمي جوت جرڪندي رهي. جيئن ته سندس والده سڳوري به هڪ پرهيزگار ۽ نيڪ سيرت عورت هئي، ان ڪري سندس ابتدائي گهرو پرورش به پاڪيزي ۽ علمي ماحول ۾ ٿي. مخدوم صاحب جو والد بزرگوار به اهلِ علم هو، تنهن ڪري مخدوم صاحب جي ٻالجتي وهي به خالص علمي نوعيت واري، صاف ستري ۽ خوش بختيءَ ۾ گذري. بيشڪ اهي والدين به خوش نصيب آهن، جن کي الله تعاليٰ وٽان اهڙو صالح اولاد عطا ٿئي ٿو، جو اڳتي هلي مشهور مفسر، محدث، فقيه، شاعر ۽ صاحب علم و قلم بڻيو. جنهن جو علمي ڏاڪو، ديس پرديس تائين وڃي پهتو ۽ علمي دنيا ۾ اڍائي سؤ سالن جي عرصي گذرڻ کان پوءِ به سندس نالو روشن ۽ زنده آهي. سندس تصنيفون

خواهان هوندا هئا. ملڪ جو وڏي ۾ وڏو سيد به انهيءَ عهدي لاءِ درخواست ڪرڻ ۾ گهٽتائي محسوس ڪونه ڪندو هو. [برٽن رچرڊ فرانسز، سر: "سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون"، مترجم: محمد حنيف صديقي، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو سنڌ، 1971ع، ص 126] (ليکڪ).

(1) محمد سومار شيخ: "بدين ضلعي جي ثقافتي تاريخ"، ص 164

(2) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي سوانح حيات ۽ علميت بابت ڪي ويچار" (مقالو)، ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد سنڌ، نمبر 4 سال 1985ع، ص 132

(3) مولانا دين محمد وفائي: "تذڪره مشاهير سنڌ" جلد پهريون، ص 454

۽ تحريرون، اڄ به علمي دنيا ۾ يادگار آهن.

شجرو

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي نسب جو شجرو هن ريت آهي:



باب ٻيو

تعليم، تربيت ۽ نصاب

مخدوم صاحب جو گهراڻو علم وارو هو. پاڻ علمي ماحول ۾ اک کولي هئائين. ذهن ۽ ذڪاوت قدرتي ڏات آهي. مخدوم صاحب کي به قدرت ڏات ۽ ڏانءَ جو بخرو عطا ڪيو هو. سندس والد عبدالغفور، پنهنجي فرزند کي اعلىٰ اخلاق ۽ بنيادي تعليم ڏيڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪئي. پاڻ پنهنجي فرزند کي قرآن مجيد ياد ڪرائي، حافظِ قرآن بڻايائين. مخدوم صاحب فارسي، صرف و نحو ۽ فقه جي ابتدائي تعليم به پنهنجي والد وٽ پڙهيو.[1] ان کان پوءِ وڌيڪ تعليم پرائڻ لاءِ ٺٽي جو رخ ڪيائين.

ان وقت ننگر ٺٽو علم ادب جو مرڪز هو. اتي ديني مدرسا، علم ادب جو زور ۽ شعر و شاعريءَ جو چهچٽو متل هو. تنهنڪري پاڻ ٺٽي ۾ مخدوم محمد سعيد وٽ عربي تعليم ۽ درس وٺڻ شروع ڪيائين ۽ وٽس درسي نصاب جو وچون ڀاڱو پڙهي پورو ڪيائين. ڇهن مهينن جي قليل عرصي ۾ اهي سڀ ڪتاب با شرح پورا ڪيائين، جي رواجي حالت ۾ شاگرد ڇهن سالن جي عرصي ۾ پورا ڪندا آهن. ٻالڪ جو اهڙو ذهن ۽ ذڪاوت ڏسي، شهر جا وڏا وڏا عالم عجب کائڻ لڳا ۽ هن ٻار جي عزت احترام ڪرڻ لڳا. اهڙيءَ طرح سارو شهر به کيس پنهنجي اکين جو ٺور سمجهڻ لڳو.[2]

ان کان پوءِ مخدوم ضياءُ الدين ٺٽوي (المتوفي: 1171هه/1758ع) وٽ علم حديث جي تحصيل ۽ باقي ڪتاب پڙهي پورا ڪيائين، يعني نون سالن

---

(1) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: "فرائض الاسلام"، مترجم: مولوي عبدالعليم ندوي، ڏسو مقدمو ص 14

(2) حسن علي انڙ: مخدوم محمد هاشم ٺٽوي" (مقالو)، ماهوار "نئين زندگي"، سيپٽمبر 1950ع، ص 12 _ 13

جي عرصي ۾ فارسي ۽ عربي علوم جي تڪميل ڪري فارغ ٿيو.[3]

ان دوران سن 1113هه/1702ع ۾ سندس والد عبدالغفور وفات ڪري ويو. مخدوم صاحب کي اڃا بہ علم حديث ۽ تفسير ۾ ڪمال حاصل ڪرڻ جو شوق هو. جيڪا سعادت کيس سن 1135هه/1722ع ۾ حرمين شريفين جي سفر دوران حجاز مقدس جي عالمن کان حاصل ٿي. مخدوم صاحب حرمين شريفين جي سفر دوران حج جي سعادت حاصل ڪرڻ سان گڏ مڪي شريف ۽ مديني منوره جي مشهور عالمن ۽ محدثن کان بہ علمي استفادو ڪيو. پاڻ اتان جي عالمن وٽان علم حديث، عقائد، اصول، تجويد ۽ فقه جو درس ورتائين ۽ سنَدُون حاصل ڪيائين.[1] انهن جو وڌيڪ احوال سندس حرمين شريفين جي سفر ۾ ايندو.

(الف) سنڌ جا استاد

مخدوم صاحب، جن بافيض عالمن ۽ استادن کان علم پرايو، انهن ۾ سنڌ جا استاد بہ آهن، تہ مڪي شريف ۽ مديني منوره (عربستان) جا بزرگ ۽ محدث بہ شامل آهن. هتي پهريائين سنڌ جي استادن جو احوال ڏجي ٿو:

عبدالغفور پنهور: مخدوم صاحب جو پهريون استاد ۽ سندس والد عبدالغفور بہ اصل ۾ سيوستان جي عالمن مان هو. پوءِ لاڙ طرف بنوري ۾ لڏي آيو، جتي مخدوم صاحب ڄائو. مخدوم صاحب پنهنجي والد وٽ قرآن مجيد حفظ ڪيو. فارسي، صرف نحو ۽ ڪجهہ فقه جا ڪتاب بہ پنهنجي پيءُ وٽ پڙهي پورا ڪيائين. عبدالغفور جي وفات ماه ذوالحج 1113هه/مئي 1702ع ۾ بنوري ۾ ٿي ۽ اتي ئي دفن ٿيو.[2] حضرت عبدالغفور هڪ پلو ۽ برگزيدو عالم هو. پنهنجي وقت جو يڪتا ۽ يگانو عالم هو. سندس ضمير روشن ۽ دماغ اعليٰ هو. نانءُ ۽ نيڪي گهڻي

(3) غلام رسول مهر: "تاريخ سنڌ ـ عهد ڪلهوڙا" ـ جلد 2 (مترجم سنڌي)، ص 888
(1) "فرائض الاسلام"، ڏسو مقدمو ص 14
(2) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: "بناء الاسلام" (سنڌي) مرتب: فقير محمد اسماعيل ٺٽوي، ڏسو مقدمو ص 34

هيس.[3]

مخدوم محمد سعيد ٺٽوي: هن بزرگ جي زندگيءَ جو احوال گمناميءَ جي گوشي ۾ گم آهي. بس ايترو معلوم ٿي سگهيو آهي تہ هن ڀلاري اُستاد وٽ مخدوم صاحب ٺٽي ۾، علمي نصاب جو وچون پاڳو پڙهيو هو. ("بذل القوة"- عربي- ڏسو مقدمه ص 6)

مخدوم ضياءُ الدين ٺٽوي: هيءُ بزرگ، مخدوم صاحب جو ٽيون استاد ۽ شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جي اولاد مان هو. سندس نسب هن ريت آهي: ضياءُ الدين بن ابراهيم بن هارون بن عجائب بن الياس صديقي.

مخدوم ضياءُ الدين جو وڏو ڏاڏو مخدوم الياس آب داڻي جي ڇڪَ ڪري، سنڌ ۾ "ورياه" ڳوٺ ۾ اچي رهيو. مخدوم ضياءُ الدين جو ڏاڏو هارون، ورياه مان لڏي ٺٽي ۾ آيو. مخدوم ضياءُ الدين ٺٽي ۾ سن 1091هه/1680ع ۾ ڄائو. پاڻ ٺٽي جي مشهور عالم مخدوم عنايت الله (المتوفي: 1114هه/1702ع) کان تعليم حاصل ڪئي هئائين. باوجود وڏيءَ علميت جي، فقيريءَ جي راهہ جو سالڪ ۽ نهايت نوڙت وارو هو. پنهنجي همعصرن ۾ وڏي هدايت ۽ ڪافي فيض سان زندگي گذاري، سن 1171هه/1758ع ۾ 80 ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويو.[1]

رحمت الله ٺٽوي: محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو:

"مخدوم محمد قائم ۽ مخدوم محمد هاشم ٻئي علامہ رحمت الله ٺٽويءَ جا شاگرد هئا." [2]

ڊاڪٽر بلوچ جي انهيءَ مٿئين حوالي مان ظاهر ٿئي ٿو تہ مخدوم صاحب، علامہ رحمت الله جو شاگرد هو. ليڪن، ڪتابن جي ورق گرداني ڪرڻ کان پوءِ هن روايت جي تصديق ڪانہ ٿي سگهي آهي. "تحفة

(3) محمد علي دائودپوٽو "عيان" : "هبڪار"، ص 36
(1) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "تحفة الڪرام" (مترجم سنڌي)، ص 561
(2) سيد علي محمد شاهہ دائري وارو: "مصلح المفتاح"، مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڏسو مقدمو ص 27

الڪرام“ ۾ بہ مخدوم رحمت الله جي شاگردن ۾، مخدوم صاحب جو نالو آيل ڪونهي. البت، مخدوم محمد قائم جو نالو سندن شاگرديءَ ۾ آيل آهي. مخدوم محمد قائم وري مخدوم صاحب جو همعصر ۽ علمي مسائل ۾ مدِ مقابل هو.[1]

محمد معين ٺٽوي: هن بزرگ کي مخدوم صاحب جي همعصرن ۾ بہ شامل ڪيو ويو آهي. البت مولانا دين محمد وفائي، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ ”الوحيد“ مخدوم محمد معين ٺٽويءَ کي مخدوم صاحب جو استاد ڪري لکيو آهي.

مولانا دين محمد وفائي لکي ٿو:

> ”حضرت مخدوم محمد هاشم حديث جي سندَ (مخدوم محمد معين) کان حاصل ڪئي، مگر پوءِ بعض خيالات جي اختلافن ڪري ٻنهي بزرگن جا پاڻ ۾ تحريري مناظرا بہ رهيا.“ [2]

روزنامہ ”الوحيد“ ۾ آهي:

> ”مخدوم محمد هاشم شروع ۾ علامہ (مخدوم محمد معين) جو شاگرد هو، مگر پوءِ پاڻ ۾ سخت مناظرا بہ رهين.“ [3]

علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي هڪ مقالي ۾ لکي ٿو:

> ”مخدوم محمد هاشم پنهنجو هڪ رسالو ’ڪشف الغطاء‘ مخدوم محمد معين جي رسالي ’قرة العين‘ جي رد ۾ لکيو آهي، جتي مخدوم معين کي پنهنجو اُستاد ۽ شيخ سڏيو اٿس.“ [4]

مٿين سيني حوالن جي برعڪس، اعجاز الحق قدوسيءَ ”تذڪره صوفياءِ سنڌ“ ۾، مخدوم محمد معين کي وري مخدوم محمد هاشم جو

---

(1) ”تحفة الڪرام“ (سنڌي)، ص 566
(2) ”تذڪره مشاهير سنڌ“ ـ جلد ـ 1، ص 159
(3) روزنامہ ”الوحيد“، سنڌ آزاد نمبر 1936ع، ص 34
(4) علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي: ”شاهہ ۽ ابن فارض“ (مقالو)، مخزن ”تحفہ لطيف“ 1958ع، ص 34

شاگرد ڪري لکيو آهي.[5]

ان کان سواءِ مخدوم صاحب جي پوٽي مخدوم ابراهيم پنهنجي ڪتاب ”القسطاس المستقيم“ ۾ لکيو آهي:

> ”بيشڪ مخدوم محمد معين، حديث جو علم، مخدوم محمد هاشم کان حاصل ڪيو هو.“ [1]

مطلب تہ علامہ قاسميءَ جو ”ڪشف الغطاء“ وارو حوالو بہ اهم آهي، تہ مخدوم صاحب جي پوٽي جو ”القسطاس المستقيم“ وارو حوالو پڻ وزندار آهي.

بهرحال، ٺٽي جي علمي ۽ هڪ شهر ۾ رهڻ ڪري، ٻنهي بزرگن جو پاڻ ۾ موافقت يا مخالفت جو تعلق ضرور رهيو آهي. انهيءَ اختلاف جي پيش نظر، مخدوم محمد معين جو احوال، مخدوم صاحب جي استادن بجاءِ سندس همعصرن ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

مخدوم عنايت الله ٺٽوي: هن بزرگ کي بہ قدوسيءَ مخدوم صاحب جو استاد ڪري لکيو آهي.[2] جيئن تہ ”تحفة الڪرام“ ۾ مخدوم عنايت الله جي رڳو ٻن شاگردن جا نالا آيل آهن. هڪ مخدوم ضياءُ الدين ۽ ٻيو مخدوم محمد معين.[3] سندس شاگردن ۾ مخدوم محمد هاشم جو نالو ئي آيل ڪونهي. ان ڪري پڪ سان چئي نہ ٿو سگهجي تہ اهو بزرگ بہ ڪو مخدوم صاحب جو استاد هو. البت، ايترو ضرور آهي تہ مخدوم صاحب جو استاد ضياءُ الدين ٺٽوي، مخدوم عنايت الله جو شاگرد ضرور هو.

(ب) عربستان جا استاد

مخدوم صاحب سنڌ ۾ علم پرائڻ کان پوءِ، سن 1135هہ/1723ع ۾ حرمين شريفين جي زيارت تي ويو هو، جتي پاڻ علم حديث ۾ هيٺين

---

(5) اعجاز الحق قدوسي: ”تذڪره صوفياءِ سنڌ“ (اردو)، ص 240
(1) مخدوم محمد ابراهيم مڏئي مرقد: ”القسطاس المستقيم“ (قلمي عربي)، ص 147
(2) ”تذڪره صوفياءِ سنڌ“، ص 240
(3) ”تحفة الڪرام“ (سنڌي)، ص 558

بزرگن کان علمي استفادو ۽ سندون حاصل ڪيائين. هتي حرمين شريفين جي انهن بزرگن جو احوال ڏجي ٿو:

شيخ عبدالقادر حنفي مڪي: هيءُ بزرگ ابوبڪر صديقي حنفي مڪيءَ جو فرزند، محدث محمد طاهر گجراتيءَ جي اولاد مان هو. شيخ عبدالقادر مڪي فصاحت، بلاغت، علم و فضل ۽ فقه ۾ ممتاز حيثيت جو مالڪ هو. حرمِ مڪي مڪرمه جو مفتي ٿي رهيو. سندس تصنيف "فتاويٰ قادريه" ڇهن جلدن ۾ يادگار آهي. سندس وفات سن 1138هه/1726ع ۾ ٿي.[1]

شيخ عيد بن علي مصري: شيخ عيد بن علي النمرسي جي زندگيءَ جو احوال معلوم ٿي نه سگهيو آهي. البت، ايترو معلوم آهي ته سندس تعلق عرب ملڪ مصر سان هو. سندس وفات جو سن 1140هه/1728ع آهي ۽ شافعي ۽ ازهري مشهور آهي.

شيخ ابو طاهر محمد مدني: هن پلاري بزرگ جي والد جو نالو ابراهيم ڪوراني مدني هو. شيخ ابو طاهر پنهنجي والد کان خرقو ڍڪيو ۽ ٻين کان به فيض پرايائين. پاڻ مجتهد جي حيثيت رکندو هو. هميشه علم ۾ مشغول رهندو هو. سلف صالحين جي صفتن سان سينگاريل هو. پاڻ ڪنهن به علمي ڳالهه يا مسئلي ۾ جيستائين غور و فڪر نه ڪندو هو ۽ ڪتاب ڏسي تحقيق نه ڪندو هو، ته جواب نه ڏيندو هو.[2] تمام نرم دل ۽ گريه زاريءَ ۾ مصروف رهندو هو. سندس وفات رمضان المبارڪ سن 1145هه/فيبروري 1733ع ۾ ٿي.

ياد رهي ته ابو طاهر مدني، مخدوم صاحب جو استاد آهي، ته شاهه ولي الله جو به استاد رهيو آهي. مخدوم صاحب سن 1135هه/1723ع ۾ حرمين شريفين جي سفر دوران ابو طاهر مدنيءَ کان علمي استفادو ڪيو هو ۽ شاهه ولي الله دهلوي اٽڪل ست اٺ سال پوءِ سن 1143هه/1731ع ۾ حرمين شريفين ويو هو ۽ هن به ابو طاهر مدنيءَ کان علم حاصل ڪيو

(1) مخدوم محمد هاشم: "بذل القوة" (عربي) مرتب: مخدوم امير احمد، مقدمو ص 7
(2) محمد اڪرام شيخ: "رودِ ڪوثر" (اردو)، ص 543

هو.

هن وضاحت جو مقصد هيءُ آهي، ته پروفيسر اسد الله ڀٽي پنهنجي هڪ مقالي ۾ مخدوم صاحب کي شاهه ولي الله دهلويءَ جو شاگرد ڪري لکيو آهي. ان کان وڌيڪ عجب اهو آهي ته مخدوم صاحب اهو علم ۽ فيض شاهه ولي الله دهلويءَ کان مديني منوره ۾ حاصل ڪيو هو.[3]

جيئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي ته مخدوم صاحب حرمين شريفين جي سفر تي سن 1135هه/1723ع ۾ ويو هو ۽ شاهه ولي الله دهلوي ان کان ست اٺ سال بعد ۾ سن 1143هه/1731ع ۾ حرمين شريفين ويو هو.[1] پوءِ اهو ڪيئن ٿو چئي سگهجي ته مخدوم صاحب، شاهه ولي الله دهلويءَ کان علم ۽ فيض حاصل ڪيو هو؟ جيتوڻيڪ مخدوم صاحب مديني منوره ۾، شاهه ولي الله دهلويءَ کان اڳ ۾ ويو هو ۽ شاهه ولي الله ست اٺ سال بعد ۾ مديني منوره پهتو. پوءِ ڪيئن ٿو ثابت ٿئي ته مخدوم صاحب، شاهه ولي الله دهلويءَ سان مديني منوره ۾ ملاقات ڪئي ۽ ڪانئس علم ۽ فيض پرايو. هوڏانهن ستن اٺن سالن جي وچ وارو عرصو ٻنهي جي ملاقات جي ئي نفي ڪري رهيو آهي، ته پوءِ شاگردي ۽ فيضيابي ڪيئن ٿي ثابت ٿئي؟

بهرحال، حقيقت هن ريت آهي ته مخدوم صاحب، شاهه ولي الله دهلويءَ جو شاگرد ڪونهي. باقي ٻئي بزرگ، ابو طاهر مدنيءَ جا جدا جدا وقتن تي شاگرد ضرور هئا.

مخدوم امير احمد ته ائين به لکيو آهي:

"لم يثبت الي الان لقاء هما ولا مكاتبهما"[2] يعني: مخدوم صاحب جي شاهه ولي الله سان خط و ڪتابت به ڪانه هئي ۽ اڄ تائين سندن ملاقات به ثابت ڪانه ٿي آهي.

(3) پروفيسر اسد الله ڀٽو: رسالو تماهي "سنڌ" حيدرآباد، سيارو 1983ع، ص 243
(1) پروفيسر غلام حسين جلباڻي: "شاهه ولي الله جي زندگي"، ص 26
(2) "بذل القوة" (عربي) مقدمو ص 7
نوٽ: ان ڏس ۾ راقم جو تنقيدي ۽ تحقيقي مقالو تماهي "سنڌ" حيدرآباد، بهار 1983ع ۾ پڻ شايع ٿيل آهي.

جديد تحقيق مان معلوم ٿيو آهي ته، مخدوم صاحب مديني شريف ۾ علم قرأت شيخ علي بن عبدالملڪ الداروي المالڪي (المتوفي: 1145هه/1733ع) وٽ پڙهيو هو.

ازانسواءِ، علم فقه ۽ حديث علامه شيخ محمد بن عبدالله مغربي فاسي مدني مالڪي (وفات 1141هه/1729ع) وٽ پڙهيو هو.*

(ج) مخدوم صاحب جي دور جو تعليمي نصاب:

اسلام جي شروعاتي دور کان هر هڪ استاد ۽ عالم، مفسر ۽ محدث، فقيه ۽ صوفي پنهنجي تجربي، مطالعي ۽ مشاهدي پٽاندڙ درس تدريس، اصلاح ۽ تبليغ جو سلسلو جاري رکندو پئي آيو آهي. برصغير، خاص ڪري سنڌ ۾، مغلن جي عهد کان وٺي ميرن جي صاحبيءَ تائين عربي، فارسي ۽ سنڌي ديني تعليم جو نصاب ٿوري ڦيرگهير سان غالباً ساڳيو رهيو. ان ڏس ۾ "درس نظامي" جي بانيءَ نظام الدين سهالوي (1088هه/1677ع - 1161هه/1748ع جون ڪوششون قابل قدر آهن. پر جيئن ته "درس نظاميءَ" جو باني به مخدوم صاحب جو همعصر آهي، ان ڪري مخدوم صاحب جو سنڌ ۾ "درس نظاميءَ" کان اڳ ۾ هلندڙ نصاب سان واسطو رهيو هوندو. غالباً "درس نظامي" ۾ شامل نصاب، اڳ ۾ هلندڙ نصاب وانگر لڳ ڀڳ ساڳيو آهي. البت، "درس نظامي" ۾ جزوي ڦيرڦار سان منطق ۽ حڪمت جي ڪتابن جو اضافو ضرور ٿيو، جيڪو اڄان تائين مدرسن ۾ جاري آهي.

هندستان ۾ شاهه ولي الله دهلوي (1114هه/1702ع - 1176هه/1762ع) مخدوم صاحب جو همعصر ۽ مديني جي عالم ابو طاهر مدني جي ڪري استاد ڀائي آهي. شاهه ولي الله جو به ساڳئي دور ۽ نصاب سان واسطو پيو. ان دور جو نصاب هيٺين ٻارهن فنن ۾ ورهايل آهي. ممڪن آهي ته ان نصاب ۾ چند ڪتابن جي مٽاسٽا به ٿيل هجي، پر سراسري طور "درس نظامي" ۾ شامل منطق ۽ حڪمت جي چند ڪتابن کان

* ("الاتحاف" (قلمي) ص 131، "ذيل اتحاف الاڪابر" ص 143 ۽ "سلڪ الدرر" جلد 4، ص 60.
بحواله مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: "الشفاء في مسئلة الراء" (عربي) تحقيق: قاري عبدالقيوم بن عبدالغفور السندي، مڪتبه بنوريه ڪراچي، 1420هه/1999ع، ص 19 _ 20)

سواءِ جيڪو اسان به پڙهيو آهي، اڄان تائين ديني مدرسن ۾ مشهور ۽ مقبول آهي. هن نصاب ۾ جيڪي ڪتاب شامل درس آهن، انهن جو وچور هيءُ آهي:

(الف) علم صرف: 1. ميزان 2. منشعب 3. صرف مير 4. پنج گنج 5. زبده 6. فصول اڪبري 7. شافيه

(ب) نحو: 1. نحو مير 2. شرح ماة عامل 3. هداية النحو 4. ڪافيه 5. شرح جامي

(ج) منطق: 1. صغريٰ 2. ڪبريٰ 3. ايساغوجي 4. تهذيب 5. شرح تهذيب 6. قطبي 7. مير قطبي 8. سلم العلوم

(د) حڪمت: 1. ميبذي 2. صدرا 3. شمس بازغه

(هه) رياضي: 1. خلاصة الحساب 2. تحرير اقليدس 3. تشريح الافلاڪ 4. رساله قوشجبه 5. شرح چغمني

(و) بلاغت: 1. مختصر المعاني 2. مطول

(ز) فقهه: شرح وقايه 2. هداية

(ح) اصول فقهه: 1. نورالانوار 2. توضيح 3. تلويح 4. مسلم الثبوت

(ط) ڪلام: 1. شرح عقائد نسفي 2. شرح عقائد جلالي 3. مير زاهد 4. شرح مواقف

(ي) تفسير: 1. جلالين 2. بيضاوي

(ڪ) حديث: مشڪواة المصابيح [1]

عجب آهي، ته هن سڄي نصاب ۾، سنڌ جي ڪنهن به سنڌي عالم ۽ مصنف جو لکيل ڪتاب شامل نه آهي. البت، سنڌ ۾ مخدوم صاحب جي زماني کان ڪجهه اڳ ۽ خود مخدوم صاحب جي دور ۾، عالمن اهو محسوس ڪيو ته ابتدائي تعليم مادري ٻولي سنڌيءَ ۾ ڏني وڃي. ان ڪري "درس نظاميءَ" کان پهريان سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل منظوم بنيادي ديني ڪتاب مڪتبن ۾ پڙهائجڻ لڳا، ته جيئن ٻارن جي تعليمي مهارت

(1) پروفيسر بختيار حسين صديقي: "برصغير مين قديم عربي مدارس ڪا نظام تعليم" (اردو)، ص 21 _ 20

۽ معلومات پڪي پختي ٿئي ۽ اڳتي وڌي نصاب لاءِ به رهنما ثابت ٿئي.

سنڌ جي تاريخ ۾ ميان نور محمد، ميان غلام شاهه ۽ ميان سرفراز جي وقت، ڪلهوڙن جو بهترين خوشحالي، تعليمي ۽ روحاني ترقيءَ جو دور هو. سندن دور ۾ سيني وڏن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ مدرسا قائم ٿي چُڪا هئا، جتي ديني ۽ دنيوي تعليم عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ ڏني ويندي هئي. ميان نور محمد (ميان غلام شاهه) ڪلهوڙي، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ کي وڏو قاضي ۽ شريعت جو نگران مقرر ڪيو... ميان غلام شاهه ۽ ميان سرفراز درويش صفت ۽ علم دوست حڪمران هئا. عالمن ۽ عارفن جي قدردانيءَ ۾ ڪونه گهٽايائون. جيئن ته ڪلهوڙا شروع ۾، مغلن جي نائب جي حيثيت سان گڏ پيڙهي به پيڙهي سنڌ جا حاڪم پڻ هئا، تنهنڪري سمجهجي ٿو ته مرڪزي حڪومت جي پيرويءَ ۾ پڻ ڪلهوڙا حڪومت مدرسن جي امداد جاري رکي هوندي. پراڻن مدرسن، خانقاهن ۽ درگاهن لاءِ جاگيرون وقف ڪيون. عوام به هر سال فصل ۽ ديرن تي مدرسن جو حصو ٻاهر ڪڍندو هو، جنهن جو رواج اڄ تائين ڳوٺن ۾ موجود آهي.(1)

اڳتي هلي، انگريزن جي دور تائين، ان نصاب جا اهڃاڻ ۽ آثار پائدار ۽ نمايان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. رچرڊ برٽن، سنڌ جي انهيءَ سجي تعليمي تاريخ ۽ نصاب بابت تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. هو لکي ٿو:

”مسلمانن جي تعليم جو سرشتو هن ريت آهي. طالب کي پهريان مڪتب ۾ الحمد شريف (قاعده) جا اکر سڃاڻڻ سيکاريا ويندا آهن. ان کان بعد ٽيهون پارو پڙهايو ويندو آهي. ان سان گڏ اکرن لکڻ جي مشق به جاري رهندي آهي. مڪتب ۾ پهرئين سال کان پوءِ مڪمل قرآن مجيد پڙهائبو آهي. ان دوران شاگرد کي مادري سنڌي زبان جو اڀياس شروع ڪرايو ويندو آهي. مادري سنڌيءَ زبان جا هي بنيادي ڪتاب شاگرد کي اول پڙهڻا

(1) محمد بخش انصاري: ”قديم ۽ جديد سنڌ جو تعليمي دستور“ (مقالو) ڇماهي ”سنڌي ادب“ سنڌالاجي، ڄام شورو سنڌ ص 2 ـ 101

پون ٿا: نورنامو، تفسير هاشمي، سيف الملوڪ، ليليٰ مجنون، حڪايت الصالحين، وفات نامو، معراج نامو ۽ سؤ مسئلا.

جڏهن ٻار قرآن مجيد ۽ مادري سنڌي ٻوليءَ ۾ مهارت حاصل ڪري ٿو، ته ان کان پوءِ باقاعدي فارسي تعليم ڏني ويندي آهي. فارسيءَ ۾ هيٺيان ڪتاب باترتيب پڙهايا ويندا آهن: دو وايو، توايو، چشم چراغ، ڪريما، ناگهان، تاريخ انشاء، گلستان، بوستان، ديوان حافظ، جامي، سڪندرنامه، مثنوي رومي ۽ شاهنامه فردوسي.“

مادري زبان ۾ مهارت ۽ فارسيءَ ۾ قابليت کان پوءِ، عربي ڪتابن جو درس شروع ٿئي ٿو. ان ۾ هيٺيان ڪتاب اچي وڃن ٿا:

صرف نحو: ميزان الصرف، قسم دويم عقد، زبده، ماة عامل، صرف زرادي، شافيه، نحو ضريري، هدايةِ النحو، ڪافيه، شرح جامي، شرح جامي عبدالحڪيم، شرح جامي عبدالغفور.

منطق: ايساغوجي، قال اقول، شمه، نيم روزي، يڪروزي، شمسيه، قطبي، زبده، تهذيب ۽ سلم.

فقهه: وقايه، هداية.

تفسير: جلالين، مدارڪ، بيضاوي، اصمعي، ڪشف جواهر ۽ حُسيني.

معاني بيان: تلخيص، مختصر، مطول.

تجويد: جزري

عروض: نصاب الصبيان

طب: طب يوسفي، ميزان الطب ۽ تحفة المومنين“.(1)

”درس نظامي“ ۽ برٽن جي مرتب ڪيل نصاب ۾ ٿورو گهڻو فرق ضرور آهي. پر سراسري طور ان دور جي تعليمي نصاب جي جهلڪ نمايان

(1) رچرڊ برٽن: ”سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون“ (مترجم: محمد حنيف صديقي) سنڌي ايڊيشن، ص 32 ـ 123 (تلخيص)

معلوم ٿئي ٿي ۽ ان دور جي تعليمي تاريخ تي پڻ مختصر روشني پوي ٿي. اهڙيءَ ريت اسان اهو چئي سگهون ٿا ته مغلن، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور کان وٺي انگريزن جي دور تائين، اهو نصاب ٿوري گهڻي ڦير گهير سان مروج هو ۽ اڃان تائين مدرسن ۾ جاري آهي. ان نصاب جي موجوده شڪل، جزوي مٽاسٽا سان "درس نظامي" واري موجود آهي ۽ شاهه ولي الله دهلويءَ وانگر مخدوم صاحب جو به ان تعليمي نصاب سان واسطو رهيو آهي.

انهيءَ مٿئين بحث مان اهو ظاهر آهي ته مخدوم صاحب پاڻ به اهو درس پڙهيو ۽ پنهنجي لائق شاگردن کي به اهوئي درسي نصاب پڙهايو هوندو.

باب ٽيون

طريقت جو سلسلو

(روحاني رهبر ۽ مرشد)

مخدوم صاحب ظاهري تعليم پرائڻ کان پوءِ، ٺٽي جي مشهور نقشبندي بزرگ حضرت ابوالقاسم نقشبنديءَ جي خدمت ۾، تلقين ۽ بيعت وٺڻ لاءِ عرض ڪيو. نقشبندي بزرگ فرمايو ته، "منهنجي سامهون مون کان تلقين وٺندڙ مُريدن جون صورتون پيش ڪيون ويون، انهن ۾ تنهنجي تصوير ڪانه هئي." اهو جواب ٻڌي، مخدوم صاحب عرض ڪيو ته، "مون کي اها جڳهه ٻڌايو، جتي منهنجو مرشد آهي." نقشبندي بزرگ فرمايو ته، "تون سيد سعد الله قادري سُورت بندر واري جي خدمت ۾ وڃ!"[1]

انهيءَ ڪري مخدوم صاحب، حرمين شريفين جي سفر کان موٽندي، سن 1136هه/1723ع ۾ "سورت بندر" ۾، روحاني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ قادري سلسلي جي بزرگ سيد سعد الله سُورتيءَ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. اتي هڪ سال عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول رهيو ۽ قادري سلسلي ۾ خلافت جو خرقو ڏڪي، اجازت جي سَنَدَ وٺي، ماه صفر المظفر 1137هه/آڪٽوبر 1724ع ۾ پنهنجي ماڳ ٺٽي موٽي آيو.[2]

جيتوڻيڪ مخدوم صاحب، مريد ۽ دست بيعت ته سيد سعد الله قادريءَ جو هو، پر ابوالقاسم نقشبندي ٺٽويءَ سان به عقيدت رکندو هو. ان ڪري انهن ٻنهي بزرگن جو احوال ڏجي ٿو:

ابوالقاسم نقشبندي:

ابوالقاسم نورالحق ٺٽوي، درس ابراهيم جو فرزند هو. درس ابراهيم وڏن کان شيخ بهاؤالدين زڪريا ملتانيءَ جي گهراڻي جو مريد هو.

---

(1) مخدوم محمد ابراهيم "خليل" ٺٽوي: "تڪمله مقالات الشعراء" (فارسي) ص 45

(2) روزنامه "الوحيد"، سنڌ آزاد نمبر، ص 33

ابوالقاسم شروع ۾ قرآن مجيد ياد ڪري، ظاهري علمن کان فارغ ٿيو. ٺٽي جي مشهور بزرگ مخدوم آدم نقشبندي (المتوفي: 1066هه/1656ع) سندس قابليت ۽ لياقت ڏسي، کيس حڪم ڪيو ته باقي منزلون وڃي شاهه سيف الدين (المتوفي: 1098هه/1687ع) ولد عروة الوثقيٰ خواجه محمد معصوم (المتوفي: 1080هه/1669ع ولد شيخ احمد امام رباني مجدد الف ثاني سرهنديءَ (المتوفي: 1034هه/1642ع) جي خدمت ۾ پوريون ڪري.

ان سلسلي ۾، ابو القاسم سنڌ مان سنبري "سرهند" پهتو. شاهه سيف الدين جي مٿس گهڻي مهرباني ٿي. ظاهري ۽ باطني علمن جي مٿس پالوٽ ٿي. جڏهن رچي ريٽو ٿيو ته شاهه سيف الدين چيس ته، "سنڌ ۾ وڃي، نقشبندي طريقي کي رواج ڏيارا" ابوالقاسم، مرشد جي اجازت سان واپس ٺٽي آيو ۽ اچي "نقشبندي" سلسلي جي روحاني درسگاهه کوليائين. پنهنجي ڪامل مرشد، شاهه سيف الدين جي ارشاد موجب، سنڌ ۾ نقشبندي طريقي کي زور وٺايائين. وقت جا وڏا وڏا علماء به سندس معتقد ۽ مريد ٿيڻ لڳا. سندس نقشبندي فيض جو اثر هر هنڌ ٻرڻ لڳو ۽ پاڻ "ابوالقاسم نقشبندي" جي نالي سان مشهور ٿيو. ٺٽي اچڻ سان پاڻ ڪيترن ڀٽڪيل انسانن جو تعلق الله تعاليٰ سان جوڙيائين. وڏا بدڪار ۽ گنهگار هميشه لاءِ توبهه تائب ٿي، سلوڪ جي رستي تي هلڻ لڳا. ايتري قدر، جو سندس فيض جو پرتوو سنڌ کان ٻاهر به پري پري تائين وڃي پهتو. سيد گل شاهه دهلوي ۽ ميان محمد صديق، دهليءَ جي بادشاهه جو وزير به اچي ڪانئس فيضياب ٿيا ۽ سندس خدمت ۾ رهي، زندگيءَ جا پساهه پورا ڪيائون. سورت بندر ۾ به سندس خليفا مشهور هئا.

عمر ڪوٽ، ٿر جي پاسي جو ميان ابوالحسن خشت وارو طالب به الله وارن جي مجلسن ۾ پيو ايندو ۽ چلا ڪيندو هو. اهو به ابوالقاسم نقشبنديءَ جو نالو ٻڌي، سندس خدمت ۾ آيو ۽ ڇئن پنجن ڏينهن ۾ فيض پرائي، خلافت ماڻيائين. پاڻ چوڻ لڳو:

"اِتي جي هڪ گهڙي، ٻين سڀ ڄمارا!"

مطلب ته سڄي ڄمار حق جي طلب لاءِ ڪوشان رهيس، پر هن

نقشبندي درگاهه ۾ چند ڏينهن ۾ ڪامياب ٿيس.

اُن زماني ۾، جيڪي حق جا طالب سرهند شريف ويندا هئا، ته انهن کي هڪ ئي جواب ملندو هو ته، "ابوالقاسم نقشبندي ٺٽويءَ ڏانهن رجوع ڪريو."

مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ کان جن بزرگن فيض پرايو، انهن مان ڪجھ مشهور نالا هي آهن: مخدوم محمد معين ٺٽوي، محمد مقيم ولد سعدالله ساڪن قريه جهيجا، ميان يعقوب سمو ساڪن قريه ڪبر، شيخ يحيٰ عرب (هن مديني منوره ۾ نقشبندي سلسلي کي وڌايو)، سيد سلطان شاهه هندي، ميان حبيب مشهور ميت پوٽو، ميان عبدالولي اگهمي، حاجي ڪمال اُڍيجو، مخدوم ضياءِالدين دانشمند معروف ٺٽوي، ميان نور محمد سهار، سيد محمد ناصر شڪر الاهي شيرازي، سيد عبدالله شيرازي، مخدوم عنايت الله بصير واعظ ٺٽوي، مير مرتضيٰ رضوي، سيد رحمت الله شيرازي، ميان عبدالباقي ساڪن اگهمي و متعلوي، عبدالرحيم سومرو، مخدوم مٺيڏنو نصرپوري، درس بلال ساڪن پراڻ، ميان محمد ڏوهٽو مخدوم آدم نقشبندي.

ابو القاسم نقشبندي علمي خواه عملي ڪمالات سان هڪ وڏي ۾ وڏو قال ۽ حال جو صاحب مشائخ پيدا ٿيو. جنهن هڪ دنيا کي بي انداز فيض رسايو. هن جي صحبت گمراهن کي هدايت جي شاهراهه تي آڻيندي هئي. سندس ڪرامتون ۽ مناقب، تحرير ۽ تقرير جي انداز کان ٻاهر آهن. انهن جي ظهور جي هڪ دنيا شاهد آهي. هن خاندان جا خادم به وڏي علم ۽ يقين ۾ مشهور آهن.

ايڏي علم ۽ عمل جو مالڪ بزرگ، 7 شعبان المعظم 1138هه/10 اپريل 1726ع تي هن فاني دنيا مان رحلت فرمائي ويو. سندس مزار تي جيڪو ڪتبو لکيل آهي، ان جو تاريخ وارو شعر هيءُ آهي:

بسال وصل او هاتف بفرمود.

ابوالقاسم سراسر نور حق بود.(1)

1138هه

شيخ محمد اعظم ٺٽويءَ پنهنجي ڪتاب "تحفة الطاهرين"

(1) "تذڪره صوفياءِ سنڌ"، ص 51 کان 62 (تلخيص)

(1190هه/1776ع) ۾ مخدوم ابولقاسم نقشبنديءَ جي شان ۾، قلم کي هن ريت هلايو آهي:

"ميان ابوالقاسم نقشبندي فيض ۽ ڪشف جو صاحب، خدا پرستن ۽ عارفن جو اڳواڻ، معرفت، يقين ۽ سلوڪ جو وڏو سالڪ هو. قلم کي ڪهڙي طاقت؟ زبان کي ڪهڙي مجال آهي، جو سندس سهڻيون صفتون ۽ وڻندڙ خوبيون بيان ڪري سگهن! سندس ذات ملائڪ صفت، رحمت جو ڪکر ۽ سچ هئي، جو جهانَ اُن جي ذات مان فيض پئي ورتو ۽ هزارين ماڻهو، سندس فيض واري نظر سان اهلِ دل بنجي ويا ۽ حقي ذڪر جي ذريعي، حقيقت جي درجي تي وڃي پهتا. سندس ڪرامتون سج کان وڌيڪ روشن آهن." [1]

"مڪليءَ" جي تاريخي قبرستان ۾، هزارين الله وارا، اهلِ دل بزرگ مدفون آهن. انهن مان شيخ جيئو "مڪليءَ جو ڏيئو" (چراغِ مڪليءَ) مشهور آهي. پر ابوالقاسم نقشبندي "ولايت جو سج" يا "خورشيدِ مڪلي" جي لقب سان مشهور آهي.[2] تازو 2015ع ۾ پير حامدالله سرهندي ڪراچي واري ابوالقاسم جي سوانح بابت "خورشيد مڪلي" نالي شاندار ڪتاب لکي شايع ڪيو آهي.

مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ کي ٻه فرزند ٿيا: هڪ ميان ابراهيم ۽ ٻيو مخدوم فيض محمد، جي پڻ سندس قبرستان ۾ مدفون آهن.

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ تي تحقيق جي سلسلي ۾، مڪليءَ جو قبرستان گهڻا ڀيرا ڏٺو ويو آهي. اُتي مخدوم صاحب جي مزار جي ويجهو، اُتر طرف، ابوالقاسم نقشبنديءَ جي مزار مبارڪ جي بہ زيارت ڪئي ويئي. هن وقت سندس ڪنهن عقيدتمند، سندس تربت جي مٿان هڪ عاليشان چوڪنڊي نُما ٽن ڦٻن وارو چبوترو ٺهرايو آهي. ان سان گڏ، هن جي مريد

(1) شيخ محمد اعظم ٺٽوي: "تحفة الطاهرين" (فارسي)، ص 80 _ 81
(2) "تڪملہ مقالات الشعراءَ" (فارسي)، ص 183

مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جي قبر بہ سندس پيرانديءَ کان موجود آهي. جنهن کي پڻ نئين سر پڪو ڪيو ويو آهي.

سيد سعدالله قادري سورتي:

سيد سعدالله بن غلام محمد سلوني 1099هه/1688ع ۾ سلون ۾ ڄائو. اتي ئي پرورش لڌائين. حرمين شريفين ۾ وڃي علم حاصل ڪيائين. پوءِ هندستان موٽي آيو. فارغ التحصيل ٿي، درس تدريس ۾ مشهور ٿي ويو. هر علم ۾ يگانو هو. توريت ۽ انجيل جو بہ ڄاڻو هو. پنهنجي وقت جو "فخرالعلماءَ" هو. طريقت ۾ سيد عبدالشڪور جو مريد هو. سندس طريقت جو سلسلو، اٺن واسطن سان سيد عبدالقادر جيلاني (المتوفي: 561هه/1166ع) سان هن طرح وڃي ٿو ملي:

"سيد سعدالله مريد هو سيد عبدالشڪور جو، اهو مريد هو شاهہ مسعود الاسفرائني جو، اهو مريد هو شيخ علي حسيني جو، اهو مريد هو شيخ جعفر احمد الحسيني جو، اهو مريد هو سيد ابراهيم جو، اهو مريد هو شيخ عبدالله الحسيني جو، اهو مريد هو شيخ عبدالرزاق جو، اهو فرزند ۽ مريد هو سيد عبدالقادر جيلاني بغدادي جو"

سيد سعد الله قادري، پورب کان حرمين جي زيارت ۽ حج لاءِ حاضر ٿيو ۽ اتان موٽندي سورت ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. ان ڪري کيس "سورتي" بہ سڏيو وڃي ٿو. سورت، هندستان ۾ گجرات ضلعي جو هڪ شهر آهي. پاڻ گهڻن ڪتابن جو مصنف بہ آهي، جهڙوڪ: ڪشف الحق، حاشية الحڪمة، حاشية يمين الوصول فقه، آداب البحث منطق، تحفة الرسول، ثبوت مذهب شيعه ۽ شرح چهل بيت مثنوي.

سندس وفات 27 جمادي الاول 1138هه/3 مارچ 1726ع تي سورت ۾ ٿي.[1] "حدائق الحنفيه" ۾، کيس يارهين صديءَ جي علماءَ ۾ شمار ڪيو ويو آهي ۽ سندس وفات جو سال 1038هه ڄاڻايو ويو آهي[2]، جو صحيح نہ آهي.

(1) محمد اسحاق ڀٽي: "فقهاءِ هند" (اردو) جلد 5 ڀاڱو 1، ص 188
(2) فقير محمد جهلمي: "حدائق الحنفية" (اردو)، ص 428

سيد سعد الله قادريءَ کي ٽي فرزند هئا: عبدالعلي، عبدالولي ۽ عبدالله.

باب چوٿون

مخدوم محمد هاشم جي درس تدريس جو مشغلو

1. دارالعلوم هاشميہ جو قيام

مخدوم صاحب ٺٽي مان علمي تحصيل کان پوءِ، پنهنجن اباڻن ڳڪن يعني بنوري واپس آيو. ان دوران سندس والد حضرت عبدالغفور وفات ڪري ويو هو. ڪجهہ ڏينهن ترسڻ بعد، مخدوم صاحب بنوري کي ڇڏي، پرپاسي جي هڪ ڳوٺ ”بهرام پور“ ۾ اچي رهيو. ڪنهن بہ تحريري يا زباني روايت مان اهو معلوم نہ ٿي سگهيو آهي، تہ مخدوم صاحب ٺٽي مان تعليم پرائي اچڻ کان پوءِ، پنهنجي ڳوٺ بنوري ۾ مدرسي کولڻ ۽ درس تدريس ڏيڻ جي بدران، بهرام پور ۾ ڇو وڃي ديني تعليم جو سلسلو شروع ڪيو؟ البت، پاڻ بهرام پور کي سگهوئي خيرباد چئي، ٺٽي ۾ ڇو آيو ۽ ڪهڙي سبب جي ڪري ٺٽي ۾ اچي مدرسو کولي رهڻ لڳو؟ ان جا سبب تحريري صورت ۾ هن ريت ملن ٿا:

1. ”الوحيد“ ۾ آهي، تہ هتي (بهرام پور) ۾ اچڻ سان پاڻ ديني تعليم ڏيڻ لڳو ۽ ساڳئي وقت دين جي اشاعت ۽ ترويج لاءِ وعظ ۽ تقرين جو سلسلو بہ شروع ڪيائن، مگر انهيءَ ڳوٺ جي پيرن ۽ فقيرن کي مخدوم صاحب جون نصيحتون ۽ شريعت جي پابندي راس نہ آئي: تنهنڪري لاچار ٿي، ٺٽي ۾ هجرت ڪري اچي وينا.[1]

2. مخدوم صاحب بهرام پور ۾، ماڻهن کي بدعتن ۽ غير شرعي ڪمن کان روڪڻ لڳا، مگر اتي جا ماڻهو اعليٰ هستيءَ جو قدر سڃاڻي نہ سگهيا. شايد قدرت کي بہ اهو منظور هو، انهيءَ ڪري پاڻ اتان لڏي اچي

(1) روزنامہ ”الوحيد“، سنڌ آزاد نمبر، ص 33

ٺٽي ۾ رهيو.[1]

3. هڪ دفعي آڌي رات جو نومڙين گهر ۾ ڌاڙو هنيو ۽ ڪتابن کان سواءِ سڀ مال ملڪيت ۽ زيور ڪڍي ويا. ان ڪري اهو ماڳ ڇڏيڻو پيو (جامع الڪلام، خط فارسي، 75، 2006ع)

4. بهرام پور ۾ مدرسو ۽ ديني تعليم شروع ته ڪيائون، پر ايڏي وڏي علامه شخص کي هڪ وسيع ماحول جي ۽ وڏي پيماني تي ديني حق ادا ڪرڻ جو ارادو هو. تنهن کي هن ننڍڙي ڳوٺ ۾، اهو مقصد پورو ٿيندو مشڪل نظر آيو. تنهن لاءِ پاڻ اتان اهل عيال سميت لڏي ٺٽي هليا آيا. اُتي "مسجد خسرو" (دابگران واري مسجد) جي قريب هڪ زبردست مدرسي جو بنياد رکيائون ۽ پنهنجي دلي خواهش مطابق ڪم ڪرڻ لڳا.[2]

پهريان ٻئي سبب به پنهنجيءَ جاءِ تي صحيح آهن، پر منهنجي خيال ۾ هيءُ ٽيون ۽ چوٿون سبب مناسب ۽ واجبي معلوم ٿئي ٿو.

جيئن ته ٺٽو ان وقت علم ادب جو مرڪز هو ۽ مخدوم صاحب خود علمي مزاج جو صاحب هو، تنهنڪري مخدوم صاحب لاءِ ٺٽي جو شهر هر لحاظ کان موزون هو. پاڻ هتي ديني اشاعت، درس حديث، تصنيف تاليف ۽ اسلام جي واڌاري لاءِ مشغول ٿي ويو. مخدوم صاحب ٺٽي ۾ اچڻ سان، پنهنجي علمي آفتاب ذريعي خلق خدا ۽ حق جي طالب علمن جي رهنمائي ڪرڻ لڳو. ٺٽي شهر جي "اگر محلي" ۾، سندس مدرسو "دارالعلوم هاشميه" هو.[3] سندس علمي عظمتن جو شعاع پري پري تائين پهچڻ لڳو. جنهن ۾ ڪيترا علم جا پروانا سندس خدمت ۾ حاضر ٿي، علم جي روشني حاصل ڪرڻ لڳا. "قال الله" ۽ "قال رسول الله" جي صدا، ٺٽي ۽ پوريءَ سنڌ ۾ گونجڻ لڳي.

مخدوم صاحب، ننگر ٺٽي جي ٻن مسجدن ۾ درس تدريس توڙي دين جي تبليغ جاري رکي. هتي انهن ٻنهي مسجدن جو مختصر تعارف

(1) "بناء الاسلام" (سنڌي، مرتب: محمد يوسف "شاڪر" ابڙو، ڏسو مقدمو ص 7

(2) ايضاً، مرتب: فقير محمد اسماعيل ٺٽوي، ڏسو مقدمو ص 34

(3) ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر: "سنڌ جا اسلامي درسگاهه"، ص 238

ڏجي ٿو:

2. مدرسي واري هاشمي مسجد:

هيءَ مسجد، مخدوم صاحب جي پاڙي اگر محلي ۾ هئي، جتي سندس درس جو سلسلو هلندو هو. انهيءَ مدرسي واريءَ مسجد مان سوَن مسلمانن فيض پرايو. ڏاڍي برڪت ۽ خير واري مسجد هئي. انهيءَ مسجد ۾، مخدوم صاحب پنهنجيون ڪيترين ئي لازوال تصنيفون مڪمل ڪيون. دين جي خدمتگاري، انهيءَ مسجد مان موصوف وينئي ڪئي. انهيءَ مسجد مان ئي هن دين متين جي فروغ ۽ استقامت لاءِ، سنڌ جي حاڪمن ڏانهن خط لکيا. اهائي مسجد سڳوري هئي، جنهن ۾ ويهي، انهيءَ عظيم شخصيت فقهي مسئلن مطابق فتوائون جاري ڪيون، جن سنڌ ۾ اسلامي قاعدي قانون کي جِلا بخشي.

مخدوم صاحب جو دستور هو، ته پاڻ پنهنجي انهيءَ مسجد ۾ هر روز ٽيپهريءَ جو حديث سڳوريءَ جو درس ڏيندو هو. مخدوم صاحب کان پوءِ، سندس فرزند مخدوم عبداللطيف پنهنجي والد جي مسند تي ويهي، ساڳئي برڪت واري شغل کي جاري رکيو. مخدوم عبداللطيف جڏهن سن 1187ھ/1773ع ۾ ميان محمد سرفراز ڪلهوڙي جي لشڪر ۾ قضا جي عهدي تي فائز ٿي ويو، تڏهن سندس فرزند ميان ابراهيم اها خدمت بجا آڻڻ شروع ڪئي، تاوقتيڪ هو بزرگ (مخدوم ابراهيم) ٺٽي مان لڏي ڪراچيءَ ويو. اتان پوءِ مستقل طرح ڪڇ جي مڏئي شهر ۾ وڃي وِيٺو. انهيءَ مسجد ۾.صبح جي وقت، مخدوم صاحب وڏي جي وقت کان مدرسو قائم ٿيندو هو، ۽ ٽيپهريءَ بعد فقط حديث جو درس ڏنو ويندو هو. اها مسجد ٽالپر حڪومت تائين موجود هئي.* جنهن بعد ٺٽي ۾، نه مخدوم صاحب جو ڪو اولاد رهيو، نه مدرسو باقي رهيو ۽ نه ڪو حديث جي درس ڏيڻ وارو رهيو. اِنا للهِ و اِنا اِليه راجعون! سڀ شيءِ فنا آهي. بقا فقط الله جي

* نوٽ: مخدوم صاحب جي انهيءَ گهر ۽ مدرسي واري مسمار ٿيل مسجد کي ويجهڙ ۾ مخدوم صاحب جي خدمتگار (ايس پي راهوخان بروهي جي پيءُ) محمد علي بروهيءَ (عمر 75 سال) نئين سر جديد نموني تعمير ڪرايو هو. انهي مسجد جو امام مولوي انور حسين ميمڻ آهي. جيڪو مدرسه مجدديه عثمانيه، ميمڻ محله، ٺٽي ۾ عربيءَ جو استاد پڻ آهي. اسان 29 ڊسمبر 1992ع تي مسجد جو ديدار ڪيو ۽ فوٽو پڻ ڪڍيو. (ليکڪ)

ذات کي آهي.[1]

3. جامع خسرو (دابگران واري مسجد):

هي مسجد، جنهن ۾ مخدوم صاحب هر جمعي جي صبح تي وعظ فرمائيندو هو. ڪانئس پوءِ، سندس فرزند عبداللطيف به پيءُ وارو طريقو قائم رکندو آيو. ان کان پوءِ مخدوم ابراهيم (جنهن کي عام طرح ”مڏئي مرقد“ سڏيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته هُو پوءِ ڪن سببن ڪري ٺٽي مان لڏي وڃي مڏئي ۾ رهيو ۽ اُتي فوت ٿيو.) انهيءَ مسجد ۾ وعظ ڪندو هو.

”جامع خسرو“ کي ”دابگران واري مسجد“ به چيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته اها مسجد ”دابگران جي محلي“ ۾ هئي. هن وقت نه اهو محلو آهي، نه اُن جا مڪين موجود آهن. محلي ۽ ماڻهن جي نه هئڻ ڪري ڪو نماز پڙهڻ وارو ڪونه رهيو. اهڙيءَ طرح مسجد زبون ٿي ويئي. هن وقت آثار قديمه جو محڪمو مسجد جي سنڀال ڪري ٿو.* مسجد جي محراب تي هيءُ ڪتبو، هڪ سٽ ۾ موجود آهي.

”بسم الله الرحمٰن الرحيم. محمد رسول الله والذي معه اشداء علي الکفار و رحماء بينهم 997هه.“

مسجد جي جوڙجڪ ۽ ڪاشيءَ جي ڪم جي رٿا لاجواب آهي. خاص ڪري اندريون محراب پٿر جي اُڪر جو بهترين نمونو آهي.[2]

مخدوم صاحب جا شاگرد

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي هڪ برک عالم، جيد فاضل، بهترين مُدرس ۽ استاد هو. سندس علم ۽ مدرسي جي هاڪَ سموريءَ سنڌ، هند، عرب و عجم ۾ مشهور هئي. پاڻ سموري زندگيءَ احڪامِ شريعت جي

(1) سيد حسام الدين راشدي: ”ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون“، ص 106

* نوٽ: هن وقت انهي تاريخي مسجد ”جامع خسرو“ جو محل وقوع، ٺٽي کان سجاول ويندڙ روڊ جي لڳ اوپر طرف آهي ۽ فن تعمير جو هڪ بهتر نمونو آهي. اها تاريخي مسجد هن وقت تمام جهوني آهي. ان جو مٿيون وچون گنبذ شهيد ٿي چڪو آهي. سندس سارسنڀال محڪمه آثار قديمه جي حوالي آهي. اسان 29 ڊسمبر 1992ع تي انهيءَ مسجد جو روبرو معائنو ڪيو ۽ فوٽو ڪڍيو. مولوي انور حسين ميمڻ به راقم سان گڏ هو. (ليکڪ)

(2) ايضاً، ص 89، 102

پابندي، تصنيف ۽ تاليف سان گڏ ديني علوم جو درسُ عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ ڏيندو رهيو. ان ڪري سندس ڪيترا شاگرد عالم فاضل، فقيه، محدث ۽ مفسر ٿي فارغ ٿيا. انهن مان گهڻن جا نالا تاريخ جي صفحن تان متجي ويا آهن، ڇاڪاڻ ته زمانو گذري ويو ۽ مخدوم صاحب جي علمي سج جي شعاع ۽ عظمت جي آڏو انهن علمي ستارن جو سوجهرو ۽ نالو گهٽ مشهور ٿي سگهيو. اهوئي سبب آهي، جو سندس شاگردن جي ڪا سلسليوار فهرست موجود نه آهي. خوش قسمتي سان ڪن تاريخي تذڪرن ۾، سندس ڪن شاگردن جا نالا محفوظ رهجي ويا آهن ۽ انهن جو جيڪو احوال دستياب ٿي سگهيو آهي، اهو هتي ڏجي ٿو:

1. سيد شهمير شاهه مٽياروي: هيءُ سيد سڳورو، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي عزيزن مان هڪ وڏو عالم، فاضل ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو شاگرد هو.[1] شاهه صاحب سُنت جي زنده رکڻ ۽ اسلامي مقدمن جي حمايت ۾، تمام گهڻو مبالغو ڪندو هو. سدائين انهيءَ ڪم ۾ مشغول رهندو هو ۽ هر ديني ڪم لاءِ طالب علمن جي جماعت وٺي، دين جي تقويت لاءِ دل و جان سان ڪوشش ڪندو هو.[2] سندس وفات سن 1177هه/1763ع ۾ ٿي.

2. مخدوم مئيڏنو نصرپوري: مخدوم مئيڏنو نصرپوري، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو شاگرد هو.[3] مخدوم مئيڏنو ٻارهين صدي هجريءَ ۾، وڏو ڪامل ۽ فقه جي فن جو جامع، تيز ۽ متبحر عالم ٿي گذريو آهي. فقه جي علم ۾ گهڻن عالمن کان وڌيڪ ماهر هو. ڪيترا ڏکيا مسئلا، بنا ڪنهن هٻڪ ۽ رنڊڪ جي حل ڪري ڇڏيندو هو. سندس مدرسي مان ڪيترائي علم جا شائق پروانا پڙهي نڪتا. علمي لياقتن سان گڏ سيني ڪماليتن ۾، خلق الله ۾ مشهور سالڪ ٿي گذريو آهي.[4]

(1) مولوي دين محمد وفائي: ”لطيف اللطيف“ (سنڌي)، ص 91
(2) ”تحفة الڪرام“ (سنڌي)، ص 242
(3) قاضي محمد اڪرم نصرپوري: ”اِمعان النظر“ (عربي)، مرتب: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، ڏسو مقدمو ص 11
(4) ”سنڌ جا اسلامي درسگاهه“، ص 197

هيءُ ڀلارو بزرگ، عالم، فقيه ۽ صوفي، نصرپور ۾ مخدوم روح الله کان پوءِ، صاحبِ قضا ۽ فتويٰ جو مالڪ بڻيو. سندس معاصرين مان مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي، مخدوم محمد صادق ڳچيرائي ۽ مخدوم عثمان متعلوي آهن. جن سان هن بزرگ جا بعض فقهي مسئلن تي ردڪد ۽ مناظرا رهيا آهن.

مخدوم مئيڏنو مريد هو مخدوم محمد امين ڍاسوڙي واري جو. مخدوم مئيڏنو تمام ٻڍاپڻ ۾، سن 1181هه/1767ع ۾ هن فاني دنيا مان رحلت فرمائي ويو. کيس نصرپور ۾ سپردِ خاڪ ڪيو ويو.[1]

3. مخدوم عبدالرحمان: هيءُ ڀلارو شاگرد، مخدوم صاحب جو وڏو فرزند هو. فقه ۽ حديث جي علم جو وڏو ماهر هو. مخدوم صاحب جي وفات کان پوءِ جهوناڳڙهه هليو ويو ۽ وفات به اُتي ٿي اندازاً سن 1181هه/1768ع ۾ ڪيائين. سندس وڌيڪ احوال مخدوم صاحب جي اولاد ۾ ايندو.

4. سيد محمد صالح شاهه جيلاني گهوٽڪيءَ وارو: هيءُ جيلاني سيد، مخدوم صاحب جو شاگرد هو. سيد محمد صالح شاهه جو والد حضرت موسيٰ شاهه وري مخدوم صاحب جو همعصر هو. سيد محمد صالح شاهه سن 1122هه/1710ع ۾ ڄائو سندس ڪُنيت "ابوجمال" ۽ لقب "متقي" هو.

سيد محمد صالح شاهه ٻارهين صديءَ جي وڏي محدث، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ کان تعليم پرائي. هن خاندان وٽ اڃا تائين "صحيح بخاري" جو اهو قلمي نسخو موجود آهي، جنهن تي مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ، سيد محمد صالح شاهه کي علم کان فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ، پنهنجي هٿ اکرين اسناد فراغت ۽ اجازت فرمائي آهي.

هيءُ سيد سڳورو، شريعت ۽ طريقت جو صاحب ۽ ڪامل ولي هو. سندس وفات اربع جي ڏينهن، 11 شوال المڪرم 1182هه/17 فيبروري 1669ع تي ٿي. سندس مقبرو وڏي خانقاهه ۾ آهي.[2]

(1) "تذڪره مشاهير سنڌ"، جلد 2، ص 187، 188

(2) مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي: "جيلاني سيد سنڌ ۾" (مقالو)، ٽماهي "الرحيم" سنڌي، نمبر 2 ـ 1967ع، ص 20 ـ 25 (تلخيص)

5. مخدوم ابوالحسن صغير ٺٽوي مدني: سندس نالو غلام حسين بن محمد صادق نقشبندي آهي. هن بزرگ کي "صغير" ان ڪري چيو وڃي ٿو، ته جيئن ابوالحسن ڪبير کان جدا سڃاڻپ ۾ اچي. ياد رهي ته سنڌ ۾ ابوالحسن جي نالي سان چار بزرگ مشهور ٿي گذريا آهن. انهن جو احوال، مخدوم صاحب جي همعصرن ۾ ايندو. ابوالحسن صغير اصل ۾ ٺٽي جو ويٺل هو ۽ مخدوم صاحب کان علم حاصل ڪيو هئائين. پر پوءِ قسمت سانگي مديني منوره ۾ وڃي رهيو اتي به سنڌ جي عالم، محمد حيات مدنيءَ جي وفات کان پوءِ، سندس جاءِ تي پڙهائيندو رهيو.

ابوالحسن صغير جا هيءُ ڪتاب يادگار آهن: شرح نخبة الفڪر، حواشي الدرالمختار، مختار الانوار ۽ رجال مسند احمد بن حنبل وغيره. سندس وفات رمضان المبارڪ 1187هه/نومبر 1773ع ۾ مديني منوره ۾ ٿي ۽ جنة البقيع ۾ دفن ٿيو.[1]

6. مخدوم عبداللطيف: هيءُ بزرگ، مخدوم صاحب جو ٻيو نمبر فرزند ۽ شاگرد هو. علم ۽ فضل ۾ وڏو ڪامل هو. سنڌ جي حاڪم، ميان سرفراز ڪلهوڙي جي دور ۾، سن 1187هه/1773ع ۾ قاضي مقرر ٿيو هو. سندس وڌيڪ احوال، مخدوم جي اولاد جي بيان ۾ ڏنو ويو آهي.

7. شاهه فقير الله علوي شڪارپوري: هن بزرگ جا وڏا "جلال آباد" (افغانستان) ويجهو "حصارڪ" ۾ رهندا هئا. سندس ولادت سن 1100هه/1689ع ۾ حصارڪ جي ويجهو هڪ ڳوٺ "روتاس" ۾ ٿي. ظاهري علوم افغانستان ۽ هندستان جي عالمن کان حاصل ڪيائين. حرمين شريفين جي محدثن کان به فيض حاصل ڪيو هئائين. پاڻ بار بار حرمين جي سفر تي ويندو هو. طريقت ۾ محمد مسعود پشاوري ۽ محمد سعيد لاهوريءَ کان خلافت جو خرقو ڍڪيائين. جوانيءَ ۾ اصل وطن ڇڏي، سير سفر ڪندو رهيو. آخر سن 1150هه/1737ع ۾ سنڌ ۾ "شڪارپور" کي پنهنجو وطن ڪري ويهي رهيو. فقير الله علويءَ، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ کان حديث، فقه ۽

(1) "بذل القوه" (عربي) ڏسو مقدمو ص 47

طريقت جي سلسلن، اوراد ۽ اذڪار وغيره ۾ اجازت حاصل ڪئي هئي.[1] ديني علوم ۽ تصوف ۾ ڪامل هو. هميشه هدايت ۽ تلقين جو شغل جاري رکيائين. وقت جا وڏا امير سندس معتقد هوندا هئا. جهڙوڪ: احمد شاهه ابدالي والي افغانستان، نصير خان بروهي والي قلات، محبت خان بلوچ والي مڪران، ميان سرفراز ڪلهوڙو والي سنڌ ۽ ٻيا. پاڻ عربي ۽ فارسيءَ جو شاعر به هو. بهترين ڪتبخانو پڻ هئس. پاڻ گهڻائي ڪتاب لکيا هئائين. جيئن ته: مڪتوبات شريف، فتح الجميل، براهين نجات، فيوضات الاهيه، طريق الارشاد، منتخب الاصول، وثيقة الاڪابر، قطب الارشاد، فتوحات الغيبيةِ، قصيده مبروره، ڪتاب الازهار، فوائد فقير الله طب و اوراد، محمود الاوراد، شرح قصيده بانت سعاد، ملفوظات، مجموعه ملفوظات و عمليات، شرح مثنوي بعض ابيات وغيره. الحاج فقير الله علوي 3 صفر المظفر 1195هه/29 جنوري 1781ع تي شڪارپور* ۾ وفات ڪئي.[2] سندس مزار مرجع خاص و عام آهي.

8. مخدوم عبدالله منڌرو نرئي وارو: هيءُ بزرگ ذات جو منڌرو، بدين تعلقي ۾ "مانڌر" واري ايراضيءَ ۾ رهندڙ هو. ننڍي هوندي مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ کان تعليم ورتائين. پوءِ ڪن اڻ ڄاتل سببن جي ڪري "مانڌر" مان لڏي، ڪڇ ملڪ هليو ويو ۽ اتي "نرئي" نالي ڳوٺ ۾ وڃي رهيو. پر اُتي به هن کي نه سُڪ ويو. لاچار اتان به لڏي، هڪ ٻئي ڳوٺ "سريءَ" (تعلقو ابڙاسو) ۾ وڃي رهيو. ڪڇ جو راجا به سندس معتقد هو. مخدوم عبدالله جو اولاد ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو. سندس ڪتابن جو وڏو ذخيرو، سندس پوين وٽ ڪڇ ۾ رهجي ويو.[3] سندس تصنيفن مان هيٺيان ڪتاب يادگار آهن: ڪنزالعبرت، قمرالمنير، بدرالمنير، نورالابصار، خزينه اعظم،

(1) "سنڌ جا اسلامي درسگاهه"، ص 256، 266

* نوٽ: شڪارپور سنڌ جو تاريخي شهر آهي. ڪنهن وقت هن شهر جو واپار ڪابل ۽ قنڌار تائين هلندڙ هو. شڪارپور شهر کي عالم پناهه ڏنل هئي، جنهن کي اَٺ دروازا هئا: 1. لکي در 2. هزاري در 3. هاٿي در 4. خانپوري در 5. ڪرن در 6. واڳڻو در 7. سيوي در ۽ 8. نوشهرو در. (ليکڪ)

(2) "الوحيد"، سنڌ آزاد نمبر ص 36، 37

(3) ڊاڪٽر غلام علي الانا: "سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي"، ص 36

تفسير يوسف، هفت بهشت، غزوات، خزينة الابرار، شجاعت سيد الانام، خلفاءِ راشدين، سنگ نامو، ايمان مجمل ۽ مفصل، نڪاح جي ترتيب ۽ ورثو.[1] سندس مزار ڪڇ طرف، ڳوٺ "ستريون" تعلقي نرئي ۾ آهي.[2]

مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ ڊاڪٽر يار محمد، مخدوم عبدالله جي ولادت جو سن 1150هه/1737ع ڄاڻايو آهي. البت، سندس وفات جي سن کان اهي به خاموش آهن.

رچرڊبرٽن، مخدوم عبدالله جو لکت ۾ پهريون ڀيرو احوال آندو آهي. هن به سندس ولادت ۽ وفات جي سال جي ڇنڊڇاڻ ڪانه ڪئي آهي. هُو لکي ٿو:

"مخدوم محمد هاشم کان پوءِ، ٻيو سنڌيءَ جو مشهور نثر (نظم) نگار مخدوم عبدالله ناڙي وارو هو. هُو اٽڪل ٽيهه سال ٿيا، ته ستري ۾ گذاري ويو."[3]

برٽن، مخدوم عبدالله جي وفات جو سال وضاحت سان ڪونه لکيو آهي. پر ايترو اشارو ضرور ڪيائين، ته هن ڪتاب لکڻ کان ٽيهه سال اڳ ۾ گذاري ويو آهي. برٽن اهو ڪتاب سن 1268هه/1851ع ۾ انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان اٺ نوَ سال بعد ۾ لکيو هو. ڪتاب جي هن سال مان برٽن جي لکت موجب ٽيهه سال ڪيا، ته پوءِ سن 1238ع/1821ع بيهندو، جنهن کي مخدوم عبدالله جي وفات جو سال قرار ڏئي سگهجي ٿو. مخدوم عبدالله جي ولادت ۽ وفات جي سنن جي حساب ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو، ته مخدوم عبدالله جي عمر هجري سن مطابق 88 سال ۽ عيسوي سن مطابق 84 سال ٿئي ٿي. اها عمر قرين قياس به آهي.

هن سڄي بحث جو نتيجو اهو نڪري ٿو، ته مخدوم عبدالله جي ولادت جو سن 1150هه/1737ع آهي ۽ سندس وفات اندازاً سن 1238هه/1821ع ۾ ٿي. هن حساب سان مخدوم عبدالله حياتيءَ جون 84

(1) مخدوم عبدالله: "ڪنزالعبرت"، مرتب: علامه قاسمي، ڏسو مقدمو ص ح

(2) امداد علي سرائي: "قدم ڪاپڙين جا"، ص 130

(3) رچرڊ برٽن "سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون"، ص 78

يا 88 بهارون ماڻي. هن دنيا مان گذاري ويو.

رهيو سوال ته مخدوم عبدالله جو سنڌ جي تاريخ ۾ بنهه گهٽ احوال ملي ٿو. ان جو سبب اهو ٿي سگهي ٿو، ته هُو سنڌ کان پاسيرو ۽ پرپرو ڪچ طرف وڃي رهيو هو. ان ڪري تذڪره نويسن کي سندس احوال نه ملي سگهيو، يا مليو ته بنهه گهٽ. والله اعلم. ويجهڙ ۾ ڊاڪٽر بلوچ مخدوم عبدالله ترئي واري جو ڪتاب "جامع الڪلام" (عربي ۽ فارسي خط) مرتب ڪري 2006ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڄام شوري طرفان شايع ڪيو آهي.

9. مخدوم عبدالخالق ٺٽوي: هيءُ بزرگ، مخدوم صاحب جو پيارو شاگرد ۽ مريد هو. ٺٽي جو رهاڪو هو. مخدوم صاحب جي درسگاهه هاشميه ۾ نائب معلم طور تعليم به ڏيندو هو. ان هڪ ڪتاب "مطلوب المومنين" نالي سنڌي نظم ۾ تحرير ڪيو هو، جيڪو پوءِ مخدوم صاحب درست ۽ منظور ڪرڻ فرمايو. اهو ڪتاب سن 1157هه/1744ع ۾ لکجي تيار ٿيو. مخدوم عبدالخالق ڪتاب ۾، پنهنجي محسن استاد ۽ رهبر مخدوم صاحب جو ذڪر هن طرح ادب سان ڪيو آهي.

جڏهن نسخو هن ناقص جواچي تمام ٿئو،
تڏهن منجهه خدمت مرشد پنهنجي وٺي آءٌ ويو،
جو عالم عارف ڪامل، زاهد زماني جو،
حاجي محمد هاشم نالو جنهن جو، مولوي مشهور ڪيو،
راتو ڏينهان رحمت رب جي، شال شامل سيڻن هوءِ،
سين اهل اولاد سندن ۽ مڙن مُحبنئو.(1)

مخدوم عبدالخالق ٺٽويءَ سن 1157هه/1744ع ۾ هيءُ ڪتاب اسلامي احڪامن بابت خاص طرح طالبن جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ تصنيف ڪيو. انهيءَ جو مواد اصل مصنف "طبراني" جي عربي ڪتاب "الطريقة المحمديةِ" تان ڪنيائين ۽ سنڌيءَ ۾ آندائين، ته جيئن شاگرد سولي سنڌي

(1) مخدوم عبدالخالق ٺٽوي: "مطلوب المومنين"، ص 181

ٻوليءَ ۾ پڙهي ۽ سمجهي سگهن:

اڪثر هن سنڌي ۾ جيڪي درج ٿيو،
سو 'طريقة المحمدي' ڪنان ميڙي مون لکيو،
ڪارڻ طلب طالبين هي رسالو لکيوم،
'مطلوب المومنين سنڌي' نالو تنهن رکيوم،
سنڌي وائي سهڪي سيپئي پروڙين،
عاصي عبدالخالق کي دُعا مانَ ڪرين.(1)

مخدوم عبدالخالق جي پٽ مخدوم محمد "سورة الملڪ" جو منظوم سنڌي ترجمو محرم 1193هه/جنوري 1779ع ۾ جوڙي راس ڪيو، جنهن جو قلمي نسخو برٽش ميوزيم لائبرريءَ ۾ آهي. ان جي شروعات هن ريت آهي:

ساراهجي ته صاحب کي، جنهن قادر مُڪو قرآن،
مٿي مير محمد ڪارڻي، جو شافع سڀ جهان.(2)

مخدوم عبدالخالق جيئن ته مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو پيارو شاگرد ۽ مريد هو، ان ڪري پاڻ ضرور مڪليءَ جي تاريخي قبرستان ۾، قرب جوار ۾ دفن ٿيل هوندو! ان سلسلي ۾ هن وقت مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي مزار ۽ قبرستان جي خادم، محمد نور جوکيي (عمر 65 سال) کان پڇا ڪئي ويئي، ته هُو مخدوم عبدالخالق جي مزار جي نشاندهي ڪري ۽ اسان جي رهنمائي ڪري. پر هُو مخدوم عبدالخالق جي قبر کان لاعلمي ڏيکاري! خدمتگار محمد نور جي وفات کان پوءِ هن وقت مخدوم محمد هاشم جي مزار جو خادم سندس پٽ نذير احمد جوکيو آهي.

10. مخدوم نور محمد نصرپوري: مخدوم نور محمد، سنئون سڌو

(1) مخدوم عبدالخالق جو هڪ ٻيو ڪتاب "ميت جي ڇوٽڪاري لاءِ دعا جو رسالو" جي نالي سان برٽش ميوزيم ۾ موجود آهي. ان جي شروعات هن ريت ٿيل آهي:
ساراهجي سو ڌڻي، جو جياري ۽ ماري،
(ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ"، ص 403)

(2) ايضاً، ص 395

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو شاگرد هو. ان لحاظ کان هن بزرگ جو اسلامي علوم ۾ وڏو مرتبو هو. هن بزرگ جو مشهور شاگرد، مخدوم محمد عثمان مٽياروي به هڪ وڏو محدث ٿي گذريو آهي. مخدوم محمد عثمان جا ٻه همعصر مشهور آهن: هڪ مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي ۽ ٻيو مخدوم ابراهيم ٺٽوي، جيڪو مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو پوٽو پڻ آهي.[1]

مخدوم نور محمد مشهور عالم، محدث ۽ صوفي هو. علم هيئت ۽ نجوم جو ڄاڻو هو. فقهي فضيلتن ۽ علمي ڪماليتن ۾ پنهنجي وقت جو وڏو رهبر هو. ڪجهه عرصو ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي لشڪر ۾ قضا جي عهدي تي به سرفراز رهيو.

11. شيخ الاسلام مراد سيوهاڻي: شيخ مراد انصاري، سيوهڻ جو رهاڪو هو ۽ سندس لقب "شيخ الاسلام" هو. پاڻ پنهنجي اهل اولاد سميت سنڌ مان هجرت ڪري، عرب ديس ۾ وڃي رهيو. شيخ مراد سيوهاڻي، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي شاگردن مان آهي. "قصيده برده شريف" جي مخدوم صاحب کان اجازت حاصل ڪئي هئائين. مولانا دين محمد وفائي لکي ٿو:

"مراد سيوهاڻي انصاريءَ جي حضرت خضر عليه السلام سان به ملاقات رهندي هئي ۽ وٽانئس تصوف جو خرقو به ڏنيو هئائين. وفات وقت پنهنجي پُٽ شيخ حسن سنڌيءَ کي چيائين، ته اِجهو خضر عليه السلام مون کان موڪلائڻ آيو هو ۽ ڪيس تنهنجي پارت ڪئي اٿم، ته تنهنجي آئيءَ وقت امداد ڪندو رهي. مراد سيوهاڻيءَ جو فرزند شيخ حسين سنڌي سيوهاڻي ۽ پوٽو شيخ محمد عابد سنڌي مدني به وڏا بزرگ ۽ محدث ٿي گذريا آهن."[2]

(1) ٽماهي "الرحيم" حيدرآباد سنڌ، نمبر 3 ـ 4، 1967ع، ص 30
(2) دين محمد وفائي: "تذڪره مشاهير سنڌ"، جلد 3، تلخيص 48 ـ 252

12. عزت الله ڪيريو: عزت الله ڪيريو، "چوٽيارين" جو رهاڪو هو ۽ مخدوم صاحب جو سنئون سڌو شاگرد هو. وٽس چوٽيارين مان هلي، ٺٽي ۾ وڃي پڙهيو هو. عزت الله، مخدوم صاحب جي همعصر بزرگ ميين محمد مُبين چوٽياريءَ جو ڀائٽيو هو. عزت الله کي پنهنجي چاچي ميين محمد مُبين، ٺٽي ۾، مخدوم صاحب وٽ تعليم پرائڻ لاءِ موڪليو هو. ان سلسلي ۾، ميين محمد مُبين پنهنجي ڀائٽيي کي مخدوم صاحب ڏانهن سفارشي ۽ پارت جو خطُ به لکي ڏنو هو، ته منهنجي ڀائٽيي کي مدرسه هاشميه ۾ اوهان پاڻ پڙهائجو.. اهو خط اڃا تائين چوٽياروي بزرگن جي پوين وٽ عبدالحڪيم نالي شخص وٽ مديني منوره ۾ موجود آهي.

عزت الله عالم فاضل هو. حج به ڪيو هئائين ۽ پنهنجي استاد مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ سان سندس خط و ڪتابت به هوندي هئي. عزت الله سٺو ڪاتب به هو. پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي چاچي جي ڪتبخاني لاءِ ڪتاب اُتاريندو هو.[1]

13. حافظ آدم طالب علم (ٺٽوي؟): حافظ آدم، مخدوم صاحب جو شاگرد هو. مخدوم صاحب جي وصال ڪرڻ بعد، مخدوم صاحب کي جن ڀلارن بزرگن غسل ڏياريو هو، انهيءَ خدمت ۾ حافظ آدم طالب علم به شامل هو.[2]

14. نور محمد "خسته" ٺڪرائي: هيءُ شاعر ٻارهين صدي هجريءَ جي وچ واري دور جو آهي ۽ "وسي شهمير شاهه" ٺڪڙ جو وينل هو. هن بزرگ، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي درسگاهه ۾ تعليم ورتي هئي. سندس ولادت ۽ زندگيءَ جا مفصل حالات معلوم نه ٿي سگهيا آهن. "خسته" جي فارسي ڳاڏڙ سنڌي ڪلام جو نمونو هي آهي:

تابر افگندي از رخ تو نقاب.

(1) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "درسگاهه چوٽياريون" (مقالو)، ڏسو ماهوار "پيغام" ڪراچي، آگسٽ ـ سيپٽمبر 1980ع، ص 13
(2) مخدوم عبداللطيف ٺٽوي: "مناقب مخدوم محمد هاشم" (قلمي فارسي)، ص 2

حشر ٿيو، آفتاب لايو تاب.
آن منم کز تصادمِ هجران،
روز شب ٿو رهان بي خور و خواب.
ڪشتيءَ عمر من بہ بحر غمت،
لهر لوڏن هَٽي ڪئي غرقاب.
تابشِ حسن بيمثال سندئي،
بره ڏيئي وري ڪيو بيتاب.
”خستہ“ و خوار منجهہ ’وسي‘ مون جيئن،
نيست ديگر ڪسي شيخ و شاب.[1]

جديد تحقيق موجب مخدوم صاحب جي هنن ٽن شاگردن جا نالا وڌيڪ ملي سگهيا آهن:

1. شيخ عبدالحفيظ بن درويش العجيمي المڪي.
2. سيد عبدالرحمان بن محمد اسلم الحنفي المڪي.
3. محمد بن محمد اشرف بن آدم السندي النقشبندي. (بحوالہ ”اللؤلؤ المڪنون في تحقيق مد السڪون“- عربي- تحقيق: قاري عبدالقيوم السندي المڪي، 1999ع، ص 18، چپيل ڪراچي)

----

[1] اسد ٺٽائي: ”تذڪره شعراءِ ٺٽہ“، ص 18

باب پنجون

ديني خدمتون

شريعت جي پابندي

شريعت سجاڻ، ڪر طريقت تڪيو،
هنيون حقيقت هير تون، ماڳ معرفت ڄاڻ،
هوءِ ثابوتي ساڻ، تہ پسڻان پالهو رهين!

الله تعاليٰ طرفان رسول الله ﷺ جن تي نازل ٿيل قرآن حڪيم، حق ۽ هدايت، رحمت ۽ حڪمت جو سرچشمو آهي. قرآني تعليمات جو اهم مقصد، چڱن ڪمن جو امر ڪرڻ ۽ بڇڙن ڪمن کان روڪڻ آهي. ان ڪري هرهڪ انسان ڪي قرآني تعليم ۽ سُنت رسول تي عمل ڪرڻ لازمي آهي. هن دنيا ۾، انسانن ۽ جنن جي اچڻ جو مقصد بہ الله تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ آهي. مگر علماءِ ڪرام تي اهو بار اجا بہ سوايو آهي تہ اهي قرآني تعليم، سُنتِ رسول ۽ امر نهي جو پيغام پهچائين ۽ پرچار ڪن. گمراهن ڪي حق جو رستو ڏيکارين ۽ ظالمن ڪي بہ ظلم کان روڪين.

اڳين قومن ۽ انهن جي عالمن ڪي بہ ان ڪري نِنديو ويو آهي، جو اُهي حق جون ڳالهيون لڪائيندا هئا. ڪو وڏو ماڻهو گناهہ ڪندو هو تہ خدائي قانون جي تحريف ڪري، ان ڪي وڏيءَ سزا جي عيوض هلڪي سزا ڏيندا هئا. ان ڪري اهي قومون خدا جي غضب هيٺ اچي ويون. ٻئي طرف اصلاحي دعوت ۽ تبليغ جي ڪري، الله تعاليٰ اسان ڪي ”خير اُمةِ“ يعني ڀلي اُمت ڪري سڏيو آهي. بهر حال، هيءَ دنيا عمل جو ميدان آهي، جنهن ۾ جو ڪجهہ ماڻهو پوکيندو، تہ اڳتي اهائي پوک لڻندو.

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي بہ هڪ جيد عالم، ڪامل ولي، عاشقِ رسول ﷺ ۽ شريعت جو پابند هو. تنهنڪري الله ۽ رسول جي ارشاد

موجب مٿس اهو بار ٿي پيو ته، هُو، پنهنجي علم مان ماڻهن کي روشنائي، خلق خدا کي قرآن ۽ سُنت جي تعليم ڏئي ۽ امرنهي جي بجا آور ڪري. ان ڪري مخدوم صاحب پرينءَ جو پيغام پهچائڻ، امرنهي ۽ شرعي احڪامن جاري ڪرڻ ۾، رات ڏينهن ڪوشش ڪندو رهيو. حق جي چوڻ ۾ ڪنهن جي ملامت ۽ مخالفت جو خيال نه ڪندو هو ۽ ڪرڻ به نه گهرجي: ”چون دل شيرنداري سفر عشق مکن.“ مطلب ته شينهن جهڙي دل نه هجُئي، ته عشق جو سفر نه ڪرا مخدوم صاحب به ڏيا وارو، شير دل هو. هميشه تقرير، تحرير، علم ۽ قلم سان اسلام جي خدمت ڪندو رهيو. نتيجي ۾ اجايون ريتون رسمون ختم ٿي ويون ۽ بدعتن کي ٻُنجو اڇي ويو. جهالت ۽ بي دينيءَ جي پاڙ پٽجي وئي. اهو سمورو ڪم خدا ڪارڻ، دين متين جي سربلنديءَ لاءِ ڪندو رهيو. بقول سچل: ”سچ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وڻي نه وڻي.“ پاڻ شريعت جي خدمت ۽ دين اسلام جو پيغام هڪ ادنيٰ فرد کان وٺي وقت جي حاڪمن تائين پهچايائين. مير علي شير ”قانع“ ٺٽوي لکي ٿو:

> ”(مخدوم محمد هاشم) سُنت جماعت جي مذهب جي تقويت ۽ دين متين جي رسمن زنده ڪرڻ ۾ پنهنجو مٽُ پاڻ هو. هن جي ڏينهن ۾ سندس ڪوشش سان اهڙا وڏا ڪم سرانجام ٿيندا هئا، جيڪي سچي دين جي تائيد جو ڪارڻ هوندا هئا. مشرڪن ۽ دين جي دشمنن تي سندس عمل چڱيءَ طرح جاري هو. سندس وقت ۾ گهٽ ۾ گهٽ سوين ذمي (ڪافر) ايمان سان مشرف ٿيا. نادر شاهه بادشاهه ۽ احمد شاهه جهڙن وقت جي بادشاهن سان خط و ڪتابت جو رستو ڪليل رکندو هو ۽ سندس استدعائن تي دين جي تقويت متعلق دل گهُريا احڪام جاري ٿيندا ۽ چڱيءَ طرح عمل ۾ ايندا هئا. مطلب ته سندن وجود غنيمت هو.“ [1]

[1] ”تحفة الڪرام“، ص 565

مخدوم صاحب دين اسلام جي تبليغ ۽ ترويج لاءِ جيڪي خدمتون ڪيون، سي سج وانگر روشن آهن. هُن نادر شاهه ۽ احمد شاهه ابداليءَ کي سندن ظلم ۽ استبداد خلاف خط موڪليا هئا.[1]

ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي طرفان پروانو

مخدوم صاحب جي علمي هاڪ ۽ شرعي خدمت ماڻهن، طالبن ۽ عالمن سان گڏ وقت جي حڪمرانن تائين پهچي چُڪي هئي. هڪ دفعي ان وقت جو حاڪم، ميان غلام شاهه ڪلهوڙو سندس فيض ۽ علم جو عروج ٻُڌي، سندس زيارت ڪرڻ لاءِ ٺٽي آيو. ميان غلام شاهه، مخدوم صاحب جي نُوراني مُنهن مبارڪ ۽ خدا داد قابليت کان اهڙو ته متاثر ٿيو، جو کين سڄيءَ سنڌ لاءِ ”شيخ الاسلام“ (قاضي القضاة) مقرر ڪيائين. سندس شرعي تحريرون، سرڪاري ڪورٽن ۾ آخري فيصلو ليکيون ويون.[2]

ڄام نندي جي وفات (سن 914هه/1508ع) بعد رفته رفته شهر ٺٽي ۾ دين جي عزت گهٽ ٿيڻ لڳي. ماڻهو فسق و فجور ۽ گناهه جي ڪمن ڏانهن راغب نظر اچڻ لڳا هئا. شهر ۽ ٻهراڙيءَ ۾ نماز گهٽجي وئي. ماڻهو عيش و عشرت ۽ سير و تفريح جا شوقين ٿي ويا هئا. هاڻي ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جو دور شروع ٿي چڪو هو. مخدوم صاحب انهن حالتن کان ميان غلام شاهه کي آگاهه ڪرڻ لاءِ هڪ درخواست نامو روانو ڪيو، جنهن ۾ عوام جا سارا حالات حرف بحرف درج ٿيل هئا. چوري، زناڪاري ۽ غير شرعي ڪمن بابت پوري تفصيل سان بيان ڪيل درخواست ميان غلام شاهه پڙهي غور ڪري، هڪ زبردست پروانو لکي، پنهنجي عالمن، عاملن، حڪومت جي نائبن ۽ پوليس وغيره کي موڪليو، جنهن جو نقل ۽ مطلب ملاحظي لاءِ ڏجي ٿو:

پرواني جو نقل

”سڀني عمالن ڪامورن ۽ نائبن کي جيڪي هينئر موجود آهن

[1] ”بناء الاسلام“، ڏسو مقدمو، ص 38
[2] ”هيڪار“، ص 42

يا انهن جي جاءِ تي هاڻي ايندا، تن کي معلوم هجي ته مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جن جي لکڻ موجب هيٺيان گناهه ملڪ ۾ عام ٿي رهيا آهن، جن کي ختم ڪرڻ لاءِ ۽ شرع محمديءَ جي ترويج لاءِ اوهان سيئي مخدوم صاحب جن سان تعاون ڪريو ۽ سندس حڪمن جي تعميل ڪريو. اسلام ۽ شرع مطابق جيڪو پاڻ فيصلو ڪن، انهيءَ تي عمل ڪرايو ۽ ڪريو.

هيٺين غير شرعي ڪمن جي روڪڻ ۾ سندن هر ممڪن مدد ڪريو. جهڙوڪ: تابوت ڪڍڻ، پٽڻ، عاشوري جي ڏينهن ۾ ماتم ڪرڻ، شراب ۽ ٻين نشي وارين شين جو استعمال، جوا، چوڪري بازي، زنا، فاحشات، ڪڏڻ جو نچڻ، مسلمان عورتن جو تفريح جي خيال سان باغن ۾ گهمڻ ۽ جبل جي سير لاءِ وڃڻ، قبرن تي عورتن جو وڃڻ يا ميت تي آواز سان روئڻ، جيئن ٻيا ماڻهو ٻُڌن ۽ ڪنهن انسان ۽ جاندار جو فوٽو ڪڍڻ سخت منع آهي.

هندوئن کي تاڪيد ڪيو وڃي ٿو ته پنهنجي دوڪانن يا گهٽين ۽ بازارن ۾ ڌوتي مٿي ڪٽي، گوڏا پڌرا ڪري نه هلن.

سيني مسلمانن کي حڪم ٿو ڪجي ته ڏاڙهي شرعي حد جيتري رکائين، ڏاڙهي نه ڪوڙائين ۽ وڏيون مڇون رکائڻ به منع آهي. ڏاڙهي ڪوڙائڻ جي منع آهي.

هندوئن کي منع ٿي ڪجي ته پنهنجي وڏن ڏينهن جهڙوڪ: هولي يا ڏياري وغيره تي کلئي عام جاءِ تي ساز سرود نه وڄائين ۽ نه وري ڪنهن کليءَ جاءِ تي پڳت وغيره ڪن. دُهل ۽ ناقوس وغيره نه وڄائين ۽ مسلم عوام جي سامهون کلين جاين تي بُتن کي سجدو نه ڪن ۽ درياءَ تي وڃي عام ٽڙن تي ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ درياهه جي پوڄا ڪرڻ، جنهن مان ماڻهن ۾ اشتعال ۽ بدنظمي پيدا ٿئي يا اعتراض شروع ٿئي

يا ڪي انهن کي ڏسي براين جا مُرتڪب ٿي پون. اهڙين ڳالهين ۽ هر حرام ڪم ۽ بدعت جي منع آهي.

اوهان کي تنبيهه ٿي ڪجي، ته مسلمان پنهنجي دين جي حڪمن، روزي، نماز، زڪواة، مال ۽ جان جي عبادتن کي بجا آڻين. سخت هدايت ۽ تاڪيد ٿو ڪجي، ته هن حڪمنامي ۾ ڄاڻايل ڳالهين تي اهڙيءَ طرح عمل ڪرايو وڃي، جو هڪ به شخص ڪنهن گناهه جي ڪم جو ارتڪاب ڪري نه سگهي.

جهڙيءَ طرح هيءُ پروانو لکجي ٿو، ان تي پوريءَ طرح عمل ڪيو وڃي. هر آفيسر هن کي پنهنجو ذمو ڪري سمجهي، نه ته ان جي جوابدهيءَ لاءِ خود ذميدار رهندو. تاريخ 2 شعبان 1172هه."[1]

ديني ۽ انقلابي تبليغ جا اثرات:

مٿئين مذڪور فرمان جو نتيجو ڪهڙو نڪتو؟ انهيءَ سلسلي ۾ خانبهادر محمد صديق ميمڻ لکي ٿو:

"پرواني ملڻ کان پوءِ مخدوم صاحب، ٺٽي جي آس پاس جي ڳوٺن وارن مسلمانن کي اسلامي اصولن ۽ شريعت جي قانون تي هلڻ لاءِ مجبور ڪيو. ٺٽي ۽ ان جي آس پاس مان سڀ بدعتون صفا بند ٿي ويون. اوتارن مان ڏاندا، ڪئونڊا ۽ سرڪلياڻ گم ٿي ويا ۽ غير آباد مسجدون وري آباد ٿي ويون."[2]

ٺٽو، ان وقت علم ۽ هنر جو مرڪز هو. ٺٽي ۾ مختلف مڪتبهٴ فڪر جا وڏا وڏا عالم ۽ فاضل، صوفي ۽ درويش، شاعر ۽ سياڻا رهندا هئا. ان ڪري ٺٽي ۾ علمي مجلسن، بحث مباحثي، شعر و شاعري، تصنيف و تاليف جو چهچٽو متل هوندو هو. پر ايترن عالمن ۽ صوفي درويشن هوندي به، ٺٽي ۾ غير شرعي ڪم ٿيندا هئا. جاهل صوفين ڪئين بدعتون جاري

(1) "الوحيد"، سنڌ آزاد نمبر، ص 33
(2) محمد صديق ميمڻ: "سنڌ جي ادبي تاريخ"، جلد 1، ص 152

ڪري وڏيون هيون. انهن جو اثر، عام ماڻهن سان گڏ اهلِ علم ڪي بہ لپيٽ ۾ آڻيندو ۽ وڪوڙيندو ٿي ويو. حڪومت طرفان بہ اسلامي اصولن ۽ شريعت جي پابندي ۽ بدعتن وغيره جي باري ۾ پڇا ڳاڇا ڪانہ ٿيندي هئي.

اهڙي سمي مخدوم صاحب سنڌ ۾ فرمان جاري ڪرائي، اسلامي زندگيءَ ۾ هڪ عظيم اصلاحي انقلاب برپا ڪيو. هزارين انسان، جن جو خدا ڪان ناتو ٽٽل هو، اُهي شريعت پاڪ تي عمل ڪري، صالح ۽ پرهيزگار بنجي پيا ۽ معاشرو سڄو صالح بنجي پيو.

انقلاب رڳو ڳالهين ڪرڻ ۽ هٿَ هٿُ تي رکي ويهڻ ۽ تمنائن رکڻ سان ڪونہ ايندو آهي، پر ان لاءِ سر ڌڙ جي بازي لڳائڻي پوندي آهي. تقرير تحرير، زبان قلم، تن من ڌن، مطلب تہ مالي ۽ جاني قرباني ڏيڻي پوندي آهي. مخالفت جي طوفانن سان ٽڪر ڪائبو آهي. انهن سڀني ڳالهين جي پيشِ نظر مخدوم صاحب انقلاب مان مراد اهو انقلاب وٺي ٿو، جنهن ۾ الله ۽ رسول جو حڪم جاري ٿئي، شريعت جي بالادستي قائم رهي. قرآن ۽ سُنت تي عمل ٿئي، ماڻهو واهيات ۽ خراب ڪم ڇڏي، اعليٰ اخلاق جا صاحب بنجن، شيطان مڪار، عيار ۽ ازلي دشمن جو پاسو ڇڏي، رب رحمان جو رستو وٺن، جنهن مقصد لاءِ انسان هن دنيا ۾ آيو آهي، اهو حقيقي مقصد حاصل ڪن، ماڻهو امن امان، سُک شانتي، محبت ۽ قربت ۾ زندگي گذارين ۽ وڏ ۾ وڏ انسان ذات جي ڀلائي ۽ بهتري ٿئي، جهالت جون ريتون رسمون بند ٿين، ظلم ۽ تشدد جا بنڌڻ ٽُٽن: ماڻهن ۾ اخوت، محبت، اسلامي روح ۽ جذبو اُڀارجي. اڳين ڪرڻ سان ترقي ۽ جاڳرتا ٿيندي، ۽ واڌاري ۽ سُڌاري جون نيون راهون کُلنديون ۽ املهہ اتساهہ پڻ ملندو.

مخدوم صاحب انهيءَ انقلاب جو حامي نہ هو، جنهن سان مارڌاڙ، ملڪ ۾ فتنو فساد، ڦُرلٽ، هنگامہ آرائي، ماڻهن جو امن امان برباد، ڌڪيڙ ۽ بدامني پيدا ٿئي ۽ هر هڪ جو سُک ۽ آرام ڦٽي. اهي ڳالهيون تہ ظلم جي عڪاسي ڪن ٿيون. بلڪ مخدوم صاحب تہ ماڻهن جي سک سلامتي، امن امان، شريعت جي بالادستي ۽ خوشحاليءَ جو خواهان هو:

اوروں کا پیغام اور ہے،

میرا پیغام اور ہے،
عشق کے دردمند کا طرز کلام
اور ہے.

بهرحال، مخدوم صاحب دين متين جي سربلنديءَ لاءِ اهو ڪارنامو سرانجام ڏنو، جنهن لاءِ هن وقت وڏيون سياسي جماعتون، ادارا ۽ حڪومتون بہ مصلحت طور عاجز نظر اچي رهيون آهن. مشڪل سان اهو حق ادا ڪري سگهن. پر الله تعاليٰ قادر ڪريم آهي! خود الله تعاليٰ جا موڪليل نبي ۽ رسول بہ انقلابي هئا، ڇو تہ انهن بہ گمراهي ۽ بگڙيل معاشري جي جاءِ تي نئين شريعت آڻڻ تي گهري. نئون ۽ صاف سٿرو پاڪ نظام آڻڻ تي چاهيو. تنهنڪري اها ڳالهہ سندن قومن ڪي نہ وڻي ۽ سندن مخالفت ۾ اُٿي ڪڙا ٿيا. خود اسان جو پيارو پيغمبر بہ "رحمة للعالمين" هو، پر تنهن هوندي بہ مخالفن سندن مخالفت ۾ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳايو، مگر الله تعاليٰ دين اسلام ڪي پورو ۽ ڪامل ڪيو. ۽ چراغ - مصطفوي نہ اُجهاڻو ۽ تا ابد روشن رهيو ۽ رهندو!

اهو لازمي اوس ٿيڻو هو تہ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي انهيءَ عظيم انقلاب جي انفرادي يا اجتماعي طور مخالفت ٿيندي، پر مخدوم صاحب هماليہ وانگر مضبوط ۽ اٽل رهيو.

هونئن بہ ڇڙواڳ خيال، شريعت جي احڪامن تي عمل ڪرڻ ڪان مُنهن موڙي، ڪئين بهانا بنائي ۽ حيلا هلائيندا آهن. پنهنجي من مستين ماڻڻ لاءِ جتن ڪندا آهن، ۽ نفس ڪي راضي ڪرڻ لاءِ هٿ پير هلائيندا آهن، مگر نيت ڪين ناڪامي پلئہ پوندي آهي. انهيءَ سلسلي ۾، "الوحيد" ۾ اچي ٿو:

> "مخدوم صاحب جي انهيءَ شرعي تحريڪ جي ڪن آواره مزاج ماڻهن (مخالفت سان) ڪوشش ورتي. مگر نتيجو ان جي برعڪس نڪتو، يعني تہ ميان غلام شاهہ وٽان مخدوم صاحب ڪي ٺٽي جي قاضي القضاة جو عهدو مليو، جنهنڪري

مخالفن جي طاقت جو هميشہ لاءِ خاتمو ٿي ويو."[1]

انهيءَ شرعي پرواني ملڻ بعد مخدوم صاحب جي مخالفت ٿيڻ لازمي هئي. گهڻن ئي ماڻهن سندس مخالفت ۽ دشمنيءَ ۾ ڪا ڪسر ڪانہ ڇڏي، پر پاڻ هر وقت پهاڙ وانگر ٻراين جي پاڙ پٽڻ لاءِ ڄميا رهيا. عام ماڻهن جي مخالفت تہ اوس ٿيڻي هئي، مگر ان وقت جي وڏي عالم ۽ صوفي مخدوم محمد معين ٺٽويءَ بہ مخدوم صاحب جي ڪن مسئلن ۾ مخالفت ڪئي، جيتوڻيڪ مخدوم محمد هاشم حق تي هو. مخدوم محمد معين جون مخدوم صاحب سان ڏاڙهي ڪترائڻ ۽ خاص شرعي نموني ۾ محرم ۾ ماتم ڪرڻ تي رد ڪد هليا، پر ان جو مخدوم محمد معين جي حق ۾ ڪوبہ معقول نتيجو ڪونہ نڪتو. مخدوم صاحب شرعي حڪمن جي پابنديءَ تي ايترو زور ڏياريو، جو وضوءَ ۽ غُسل لاءِ شرعي مقدار تي پاڻيءَ جي استعمال جو حڪم ڏنائين ۽ پوري وزن جا ڪوزا ٺهرايائين، جن کي ان زماني ۾ "هاشمي ڪوزا" سڏيو ويندو هو.[1]

وحده 'لاشريڪ لہ'، چئي چوندو آءُ،
فرض، واجب، سُنتون، تنئون ترڪ م پاءِ،
توبهہ سندي تسبيح، پڙهڻ ساڻ پچاءِ،
نِڪا! پنهنجي نفس کي، ڪا سنئين راهہ سونهاءِ،
تہ سندي دوزخ باهہ، تو اوڏيائي نہ اچي! (شاهہ)

روحاني طاقت:

مخدوم صاحب ظاهري طرح هڪ وڏو زاهد، شريعت جو پابند، عاشقِ رسول ﷺ ۽ ڪامل ولي هو. سندس ڪرامتن جو مختصر احوال هيٺ ڏجي ٿو:

هڪ بزرگ صاحبِ دل جون مڇون سُنت مطابق نہ هيون. ان ڪري مخدوم صاحب جبراً اُن جون مڇون سُنت مطابق ڪٽيون. تنهن تي اهو بزرگ غضبناڪ ٿيو ۽ چيائين تہ، اوهان جي خبر لهندس، يعني سزا ڏيندس.

(1) "الوحيد"، سنڌ آزاد نمبر، ص 33
(1) "الوحيد"، سنڌ آزاد نمبر ص 33

پر مخدوم صاحب ان جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪئي. مخدوم صاحب حسبِ دستور ٽيپهري نماز کان پوءِ تڏي تي ويهي، حديث شريف جو درس پئي ڏنو، تہ اُن بزرگ ايذاءُ پهچائڻ واسطي مخدوم صاحب تي باطني توجهہ ستيو. مخدوم صاحب کي معلوم ٿيو تہ، "حسبنا الله" چئي، پنهنجي هٿ سان توجهہ کي رد ڪيو. ان وقت ئي تڏي ۾ باطني توجهہ جي اثر ڪري سوراخ ٿي پيو، جنهن جو اثر زمين ۾ بہ ٿيو، پر مخدوم صاحب امن ۽ قرار سان رهيو ۽ حديث شريف جو درس ڏيندو رهيو.[1]

ڪڪَ سڙن، پهڻَ سڙن، سڙي سائو گاهہ،
جن ريجهايو الله، تئو نہ اچي تن کي!

(شاهہ)

ساڳئي قسم جي هڪ روايت ٻوعلي قلندر (المتوفي: 724هہ/1324ع) جي باري ۾ بہ آهي، تہ ان بزرگ جون مڇون بہ سنت نبويءَ جي خلاف تمام وڏيون هيون. ڪنهن کي بہ جرئت نہ پئي ٿي، جو ڪيس مڇن وٺڻ لاءِ عرض ڪري. خواجہ ضياءُ الدين سنامي (المتوفي: 738هہ/1338ع) شريعت ۽ تقويٰ جو صاحب هو. پاڻ قئنچي ڪٽي اڳتي وڌيو. (ٻوعلي قلندري بہ ٽي پيرا تيز نگاهن سان خواجہ صاحب ڏانهن توجهہ ڪيو، پر خواجہ صاحب تي ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو. خواجہ ضياءُ الدين سنامي جي وڃڻ کان پوءِ ماڻهن عرض ڪيو، تہ اڄ ضياءُ الدين اوهان تي ڏاڍي سختي ڪئي. ٻوعلي قلندر فرمايو تہ: ٽي پيرا ان تي توجهہ ستيم، مگر ان کي شريعت جي زرهہ ڍڪيل هئي. منهنجي باطني تير اُن تي ڪوبہ اثر نہ ڪيو.) خواجہ ضياءُ الدين قئنچي ڪٽي ٻوعلي قلندر جي سُونهاريءَ کي جهلي، سندس مڇون ڪٽيون هيون.[2] اُن کان پوءِ ٻوعلي قلندر پنهنجي سُونهاريءَ کي چمندو هو ۽ چوندو هو، تہ هيءَ سُونهاري (مڇن ڪٽڻ وقت) شريعت محمديءَ جي رستي ۾ پڪڙي ويئي

(1) "تڪملہ مقالات الشعراءِ" (فارسي)، ص 43
(2) شيخ عبدالحق محدث دهلوي: "اخبارالاخيار" (مترجم اردو)، ص 231

آهي.[3]

بهرحال، مخدوم صاحب جي همت ۽ جرئت کي سلام آهي، جو هُو شريعت محمديءَ جي احڪام ۽ پابنديءَ ۾ ڪنهن به ننڍي يا وڏي ۽ پنهنجي ۽ پرائي جي پاس خاطري ۽ رک رکاءُ نه ڪندو هو:

جنين سودو سچ سين، وکر وهايو،
بخرو "لهم البشريٰ" جو، اُنين لئه آيو،
ان کي لالڻ لنگهايو، ساندارو سمونڊ جو.

(شاهه)

شريعت سجاڻ:

مخدوم صاحب پنهنجي اُستاد مخدوم ضياءُ الدين ٺٽويءَ جي مرشد مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ سان تمام گهڻي عقيدت رکندو هو. ايتري قدر جو سندس ويهڻ واري کٽ کي به چنڊيندو ۽ صاف ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن مخدوم ابوالقاسم وضو پئي ڪيو. ٻانهن ڌوئڻ مهل ٺونٺ کان پاڻي تي نايائين، جيڪو هيٺ ڪارائيءَ ۽ هٿ ڏانهن ٿي ويو. مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ عرض ڪيو ته: فقه جي ڪتابن موجب، پاڻي هٿ ۽ ڪارائيءَ کان مٿي ٺونٺ ڏانهن نائڻ گهرجي. مخدوم ابوالقاسم فرمايو ته: مون رسول الله ﷺ جن کي اهڙيءَ طرح ڪندي ڏٺو آهي. مخدوم صاحب عرض ڪيو، ته حسب روايت فقه جي اهو طريقو آهي، آئنده اوهان جي مرضي. مخدوم ابوالقاسم ان وقت حضور ﷺ جن ڏانهن متوجهه ٿيو، پوءِ مخدوم نقشبنديءَ چيو، حضور جن فرمايو ته: جيڪڏهن توهان هن نموني ڪندي ڏٺو آهي، (توهان جي نظر ۾ ڏسڻ ۾ پئي ٿي سگهي ٿي) پر جيئن مخدوم چوي ٿو، ائين معمول ڪر. هاڻي جيئن مخدوم چوي ٿو، اهڙيءَ طرح وضو ڪريان ٿو.

"تڪمله مقالات الشعراء" جو صاحب لکي ٿو، ته سبحان الله! مخدوم صاحب جي حق گوئي جو مرتبو هن مان ڏسڻ گهرجي، جو اهو امر نه فرض هو

(3) رحمان علي: "تذڪره علماءِ هند" (مترجم اردو)، ص 255

نه واجب، بلڪ محض احتياط هو ۽ حضرت مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ جي تصوف ۽ مڪاشفي جو به ڪمال آهي، جو اک ڇنڀ ۾ حضور ﷺ جن کان جواب وٺي آيو.[1]

اکيون سي ئي ڌار، جن سان پسين پرينءَ کي،
ٻي ڏانهن ڪيمَ نهار، گهڻو ريسارا سپرين.

(شاهه)

درٻارِ رسالت ۾ مقبوليت:

"تڪمله مقالات الشعراء" ۾ آهي ته هڪ شخص مخدوم صاحب کان ڪو مسئلو لکايو. ان کان پوءِ تصديق واسطي صحيح ڪرڻ لاءِ مخدوم صاحب جي استاد مخدوم ضياءُ الدين ٺٽويءَ، جيڪو مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ جو مريد هو، وٽ کڻي ويو. مخدوم ضياءُ الدين جو اُن مسئلي ۾ رايو ٻي طرح هو، ان ڪري دستخط نه ڪيائين. رات جو خواب ۾ رسول الله ﷺ جن کي ڏٺائين. حضور جن فرمايو ته: "جيئن محمد هاشم چوي ٿو، توهان به انهيءَ تي فتويٰ ڏيو." مخدوم ضياءُ الدين صبح جو انهيءَ ماڻهوءَ کي گهرايو ۽ ڪاغذ تي دستخط ڪري ڏنائين. ان کان پوءِ جيڪڏهن ڪو به ماڻهو وٽس مسئلي لاءِ ايندو هو، ته ان کي مخدوم محمد هاشم وٽ موڪليندو هو ۽ چوندو هو ته: حضور ﷺ جن فتويٰ ان جي هٿ ۾ ڏني آهي.[1]

وکر سو وهاءِ، جو پئي پراڻو نه ٿئي،
ويچيندي ولات ۾، ذرو ٿئي نه ضاءِ،
سا ڪا هڙ هلاءِ، آڳهه جنهن جي اپئين.

(شاهه)

فتويٰ نويسي:

هڪ ماڻهو هندوستان کان فتويٰ وٺڻ آيو. گهمندي مڪليءَ واري

(1) "تڪمله مقالات الشعراء" (فارسي)، ص 44
(1) "تڪمله مقالات الشعراء" (فارسي)، ص 45

قبرستان ۾ پهتو، جتي مخدوم صاحب جي قبر آهي. اتي کيس هڪ شخص مليو. اُن پڇيس ته درويش! ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ جنهن کي چيائين، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ کان فتويٰ وٺڻ ٿو وڃان. ان ماڻهوءَ چيس، پنو قلم ڏي. هن کان پنو قلم وٺي، کيس فتويٰ لکي ڏنائين. هي ماڻهو ٺٽي شهر ۾ آيو، جتي کيس معلوم ٿيو ته مخدوم صاحب گذاري ويو آهي. سندس مدرسو هلندڙ هو. شاگردن کي فتويٰ ڏيکاريائين، جن مخدوم صاحب جا اکر سڃاتا.[2]

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،
ان جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مانُ،
ڪوڙئين ڪن سلام، آڳهه اچئو ان جي!

(شاهه)

اهڙي قسم جي هڪ روايت مخدوم صاحب جي شاگرد مخدوم عبدالله نرئي واري ۽ گرهوڙي صاحب جي قاصد جي ڪچ طرف بہ مشهور آهي.[1]

عين عبادت:

هڪ بي علم شخص، مخدوم صاحب جي عين موقعي نماز پڙهڻ وقت سندس خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو. مخدوم صاحب ان بي علم کي نماز پڙهڻ لاءِ چيو. نيٺ هن شخص، مخدوم صاحب جي چوڻ ڪري سندس پٺيان اقتدا ڪئي. قيام، رڪوع، سجود وغيره ارڪانن ۾ مخدوم صاحب کي گهڻي دير ڪندي ڏسي، ملول ٿي نماز ڇڏي ڀڄي ويو. آخر ڪجهه وقت کان پوءِ اهو شخص ڪنهن آدمي ٺٽي جي رهاڪوءَ سان ملاقي ٿيو، جنهن کان پڇيائين ته: مخدوم صاحب نماز کان فارغ ٿيو آهي، يا اڃا رڪوع سجود ۾ آهي؟ ٺٽي جي رهاڪوءَ هن کي ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو ۽ مخدوم صاحب سان اچي ڳالهه

---

(2) گندرو عبدالله: "مخدوم محمد هاشم ٺٽوي" (مضمون) روزانہ "مهراڻ" حيدرآباد سنڌ، 7 جون 1968ع
(1) امداد علي سرائي: "قدم ڪاپڙين جا"، ص 131

ڪيائين، تہ فلاڻو شخص توهان جي پٺيان نماز پڙهندي، ڪڪ ٿي اڌ مان ڀڄي ويو آهي. مخدوم صاحب کيس چيو: "جڏهن (نماز ۾) منهنجي هڪ تسبيح درگاهه الاهيءَ ۾ مقبول ٿيندي آهي، تڏهن وري ٻي تسبيح پڙهندو آهيان. تان تہ ائين ٿي تسبيحون پڙهندو آهيان، نہ وڏيڪ."[2]

بهرحال، مخدوم صاحب عالم رباني، متقي، روحانيت جو صاحب، شريعت جو پابند ۽ ڪامل ولي هو.

---

(2) شفيع محمد ڪهڙائي عباسي، "قصص الاولياء سنڌ" (قلمي سنڌي).
نوٽ: هن قلمي ڪتاب "قصص الاولياءِ سنڌ" کي مخدوم نديم احمد هاشمي، فاضل منهاج القرآن لاهور ۽ گادي نشين درگاهه عاليہ ڪهڙا شريف، "تاريخ و تذڪره بزرگان سنڌ" جي نالي 1997ع ۾ مخدوم عبدالرحمان شهيد اڪيڊمي، ڪهڙا شريف طرفان ڇپرايو آهي.

باب ڇهون

سير ۽ سفر

حرمين شريفين جو سفر:

مخدوم صاحب جو پهريون سفر، سندس ٻالجتي ۽ ننڍي وهيءَ ۾ پنهنجي شهر ٻنوري کان ٺٽي شهر ۾، علم پرائڻ واسطي هو. سندس ٻيو وڏو ۽ اهم حرمين شريفين جو سفر، حج جي سعادت حاصل ڪرڻ سان گڏ وڌيڪ علمي تحصيل خاطر هو. سندس ٽيون سفر بہ روحاني تعليم ۽ مرشد وٺڻ خاطر، حرمين شريفين مان واپس موٽندي، سورت بندر طرف ٿيو. ان کان پوءِ پاڻ مختلف وقتن تي ديني تبليغ واسطي سنڌ جو سير سفر بہ ڪيو اٿن.

مخدوم صاحب تقريباً ايڪٽيهن سالن جو ٿيو، تڏهن حج ادا ڪرڻ لاءِ سنبريو. مخدوم صاحب عاشقِ رسول ﷺ ۽ عالم باعمل هو. ان ڪري هميشہ ڪعبة الله ۽ ديارِ حبيب ﷺ جي زيارت لاءِ عشق ۽ محبت، سڪ ۽ سوز جو درياءُ سندس دل ۾ ڇوليون هڻي رهيو هو.پاڻ سن 1135هه/1723ع ۾ حج جي سفر لاءِ ٺٽي مان اُسهيو. مخدوم صاحب جي هن سفر جو مقصد حرمين شريفين جي زيارت، ديني علوم، يعني علم حديث، تفسير ۽ قرأت جي مڪمل تحصيل ۽ تڪميل حاصل ڪرڻ پڻ هو.

حقيقت بہ ائين آهي تہ هر عاقل بالغ مسلمان تي استطاعت هوندي، حج ادا ڪرڻ ۽ علم جي طلب ڪرڻ لازمي آهي. حج گناهن کي ميٽي ٿو ۽ علم جي عظمت کي حضور ﷺ جن عبادت کان بہ افضل قرار ڏنو آهي. طالب علم ۽ عالم جي قلم جي مسُ کي بہ شهيد جي رت کان وڌيڪ پاڪ ۽ افضل فرمائي، مسلمانن کي طلبِ علم جي لازوال لڳن عطا فرمائي آهي.

مخدوم صاحب کي الاهي علمي عطا، پنهنجي ذهين طبيعت ۽ عربي ٻوليءَ تي مڪمل عبور هو. ان ڪري وقت اچڻ تي هُو ديارِ حبيب ﷺ وڃڻ لاءِ روانو ٿيو. ان وقت سندس عمر ايڪٽيهہ سال هئي. ان دور ۾ حج جو سفر اٽانگو ۽ مشڪل هوندو هو. اڄ جهڙيون سهولتون ميسر نہ هيون ۽ اهو بہ معلوم نہ آهي، تہ مخدوم صاحب اهو سفر ڪهڙي رستي سان طئي ڪيو هوندو؟

مخدوم صاحب حرمين شريفين ۾ حج ادا ڪرڻ سان گڏ اڳوڻي علمي جذبي ۽ دلي شوق سان اتي جي عالمن ۽ استادن کان علم حديث ۽ ٻين علمن ۾ اجازت ۽ سندُون حاصل ڪيون. مخدوم صاحب مڪي شريف ۽ مديني منوره ۾ جن بزرگن ۽ استادن کان علمي استفادو ڪيو، تن جو ذڪر پاڻ پنهنجي ڪتاب "اتحاف الاڪابر" ۾ ڪيو اٿائين.

مخدوم صاحب سفر حج جو احوال بيان ڪندي، پنهنجي ڪن ڪتابن جي حاشيي تي لکيو آهي:

> "ڪيس جمعي جي رات، 12 تاريخ رجب المرجب سن 1136هه تي مديني منوره ۾ حضرت رسول الله ﷺ جي زيارت جو شرف حاصل ٿيو." [1]

مخدوم صاحب جي علمي عظمت ۽ عشقِ رسول ﷺ جي ڪري، سنڌ ۾ هيٺيون واقعو بہ عام زبان زد ۽ مشهور آهي:

> "حرمين شريفين جي سفر دوران مخدوم صاحب جڏهن مديني منوره ۾ رسول الله ﷺ جن جي روضي مبارڪ تي حاضري ڏني ۽ سلام پڙهيو، تہ روضي مبارڪ مان حضور ﷺ جن طرفان ڪيس سلام جو جواب مليو ۽ ائين ڪيڪاريو ويو تہ 'ڀلي آئين محمد هاشم ٺٽي وارا!' ڇو تہ محمد هاشم نالي وارا ٻيا ماڻهو بہ حرم رسول الله ﷺ ۾ حاضر ۽ موجود هئا."

(1) "الوحيد"، سنڌ آزاد نمبر، ص 33

(2)

جيتوڻيڪ مٿئين واقعي جو احوال "تحفة الڪرام" يا ٻين تاريخي ڪتابن ۾ آيل ڪونهي، پر هيءُ واقعو سڄي سنڌ ۾ ايترو ته مشهور آهي، جو ان جو انڪار به ڪري نه ٿو سگهجي ۽ تواتر جي حد تائين پهتل آهي.

ان کان سواءِ مخدوم صاحب جي همعصر بزرگ حضرت شاهه ولي الله دهلوي به حرمين شريفين جي سفر دوران اهڙن واقعن، فيض برڪت ۽ مشاهدن جو ذڪر پنهنجي ڪتابن ۾ ڪيو آهي. هو لکي ٿو:

"جنهن وقت آئون مديني منوره ۾ حاضر ٿيس ۽ روضي مبارڪ جي زيارت کان مشرف ٿيس، ته مون رسول الله ﷺ جو روح مبارڪ ظاهر ظهور ڏٺو. اهو ڏسڻ نه رڳو عالمِ ارواح ۾، بلڪ عالمِ مثال ۾ هنن ظاهري اکين جي قريب هو. آئون سمجهي ويس ته هيءُ جو عوام ۾ مشهور آهي، ته رسول الله ﷺ نماز ۾ حاضر ٿئي ٿو ۽ ماڻهن جي امامت ڪرائي ٿو وغيره ذالڪ. هي سڀ انهيءَ دقيقي جون ڳالهيون آهن... مون نبي ﷺ کي سندن اصلي صورت ۾ بار بار گهڻا دفعا ڏٺو آهي." (1)

مشهور آهي ته شاهه ولي الله دهلويءَ اها به دعويٰ ڪئي آهي، ته مون کي خود رسو الله ﷺ سالڪ بنايو آهي ۽ پاڻ منهنجي تربيت فرمائي آهي. ان لاءِ آئون ڪنهن واسطي کان سواءِ رسول الله ﷺ جو شاگرد آهيان.

"سنن ابوداؤد" ۾ حديث مبارڪ به آهي:

"ان الله حرم علي الارض ان يا ڪل اجساد الانبياء فنبي الله حي يرزق" (2) يعني: الله تعاليٰ زمين تي حرام ڪري ڇڏيو آهي،

(2) "قصص الاولياء سنڌ" (قلمي سنڌي)، ص 124
(1) شاهه ولي الله دهلوي: "فيوض الحرمين" (مترجم)، ص 81 ـ 84
(2) امام ابوداؤد سجستاني: "سنن ابوداؤد" (مترجم) جلد 1، ص 399

ته اها نبين سڳورن جي جسم کي نه کائي. الله تعاليٰ جا نبي زنده آهن، انهن کي رزق ڏنو وڃي ٿو."

بهرحال، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ سان پليڪار واري روايت ۽ شاهه ولي الله دهلويءَ جي مڪاشفات ۽ زيارت وارين روايتون، سڀ انهيءَ دقيقي جون ڳالهيون آهن. ادب ۽ عشق، سوز ۽ محبت جون علامتون ۽ اهڃاڻ آهن.

مخدوم صاحب ڏانهن ڪعبةِ الله جي طواف وقت عورتن ۽ مردن کي جدا جدا طواف ڪرڻ جو واقعو به منسوب آهي، پر "تحفة الڪرام" ۾ اهو واقعو مخدوم آدم ٺٽويءَ ڏانهن منسوب ٿيل آهي.(1)

مولوي دين محمد وفائي لکي ٿو:

("مخدوم صاحب جي علمي ڪمال ۽ ديني خدمت ڪري) عام ماڻهن ۾ هيءُ به رواج آهي، ته گذريل زماني ۾ شرعي يا ديني ڪو وڏو معاملو، ڪنهن دين جي عالم هٿان ٿي گذرندو آهي، ته ان کي گهڻو ڪري مخدوم محمد هاشم ڏانهن منسوب ڪندا آهن."(2)

بهرحال، انهن عام مشهور روايتن ۽ واقعن مان مخدوم صاحب جي علمي عظمت، شرعي خدمت ۽ ديني اهميت جي پليءَ پٽ پروڙ پوي ٿي ۽ سندس مقبوليت ۽ عالمانه وقار ۽ ڪردار جي نشاندهي به ٿئي ٿي.

رچرڊ برٽن، مخدوم صاحب جي حج جي سفر تي هن ريت روشني وڌي آهي:

"هن هندستان ۽ عربستان جو سير ڪيو. عربي ۽ فارسي ٻولين ۽ فقه چڱيءَ طرح سکيو. چون ٿا ته مسافريءَ دوران هن عيسائي پادرين سان ڪيترا مناظرا ڪيا ۽ سندن مذهب جي خلاف رسالا پڻ

(1) "تحفة الڪرام"، ص 454
(2) دين محمد وفائي: "لطف اللطيف"، ص 86

لکيا." [3]

برٽن جو اهو اقتباس تمام قيمتي آهي، جنهن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ مخدوم صاحب جو هيءُ سمورو سفر مڪمل طور علمي ۽ ديني هو. دين جي خدمت سفر ۾ بہ جاري رهي. برٽن جي حوالي مان اهو بہ ظاهر ٿئي ٿو، تہ مخدوم صاحب مفسر، محدث ۽ فقيه هجڻ سان گڏ "مناظرِ اسلام" بہ هو.

جيئن مٿي گذري آيو تہ مخدوم صاحب حج ادا ڪرڻ لاءِ خبر ناهي تہ ڪهڙي رستي سان سفر اختيار ڪيو هو؟ البت، مخدوم صاحب جي دور جي همعصر بزرگ، شاعر ۽ عاشقِ رسول ﷺ مخدوم عبدالرئوف ڀٽي هالائيءَ بہ ٻارهين صديءَ هجريءَ ۾ بہ ڀيرا حج واسطي عربستان جو سفر ڪيو هو. هن پنهنجي سفر جو ذڪر، سنڌي شاعريءَ جي صنف "مولود" ۾ ڪيو آهي تہ: هُو هالا شهر کان نڪري، ڪٿان ڪٿان ٿيندو، سفر ڪري حرمين شريفين پهتو هو. سندس مولودن مان ان دور جي سفر جي منزلن جو اندازو ۽ ڪن شهرن جا نالا بہ ظاهر ۽ معلوم ٿين ٿا. ممڪن آهي تہ ان وقت اهوئي رستو ڀلي پار وڃڻ جو هو ۽ مخدوم صاحب بہ ٺٽي مان نڪري، اڳتي ساڳيون منزلون طئي ڪري، ديارِ حبيب ۾ پهتو هجي! مخدوم عبدالرئوف ڀٽي هالائيءَ جو مولود هن طرح آهي:

مٺارا مير مُرسل جا، ڏسان شل ڏيهہ سڀ ڏوري!

1. هلي هالا، مٽيان ميسا، اُنڙپور کي چڙيان اوري،
مٽياريءَ جي مُهاڳي کان چڙيان مانجهو گهليون گهوري.
2. کهو ۽ ڪوٽڙي ڪوٽ ۽ سُنبا ڪوڪر وڃان سوري،
ننگربندر ۽ ٻاگاٽا، ڪراچيءَ کا وڃان ڪوري.
3. مخو مسقط، مطر مربات ۽ مڪلا مٽيان موري،
حدوده مان هلان هل سان، جدي ۾ جاءِ وهان جوڙي.
4. هلان جدي مان مڪي، صفا مروه وڃان ووڙي،

[3] "سنڌ ۽ سنڌوماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون" (مترجم)، ص 79

ڪريان ڪعبي طواف ۽ حجراسود کي مان چوري.
5. پيان پاڻي سندو زم زم، چڙيان احرام اُت چوڙي،
مديني مير سان مولي! ٿڪي نيئي ميڙ ڪنهن ٿوري.
6. مديني خاڪ کي سرمو ڪري پايان پتر پوري،
سِسِي "عبدالرئوف" اڳيان قريشيءَ جي رکان ڪوري.[1]

سورت بندر:

مخدوم صاحب حرمين شريفين جي سفر تان موٽندي مرشد جي تلاش ۾ هندستان آيو ٿو ڏسجي، جتي پاڻ حضرت سيد سعدالله قادري (المتوفي 1138هہ/1726ع) سورت بندر واري جو مريد ٿيو. ڪانئس قادري سلسلي ۾ خلافت جو خرقو حاصل ڪري، سن 1137هہ ۾ واپس ٺٽي موٽي آيو.

پٽ شاهہ:

مشهور آهي تہ مخدوم صاحب دين جي آبياريءَ لاءِ هر وقت ڪوشان رهندو هو. جتي ڪو دين جي خلاف بدعت جو ڪم ٻڌندو هو، تہ هلي وڃي ان بدعت جي ڪم کي بند ڪرڻ جو سعيو ڪندو هو. مير عبدالحسين "سانگي" لکي ٿو:

"هڪ ڀيرو ناميارا عالم حضرت شاهہ صاحب وٽ آيا. انهن جو اڳواڻ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي هو، جنهن جو لقب 'مخدوم' آهي. انهن عالمن جي اچڻ جو مقصد اهو هو تہ حضرت شاهہ صاحب پنهنجي مجلس ۾ راڳ ڪندو ۽ سرود وڄائيندو هو، ان کي روڪڻ واسطي آيا، جو اهو ڪم شريعت جي خلاف آهي. جڏهن شاهہ صاحب عالمن ۽ زاهدن جي اچڻ جو ٻڌو تہ پنهنجي فقيرن کي فرمايائون: تنبورن کي ڪٽي اندر جاءِ ۾ رکن ۽ پاڻ فقيرن جي وچ ۾ اچي ويٺا، جيئن تارن ۾ چنڊ چمڪندو آهي. جڏهن اهي عالم ۽ زاهد آيا ۽ قدمبوسيءَ جو شرف حاصل

[1] مخدوم عبدالرؤف ڀٽي: "مولود شريف"، ص 95

ڪيائون، ته حضرت شاهه صاحب انهن عالمن سان تمام سهڻي نموني پيش آيو ۽ اڳواٽ انهن کان مسئلو پڇيائون ته: هڪڙو وڻ هجي ۽ ان مان عام فائدو حاصل ٿئي. پاڻيءَ کان سواءِ سڪڻ لڳي ۽ پاڻي به گندو ۽ ناپاڪ هجي. اهو پليد پاڻي وڻ کي ڏجي يا ڇڏي ڏجي، ته پلي سڪي وجي؟ عالمن يڪ زبان آواز ڏنو، ته ان ۾ ڪو حرج ڪونهي، جو پليد پاڻي وڻ کي ڏجي، وڻ سائو ٿئي (۽ ان وڻ جو فائدو عام ٿئي). جڏهن عالمن مسئلو حل ڪيو ته تنبورا جيڪي اندر پيا هئا، سي ازخود وجڻ لڳا. ڄڻ ته انهن کي ڪو وجائي رهيو آهي.

عالمن کي سازن وجائڻ تي ڪاوڙ آئي ته هيءَ ڪهڙي شرافت آهي، جو شريعت جي خلاف رستو اختيار ڪيو ويو آهي! اسان ته خاص انهن جي روڪڻ لاءِ آيا آهيون ۽ فقير اندر ساز وجائڻ ۾ مصروف آهن؟ حضرت شاهه صاحب انهن کي اجازت ڏني، ته اندر وجي جنهن کي ڏسن ۽ شرعي حڪم جاري ڪن. شريعت جي صاحبن جلدي وجي ڏٺو ته جاءِ کي رڳو هڪ دروازو هو ۽ پاڻ اتان داخل ٿيا. جاءِ کي ٻي ڪابه دري وغيره ڪانه هئي. چارئي طرف بند آهن ۽ تنبورا ازخود وجي رهيا آهن. اهو ڏسي عجب ۾ پئجي ويا ۽ حضرت شاهه صاحب کان ان جو سبب پڇيائون. حضرت شاهه صاحب فرمايو ته: جڏهن اوهان کان مسئلو پڇيم، ته اوهان جائز ڪيو. پوءِ الله تعاليٰ جي حڪم سان تنبورن وجڻ شروع ڪيو. جيئن ته منهنجي دل ۾ حقيقي محبت جو وڻ آهي. سرود جي آواز کان اهو سائو ٿئي ٿو." [1]

مولوي دين محمد وفائيءَ پنهنجي ڪتاب "لطف اللطيف" ۾ اها ساڳي روايت آندي آهي، پر ان راويت جي صحيح هجڻ جي تصديق نٿو ڪري. هو لکي ٿو:

(1) ميرعبدالحسين "سانگي": "لطائف لطيفي" (فارسي)، ص 100

"هونئن به ملڪ ۾ اهو واقعو عام طرح، ورهين کان وٺي مشهور آهي. پوءِ سچو آهي يا ڪوڙو، ان جو علم الله کي آهي." [2]

مرزا قليچ بيگ به لکيو آهي:

"پر سازن جو وڄڻ، سا اها ڳالهه برخلاف آهي." [3]

بهرحال، مير عبدالحسين "سانگي" جي مٿئين روايت ۾ شڪ ۽ پڪ جو مسئلو، تحقيق طلب آهي. البت، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ملاقات ثابت آهي.

جناب جي.ايم.سيد لکي ٿو:

"شاهه صاحب، مخدوم محمد هاشم سان ٻه ٽي دفعا مليو ٿو ڏسجي." [1]

خانبهادر محمد صديق ميمڻ به شاهه صاحب جي ملاقاتن جو ذڪر ڪيو آهي. البت، سندس بيان مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته مخدوم صاحب ڀٽ تي ڪونه آيو هو. خود شاهه صاحب وٽس ٺٽي ويندو هو.[2]

پراڻ:

ڪنهن زماني ۾ سنڌو درياهه سان گڏ "هاڪڙو" نالي پاڻيءَ جو وهڪرو به سنڌ جي اوڀرندي حصي کي پنهنجي شاخن وسيلي آباد ڪندو هو. اروڙ کان هيٺ هاڪڙي جون شاخون هيون. انهن شاخن مان "پراڻ" نالي ٻه شاخون هيون: هڪ اُتر پراڻ ۽ ٻي اولهه پراڻ. اترئين پراڻ جي ساڄي ڪپ تي ونگاه، سندري، علي بندر ۽ اولهندي پراڻ تي سومرن جو پهريون تخت گاه "تري" اگهاماڻي ۽ ڏيرڪ جا وڏا شهر هئا.

هاڪڙي ۽ پراڻ جا اهڃاڻ ماموين جي بيتن، ميون شاهه عنايت رضوي

(2) "لطف اللطيف"، ص 84
(3) مرزا قليچ بيگ: "احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي"، ص 87
(1) جي. ايم. سيد: "پيغام لطيف"، ص 55
(2) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: "قوت العاشقين"، مرتب: محمد صديق ميمڻ، ڏسو مقدمو ص 1

۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي بيتن ۾ بہ آيل آهن. مثال طور:

هاڪ وهندو "هاڪڙو" ، ڀڄندي ٻنڌ اروڙ،
ٻهہ، مڇي ۽ لوڙهہ، سمي ويندا سوڪڙي.
(ماموئي فقير)

جم وهجو ماڙهوئا، ننگر جي آڌار،
"پراڻا" پرار، نوان اڏجو نجهرا.
(ماموئي فقير)

وٺا پٽ "پراڻ" جا، اڪڙي سامارو،
وڏي گاهہ وڏو ٿيو، موهہ ۾ موچارو،
(ميون شاهہ عنايت رضوي)

سارنگ سينگاري، وڄون وسڻ آئيون،
برسي ٻٽاري، ٻريا پٽ "پراڻ" جا.[1]

(شاهہ)

مخدوم صاحب ڪنهن ديني مسئلي جي سلسلي ۾ پنهنجي شاگردن سميت "پراڻ" جي پٽ پڻ ويو ٿو ڏسجي، جتي "دل" قوم مان "ڪاڇيلا" پاڙي جا بزرگ ڪيس مليا هئا. اهي بزرگ، بہ ڀائر: درس عثمان ڪاڇيلو ۽ درس احمد ڪاڇيلو هئا. مخدوم صاحب انهن سان روحاني رهاڻيون ڪري واپس ٺٽي آيو ۽ چيو:

"پراڻ جا پير، جهڙا ٻڌاسون، تهڙا ڏٺاسون." [2]

مٽياري:

مٽياري سنڌ جو آڳاٽو شهر آهي. مٽياري شهر اصل ۾ "چانگ" قوم آباد ڪيو هو. اهي محمد بن قاسم سان گڏ سن 93 هجري ۾ سنڌ ۾ لشڪر سان گڏجي آيا هئا. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جا وڏا بزرگ

(1) مير اصغر حسين "اصغر" : "وٺاپٽ پراڻ جا"، ص 1
(2) محمد سومار شيخ: "مخدوم محمد هاشم ۽ ڪاڇيلا" (مقالو)، مهراڻو پبليڪيشن ٽرپارڪر، ص 96

ڀهريائين "هالہ ڪندي" ۾ هئا. ان بعد "متعالہ" مان "متعلوي" (مٽياري) ۾ آيا، جتان پوءِ "بلڙي شريف" ۾ ۽ آخر ۾ "ڀِي پور" ۾ رهيا. مٽياري اصل ۾ چانگن جو ڳوٺ هو. پر پوءِ ساداتن جي هتي اچڻ ۽ رهڻ ڪري سندس نالي پٺيان "متعلوي" سڏجڻ لڳو، جيڪو پوءِ اڳتي هلي عام اُچار ۾ "مٽياري" مشهور ٿي ويو.[3]

مٽياري، ساداتن سڳورن ۽ ڀلارن بزرگن سان ڀرپور شهر آهي. هتي گهڻا اهل دل بزرگ ۽ عالم ٿي گذريا آهن. سخي سيد رڪن الدين متعلوي بہ انهن ڪامل بزرگن مان آهي. پاڻ مخدوم ساهڙ لنجار جو مريد ۽ خليفو هو. حضرت مخدوم نوح رحہ سان بہ سندس ملاقاتيون رهيون آهن. سيد رڪن الدين سخي پنهنجي وقت جو ڪامل ولي ۽ نهايت سخي بزرگ هو. سيد رڪن الدين هڪ دفعي دعويٰ ڪئي تہ: "منهنجي مسجد مٽيارين واري سيني مسجدن جي مهندار آهي. ان ۾ جيڪو شخص پنج وقتي نماز پڙهندو، ان تي قيامت ڏينهن شفاعت ڪندس." انهيءَ بشارت سببان حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ ان جي پوٽي مخدوم ابراهيم مڏئي واري بہ سفر جي تڪليف سهي اچي سخي (رڪن الدين) بادشاهہ جي مسجد شريف ۾ نماز جا پنج وقت پڙهيا.[1]

انهيءَ مٽئين حوالي مان معلوم ٿيو تہ مخدوم صاحب ٺٽي مان هلي خاص سيد رڪن الدين سخي جي قول کي سچو سمجهي، مٽياري شهر ۾ اچي سيد جي مسجد ۾ نماز جا پنج وقت پڙهيا ۽ سيد سخي جي مزار جي زيارت ڪئي. مخدوم صاحب جي پيروي ڪندي، سندس پوٽو مخدوم ابراهيم بہ مٽياري ۾ آيو ۽ مسجد ۾ نماز پڙهي ۽ زيارت ڪئي.

کهڙا:

شهر کهڙا، رياست خيرپور ۾ گهڻي وقت کان علمي مرڪز رهيو آهي. هتي مخدومن جو خاندان آباد آهي. هن خاندان جي نسب جو سلسلو حضور

(3) مير عبدالحسين "سانگي" : "لطائف لطيفي"، مترجم: عبدالرسول قادري، ص 54
(1) "تذڪره مشاهير سنڌ"، جلد 2، ص 41 _ 339

پاڪ ﷺ جن جي چاچي حضرت عباس رضہ سان وڃي ملي ٿو. هن خاندان جو مورث اعليٰ محمد ابراهيم ٽين صدي هجري جي شروعات ۾ عباسي خليفي معتصم بالله جي دور ۾ ديني تبليغ لاءِ سنڌ ۾ آيو ۽ ”نيرون ڪوٽ“ (حيدرآباد) جي اتر ۾ ”ڪلور“ نالي هڪ ٽڪر تي اچي رهيو ۽ سن 348ھ/959ع ۾ وفات ڪيائين. هن بزرگ جي اولاد مان اسد الله، اڪبر جي زماني ۾ سنڌ جو قاضي القضاة مقرر ٿيو. اڳتي هلي اسدالله، رياست خيرپور جي حدن ۾ کهڙن جي ويجهو ”پيپري“ نالي ڳوٺ ۾ رهيو. سندس وفات 966ھ/1559ع ۾ ٿي. مخدوم اسد الله جو پڙ پوٽو مخدوم عبدالخالق ”پيپريءَ“ کي ڇڏي اچي ”کهڙن“ ۾ رهيو. اڄ تائين سندس خاندان اتي رهاڪو آهي.[1]

ڪلهوڙن جي دور ۾ هن خاندان جو بزرگ مخدوم عبدالرحمان شهيد مشهور ٿي گذريو آهي. هو وڏو عالم ۽ ديني خدمتگار هو. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ مخدوم عبدالرحمان شهيد جو گهاٽو دوست هو.[2]

سنڌ ۾ کهڙن جا بزرگ ۽ عالم، دين جي خدمت ڪندا رهيا آهن. مخدوم صاحب جي دور ۾ مخدوم عبدالرحمان مشهور بزرگ هو. هو حق گو ۽ حق تسليم ڪندڙ هو. اتر سنڌ ۾ گهوٽڪيءَ جو بزرگ حضرت پير موسيٰ شاهہ ۽ مخدوم عبدالرحمان شهيد، مخدوم صاحب جا همعصر ۽ دوست هئا.

زباني روايت موجب مخدوم صاحب کهڙن ۾ بہ آيو هو. هڪ دفعي مخدوم عبدالرحمان جي مجلس ۾ ٻن ماڻهن ڪو شرعي معاملو اچي پيش ڪيو، جنهن تي پاڻ شرعي فيصلي جو جواب ڏنائون. ان ڪچهريءَ ۾ هڪ عالم ويٺو هو، تنهن چيو تہ توهان جو فيصلو صحيح نہ آهي، پر مسئلو هن طرح صحيح آهي. انهيءَ تي مخدوم کهڙائيءَ فرمايو تہ بيشڪ حڪم ائين آهي، جيئن توهان فرمايو. پوءِ انهيءَ وقت هڪ دستار

(1) مخدوم الله بخش کهڙائي: ”تذڪره مخاديم کهڙا“ (قلمي فارسي) ص 1 ـ 15 (اختصار)
(2) ٺاهي ”مهراڻ“ سوانح نمبر 3 ـ 4، 1957ع، ص 1 ـ 8

گهرائي ان عالم شخص کي ڏنائون. ان وقت مجلس ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ حضرت پير موسيٰ شاهہ لوءِ صاحبان گهوٽڪيءَ وارو بہ موجود هئا.[3]

هن روايت مان ظاهر آهي تہ مخدوم صاحب ننگر ٺٽي مان هلي، کهڙن جي شهر ۾ پنهنجي همعصر دوست مخدوم عبدالرحمان شهيد کهڙائيءَ وٽ علمي مجلس ۾ رهاڻ لاءِ آيو هو ۽ شهر کهڙا ۾ ان شرعي فيصلي واري مجلس ۾ مخدوم صاحب ويٺل هو.

راقم 27 مارچ 1993ع تي ڳوٺ کهڙا ۾ مخدوم عبدالرحمان شهيد جي زيارت ڪئي ۽ روبرو ماڳ مڪان وڃي ڏٺو. درگاهہ کهڙا جي ان وقت گادي نشين مخدوم نيڪ محمد ٻڌايو تہ: مخدوم محمد هاشم ٺٽي مان مخدوم عبدالرحمان شهيد وٽ آيو هو ۽ مسجد ۾ اچي رهيو هو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ کهڙن ۾ آيو هو ۽ اها جاءِ بہ اڃا سلامت آهي، جتي شاهہ صاحب رهيو هو. گادي نشين ٻڌايو تہ مخدوم محمد هاشم، مخدوم عبدالرحمان جو دوست هو. مخدوم صاحب قلمي قرآن شريف ۽ ”دلائل الخيرات“ بہ مخدوم عبدالرحمان کي سوکڙي طور ڏنا هئا.

مخدوم نيڪ محمد مهرباني فرمائي مخدوم صاحب طرفان سوکڙي طور ڏنل قرآن مجيد ۽ ”دلائل الخيرات“ قلمي جي زيارت بہ ڪرائي ۽ پڻ ”تذڪره مخاديم کهڙا“ قلمي فارسي جي زيارت بہ ڪرائي. اهي سڀ قلمي ۽ ناياب شيون وٽن اڃا تائين محفوظ ۽ صحيح سلامت حالت ۾ موجود آهن. مخدوم نيڪ محمد نومبر 1993ع ۾ وفات ڪري ويو آهي. هينئر سندس لائق ۽ عالم فرزند، مخدوم نديم احمد هاشمي (فاضل منهاج القرآن) گادي نشين آهي.

نانگو شاهہ (بدين):

مخدوم امين عرف سيد نانگو شاهہ، لاڙ پٽ ۾ بدين طرف درويش ٿي گذريو آهي. درويش مستجاب الدعوات ۽ مجذوب حال فقير هو. ”گلشن

(3) زباني روايت مرحوم مخدوم نيڪ محمد کهڙائي، گادي نشين درگاهہ کهڙا شريف

اولياء " ۾ سندس ڪرامتون ذڪر ڪيل آهن. سيد نانگو شاهه ڪڏهن ڪڏهن جوش ۾ اچي رقص بہ ڪندو هو. بدن جو تمام ڏٻرو، هڏن جي مٺ هوندو هو. بدن تي هميشہ هڪ رلي ويڙهيل هوندي هئس، جا ڏاڍي ٿلهي ۽ ڳري هوندي هئي ۽ رقص وقت محبت جي غلبي کان ايڏا ٽپا ڏيندو هو، جو رليءَ سميت ماڻهن مٿان پيو ورندو هو. سندس وفات جو سال معلوم نہ ٿي سگهيو آهي، پر حالات مان ظاهر آهي تہ هو ڪلهوڙن جي زماني جو ٻارهين صدي هجريءَ جي درويشن مان آهي.(1)

نانگو شاهه اصل ۾ شاهه عنايت رضوي جي مسلڪ جو هو، پر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو بہ همعصر ۽ دوست هو. نانگو شاهه ڀلارو درويش هو، وٽس شاهه ڀٽائي بہ گهڻو ٽڪو رهندو هو. پاڻ نانگي شاهه کي ڏسي چيو هُئائين:

جياسون جو جوڙ تي، نانگو ڏٺوسون نت،
جن جو چوڇو هيٺڙو ڇِت، ڪلي سو باغ ٿيو.

نانگو شاهه دنيا جي مامري سان وابستہ نہ هو. سنئون سڌو الڪ سان لاڳاپيل هو. هن "نفي" کي "امر" سان اثبات ڪري ڇڏيو هو. رات جو جاڳي ارتو اوتيندو هو. سندس ماڳ مڪان ديهہ ۽ ٽپو نانگاڻي، تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾، لاڪات جي ڀلاري پونءَ ۾ واقع آهي.

جيتوڻيڪ مخدوم صاحب ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي واقفيت ۽ ملاقاتون تہ ٺٽي ۾ ٿينديون رهنديون هيون، پر مخدوم صاحب هڪ دفعي ديني تبليغ ۽ بدعتن بند ڪرڻ جي سلسلي ۾ بدين طرف لاڪات لڳ ماتلي نانگي شاهه جي اوتاري ويو هو. اتفاق سان اتي اڳ ۾ محمد امين عرف نانگي شاهه جي اوتاري تي نانگو شاهه ۽ شاهه ڀٽائي ويٺا هئا. ٻنهي مخدوم صاحب جي مرحبا ڪئي. مخدوم صاحب، نانگي شاهه ۽ ڀٽائي صاحب سان ڪي سوال جواب ۽ رهاڻ ڪري ٺٽي واپس موٽي آيو.(1)

(1) "تذڪره مشاهير سنڌ"، جلد 3، ص 70 _ 267

(1) محمد سومار شيخ: "لطيف سائين جا لاڙ تان پيرا"، ص 72 _ 73

سيوهڻ:

مخدوم صاحب جو سيوهڻ سان اباڻو تعلق رهيو آهي. سندس والد عبدالغفور پنهور اصل ۾ سيوهڻ جو رهاڪو هو، پر پوءِ زماني جي گردش ڪري لاڙ طرف بنوري ۾ اچي رهيو، جتي مخدوم صاحب پڻ ڄائو. سيوهڻ قديمي شهر آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ سيوهڻ کي قدامت ۽ قلندر لال شهباز (المتوفي: 673هه) جي ڪري وڏي اهميت حاصل رهي آهي.

سن 1989ع ۾ بي.بي.سي لنڊن جي نمائندي رضا علي عابديءَ سنڌو درياءَ جو سفر ڪيو هو. ان اهو سفر، جتان سنڌو درياءَ نڪري ٿو، شروع ڪري، ويندي سنڌو درياءَ جي ڇوڙ يعني ڪيٽي بندر تائين ڪيو هو. اهو مترجم سفرنامو پوءِ "شير درياء" جي عنوان سان روزنامہ سنڌي اخبار "عوامي آواز" ڪراچي ۾ بہ ڇپيو آهي. ان دريائي سفر جي سلسلي ۾ رضا علي عابدي سيوهڻ ۾ بہ آيو هو ۽ سيوهڻ جي شهرين ۽ درگاهہ قلندر شهباز جي خدمتگار مجاورن کان معلومات حاصل ڪئي ۽ انٽرويو ورتو هئائين.

ان سفرنامي مان خبر پئي تہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي پنهنجي والد جي اصلي شهر ۾ آيو هو. سيوهڻ ۾ قلندر شهباز جي درگاهہ تي دستوري ڌمال تہ وڄندي هئي، پر ڌمالي فقير شريعت جو خيال نہ ڪندا هئا. ٻيو تہ ٺهيو، پر فرض نماز پڙهڻ مهل بہ ڌمال وڄائيندا رهندا هئا. مخدوم صاحب جي سيوهڻ ۾ اچڻ ۽ سندس چوڻ تي ڌمالي فقيرن فرض نماز پڙهڻ وقت ڌمال وڄائڻ بند ڪئي. مخدوم صاحب جي ڪوشش ۽ سعيي جي ڪري فرض نماز مهل ڌمال بند ڪرڻ جو سلسلو اڄ تائين هليو ٿو اچي. هينئر بہ ڌمالي فقير فرض نماز پڙهڻ وقت ڌمال وڄائڻ بند ڪري ڇڏيندا آهن.(1)

ڏامراهہ (لاڙڪاڻو):

ڏامراهہ، لاڙڪاڻي ضلعي ۾ قديم ڳوٺ آهي ۽ لاڙڪاڻي کان سنتن

(1) رضا علي عابدي: "شير درياء" (مقالو) مترجم: گل حسن ڪلمتي، روزانہ "عوامي آواز" ڪراچي، قسط 17، 1 ڊسمبر 1991ع

ميلن جي مفاصلي تي لاڙڪاڻو- رتوديرو روڊ تي واقع آهي. ڏامراها ذات اصل ۾ پنهور آهن ۽ ڏامراها، پنهورن جو مک پاڙو آهي. مخدوم صاحب به اصل ۾ ذات جو پنهور هو، پر ديني خدمت جي ڪري "مخدوم" سڏيو ويو.

لاڙڪاڻي طرف مشهور روايت هلندڙ آهي:

"مخدوم صاحب ڏامراهن ۾ آيو هو ۽ هتي هڪ مسجد ۾ رهيو هو. هن وقت ڪوبه ماڻهو ڏامراها ڳوٺ ۾ ان بابت وڌيڪ معلومات ڏيڻ وارو ڪونهي." [2]

هن سلسلي ۾ وڌيڪ تحقيق ڪندي، محترم بدر ڏامراهه تفصيل سان لکي ٿو:

"مخدوم صاحب واقعي هن تاريخي ڳوٺ ڏامراها ۾ آيو هو. هن وقت ڳوٺ جي پر ۾ هڪ پراڻي مسجد زبون حالت ۾ موجود آهي. مخدوم صاحب ان مسجد ۾ اچي رهيو هو. اها مسجد هن وقت 'سيدن جي مسجد' سڏبي آهي. ڳوٺ جا جهونا ماڻهو ٻڌائيندا هئا ته هن مسجد ۾ قلمي قرآن مجيد ۽ ڪتاب گهڻا پيل هوندا هئا. ڪنهن وقت سخت برسات جي ڪري مسجد ڊهي پئي ۽ اهي قلمي ڪتاب ۽ قرآن مجيد پٽجِي شهيد ٿي ويا. اها جهوني مسجد 'مخدوم محمد هاشم ٺٽوي' جي نالي به مشهور هئي." [1]

مخدوم صاحب جي ڏامراها ڳوٺ ۾ اچڻ جا ٻه سبب ٿي سگهن ٿا:

هڪ جيئن ته مخدوم صاحب ذات جو پنهور هو ۽ ڏامراها پنهور جو مکيه پاڙو آهي، ان ڪري مخدوم صاحب مٽي مائٽي ۽ سڱابنديءَ خاطر ڏامراهن ۾ آيو هجي.

ٻيو هيءُ ته ديني خدمت، تبليغ ۽ امرنهي جي اجراء لاءِ آيو هجي.

---

[2] ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لاڙڪاڻويءَ جو راقم ڏي خط، تاريخ 16 جون 1992ع ۽ 18 آگسٽ 1992ع

[1] محترم بدر ڏامراهي جو راقم ڏي خط، تاريخ 16 ڊسمبر 1992ع

بهرحال، انهيءَ سلسلي ۾ وڌيڪ تحريري احوال ڪونه ٿو ملي. هن پوئين ويجهي دور ۾ ڏامراها ڳوٺ جا ٻه اڪابر مشهور ٿي گذريا آهن:

1. رئيس المهاجرين جان محمد جوڻيجو (المتوفي: 1339هه)
2. مولوي عبدالرحمان ڏامراهو (المتوفي: 1348هه)

نصرپور:

مدرسه مجدديه عثمانيه ننگر ٺٽي جي مهتمم ۽ مفتي عبدالرحمان ٺٽويءَ ٻڌايو ته: مخدوم صاحب سنڌ ۾ گهڻن ماڳن مڪانن جو سفر ڪيو هو. ان سلسلي ۾ نصرپور به ويو هو. روايتن مطابق نصرپور ۾ سندس شاگرد مخدوم مئيڏنو ۽ مخدوم نور محمد نصرپوري رهندا هئا.[1]

نصرپور سنڌ جو تاريخي ۽ مردم خيز شهر آهي. سلطان فيروز شاهه سن 751هه/1350ع ۾ "نصر" نالي هڪ امير کي ساگري جي ڪناري تي قلعي ٺاهڻ جو حڪم ڪيو هو. اهڙيءَ طرح هيءُ شهر آباد ٿي، سندس نالي پوئٽان "نصرپور" سڏجڻ لڳو. درياءَ جي هيٺان هجڻ ۽ باغات جي ڪثرت ڪان شهر تفريح گاهه بنجي پيو. اڳتي هلي درياءَ جي رخ ڦيرائڻ ڪري، شهر جو اوج گهٽجي ويو.[2]

راقم گهڻن ڪتابن جا ورق ورايا، پر اهو حوالو لکت ۾ ملي نه سگهيو آهي ته مخدوم صاحب نصرپور جو سفر ڪيو هو. البت، تاريخ ۾ ايترو احوال آيل آهي، ته مخدوم صاحب جي مدرسي هاشمي جا پڙهيل ٻه شاگرد مخدوم مئيڏنو ۽ مخدوم نور محمد شهر نصرپور جا رهاڪو هئا. ممڪن آهي ته مخدوم صاحب پنهنجن فاضل شاگردن وٽ نصرپور آيو هجي، يا ديني دعوت ڏيڻ جي ڪري نصرپور جو سفر اختيار ڪيو هجي!

شڪارپور ۽ گهوٽڪي:

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو:

"مخدوم محمد هاشم ٺٽوي تعليم ۽ تبليغ جي سلسلي ۾ اتر سنڌ ۾ به آيو هو." [3]

---

[1] بروايت مفتي عبدالرحمان ٺٽوي، مهتمم مدرسه مجدديه عثمايه، ميمڻ محله، ٺٽو سنڌ

[2] "سنڌ جا اسلامي درسگاهه"، ص 194 _ 193 ايضاً "تاريخ معصومي" (مترجم سنڌي)، ص 87

[3] "قوت العاشقين"، مرتب: ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي، ڏسو مقدمو ص 9

ان ڏس ۾ ايترو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته اتر سنڌ ۾ مخدوم صاحب جو شاگرد شاهه فقير الله علوي شڪارپور ۾ رهائش پذير هو. گهوٽڪيءَ ۾ مخدوم صاحب جو همعصر سيد موسيٰ شاهه جيلاني ۽ سندس فرزند سيد محمد صالح شاهه گهوٽڪيءَ وارو، مخدوم صاحب جو شاگرد رهاڪو هئا.

جڏهن ته مخدوم صاحب سيوهڻ، ڏامراها ۽ ڪهڙن ۾ آيو آهي، ان ڪري اهو قرين قياس آهي ته مخدوم صاحب شڪارپور ۽ گهوٽڪي ۾ به پنهنجي همعصر بزرگن ۽ شاگردن وٽ آيو هجي!

باب ستون

مخدوم صاحب بحيثيت شاعر

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو وڏو ماهر ۽ شاعر هو. سندس گهڻا ڪتاب ان جو ثبوت آهن. انهن ڪتابن مان اڪثر عربي ۽ فارسي نثر ۾ آهن. جيئن ته مخدوم صاحب وڏو نثري مصنف هو، ان ڪري هن شاعريءَ ڏانهن گهٽ توجهه ۽ گهٽ وقت ڏنو. ليڪن، پوءِ به خوش - قسميءَ سان سندس عربي، فارسي ۽ سنڌي شعر موجود آهي. البت، مخدوم صاحب جو سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڻو شعري مواد موجود آهي.

(الف) عربي شاعري:

مخدوم صاحب کي عربي زبان تي ڪامل عبور حاصل هو. هن نثر سان گڏ عربي نظم ۾ به قلم هلايو. شاعري دراصل دلي جذبن جو اظهار ۽ اندر جو اڌمو آهي. مخدوم صاحب عاشق رسول ﷺ هو. ان ڪري غالباً سفر حرمين دوران روضئہ رسول تي حاضريءَ وقت عربيءَ ۾ عقيدت جو اظهار ڪيو.

مخدوم صاحب جي هن وقت تائين جيڪا عربي شاعري دستياب ٿي آهي، اهو ڪو وڏو دفتر نه ڪونهي، البت، ٻنهي جهانن جي سردار نبي ﷺ جي محبت ۽ شان ۾ چند قصائد محفوظ رهيا آهن.

1. مخدوم صاحب ”قوت العاشقين“ نالي هڪ ڪتاب لکيو آهي، جنهن جي پهرئين حصي ۾ ”قصيده برده“ جي تتبع تي عربي قصيدو آڻي ۽ ان جو سنڌي نظم ۾ شرح به لکيو آهي. هن عربي قصيدي ۾ 41 شعر آهن. اهو عربي قصيدو ۽ ان جو سنڌي ترجمو ۽ شرح پڙهڻ سان دل کي سرور ملي ٿو. عشقِ رسول جو درياءُ موجزن

ٺئي ٿو. هن قصيدي ۾ رسول الله ﷺ کي پڪارون ڪيل آهن.

2. مخدوم صاحب جو حضور ﷺ جن جي شان ۾ مختصر عربي قصيدن جو مجموعو "ثمانية قصائد صغار في مدح النبي ﷺ" موجود آهي، جنهن ۾ اٺن مان اسان کي ڇهه عربي قصيدا دستياب ٿي سگهيا آهن. جن جو تفصيلي ذڪر ۽ تعارف ڪتابن واري باب ۾ درج آهي. هيءَ عربي شاعري به عشقِ رسول جي رنگ ۾ رڱيل آهي.

مخدوم صاحب جي عربي شاعري جيتوڻيڪ ٿوري موجود آهي، پر اها عربي شاعري نهايت پڪي پختي، قافيي، رديف ۽ لفظن جي جڙاوت سان سينگاريل آهي. عربي ٻولي ميناج واري، سليس ۽ وڻندڙ استعمال ٿيل آهي، جنهن مان عربي ٻولي ۽ شاعريءَ تي سندس مهارت جو پتو پوي ٿو.

تازو مولوي محمد معروف متياريويءَ جي ڪتبخاني مان مخدوم صاحب جو هڪ نظم ۾ عربي ڪتاب "كفاية القاري" دستياب ٿيو آهي. اسان جي سامهون اڳ ۾ مخدوم صاحب جي عربي شاعريءَ جا چند قصيدا موجود هئا، پر خوشقسمتيءَ سان هيءُ نئون دستياب ٿيل سڄو رسالو عربي ٻوليءَ ۾ نظم ۾ آهي. هيءُ رسالو علم تجويد بابت جُڙيل آهي. هن ۾ هڪ هزار کن عربي شعر موجود آهن. رسالي جي شروعات مخدوم صاحب جي نالي سان نظم ۾ هن ريت آهي:

قال اقل الخلق محمد هاشم،
دام له لطف من الله عاصم.

هن مان ظاهر آهي ته مخدوم صاحب عربي ٻوليءَ جو به وڏو شاعر هو ۽ علم تجويد جهڙي ڏکئي فن تي به عربي نظم ۾ سمجهاڻيون ڏنيون اٿس. ممڪن آهي ته سندس ٻيو عربي شعر جو مواد به اڃا لپ ۽ گمنام ڪتبخانن ۾ محفوظ هجي!

هيٺ نموني طور مخدوم صاحب جي ڪتاب "قوت العاشقين" تان عربي شعر ترجمي سميت ڏجن ٿا، ته جيئن مخدم صاحب جي عربي شعر

جي رواني ۽ ادبي چاشني سامهون رهي:

(1) اغثني يا رسول الله حانت ندامتي،
اغثني يا حبيب الله قامت قيامتي.

[يا رسول الله! ندامت جو وقت پرجي آيو آهي. رَس يا حبيب الله! قيامت قائم ٿي رهي آهي.]

(2) اغثني يا شفيع المذنبين جميع هم،
تفرقت في داماءِ كثرت شامتي.

[مون رَس تون اي شافع گنهگارن جا، جيڪي جيڪي سمورا ٿي صغيرن توڙي ڪبيرن گناهن سان گنهگار آهن، منهنجي رت ۾ پڪڙيل ٿي آهي شامت ڪثرت سان.]

(3) اغثني مستغيثا، مذنبا متذللا،
ضعيفا نحيفا من وفور و خامتي.

[مون تي پهچ، جو آئون توکي پهچڻ لاءِ پڪاري رهيو آهيان. هڪڙو گنهگار ذليل ڪيل شخص جو بلڪل ضعيف نبل آهي، پنهنجي زياده لڙي پوڻ ڪري هوا جي هر جهوٽي اڳيان نميو پوي.]

(4) فطال العمر قد ضيعت في طرب،
و فرط عيش و احتساء مدامة.

[پوءِ عمر ڊگهاري ٿي، پر ساري خوشين ۾ ضايع ٿي ۽ نهايت حد کان زياده عيش ۾ وئي ۽ خسيس هميشگي ۾.]

(5) عناكب نسيان نسجن عليٰ قلبي،
لذالك تاسي النفس كان علامتي.

[منهنجي قلب ۾ ويساري جي ڪوريئڙن ڄارا اُٽي ڇڏيا آهن، اهوئي سبب آهي جو نفس جي مايوسي ۽ نااميدي منهنجي علامت آهي.]

(6) مررت بمعوج الطريق غواية،
اطعت عدو لا يريد استقامتي.

[بي عقلي ۽ ضلالت سان ڏنگي راهه تي هليو آهيان ۽ اهڙي دشمن

جي اطاعت ڪئي اٿم، جو منهنجي سڌي بيهڻ ۽ ٻيهارڻ جو ڪوبہ ارادو نٿو رکي.]

(7) توطنت موماة المهالک انما،
سوي جنابک يا فياض ليست عصامتي.

[مون اڃي وطن بنايو انهن جڳهن کي، جي هلاڪ ڪرڻ واريون آهن ۽ گرم اُڃ واريون جايون آهن. هاڻي تحقيق تنهنجي بارگاهہ ڌاران مون کي ڪابہ بچاءَ جي ڳلي ۽ پناهہ جي جاءِ ڪانہ رهي آهي. يا فياض! تون ئي بچاءِ ۽ پناهہ ڏي!]

(8) اغثني يا غياث المستغيث فانني،
لڪثرت او زاري تڪسر قامتي.

[فرياد سڻ اي فرياد ڪندڙ جا فرياد ٻُڌي اچڻ وارا! جو تحقيق تہ آئون يا رسول الله ﷺ گھڻي بار ڌوهن ۽ گناهن ڪري منهنجي بيهڪ ۽ چيلهہ ٽٽي پئي آهي.]

(9) فخذ بيدي يا شفيع الخلق انني،
عليٰ شفا جرف هار رايت مقامتي.

[پوءِ مون کي منهنجي هٿ ۾ پڪڙ اي سائين خلق جا شافع! ڇا لاءِ تحقيق مون ڏٺو آهي تہ منهنجو مقام ۽ جڳهہ دوزخ جي ڪناري تي پھتل آهي.]

(10) فانت الذي سماک ربي محمداً
واعطاک غفرانا و دار المقامة.

[تون ئي اهو نبي آهين، جنهن کي رب نالو رکيو تنهنجو محمد ﷺ ڪري ۽ توکي عطا ڪيائين غفران گناهن جي معافي ۽ نيڪيون ۽ مقام محمود ۽ مقام شفاعت اسان لاءِ.]

(11) واعطيت ڪوثراً والشمس والضحيٰ،
و فتحاً مبيناً و نصراً و نور ڪرامة.

[" توکي ڪوثر عطا ڪيو ويو ۽ سورة انا اعطيناک الڪوثر ۽

والشمس والضحيٰ ۽ فتح انا فتحنا سورة ۾ بيان ٿيل ۽ مددگار سورة اذا جاءَ ۾ آيل ۽ نور ڪرامت جو.]

(12) وانت الذي اُوليت قرباً و رفعة،
ونلت منالا فوق ڪل مڪانة.

[تون اهو آهين جو قرب ۽ بلندي درجات ۽ بلندي مڪانات ۾ اوليٰ ٿيو آهين ۽ تون اهڙي ذات کي رسيل آهين. جا سڀ درجات ۽ مڪان جي مٿان آهي.]

(13) اتيت ببرهان و حجة ساطع،
تبصر عميا في سحام ظلامة.

[آئين تون دليلن سان ۽ مٿاهين حجت سان. جنهن ڪري انڌا ڏسندڙ ٿيا پنهنجي قسمت ۽ نصيب ۾ جو هو اسان مان هئا. جن کي دشمن وٽان ئي دليل مليا.]

(14) اضاء بک الاکوان من ڪل جانب،
فيا نورالله نور سحامتي.

[هي ڪُن ۽ ڪون جا عالم هر طرف کان تنهنجي نور کان روشن آهن. پوءِ اي الله جا نُور! منهنجي سواد (ڪاراڻ) کي روشن ڪر!]

(15) فيا مصطفيٰ الڪونين و يا خير مرسل،
لعمرک لا ادري سواک زعامتي.

[پوءِ اي ڪونين جا مصطفيٰ يا اي مرسلن ۾ نيڪ مرسل! تنهنجي عمر سڳوريءَ جو قسم تہ آئون پنهنجو قصو توکان سواءِ ڄاڻان ئي ڪونہ.]

(16) فلولاک ما خلقت سبع الطباق ولا،
سبع الجنان و لا ناحت حمامتي.

[جيڪڏهن تون نہ هجين ها، تہ جيڪر نہ خلقيم ست طبقا آسمانن ۽ زمينن جا ۽ نہ ست دوزخ ۽ بهشت ۽ نہ ڪي اها ڳيري ئي منهنجي پڪاريندڙ هجي ها!]

(17) بخ! لک الخير يا طيب طيبة،

تطيب من تهوي لطيب شمامة.

[اي پاڪ خوشبوءِ وارا! توکي خيرمبارڪ آهي، جو جنهن شخص بہ تنهنجي خوشبوءِ سنگهڻ جو ارادو ڪيو، تہ اهو بہ خوشبوءِ وارو ٿي ويو.]

(18) و توجت يا فخري بتيجان قربة،
تقيک هاجرة طلة غمامة.

[اي منهنجا صاحبِ فخر! تو الاهي قرب جو تاج پاتو آهي ۽ تو تي سخت منجهند جي گرميءَ ۾ ڪڪرن جي ڇانوَ هميشہ مٿان ٽيندي رهي ٿي.]

(19) جبينک مصباح کواکب زينة،
لال تلا لان عند بسامة.

[تنهنجي پيشاني يا سيدا! روشني ڪندڙ مصباح آهي يا ستارا جن جو چمڪو وجي ئي ڪونہ. ڇڻ موتي آهن، جي جڙاءَ وقت چمڪو ڪري رهيا آهن.]

(20) محبتک يا محبوب قد شغفت قلبي،
فياليت قبري في جوار تهامة.

[اي محبوب! تنهنجي محبت منهنجي قلب ۾ پوريءَ طرح جڙجي چڪي آهي. پوءِ افسوس! جيڪر قبر منهنجي تهامة جي آس پاس هجي!]

(21) فيا فراق رسول فارقني،
ان العيون عيون من مدامع دامة.

[اي رسول الله جا فراق! پوءِ مون کان هاڻي جدا نہ ٿيءُ، ڇاڪاڻ تہ اکيون سي اهي اکيون آهن، جي هميشہ ڳوڙهن ڳاڙڻ ڪري هڪ چشمون پاڻي جو ٿيل آهن.]

(22) اتيتک ارجو يا حبيب بشارة،
و يا من لهٗ البشريٰ بفوز سلامة.

[يا حبيب! تو وٽ بشارت جي اميد ۾ آيو آهيان ۽ تون اهو شخص

آهين، جنهن کي بشارت فوز سلامتي جي مليل آهي ۽ آءٌ بہ ان مان فوز عظيم (وڏي ڪاميابي) کي پهچندس.]

(23) فجودک يا قمقام عم برية،
فانت الذي تشفي ضرير سقامتي.

[پوءِ تنهنجي سخا عام خلق تي آهي. اي جنهن جو معاملو الله تعاليٰ جمع ڪيو آهي ۽ ان سان عصبيت ٻڌي آهي، پوءِ تون اهوئي آهين جنهن سان منهنجي هي انڌي بيماري شفاياب ٿي سگهي ٿي.]

(24) ظلمت ظلما کثيراً و کنت ظلوماً،
جهولاً ذهولاً، لا دريت امانتي.

[مون گهڻا ظلم ڪمايا آهن، جو آهيان مظلوم ۽ جهول ۽ عقل ۾ ڪم. پنهنجي مليل امانت جو قدر نہ ڄاتم ۽ ان کي حاصل نہ ڪيم.]

(25) فيا نبي الهاشمي شفاعة،
لِهاشِمِ و غريق في بحار غرامة.

[پوءِ نبي الهاشمي! عرض ڪريان ٿو شفاعت جو، جا ٿئي مون ”هاشم“ نالي واسطي، جو ٻڏل آهي فرضن جي قرض جي بحرن عميقن ۾.]

(26) فوا حسرتا! فرطت فيما امرته،
و شمرت ذيلا لا قتران وثامة.

[پوءِ هاءِ افسوس ۽ حسرت! جو ان ۾ جيڪي تو مون کي امر فرمايو، تنهن ۾ نهايت گهڻو گهٽ وڌ هليو آهيان ۽ ور ڪٽي هم قرين شيطانن لاءِ بينو آهيان گڏ ڪرڻ لاءِ]

(27) عليک صلواة الله يا کوکب الهديٰ،
و يا قمر العرفان شمس شمامة.

[اي نيک ستارا هدايتن جا! توتي الله جون صلواتون، سلام ۽ رحمتون هجن شال! اي غالب ٿيڻ وارا دلين جي زڪي پردي جي سج تي ٻڪ غلبي جا حاصل ڪندڙ، تو تي الله جون صلواتون ۽ سلام هجن شال!

]

(28) عليک من الله السلام سلامة،
مادام اهل الخير في دار السلامة.

[توکي الله طرفان سلام ۽ سلامتيون هجن شال! جيستائين اهل خير جا دارسلامت يعني جنتن ۾ جڳهہ وٺندڙ آهن.]

(29) سلام عليٰ من سار بالصدق والصفا،
خليفة حق خير اهل الا عانة.

[سلام انهيءَ تي جو هليو هجرت تي صدق ۽ صفائيءَ سان، جو خليفو مددگارن نبي ﷺ جي اهل خير جو حقي واجبي هو.]

(30) رفيق رسول الله في الغار انما،
له الغاية القصويٰ بنيل فخامة.

[حضرت صديق رضي الله عنه، رسول الله جن سان وقت هجرت جي غار ۾ هم شريک هو ۽ ان ۾ سندس لاءِ نهايت وڏو بخشش جو پاڳو آهي.]

(31) فلا لسان لنا نحصي فضائله،
فبالرسول له سر الباطنة.

[پوءِ اسان کي زبان ڪانهي، جو ان جا فضائل ڳڻي شمار ڪري سگهون. پوءِ رسول الله ﷺ سان سندن راز هوندو هو. يعني بلڪل گهرو ۽ گهاٽو.]

(32) و بعد عليٰ بدرِ هوالبحر في العطا،
به عمارة عدل واهتداء ديانة.

[ان بعد اهو چوڏهينءَ جو چنڊ، (حضرت عمر) جو سمنڊ وانگر عطا ۾ مشهور هو، جنهن جي ڪري عدل جي عمارت ۽ ديانت ۽ هدايت جي عمارت تيار ٿي.]

(33) اکرم به انه معمار مملکة،
و کان لِدِين الله مثل دعامة.

[ان جي عزت ڪر، ڇا لاءِ جو اهو اسلام جي مملڪت جو معمار هو ۽ پڻ اهو الله جي دين لاءِ مثل هڪ دعوت ڏيندڙ جي هو.]

(34) مکارم اخلاق له ليس تحصر،
فان له فضلاً و خير الخزانة.

[هن جي نيڪ اخلاقن ۽ لڇڻن کي ڪوئي ڳاڻيتو نہ آهي، ڇا لاءِ تہ هن لاءِ الاهي فضل آهي ۽ خزانا خير جا شامل حاصل آهن.]

(35) کذالک عليٰ عثمان ثم علِي لهم،
جلالة قدر و اعتلاء مکانة.

[اهڙيءَ طرح حضرت عثمان ۽ حضرت علي رضي الله عنهما آهن. انهن لاءِ بہ جلالت قدر ۽ مٿانهون مڪان ۽ درجو آهي.]

(36) بنورهما قدبان بنيان حکمة،
بقهرهما خذلان اهل الاهانة.

[سندن ٻنهي جي نور سببان بيشڪ ظاهر ٿيا اڳرين وارا سنڌ حڪمت جا ۽ انهي ٻنهي جي غلبي ڪري اهل تحقير ۽ اهانت جا، الاهي مدد ۽ نصرت کان محروم ٿيل آهن.]

(37) فحسبهم شرفا اعطاه خالقهم،
جواهر نور في عقود العمامة.

[پوءِ انهن جي شرف موجب انهي ڏنا سندن خالق جواهر نور جا پڳ جي عقدن ۾.]

(38) سلام عليٰ نورين کل منهما،
مجامع احسان و حسن و سامة.

[سلام آهي ٻنهي نورن مان هر هڪڙي تي، جي جامع احسان ۽ حسن جا جلويدار آهن.]

(39) و بعد عليٰ باقي الصحابه کلهم،
دوام عين و غين وقاف و لامة.

["۽ انهيءَ بعد باقي کل اصحاب تي صلواتون ۽ سلام تيستائين

هميشہ هجن، جيستائين ع غ ۽ ق ۽ لام آهي، يعني جيستائين قلم لوح تي لکي رهيو آهي ۽ سج ڪڪرن جي اوٽ ۾ هلي رهيو آهي.]

(40) فمن ذا الذي مدح النبي و آله،
لکن للعشاق ميل الملامة.

[ڀوءِ اهو ڪير آهي، جو نبي ﷺ ۽ سندس آل جي مدح ڪري سگهي ٿو؟ ليڪن عاشقن کي اصل لاڙو ئي ملامت ڏي آهي، تنهن ڪري نٽا مڙن.]

(41) لفضل رسول الله ليس له حصر،
لسان کل فصيح في قيود سامة.

[بيشڪ، فضل رسول الله جو اهڙو آهي، جنهن جو ڳاڻيٽو ڪونهي، ڇا لاءِ تہ هر هڪ فصاحت واري جي زبان رکيل قيمت ۾ قيد پيل آهي، يعني خاص انداز کان زياده هلي نٿي سگهي.]

(ب) فارسي شاعري:

مخدوم صاحب جي دور ۾ فارسي شاعريءَ جو زور هو. سنڌ اندر سوين فارسي گو شاعر موجود هئا. خود ٺٽي ۾ بہ ڪئين صاحبِ ديوان شاعر رهندا هئا. هڪ طرف ڪلهوڙا حڪمرانن جي اڳين حاڪمن وانگر درباري ٻولي فارسي هئي، تہ ٻئي طرف نادري ۽ ابدالي اثر رسوخ بہ سنڌ ۾ قائم هو. سنڌ ۾ ايران جي شاعرن جي قدرشناسي ۽ آمد بہ گهڻي هئي، ان ڪري سنڌ ۾ فارسي شاعريءَ جو چالامان گهڻو وڌيل هو. هن دور ۾ سوين ديسي توڙي پرديسي فارسي گو شاعر سنڌ ۾ عام جام ڏسجن ٿا، جيڪي اڪثر وقت بوقت حاڪمن جي ثناخواني ۽ قصيده گوئي ڪري، پنهنجي پيٽ جي دوزخ جي آگ پيا اُجهائيندا هئا.

ٻئي طرف ساڳئي دور ۾ مخدوم صاحب خود وقت جي حاڪمن کي اسلام جي دعوت جو پيغام بہ پهچايو، پر پاڻ پنهنجي خالق ۽ مالڪ رب العالمين جي دين اسلام ۽ الله جي رسول ﷺ جي شريعت جي ترويج ۽ خدمت ۽ وعظ و نصيحت، درس و تدريس ۽ تصنيف و تاليف ۾ ايترو تہ مشغول رهيو، جو الله کيس اهڙي ساراهہ جو محتاج نہ بنايو. هو فقط

شريعت جي سربلنديءَ لاءِ رات ڏينهن مصروف رهيو. قال الله ۽ قال رسول الله ۾ مشغول.

مخدوم صاحب، صاحبِ ديوان ۽ پيشہ ور شاعر ڪونہ هو، پر کيس عربيءَ وانگر فارسي ٻوليءَ تي بہ دسترس هئي. فارسي نثر ۾ سندس گهڻا ڪتاب لکيل آهن. کيس عربي شاعريءَ وانگر فارسي شاعريءَ جي بہ ڄاڻ هئي. مير علي شير "قانع" ٺٽوي فارسي شاعريءَ جي سلسلي ۾ پنهنجي ڪتاب "مقالات الشعراء" فارسي ۾ مخدوم صاحب جي فقط هڪ فارسي رباعي مثال طور شامل ڪئي آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مخدوم صاحب فارسي شعر بہ چيو آهي.

مخدوم صاحب جي همعصر علامہ مخدوم محمد معين ٺٽوي امامن سڳورن جي شهادت تي روڄ راڙو ڪرڻ، پٽڻ ڪٽڻ ۽ مٽي ۾ مٽي وجهڻ کي جائز قرار ڏنو. ان ڏس ۾ هن هڪ فارسي رباعي هن ريت چئي:

اي واعظِ خوش کلام شيرين پيغام،
منبر بسواد قير گون کن بہ تمام،
با روء سيه خاک بسر فاش بگو،
در تعزيت حسين صبر ست حرام.

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي شريعت جي لحاظ کان صبر ۽ تحمل، رضا تي راضي رهڻ، رسول الله ﷺ جي پيروي ڪرڻ ۽ "ان الله مع الصابرين" تي زور ڏنو. مخدوم صاحب مٿئين فارسي رباعيءَ جو جواب پنهنجي چيل وري هن فارسي رباعي ۾ ڏنو:

اي عاشق صادق محب خوش نام،
در تعزيت حسين کن حزن تمام،
با سوز دلت اشک همين ريز زچشم،
ليکن ندهي رازِ محبت بہ عوام.[1]

مطلب تہ اي سچا عاشق ناميارا دوست! حضرت امام حسين عليه السلام جي دردناڪ واقعي تي غم پلي ڪر، دل جي سوز سان نيڻن مان

(1) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "مقالات الشعراء" (فارسي)، ص 842

نير وهاءِ، پر محبت جو راز عوام کي نہ ڏي.]

"مقالات الشعراءِ" ۾ مخدوم صاحب جي آيل رباعي تہ ادبي حلقن ۾ مشهور آهي. البت وڌيڪ فارسي شاعري بابت عصري ۽ پوءِ وارا ادبي ڪتاب خاموش هئا. راقم ان ڏس ۾ جستجو جاري رکندو آيو. تازو خود مخدوم صاحب جي فارسي قلمي ناياب نثري ڪتابن ۾ فارسي شاعري جو دفتر دستياب ٿيو آهي، جيڪو ٻن فارسي ڪتابن ۾ ضمناً شامل آهي: هڪ "رشف الزلال" ۽ ٻيو "مدح نامہ سنڌ".

1. مخدوم صاحب ٻپهري نماز جي وقت تي تحقيق ڪندي سنڌ ۾ اصلي پاڇي بابت فارسي نثر ۾ "رشف الزلال في تحقيق فيءِ الزوال" نالي هڪ ڪتاب سن 1133هہ ۾ لکيو هو. هن رسالي ۾ مخدوم صاحب جا يارهن فارسي شعر پاڇي جي سمجهاڻي بابت چيل آهن. مخدوم صاحب سنڌ ۾ اصلي پاڇي بابت ٻن سالن تائين تحقيق ۽ تجربو ڪيو. ان دوران جيڪو نتيجو نڪتو، ان جو نچوڙ يارهن فارسي شعرن ۾ سمايل آهي.

مثال:

بشنو بيان سايہ اصلي ملڪ سندهہ،
تاگويمت عليٰ حده در جملہ ماهها.

[مطلب تہ سنڌ ملڪ جي اصلي پاڇي جو بيان ٻڌ. سيني مهينن جي پاڇي جو سمورو احوال توکي ٻڌايان ٿو.]

2. اهڙيءَ ريت مخدوم صاحب جي فارسي شاعريءَ جا هڪ سؤ کن نوان شعر دستياب ٿيا آهن، جيڪي سندس هڪ ٻئي فارسي ڪتاب "مدح نامہ سنڌ" ۾ موجود آهن. اها فارسي شاعري الله تعاليٰ جي حضور ۾ مناجات، رسول الله جن ﷺ جي شان ۾ شعر ۽ صدائن تي مشتمل آهي. مخدوم صاحب "مدح نامہ سنڌ" ۾ پنهنجي نالي محمد هاشم سان گڏ تخلص طور "گنهگار" ۽ "مسڪين گدا" جا لفظ استعمال ڪيا آهن.

"مدح نامہ" ۾ فارسي شعرن جي مواد جو وچور هن ريت آهي:

(الف)	توحيد	2 شعر
(ب)	رسالت	14 شعر
(ج)	علم	1 بيت
(د)	گناهن جي بخشش	9 بيت
(هہ)	پاڻ سڳورن جو اخلاق	5 بيت
(و)	حضور جن کي پڪارون	26 بيت
(ز)	مناجات	5 بيت
(ح)	مناجات	37 بيت

هي جملي 99 فارسي شعر آهن. ممڪن آهي ڳولا ڦولها ڪجي تہ اجا بہ زياده مخدوم صاحب جي فارسي شاعريءَ جو ذخيرو ملي وڃي. ان حوالي سان مخدوم صاحب جي سوانح جا ڪي نوان گوشا سامهون اچن ۽ ان سلسلي ۾ اسان جي وڌيڪ رهنمائي پڻ ٿئي. نموني طور هتي مخدوم صاحب جي دستياب فارسي شاعريءَ جا ڪجهہ شعر ترجمي سميت درج ڪجن ٿا:

توحيد ۽ رسالت:

خداوند زمين و آسمانها،
بود روزي رسان جملہ جهانها.

[زمين ۽ آسمانن جو مالڪ، سيني جهانن وارين شين کي روزي پهچائيندڙ آهي.]

خلائق رابود از لطف او ڪام،
همہ علم ازو دارد سرانجام.

[ساري مخلوق کي ان جي مهرباني سان مراد حاصل ٿيندي آهي. سڄو جهان ان کان ئي ڪاميابي حاصل ڪندڙ آهي.]

محمد گوهر درج رسالت،
محمد اختر برج جلالت.

[حضرت محمد ﷺ رسالت جي درج بند ٿيل دٻي جا گوهر آهن.

حضرت محمد ﷺ جلال جي برج جا ستارا آهن.]

محمد سرور سالار دين است،
محمد رحمة للعالمين است.

[حضرت محمد ﷺ دين جو سردار ۽ سالار آهي. حضرت محمد ﷺ جهانن جي لاءِ رحمت آهن.]

چار يار

بجان و دل مطيع چار يارم،
بوصف و نام شان هريک شمارم.

[دل ۽ ساهه سان چئن يارن جي تابعداري ڪندڙ آهيان. هر هڪ جي نالي ۽ وصف سان بيان ڪريان ٿو.]

امير المومنين ابوبکر صديق،
ڪه علم دين و دانش کرد تحقيق.

[مومنن جو امير حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه، جو دين جي علم ۽ ڄاڻ جي تحقيق ڪيائين.]

عمر آن بادشاهه عدل و انصاف،
ڪه از عدلش غبار ظلم شد صاف.

[حضرت عمر رضي الله عنه عدل ۽ انصاف وارو بادشاهه. جو ان جي عدل سان ظلم جو غبار صاف ٿيو.]

بود عثمان حياؤ حلم را کان،
نهاده حق حيا در شان عثمان.

[حضرت عثمان رضي الله عنه حياء ۽ بردباريءَ جي کاڻ هو. الله تعاليٰ حياء حضرت عثمان رضي الله عنه جي شان ۾ رکيو آهي.]

شه مردان ڪه تيغ ذوالفقارش،
علي المرتضيٰ دلدل سوارش.

[مردن جو بادشاهه جنهن جي تلوار ذوالفقار هئي، حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه آهي، جيڪو دلدل تي سوار هوندو هو.]

حضورﷺ جن کي پڪارون:

من درد مندم حضرتا، فرياد رس يا مصطفيٰ!
پاره شد بهر خدا، فرياد رس يا مصطفيٰ!

[اي حضرت! آءٌ درد وارو آهيان، اي مصطفيٰ ﷺ منهنجي دانهن ٻڌ. ٽڪرا ٽڪرا ٿيل آهيان، اي مصطفيٰ ﷺ خدا واسطي منهنجي دانهن ٻڌ.]

بيشک توئي محبوب حق، فرمان برت جمله طبق،
در حکم تو ارض وسما، فرياد رس يا مصطفيٰ!

[اوهان بنا شڪ جي الله تعاليٰ جا محبوب آهيو. سڀئي طبقا اوهان جا فرمانبردار آهن. زمين ۽ آسمان اوهان جي حڪم ۾ آهن. اي مصطفيٰ ﷺ منهنجي دانهن ٻڌ.]

هستي تو شاه دو جهان، هم شافع اين امتان،
اي دوست رب العليٰ، فرياد رس يا مصطفيٰ!

[اوهان ٻنهي جهانن جا بادشاهه آهيو. هنن اُمتين جي شفاعت ڪندڙ به آهيو. اي مٿاهينءَ جي رب جا دوست! اي مصطفيٰ ﷺ منهنجي دانهن ٻڌ.]

جمله جهان جن و بشر، هم اين و آن زير و زبر،
از بهر تو آهو گواه، فرياد رس يا مصطفيٰ!

[سڀئي جهان، انسان ۽ جن، هيءَ ۽ اهي هيٺ ۽ مٿي، اوهان لاءِ هرڻيون به شاهد آهن، اي مصطفيٰ ﷺ منهنجي دانهن ٻڌ.]

از عرش تا زير زمين، هر چيز هم روح الامين،
بهر تو شد اي اصفيا، فرياد رس يا مصطفيٰ!

[عرش کان وٺي زمين جي هيٺين حصي تائين سڀ شيون، روح الامين جبرئيل عليه السلام به اوهان جي لاءِ اي پلا پيدا ٿيو، اي مصطفيٰ ﷺ منهنجي دانهن ٻڌ.]

هم تو شفيع المذنبين، هم رحمت للعالمين،

اي مرتضيٰ اي مجتبيٰ، فرياد رس يا مصطفيٰ!

[اوھان گنھگارن جي شفاعت ڪندڙ، پڻ جھانن لاءِ رحمت آھيو. اي برگزيده ۽ اي ڀلا اي مصطفيٰ ﷺ منھنجي دانھن ٻڌ.]

جزتو وسيلہ نيست ڪس، بھر خدا فرياد رس!
سلطان تخت اجتبا، فرياد رس يا مصطفيٰ!

[اوھان کان سواءِ ڪو وسيلو نہ آھي، خدا جي واسطي دانھن ٻڌ. اي ڀلائيءَ جي تخت جا بادشاھ! اي مصطفيٰ ﷺ منھنجي دانھن ٻڌ.]

اي گوھردرج حيا، و اي اختر برج وفا،
برھان تخت اصطفا، فرياد رس يا مصطفيٰ!

[اي حياءَ جي صندوق جا گوھر ۽ وفاداريءَ جي برج جا ستارا، ڀلائيءَ جي تخت جا دليل، اي مصطفيٰ ﷺ منھنجي دانھن ٻڌ.]

اي رھنمائي مومنان، اي حاجت روائي مسلمان،
مڪرم معظم مھتديٰ، فرياد رس يا مصطفيٰ!

[اي مومنن کي واٽ ڏيکاريندڙ، مسلمانن جي حاجت پوري ڪندڙ عزت وارا، تعظيم وارا، ھدايت جا صاحب، اي مصطفيٰ ﷺ منھنجي دانھن ٻڌ.]

اي بھتر از بھتران، و اي مھتر از مھتران،
اي اتقيا و مرتجيٰ، فرياد رس يا مصطفيٰ!

[اي ڀلن کان ڀلا، اي سٺن کان سٺا، اي پرھيزگارن ۾ اميد رکيل، اي مصطفيٰ ﷺ منھنجي دانھن ٻڌ.]

اي دستگير افتادگان، اي چاره بيچارگان،
بدرالدجيٰ شمس الضحيٰ، فرياد رس يا مصطفيٰ!

[اي ڪرين جو ھٿ وٺندڙ ۽ بيچارن جا سھارا، اونداھيءَ ۾ چمڪندڙ چوڏھينءَ جا چنڊ، ڪچڙي منجھند جا سج، اي مصطفيٰ ﷺ منھنجي دانھن ٻڌ.]

اي ميوه باغ امان، اي طوطيءَ سبع مثان،

اي صاحب نور الھديٰ، فرياد رس يا مصطفيٰ

[اي امت جي باغ جا ميوا، اي قرآن ڪريم جا طوطا، اي ھدايت جي نور جا صاحب، اي مصطفيٰ ﷺ منھنجي دانھن ٻڌ.]

نور نھال دولتي، نور بھار ملتي،
اي حرمت باغ صفا، فرياد رس يا مصطفيٰ!

[اوھان دولت جي وجود ۽ ملت جي بھار جا نور آھيو ۽ اي صفائي جي باغ جي عزت، اي مصطفيٰ ﷺ منھنجي دانھن ٻڌ.]

منصور ممدوح بدر، صادق خبر نيڪو سِيَر،
خورشيد حق احسن لقا، فرياد رس يا مصطفيٰ!

[بدر جي جنگ ۾ مدد ڪيل، ساراھيل ڳالھ جا سچا، سھڻي سيرت وارا، حق جا سج، سھڻي ديدار وارا، اي مصطفيٰ ﷺ منھنجي دانھن ٻڌ.]

اي مقصد اقصيٰ ھمم، عالي مقام ذي الڪرم،
اي دردمندان را دوا، فرياد رس يا مصطفيٰ!

[اي ھمتن جي نھايت جا مقصد، مٿانھين مقام وارا ڪرم جا صاحب، اي درد وارن دردن جي دوا، اي مصطفيٰ ﷺ منھنجي دانھن ٻڌ.]

اي شاھ اسرار قدم، وي ماه انوار حڪم،
برعاصيان لطف خدا، فرياد رس يا مصطفيٰ!

[اي قديم اسرارن جا بادشاھ ۽ اي حڪمتن جي نور جا چنڊ، گنھگارن تي الله جا لطف، اي مصطفيٰ ﷺ منھنجي دانھن ٻڌ.]

اي نور صدق جان و دل، نور حديقہ آب و گِل،
اي صاحب جود و سخا، فرياد رس يا مصطفيٰ!

[اي ساھ ۽ دل جي سچائيءَ جا نور، پاڻي ۽ مٽي جي باغ جا نور، ڪرم ۽ سخاوت جا صاحب، اي مصطفيٰ ﷺ منھنجي دانھن ٻڌ.]

اي روشني عاصيان، نور خدا بر تو عيان،
اي نص ختم انبياء ، فرياد رس يا مصطفيٰ!

[اي گنھگارن جي لاءِ روشني، تنھنجي اڳيان الله تعاليٰ جو نور ظاھر آهي. اي دنيا تي نبين جي اچڻ جي ختم ٿيڻ جا نص، اي مصطفيٰ ﷺ منھنجي دانھن ٻڌ.]

بھر ابوبکر تقي، بھر عمر شاھ نقي،
از بھر عثمان ذوالحيا، فرياد رس يا مصطفيٰ!

[حضرت ابوبڪر صديق پرهيزگار جي واسطي، حضرت عمر شاھ صفائي واري جي واسطي، حضرت عثمان حياء واري جي واسطي، اي مصطفيٰ ﷺ منھنجي دانھن ٻڌ.]

بھر علي المرتضيٰ، بھر حسن ذوالمجتبيٰ،
بھر حسين شھ ڪربلا، فرياد رس يا مصطفيٰ!

[حضرت علي المرتضيٰ جي واسطي، حضرت امام حسن پلاين جي صاحب جي واسطي، ڪربلا جي شاھ حضرت حسين جي واسطي، اي مصطفيٰ ﷺ منھنجي دانھن ٻڌ.]

حرمت همه اصحابها، حرمت همه احبابها،
لطفي بحال زار ما، فرياد رس يا مصطفيٰ!

[سيني اصحابن سڳورن رضي الله عنهم ۽ سيني پيارن جي مَحابي، اسان جي ڏکويل حالت تي ڪو لطف فرماءِ، اي مصطفيٰ ﷺ منھنجي دانھن ٻڌ.]

اي حضرت سيد رسل، و اي مهدي و هادي سُبل،
و اي ختم سورة اصفيا، فرياد رس يا مصطفيٰ!

[اي حضرت رسولن سڳورن جا سردار ۽ اي هدايت وارا حق جي واٽن ڏي هدايت ڪندڙ ۽ اي پلارن جي سورة جي پڄاڻي، اي مصطفيٰ ﷺ منھنجي دانھن ٻڌ.]

ملڪ و فلڪ از نور او، صافين شد مسرور او،
و اي آفرينش را سزا، فرياد رس يا مصطفيٰ!

[ملائڪ ۽ آسمان اوهان جي نور مان آهن ۽ اي پيدا ٿيڻ جا سبب،

اي مصطفيٰ ﷺ منھنجي دانھن ٻڌ.]

اي نور حق پيدا ز تو، اي ديده دل بينا ز تو،
اي مالک هر دو سريٰ، فرياد رس يا مصطفيٰ!

[اي اھا ذات، حق جو نور اوھان مان ظاهر آهي ۽ دل جي نگاھ اوهان جي صدقي روشن آهي. اي ٻنهي جهانن جا مالڪ، اي مصطفيٰ ﷺ منھنجي دانھن ٻڌ.]

باغ فصاحت را کلي، اي مرشد پير ولي،
بهر تو شد ارض و سما، فرياد رس يا مصطفيٰ!

[اي فصاحت جي باغ جا گل، پيرن ۽ ولين جا مرشد، اوهان لاءِ زمين ۽ آسمان پيدا ٿيا. اي مصطفيٰ ﷺ منھنجي دانھن ٻڌ.]

اين "هاشم، مسکين گدا"، گفته ثنا بي انتهيٰ،
يا مرحبا يا مرحبا، فرياد رس يا مصطفيٰ!

[هن "هاشم مسڪين گداگر" ثنا چوڻ ۾ پنھنجي طرفان انتها ڪئي آهي. مرحبا، اي مصطفيٰ ﷺ منھنجي دانھن ٻڌ!]

(ج) سنڌي شاعري:

مخدوم صاحب جي مادري ٻولي سنڌي هئي، ان ڪري سندس سنڌي شاعري عربي ۽ فارسي ڪلام کان زياده آهي. سندس سنڌيءَ ۾ لکيل سڀ جا سڀ ڪتاب سنڌي نظم ۾ آهن. مخدوم صاحب جي دور ۾ سنڌي نثر لکڻ جو رواج بنھ ڪونھ هو ۽ جيڪڏهن هو، ته بہ تمام گھٽ ۽ هينئر اڻلڀ آهي. تنھنڪري پاڻ جيڪي ڪتاب لکيائين، سي سڀ جھوني نموني واري سنڌي نظم ۾ آهن. ان کان سواءِ مخدوم صاحب جي دور کان اڳ جا ڪي منظوميا هئا، يا خود ٺٽي جي عالمن: ميون ابوالحسن ۽ ميان ضياءُ الدين ٺٽوي بہ سنڌي نظم ۾ رسالا جوڙيا هئا. جن ۾ ديني مسئلن کي آسان نموني ۾ سمجھايو ويو هو. تنھنڪري مخدوم صاحب بہ نو مسلم ۽ عام ماڻھن جي فائدي، سھنجائي، پلائي ۽ سمجھاڻيءَ خاطر سنڌي نظم

۾ ڪتاب لکيا. سنڌس عربي ۽ فارسي ڪتاب ته عالمن ۽ فاضلن جي اکين جو نور ۽ دل جو سررو بنيا. باقي عام ماڻهن لاءِ سنڌس منظوم سنڌي ڪتاب ايتري قدر نه مقبول ٿيا، جو مدرسن ۽ مڪتبن ۾ ابتدائي طور پڙهايا ويندا هئا. اڄا تائين هر جاءِ تي مخدوم صاحب جي انهن منظوم سنڌي ڪتابن جو پڙاڏو ۽ اثر جاري آهي.

مخدوم صاحب جي زماني ۾ ڊگهن نظمن جو رواج پيو، جن کي "نظم معريٰ" يا "ڪبت" واري شاعري چيو ويندو آهي، جنهن ۾ اڪثر الف اشباع وارو قافيو استعمال ٿيندو آهي. مخدوم صاحب جي شاعري ان نوعيت واري آهي، جنهن ۾ اصطلاح ۽ محاورا لاڙي سمايل آهن. مخدوم صاحب جا سنڌي نظم ۾ ڊزن کان وڌيڪ ڪتاب لکيل آهن. انهن ڪتابن تي تبصرو ۽ تعارف ڪتابن واري باب ۾ آيل آهي. هيٺ مخدوم صاحب جي نموني طور سنڌي شاعري درج ڪجي ٿي:

هئي هئي حياتي ڏينهڙا تو وساري ويا
عمر گذري عيش ۾ هاريئي هميشا
اجل اوڏو آئيو جيئڻ جاءِ نه ڪا
ووءِ ووءِ وتين ويسرو اسونهن اياڳا
سنجهي صبوح سمهين اٿين اويلا
توکي تات نه تند جي ڪتڻ جي نه ڪرا
جن ڪتيو ڪالهه هي سرها سي ٿيا
جتي محشر ماڳ ۾ لکين لک مڙندا
دائما دنيا نه رهي باقي منجهه بقا
جيئڻ جال نه نبهي آدم جي ويا
ساٿي سمر ڪر تون ساري سفر لاءِ
پانئين جان پاڳ مڙان مهندا محمدا!

❊❊❊

ٻر ٻر ٻڏو جنڊڙو ڏوهن ڏار مڪا
گوندر مٿي هينئڙي وڏي وڻ ٿيا
هئي هئي هنجون هاريان ڳاڙيان ڳل ڳوڙها
مون ڪي وسيلو ناهه ڪو توريءَ رحيما
سڪ نه ساريان سپرين طاقت توارا
ٻڏندي ٻاڪاريان دانهون ڪريان دردا
سٽي سڏ سوالي جا سباجها ٻاجهاء
هادي ڪر "هاشم" ڏونهن نظر مهر منجها
پلؤ پڪيڙي پنڌو مهندا محمدا![1]

(د) مخدوم صاحب ۽ شاهه لطيف جي سنڌي شاعري:

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي هڪڙي دور جا چمڪندڙ چنڊ آهن. مخدوم صاحب عالمن جو اڳواڻ هو، ته شاهه صاحب صوفين جو سرواڻ آهي. مخدوم صاحب علم ۽ قلم جي ذريعي سنڌ واسين جي خدمت تي ڪئي، ته شاهه صاحب الاهي اسرار پنهنجي ڪلام ۾ سمائي، سنڌ وارن کي حق جو پيغام تي پهچايو ۽ غافلن کي بيدار پئي ڪيو.

جيئن ته مخدوم صاحب ۽ شاهه صاحب ٻئي شاندار شاعر ۽ قوم جا همدرد ۽ گهڻگهرا هئا. ٻنهي پنهنجي علم ۽ قلم، فڪر ۽ فهم ذريعي سنڌ کي واسيو، سُرهو ۽ سرهو ڪيو. ٻنهي شاعرن جو تعلق اهڙي دور سان آهي، جنهن دور ۾ سنڌي ٻولي اُسري نِسري رهي هئي. اڳتي هلي الف - بي جي نئين ترتيب سان سنڌي ٻولي نظم ۾ شاهوڪار بني. اڳ جي پيٽ ۾ وڏي ويجهي وڻ ٿي. گلن ٻوٽن سان سينگارجي ثمر آور ثابت ٿي. ادبي تاريخ ۾ اهو ڪلهوڙن جو دور هو، جنهن کي سنڌي ٻوليءَ جو "سونهري دور" سڏيو

---

[1] مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: "قوت العاشقين" (سنڌي)، مرتب: خانبهادر محمد صديق ميمڻ، ص 4_6
ايضاً "مدح نامہ سنڌ" (فارسي) مترجم: مولانا محمد ادريس ڏاهري، شاهه پورجهانيان
شاهواڻي غلام محمد: "شاهه جو رسالو"

وجي ٿو. ان دور جي اڪثر سنڌي شاعرن جي ٻولي، فني سٽاءَ ۽ اصطلاحن محاورن ۾ هڪجهڙائي ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

ان علم پرور دور ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي نج سنڌي شاعري ۽ ادبي ٻوليءَ جو شهنشاهه ٿي اُڀريو. اهڙيءَ ريت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي سنڌي شاعري ۽ ٻولي به ڏاڍي ٻاجهاري آهي. مخدوم صاحب لاڙ جي دُن يعني علمي شهر ٺٽي ۾ ٿي رهيو، ته وري حضرت شاهه صاحب اُتر جي ڀِٽ ۾ لاڙ کي ويجهو هو. ڪيس لاڙ سان لنئون لڳل هئي. پاڻ هميشه لاڙ تان پيرا ڪندو رهيو هو. سندس ڏاڏي شاهه عبدالڪريم بُلڙي واري جي زيارت گاهه ”بُلڙي“ ۾ آهي. پاڻ ملتان مان ڪاشي آڻائي سندس روضو مبارڪ ۽ ان سان گڏ مسجد به جوڙائي هئائين. شاهه صاحب جون لاڙ ۽ خاص ڪري ٺٽي جي اهل الله درويشن سان جهجهيون روح رهاڻيون رهنديون هيون. اهوئي سبب آهي جو شاهه جي ڪلام ۽ ٻوليءَ تي لاڙ جو سوايو اثر رهيو آهي. ٻئي طرف مخدوم صاحب به لاڙ ۽ ٺٽي جي عالمن جو اڳواڻ ۽ شاعرن جو سرواڻ هو. پاڻ عربي ۽ فارسيءَ جو زبردست عالم هوندي به، ان وقت سنڌي ٻوليءَ جي اهميت کي محسوس ڪندي، پنهنجي مادري زبان ۾ ٻارهن ڪتاب لکيائين.

شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ جي ٻولي عوامي ۽ نج ادبي رنگ جي آهي. مخدوم صاحب ديني مسئلن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ سموهيو، پر ان سان گڏ شاهه صاحب وانگر سنڌي ٻوليءَ ۾ ادبي چاشني ۽ عوامي رنگ به رچائيندو آيو. هڪ طرف شاهه صاحب رات ڏينهن سير سفر ڪري، وطن جي واهڻ ۽ وانڍن، وسندين ۽ شهرن جو گهرو مطالعو ڪري مشاهدو ٿي ماڻيو. مختلف طبقن ۽ ڌنڌن وارن ماڻهن سان ملي ٻوليءَ جو خزانو محفوظ ٿي ڪيو ۽ ٻوليءَ کي مايه دار ٿي بنايو. ٻئي طرف مخدوم صاحب جنهن جو عربي ۽ فارسي جي ڀرپور دور ۽ ٺٽي جهڙي علمي شهر سان واسطو هو. رات ڏينهن وعظ نصيحت، درس تدريس سان گڏ فتويٰ نويسي، عام ماڻهن جا فيصلا ۽ ديني مسئلا به حل ڪندو هو. وقت جي عالمن سان علمي ۽ قلمي مقابلا به جاري رکندو آيو. مخدوم صاحب ٽن

سون ڪان وڌيڪ عربي ۽ فارسي ۾ ڪتاب لکيا. عربي ۽ فارسي جو شاعر به هو. ايڏين مصروفيتن هوندي ۽ رات ڏينهن عربي ۽ فارسي ٻولي سان واسطو رکڻ جي باوجود ان دور جي ۽ شاهه لطيف جهڙي ٺيٺ سنڌي نموني ۾ شاعري ڪرڻ ڪي ادبي ڪرامت چئي سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ اهو مشڪل مسئلو آهي ته نج مذهبي شاعريءَ ۾ به ادبي رنگ ڀرڻ ۽ ٻوليءَ کي رس ڀريو ۽ ميناج وارو بنائجي، پر مخدوم صاحب گهڻي حد تائين ان ۾ ڪامياب ويو آهي. ان فرق ۽ لاڙي جي ڪري شاهه صاحب ۽ مخدوم صاحب جي سنڌي شاعري ۽ ان ۾ ڪتب آندل ٻوليءَ جي ڀيٽ ڪري نٿي سگهجي. ان دور ۾ يا پوءِ ڪو شاعر شاهه صاحب سان برميچي نه سگهيو آهي.

پر تنهن هوندي به مخدوم صاحب نظم ۾ ڪٿي ڪٿي اهڙا لفظ جڙيا ۽ پويا آهن ۽ ڪيترين جاين تي اهڙيون سُهڻيون سِٽون سمايون آهن، جي هوبهو شاهه لطيف جي ٻوليءَ جون سڪون ٿيون لاهين ۽ ان دور جي ٻاجهاري ٻوليءَ جي عڪاسي ٿيون ڪن. لفظن ۽ معنيٰ جو مفهوم به جزوي ڦير ڦار سان هوبهو شاهه لطيف جي شعرن سان ملي جلي ٿو.

شاهه لطيف:

چڱا ڪن چڱايون، منايون منن،
جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن.

مخدوم صاحب:

بڇڙن ڪم بڇڙايون، چڱايون چڱن،
جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن.

شاهه لطيف:

ٿورا نه ٿورا، مون تي ماروئڙن جا،
پلاٿيون ۽ پيرا، ڳڻي ڳڻيندي ڪيترا.

مخدوم صاحب:

تنين مٿو ناهه ڪو، اپر اڳانجها،
ڳڻي ڳڻيان ڪيترا، ڪنڌي جنين نه ڪا.

شاھ لطيف:

ڪٽي نيڻ خمار مان، جان ڪيائون ناز نظر،
سورج شاخون جهڪيون، ڪوماڻو قمر،
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ڏيکيندي دلبر،
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين.

مخدوم صاحب:

سڄڻ صورت سهڻو، سرهو سينئا،
جوت نہ ذري جيتري، چنڊ چوڏهين ماه،
ڏسي مُنهن محبوب جو، تارا شرمئا،
سج، چنڊائي سهڻو، خاصو خير وريٰ.

شاھ لطيف:

مهڙ مڙني مرسلين، سرس سندس شان،
اي آگي جو احسان، جنهن هادي ميڙيم هھڙو.

مخدوم صاحب:

مهڙ مڙني مرسلين، مشفق مجتبيٰ،
لال لاکيڻو لکڻين، نبي نور هديٰ.

شاھ لطيف:

ستر ڪج ستار، آئون اگهاڙي آهيان،
ڍڪج ڍڪڻهار، ڏيئي پاند پناھ جو.

مخدوم صاحب:

عيب منهنجا ڍڪئين، ستر ساڻ سچا،
اوگڻ ڪج مَ پڌرا، آگا عاصين جا.

شاھ لطيف:

جڏهانڪر ٿيام، ساڃاء سپرين سين،
تڏهانڪر تر جيترو، ويل نہ وسريام،
اندر روح رهيام، سڄڻ اوطاقون ڪري.

مخدوم صاحب:

سڄڻ رهيام روح ۾، اندر اوتارا،
آهيم سهد سرير ۾، گهڻو اپارا.

هي چند مثال شاھ صاحب جي رسالي (مرتب: غلام محمد شاهواڻي) ۽ مخدوم صاحب جي ڪتاب "قوت العاشقين" مان ورتا ويا آهن. جيڪڏهن مخدوم صاحب جي سڀني سنڌي تصنيفات مان شاھ صاحب جي رسالي سان تقابلي مطالعو ڪجي، تہ گهڻوئي هڪ جهڙو لفظي ۽ معنوي مواد سامهون اچي سگهي ٿو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي علمي ۽ ادبي اهڃاڻن بابت اضافو پڻ ٿي سگهي ٿو.

باب اٺون

مخدوم صاحب هڪ ليکڪ، تنقيدنگار ۽ سنڌي ٻوليءَ جو خدمتگار

سنڌي ٻوليءَ جي شروعاتي تاريخ، قدامت، صورتخطي، خطاطي ۽ لکت جي مختلف مرحلن کي سمجهڻ، پرکڻ پروڙڻ ۽ سهيڙي سموهي گڏ ڪرڻ لاءِ وقت بوقت لسانيات جي ماهرن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي محققن پاڻ پئي پتوڙيو آهي. تحقيق دوران مختلف نظريا قائم ڪري، نتيجا پئي اخذ ڪيا آهن. ان ڏس ۾ تازو سنڌي ٻوليءَ جي عظيم محقق، محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ”سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي“ بابت جديد تحقيق سامهون آئي آهي. ان ڪري سنڌي ٻوليءَ کي دور - وار سمجهڻ لاءِ آساني پيدا ٿي آهي. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو:

> ”سنڌي ٻولي ڏکڻ ايشيائي ننڍي کنڊ جي قديم ترين ٻولين مان هڪ آهي. تاريخي طور تي اها سنسڪرت کان اڳ واري دور جي ٻولي آهي، جيڪا سنڌو ماٿر جي ڪنهن مقامي پراڪرت يا پراڪرتن مان اُسري. ’مئن جي دڙي‘ واري قبل از تاريخي دور جي ٻوليءَ کي ’سنڌ جي ٻولي‘ چئي سگهجي ٿو، پر ’سنڌي ٻولي‘ گهڻو ڪري پوءِ اُسري. عيسوي پنجين صدي کان يارهين صدي واري عرصي ۾ يعني راءِ گهراڻي، برهمڻ گهراڻي ۽ پوءِ عرب - اسلامي حڪومتن واري دور ۾ سنڌ اندر سياسي ۽ انتظامي مرڪزيت جي ڪري، سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ هلندڙ ’مقامي محاورن ۽ ٻولين‘ ۾ وڌيڪ مرڪزيت پيدا ٿي، جيڪا هڪ عام فهم سنڌي ٻولي جي اوسر لاءِ ڪارگر ثابت ٿي. عرب - اسلامي دور ۾ سنڌي ٻولي

> جي تاريخي اوسر جا وڌيڪ پڪا پختا حوالا ملن ٿا.
>
> هن دور ۾ عربيءَ سان گڏ سنڌيءَ کي اهميت حاصل ٿي، جو نئين اسلامي معاشري ۾ عربن ۽ سنڌين جي گڏيل رهڻي ڪهڻي سبب ٻئي هڪٻئي جي ٻولي سمجهندا رهيا ۽ ڳالهائيندا رهيا. چوٿين صدي هجري (ڏهين صدي عيسوي) ۾ جڏهن ڪي عرب عالم ۽ سياح سنڌ ۾ آيا ته هنن سنڌي ۽ عربي ٻئي ٻوليون سنڌ ۾ عام رائج ڏٺيون... عربن جي دور کان پوءِ سومرن وارو دور (1050ع/1350ع) عام فهم سنڌي ٻوليءَ جي تعمير ۽ توسيع وارو دور هو، جنهن ۾ سنڌي، سنڌ جي ڏکڻ - اپرندئين ڀاڱي کان اڳتي ويندي ڪڇ تائين رائج ٿي. هن دور ۾ سنڌيءَ ۾ وڌندڙ بياني صلاحيت سببان، ٻوليءَ جي عوامي روايت واري ادبي ذخيري ۾ وڏو واڌارو ٿيو. قصا اُسريا ۽ مشهور ٿيا ۽ ڳاهن سان ڳالهيون ڳايون ويون. ان بعد سمن جي دور (1359ع / 1520ع) ۾ وچولي سنڌ جي سمن جي قبيلن جي نج سنڌي ٻولي، معياري سنڌي ٻوليءَ جي صورت ۾ ترقي پذير ٿي ۽ سنڌي ٻوليءَ جون سرحدون وسيع ٿيون. سنڌي نثر ۾ وڌندڙ بياني قوت سببان قصه خوانيءَ جو فن وڌيو ۽ شعر ۾ سنڌي بيت هيئت ۽ فن جي لحاظ سان قاضي قادن جي ڪلام ۾ پنهنجي تڪميلي صورت کي پهتو. ارغونن، ترخانن ۽ مغلن وارو دور (1520 - 1680ع) سنڌ ۾ فارسي زبان جي اوسر ۽ عروج وارو دور هو، مگر سنڌي پنهنجي تاريخي ۽ ارتقائي اعتبار سان اهڙي اعليٰ سطح تي پهچي چڪي هئي، جو باوجود فارسيءَ جي عمل ۽ اثر جي سنڌيءَ جي انفراديت ۽ افاديت قائم رهي. هن دور (1590 - 1680ع) جي آخر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي علمي تاريخ ۾ هڪ وڏو انقلاب آيو، جو سنڌ جي سجاڻ عالمن ۽ استادن هڪ خاص تعليمي نظريي ۽ تعليمي تحريڪ جو بنياد وڌو، ته ٻارڙن کي

بنيادي تعليم سندن مادري زبان سنڌي ۾ ڏني وڃي، تہ جيئن هو سولائيءَ سان مڪتبي تعليم پوري ڪري سگهن. هن تحريڪ هيٺ نہ فقط مڪتبي سطح تي سنڌيءَ ۾ پڙهائيءَ جو سلسلو شروع ٿيو، پر ان لاءِ سنڌيءَ ۾ درسي مواد مهيا ڪرڻ جي شروعات ٿي.

ان بعد آخري مغلن، عباسي ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن اميرن واري دور (1680 - 1860ع) ۾ سنڌي زبان ذريعي بنيادي تعليم ڏيڻ واري تحريڪ جا بنياد مضبوط ٿيا. معياري درسي ڪتاب 'ابو الحسن جي سنڌي' جي عام مقبوليت سان سنڌيءَ ۾ تعليم ڏيڻ واري تحريڪ ڪامياب ٿي. 'سنڌي' جي خاص نالي سان وڏيڪ درسي ڪتاب شايع ٿيا ۽ سولي سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکڻ جو نظريو عام ٿيو. ان سان گڏ هن دور ۾ سنڌي اَساسي شاعريءَ جي عمارت اڏجي راس ٿي ۽ سنڌي بيتن ۽ واين جا ذخيرا 'رسالي' جي خاص نالي سان صورت پذير ٿيا. هن دور ۾ اعليٰ فڪر وارا وڏا عارف ۽ ديده ور داناءَ ۽ شاعر ساماڻا، جن پنهنجن سنڌي بيتن ۾ اعليٰ انساني اخلاق ۽ ڪردار جا سبق سمجهايا." [1]

سنڌي ٻولي ۽ صورتخطيءَ جي هن تاريخي پس منظر کان پوءِ اسان مخدوم صاحب جي همعصر ڪلهوڙا دور تي اچون ٿا. هي ٻارهين صدي هجري فارسي ادب سان گڏ سنڌي ٻولي جي آبياريءَ جو دور رهيو آهي. تاريخ ۾ ٻارهين صدي هجريءَ کي سنڌي علم ۽ ادب جو "سونهري دور" چيو وڃي ٿو. هڪ طرف صوفي شاهه عنايت سر ڏيئي سرهو ٿيو ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي تن تسبيح، من مڻيو، دل دنبورو ڪري سنڌ جي چپي چپي، هر وسندي ۽ واهڻ، ٿر ۽ بر ۾ وحدت جي وائي ۽ روحاني رمزن سان وڻ ٽڻ واسي ڇڏيا. سچل سائين وري الستي اسرار آلاپي، جهر جهنگ کي سرمست بنائي ڇڏيو. ٻئي طرف سنڌي علم ادب جي محسنن: ميون

(1) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي"، ص 8_9

ابولحسن سنڌي، مخدوم ضياءُ الدين، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم عبدالله نرئي وارو ۽ مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيءَ سنڌي ٻوليءَ ۾ ديني ادب جا ڪيئي ڪتاب تحرير ڪيا.

بهرحال، سنڌي ٻوليءَ جي انهن سيني محسن بزرگن سنڌي علم ۽ ادب جي گلشن کي سرسبز ۽ شاداب بنايو، جنهن جي سڳنڌ ۽ سرهاڻ ديس پرديس کي سرهو بنائي ڇڏيو. هرهڪ عالم ۽ فاضل، صوفي ۽ عارف، سخي ۽ سورهيہ، اديب ۽ شاعر پنهنجي ذات ۽ ڏانءَ، وس ۽ وت آهر رَتُ سٽُ ڏيئي، نُور نچوئي، قلم هلايو ۽ سنڌي علم ادب سان پال پلايا. انهن سنڌ جي عالمن ۽ اديبن سنڌي ڪتاب لکي عام ماڻهن کي علم سان روشناس ڪرايو. ٻئي طرف سنڌي علم ادب ۾ وڏو بنيادي ڪم ڪري ويا. اهڙن برک بزرگن ۾ سنڌ جو لاثاني عالم مخدوم محمد هاشم ٺٽوي سرِفهرست آهي، جنهن سنڌي ٻولي تي پهرين اصلاحي ۽ تعميري تنقيد ڪري، تحقيق جو دروازو کوليو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي آڳاٽو ديني ادب محفوظ رهيو آهي، ان جا ٻہ دور رهيا آهن. مشهور نظريو هي آهي تہ يارهين صدي هجري (سترهين صدي عيسوي) ۾ سنڌ جي سجاڻ عالمن ۽ استادن، عربي ۽ فارسيءَ بدران مادري زبان سنڌيءَ ذريعي مڪتبي تعليم ڏيڻ جو نظريو قائم ڪيو. پهرئين دور ۾ سنڌيءَ ۾ ننڍا ننڍا عام فهم ۽ آسان رسالا منظوم ڪيا ويا. ٻئي دور ۾ تفصيلي درسي ڪتاب تيار ڪيا ويا، جن جي ابتدا ٺٽي جي عالم ۽ استاد ميون ابوالحسن جي لکيل ڪتاب "مقدمة الصلواة" (نماز جي سمجهاڻي لاءِ مهاڳ) سان ٿي. جيئن تہ هي ڪتاب سنڌيءَ ۾ لکيو ويو هو، ان ڪري مصنف جي سولي نالي سان "ابوالحسن جي سنڌي" سڏيو ويو. هن ڪتاب کي سنڌي ٻوليءَ جو پهريون مشهور ريڊر چئي سگهجي ٿو.

جيتوڻيڪ ابوالحسن جي "مقدمة الصلواة" سنڌي (يارهين صدي هجري/ سترهين صدي عيسوي) کان ٻہ غالباً هڪ ٻہ صديون اڳ سنڌ جي اڳين عالمن ۽ استادن فارسيءَ بدران اهي ڪتاب مادري زبان سنڌي

۾ مڪتبي تعليم ڏيڻ واري اصول ۽ نظريي تحت لکيا. ان پهرئين دور ۾ جيڪي ننڍا ننڍا رسالا سنڌي ۾ منظوم ڪيا ويا، تن مان اوڻيتاليهه منظوم ڪتابن جو قلمي ذخيرو حسن اتفاق سان سلامت رهيو، جيڪو عزت بن سليمان نالي هڪ ڪاتب سن 1027هه - 1049هه وارن سالن ۾ اُتاريو. اهو ذخيرو ساڍن ٽن سؤ سالن کان اڳ واري سنڌي ٻولي ۽ صورتخطيءَ ۾ تصنيف ٿيل آهي، جنهن مان ان وقت جي سنڌي ٻولي جي سٽاءَ، لغات ۽ اوسر تي روشني پوي ٿي. خوش قسمتيءَ سان اهي اڳاٽا اوڻيتاليهه سنڌي منظوميا محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي ڪن جهونن ڪتبخانن مان دستياب ٿيا، جنهن محنت ڪري موجوده صورتخطيءَ ۾ آڻي مرتب ڪري، نئين سر ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرايا آهن.[1]

بهرحال، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي دور ۾ سنڌيءَ ۾ خاص ڪري لاڙ پٽ ننگر ٺٽي ۾ ابوالحسن جو اهو ڪتاب "مقدمة الصلواة" مڪتبن ۽ مدرسن ۾ ابتدا طور پڙهايو ويندو هو. اهو ڪتاب ان وقت جي مروج آسان سنڌي ۾ هجڻ ڪري ايترو ته مقبول ٿيو، جو مدرسن ۾ ابتدائي طالب علمن کي پڙهايو ويندو هو ۽ عام مطالعي لاءِ به فائدي وارو هو. خود مخدوم محمد هاشم جهڙو عالم ۽ فاضل به پنهنجي مدرسي ۾ ان ڪتاب کي پاڙهيندو هو. مخدوم صاحب "مقدمة الصلواة سنڌي" جي اهميت جي پيش نظر سڀ کان پهريائين ان جي تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعي ڏانهن توجهه ڏنو.

جيئن ته علم وسيع آهي. انسان سهو، خطا ۽ نسيان جو گهر آهي. ان ڪري ابولحسن ٺٽويءَ کان جن مسئلن ۾ ڪي اوڻائيون رهجي ويون ۽ مسئلا تحقيق طلب هئا، انهن جي اصلاح ۽ تنقيد واسطي ۽ حق ۽ حقيقت جي اظهار خاطر مخدوم محمد هاشم ان ۾ ڪجهه بيت وڌايا ۽ "اصلاح مقدمة الصلواة" نالي فارسي ۾ رسالو لکيو. اها سنڌي ٻولي جي مشهور ۽ مقبول منظوم ڪتاب تي پهرئين اصلاحي تنقيد ۽ تحقيقي

[1] ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "سنڌي ٻوليءَ جو اڳاٽو منظوم ذخيرو"

ڪوشش هئي، جيڪا خالص اصلاحي تنقيد فارسيءَ ۾ هئڻ ڪري ۽ عام ماڻهن کي گهٽ فائدي پوڻ سبب آساني خاطر اڳتي هلي پاڻ ان جو سنڌي ۾ ترجمو به ڪيائين. مخدوم صاحب ان سلسلي کي اڃا به وڌايو ۽ ڊزن کان وڌيڪ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب لکيائين.

مخدوم صاحب جي ان ابتدائي اصلاحي تنقيد کان بعد علمي حلقن خاص ڪري ننگر ٺٽي جي عالمن ۾ تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعي جو جذبو جاڳيو. اهڙيءَ طرح مخدوم صاحب جي ٻئي همعصر بزرگ حاجي محمد قائم ٺٽويءَ وري ابوالحسن سنڌي جي حمايت ۽ تائيد ۾، مخدوم محمد هاشم جي جواب ۾ هڪ رسالو عربي زبان ۾ "الردعليٰ اصلاح مقدمة الصلواة" نالي لکيو. اهڙيءَ ريت مخدوم صاحب جي اصلاح جي ڪري علمي ۽ تحقيقي بحث شروع ٿيو.

مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي ان علمي بحث بابت لکي ٿو:

> "مخدوم محمد قائم سنڌي پنهنجي انهيءَ رسالي ۾ مقدمة الصلواة، جا اهي سنڌي بيت نقل ڪندي انهن جي عربيءَ ۾ تشريح ڪئي آهي ۽ ويو آهي مخدوم محمد هاشم کي جواب ڏيندو.
>
> هن رسالي ۾ حمد ۽ صلواة کان پوءِ مصنف هن طرح ڪتاب جو تعارف ڪرائي رهيو آهي. پڇاڙان حمد ۽ صلواة جي الله القائم جي ڪلام ۽ نبي الله الدائم جي حديث جو خادم محمد قائم چئي ٿو، ته سنڌي رسالو جيڪو 'مقدمة الصلواة' جي نالي سان مشهور آهي، جنهن کي شيخ امام سائين سڳوري مولانا شيخ ابوالحسن بن شيخ عبدالعزيز جوڙيو آهي، تنهن جي ڪن مسئلن تي هن دور جي هڪ عالم اعتراض ڪيا ۽ اصلاح لاءِ پنهنجي طرفان ڪي بيت وڌايا. هوڏانهن انهن عبارتن تي ٻئي ڪنهن به عالم اعتراض نه ڪيو. تڏهن مون ضروري ڄاتو ته انهيءَ منظوم سنڌيءَ جو ارٿ بيان ڪريان، ته جيئن پڙهندڙن کي اهو پتو پوي ته معترض طرفان اهي وڌايل بيت سچ پچ اعتبار جوڳا آهن، يا مورڳو انهن ڏانهن اک

ورائي واجهائڻ به نه گهرجي.

مخدوم محمد قائم سنڌي، مخدوم ابوالحسن جي حمايت ۾ جيڪو مٿيون رسالو عربيءَ ۾ لکيو، تنهن تي وري مخدوم محمد هاشم جواب ۾ هڪ ٻيو رسالو عربيءَ ۾ لکيو، جنهن جا ٻه نالا رکيائين: (الف) 'الشفاء الدائم عن اعتراض القائم' (ب) 'تنوير الاصباح عليٰ مسالک الاصلاح'. هن رسالي جي مقدمي ۾ حمد ۽ صلواة کان پوءِ مخدوم محمد هاشم فرمائي ٿو: مون جڏهن 'اصلاح مقدمة الصلواة' جي نالي سان هڪ رسالو لکيو، ته ان دور جي هڪ عالم (مخدوم محمد قائم) جنهن کي مون سان حسد ۽ جاهليت واري حميت هئي، تنهن اهڙا اعتراض ڪيا، جيڪي انصاف جي ليکي کان لنگهيل هئا. ڏنگي واٽ ويندڙ ماڻهوءَ کان سواءِ انهن اعتراضن کي ڪوبه قبول نه ڪندو ۽ نڪي انهن تي راضي ٿيندو. تنهن ڪري مون زمين ۽ آسمانن جي مالڪ الله سبحانه و تعاليٰ تي ڀروسو رکي، انهن اعتراضن جا جواب ڏيڻ گهريا. 1142ھ جي آخر ۾ هن رسالي جي تصنيف ۾ شروع ٿيس ۽ ان جو نالو 'الشفاء الدائم عن اعتراض القائم' ۽ ٻيو 'تنوير الاصباح عليٰ مسالک الا صلاح' رکيم.

مخدوم محمد قائم سنڌي، مخدوم محمد هاشم کي جواب ڏيندي هڪ حديث بابت لکيو آهي، ته شيخ (ابولحسن) انهيءَ حديث تي واقف ٿيو هوندو. تنهن تي وري مخدوم محمد هاشم مٿئين رسالي ۾ لکي ٿو ته: اهو حسن ظن آهي، پر استدلال ۾ چڱو گمان نفعو نه ڏيندو آهي. ٻيو ته شيخ ابوالحسن سنڌي جيتوڻيڪ پرهيزگار انسان هو. الله تعاليٰ اسان کي ان کان نفعو به پهچايو، پر هُو علم حديث جو ڄاڻو نه هو، رڳو فارسي ڄاڻندو هو، جيئن عبادات ۾ مجموعہ خاني، مجموعہ سلطاني ۽ ترغيب الصلواة

فقه ڄاڻندو هو. تنهنڪري ڪابه حديث جيڪا ڪنهن ڪتاب ۾ نه ملي، تنهن جي ثابتيءَ لاءِ رڳو اهڙي ماڻهوءَ جي قول تي ڀروسو ڪرڻ ڪوريئڙي جي ڄاريءَ کان وڌيڪ ڪمزور آهي." [1]

مخدوم محمد قائم ٺٽوي سن 1157ھ ۾ مديني منوره ۾ پرين جي پيرانديءَ ۾ وڃي آرامي ٿيو ۽ اهو علمي بحث، تنقيد، تحقيق ۽ سوال جواب جي ڏي وٺ جو سلسلو ختم ٿي ويو.

سنڌ جو عظيم اسڪالر، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي اصلاحي تنقيد ۽ تحقيق بابت لکي ٿو:

> "بهرحال ٻلاري بزرگ مخدوم ابولحسن سنڌيءَ جو سنڌيءَ ۾ لکيل ڪتاب "مقدمة الصلواة" انهيءَ اعليٰ پائي جو ثابت ٿيو، جو سنڌ جي چوٽيءَ جي عالمن مان ٻن بزرگن مخدوم محمد هاشم (پهريان) ۽ مخدوم محمد قائم (بعد ۾) ان بابت قلم کنيو. مخدوم محمد هاشم پنهنجي طرفان اصلاح ڏئي تحقيق جو دروازو کوليو. مخدوم محمد قائم مٿس اعتراض ڪيا، جنهن جا مخدوم صاحب محمد هاشم جواب ڏنا. اهڙيءَ طرح تحقيق تي تحقيق جو سلسلو جاري ٿيو." [2]

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي اصلاح مان معلوم ٿئي ٿو ته مخدوم صاحب پهريون تنقيد نگار عالم آهي، جنهن مخدوم ابوالحسن سنڌي جي ڪتاب "مقدمة الصلواة" تي اصلاحي ۽ تعميري تنقيدي ڪئي. الفضل للمتقدم جي اصول پٽاندڙ انهيءَ ڏس ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ کي سبقت حاصل آهي ۽ ٻلائي اڳين لاءِ آهي.

سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ، مخدوم صاحب عربي ۽ فارسيءَ جي حوالي سان به مخدوم محمد معين ٺٽويءَ، مخدوم محمد حيات سنڌي مدني جي ڪتابن

---

[1] علامه غلام مصطفيٰ قاسمي: "هاشميه لائبريري" (مقالو) ڏسو ماهوار "نئين زندگي" ڪراچي، آگسٽ 1959ع، ص 19

[2] سيد علي محمد شاهه دائري وارو: "مصلح المفتاح"، ڏسو مقدمو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ص 27_28

جو تنقيدي مطالعو ڪري، ڀرپور اصلاحي جواب ۽ ڪتاب عربي ۽ فارسي ۾ لکيا آهن.

باب نائون

مخدوم صاحب جون امتيازي خصوصيتون

مخدوم صاحب ۾ گهڻيون ئي عالمانه ۽ مجاهدانه خصوصيتون هيون، جن کيس تاريخ ۾ اڄ تائين تارن ۾ چنڊ مثل روشن ۽ نروار پئي ڪيو آهي.

1. عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ٻولين تي عبور:

مخدوم صاحب هڪ ئي وقت عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻولين جو ماهر نظر اچي ٿو. هُن علمي ۽ پيچيده مسئلن کي نهايت چٽائيءَ ۽ دليلن سان پيش ڪيو آهي. سندس تقرير ۽ عبارت نهايت عام فهم ۽ پُردلائل آهي. ان دور ۾ جيڪي به مسئلا سامهون آيا، انهن تي هن ڀرپور نموني ۾ قلم هلائي، حق جو حق ادا ڪيو. هُن ٽنهي ٻولين ۾ شاعري به ڪئي آهي. ٽنهي ٻولين ۾ تقريباً ساڍا ٽي سؤ ڪتاب لکيائين. سندس دور ۾ ڪنهن ٻئي اهلِ قلم ۽ مصنف کي ايترين ٻولين تي هڪ جهڙو عبور ۽ ڪتابن لکڻ جو امتياز حاصل ٿي نه سگهيو.

2. سنڌي تصنيفات:

مخدوم صاحب جي دور ۾ سنڌيءَ ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ڪتاب مس لکيل ۽ موجود هئا، جيئن "مقدمة الصلواة"، "مخدوم ضياءُ الدين جي سنڌي" وغيره. مخدوم صاحب ان وقت به ڏهن کان وڌيڪ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب لکي، عام سنڌي ماڻهن لاءِ سهوليت ڪئي. اهڙيءَ طرح ماڻهن کي بنيادي ديني مسئلا سمجهڻ ۾ آساني ٿي. هُن پنهنجي ديني پائرن کي "سنڌي ٻولي - پنهنجي ٻولي، سنڌ ٻولي - سهنجي ٻولي" جو

گويا درس ڏنو.

3. ديني علمن جي خدمت:

(الف) قرآن ڪريم: جيئن تہ قرآن حڪيم سيني علمن جو سرچشمو آهي، ان ڪري مخدوم صاحب قرآني علوم، جهڙوڪ: تفسير، فضائل قرآن، قرأت ۽ تجويد تي ڪافي توجهہ ڏنو ۽ گهڻا ڪتاب لکيا. اهڙيءَ طرح قرآن جي سنڌي ترجمي ۽ تفسير جو سنڌ ۾ بنياد رکيائين. جيتوڻيڪ برصغير ۾ قرآن جو پهريون فارسي ترجمو مخدوم سرور نوح هالائي (المتوفي: 998هہ) ڪيو، پر سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ قرآن جي ترجمي ۽ تفسير جي شروعات ۽ سعادت مخدوم صاحب جي قلم سان ٿي. ان ڏس ۾ مخدوم صاحب جي لکيل "تفسير هاشمي" کي وڏي اهميت حاصل آهي، جيڪو سندس مادري سنڌي ٻوليءَ ۾ قرآن جي آخري سيپاري جو بهترين تفسير آهي. نماز ۾ هر ماڻهو خاص ڪري ٽيهين پاري "عم" جون ننڍيون سورتون پڙهي ٿو، ان ڪري مخدوم صاحب تفسير جي شروعات بہ ان سيپاري کان ڪئي.

ان وقت قرآن جو سنڌيءَ ۾ ڪوبہ تفسير لکيل ۽ موجود ڪونہ هو. تنهنڪري مخدوم صاحب محسوس ڪيو تہ نماز ۾ قرآن شريف پڙهڻ تہ نور آهي، ان جي معنيٰ ۽ تفسير سمجهي پڙهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ نورٌ عليٰ نور آهي. مخدوم صاحب ان پاري جو نہ صرف ترجمو ڪيو، پر پنج سؤ صفحن جو سنڌيءَ ۾ تفسير بہ لکيو. 29 پاري "تبارڪ الذي" (سنڌي) ۽ "سورة الڪهف" (عربي) جو تفسير بہ مخدوم صاحب سان منسوب آهي.

بيشڪ مخدوم صاحب سنڌ ۾ پهريون شخص هو، جنهن سنڌي قوم کي قرآن شريف جي طرف پڪاريو ۽ اهو ذهن نشين ڪرايو تہ ڪوبہ اصول، طور طريقو ۽ نظام، جنهن جو بنياد قرآن تي رکيل آهي، اهوئي نظام ڪامياب ٿيندو، ڇو تہ قرآن ۾ سڀ ديني ۽ دنيوي پلايون سمايل آهن. قرآن ئي انسانن جو رهبر اصول ۽ دستور العمل آهي.

مخدوم صاحب قرآن جو سنڌيءَ ۾ "تفسير هاشمي" لکي، هڪ انقلابي قدم کنيو. اها سندس علم ۽ فڪر جي امتيازي خصوصيت آهي.

(ب) حديثِ نبوي: مخدوم صاحب سڄي زندگي سنتِ نبويءَ تي عامل رهيو. تفسير سان گڏ علم حديث جي تڪميل لاءِ پاڻ حجاز مقدس بہ ويو. اتان ڪامل محدث ٿي وطن وريو. سندس ڪتابن ۾ اڪثر حديثِ نبويءَ مان ئي دليل ورتل آهن. ان ڏس ۾ مخدوم صاحب "حياة القاري باطراف البخاري" ۽ ٻيا ڪتاب لکيا. ڇو تہ قرآن مجيد کان بعد سنتِ نبوي ئي انسان ذات لاءِ ڪامل رهنما ۽ اُسوه حسنہ آهي.

(ج) فقهہ: ديني مسائل ۽ علم فقه ۾ مخدوم صاحب وقت جو مجدد هو. ڪوبہ فقهي مسئلو اهڙو نہ آهي، جنهن ۾ هُن فقيهانہ فهم ۽ عالمانہ قلم نہ هلايو هجي. فقه تي مخدوم صاحب جا گهٽائي ننڍا وڏا رسالا لکيل آهن. سندس "بياض هاشمي" ان ڏس ۾ هڪ فقهي شاهڪار موجود ۽ مشهور آهي، گويا ديني انسائيڪوپيڊيا آهي.

(د) تصوف: تصوف انسان کي روحاني طرح ڪامل انسان بنائي ٿو. آخرت تي ايمان پڪو ٿئي ٿو. دل جي دنيا آباد ٿئي ٿي. ظاهري علم سان گڏ باطني علم بہ ضروري آهي. مخدوم صاحب پاڻ ان ڏس ۾ قادري سلسلي ۾ جهد عبادت ڪري، بيعت ۽ خلافت حاصل ڪئي. هن سلسلي ۾ مخدوم صاحب جي خدمت ڪڏهن بہ وساري نٿي سگهجي. جيتوڻيڪ صوفين سان نسبت غنيمت آهي، پر مخدوم صاحب جي دور ۾ ڪن صوفين تصوف جي نالي ۾ ڪيترين بدعتن، خرافات ۽ غير شرعي ڳالهين کي تصوف ۾ ملائي، مونجهارو پيدا ڪري ڇڏيو هو. اهوئي سبب آهي، جو پاڻ ان صوفيءَ جي روش کي ننڌي ٿو، جو شريعت جي پابنديءَ جو لحاظ نٿو رکي. شريعت تي عمل ڪرڻ کان حيلا بهانا بنائي ۽ هٿرادو عذر ۽ اصطلاح گهڙي ٿو. مخدوم صاحب خشڪ فقيه نہ هو. بلڪ صاحبِ نسبت، بيعت ۽ خلافت جو صاحب عالم پڻ هو. هُن هماليہ وانگر مستقل مزاجيءَ سان تصوف جي اصل روح ۽ حقيقت کي کولي سمجهايو ۽ غير شرعي ڳالهين کي بند ڪرائڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ورتي. فرمان جاري ڪرائي بدعتن کي ٻنجو ڏنو. پاڻ ظاهري عالم فاضل سان گڏ صوفي باصفا، زاهد، صاحبِ فيض و ارشاد ۽ ڪامل ولي الله بہ

هو.

4. قناعت ۽ سادگي:

اسلام اسراف، اجائي خرچ ۽ فضول ڪمن کان منع ڪئي آهي ۽ ڪين شيطاني پائر ڪري سڏيو آهي. اسراف رڳو پئسي ڏوڪڙ ۾ نہ آهي، پر وقت ۽ هر ڪم ۾ وچترائيءَ جو لحاظ رکڻو آهي ۽ اسراف کان بچڻو آهي. مخدوم صاحب ملڪ ۽ قوم جي خوشحاليءَ ۽ آسودگيءَ جو خواهان هو. ماڻهن ۾ اجائي خرچ، وقت وڃائڻ ۽ ٻين ڪمن ۾ اسراف ڪرڻ کي ناپسند ڪندو هو. ان ڪري پاڻ ماڻهن کي هر ڪم ۾ وچتري نموني هلڻ لاءِ تاڪيد ڪندو رهيو. هُن "سوڙ آهر پير ڊگهيرڻ" واري اصول کي لازم ٿي ڄاتو. ان وقت درياءَ ۽ کوهن تان پاڻي گهرن ۾ آندو ويندو هو. پاڻ ماڻهن کي سانگي صرفي لاءِ اهو اصول ٻڌاياائين، تہ پئسي پنجڙ جي خرچ بچائڻ کان اڳ ننڍين ننڍين ڳالهين تي توجهہ ڏنو وڃي، تہ اڳتي هلي پاڻ ۾ پابندي ۽ اصولن جو ضابطو آڻي سگهجي ٿو. هن وقت تہ پاڻيءَ لاءِ نلڪا، ٽيوب ويل، واٽر سپلاءِ وغيره جون سهوليتون موجود آهن، پر مخدوم صاحب جي دور ۾ اڄ کان اڍائي ٽي سؤ سال اڳ ماڻهو پاڻيءَ لاءِ پريشان رهندا هئا. ڳوٺ ۽ شهر بہ درياءَ جي ويجهو ان ڪري اڏيندا هئا، تہ جيئن پاڻيءَ جي حاصلات ۾ آساني ٿئي.

مخدوم صاحب ان ڏس ۾ پاڻيءَ جي قدرداني، بچاءُ، وقت بچائڻ لاءِ وضو ڪرڻ واسطي نڪر جا پوري ماپ جا ڪوُنرا ٺهرايا، تہ عام ماڻهو پورو پاڻي استعمال ڪري، پاڻ ڪي وچتري نموني هلڻ جو هڪ مثالي نمونو ۽ عملي تصوير پيش ڪري سگهي. گهر جو پاڻي اجايو هار ويٽ ڪري، پوءِ پريشان نہ ٿئي. انهن ڪوُنرن کي عرف عام ۾ "هاشمي ڪوزا" سڏيو ويو. مخدوم صاحب طرفان اهو بہ سندس دُورانديشي، پاڻ تي ضابطي ۽ اسراف کان بچڻ لاءِ پهريون قدم هو. جيتوڻيڪ اهي ڳالهيون ظاهر ۾ تہ ننڍيون آهن، پر هميشہ پهرئين ۽ هڪ وک کڻڻ کان پوءِ معاملو وڌندو آهي. مخدوم صاحب طرفان اهو دُورانديشي، آئنده جو اونو، ميانہ روي ۽ "خيرالامور اوسطها" جو اعليٰ عملي نمونو ۽ بهترين مثال آهي تہ مسڪين ۽ عام ماڻهو هر

ڪم ۾ ميانہ رويءَ سان هلي، بااصول ۽ خوشحال زندگي گذاري سگهي. جي ماڻهو حق حلال ۽ محنت مزدوريءَ جي پئسي کي پاڻيءَ وانگر هاريندا آهن، انهن کي آخر حسرت جا هٿ مهٽڻا پون ٿا.

5. وطن سان محبت:

جنهن ڌرتيءَ تي انسان ڄمي، پرورش پائي، وڏو ٿي رهي ٿو، فطري طور انسان ان سرزمين سان محبت ڪري ٿو. مخدوم صاحب جي دور ۾ ڪنهن ٻاهرئين ماڻهوءَ سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن جي مخالفت ۾ گلا ۾ هڪ ڪتاب لکيو. مخدوم صاحب بروقت ان جو نوٽيس ورتو. هُن سنڌ مخالف ڪتاب جو ڀرپور جواب لکي، سنڌ جي شان ۾ "مدح نامہ سنڌ" نالي هڪ بهترين ڪتاب لکيو، جنهن ۾ سنڌ جو سرس شان بيان ٿيل آهي، اها مخدوم صاحب جي امتيازي خصوصيت آهي. جو ان کان اڳ ڪنهن بہ عالم ائين وطن جي محبت خاطر ۽ سنڌ جي شان ۾ ڪو نجو ڪتاب نہ لکيو هو. ان سان گڏ مخدوم صاحب جي ڪتابن جي اها خاصيت آهي، جو پاڻ هر ڪتاب جي مقدمي ۾ پنهنجي نالي سان گڏ "السندي" ضرور لکيو اٿائين.

6. مسلماني آساني:

مخدوم صاحب جي وڏي معاصر ميون ابوالحسن سنڌي "مقدمة الصلواة" ۾ نماز جي مسئلن ۾ لکيو هو تہ جيڪڏهن نماز ۾ ماڻهوءَ کي گهڻا مڇر، مکيون ۽ ڪيڙيون چڪ هڻي رت ڪڍن، تہ نمازيءَ جو وضو ڀڄي پوندو.

مخدوم صاحب هن اهم مسئلي بابت عام ماڻهن جي سهنجائي خاطر، اسلام جي آساني واري اصول پٽاندڙ "اصلاح مقدمة الصلواة" ۾ مسئلي جي وضاحت ڪئي. ان جو نچوڙ ۽ مطلب هيءُ آهي:

> گهڻن مڇرن جي کائڻ ڪري وضو ڪونہ ڀڄندو ۽ ڪپڙا پليد ڪونہ ٿيندا. ڇو تہ سنڌ ۾ درياءَ جي ٻنهي پاسي گهاٽا ٻيلا، جهنگ ۽ وڻڪار جام آهي. اڪثر مارو ماڻهو مال ۽ ٻني ٻاري سانگي جهر جهنگ ۾ ئي رهن ٿا، جتي مڇر جام ٿين ٿا. گرميءَ جي مند ۾ اهو مسڪين ماڻهو جنهن وٽ هڪ ڪپڙو

يا وڳو آهي، جيڪو پائي سمهي ٿو. پوءِ انهن ڪپڙن ۾ مڇرن جو رت لڳي وڃي ٿو. جيڪڏهن گهڻن مڇرن طرفان انسان جي رت چوسڻ تي وضو ڀڃي پوڻ جو حڪم لڳائبو ته اتي لازم ايندو. ته نماز جي هر رڪعت ۾ يا تراويحن جي هر ٻن رڪعتن کان پوءِ هر ماڻهوءَ جو وضو ڀڃي پوندو. اها ماڻهن جي مٿان سختي ۽ اهنج آهي. اسلام دين آسان آهي. ان ڪري مڇرن جي ڪائڻ سان وضوءَ جي ڀڃڻ جو حڪم نه لڳندو. وضو ۽ نماز صحيح ۽ درست رهندا.

اها مخدوم صاحب جي خصوصيت آهي، جنهن عام ماڻهن جي سهنجائي ۽ آسانيءَ خاطر هن مسئلي ۾ صحيح حقيقت لکي، ماڻهن جي ڀلائيءَ ۽ اسلام جي آسانيءَ وارو اصول بيان ڪيو آهي. اهائي عام ماڻهن لاءِ ڀلائي ۽ مسلماني آساني آهي.

7. حق گوئي:

مخدوم صاحب جي طبيعت خوددار ۽ باوقار هئي ۽ خوشامد، تعصب ۽ وڏائيءَ کان بنهه خالي هئي. ان ڪري سندس تحرير ۽ تقرير، قول ۽ معاملي ۾ حق ۽ سچ جو عنصر نمايان هو. وقت جي حاڪمن کي به دين متين ۽ حق سچ بابت خط لکيائين. وقت جي مصنفن سان علمي مسئلن تي حق سچ چوڻ سان اصلاح ۽ تنقيد ڪيائين. پر اها بي ڳالهه آهي ته حق سچ جي ڪلمي چوڻ واري کي متعصب چيو وڃي ٿو. جيئن ته مخدوم صاحب جي زندگي بااصول، باشرع، حق سچ چوڻ جي صفت سان سينگاريل هئي، ان ڪري پاڻ ڪنهن جي رعايت يا بيجا پرواهه نه ڪيائين. پنهنجي حق سچ جي اصول تي آخر تائين ڪاربند رهيو. جيتوڻيڪ ان باري ۾ مٿس ڪي من گهڙت الزام به لڳا، پر مخدوم صاحب جي حق سچ واري اها به اهم خصوصيت آهي.

باب ڏهون

وقت جي حڪمرانن سان لاڳاپا

جيئن ته مخدوم محمد هاشم هڪ رباني عالم، مجاهد في سبيل الله، انقلابي فڪر ۽ شخصيت جو مالڪ هو. هو حضور ﷺ جن جي قول "افضل الجهاد كلمة الحق عند سلطان جائر" (يعني سڀني جهادن کان افضل جهاد، ظالم حڪمران کي حق سچ چوڻ آهي) تي عمل پيرا هو. مخدوم صاحب پنهنجي علم ۽ قلم، زبان ۽ جان سان وڏو جهاد ڪيو. سندس عزت ۽ اثر نه رڳو عوام ۾ هو، پر وقت جي حاڪمن تي به سندس وڏو اثر هو.

مخدوم صاحب جي دور ۾ سنڌ جون سياسي حالتون ڪشمڪش واريون رهنديون پئي آيون. مرڪز ۾ مغلن جي حڪمراني، نادر شاهه ۽ احمد شاهه ابداليءَ جي سنڌ تي يلغار ۽ ڪلهوڙا حڪمرانن جون سياسي مصروفيتون ۽ حڪمراني پيچيدگيون، ان دور جون اهم ڳالهيون آهن. ان ڪري عوام جي اقتصادي حالتن بگڙڻ جو انديشو به برسر پيڪار هو. مخدوم صاحب انهن حالتن جي سنگينيءَ جو بخوبي اندازو لڳائي، عوام جي ڀلائيءَ ۽ رهنمائيءَ خاطر پاڻ پتوڙيندو رهيو. نادر شاهه دُراني ۽ احمد شاهه ابداليءَ کي به سندن ظلم ۽ استبداد خلاف خط موڪليا هئائين.[1]

نادر شاهه جي نادري تلوار ۽ ابداليءَ جي حملي کان ماڻهو ڪڙ ڪائيندا هئا، پر مخدوم صاحب اهڙن سخت حڪمرانن کي به خط لکي راهه راست تي آڻڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ۽ الله ۽ سندس رسول ﷺ جي حڪمن جي پابنديءَ ۽ پوئواريءَ خاطر حق ۽ هدايت جو پيغام

---

[1] مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: "بناء الاسلام" (سنڌي)، مرتب: فقير محمد اسماعيل ڪنيار ٺٽوي، ڏسو مقدمو ص 38

پهچايو. خود مخدوم صاحب جي دور جي مشهور مؤرخ ۽ مصنف، مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ پنهنجي ڪتاب "تحفة الڪرام" ۾ نادر شاهه ۽ احمد شاهه سان مخدوم صاحب جي خط و ڪتابت جي تصديق ڪئي آهي.(1)

مخدوم صاحب مقامي طور سنڌ ۾ ڪلهوڙا حڪمرانن ميان نور محمد ۽ ميان غلام شاهه سان خط و ڪتابت ذريعي سنئون سڌو عوام جي ڀلائيءَ ۽ شريعت جي اجراءِ لاءِ رابطو رکندو هو.

مخدوم صاحب جي زماني ۾ تاريخي لحاظ ڪان سنڌ تي مغل حڪمرانن جي مرڪزي حڪومت هئي. سندن پايهءِ تخت دهلي پئي رهيو. مخدوم صاحب جي دور ۾ سراسري طور هيٺيان ڏهه مغل حڪمران ٿي گذريا:

"اورنگزيب عالمگير، شاهه عالم اول، جهاندار شاهه، فرخ سير، رفيع الدرجات، رفيع الدول، محمد شاهه، احمد شاهه، عالمگير ثاني ۽ شاهه عالم ثاني." (2)

ان دور ۾ جيتوڻيڪ مقامي طور سنڌ تي مغلن طرفان عملدار مقرر ٿي ايندا هئا، پر مجموعي طور سنڌ تي اهو دور ڪلهوڙن جي ابتدائي غلبي، پوءِ عروج ۽ آخر ۾ زوال جي زماني تائين ڦهليل آهي. مخدوم صاحب جي زماني ۾ سنڌ ۾ چار ڪلهوڙا فرمان روا ٿي گذريا. مخدوم صاحب جي زماني ۾ سنڌ ۾ ڪلهوڙا حڪمرانن ۾ ميان دين محمد کان وٺي، ميان يار محمد، ميان نور محمد ويندي ميان غلام شاهه ڪلهوڙي تائين جو دور شامل آهي.

تاريخ مان اهو معلوم ٿي نه سگهيو آهي ته مخدوم صاحب جو پهرين ٻن ڪلهوڙا حڪمرانن - ميان دين محمد ۽ ميان يار محمد سان ڪو لڳ لاڳاپو يا خط و ڪتاب جو واسطو رهيو هو؟ البت، ميان نور

(1) ميرعلي شير "قانع" ٺٽوي: تحفة الڪرام (فارسي) _ جلد 3، ص 230
(2) شاهنواز خان: "مآثر الامراء" (مترجم اردو) جلد 3، ص 10_808

محمد ۽ ميان غلام شاهه سان سندس تعلقات بابت احوال لکت ۾ ملي ٿو.

مخدوم صاحب جا وقت جي حاڪمن سان اهي لاڳاپا رڳو رعيتي راڄ ۽ رسمي طور محدود نه هئا، پر مخدوم صاحب انهن لاڳاپن کي مدنظر رکي، عام ۽ خاص ماڻهن جي ڀلائي ۽ آخرت جي ڪاميابيءَ لاءِ شريعت جي بالادستيءَ جو سلسلو قائم ڪرايو. اڳتي هلي مخدوم صاحب جي سعيي ۽ ڀرپور علمي ڪوشش سان عملي طور ملڪ ۾ شريعت جي نفاذ واسطي خود سنڌ جي حڪمران ميان غلام شاهه ڪلهوڙي هٿان "شرعي فرمان" جاري ڪرايو، جنهن ۾ شرعي، علمي ۽ عملي دستور سمايل آهي. امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جو عملي نمونو ۽ ڪردار شامل آهي. فرمان ۾ شامل شرعي نڪتن کي ڏسي، مخدوم صاحب جي علمي بصيرت ۽ عملي جدوجهد، جرئت ۽ عظمت کي سلام ڪرڻو پوي ٿو، جنهن پنهنجي ڀرپور عملي ڪاوشن سان گڏ حڪمرانن هٿان به ايڏو عظيم شرعي ڪارنامو جاري ڪرايو، جيڪا وڏي ديني خدمت آهي. اها سندس پُرعزم جدوجهد، انقلابي فڪر و عمل، روحاني پاڪيزگي ۽ شرعي پابنديءَ سان محبت جو زنده جاويد تاريخي مثال آهي. سندس اهو هڪ ئي ڪارنامو سونهري اکرن ۾ لکڻ جي قابل آهي. هن مان اهو به ظاهر ٿئي ٿو ته مخدوم صاحب وڏي عظمت ۽ حيثيت جو مالڪ، ديني درد ۽ سياسي شعور رکندڙ هو. مخدوم صاحب نه رڳو هڪ اهڙو عالم هو، جنهن کي ديني معاملن ۾ سندَ طور تسليم ڪيو ٿي ويو، پر هو هڪ اعليٰ مرتبي جو انقلابي مفڪر ۽ برک عملي سچو سياستدان به هو، جنهن قوم ۾ اهڙو عظيم ديني درد ۽ انقلابي شرعي شعور پيدا ڪيو، جنهن جو عوام سان گڏ عملدارن ۽ وقت جي حڪمرانن به اثر قبول ڪيو ۽ شرعي فرمان جي ڪري ملڪ کي قرونِ اول ۽ خلافتِ راشده وارو دور ياد ڏياري ڇڏيو.

باب يارهون

ڪتب خانو

سرزمين سنڌ ۾ علمي لحاظ کان ننگر ٺٽي کي وڏي اهميت حاصل رهي آهي. ٺٽو سنڌ جي گادي بہ رهيو آهي. ٺٽي خوشيون ۽ خوشحاليون بہ ڏٺيون آهن. حڪمرانن جا حيلا ۽ حملا بہ ٺٽي تي ٿيا، پر ٺٽو پنهنجي علمي لاٽ کي روشن رکندو آيو آهي. ٺٽو آبهوا، ميوات ۽ بوند برسات جي ڪري زمين جو بهشت آهي. خوشي ۽ عيش اتي تمام وڌيڪ آهي. الله جا اولياء ، عالم، فاضل ۽ شاعر بہ اتي ڳڻڻ کان گهڻا آهن. چون ٿا تہ عيد جي (خوشين پرٺي) ڏينهن هن شهر جو بنياد رکيو ويو... جيتوڻيڪ اتي اها اڳوڻي رونق نہ رهي آهي، پوءِ بہ لٽي پٽي بيبن شهرن کان ٺٽو شانائتو شهر آهي... علم صرف، نحو، فقه ۽ شعر و شاعري جو زور هن شهر ۾ تمام گهڻو آهي. مطلب تہ ٺٽو (علمي لحاظ کان) "عراق ثاني" سمجهڻ گهرجي.[1]

اهڙيءَ ريت ٺٽو ملڪي سياست ۽ علميت جو بہ مرڪز رهيو آهي. جتي وڏا وڏا عالم ۽ شاعر، صوفي ۽ صالح ٻانها رات ڏينهن علمي مجلسون ۽ روحاني روح رهاڻيون جاري رکندا آيا. ڪنهن وقت اتي علم جو اهو اوج هو، جو ٺٽي جو شهر سياسي تعليم لاءِ مشهور هو. تحقيق جي علم ۽ فقه جي تدريس لاءِ اتي چئن سون کان بہ زياده مدرسا هئا.[2] جتي ايترا تعليمي ادارا موجود هئا، اتي مدرسن ۾ درس تدريس ۽ عام مطالعي لاءِ هزارن جي تعداد ۾ ڪتاب ۽ علم دوست ماڻهن وٽ

---

(1) شيخ فريد الدين بکري: "ذخيرة الخوانين" (فارسي) ـ جلد 2، ص 31

(2) رچرڊ برٽن. ايف: "سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون"، (مترجم: محمد حنيف صديقي) سنڌي ايڊيشن، ص 327

ڪتبخانن جو هجڻ لازمي آهي.

سِردست ٺٽي جي علمي ست جي سرواڻ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي مدرسي "درالعلوم هاشميہ" [1] جي ڪتابن ۽ ڪتبخاني جو تذڪرو هن ريت آهي:

ٺٽي شهر جي علمي شخصيتن ۾ مخدوم صاحب ستارن ۾ چنڊ مثل هو. مخدوم صاحب جي لکيل ڪتابن جو تعداد ڏيڍ سؤ ڪان مٿي آهي ۽ ساڍن پنجن سون ڪتابن تي سندس حاشيا ڏنل آهي. علمي دنيا ۾ اها هڪ عظيم الشان ۽ گران قدر خدمت آهي. مخدوم صاحب اهڙي خوشنصيب مرڪز ۾ هئا، جتان جي درسگاهن جو مقام اڄ جي يونيورسٽين کان ڪنهن بہ نموني گهٽ ڪونہ هو. جتي راتو رات هزارين صفحن جا ڪتاب نقل ٿي ويندا هئا. [2]

مخدوم صاحب جي لائبريري دنيا جي وڏين لائبررين مان هڪ ڳڻي ويندي هئي. دنيا جو ڪو اهڙو ڪتاب ڪونہ هو، جيڪو هن ڪتبخاني ۾ موجود نہ هو. [3]

مخدوم صاحب نہ رڳو تصنيف تاليف جون خدمتون انجام ڏيندو هو، پر "دابگير مسجد" جي پاسي ۾ سندس هڪ بي بها علمي ڪتابن جو ذخيرو پڻ هو، جنهن ۾ دنيا جا قديم ترين قلمي نسخا پڻ موجود هوندا هئا. هڪ خيال مطابق سندس عاليشان ڪتبخاني ۾ چوٿين صدي هجريءَ کان اڳ قلمي نسخن کان وٺي يارهين صدي هجريءَ تائين قلمي نسخن جو ذخيرو موجود هو. هڪ بزرگ جي تحقيق مطابق، مخدوم صاحب ڪيترن ئي ڪتابن جون شرحون لکيون ۽ ڪيترن ڪتابن تي مفيد حاشيا پڻ لکيا هئا. ان بزرگ مخدوم صاحب جي خاندان مان پراڻهين ۽ آخري فرد وٽ علامہ جن جي ڪتبخاني جا ڪجهہ پراڻا زبون

[1] ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر: "سنڌ جا اسلامي درسگاهہ"، ص 32
[2] الهہ رکيو ٻٽ: "سنڌ ۾ ڪتب خانن جي مختصر تاريخ"، ص 28_29
[3] غلام مصطفيٰ قاسمي: "هاشميہ لائبريري" (مقالو)، ماهوار "نئين زندگي"، جولاءِ 1959ع، ص 17

حال قلمي نسخا ڏٺا هئا، جيڪي ٿولهہ ۾ تقريباً مٺني فوٽ جيترا هئا ۽ انهن ڪي اڌوهي ايتري قدر تہ ڪاٺي ويئي هئي، جو اگر آڱر مٿائجي تہ آرپار هلي وڃي ها. [1]

هڪ برک عالم ۽ مصنف جي حيثيت ۾ مخدوم صاحب کي ڪتابن گڏ ڪرڻ جو شوق بيحد هو. جيئن تہ هن وقت ڇاپخانا، مشينون، پريسون ۽ ڪمپيوٽر جون سهوليتون موجود آهن. ان وقت اڪثر ڪتاب قلمي هوندا هئا ۽ ڪتاب لکڻ ۽ ڪتاب گڏ ڪرڻ بہ تمام ڪٺن ڪم هو. ويتر وڏا وڏا ۽ ناياب ڪتاب لکڻ ۽ گڏ ڪرڻ اڃا بہ وڌيڪ مشڪل هئا. پر مخدوم صاحب جو ڪتابي عشق ۽ علمي ذوق ان مشڪل کي هن ريت حاصل ڪري ٿي سگهيو.

هڪ عرب مهمان مخدوم صاحب جي مدرسي ۾ آيو. ان عرب مهمان وٽ فقه حنفي جو جڳ مشهور ڪتاب "الدرالمختار" مصنف: علاؤالدين الحصڪفي (1025هہ - 1088هہ) هو. اهو ڪتاب مخدوم صاحب کي وڻي ويو ۽ ٿورن ڏينهن لاءِ عرب مهمان کان عاريتاً مطالعي لاءِ گهرڻ جو ارادو ڪيائين. عرب مهمان چيو تہ اڄوڪي رات اوهان کي اجازت آهي. پلي مطالعو ڪيو، نوٽ وٺو ۽ استفادو ڪيو. مخدوم صاحب اهو ڪتاب وٺي جلد کولي جزا جزا ڪري، پنهنجي مدرسي جي وڏن شاگردن کي چيو تہ: "هنن جزن کي اتاري وٺو ۽ ساڳئي نموني جهڙو جلد ٻڌي ڏيو. ڪتاب امانت آهي ۽ صبح جو ڪتاب واپس ڏيڻو آهي." شاگردن ڪتاب راتو واهہ لکي ۽ جلد ٻڌي ڇڏيو. صبح جو عرب مهمان ڪتاب گهريو، تہ مخدوم صاحب ان کي هڪ ڪتاب جي پاران ٻہ ڪتاب ڏيکاريا، تہ عرب مهمان (مخدوم صاحب جو علمي شوق ڏسي) حيران رهجي ويو. [2]

[1] حافظ حبيب الله: "مخدوم محمد هاشم جون علمي ادبي خدمتون" (مقالو)، ڇماهي "سنڌي ادب" سنڌالاجي، 86_1985ع، ص 17
[2] مولوي محمد طفيل احمد ٺٽوي: "تحفة الزائرين" (اردو)، ص 16_315 مذڪوره ڪتاب ۾ ان ڪتاب جو نالو "ردالمحتار" لکيل آهي، جيڪو غلط آهي. صحيح نالو "اَلدُرالمحتار" آهي ۽

مخدوم صاحب پنهنجي ڪتبخاني ۾ موجود ڪتابن جي ذخيري جو وچور، روزن جي مسئلن بابت لکيل پنهنجي ڪتاب "مظهر الانوار" (عربي) سن 1125هه ۾ ذبح ۽ شڪار جي مسئلن بابت لکيل ڪتاب "فاڪهة البستان" (عربي) سن 1132 هه ۾ مختصر طور ڏنو آهي، جيڪي ڪتاب حوالي طور انهن ٻنهي مذڪوره ڪتابن لکڻ وقت مخدوم صاحب جي سامهون هئا. مخدوم صاحب وضاحت ڪندي مقدمي ۾ لکي ٿو:

"جڏهن هي رسالو لکي رهيو هوس، تڏهن مون کي ڪتابن جو وڏو ذخيرو هٿ آيو. انهن سيني ڪتابن جو هن ڪتاب لکڻ لاءِ مطالعو ڪيم ۽ انهن ڪتابن مان فوائد هٿ ڪري هن ڪتاب ۾ گڏ ڪيم. شاگردن کي شوق ڏيارڻ (دين ۽ ڪتابن) جي شائقين جي تسڪين لاءِ انهن ڪتابن جو تفصيلوار بيان ڪريان ٿو." (1)

انهن حوالي طور آيل ڪتابن جو تعداد به تقريباً ٽن سون جي لڳ ڀڳ آهي، جنهن ۾ هر فن- علم تفسير، حديث، فقه ۽ لغت وغيره جا وڏا وڏا ۽ ناياب ڪتاب شامل آهن. حوالي طور آيل ڪتابن مان اهو اندازو ٿئي ٿو ته مخدوم صاحب جي ڪتبخاني ۾ ڪيترا ڪتاب هوندا. مخدوم صاحب طرفان اها معلومات به تمام قيمتي ۽ غنيمت آهي، جنهن مان اڄائي ٽي سؤ سال اڳ واري لائبريريءَ تي روشني پوي ٿي ۽ معلومات حاصل ٿئي ٿي.

هڪ قلمي بياض ۾ مخدوم صاحب فارسي زبان ۾ لکيو آهي:

"چار هزار ڪتاب پڙهيم، انهن مان چار ڳالهيون پسند ڪيم.

هڪ هيءَ ته اي منهنجا نفس! الله تعاليٰ جي عبادت ڪرين ته ڪر، نه ته ان جو رزق نه کاءُ!

ٻي هيءَ ته اي منهنجا نفس! جنهن کان خدا تعاليٰ روڪ ڪئي

ردالمختار ڪتاب جو مصنف ابن عابدين شامي (ڄم: 1198هه/ وفات: 1253هه) مخدوم صاحب کان پوءِ جي دور جو مصنف آهي.

(1) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: "مظهرالانوار" (قلمي عربي)، ص 1

آهي، ان کان پاسو ڪر، نه ته ان جي ملڪ مان نڪري وڃ!

ٽين هيءَ ته اي منهنجا نفس! جيڪي ازلي قسمت مان توکي پهچي، ان تي صبر ڪر، نه ته ڪو ٻيو خدا ڳول، جيڪو توکي روزي وڌائي ڏئي.

چوٿين ڳالهه هيءَ ته اي منهنجا نفس! جي گناهه جي ڪم جو خيال ڪرين، ته ڪا اهڙي جاءِ تلاش ڪر جتي توکي خدا نه ڏسي، نه ته گناهه نه ڪر." (1)

هن حوالي مان معلوم ٿئي ٿو ته مخدوم صاحب چار هزار ڪتاب پڙهي، انهن جو نچوڙ هِنن چئن جملن ۾ سمائي ڇڏيو آهي.

بهرحال، مخدوم صاحب وٽ سندس ڪتبخاني ۾ مختلف نوعيت جا ڪتاب موجود هئا. مدرسي ۾ فارسي ادب جي ابتدائي فارسي کان وٺي مثنوي مولانا رومي تائين ۽ عربي ۾ صرف ۽ نحو کان وٺي صحيح بخاري ۽ تفسير بيضاوي تائين ان وقت نصاب ۾ رائج ڪتاب موجود هئا. ان سان گڏ شرعي مسئلن، تحريرن، فتوائن ۽ فيصلن لاءِ "قاضي القضاة" جي حيثيت ۾ وٽس فقه ۽ فتاويٰ جا ڪتاب به الڳ موجود هئا. ان کان علاوه خود مخدوم صاحب جا پنهنجا لکيل ٽن سؤن کان زياده ڪتاب به قلمي صورت ۾ موجود هئا.

مخدوم صاحب جي لائبريريءَ ۾ سنڌي ادب بابت به جهجهو مواد موجود ٿو ڏسجي. ابوالحسن جو ڪتاب "مقدمة الصلواة" شايد ان کان به اڳ جو لکيل سنڌي ديني ادب ۽ سندس استاد مخدوم ضياءُ الدين جي سنڌي، مخدوم صاحب جا پنهنجا سنڌي ۾ لکيل ڏهن کان وڌيڪ ڪتاب، سندس شاگردن مخدوم عبدالخالق ٺٽوي ("ڪتاب مطلوب المومنين" جو مصنف) ۽ مخدوم عبدالله نرئي واري جا لکيل سنڌي ڪتاب به ضرور موجود هوندا. اهڙيءَ ريت مخدوم صاحب جي لائبريريءَ ۾ عربي، فارسي سان گڏ سنڌي ديني ادب جو به وڏو ذخيرو موجود ٿو ڏسجي.

(1) علامه غلام مصطفيٰ قاسمي: "منهنجي علمي ڊائري" (مقالو)، ٽماهي "الرحيم"، 3_1966ع، ص 67، 68

مخدوم صاحب کان پوءِ سندس لائق فرزندن ان ذخيري جي خاطر خواه حفاظت ڪئي ۽ ان علمي ذخيري کي اڃا بہ وڌايو. پر اڳتي هلي حڪومتن جي الٽ پلٽ، افراتفري، اقتصادي بدحالي، علم ادب جي بي قدري، زماني جي ڦير گهير کان مخدوم صاحب جو ڪتبخانو بہ بچي نہ سگهيو. جيئن مخدوم صاحب جي همعصر حڪمران ميان نور محمد ڪلهوڙي (المتوفي: 1167هہ) جو ڪتبخانو سنڌ تي حملي وقت نادر شاهہ ڦري لٽي ايران کڻي ويو ۽ ميان صاحب جي پٽن کي بہ يرغمال بنائي وٺي ويو هو.[1]

مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي لکي ٿو:

”مخدوم صاحب جي لائبريري دنيا جي وڏين لائبررين مان هڪ ڳڻي ويندي هئي. دنيا جو ڪوبہ اهڙو ڪتاب ڪونہ هو، جيڪو هن ڪتبخاني ۾ موجود نہ هو. اڄ اها لائبريري اغيارن جو شڪار نہ ٿئي ها ۽ سنڌ ۾ رهي ها، تہ مصر، اسپين جي قديم ڪتبخانن جون سڪون لاهي ها. پير ضياءُ الدين شاهہ صاحب العلم (جهنڊي وارو) مون کي ٻڌايو تہ اسان جي نادر روزگار لائبريريءَ ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي ڪتبخاني جو هڪ حصو آهي. حضرت پير رشد الله صاحب العلم ٺٽي مان ڪٺائي آيو هو ۽ گهڻا ڪتاب لاهور ۽ ٻين پاسن ڏانهن نڪري ويا.“[2]

پير جهنڊي جي موجوده ٽنهي درگاهن جا ڪتبخانا هن راقم ڏٺا آهن. تمام وڏو علمي ۽ قلمي ذخيرو موجود آهي. رڳو وچين درگاهہ جي ڪتبخاني ۾ يارهن سؤ قلمي ڪتاب مون پاڻ ڏٺا هئا. اهي قلمي ڪتاب پير وهب الله شاهہ جهنڊي واري، نيشنل ميوزم ڪراچي کي وڪرو ڪري ڏئي ڇڏيا آهن. بهرحال، مخدوم صاحب جو ڪتبخانو پنهنجي دور ۾ مشهور ۽ بهترين

---

(1) ميان نور محمد ڪلهوڙو: ”منشور الوصيت“ ، مترجم: عبدالرسول قادري، ناشر سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2005ع، صفحو 44

(2) غلام مصطفيٰ قاسمي: ”هاشميہ لائبريري“ (مقالو)، ماهوار ”نئين زندگي“ ، جولاءِ 1959ع، ص 28_29

ڪتبخانو هو.

باب ٻارهون

وفات ۽ مدفن

هيءَ دنيا فاني آهي. پر جن الله جي نيڪ ٻانهن پنهنجيون حياتيون خدا جي راهه ۾ وقف ڪري ڇڏيون آهن، سڀ ڪجهه پنهنجي مالڪ حقيقي، سندس پياري حبيب محمد ﷺ ۽ شريعت اسلام خاطر قربان ڪري ويا، اهي ديني خدمتن ۽ علمي ڪارنامن ڪري ڄڻ ته زنده جاويد آهن. ظاهر ۾ ڪٿي دنيا مان پردو ته بيشڪ ڪري ويا آهن، پر قرآن حڪيم موجب ”لا خوف عليهم ولاهم يحزنون“ جو وجهي مرتبو ماڻيائون ۽ نفس مطمئنه سان رب سان رهاڻيون ڪيائون. الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي ٻانها وري الله تعاليٰ کان راضي ۽ خوش آهن.

بهرحال، جو ذڪر گهڙيو آهي، اهو ضرور هڪ ڏينهن اوس پڄندو. هر نفس کي موت جو ذائقو چکڻو آهي ۽ بقا صرف الله تعاليٰ جي ذات کي آهي. اهو ساڳيو اڻ ٽر امر ربي مخدوم محمدهاشم ٺٽويءَ تي به اچي هڪ ڏينهن لاڳو ٿيو. مخدوم صاحب جي آخري ڏينهن ۽ وفات جي باري ۾، سندس لائق فرزند مخدوم عبداللطيف ٺٽويءَ اکين ڏٺو احوال پنهنجي ڪتاب ”مناقب مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ“ فارسيءَ ۾ هن ريت لکيو آهي:

> ”ضعيف ٻانهو فقير عبداللطيف چوي ٿو ته مخدوم صاحب جي حياتي مبارڪ ۾ ته سندس وصفون تمام گهڻيون هيون، پر وصال کان پوءِ به باصفا اهل وفا بزرگن خواب ۾ مشاهدا ڪيا آهن.
>
> جڏهن مخدوم صاحب جي ڄمار ستر سالن جي قريب ٿي، ته ڪين 16 ربيع الاول سن 1174هه تي تيز بخار ٿيو. ان سان گڏ ڪين پيچش جو عارضو به ٿي پيو....

> تاريخ 6 رجب المرجب، خميس جي ڏينهن، سن 1174هجري (9 فيبروري 1761ع) تي مخدوم صاحب هن فاني جهان مان موڪلائي، دارالبقا ڏي رحلت ڪري ويو. اِنالله و اِنا اليه راجعون!
>
> ان ڏينهن جڏهن صبح جي نماز جو وقت ٿيو، ته پاڻ فجر نماز تيمم ڪري اشارن سان پڙهيائون. فجر نماز کان پوءِ راقم عبداللطيف سندس خدمت ۾ آيو ۽ عرض ڪيو، ته طبيعت ڪيئن آهي؟ پاڻ فرمايائون ته: الحمدلله! پر اڄ فجر جي نماز پڙهي ته اٿم، مگر ڪمزوريءَ جي ڪري صحيح نماز ادا ڪرڻ ۾ شڪ آهي، تنهنڪري ان نماز کي فديه ۾ داخل ڪيو، يعني هن نماز جو منهنجي طرفان فديو ادا ڪجو.
>
> مخدوم صاحب کي غسل سيد عبدالقادر شيرازي، ميان محمود، سعدالله، فخرالدين، ابراهيم رنگريز ۽ حافظ آدم طالب علم ڏنو. مخدوم صاحب جي جنازي نماز قاضيءَ ۽ سندس فرزندن جي اجازت سان مخدوم محمد باقر پڙهائي. ماڻهن جي گهڻائيءَ ڪري سندن جنازي نماز وڏي عيد گاهه ۾ ادا ڪئي وئي. ڪن معتبر ماڻهن ٻڌايو ته مخدوم صاحب جي جنازي نماز تي اندازاً ڏهه هزار ماڻهو هئا. جنازي نماز کان پوءِ عيدگاهه جي پوئين پاسي ڪين دفن ڪرڻ لاءِ آندو ويو.
>
> مخدوم صاحب جي ڪرامتن مان هي به آهي، ته جنهن حويليءَ ۾ مخدوم صاحب بيمار رهيو ۽ اتي وصال به ڪيو هئائين، ڪيس غسل به اتي ڏنو ويو هو ۽ ان جاءِ تان پنج ڇهه مهينا خوشبوءِ ايندي رهندي هئي.“ [1]

آخر ۾ مخدوم عبداللطيف ٺٽويءَ پنهنجا ۽ ڪن صالح بزرگن جا خواب آندا آهن، جيڪي انهن مخدوم صاحب جي وفات کان پوءِ رات ۾ ڏٺا، جن ۾ اهو ذڪر آهي ته مخدوم صاحب جيئري ته شريعت محمدي

---

(1) مخدوم عبداللطيف ٺٽوي: ”مناقب مخدوم محمد هاشم“ (قلمي فارسي)، ص 1_4

جو خدمتگار رهيو. پر وفات کان پوءِ به حضور ﷺ جن جي مجلس حضور ۾ حاضر آهي ۽ مخدوم صاحب جي حجري ۾ اصحابن سڳورن ۽ حسنين ڪريمن جي آمد ٿي آهي.(1)

رچرڊ برٽن، مخدوم صاحب جي مزار ۽ ان جي اهميت تي روشني وجهندي لکي ٿو:

”هو هينئر هڪ ولي ڪري ليکيو وڃي ٿو. هن جو مکلي ٽڪريءَ تي مقبرو آهي، سو پنهنجي هم وطنين لاءِ هڪ زيارتگاهه جي جاءِ آهي.“ (2)

مخدوم صاحب جو پنهنجو گهڻو خاندان به سندس پيرانديءَ کان مدفون آهي. مخدوم صاحب جي مزار تي هيٺيون عربي ڪتبو لڳل آهي:

”العالم والعارف بالله تعاليٰ،
قد سار الي الله بنور و حضور،
الهمت ايا درس بعام المتوفيٰ،
قد شرفه الله بلطف و وفور،
1174ھ
تولد 10 ربيع الاول 1104ھ - وصال پنجشنبه 6 رجب 1174ھ
ڪتبه بقلمه محمد اصغر الدرس.
خادم درگاهه شريف حاجي محمد نور جوکيو.“

مخدوم صاحب جي مزار هينئر به زيارتگاهه خاص ۽ عام آهي. مخدوم صاحب جي مزار تي قبو ٺهيل ڪونهي. البت مزار پڪين سرن سان ٺهيل آهي. مزار کي چوڌاري ننڍڙو ڪٽهڙو به ڏنل آهي. هن وقت مخدوم صاحب جي زيارتگاهه جو خدمتگار حاجي محمد نور جوکئي جو فرزند نذير احمد جوکيو آهي، جيڪو ”گهاري“ جو رهاڪو آهي. مخدوم صاحب جي مزار مبارڪ ۽ درگاهه تي حڪومت طرفان به ڪافي توجهه ڏنو ويو آهي. پاڻي ۽

(1) مناقب، ص 4_9

(2) رچرڊ برٽن، ايف: ”سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون“، (مترجم سنڌي)، ص 79

بجلي وغيره جو به تمام سٺو انتظام رکيو ويو آهي. مخدوم صاحب جي مزار مبارڪ سان لڳ اولهه طرف پر واري ”هاشمي مسجد“ ۾ مولوي محمد يامين جماري پيش امام مقرر آهي، جنهن جا مصارف ضلعي ڪائونسل ٺٽي طرفان پورا ڪيا وڃن ٿا. راقم جڏهن به مخدوم صاحب جي مزار جي زيارت ڪئي آهي، ته دل کي اڻ ميو روحاني سڪون حاصل ٿيو آهي:

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،
ان جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مان،
ڪوڙيئين ڪن سلام، اچيو آڳهه ان جي.
(شاهه)

مخدوم صاحب جي وفات تي گهڻن شاعرن ڏک پريا ۽ دلسوز شعر چيا ۽ تاريخي مادا ڪڍيا آهن. هتي طوالت کان بچڻ لاءِ صرف تاريخي مادن واريون سٽون ملاحظي لاءِ هيٺ ڏجن ٿيون:

محمد پناه ”رجا“ ٺٽوي:	بهشتش داد ايزد منزل جاه
غلام علي ”مداح“ ٺٽوي:	ڪ انه دخل الجنة ست سال وصال
محمد رفيع ٺٽوي:	هاتفم گفتا ڪ گل شد مشعل دين رسول
مرزا غلام علي بيگ ٺٽوي:	طائر قدس بفردوس محمد هاشم
ميان محمد رحيم ٺٽوي:	در جوار مصطفيٰ ماواي يافت
محمد حسن خان ٺٽوي:	جعل الله جنة مثواه.(1)

1174ھ

سيرت، ڪردار ۽ حليو:

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عالم باعمل، صاحبِ فڪر و دل، سنت نبويءَ جو جيارينڌڙ، شرڪ ۽ بدعت جو ڪپينڌڙ، خادم شريعت و طريقت، ڪامل معرفت ۽ حقيقت، عاشقِ رسول اڪمل، خادم دين بي بدل، علم ۽ حڪمت جو سرچشمو، محنت ۽ مطالعي جو مجسمو، متقي پرهيزگار، ڪامل ڪردار جو سنڌي بزرگ هو. پاڻ دين اسلام جي خدمت لاءِ رات ڏينهن سرگرم رهندو آيو. آخر دم تائين قلم جو ڪرهو به ڪاهيندو رهيو.

مخدوم صاحب جن نهايت سهڻي سيرت جا مالڪ هئا. سنڌس

(1) دين محمد وفائي: ”تذڪره مشاهير سنڌ“، جلد 2، ص 64_261

مبارڪ خصلتون، حليم طبيعت ڪي ڏسي هرڪو شخص متاثر ٿيندو هو. پاڻ همه تن شفيق هئا. نهايت پرهيزگار، وڏا عابد ۽ زاهد هئا. خداوند ڪريم مخدوم صاحب جن جي هڪ اهڙي لاجواب هستي پيدا ڪئي هئي، جو ساڳئي وقت هڪ مفتي، هڪ جيد عالم، هڪ مبلغ واعظ، عابد ۽ زاهد، متقي، فنا في الرسول، خليق طبع، هادي، ڪامل ولي، بي ريا ۽ هڪ عظيم شاعر بہ هئا. مخدوم صاحب جن نهايت سادي لباس ۽ شرعي طريقي سان گذريندا هئا.

پاڻ حليم ۽ خوش مزاج هوندا هئا. جيڪو بہ سندس ملاقات لاءِ ايندو هو، تنهن ڪي محبت ۽ ميناج ۾ اهڙو تہ قابو ڪڙيندا هئا، جو هو سدائين ملڻ لاءِ منتظر هوندو هو. سندس فيض جو پرتوو ايڏو هو، جو جنهن تي سندس نوراني نگاهہ پوندي هئي، سو پٿر مان پاڻي ٿي پوندو هو.

هو جيڪڏهن مخدوم ٿيو، تہ ڪيس سندس ديني خدمتن خادم مان مخدوم ڪيو هو. هو نهٺو ۽ نياز وارو هو. سندس محبت ۽ خلق ڏسي ماڻهو مٿس مفتون هئا.

مخدوم صاحب طبيعت جو حليم، مزاج جو خليق ۽ ازحد پرهيزگار هو. چا هلندي چا ويهندي، چا مجلس ۾ چا ٻاهر، مطلب تہ هرڪ ڪم، خواه ادا ۽ انداز ۾، شريعت جي حڪمن جي پوري پوري تعميل ڪندو هو ۽ سموري حياتي سيرت پاڪ جي نموني تي بسر ڪيائين.

مخدوم ٺٽويءَ جي شڪل صورت يا حليي بابت ڪا بہ تحريري شاهدي نہ ملي سگهي آهي. موجوده دور ۾ ٺٽي جي ٻن وڏن عالمن راقم کي تحقيق دوران زباني روايتون ٻڌايون، جن مخدوم صاحب جي خواب ۾ زيارت ڪئي آهي. ٻنهي راوي بزرگن جي خواب ۾ ڏٺل زباني روايتن موجب تقريباً مخدوم صاحب جو ساڳيو حليو بيان ٿيل آهي:

"قد درميانو، گول چهرو، ڪڻڪ رنگو، باشرع ۽ سفيد سونهاري ۽ پڳ."

(براويت: مفتي عبدالرحمان ٺٽويءَ، مهتمم مدرسه عثمانيہ مجدديه مڪلي ۽ ميمڻ محلو، ٺٽو).

"وچولو قد، سهڻو ڪڻڪ رنگو، منهن ڪشادو گول، اڇي ڏاڙهي ۽

اڇي پڳ ۽ پڳ جي مٿان سفيد چادر ويڙهيل."

(براويت: مولوي ابوالسراج محمد طفيل احمد نقشبندي، سابق خطيب درگاهہ عبدالله شاهہ اصحابي، مڪلي، ٺٽو)

باب تيرهون

اولاد ۽ پونير

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ کي الله تعاليٰ ٻه فرزند ۽ هڪ نياڻيءَ جو اولاد عطا ڪيو هو. سندس هڪ فرزند جو سهڻو نالو عبدالرحمان آهي ۽ ٻئي پٽ جو منو نالو عبداللطيف هو: "جهڙو پنهون پاڻ، تهڙي سڻا ساڻ جي" موجب ٻئي پائر پلاري بزرگ جو اولاد، نيڪ صالح، عالم ۽ مصنف هئا. مخدوم صاحب جي ٻنهي لائق فرزندن جو تفصيلي احوال هيٺ لکجي ٿو:

مخدوم عبدالرحمان:

هيءُ پلارو عالم فاضل، والد جو صالح فرزند، قرآن جو قاري ۽ حافظ، وڏو عالم، حاجي ۽ صوفي هو. سندس ولادت 16 شوال المڪرم 1131ھ تي ٿي. پنهنجي والد کان پوءِ سجاده نشينيءَ جو ڪيس ئي شرف حاصل ٿيو. سندس والد جا شاگرد ۽ مريد سنڌ کان ٻاهر ڪاٺياواڙ ۽ ڪڇ ۾ به پکڙيل هئا. جنهن ڪري هيءُ بزرگ سنڌ کان ٻاهر مريدن جي هدايت ۽ تلقين لاءِ به ويندو رهندو هو.

هڪ دفعي ڪاٺياواڙ جي علائقي جي ڳوٺ "ڪوتياڻي" ۾ پنهنجي مريدن وٽ رهيل هو. تہ اتي ئي 51 سالن جي ڄمار ۾ ڪيس اجل جو قاصد اچي پهتو. تاريخ 5 ربيع الاول 1181ھ ۾ هن فاني جهان مان رحلت فرمائي ويو.[1]

حاجي عبدالرحمان جي اولاد مان پڻ ميان محمد نالي هڪ توفيق وارو نوجوان، علم ۽ صلاحيت جو ڏٺي، وڏن جي پيرويءَ تي هلندڙ هو.[2]

مخدوم عبدالرحمان جي تصنيفات مان حج جي مسئلن تي منظوم

(1) مولوي دين محمد وفائي: "تذڪره مشاهير سنڌ" _ جلد 3، ص 28_229

(2) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "تحفة الڪرام"، ص 566

سنڌي ڪتاب "حيات العاشقين" پڻ يادگار آهي. اصل ۾ مخدوم عبدالرحمان، پنهنجي والد مخدوم صاحب جي حج، عمره ۽ حرمين جي پاڪ سرزمين جي فضائل ۽ مسئلن بابت فارسي ۾ لکيل ڪتاب "حيات القلوب الیٰ زيارت المحبوب" جو نچوڙ سنڌي نظم ۾ "حيات العاشقين" جي نالي ترجمو ڪيو. جيڪو عمره ۽ حج جي سنڌي خوانده حاجين ۽ پانڌيئڙن لاءِ نهايت ڪارائتو ثابت ٿيو. "حيات العاشقين" جي مواد جو وچور هن ريت آهي:

مقدمو	پهريون صفحو
باب پهريون - منجهہ بيان حج جي	39 صفحو
باب ٻيو - منجهہ بيان عمري جي	144 صفحو
باب ٽيون - منجهہ بيان مسئلن متفرقن جي	150 صفحو
باب چوٿون - منجهہ بيان زيارت رسول الله جي	179 صفحو
باب پنجون - منجهہ بيان مسئلن متفرقن جي	195 صفحو
خاتمو	235 صفحو

"حيات العاشقين" جي نظم جو نمونو هيءُ آهي:

جهر هي رسالو تمام ٿئو اچي هن ماڳا
تهر اڪاره سو ۽ انهٺ (1168ھ) هو وره هجرتا
سائينم سو قبول ڪري پنهنجي مهر منجها
جيڪو پسي هن رسالي ۾ سهو ڪ خطا ڪا
سو ور تنهن ڪي صحيح ڪري پنهنجي پلايا
تنهن ڪي آگو اجر ڏيندو پانهنجي پارا.[1]

مخدوم عبدالرحمان جو هٿ سان لکيل مخدوم محمد هاشم جو ڪتاب "حياة القاري باطراف البخاري" قلمي نسخو، پير جهنڊي جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي.

مخدوم عبدالطيف:

(1) مخدوم عبدالرحمان: "حيات العاشقين" (سنڌي)، ص 235

هيءُ پيلارو مخدوم صاحب جو ٻيو نمبر فرزند هو. سندس ولادت 14 شعبان المعظم 1144هه تي ٿي. پنهنجي والد بزرگوار جي آغوشِ شفقت ۾ پرورش حاصل ڪيائين. قرآن جو حافظ، حديث جو وڏو عالم ۽ فقه ۾ يڪتاءِ روزگار هو.(1)

مير علي شير ”قانع“ ٺٽوي لکي ٿو:

> ”هاڻي عبداللطيف، پيءُ جو جاءِ نشين آهي. هو پيءُ جي دستور موجب هر جمعي ڏينهن صبح جو جامع خسرو (دابگران واري مسجد) ۾ چڱي وعظ جي محفل منعقد ڪندو آهي. هر روز ٽيهريءَ وقت پنهنجي (هاشمي) مسجد ۾ حديث پاڙهڻ جو شغل جاري رکندو هو ۽ پنهنجي مدرسي کي مچائيندو ايندو هو. هن سال (1187هه) ۾ جڏهن ميان محمد سرفراز خان جي لشڪر ۾ قضا جي عهدي تي مقرر ٿيو آهي، تڏهن سندس فرزند ارجمند ميان ابراهيم عرف موليڏنو پيءُ ۽ ڏاڏي وارا ڪم سنڀالي رهيو آهي.“ (2)

سندس شهرت جي هي حالت هئي، جو وقت جا حاڪم مشڪل سوالن جو ڪانئس حل ڪرائيندا هئا. مخدوم عبدالطيف بدعات جي رد ۽ حنفي فقه ۾ ڏاڍو متشدد هو. هن علامہ محمد معين ٺٽويءَ جي ڪتاب ”دارسات اللبيب“ جي رد ۾ هڪ وڏو عالمانہ ڪتاب ”ذب الذبابات“ عربيءَ ۾ لکي، پنهنجي علمي فضيلت جو ڏاڪو ويهاريو آهي. ان کان سواءِ سندس ٻيا رسالا بہ تصنيف ٿيل آهن، جن مان هيٺين جا نالا معلوم ٿي سگهيا آهن:

الحجة البيضاء، غايت المرام، الشهاب الثاقب لرجم الڪاذب، فرائض الاسلام (پنهنجي والد جي ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو اٿس) ۽ مناقب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي.

(1) ”تذڪره مشاهير سنڌ“ _ جلد 3، ص 329

(2) مير علي شير ”قانع“ ٺٽوي: ”تحفة الڪرام“، ص 566

مخدوم عبداللطيف 45 سالن جي ڄمار ۾ 17 ذوالقعد 1189هه تي ٺٽي ۾ وفات ڪري ويو.(3) مڪلي ٽڪريءَ تي پنهنجي والد مخدوم صاحب جي پيرانديءَ کان دفن ٿيو.

مخدوم عبداللطيف جو عظيم علمي ڪارنامو سندس ڪتاب ”ذب الذبابات الدراسات عن المذاهب الا ربعة المتناسبات“ عربيءَ لکيل آهي. هيءُ بهترين عربي ڪتاب مخدوم محمد معين ٺٽوي جي ڪتاب ”دراسات اللبيب“ جي جواب ۽ رد ۾ لکيل آهي. مخدوم محمد معين رنگين طبيعت ۽ عجيب آدمي هو. هڪ طرف اهل بيت جي محبت جو دعويدار، امامن سڳورن لاءِ ماتم ڪرڻ جو قائل هو. خلفاءِ راشدين جي ترتيب جو مخالف هو. ٻئي طرف وحدة الوجود جو عارف هو. راڳ ۽ سرود جو اهڙو تہ عاشق هو، جو وفات بہ محفل سماع ۾ ڪيائين. ان کان وڌيڪ هي تہ عمل بالحديث جو زور شور سان داعي هو ۽ چئني مذهبن جي پيروي جو مخالف هو. مخدوم محمد معين جو ڪتاب ”دراسات اللبيب“ بہ ترڪ تقليد ۽ عمل بالحديث بابت تحرير ٿيل آهي.

مخدوم محمد معين جي هن پُردلائل ڪتاب جو رد ۽ جواب لکڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ هئي. گويا قدرت هن کان اول مخدوم محمد هاشم جي علمي خاندان کي منتخب ڪري ڇڏيو هو. جيئن تہ مخدوم صاحب جي فرزند مخدوم عبداللطيف ”داراسات اللبيب“ جو ضخيم ٻن جلدن ۾ رد لکيو. ان اهو رد اهڙي علمي انداز ۾ لکيو، جو ڪوبہ عالم مخدوم عبداللطيف جو جواب اڃا تائين ڪونہ لکي سگهيو آهي. مخدوم عبداللطيف جي تحرير متين، پيرايہ بيان نهايت سنجيدو ۽ دلائل جو طريقو محققانہ آهي. اڳتي هلي مخدوم عبداللطيف جي پٽ مخدوم ابراهيم بہ مخدوم محمد معين جي ڪتاب ”دراسات اللبيب“ ۽ ٻين رسالن جو جامع رد ۽ جواب ”القسطاس المستقيم“ نالي ڪتاب ۾ لکيو. ”القسطاس المستقيم“ جو قلمي نسخو، سيد محب الله شاهہ راشدي پير جهنڊي جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي ۽ سنڌ

(3) ”تذڪره مشاهير سنڌ“ _ جلد 3، ص 329

جي پين ڪتبخانن ۾ بہ محفوظ آهي.

مخدوم محمد معين جو ڪتاب ”دراسات اللبيب“ عربي ۽ مخدوم عبداللطيف جو ”ذب الذبابات“ عربي ٻئي ڪتاب ترتيبوار سن 1957ع ۽ سن 1959ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپيا آهن.

مخدوم ابراهيم (مڏئي مرقد):

مخدوم عبداللطيف کي هڪ فرزند مخدوم ابراهيم نالي هو، جيڪو ”مڏئي مرقد“ جي نالي سان مشهور آهي ۽ ”هڪ ئي رانجهو لکان دا مٺ“ ثابت ٿيو. هو وڏو عالم ۽ صوفي هو. سندس ولادت سن 1162ھ ۾ ٺٽي ۾ ٿي. تڏهن سندس ڏاڏو حال حيات هو. سندس سموري تعليم ۽ تربيت پنهنجي علمي گهراڻي ۾ ٿي.

مخدوم ابراهيم جي سوانح حيات تي فارسي رسالو لکيل آهي. اهو رسالو مخدوم ابراهيم جي مريد امين بن شيخ هارون ڇتڙائي، جيڪو آخري وقت ۾ ساڻس سفر ۾ گڏ هو، خليفي احمد خان نظاماڻيءَ جي چوڻ تي پنهنجي مرشد مخدوم ابراهيم جي زندگيءَ ۽ ڪرامتن بابت فارسي زبان ۾ ”مناقب مخدومين معظمين“ نالي سن 1243ھ ۾ لکيو هو. ان ۾ مخدوم ابراهيم جي مرشد خواجہ صفي الله نقشبندي ۽ خود مخدوم ابراهيم ۽ سندس اولاد جو قدري تفصيل سان احوال آيل آهي. هيءُ رسالو اڻ ڇپيل ۽ قلمي صورت ۾ هو. تازو ان جو عڪس لاهور مان پروفيسر محمد اقبال مجددي شايع ڪيو آهي. مخدوم ابراهيم (مڏئي مرقد) جو وڌيڪ احوال ان ڪتاب تان اختصار ڪري، ان جو سنڌي ترجمو هيٺ درج ڪجي ٿو، تہ جيئن اکئين ڏٺي مصنف جو لکيل ۽ هڪ صادق مريد جي قلم مان نڪتل نئين معلومات سامهون اچي:

”مشهور آهي تہ مخدوم ابراهيم ٺٽي ۾ ڄائو. پاڻ هاشمي نسب حارث بن عبدالمطلب بن هاشم بن عبدمناف جي اولاد مان آهي. سندس والد جو نالو مبارڪ مخدوم مرحوم عبداللطيف آهي. مخدوم ابراهيم جي والده سگهوري جو نالو بيبي عائشہ آهي. بيبي عائشہ جي پيءُ جو نالو ابراهيم آهي. هيءُ ابراهيم، حضرت ابوالقاسم نقشبندي جو فرزند آهي.

مخدوم ابراهيم جي ڏاڏي مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ سن 1174ھ ۾ لاڏاڻو ڪيو ۽ مخدوم ابراهيم جي تعليم جو سلسلو جاري هو. بہ سال پوءِ سن 1176ھ ۾ حاجي صفي الله نقشبندي حج جي ارادي سان حرمين شريفين ويندي، ٺٽي تشريف فرما ٿيو. ان وقت مخدوم ابراهيم جي عمر 14 سال ۽ صفي الله جي عمر اندازاً ويهہ ورهيہ هئي.

مخدوم ابراهيم ان کان پوءِ پنهنجي والد مخدوم عبداللطيف وٽ وڌيڪ تعليم پرائڻ لڳو. ڳچ مدت ۾ مروج درسي ڪتاب پڙهي پڄايائين. علم تفسير، حديث، اصول فقه، تصوف، معقول ۽ منقول ۾ ڪامل مهارت حاصل ڪيائين. فارغ ٿي پنهنجي پيءُ جي اجازت سان طالبن کي درس پڙهائڻ لڳو. گهڻائي مسلمان جهالت کي ترڪ ڪري، سندس علم جي نور کان روشناس ٿيا. سندس سهڻي صحبت ۽ علمي روشنيءَ جي ڪري سندس اهي متقي ۽ پرهيزگار مثالي شاگرد بڻيا.

مخدوم ابراهيم جا ديني علم ۾ گهڻائي ڪتاب ۽ قصيدا لکيا آهن. ننڍپڻ ۽ ڦوهہ جواني کان سير سلوڪ پنهنجي ڏاڏي ۽ پيءُ کان حاصل ڪيائين. اهڙيءَ ريت ڏاڏي ۽ پيءُ وٽان ڪيس تلقين جي طريقي جي اجازت هئي. هن سلسلي ۾ سندس ڏاڏي جو لکيل ڪتاب ”اتحاف الاڪابر“ آگاهي ڏئي ٿو.

جيتوڻيڪ فيض پنهنجي پيءُ ڏاڏي کان مليو هوس، پر اڳتي هلي جوانيءَ واري شروعاتي دور ۾ ٺٽي کان وني ملتان تائين جيڪو بہ صاحبِ ڪمال بزرگ ٻڌائين ٿي، تہ اوڏانهن سندس صحبت لاءِ ڊوڙيو ٿي. آخرڪار سندس والد مخدوم عبداللطيف سن 1189ھ ۾ وفات ڪئي.

جيئن تہ قاضي القضاة وارو عهدو هن علمي خاندان ۾ هلندو ٿي آيو. اهو قضا جو عهدو سندس والد مخدوم عبداللطيف جي وفات کان پوءِ مخدوم ابراهيم کي سنڀالڻو پيو. پاڻ اهو عهدو ڳچ وقت ميان سرفراز خان عباسي جي وقت کان ميان عبدالنبي جي آخري عهد تائين سنڀاليائين ۽ ديني حدون ۽ شرعي مسئلا نبيريندو آيو.

غالباً اڳتي هلي ميان عبدالنبي عباسي ۽ مير فتح علي خان ٽالپر جي

پاڻ ۾ اڻ بڻت ٿي، ان ڪري ميان عبدالنبي دارالخلافت ڪابل تيمور شاهه ڪي مدد لاءِ سعيو ڪيو. مخدوم ابراهيم ميان سان وفاداري، همدردي ۽ احسان مجڻ طور شڪارپور تائين ويو. قدرت کي ٻي ڳالهه منظور هئي. اتي شڪارپور ۾ مخدوم ابراهيم کي حاجي صفي الله نقشبندي جي موجودگي جي پروڙ پئي. جيئن تہ مخدوم ابراهيم جي هن سان ننڍي هوندي ٺٽي ۾ واقفيت هئي، ان ڪري سلوڪ ۾ ويتر ساڻن تعلق مضبوط ٿيو. ٿن مهينن جي مدت ۾ سلوڪ ۽ طريقت جا مرحلا طئي ڪري، سندس مريد ٿي خلافت حاصل ڪيائين. حاجي صفي الله نقشبندي، مخدوم ابراهيم کي جيڪا خلافت جي سند ۽ اجازت لکي ڏني هئي، اها هن ريت آهي:

فضيلت و ڪمالات دستگاهہ، حقائق و معارف آگاهہ، مظهر انوار رباني، مولد اسرار سبحاني، اخوي ميان محمد ابراهيم - الله تعاليٰ کيس سلامت رکي - کي سلوڪ طريقت جي پوري ڪرڻ تي کيس ولايت صغريٰ ۽ ڪبريٰ ۽ نقشبندي ۽ قادري حضرات جي تعليم جي طريقي جي اجازت ڏجي ٿي.

موڪلائڻ مهل صفي الله نقشبنديءَ پنهنجي مريد ۽ خليفي مخدوم ابراهيم کي چيو:

”اي مخدوم! پاڻ وصال ماڻيئي ۽ اسان کي فراق ڏيو ٿو وڃين!“

آخرڪار مخدوم ابراهيم شڪارپور مان مرشد کان اجازت وٺي، پنهنجي شهر ٺٽي پهتو، اڳ ۾ ظاهري تعليم ڏيندو هو، هينئر الله تعاليٰ جي مخلوق کي روحاني تعليم سان مالا مال ڪرڻ لڳو. ماڻهو ڪاٺئس فيضياب ٿيڻ لڳا. سندس ڪرامتون ڳڻڻ ۽ ليکي کان گهڻيون آهن.

مخدوم دين اسلام جي واڌاري لاءِ ڀرپور ڪوششون ورتيون. امر ونهي جي اجراءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻ لڳو. ڪيترا ڪافر سندس هٿ تي اسلام جي دائري ۾ داخل ٿي مسلمان ٿيا.

اڳتي هلي، دين اسلام ۽ شريعت جي نفاذ خاطر وقت جي حاڪمن سان سندس ٽڪر ٿيو ۽ شريعت جي نفاذ کان حاڪمن منهن موڙيو. شريعت جي حڪمن ۾ رڪاوٽون پوڻ لڳيون. پاڻ اول سنتِ نبوي جيان

ڪجهہ وقت صبر کان ڪم ورتائين. نيٺ ٺٽي مان هجرت ڪرڻ تي مجبور ٿيو. ان ڪري پهريائين ٺٽي مان ڪراچي بندر لڏي ويو. ڪراچيءَ مان ٻيهر مسقط بندر لڏڻو پيو. ان لڏپلاڻ دوران کيس جيڪي تڪليفون پيش آيون، انهن جو اکين ڏٺو شاهد (هن ڪتاب جو مصنف امين بن هارون چتڙائي) بہ حاضر هو.[1]

انهن حاڪمن (ميرن) جي ظلمن ڪري حضرت مخدوم ابراهيم چوندو هو تہ: ”الله تعاليٰ هنن تڪليفن جي عيوض امداد ڪندو رهي ٿو.“ مطلب تہ ڪراچي بندر کان ڪوچ ڪري ”اربق“ جاءِ، جيڪا مسقط بندر جي مضافات ۾ آهي، پهتا. اتان پنهنجي مرشد خواجه صفي الله نقشبندي سان گڏ حرمين شريفين جي زيارت ڪيائون. ان دوران ”اربق“ ۾ سنڌ وارن مريدن ۽ جماعتين کيس واپس سنڌ هلڻ لاءِ زور ڀريو.

حاصل ڪلام، سن 1224هہ ۾ ضلع ساڪره جي مضافات ۾ ”دها“ جاءِ تي ويٺا هئا ۽ پنهنجي عمر جو حساب پئي ڪيائون ۽ چيائون پئي تہ منهنجي عمر 63 سال آهي. پوءِ مون (امين بن هارون) کي فرمايائون تہ، ”تون حساب ۾ خبردار آهين، اچ منهنجي عمر جو حساب ڪر. منهنجي ڄمڻ جي تاريخ حضرت ابراهيم عليه السلام جي هن ڪلام موافق جملي مان نڪري ٿي: ”اَلَّذِيْ خَلَقَنِيْ فَهُوَ يَهْدِيْنِ“ (پارو 19، سورة الشعراء، آيت 78)

---

(1) راقم جي خيال ۽ تحقيق موجب مخدوم ابراهيم جهڙي خانداني عالم ۽ ڪامل ولي جو پنهنجو ديس ڇڏي هجرت ڪري وڃڻ ۾ بہ ڪو سياسي عنصر جو عمل دخل ٿي سگهي ٿو. ان جو مثال هي آهي تہ هن رسالي ۾ مٿي اهو مختصر احوال اشارتاً گذري آيو آهي، تہ سنڌ جي والي ميان عبدالنبي ڪلهوڙي ۽ مير فتح علي خان ٽالپر جي وچ ۾ پوئين دور ۾ اڻبڻت ٿي هئي. ڪلهوڙن هارايو ۽ ميرن ڪلهوڙن کي شڪست ڏني، سنڌ جي حڪومت جون واڳون سنڀاليون هيون. جيئن تہ مخدوم ابراهيم وقت جي ڪلهوڙا حڪمرانن جي رعيت، قاضي القضاة جي عهدي تي فائز هو. ڪلهوڙن سان خانداني تعلق ۽ ڪلهوڙن جي اسلامي احڪامن جي اجراء لاءِ ڪوشش ۽ اهڙين ٻين ڪن ڳالهين جي ڪري مخدوم ابراهيم کي ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جو طرفدار رهڻو پيو. جڏهن ٽالپر، ڪلهوڙن کي مار ڏاڙ کان پوءِ شڪست ڏيئي حڪمران ٿيا، تہ هڪ حڪومت جي ختم ٿيڻ ۽ نئين حڪومت ۽ حڪمرانن جي اچڻ سان سندس تعلقات مٿين سببن ڪري ضرور ڪشيده ٿيڻ لازمي امر هو. ان ڪري مخدوم ابراهيم سياسي ويڙهہ کان ڪناره ڪشي ڪري عافيت ان ۾ سمجهي، تہ پنهنجو ماڳ مڪان ڇڏي ڪنهن ٻئي هنڌ آزاديءَ سان وڃي دين جو ڪم ڪري. (ليکڪ)

مطلب تہ منهنجي پالڻهار مون کي پيدا ڪيو آهي، اهو ئي مون کي سڌو رستو ڏيکاريندو آهي." پوءِ حساب ڪيم تہ سندن عمر 62 سال ٿي. ان تي ڪلي مزاح طور فرمايائون تہ، "هڪ سال جي اسان کي رعايت ڏني اٿئي." آخرڪار ان سال آهستي آهستي "ننده" شهر ۾ سيد نور محمد حسيني، جيڪو سندن وڏن خليفن مان ۽ عالم هو، وٽ پهتا تہ اتي عارضي نفث الدم (وات مان رت اچڻ) عارضي ۾ بيمار ٿي پيا. چند ڏينهن اتي هئا. اتان مهيني صفر ۾ سن 1225ھ ۾ ڪڇ ملڪ جي پاسي "مڏئي" شهر جي ارادي سان آيا ۽ مڏئي جي آس پاس "سرايه" جاءِ وٽ اچي رسيا.

ڪن فقيرن کان نقل بڌل آهي، تہ جڏهن مخدوم صاحب سرايه وٽ اچي لٿا، تہ روز روز ان سرزمين تان گذرندي زمين کي ڏسندا رهندا هئا ۽ چوندا هئا، تہ شايد هڪ ولي بزرگ اللہ تعاليٰ جي اوليائن مان هن زمين ۾ دفن ٿيندو. نيٺ مخدوم ابراهيم ان ئي زمين ۾ دفن ٿيو.

اصل ڳالهہ تي اچون ٿا، تہ جڏهن مخدوم ابراهيم مڏئي وٽ سنڌ جي سيني خليفن کي واپس سنڌ وڃڻ جي اجازت ڏني. پاڻ وٽ خليفو محمد فاضل، ساڪن لکپت ملڪ ڪڇ ۽ ميان عبدالرحمان ولد مخدوم عبداللہ (غالباً منڌرو) ساڪن زيهہ (نريهہ) ملڪ ڪڇ ۽ چند ٻيا فقير، حضرت جي خدمت خاطر مڏئي شهر ۾ آيا ۽ رهيا. هنن ڏينهن ۾ سندن بيماري وڌي وئي. ان سخت بيماري هوندي بہ پاڻ مسجد ۾ پنج وقت نماز ادا ڪندا هئا ۽ تهجد نماز بہ پابندي سان پڙهندا هئا.

آخر امر تہ جمعي جي ڏينهن، پهرئين ماه ربيع الاول 1225ھ جمعي نماز جماعت سان ادا ڪرڻ کان پوءِ چند فقيرن سان ٻيڙيءَ ۾ چڙهي سير ڪيائون. ٿيهري نماز مهل نزع جي حالت ۾ ٿيهري نماز اشارن سان ادا ڪيائون. سج لٿي مهل ساهہ اللہ تعاليٰ جي حوالي ڪيائون.

ماڻهن خليفي محمد فاضل ۽ عبدالرحمان کي وجي ٻڌايو، جيڪي اجا شهر ۾ هئا. سندس جسم کي ٻيڙيءَ مان لاهي سرايه جي جاءِ تي آندائون. ميان عبدالرحمان حضرت جن کي تڙ ڏياريو. جنازي نماز ادا ڪرڻ

کان پوءِ سيني جي اتفاق راءِ سان ان زمين ۾ کين دفن ڪيو ويو، جتي آخر ۾ پاڻ اها زمين ڏسي ٻڌايو هئائون، تہ هڪ اولياء اللہ هن زمين ۾ دفن ٿيندو.

حضرت جي وفات جي خبر انهن ئي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ پهچي وئي ۽ هر ٻڍي ۽ جوان کي صدمو پهتو. سندس ولادت جي تاريخ سن 1162ھ "ربي خلقتني فهو يهدين" مان نڪري ٿي ۽ سندس وفات جي تاريخ هنن لفظن مان نڪري ٿي: "ان ابراهيم احي الدين بجهاده فمات هاجرا" ۶ 1225ھ. مطلب تہ بيشڪ ابراهيم پنهنجي ڪوشش سان دين کي جياريو، پوءِ هجرت ۾ وفات ڪري ويو.

هن مان ظاهر ٿيو تہ سندس چيل لفظن موجب عمر مبارڪ 63 سال ٿي. واللہ اعلم. هي الفاظ ان تي شاهد آهن. سيد غلام علي "مائل" سادات شڪر الاهي سندس وفات جي تاريخ نثر ۾ هن ريت چئي آهي:

"ذهب العلم من حدود ملک السند"

"مطلب تہ سنڌ ملڪ جي حدن مان علم ڪڇي ويو."[1]

"تڪملہ مقالات الشعراء " جي مصنف، مخدوم ابراهيم مڏئي مرقد جو تفصيلي احوال هن ريت لکيو اهي:

> "مخدوم محمد ابراهيم (مڏئي مرقد) علم ۾ يگانہ روزگار هو. ارشاد ۾ پڻ وقت جو پلارو بزرگ هو. سندس زماني ۾ ڪوبہ ان جهڙو سنڌ ۾ نہ ٿيو. ڪشف ڪرامت جو صاحب هو. سندس حالات ۾ ميان محمد امين چتڙائي جو رسالو [مناقب مخدومين معظمين] لکيل آهي. سندس خليفا بہ گهڻا آهن، پر سندس مريدن جو تعداد بہ لک آهي. مريدن جي دعوت تي نڪرندو هو. هر شهر يا هر ديهہ ۾ جتي بہ ايندو هو، تہ اتي مريد گڏ ٿيندا هئا ۽ جيڪي ڪانئس تلقين وٺندا هئا، انهن جا نالا لکيا ويندا هئا. هن فقير (تڪلمہ جي مصنف) انهن ڪاغذن مان ڪن لسٽن کي ڏٺو ۽ پڙهيو بہ آهي.

[1] امين بن هارون چتڙائي: "مناقب مخدومين معظمين"، (قلمي فارسي) ص 1_12 تلخيص

هڪ شخص مخدوم محمد هاشم جي مزار جي زيارت تي آيو ۽ هُن جو اهو ارادو بہ ڪونہ هو تہ ڪو مخدوم صاحب جي اولاد جي بہ زيارت ڪندو. مگر جڏهن مخدوم صاحب جي زيارت ڪيائين تہ دل ۾ چيائين، رڳو وڏن بزرگن جي زيارت ڪرڻ ۽ سندن اولاد کان ڪنارو ڪرڻ ادب جي خلاف آهي. ان ڪري اهو خيال ڪري ٺٽي شهر روانو ٿيو. خدا جي قدرت! گهڻي مدت کان هُن شخص کي سلوڪ جي معاملي ۾ مونجهارو رهندو هو ۽ سندس عقده حل نہ ٿي ٿيا. اهو شخص جڏهن هاشمي مسجد جي دروازي وٽ آيو، اڃا هڪ پير مسجد ۾ اندر داخل ڪيائين ۽ ٻيو پير دروازي کان ٻاهر هوس، تہ (مخدوم محمد ابراهيم) جي نظر فيض اثر هُن شخص تي پئي. قدرتي طور هُن شخص جو سالن جو مونجهارو ۽ سلوڪ جو مشڪل، صالح بزرگ جي هڪ ئي نگاهہ سان حل ٿي ويو:

اي لقائي تو جواب هر سوال،
مشڪل از تو حل شود بي قيل و قال.

مطلب تہ تنهنجو ديدار ئي هر سوال جو جواب آهي ۽ چوڻ کان سواءِ توکان مشڪل آسان ۽ حل ٿي وڃي ٿو.

اهو شخص ڪمال عقيدت سان مريد ٿيو ۽ رفتہ رفتہ خلافت بہ حاصل ڪيائين. ان خليفي جو لقب "خليفہ پلاس پوش" آهي.

هڪ ڀيري مخدوم محمد ابراهيم جمعي جي ڏينهن درياءَ تي غسل ڪرڻ ويو. اتي غسل ڪري ڪنڌيءَ تي چادر وڇائي ان تي ويهي رهيو ۽ فقير بہ غسل کان فارغ ٿيندا، هڪ هڪ ٿي اچي مجلس ۾ ويندا. مخدوم ابراهيم اهڙي تہ جذب جي حالت ۾ هو، جو سندس فيض اهلِ مجلس کي سيراب ڪري رهيو هو. جيڪو مسجد کان نماز لاءِ سڏڻ تي آيو، تہ اهو بہ هن روحاني شڪار جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي ٿي پيو. هوڏانهن نماز جو وقت وڃي رهيو هو. ايتري ۾ خليفو احمد خان نظاماڻي

هوش ۾ اچي ويو ۽ هي بيت پڙهڻ لڳو:

آج تىرے نىن نے
مسجد مىں،
هوش لوٹا هے هر نمازی
کا.

ان وقت پاڻ مخدوم ابراهيم بہ هوش ۾ آيو ۽ ٻين بيخودن کي بہ هوشيار ڪيائين ۽ فرمايائين تہ نماز جو وقت مڪروہ نہ ٿئي، ان ڪري چڱو آهي تہ هتي ئا نماز پڙهون.

آسمان سجده کند بهر زميني کہ درو
يک دوکس، يک دو نفس بهر خدا نشيند.

مطلب تہ آسمان، زمين واسطي سجدو ڪري، جو ان ۾ هڪ بہ شخص هڪ بہ نفس خدا جي واسطي ويٺا."[1]

مخدوم ابراهيم پنهنجي پيءُ ۽ ڏاڏي وانگر وڏو مؤلف ۽ مصنف بہ آهي. سندس عربي عبارت ۾ بہ وڏي رواني آهي. ڇو تہ هڪ پاسي سندس تربيت علمي گهراڻي ۾ ٿي، تہ ٻئي پاسي عرب ملڪن ۾ بہ گهڻو گهمندو رهيو. ان ڪري سندس عربيت کي اصليت جو رنگ اچي ويو. مخدوم ابراهيم کي سندس ڏاڏي مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جهڙو سڪون ۽ اطمينان هجي ها، تہ جيڪر اڄان بہ تاليفي ذخيرو گهڻو ڇڏي وڃي ها. پر افسوس جو کين سڪون نہ مليو. ان دور ۾ ٺٽو علمي لحاظ کان اجڙي چڪو هو. ملڪ جي حڪومت بہ ڪمزور ٿي وئي هئي. ان ڪري مخدوم محمد ابراهيم جي ڪا بہ قدرداني نہ ٿي سگهي. ڪڏهن ڪٿي، ڪڏهن ڪٿي ڪشالا ڪيندو رهيو. ويتر (خواجہ صفي الله مجددي وٽ) نقشبندي طريقي ۾ داخل ٿي، ورد وظيفا پڙهي ۽ ٻيون رياضتون ڪري پنهنجي صحت بہ وڃائي ويٺو هو. اها ڳالهہ بہ سندس آڏو حائل ٿي، تڏهن بہ سندس تصنيف سندس همعصرن مان مخدوم عبدالواحد سيوستانيءَ (وفات

(1) مخدوم محمد ابراهيم "خليل" ٺٽوي: "تڪملہ مقالات الشعراءَ" (فارسي)، ص 47_49

1224ھ) کي ڇڏي، باقي ٻين سڀني کان گهٽي آهي.[1] مخدوم ابراهيم جا هي ڪتاب يادگار آهن:

- اعناء الواصل
- اماطة اذي العبيد
- تحرير في بيان آخرالظهر
- تطبيب افواه الا خوان في المنع شرب الد خان
- توثيق الا سباق في مسئلة الصداق
- تهذيب البيان
- الحبل المتين في اوصاف خلفاء الراشدين
- دماج المغم
- رسالہ في بيان السلسة
- سحق الا غبياء
- سير التقرير في تحقيق مقاصد مسئلة استعمال الحرير
- طريدالحياک مماطرده الخصم بقطع التنباک
- غسل العباک عن تصويب قطع التنباک
- القسطاس المستقيم
- القول الرضي بتصحيح حديث الترمذي
- مفتاح الڪلام
- نشر حلاوي المعارف والعلوم
- نشيج الضحيٰ في قص اللحيٰ
- وصول الغنا في تحريم الدفوف مع الجلاجل والغناء
- وعظ الانوار في مسئلة روية القمر يوم الشک في النهار
- هدايت الناس في البقاء الشعر علي الراس

مخدوم محمد ابراهيم جا اڪثر ڪتاب مدرسه "مظهر العلوم" کڏه ڪراچي ۾ قلمي صورت ۾ محفوظ آهن. جن جو تفصيلي مطالعو ڪري، مولانا عبدالرشيد نعماني هڪ تحقيقي مقالو بهاولپور جي رسالي "الزبير"

(1) غلام مصطفيٰ قاسمي: تماهي "الرحيم" _ مشاهير سند نمبر 3_4، 1967ع، ص 18

جي "ڪتبخانہ نمبر" 1967ع ۾ شايع ڪرايو آهي.

مخدوم ابراهيم ڪامل ولين ۽ راسخ عالمن مان هو. طريقت ۾ خواجہ صفي الله نقشبندي ڪابلي (المتوفي: 1212ھ) جو مريد هو. بلند مقامات تي پهتل هو. حضرت خواجہ صاحب ڪيس پوري خلافت عطا ڪئي هئي. سندس وفات سن 1225ھ ۾ ڪڇ ۾ مڏئي بندر ۾ ٿي. سندس مزار تي قبو ٺهيل آهي. جتي سندس مقبرو آهي، اتي جي ماڻهن ۾ مشهور آهي تہ ادب جي لحاظ کان ڪوبہ پڪي قبي جي مٿان لنگهندو آهي، تہ ان وقت اهو پڪي زمين تي ڪريو پوي ۽ مريو وڃي.[1]

درگاهہ خياري شريف تعلقي سڪرنڊ جي مرحوم گادي نشين، حضرت پير رفيع الدين خياروي (وفات 17 اپريل 1999) راقم کي ٻڌايو هو تہ: اسان جا مرشد "وسين شريف" لاڙ وارا آهن ۽ اهي وري مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي پوٽي مخدوم محمد ابراهيم مڏئي مرقد جا مريد هئا. ٻارهين مهيني مخدوم ابراهيم جي مزار جي زيارت لاءِ اجان تائين وسين شريف وارن بزرگن جا پويان مڏئي بندر ويندا آهن.[2]

مخدوم ابراهيم مڏئي مرقد سنڌي، فارسي ۽ عربي ٻولين جو ماهر مصنف ۽ شاعر هو. سنڌيءَ ۾ سندس هيءَ ڪافي دستياب ٿي آهي، جيڪا مولود جي سر ۾ ڳائبي آهي:

چئيج سنيهڙو سڄڻا! ساٿي سيد ڪي ساري.
1. پانڌي چئيج پرينءَ کي، ميان الله نياپو هي نيئي يار،
گهايل گوندر ڏينهن گذاري.
2. قيدن ڪني آهيان، پڇاڻان پرين يار،
وئيو هنجون نت هيءَ هاري.

(1) پير محمد هاشم جان سرهندي: "مونس المخلصين" (فارسي)، ص 113

(2) پير صاحب خياروي سان تاريخ 1 مارچ 1987ع تي درگاهہ خياري شريف (تعلقہ سڪرنڊ) ۾ ملاقات ٿي. هن ملاقات ۾ راقم سان گڏ محترم استاد مولانا ڪريم بخش مگسي مرحوم، مدرسہ دارالقرآن ميهڙ ۽ الحاج رحيم بخش "قمر" نوابشاهي مرحوم بہ موجود هئا. پير صاحب خيارويءَ 17 اپريل 1999ع تي وفات ڪري ويو آهي.

3. توکي ساريو سپرين، پل پل پور پون يار،
محب وڇوڙو مون ماري.
4. عاصي مان ’ابراهيم‘ چئي، ٻاجھ ٻاجھاڻي ڪن ڪا
يار، ايندم شال اوتاري.[1]

مناجات واستغاثه

مخدوم محمد ابراهيم مڏئي مرقد، مديني منوره ۾ ٻنهي جهانن جي سردار محمد رسول الله ﷺ جي روضي مبارڪ سامهون زيارت ڪندي هيءَ مناجات وڏي سڪ ۽ سوز سان پڙهي هئي. هن مناجات ۾ حضور جن کي سڪ ۽ سوز مان سڏڙا ۽ پرت مان پڪارون ڪيل آهن. تبرڪ طور هن عربي تضمين سان سندس چيل فارسي مناجات جو هڪ شعر شامل ڪجي ٿو:

اي تو مقبول درگهه صمدي، وي تو محبوب حضرت احدي،
مجتبائي جناب حق ابدي، بهر عصاة شافع و سندي،
من ڪه غرقم به بحر جرم و بدي، يا حبيب الله خذ بيدي،
مالعجزي سواڪ مستندي.[2]

مخدوم ابراهيم جو اولاد: مخدوم ابراهيم کي ٻه نياڻيون ۽ هڪ پٽ عبداللطيف نالي هو.

1. سندس وڏي نياڻيءَ جو نالو بيبي عائشه هو. هيءَ بيبي سڳوري ولايت جي صاحبه ۽ والد طرفان ڪيس نقشبندي سلسلي ۾ اجازت مليل هئي. سن 1243ھ ۾ ڪتاب ”مناقب مخدومين معظمين“ لکجڻ وقت يعني مخدوم ابراهيم جي وفات ڪان 18 سال پوءِ، بيبي سڳوري حال حيات هئي.

2. سندس ٻي نياڻي مخدوم ابراهيم جي وفات ڪان پوءِ گذاري وئي

(1) محمد سومار شيخ: ”ڪڇ جا شاعر ۽ سنڌي اديب“ (مقالو) روزانه ”مهراڻ“ ڪراچي، سالگره نمبر 15 جنوري 1961ع، ص 65
(2) ماهوار ”الرحيم“ سنڌي 2_1965ع ص 117

هئي.

3. مخدوم عبداللطيف: هيءُ ڀلارو مخدوم ابراهيم جو فرزند ۽ مخدوم محمد هاشم جو پڙ پوٽو آهي. پيءُ جي وفات سن 1225ھ ڪان پوءِ رشد و هدايت جي مسند تي ويٺو. خلق کي ظاهري ۽ باطني رهنمائي ڪرڻ لڳو. عبداللطيف پنهنجي پيءُ مخدوم ابراهيم جي مڏئي شهر ۾ وفات ڪان پوءِ ”اربق“ مان لڏي، پنهنجي اباڻي شهر ٺٽي ۾ آيو. سن 1230ھ ۾ ٺٽي شهر جي اُتر طرف قديم مسجد ۾ امامت ڪرڻ لڳو. اها مسجد اصل ۾ سندس والد ۽ پڙ ڏاڏي مخدوم محمد هاشم جي ڏينهن جي آهي. ان کي نئين سر تعمير ڪرايائين. مخدوم وڏي محمد هاشم ڪان وٺي هن وقت تائين ان ”هاشمي مسجد“ ۾ امامت ڪندا ٿا اچن. عبداللطيف ٺٽي ۾ دين متين جي خدمت ڪندو رهيو. ڪيترن ڪافرن کي اسلام سان مشرف ڪري، ڪين ڪفر جي اونداهيءَ ڪان ٻاهر ڪڍيائين.

مخدوم عبداللطيف پيءُ جي وفات 1225ھ ڪان چوڏهن سان پوءِ زنده رهيو. 3 جمادي الاول بروز سومر 1239ھ تي ٺٽي ۾ وفات ڪيائين. محمد امين بن هارون چتڙائي سندس وفات تي هي شعر چيو آهي:

روز دوشنبه بتاريخ سيوم قبل الزوال،
جمادي الاوليٰ از عالم گزيده استقار.
سال وصلش چون زهوش خويش پرسيدم بگفت،
ڪرده مهان عبداللطيف پير با رحمان جوار.[1]

مخدوم عبداللطيف فن تحرير ۾ يگانو هو. ”تڪمله مقالات الشعراء“ جي مصنف مخدوم محمد ابراهيم ”خليل“ جو هيءُ بزرگ نانو هو. مخدوم ”خليل“ پنهنجي پيءُ ڪان روايت ڪري ٿو:

”مخدوم عبدالطيف ثاني ۽ سندس فرزند عبدالغفور فقهي

(1) ”مناقب مخدومين معظمين“ (قلمي فارسي)، ص 1_9

تحريرون لکندا هئا. هڪڙو بزرگ مسجد جي حجري ۾ ته ٻيو مسجد جي صحن ۾ ويهندو هو. هڪ تحرير لکندو هو، ته ٻيو ان جو جواب ڏيندو هو ۽ آئون جو ننڍيءَ عمر وارو هوس، انهن تحريرن کي کڻي ٻنهي کي پهچائيندو هوس." (1)

مخدوم عبداللطيف (ثاني)، قيوم جهان (خواجه صفي الله) کان سلوڪ ۾ تلقين ورتي ۽ خلافت پنهنجي والد مخدوم محمد ابراهيم کان حاصل ڪئي. مخدوم صاحب مذڪي وارن آخر عمر ۾ ڪيس فرمايو ته:

"جي تون گهرين ٿو ته آئون ۽ خدا هڪ هجان ۽ ٻيو ڪجهه نه هجي، ته خليفي نظاماڻيءَ سان صحبت ڪر ۽ جي پاڻ ڏانهن خلق جي رجوعات گهرين ٿو، ته وسين واري خليفي سان سات سنگت ڪر ۽ جي اگهاڙي ترار ٿيڻ گهرين ٿو، جو جيڪا به بد دعا يا پٽ پاراتو ڏين سو پورو ٿي وڃي، ته ڪٽي اوڙهيندڙ خليفي وٽ وڃي ويهه. (2)

مخدوم "خليل" ٺٽويءَ هيءُ قصو به لکيو آهي:

"ٺٽي جو هڪ وڏو ماڻهو، جيڪو مخدوم عبداللطيف ثاني جي پيءُ جو مريد به هو. ان هوندي به مخدوم عبداللطيف تي شريعت جي خلاف هڪ ڪوڙي تهمت رکي، ان ڪري ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ ان جي حق ۾ بد دعا ڪيائين. خدا جي قدرت! ان شخص کي اچي رت جا اسهال ٿيا. ڪيس سڌ پئجي وئي ته مخدوم عبدالطيف جي پاراتي جو اثر آهي. سو ڪين گهڻوئي عرض ڪيائين، پر پاڻ راضي نه ٿيا. نيٺ حضرت معفه وارن سرهندي ڏانهن سفارش جو سائل ٿيو. ان بزرگ مخدوم عبداللطيف کي سفارش ڪئي ته هن کي شفا جو پيالو لکي ڏيو. پاڻ فرمايائين ته اوهان جي چوڻ تي پيالو لکان ٿو، پر جيڪي منهنجيءَ دل ۾ ايندو اهو لکندس. بزرگ معفه وارن

(1) "تڪمله مقالات الشعراء" (فارسي)، ص 49
(2) ايضاً، ص 50

قبول فرمايو. مخدوم عبدالطيف هي لکيو ته. اي پالڻهار! تون منتقم (بدلو وٺندڙ) آهين. تنهنجو هڪ نالو منتقم به آهي. هن ماڻهوءَ مون کي ڏاڍي تڪليف ڏني آهي. تون هن کان منهنجو انتقام وٺ. جڏهن اهو پيالو حضرت معفه وارن ڏٺو ته فرمايو، مخدوم عبداللطيف ڪڏهن به راضي نه ٿيندو ۽ پاڻ به مخدوم جي ڪري ماٺ ڪري ويا. نيٺ ان ماڻهوءَ جي حالت خراب ٿي وئي. پاڻ کي کٽ تي کڻائي اچي مخدوم جي دروازي تي رکايائين ۽ مخدوم کي گهرايو ويو. پاڻ ان کي ڏسي هيئن فرمائڻ لڳا:

"هنئين جا حبيبن، سا ميخ مدامي نه لهي!"

اهو چئي موٽي ويا ۽ ڪين ايڏو ڏک هو، جو اتي پل به نه ويٺا. نيٺ مريض جا مائٽ نااميد ٿي، ان کي موٽائي کڻي ويا ۽ اهو ان مرض ۾ مري ويو." (1)

مخدوم عبداللطيف کي چار فرزند هئا: عبدالغفور، عبدالرحمان، عبدالحئي ۽ عبدالله "اميد". اهي فرزند مخدوم ابراهيم مذڪي مرقد جي حال حياتيءَ ۾ ڄاوا هئا ۽ چئني جي ڄمڻ جي جاءِ بقعه اربق آهي. اهي چارئي پنهنجي ڏاڏي مخدوم ابراهيم جي وفات کان پوءِ پنهنجي پيءُ مخدوم عبداللطيف سان گڏجي ٺٽي شهر ۾ آيا. انهن چئني جو احوال هن ريت آهي:

1. مخدوم عبدالغفور: انهن چئني مان وڏو مخدوم عبدالغفور هو، جنهن جي ولادت سن 1216هه ۾ ٿي. هي اڃا بالغ نه ٿيو هو، ته سيني علمن ۽ فنن جي تحصيل ڪري چڪو هو. وڏي علم وارو، ظاهر باطن ارشاد ۽ هدايت، طريقت جي تلقين ۽ شريعت جي تدريس ۾ پنهنجن ابن ڏاڏن جي مسند سنڀاليائين. هن تعليم پنهنجي والد کان ورتي هئي. هو عربيءَ جو وڏو نازڪ خيال شاعر هو. مخدوم "خليل" ٺٽوي لکي ٿو:

"فارسيءَ جو مشهور شاعر گل محمد 'دلخوش' ناطق مڪراني هڪ دفعي ڪو مٽيارين ۾ ناراض ٿي پيو (دلخوش مڪراني،

(1) "تڪمله مقالات الشعراء" (فارسي)، ص 51

مخدوم عبدالغفور جو همعصر هو ۽ مٽيارين ۾ مخدوم محمد هاشم جي شاگردن جي شاگرد مخدوم عبدالڪريم وٽ پڙهندو هو.) دلخوش ناراضگيءَ ۾ فارسي شعر چيو:

آبرو گر طلبي آب مٽياري مَر طلب،
لقمہ چرب بجز نان جواري مَر طلب.

مطلب تہ جيڪڏهن عزت آبرو طلبين، تہ مٽياريءَ جو پاڻي بہ نہ طلب. اتي سنو ۽ مٺو طعام بہ رڳو جوار جي ماني آهي، ان ڪري اهو بہ نہ طلب.

اهو بيت جڏهن مخدوم عبدالغفور ٻڌو، تہ پاڻ فرمايائين:

آبرو گر طلبي آب مٽياري بطلب،
لقمہ چرب مجو نان جواري بطلب.

مطلب تہ جيڪڏهن عزت آبرو طلبين تہ مٽياريءَ جو پاڻي طلب. سنو ۽ مٺو طعام نہ ڳول، جوار جي ماني طلب ڪر.

مخدوم عبدالغفور، مٽياري شهر جي ان ڪري قدرداني ڪئي، جو اتي مخدوم عبدالڪريم مٽياروي جهڙو فياض موجود هو. مخدوم عبدالڪريم، جو اهو مٽياريءَ جي گلا وارو بيت ٻڌو، تہ ان کان خوش نہ ٿيا. دلخوش مڪرانيءَ ان ڪري هڪ ٻيو سنو غزل چيو، جنهن جو مطلع هي هو:

طرفہ شهريست مٽياري کہ بسامان گردد،
خالي از شور و شر فتنۂ دوران گردد.

جيئن تہ هن شعر ۾ مٽياريءَ جي تعريف آهي، ان ڪري مخدوم عبدالڪريم مٽياروي اهو شعر ٻڌي خوش ٿيا." [1]

مخدوم عبدالغفور جو هڪ ڪتاب "حجم ذيغ العيون في رد مبيح الفسق الفتون" يادگار آهي.

2. مخدوم عبدالرحمان: مخدوم عبداللطيف جو ٻيو فرزند ميان

(1) "تڪملہ مقالات الشعراء" (فارسي)، ص 264

عبدالرحمان هو. ان جي ولادت سن 1218هہ ۾ ٿي. ظاهري علم جو واقف هو. پر ننڍي هوندي کيس هيانچي جي تڪليف هئي، ان ڪري سنهي هاڃيءَ وارو ۽ ڪمزور رهندو هو. اهوئي سبب آهي، جو هو علم حاصل ڪرڻ جي گهڻي محنت ۽ تڪليف برادشت نہ ڪري سگهيو. عبدالرحمان جمعي جي ڏينهن 22 شعبان المعظم 1239هہ تي پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ ٽئين مهيني ۾ وفات ڪري ويو.

3. عبدالحئي: مخدوم عبداللطيف جو ٽيون فرزند مخدوم ميان عبدالحئي آهي.[1]

4. مخدوم عبدالله "اميد" ٺٽوي: مخدوم عبداللطيف جو چوٿون فرزند، ٺٽي جي مشهور خاندان هاشميہ جو چشم و چراغ هو. تعليم پنهنجي والد کان پرايائين. اهڙيءَ طرح باطني فيض ۾ بہ ڪامل هو. هو وڏو متقي ۽ پرهيزگار هو. تقرير جي فن ۾ وڏي مهارت وارو هو. مخدوم "خليل" ٺٽوي لکي ٿو:

"مخدوم عبدالله جي تقرير وڏي متانت سان لبريز هوندي هئي. قاضي ميان عبدالرحيم ٺٽويءَ روبرو ٻڌايو، تہ ٺٽي شهر وارن جي تقرير جي بلاغت ۽ متانت هاڻي رڳو مخدوم عبدالله جي وجود سان ئي وابستہ آهي." [2]

مخدوم عبدالله، "تڪملہ مقالات الشعراء" جي مصنف مخدوم محمد ابراهيم "خليل" ٺٽويءَ جو مامو پڻ هو:

کس کس کو ىاد کىجئے، کس کس کو
روئىے،
کىا کىا نہ هوا، آسمان کے انقلاب
سے.

مخدوم عبدالله نثر سان گڏ نظم ۾ بہ وڏي مهارت رکندو هو.

(1) "مناقب مخدومين معظمين" (قلمي فارسي)، ص 11
(2) "تڪملہ مقالات الشعراء"، ص 51

سندس تخلص ”اميد“ هو. هي فارسي شعر ان جو آهي:

جان بي قالب درين عالم رسيدن مشکل است،
طائر روح سبک روحان پريدن مشکل است.[3]

مخدوم عبدالله جي تاريخ وفات معلوم نہ آهي. اندزاً تيرهين صدي هجريءَ جي آخر ڌاري سندس وفات ٿي هوندي!

پير محمد هاشم جان سرهندي لکي ٿو:

”مخفي نہ رهي تہ هينئر مخدوم محمد هاشم جي اولاد مان ڪو بہ نہ رهيو آهي. اسان جي زماني ۾ سندس اولاد مان مخدوم غلام احمد نالي شخص لاولد گذاري ويو آهي. اهڙيءَ طرح مخدوم محمد هاشم جي نسل مان ڪوبہ نہ رهيو آهي.“[1]

راقم کي محترم دوست مولوی غلام رسول ڏاهري، شاهپور جهانيان واري کان مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جا هيٺيان ٽي ڪتاب مطالعي لاءِ مليا:

1. شد النطاق فيما يلحق من الطلاق (عربي)
2. تمام العناية في الفرق بين صريح الطلاق والکناية (عربي)
3. فرائض الاسلام (عربي)

انهن ٽنهي ڪتابن مان پهرين ٻن ڪتابن تي ڇپائيءَ جو سن 1300هجري ۽ آخري ڪتاب تي سن 1312هجري لکيل آهي. انهن ٽنهي ڪتابن جي آخر ۾، عربي، فارسي ۽ اردوءَ ۾ هيٺيون نوٽ لڳل آهي:

”هيءُ ڪتاب عالمن ۽ فاضلن جي اڳواڻ، علم معقول ۽ منقول جي جامع ۽ علم جي سمونڊ، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جا لکيل آهن... انهن ڪتابن جا مصنف جي هٿ لکيل نسخا، سندس پونير مان مخدوم غلام محمد کان ڇپائي واسطي، مولوي سيد رفيع الدين حسيني قادري جي وساطت

[3] ايضاً، ص 51
[1] ”مونس المخلصين“ (فارسي)، ص 113، سال 1366ھ/1946ع

سان اسان کي مليا. پوءِ انهن تي زرڪثير خرچ ڪري، حاشيا لڳائي ڇاپايا ويا آهن، تہ جيئن انهن جو فائدو عالمن ۽ عام ماڻهن کي ٿئي ۽ دعا خير سان ياد ڪن.“

هوڏانهن ”مونس المخلصين“ ۾ مخدوم صاحب جي پونير مان آخري شخص جو نالو ”غلام احمد“ لکيل آهي. راقم جي خيال ۾ اهو ساڳيو ئي هڪڙو ”غلام محمد“ نالي وارو بزرگ آهي، پر ڏار لکت يا ڪتابت جي سهو ۾ ”محمد“ ۽ ”احمد“ ، جو فرق رهجي ويو آهي. بهرحال اهو بزرگ مخدوم غلام محمد، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي اولاد مان آخري نشاني هو ۽ سندس وفات مخدوم محمد هاشم جي وفات سن 1174ھ کان اٽڪل 138 ورهيہ بعد ۾ سن 1312ھ کان بہ پوءِ ٿي آهي. جيئن مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب جي ڇپجڻ وقت سن 1312ھ/95-1894ع ۾ زندھ هو ۽ پاڻ ڪتاب ڇپائڻ لاءِ ڏنا هئائين.

ٺٽي جو رهاڪو، ليکڪ ۽ صالح شخص، فقير محمد اسماعيل ڪنيار، جيڪو ويجهر ۾ گذاري ويو آهي، هو لکي ٿو:

”مخدوم صاحب جي خاندان مان آخر ۾ فقط هڪ نياڻي رهي هئي، جا ٺٽي جي عقيلي خاندان جي هڪ فرد عبدالرحيم عقيلي جي گهر ۾ هئي. ميان عبدالرحيم عقيلي جي وفات کان پوءِ اها مائي صاحبہ بہ وفات ڪري ويئي. ڪيس ڪوبہ اولاد ڪونہ ٿيو. مخدوم صاحب جو خاندان اتي اچي ختم ٿيو.“[1]

راقم پاڻ مخدوم صاحب تي تحقيق جي سلسلي ۾ ڪيترا دفعا ٺٽي ويو آهي، تہ جيئن روبرو ماڳ مڪان پيٽي ڏسجن ۽ اتان جي اصل باشندن ۽ اهل علم کان مخدوم صاحب بابت زباني روايتون ۽ اتي عام ۽ مشهور هلندڙ حڪايتون ۽ حقيقتون معلوم ڪجن. ان ڏس ۾ ”شاهجهاني مسجد“ جي خطيب مفتي عبداللطيف صديقي مرحوم سان ملاقات ٿي. ”مدرسہ مجدديہ عثمانيہ“ جي مهتمم علامہ مخدوم

[1] ”بناء الاسلام“ (سنڌي)، ڏسو مرتب جو مقدمو ص 41

عبدالرحمان ميمڻ سان بہ علمي رهاڻيون ٿيون. سندن ڪتبخاني ۾ مخدوم صاحب جي چند ناياب ڪتابن ڏسڻ جو بہ موقعو مليو. پاڻ مخدوم صاحب جي اولاد ۽ پونير جي باري ۾، ساڳي فقير محمد اسماعيل ڪنڀار واري ڳالهہ جي تصديق ڪيائون. بهرحال ٺٽو تہ موجود آهي، پر ٺٽي ۾ مخدوم صاحب جو اولاد هينئر باقي نہ رهيو آهي ۽ ٺٽي جي اها اڳواٽي علمي عظمت ۽ روشني بہ نہ رهي آهي:

هر اک مکان کو هي، مکين سي شرف "اسد"!
مجنون جو مرگيا، تو جنگل اداس هي.

***

اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين،
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءُ ڪي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

***

خدا رحمت ڪند، اين عاشقانِ پاڪ طينت را.

باب چوڏهون

همعصر

ٻارهين صدي هجريءَ جي سنڌ - علميءَ ۽ ادبي لحاظ کان سرسبز، شاداب ۽ ساوڪ واري رهي آهي ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو اهو زمانو، سنڌ ۾ علم و ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ جي آبياريءَ جو دور هو. سنڌ جي چپي چپي تي مدرسا ۽ مڪتب، درسگاهون ۽ درگاهون آباد هيون. سنڌ جي هر وسنديءَ ۽ واهڻ ۾ عالم ۽ فاضل، اديب ۽ شاعر، سگهڙ ۽ ڏاها پنهنجي علمي خدمتن ۽ روحاني رهاڻين ذريعي مشهور هئا ۽ سنڌ واسين جي هر لحاظ سان علمي ۽ عملي خدمت ۾ رُڌل ۽ ڪوشان هئا. ان سلسلي ۾ خاص ڪري ننگر ٺٽو علمي لحاظ کان ويتر اوج ۽ موج تي رسيل هو.

ٺٽو، سنڌ جو اهو خوش نصيب شهر آهي، جيڪو علمي ۽ سياسي لحاظ سان بغداد، قرطبہ ۽ مصر جون سڪون لاهيندو رهيو آهي. هئملٽن نالي هڪ انگريز سياح ٺٽي جي علمي عظمت جو اعتراف هن طرح ڪيو آهي:

> "ٺٽي جو شهر سياسي تعليم لاءِ مشهور هو. تحقيق جي علم ۽ فقه جي تدريس لاءِ اتي چئن سون کان بہ زياده مدرسا هئا." [1]

تاريخ ۾ بہ ٺٽي جو علمي شان شانائتو ۽ نروار آهي. ٺٽي ۾ هڪ ئي وقت سوين مدرسا علم آموزيءَ لاءِ آباد هئا. هرهڪ گهراڻو ۽ هرهڪ فرد علم جو مرڪز ۽ منبع هو. هر علم دوست جي اوطاق ۽ بيٺڪ "اڪيڊمي" جو ڪم ڏيندي هئي. هرهڪ عالم اديب ۽ شاعر وٽ جدا جدا ڪتبخانا هئا. گهرن ۽ اوطاقن ۾، رستن تي، دوڪانن ۽ بازارن جي

(1) رچرڊ برٽن، ايف: "سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون" (مترجم سنڌي)، ص 327

چوراهن تي علم پرورن جون ملاقاتون، صحبتون، مجلسون ۽ مشاعرا صبح شام ۽ رات ڏينهن ٿيندا رهندا هئا. هڪ ئي وقت مخدوم محمد هاشم، مخدوم محمد معين، مخدوم ضياءُ الدين، ميان نعمت الله، ميان محمد صادق، آخوند محمد شفيع ۽ آخوند ابوالحسن جهڙا يگانه روزگار عالم ۽ مير محسن، غلام علي "مداح"، ٻالچند "آزاد"، شيوڪرام "عطارد"، شيخ محمد محفوظ "سرخوش"، غلام علي "مومن"، محمد پناهه "رجا"، مير ابوالبقا، ٻهرور علي ۽ مير ابوتراب "ڪامل" جهڙا نغزگو شاعر ٺٽي شهر ۾ موجود هئا، جن مان هر هڪ پنهنجي دور جو غزالي ۽ دواني، سعدي ۽ انوري هو. اهي سڀ بزرگ پاڻ صاحبِ تصانيف ۽ صاحبِ دواوين هئا. انهن مان هرهڪ کي جدا جدا ڪتبخانو هوندو هو. بلڪ دوست احباب به وقت بوقت استفادو ڪندا رهندا هئا.(1)

مخدوم محمد هاشم به انهيءَ علمي دور ۾ شهر جو ڪثير التصانيف بزرگ هو. سندس همعصر بزرگ به قلم ۽ قرطاس جا صاحب، مدرسن جا وڏا عالم، استاد ۽ فيض جا سرچشما هئا. سيئي بزرگ اهلِ دل ۽ علم جا روشن ستارا هئا، جن مخدوم صاحب سان گڏ سنڌ جي علمي فضا کي روشن ڪري چمڪائي ڇڏيو هو. مخدوم صاحب جي دور ۾ سنڌ اندر ڪئين اهلِ دل ۽ اهلِ علم موجود هئا، پر هتي انهن مشاهيرن جو تذڪرو شامل ڪيو ويو آهي، جن جو مخدوم صاحب سان سنئون سڌو تعلق رهيو ۽ انهن جو مخدوم صاحب سان همعصرانه واسطو لکت ۾ ثابت ۽ موجود آهي:

1. ميون ابوالحسن سنڌي ٺٽوي:

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو واسطو ٻارهين صدي هجريءَ سان آهي. ان دور ۾ سنڌ اندر چار "ابوالحسن" جي ڪنيت سان مشهور سنڌي عالم ٿي گذريا آهن. اهو به حسن اتفاق آهي ته انهن مان ٽي ابوالحسن، ٺٽي شهر جا رهاڪو هئا ۽ چوٿين ابوالحسن جو تعلق نواب شاهه (شهيد

(1) ميرعلي شير "قانع" ٺٽوي: "تحفة الڪرام"، ڏسو سوانح حيات ليکڪ: سيد حسام الدين راشدي ص 43

بينظيرآباد) ضلعي سان آهي. انهن چئني بزرگن مان هڪ ابوالحسن صغير سنڌي مدني، مخدوم صاحب جو شاگرد هو. باقي ٽي بزرگ مخدوم صاحب جا ويجها همعصر هئا.

ميون ابوالحسن سنڌي ٺٽوي، چئني بزرگن مان عمر ۽ بزرگيءَ جي لحاظ کان سرِفهرست ۽ مخدوم صاحب جو وڏو معاصر آهي. پاڻ سنڌي صورتخطيءَ جو موجد چيو وڃي ٿو. هن بزرگ جو سنڌي ادب تي وڏو احسان آهي، جو اڄ سنڌي صورتخطيءَ جي ترقي يافته شڪل جي ڪري، سنڌي ٻوليءَ علم ۽ ادب جو ڀندار نظر اچي ٿي. ميون ابوالحسن ٺٽي ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو عبدالعزيز هو. هو يارهين صدي هجري ۾ سن 1025هه کان اڳ ڄائو ۽ ٻارهين صدي هجريءَ جي اوائلي سالن ۾ وفات ڪيائين. سن 1080هه - 1100هه وارن سالن ۾ هيءُ جيئرو هو. سندس ڪتاب "مقدمة الصلواة" سنڌ ۾ مشهور آهي. هن اهو ڪتاب يارهين صدي هجريءَ جي آخري سالن ۾ لکيو. جيئن ته ميون ابوالحسن هيءُ ڪتاب عربيءَ يا فارسيءَ جي بدارن "سنڌيءَ" ۾ لکيو، ان ڪري اهو ڪتاب "ابوالحسن جي سنڌي" جي نالي سان مشهور ٿي ويو.

ميون ابوالحسن فقهي مسئلن جو چڱو ڄاڻو هو ۽ قديم سنڌيءَ جو شاعر به هو. سندس ڪتاب "مقدمة الصلواة" سنڌي نظم ۾ اوائلي ڪتاب ۽ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو. هن ڪتاب ۾ نماز جا مسئلا بيان ڪيل آهن. اهوئي ننڍڙو ڪتاب سنڌي نظم جو آهي، جنهن تي ان دور جي وڏن عالمن مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ مخدوم محمد قائم فارسي ۽ عربي ۾ رسالا لکيا.(1)

مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي جي زباني روايت آهي، ته ميون ابوالحسن ٺٽويءَ جي وفات اندازاً سن 1125هه ڌاري ٿي آهي.

2. ابوالحسن ڪبير ٺٽوي مدني:

هن بزرگ جو نالو محمد بن عبدالهادي، لقب نورالدين ۽ ڪنيت ابوالحسن آهي. ابوالحسن ڪبير ٺٽي ۾ ڄائو ۽ اتي ئي علم پرايائين.

(1) پروفيسر خديجه بلوچ: "مقدمة الصلواة عرف ابوالحسن جي سنڌي"، ڏسو مقدمو ص د_هه

علم ۾ ڪمال حاصل هوس. مخدوم محمد هاشم هن کي ٺٽي جي عالمن جو اڳواڻ ڪري سڏيو آهي. ٺٽي کان پوءِ مديني منوره هجرت ڪري ويو. اتي بہ شيخ محمد بن عبدالرسول برزنجي، شيخ ابراهيم بن حسن الڪوراني ۽ عبدالله بصري کان علم حديث ۾ سند ورتائين.

مديني منوره ۾ ”مدرسة الشفاء“ نالي مدرسو قائم ڪيائين. جنهن ۾ پاڻ درس ڏيندو رهيو. عرب عجم جي سوين عالمن ڪانئس علم حديث پڙهيو. ابوالحسن ڪبير جي مدرسي تي ”الشفاء“ نالي پوڻ بابت بہ روايتون آهن:

(الف) هن مدرسي ۾ ابوالحسن ڪبير طرفان سندس مدرسي ۾ قاضي عياض اندلسي جو مشهور ڪتاب ”الشفاء في تعريف حقوق المصطفىٰ“ جو درس لازمي طور ڏنو ويندو هو.

(ب) هڪ فوجي سالار بيمار ٿيو. هو زندگيءَ جي آخري ڪشمڪش ۾ مبتلا هو ۽ مخدوم ابوالحسن ڪبير ڏانهن دعا لاءِ رجوع ٿيو. جيڪو ان وقت مسجد نبويءَ ۾ درس ۾ مشغول هو. مخدوم ابوالحسن ڪبير ان بيمار فوجي سالار جي صحت لاءِ دعا گهري، جيڪا الله تعالىٰ وٽ مستجاب ٿي ۽ سالار کي تندرستي عطا ٿي. ان سالار وري مخدوم ابوالحسن ڪبير لاءِ هڪ مدرسو تعمير ڪرايو. جنهن جو نالو ”مدرسة الشفاء“ مشهور ٿي ويو.

سندس هيٺيان ڪتاب يادگار آهن: حاشيہ صحيح بخاري، حاشيہ صحيح مسلم، حاشيہ ابن ماجہ، حاشيہ نسائي، حاشيہ ابوداؤد، حاشيہ ترمذي، حاشيہ مسند احمد بن حنبل، حاشيہ بيضاوي، حاشيہ فتح القدير، حاشيہ ڪتاب الاذڪار، حاشيہ الزهراوين، حاشيہ جلالين، حاشيہ شرح الجوامع، تفسير لطيف، الفيوضات النبويہ ۽ منهل الهداة شرح معدن الصلواة.(1)

مخدوم ابوالحسن ڪبير جي وفات مديني منوره ۾ 12 شوال المڪرم 1139هہ تي ٿي. جڏهن ابوالحسن ڪبير فوت ٿيو، تہ پوري

(1) ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر: ”سنڌ جا اسلامي درسگاهہ“، ص 217

مديني شهر جو ڪاروبار معطل ٿي ويو. سندس جنازي نماز ۾ عام ۽ خاص جو وڏو اجتماع ٿيو ۽ کيس جنة البقيع ۾ دفن ڪيو ويو.(2)

3. مخدوم عبدالرحمان ڪهڙائي:

سنڌ جي رياست خيرپور ميرس ۾ ”ڪهڙن“ جي عباسي خاندان جو وڏو اثر رهيو آهي. خاص ڪري علمي لحاظ کان سندس نالو روشن آهي. هن خاندان جو وڏو ڏاڏو محمد ابراهيم، خليفي معتصم بالله عباسي جي دور ۾ دين جي تبليغ لاءِ سنڌ ۾ آيو. اڳتي هلي، سندس پونير ڪهڙن ۾ سڪونت اختيار ڪئي. ڪلهوڙن جي دور ۾ هن خاندان جي هڪ بزرگ مخدوم عبدالرحمان ڪهڙائي شهيد جي هاڪ هر طرف هلڻ لڳي. مخدوم عبدالرحمان، مخدوم محمد جو فرزند ۽ مخدوم محمد عاقل جو پوٽو هو. هن ظاهري خواه باطني تعليم پنهنجي والد کان حاصل ڪئي ۽ پنهنجي والد مخدوم محمد جي وفات کان پوءِ سندس مسند تي ويهي اسلام جي تبليغ، شرڪ ۽ بدعت جي پاڙ پٽڻ ۾ مشهور رهيو.(1)

مخدوم عبدالرحمان شهيد، حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو گهاٽو دوست هو. مخدوم شهيد فطرتاً حق گو ۽ مجاهد مرد هو. اگرچہ سندن طبيعت ۾ عجز تمام گهڻو هو، تاهم جابر کان جابر ۽ ظالم کان ظالم امير کي بہ حديث شريف ”افضل الجهاد ڪلمة الحق عند امير جائر“ جي فرمان موجب حق چئي ڏيندا هئا.

مخدوم صاحب سن 1145هہ ۾ 222 ڄڻن سان ميان نور محمد ڪلهوڙي جي لشڪر هٿان شهيد ٿيو. سندس وفات جو سن هيٺين جملن مان نڪري ٿو:

- هي هي ستون سند فتاد.
- در مسجد قتل شد.
- شمع هدىٰ ڪشتہ شد.

(2) سيد فياض محمود: ”تاريخ ادبيات مسلمانان پاڪ وهند“ _ جلد 2، ص 327

(1) مخدوم الله بخش ڪهڙائي: ”تذڪره مخادير ڪهڙا“ (قلمي فارسي)، ص 10_17 (تلخيص)

- يد خلهم بجنات.
- بل احياء عند ربهم يرزقون فرحين.
- كانوا غازين.

مخدوم غلام محمد ٻُگائي سندس شهادت جو احوال سنڌي نظم ۾ جوڙيو هو. مخدوم شهيد جا ٻه فرزند هئا: قاضي احمدي ۽ قاضي محمدي.[1]

4. مخدوم محمد قائم سنڌي مدني:

هيءُ پيلارو بزرگ وڏو عالم ڪامل، بهترين فاضل، عقلي خواه نقلي علمن جو جامع هو. ڪسبي توڙي وهبي فيض جو مرڪز هو. مخدوم رحمت الله جو شاگرد هو ۽ مخدوم محمد هاشم جي مد مقابل هو. علمي بحثن ۾ عالمن سان سندس ڪيئي صحبتون ٿيون، جن ۾ ذهن ۽ ذڪاء جي بدولت ڪيترن ڪان گوءِ ڪٽي ويو. هر روز ٽيپهريءَ جي وقت حديث نبوي عليه الصلواة والسلام جو درس بيان ڪندو هو ۽ ڪيترن توفيق جي صاحبن کي سلوڪ جي واٽ جي هدايت ڏيندو هو. سن 1145ھ ۾ هڪڙو دفعو حج تي وڃي خير سان واپس آيو. وري ٻيو دفعو اهليه سميت وڃي اتي رهي پيو ۽ انهيءَ برڪت پرڀي هنڌ حديث جي درس ۾ سيني عالمن ۾ مشهور ٿيو. هو سن 1157ھ (پلي پار) ۾ گذاري ويو. سندس وفات جي تاريخ ”في جنات تجري“ مان نڪري ٿي.[2]

5. مخدوم محمد معين ٺٽوي:

هن بزرگ کي مخدوم ٺارو ڪري سڏيندا هئا. سندس پيءُ مخدوم محمد امين بن مخدوم طالب الله دل لاکا قوم جو فرزند هو. مخدوم معين معقول خواه منقول ۾ وقت جو علامه ۽ زماني ۾ لاجواب هو. هو سلوڪ جي رستي جو واقف، ميان ابوالقاسم نقشبندي سان ڏاڍو عقيدو هوس. پوين ڏينهن ۾ جناب ڪرامت نصاب سيد عبداللطيف ”تارڪ“

(1) مخدوم امير احمد: ”مخدوم عبدالرحمان الشهيد ڪهڙوي“ (مقالو)، تماهي مهراڻ، سوانح حيات نمبر، ص 10

(2) ميرعلي شير ”قانع“ ٺٽوي: ”تحفة الڪرام“، ص 566

(ڀٽائي) سان ڏاڍو پيارُ ۽ عقيدت منداڻو رستو رکيائين. سندس ۽ مخدوم محمد هاشم جي وچ ۾ هميشه بحث مباحثو جاري رهندو هو. محققانه شعر چوندو هو. فارسيءَ ۾ ”تسليم“ ۽ هنديءَ ۾ ”بيراڳي“ تخلص هوس. سندس وفات سن 1161ھ ۾ ٿي. سندس بلند مقامي لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي جو وقت جي صاحب سيد عبداللطيف ”تارڪ“ (ڀٽائي) پنهنجي ڳوٺ (ڀٽ شاهه) خادمن کي چيو، ته هلو ته پنهنجي يار جو آخري ديدار ڪرڻ هلون. ائين چئي ٺٽي آيو ۽ راڳ جي محفل برپا ڪيائين. محفل جي عين گرمي ۽ ذوق واري وقت مخدوم (معين) اتي اندر ويو ۽ جهٽ ۾ ساهه ڏنائين. سيد (ڀٽائي) جنازي سان شموليت ڪري ڳوٺ ڏانهن موٽندي چيو ته: ٺٽي جو ڏسڻ سندن ڪري ٿيندو هو. بس اڄ ڪان (اڄڻ) بند آهي.[1]

مخدوم محمد معين محدث هوندي ۽ شاهه ولي الله دهلويءَ سان علمي نسبت رکندي ٻه تقليد نه ڪندو هو ۽ مختلف خيالن ۽ نظرين جو صاحب هو. سندس مختلف نظرين جي پيش نظر مخدوم محمد هاشم، سندس فرزند مخدوم عبداللطيف ۽ پوٽي مخدوم ابراهيم، مخدوم محمد معين جو علمي ميدان ۾ قوي دليلن سان رد ڪيو ۽ مخدوم محمد حيات سنڌي مدني ٻه سندس رد ۾ قلم هلايو.

مخدوم محمد معين جي مزار مڪلي ٽڪريءَ تي حضرت ابوالقاسم نقشبنديءَ جي پيرانديءَ کان آهي. سندس هيٺيان ڪتاب لکيل آهن:

- داراسات اللبيب في الاسوة الحسنة بالحبيب
- رسالہ اويسيه
- شرح رموز عقائد الصوفيه
- رسالہ اثبات رفع اليدين (عربي ۽ فارسي)
- ايقاظ الوسنان
- غاية الفسخ لمسئلة النسخ
- رسالہ في تحقيق اهل البيت

(1) ميرعلي شير ”قانع“ ٺٽوي: ”تحفة الڪرام“، ص 563

- غاية الايضاح في المحاكمه بين النووي و ابن الصلاح
- رسالہ في بحث حديث المصراة
- ابراز الضمير للمصنف الخبير
- انور الوجد من منح المجد
- رسالہ في انتقاد الموضعين من فتح القدير
- رسالہ في تحقيق معني الحديث لا نورث ما تر كنا صدقة
- مواهب سيد البشر في حديث الائمة الاثنيٰ عشر
- الحجة الجلية في نقض الحكم الافضيلة
- رسالہ في اثبات اسلام ابي طالب[1]

مخدوم محمد معين ۽ مخدوم محمد هاشم جي درميان جيڪي علمي ۽ قلمي معرڪا ٿيا، انهن جو ذڪر تصنيفات واري آخري باب ۾ آيل آهي.

6. مخدوم محمد حيات سنڌي مدني:

هيءُ بزرگ ذات جو چاچڙ، سندس پيءُ جو نالو ابراهيم عرف ڦلاريو، عادلپور لڳ گهوٽڪي اتر سنڌ ۾ ڄائو. ڪجهه وقت سنڌ ۾ علم حاصل ڪري، ان کان پوءِ قسمت سانگي علم جي طلب ۾ مديني شريف وڃي نڪتو. اتي سنڌ جي ٺٽوي محدث ابوالحسن ڪبير جي خدمت ۾ حديث جي تڪميل ڪيائين. اڳتي هلي عرب و عجم جي استادي ۽ اڳواڻ هجڻ جو شرف حاصل ڪيائين.

پنهنجي محدث استاد ابوالحسن ڪبير جي وفات کان پوءِ سندس جاءِ تي مسجد نبويءَ ۾ درس ۽ وعظ جي مسند تي ويٺو، جنهن ۾ هزارين ماڻهو شريڪ ٿيندا هئا. سندس مدرسي مان عرب، هندستان، مراڪش، شام ۽ مصر جي سوين بزرگن ڪانئس حديث جو فيض حاصل ڪيو. جن مان ڪن جا نالا هي آهن: شيخ احمد بن عبدالرحمان شامي، شيخ محمد سعيد صغير، شيخ عبدالقادر خليل، شيخ غلام علي آزاد بلگرامي، شيخ محمد

(1) مخدوم محمد معين: ”دراسات اللبيب“ (عربي)، مرتب: عبدالرشيد نعماني، ڏسو مقدمو، ص 54

فاخر الهہ آبادي، محدث خيرالدين سورتي ۽ شيخ غلام حسين عرف ابوالحسن صغير ٺٽوي.

مخدوم محمد حيات مدنيءَ جا مخدوم محمد هاشم سان ڪن علمي مسائل تي مناظرا بہ رهيا آهن. هڪ ٻئي تي انهن ڀلارن بزرگن تمام سنجيدگي سان رد ڪد ڪيا آهن. علامہ محمد معين ٺٽويءَ جي ڪن ڪتابن جو رد بہ پاڻ لکيو اٿس. سندس تصنيفات ۾ هيٺيان ڪتاب مشهور آهن:

- تحفة المحبين في شرح الاربعين
- شرح الحكم العطائيه
- العون في كشف حال فرعون
- رسالہ في رد بد عة التعزيه
- تحفة الانام في العمل بحديث خيرالانام
- رساله في النهي عن العشق المرادن والنسوان
- الجنة في عقيدة اهل السنة
- الايقاف عليٰ سبب الاختلاف
- رسالہ رد قرة العين في البكاء علي الحسين
- رسالہ رد الحجة الجليه
- رسالہ تحريم الدخان
- شرح الترغيب والترهيب منذري

مخدوم محمد حيات سنڌي اربعاء جي ڏينهن، 26 صفر المظفر 1163هہ تي مديني منوره ۾ وفات ڪئي ۽ جنة البقيع ۾ دفن ٿيو. آزاد بلگراميءَ پنهنجي استاد محمد حيات سنڌي مدني جو سال وفات ”رحلة شيخي“ مان ڪڍيو آهي.[1]

7. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي:

حضرت شاهہ صاحب، سنڌ جي مٽياري سيدن جي ”ڪريم پوٽا“

(1) غلام علي آزاد بلگرامي: ”مآثرالكرام“ (مترجم اردو)، ص 234
ايضاً، ”تذڪره مشاهير سنڌ“ _ جلد 3، ص 70

خاندان مان آهي. سندس سنڌ ۾ خاندان جو سلسلو سيد مير علي هراتيءَ کان شروع ٿيو. اهو نسب نامو هن ريت آهي: سيد عبداللطيف ڀٽائي بن شاهه حبيب بن عبدالقدوس بن جمال شاهه (جلال شاهه) بن لعل محمد عرف لله شاهه بن عبدالمنعم بن هاشم بن حاجي بن جلال عرف جراڙ بن شرف الدين بن مير علي سنڌي هراتي. شاهه صاحب جو اهو سلسلو مٿي امام موسيٰ ڪاظم رضي الله عنه سان ملي، حضرت علي المرتضيٰ ڪرم الله وجهه تائين پهچي ٿو.

شاهه صاحب جي ولادت سن 1102هه ۾ ٿي. نئين تحقيق موجب شاهه صاحب جتي ڄائو، اهو گهر ۽ ڳوٺ "سئي قندر" واري تاريخي مقام جي لڳ اولهه طرف هو. اها گهر واري جاءِ روينيو رڪارڊ موجب سروي نمبر 134، ديهه "سئي قندر جاگير" تعلقي شهدادپور ۾ آهي.[1]

شاهه صاحب قرآن شريف ۽ مڪتبي تعليم استاد ميان نور محمد ڀٽي کان ورتي، جيڪو "وائِٽين" ڳوٺ جو ويٺل هو ۽ شاهه حبيب جو محبتي ۽ معتقد هو. ان سان گڏ ننڍپڻ کان جوانيءَ جي دور تائين، شاهه لطيف جي تربيت پنهنجي والد شاهه حبيب جي شفقت ۽ هدايت هيٺ ٿيندي رهي. شاهه صاحب سير سفر مان به گهڻو ڪي پرايو. مطلب ته شاهه صاحب پڙهڻ سان گڏ پروڙڻ ۽ پرجهڻ ۾ ڪمال حاصل ڪيو. پاڻ چوويهن ورهين جو ٿيو ته شادي ڪيائين. قرآن شريف، شاهه ڪريم جي ملفوظات "بيان العارفين" ۽ مثنوي مولانا رومي سان سندس روح رهاڻ هئي. اهي ٽئي ڪتاب پاڻ سان گڏ رکندو هو.

شاهه صاحب طريقت ۾ پنهنجي والد شاهه حبيب وانگر "قادري" سلسلي جو پوئلڳ هو. ان سان گڏ پاڻ "اويسي" سلسلي ۾ پنهنجو روحاني رشتو، حضرت نبي ڪريم ﷺ جن سان ڳنڍيائين ۽ مرشدي طريقي کي جاري رکيائين.

شاهه صاحب پرجهي پروڙي، گهمي ڦري، ڏسي وائسي، ڪشالا ڪڍي، هاٺي پچي لال ۽ رچي راس ٿيو هو. پاڻ جوانيءَ کان پوءِ اڇي پٽ

[1] ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "شاهه جو رسالو" _ جلد پهريون، ڏسو مقدمو ص 10

وسايائين. اتي پنهنجي صحبتي فقيرن سان سندن اخلاقي سڌاري لاءِ راڳ رنگ ذريعي اصلاح ڪرڻ لڳو. پٽ وسائڻ سان گڏ پنهنجي وڏن جي درگاهن جي سار سنڀال لاءِ پاڻ شاهه ڪريم جو روضو ۽ مسجد جوڙيائين. پنهنجي ڏاڏي عبدالقدوس شاهه تي قبو اڏايائين. پٽ تي پنهنجي والد شاهه حبيب جي مقبري سان گڏ مسجد به تعمير ڪرايائين.

شاهه صاحب هڪ جهانديده درويش، حال ۽ قال جو صاحب هو. پاڻ چاليهن سالن جي دور کان پوءِ ۽ شاهه حبيب جي وفات بعد، پٽ تي گوڏو کوڙي اچي ويٺو. راڳ سان روحاني رهاڻ ڪرڻ لڳو. هن دور ۾ شاهه صاحب پنهنجن پيارن مريدن ۽ معتقدن جي اصلاح ۽ پوئواري ڪرڻ، حال لهڻ خاطر وٽن وڃڻ، حال وارن فقيرن ۽ درويشن سان ملڻ ۽ عالمن عارفن سان صحبتون به ڪرڻ لڳو. پنهنجي رس ڀرئي ڪلام ذريعي الاهي عشق جا اڌما ۽ اُٿلون ڏئي، عام خاص کي سيراب ڪرڻ لڳو، جنهنڪري ڀٽائيءَ جي پٽ تي خدائي نُور وسڻ لڳو.

هن سمي پٽ تي هر جمعي رات لطيفي راڳ جو سلسلو جاري ٿيو ۽ محبتين جا پٽ تي ميڙا لڳي ويا. شاهه، عشق ۽ عرفان جي منزلن تي پهچي چڪو هو ۽ آخري وقت ۾ سر "سهڻي" جي هيءَ وائي اُچارڻ لڳو هو:

"ڪهڙي منجهه حساب، هئڻ منهنجو هوت ري."

حضرت شاهه صاحب جو وصال 14 صفر المظفر 1165هه/ 2 جنوري 1751ع تي پٽ شاهه ۾ ٿيو ۽ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي مٿس عاليشان روضو تعمير ڪرايو. سندس وفات جو سال قاضي ابراهيم هالائيءَ "رضوان حق" مان ڪڍيو آهي. محمد پناهه "رجا" ٺٽويءَ هيٺين سٽن مان وفات جو سال ڪڍيو آهي:

شد محو در مراقبه جسمِ لطيف پاک.

1165هه

گرديد محو عشق وجودِ لطيفِ مير.[1]

1165ھ

حضرت شاھ صاحب جي عظمت ۽ شاعريءَ جو اعتراف نہ رڳو هتان جي اديبن ۽ نقادن ڪيو آهي، پر غير ملڪي ۽ مغربي اديبن بہ مڃيو آهي.

ايڇ. ٽي. سورلي لکي ٿو:

”شاھ عبداللطيف جنهن قسم جي شاعري ڪئي آهي، اهڙي شاعريءَ جو سنڌ ۾ ڀيهر لکجڻ ممڪن ئي نہ آهي..... ان جي شاعريءَ ۾ هڪ قسم جي هدايت آهي.“ [1]

رچرڊ برٽن لکيو آهي:

”سيد عبداللطيف جي شاعراڻي شهرت سندس مشهور ڪلام ’شاھ جو رسالو‘ تي ٻڌل آهي. هن جا هم وطني کيس ’سنڌ جو حافظ‘ ڪري ليکيندا آهن. انهن ۾ ڪي اهڙا ٿورا هوندا، پڙهيل خواھ اڻ پڙهيل، جن سندس درد ڀريو داستان پڙهيو يا ٻڌو نہ هوندو.“ [2]

ڊاڪٽر اينيمري شمل بہ لکيو آهي:

”شاھ صاحب جو تخيل تمام وسيع آهي... شاھ صاحب جي شاعرانہ جوڙجڪ بہ ايتري ڳوڙهي آهي، جو آسانيءَ سان ان جو ترجمو ڪري نٿو سگهجي.“ [3]

سنڌ جو اديب ۽ شاھ جو شارح، ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو:

”شاھ عبداللطيف جهڙو هر وجهہ ڪامل ۽ هر دلعزيز شاعر سنڌ ۾ اڃا ڪونہ پيدا ٿيو... سندس شاعراڻي خستوريءَ جي خوشبوءِ سڀ ولات واسي ڇڏي، شاھ ئي آهي، جنهن ۾ هڪ

(1) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: ”شاھ جو رسالو“ ـ جلد پهريون، ڏسو مقدمو ص 1_63 تلخيص
(1) ايڇ. ٽي. سورلي: ”شاھ عبداللطيف آف ڀٽ“ (مترجم اردو)، ص 95_193
(2) رچرڊ برٽن، ايف: ”سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون“ (مترجم سنڌي)، ص 79
(3) ڊاڪٽر اينيميري شمل: ”سنڌي ادب جي ارتقا“ (مترجم سنڌي)، ص 56

وڏي شاعر جون ڪُلي لياقتون موجود آهن.“ [4]

شاھ جي عاشق ۽ پارکو، علامہ آءِ آءِ قاضيءَ غير ملڪي دانشورن جي مقرر ڪيل تنقيدي معيار موجب، شاھ صاحب کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر ثابت ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ پهرئين ڪسوٽي مشهور انگريز اديب ڪارلائل جي ڏني اٿس. جنهن موجب، شعر اهو آهي، جو ڳائي سگهجي. ٻي ڪسوٽيءَ موجب، جيڪڏهن شاعر جي شعر مان ڪو مصرع يا لفظ بدلائجي، تہ شعر جو روح ختم ٿي وڃي. ٽين ڪسوٽي آهي زبان جو استعمال، جنهن جي ذريعي شاعر پنهنجا خيالات ظاهر ڪري ٿو.

اهي ٽيئي خوبيون هڪ ئي وقت شاھ صاحب جي شعر ۾ موجود آهن، جيڪي ڪنهن بہ دنيا جي وڏي شاعر ۾ موجود ڪونهن. شاھ صاحب جي شعر ۾ فڪر جي گهرائي ۽ وسعت آهي. ڳائي سگهجي ٿو. وڏو توڙي ننڍو، پڙهيل توڙي جاهل ان مان حظ حاصل ڪري سگهي ٿو. سنڌي زبان جي لفظن جي استعمال جي لحاظ کان سند جي حيثيت رکي ٿو. سنڌي ثقافت ۽ تهذيب و تمدن جو ترجمان آهي.[1]

شاھ عبداللطيف ڀٽائي ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي همعصر آهن. ٻنهي جي چڱي ڏيٺ ويٺ ۽ هڪ ٻئي لاءِ وڏن عزت هئي. مخدوم صاحب بلڙيءَ جي پرسان بهرام پور ۾ رهندڙ هو، جو شاھ صاحب جي ساڻس ڏيٺ ٿي. مخدوم صاحب سان شاھ صاحب جي ڄاڻ سڃاڻ ۽ ملاقاتن جو سلسلو ويندي سن 54-1153ھ وارن سالن تائين قائم رهيو. انهن سالن ۾ شاھ صاحب ارادو ڪيو تہ بلڙيءَ ۾ مبين شاھ ڪريم جي مزار تي قبو جوڙائي. مخدوم صاحب کي جڏهن خبر پئي، تڏهن شاھ صاحب کي چيائين تہ قبو نہ ٺهرائي. جنهن تي شاھ عذر پيش ڪيو تہ مبين شاھ ڪريم سان سندس بي انتها محبت آهي، انهيءَ ڪري ٿو قبو جوڙائي، پر

(4) ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي: ”مقدمہ لطيفي“، ص 105
(1) علامہ آءِ آءِ قاضي: ”شاھ جو عالمي شاعرن ۾ مقام“ (مقالو)، ڏسو ”تحفہ لطيف“، ص 1_7 (تلخيص)

ان سان گڏ مسجد بہ تعمير ٿيندي. ان بعد ملاقاتن ۾ ڪا ويجهائي ڪانہ رهي، پر باوجود ان جي شاهہ صاحب کي مخدوم صاحب لاءِ آخر تائين وڏي عزت هئي.[2]

8. مخدوم عبدالرؤف ڀٽي:

هيءُ هالائي بزرگ مشهور مولودگو شاعر ۽ عاشقِ رسول ﷺ ٿي گذريو آهي. سندس شجرو هن ريت آهي: مخدوم عبدالرؤف بن عمر بن عبدالحميد بن فتح الله بن احمد بن اسحاق ڀٽي هالہ ڪندي. سندس ولادت سن 1094هہ ۾ ٿي. سموري زندگي عبادت ۽ رياضت ۾ گذاريائين.

مياں نور محمد ڪلهوڙو، سنڌ جو حاڪم بہ سندس معتقد هو. پاڻ عاشقِ رسول ﷺ هو. سندس چيل مولود سڄيءَ سنڌ ۾ مشهور آهن. پاڻ ٻہ دفعا حج بہ ڪيائين. سندس وفات سن 1166هہ ۾ ٿي. سندس وفات جي تاريخ "ڪان ولياً رؤف الخلق" مان نڪري ٿي.[1]

مولودن ۾ پنهنجي نالي سان گڏ عموماً "عاصي" لفظ استعمال ڪيو اٿس. جيئن تہ: "عاصي عبدالرئوف چئي، نيئي مديني مار" . نموني طور سندس هڪ مولود هيٺ ڏجي ٿو:

دوست مٺو دلبر، آءٌ نہ وساريان پرين پيغمبر!
تو لئي وار وڇايان، پنهل جام پٽر.
سرهو مشڪ عنبر ڪان، پريم آن جو پڳهر.
حسن تنهنجي تان حضرتا، ٿيو قربان قمر.
"عاصي" عبدالرئوف چئي، سولو ڪرين سفر.[2]

9. مخدوم عبدالله واعظ ٺٽوي:

مخدوم عبدالله، جنهن کي "ميان موريو" بہ سڏيندا هئا، ميين ابوالحسن سنڌي (مقدمة الصلواة واري) جو عزيز شاگرد هو. وڏو صالح،

(2) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "شاهہ جو رسالو" _ جلد پهريون، ڏسو مقدمو ص 60
(1) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "تحفة الڪرام" (مترجم سنڌي)، ص 80_377
(2) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "مولود"، ص 6

پرهيزگار، صاحبِ علم ۽ عمل ۽ خدائي توفيق ۽ ذات جو مالڪ هو. هن جي وعظ وارين مجلسن مان هزارين عام ۽ خاص ماڻهو فائدو پرائيندا هئا. هن جو ڪلام ڏاڍو اثرائتو ۽ دلين ۾ گهر ڪندڙ هو. هُو جيڪي فرمائيندو هو، ان تي اڳ پاڻ بہ عمل ڪندو هو. هن جو وجود برڪت ئي برڪت هو. هو شعر و شاعريءَ جي ڪُوچي مان نہ لنگهيو هو، مگر ان هوندي بہ ٺٽي جي مشهور بزرگ قاضي محمد يحيٰ جعفريءَ جي تاريخ وفات آيت "ذالڪ الفوز الڪبير" (1137هہ) مان ڪڍي هئائين.

ميان عبدالله عرف ميان موريو واعظ تمام وڏيءَ ڄمار کي رسي، سن 1167هہ ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري هليو ويو.[1]

10. مخدوم محمدي ڪهڙائي:

مخدوم امير احمد عباسي، مخدوم صاحب جي چوڏهن همعصرن ۾ مخدوم محمدي ڪُهڙائيءَ کي بہ شامل ڪيو آهي. مخدوم محمدي، حضرت مخدوم عبدالرحمان شهيد ڪهڙائيءَ جو فرزند آهي. هن جي ولادت، سندس والد صاحب جي شهادت کان ٻہ سال اڳ ۾ سن 1143هہ ۾ ٿي. مخدوم محمدي مادر زاده عالم ۽ ولي هو. ستن سالن جي عمر ۾ قرآن شريف ياد ڪيائين. سندس وڌيڪ تعليم لاءِ مخدوم ابوالمعالي نوشهرائيءَ کي مقرر ڪيو ويو، پر ان جيڪو بہ ڪتاب ڪيس کولي سمجهايو ٿي، تہ مخدوم محمدي گويا اهو اڳ ۾ ئي پڙهيل هو ۽ ان ڪتاب بابت ڪافي ۽ شافي تقرير ڪندو پئي ويو.

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ کهڙن ۾ مخدوم محمديءَ جو مهمان ٿي رهيو هو. مخدوم محمدي نهايت بارعب، شريعت جو جانثار ۽ صاحبِ استغنا بزرگ هو. سندس وفات سن 1171 هہ ۾ ٿي.[2]

11. سيد موسيٰ شاهہ جيلاني گهوٽڪيءَ وارو:

قطبِ زمان، شيخ المشائخ حضرت سيد موسيٰ حسني جيلانيءَ جي

(1) دين محمد وفائي: "تذڪره مشاهير سنڌ" _ جلد 2، ص 227
(2) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: "بذل القوة" (عربي)، ڏسو مقدمو، ص 76

والد جو نالو سيد مبارڪ شاهه هو. سيد موسيٰ شاهه جي ڪنيت ابو صالح ۽ لقب محي الدين ثاني هو. پاڻ خاندان قادريہ جي وڏن مشائخن ۽ وڏن بزرگن مان ٿي گذريا آهن. شريعت جا وڏا ڄاڻو، طريقت جي رازن ۽ رمزن کان واقف، نيڪيءَ جي حڪم ڪرڻ ۽ برائيءَ کان روڪڻ ۾ پنهنجي وقت جا منفرد ۽ يگانہ هئا. ماڻهن جا ديني اڳواڻ هئا. لوءِ شريف (گهوٽڪي) جي سيد خاندان جو هن بزرگ جي وجود ۽ برڪتن سان هڪ نئين دور جو آغاز ٿيو. هي بزرگ پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ پنهنجي پائرن سان گڏجي جمشيره جي پرڳڻي مان لڏي درياءَ جي هن پر آيا ۽ گهوٽڪيءَ ۾ سڪونت اختيار ڪيائون. ڪيترو زمانو عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول رهيا. پوک ڪري حلال جي ماني هٿ ڪندا هئا.

حضرت موسيٰ شاهه اڃا ننڍا ئي هئا، جو سندس والد گذاري ويو هو. گهوٽڪيءَ جو هڪ ڪنير فقير هو، جيڪو سلطان باهو جو مريد ۽ خليفو هو. حضرت موسيٰ شاهه جي والده ان ڪنير فقير سان پنهنجي پٽ کي گڏائي موڪليو تہ هيءُ ننڍڙو سيد حضرت سلطان باهوءَ جو مريد ٿئي ۽ فيض حاصل ڪري. سلطان باهوءَ، سيد موسيٰ شاهه کي فرمايو تہ، "ابا! تون ننڍو آهين. اڳ ۾ وڃي ظاهري علم پراءِ، پوءِ باطني علم کي وٺ. تون اسان جو مريد آهين." حضرت موسيٰ واپس اچي ظاهري علم پرائڻ کي لڳي ويو. ان مان فراغت کان پوءِ ڪنير فقير کي ساڻ ڪري اُسريو مرشد ڏانهن. اتي ڪيس معلوم ٿيو تہ حضرت سلطان باهو وفات ڪري ويو آهي. حضرت موسيٰ شاهه کي ڏاڍو صدمو پهتو. پر حضرت سلطان باهو، موسيٰ شاهه لاءِ الله جو اسم زمين تي لکي ڇڏي ويو هو. الله جي اسم سان سندس سڀ لطيفا حل ٿي ويا ۽ هر هنڌ فيض جاري ٿيڻ لڳو. وٽانئس الله جا طالب فيض وٺڻ لڳا. سندس درگاهه تي لنگر هر وقت حاضر ملندو هو.

حضرت موسيٰ شاهه ڇنڇر جي ڏينهن، 8 ذوالحج 1173ھ تي وفات ڪئي. سندس مزار جامع مسجد لڳ ماڻهن لاءِ زيارتگاهه آهي. سندس وفات جو سال "غلام محمدي" جي سهڻي جملي مان نڪري ٿو. هيٺيان

بزرگ سندس همعصر هئا: مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، عبدالرحمان شهيد ڪهڙائي، مخدوم اسماعيل پريالوي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ خواجہ محڪم الدين سيراني.[1]

12. مخدوم محمد اسماعيل پريان لوءِ وارو:

هيءُ ڀلارو ولي ڪامل، تصوف عرفان سان گڏ ظاهري علم جو بہ وڏو عالم هو. (سندس لقب عبدالرسول هو) طريقت ۾ شيخ جمال الدين کان بيعت ورتي هئائين. سندس اکر تمام سهڻا هئا. قرآن مجيد، معقول ۽ منقول جا سمورا ڪتاب پنهنجي قلم سان لکي، پنهنجي ڪتبخاني ۾ گڏ ڪيا هئائين. مريدن کي فيض ڏيڻ سان گڏ درس ۽ تدريس ۽ درسي ڪتابن کي نقل ڪرڻ ۾ مشغول رهندو هو. پنهنجي زماني ۾ ڪمالات ۽ ڪشف جي لحاظ سان يڪتاءِ زمانہ هو. گهڻن الله جي ٻانهن کي حقيقي "پريان جي لوءِ" جو ڏس ڏنائين ۽ ڏيکاريائين بہ. مخدوم پريان لوءِ واري جو صوفياڻو مقولو آهي تہ: "نقشبندي ۽ قادري طريقا ٻئي هڪ ٻئي جي ويجها آهن. قادري طريقو نُور ذاتي آهي ۽ نقشبندي نُور صفاتي آهي. قادري بادشاهه آهي ۽ نقشبندي وزير آهي." سندس وفات مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ کان چند مهينا اڳ ۾ 8 ربيع الاول سومر جي ڏينهن سن 1174ھ تي ٿي. سندس تاريخ وفات هن جملي مان نڪري ٿي.

روح پاڪش جاءِ لاهوت = 1174ھ

سندس درگاهه ۽ مقبرو پريان لوءِ، ضلعي خيرپور ميرس ۾ آهي.[1] هن بزرگ فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ شعر بہ چيو آهي. نموني طور سندس مولود هيٺ ڏجي ٿو:

مدد ڪريجاهه، قبر حشر ۾ منهنجي خبر لهيجاهه.
ڏوهه ڏنگايون ڪيم ڪچايون.
پنهنجي فضل سان ميٽ مدايون.

---

(1) غلام مصطفيٰ قاسمي: "جيلاني سيد سنڌ ۾" (مقالو)، ڏسو رسالو ٽماهي "الرحيم" سنڌي، جلد 2 نمبر 10، ص 9_19 تلخيص

(1) دين محمد وفائي: "تذڪره مشاهير سنڌ" _ جلد 3، ص 6

روھ رُليءَ کي رڻ ۾ رسيجاھ،
موت مرڻ ويل وھلو وريجاھ!

سام سچي جي لام لڳاسون،
پلا تنهنجي پُنيءَ پياسون،

آگا! اسماعيل جو عرض سڻيجاھ،
ڪلمي قوت سين پساھ پڄائيجاھ![2]

13. مخدوم ابوالحسن ڏاهري:

مخدوم ابوالحسن ڏاهري، نواب شاھ ضلعي جو ناميارو عالم هو. سندس والد جو نالو بادل بن عبدالرشيد هو. سندس ولادت سن 1116ھ ۾ ٿي. پاڻ علمي تحصيل ابوبڪر هالائيءَ واري، نورالدين محمد ۽ مرزا محمد خليل بدخشانيءَ کان حاصل ڪيائين. طريقت ۾ عبدالرسول صديقيءَ کان نقشبندي سلسلي ۾ بيعت ڪري خلافت حاصل ڪيائين. مخدوم ابوالحسن ڏاهري ظاهري ۽ باطني علمن ۾ وڏو ماهر هو. ان سان گڏ عربي ۽ فارسيءَ جو بہ سٺو شاعر هو. سندس هيٺيان ڪتاب يادگار آهن:

- ينابيع الحياة الابدية لطلاب الطريقة النقشبندية
- اساس المصلي
- رفع الفرية والمرية
- ڪچڪول نامہ

علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي "ينابيع" ڪتاب بابت لکي ٿو:

"مخدوم ابوالحسن ڏاهريءَ جو ڪتاب 'ينابيع الحياة الابدية' امام غزالي جي ڪتاب 'ڪيميائي سعادت' جي پايي جو ڪتاب آهي."[1]

(2) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "مولود"، ص 5
(1) غلام مصطفيٰ قاسمي: "چار ابوالحسن سنڌي" (مقالو)، ماهوار "الرحيم" سنڌي، 10_1977ع

مخدوم ابوالحسن ڏاهريءَ جي وفات 12 ربيع الاول 1181ھ تي ٿي. سندس مزار "دوڙ" شهر جي ويجهو ابوالحسن نالي مقام ۾ زيارتگاھ آهي. سندس مقبري ۾ سندس فرزند عبدالرسول ۽ پوٽو محمد پريل بہ دفن ٿيل آهن. هن وقت سندس پونير مان شاھ محمد ڏاهري وڏيءَ ڄمار جو سندس درگاھ جي ڏيئي کي روشن ڪيو وينو آهي، پر اها اڳوڻي علمي روشني نہ رهي آهي.

راقم سن 1980ع ۾ مخدوم ابوالحسن تي تحقيق جي سلسلي ۾ ميان شاھ محمد ڏاهريءَ سان روبرو ملاقات ڪئي، پر وٽانئس ڪو بہ تفصيلي احوال ملي نہ سگهيو. ايتري قدر جو وٽس ابوالحسن جو ڪو بہ قلمي ڪتاب يادگار وڏن جي نشاني طور موجود ڪونہ هو.

14. محمد احسن خان ٺٽوي:

محمد احسن خان وڏي انسانيت ۽ فضيلت جو صاحب هو. شاهي عهديدار هو. ٺٽي جي جواهر خانن جي خدمت سندس حوالي هوندي هئي. سن 1185ھ ۾ اولاد يادگار ڇڏي گذاري ويو. سندس نسب جو سلسلو هن ريت آهي: محمد احسن بن محمد عاقل بن محمد مراد بن شيخ محمد امين بن مخدوم عثمان بن مخدوم بهاؤالدين بن ميان سجڻ صديقي اصل ساڪن اُچ.[1]

محمد احسن ٺٽويءَ جي باري ۾ مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ لکيو آهي:

> محمد احسن ڪلام الله جو حافظ، عربيءَ ۾ تحصيل ڪيل، درس تدريس ۾ مشغول رهندڙ ۽ حسن اخلاق وارو آهي. ٺٽي شهر ۾ هر ماڻهو سندس حسن اخلاق جو قائل آهي. اڳين بزرگن جي طريقي تي هلندڙ، سيني ماڻهن سان سلوڪ، تواضع، اخلاص، باطن جي صفائي ۽ دل جي سچائيءَ سان هلندڙ آهي. جيتوڻيڪ سندس طبيعت شعر چوڻ ڏانهن مائل ڪانهي، پر

40_38
(1) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "تحفة الڪرام" (سنڌي)، ص 541

ڪڏهن ڪڏهن غزل وغيره چوندو آهي.[2]

15. مخدوم محمد زمان لنواريءَ وارو:

هيءُ ڀلارو ڪامل بزرگ هو. سندس والد جو نالو عبداللطيف هو. محمد زمان 21 رمضان المبارڪ 1125هه تي ڄائو. ننڍپڻ ۾ قرآن مجيد پنهنجي پيءُ وٽ پڙهيو. فارسي ۽ عربي مولوي محمد صادق نقشبنديءَ وٽ ٺٽي ۾ پڙهيو. طريقت جي سلسلي ۾ خواجہ ابوالمساڪين محمد نقشبنديءَ کان خلافت جو خرقو حاصل ڪيائين. سندس لقب "سلطان الاولياء " مشهور آهي.

مخدوم محمد زمان جو فيض سنڌ، هند ۽ عرب تائين پهتو. سنڌ جو عظيم صوفي سرتاج شاعر، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي به وٽس زيارت واسطي ويو هو. شاهه صاحب سندس خادم کي چيو ته خواجہ صاحب کي اطلاع ڪري، ته سيد جي ساڻس ملاقات ٿئي. خواجہ صاحب فرمايو، ته شاهه صاحب کي چئو، ته ٿورو ترسي ته آءٌ پاڻ سندس استقبال لاءِ اچان ٿو. شاهه صاحب خادم کان پڇيو، ته کهڙو ڪم ٿي ڪيائون. خادم چيو، ته خاموش ويٺا هئا. شاهه صاحب فرمايو، ته انهيءَ شغل مان واندو ٿي ڪٿي ٿو اسان ڏانهن اچي، اُتِ ته پاڻ هلي ملونس. شاهه صاحب، خواجہ صاحب جي سامهون اچي فرمايو ته:

سامي سفر هليا، ڪو پروڙي پنڌ،
جني هينانهان ڪنڌ، آءٌ نه جيئندي ان ريءَ!

خواجہ صاحب جواب ۾ فرمايو ته:

ڪين آهين ڪين ٿي، وڃي ڪين ڪماءِ،
لاڳاپا لوڪ جا، لا سين سڀ لهراءِ،
سامي پوءِ سلنداءِ، ڳالهه پريان جي ڳجهه جي.

شاهه صاحب ورندي ڏني:

قلم وهي ويو ڪانهن، سرتيون ڪنهن سهاڳ لئي،

(2) ميرعلي شير "قانع" ٺٽوي: "مقالات الشعراء " (فارسي)، ص 50

انگ اڳي ئي لکيو، اُت نه پهچي ٻانهن،
ڪنهن کي ڏيان ڏانهن، پرين مون سين هيئن ڪيو.

خواجہ صاحب وراڻو ڏنو:

ويهه وڃي وٽ تن، قلم جنين جي هٿ ۾،
ميٽي انگ اڳيون، واري ٻيو لکن،
پنو سو پاڙهن، جنهن مان پسن پرين کي.

ان کان پوءِ شاهه صاحب پڇيو، ته فنا کان پوءِ ڇا آهي، ان بابت ڪو پتو آهي؟ پاڻ فرمايائون، ته ان فنا کان اڳ ۾ ڇا آهي؟ شاهه صاحب اهو جواب ٻڌي خاموش رهيو ۽ ارادو ڏيکاريائين ته بيعت ڪري. مگر خواجہ صاحب فرمايو، ته اسان نقشبندي طريقي وارن وٽ راڳ ٻڌڻ حرام آهي، سواءِ ڪن خاص حالتن جي. شاهه صاحب فرمايو، ته مون سڄي ڄمار سرود سماع ۾ صرف ڪئي آهي، هينئر ان جو ڇڏڻ محال آهي. پوءِ هڪ ٻئي سان ڪجهه وقت رهاڻ ڪري، شاهه صاحب روانو ٿيو. خواجہ صاحب موڪلائڻ وقت هڪ اجرڪ ڀاڪر شاهه صاحب کي ڏني.

مخدوم محمد زمان ڇنڇر جي ڏينهن 4 ذوالحج سن 1188هه تي مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ کان 14 سال پوءِ وفات ڪئي. سندس وفات جو سال قرآني آيت "رضي له قولاً" مان نڪري ٿو. سندس جاءِ نشين لائق فرزند گل محمد مسند نشين ٿيو.[1]

مخدوم محمد زمان شاعر به هو. سندس شعر جو نمونو هيءُ آهي:

صاحب سيد خلقيو، جڏهن جاءِ نه ماءِ،
'ليس ڪمثله شيءُ'، حسن حد نه ڪاءِ،
نڪو وصل وچ ۾، نه ڪو وچ وڇا،
ظاهر ڏنائين ذات ۾، صورت سنديس شاهه،
سرور ڪئو سجدو، آڻي ايمانا،
'المومن مراة المومن'، لوڪا ڳال لڪاءِ،

(1) دين محمد وفائي: "تذڪره مشاهير سنڌ" _ جلد 3، ص 15_110

كنجون قرف ٽٽا، همه هٿ حبيب جي.

16. مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي:

حضرت گرهوڙي صاحب ظاهري خواه باطني علوم جو جامع هو. مجاهد ۽ مناظر اسلام هو. کيس مطالعي جو تمام گهڻو شوق هوندو هو. ڊاڪٽر دائودپوٽي جو خيال آهي، ته گرهوڙي صاحب جو جنم سن 1152ه ۾ خيرپور رياست جي شهر ”راڻي پور“ ۾ ٿيو.[2]

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق موجب، گرهوڙي صاحب ڪپري تعلقي جي ڳوٺ ”واڙ“ ۾ ڄائو هو ۽ مگرين جي ”موسيجا“ پاڙي مان هو.[3]

گرهوڙي صاحب جي والد جو نالو سعدالله هو. ديني علم مخدوم محمد هاشم جي همعصر ۽ چوٽيارين جي بزرگ ميين محمد مبين ڪيرئي کان حاصل ڪيائين. تصوف جي نقشبندي سلسلي ۾، لنواري واري بزرگ سلطان الاولياء خواجه محمد زمان کان بيعت ڪئي هئائين. پاڻ هميشه دين اسلام جي خدمت ۾ مصروف رهندو هو. آخري وقت ۾ هڪ هندو جوڳيءَ سان جهاد ڪندي شهيد ٿيو. اهو واقعو سن 1192ه ۾ ٿيو. سندس وفات جو سال ”بحق خلوت گزيده“ مان نڪري ٿو. گرهوڙي صاحب مصنف ۽ شاعر به هو. سندس هيٺيان ڪتاب يادگار آهن:

- فتح الفضل
- شرح ابيات سنڌي
- گل نما (فارسي)
- مڪتوبات (فارسي)
- مجموعه رسائل (سنڌي). هن مجموعي ۾ ڪُل ٻارنهن رسالا آهن، جي فقه ، تصوف ۽ اخلاقيات جي موضوع تي آهن.

گرهوڙي صاحب جي ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

[2] ڊاڪٽرعمر بن محمد دائودپوٽو: ”ڪلام گرهوڙي“، ڏسو مقدمو ـ ص 8
[3] پروفيسر علي نواز جتوئي: ”شهيد گرهوڙي صاحب جو ڪلام“، ڏسو مقدمو، ص 7

ڪنين ماضي من ۾، ڪنين استقبال،
حاصل جنين حال، آءُ نه جيئندي ان ري.

❋❋❋

لوڪ لهوارو لڏيو، اوپر آديسين،
سڄڻ سيئُون ڪن، لوڪ ليکي ونگويون،

❋❋❋

لنءُ تهين سين لاءِ، جنهن لنءُ لڳي لعل ٽئين،
ٻي سين لنءُ مَ لاءِ، متان ڪس لڳي ڪارو ٽئين.

17. ميون محمد مبين ڪيريو چوٽياري:

هيءُ پلارو بزرگ، وڏو عالم ۽ مخدوم صاحب جو همعصر هو ۽ ٺٽي ۾ پڙهيو به هيو. ميون محمد مبين ڪيريو ساند پوره ٽرائي چوٽياروي (درسگاهه چوٽياري جو باني) هو. سندس شجرو هن ريت آهي: ميون محمد مبين بن مجاهد بن اوپايو عرف جاهد بن زفر بن خيرالدين بن صاحب.

محمد مبين جي ولادت اندازاً سن 1100-1110ه ڌاري چوٽياري جي ماڳ تي ٿي. ميون ٺٽي ۾ پڙهيو. ان وقت چوٽيارين کان ٺٽي ڏانهن واٽ نصرپور وٽان هئي. ميون نصرپور وٽان لنگهندو هو ۽ مبين شاهه عنات رضويءَ وٽ به ويندو هو. ميون اندازاً 40-1135ه واري عرصي ۾ ٺٽي مان تعليم پوري ڪري، موٽي اچي پنهنجي ماڳ چوٽياري ۾ رهيو. درسگاهه چوٽياريءَ جو بنياد رکيائين ۽ شادي ڪيائين ۽ اولاد وارو به ٿيو. ميون مبين چوٽيارين ۾ لڳ ڀڳ پنجاهه سال درسگاهه ۾ ديني تعليم ڏيندو رهيو. سندس وفات تاريخ 5 محرم سن 1196ه ۾ ٿي، يعني مخدوم صاحب جي وفات کان 22 سال ڪن بعد ۾. کيس موجوده ڳوٺ چوٽياري جي مقام ۾ دفن ڪيو ويو، جتي سندس مزار زيارت گاهه آهي. سندس وفات جي سال جو تاريخي مادو هيٺين عبارتن مان نڪري ٿو:

عامل مخلص امين محمد مبين... 1196ه
استقامه محمد مبين... ... . 1196ه

ميون مبين علم سان گڏ حلم جي گڻ سان به سينگاريل هو. نهايت

نوڙت ۽ تواضع وارو بزرگ هو. پنهنجو نالو هميشه ”مسڪين محمد مبين“ ڪري لکندو هو. کيس عربي توڙي فارسيءَ تي دسترس هئي. فقه ۾ سندس مطالعو وسيع هو. فقه حنفيءَ کان سواءِ ٻين فقهن کان به باخبر هو. عربي گرامر تي به عبور حاصل هوس. سندس شاگرد ته گهڻا هئا، پر انهن مان مشهور مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي آهي، جيڪو هڪ ٿي رانجهو لکن جو مٽُ هو. چوٽيارين جي ڪتبخاني ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو بياض، گرهوڙي صاحب جي هٿن جو لکيل اڃا تائين موجود آهي.

ميون محمد مبين ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي همعصر هئا. غالباً ساڳين استادن وٽ پڙهيا ۽ ساڳئي وقت دستاربندي به ڪيائون. ٻنهي جي هڪ ٻئي سان خط و ڪتابت هئي. ميون محمد مبين، مخدوم صاحب ڏانهن فقهي مسئلن ۽ ڪتابن گهرائڻ بابت خط لکندو رهندو هو. ميين مبين پنهنجي پيائٽي عزت الله کي هڪ خط ڏنو، جنهن ۾ مخدوم صاحب کان ڪن فقهي مسئلن جا جواب ۽ ڪتاب ”برهان“ جي طلب ڪيل آهي. مخدوم صاحب ان خط جو جواب، عزت ۽ احترام جي لقبن سان ڏنو آهي. ميين مبين ڏانهن مخدوم صاحب جي لکيل خط جو نچوڙ هن ريت آهي:

”سائين منهنجا! اوهان وڏي عنايت فرمائي جيڪي مسئلا مون ڏي لکيا، مون انهن جا جواب اٿين لکيا جيئن منهنجي ناقص ذهن ۾ آيا... اسان وٽ ڪتاب ”البرهان“ جو فقط ٻيو جلد موجود آهي، مگر قلمي لکيل نسخو ايترو ته ضعيف آهي، جو اوهان تائين اُڌاري طور اماڻڻ ممڪن ناهي. البت جيڪڏهن هت ان کي لکايو، ته اهو اسان لاءِ ڏٽيءَ جي فضل سان سولو ٿيندو.“ [1]

18. سيد محمد بقا شاهه شهيد (پَٽ ڏٽي):

سيد محمد بقا شاهه، سنڌ ۾ راشدي خاندان جو باني، سيد علي

(1) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: ”درسگاهه چوٽياري“ (مقالو)، ماهوار ”پيغام“ آگسٽ _ سيپٽمبر 1980ع ص 5_30 (تلخيص)

مڪيءَ جي اولاد مان ٻارهين صدي هجريءَ جو مشهور بزرگ آهي. هيءُ سيد سڳورو وڏو ڪامل ولي هو.[2] سندس ولادت جو شرف رسول پور عرف ننڍي سائڊي کي مليو، جتي 1 شعبان المعظم 1135هه تي تولد ٿيو. سندس روحاني نسبت سيد عبدالقادر حسني جيلاني ثاني ۽ حضرت مخدوم محمد اسماعيل پريان لوءِ واري بزرگ سان هئي. هيءُ سيد سڳورو سموري زندگي حق ۽ هدايت جو پيغام پهچائيندو رهيو.[3]

63 ورهين جي ڄمار ۾، واٽ ويندي ڪن چورن کيس مٿي تي ڪتابن جي پيري ڏسي، ملڪيت سمجهي، پُٺ کان شهيد ڪري وڌو. سندس شهادت سن 1198هه ۾ ٿي ۽ کيس شيخ طيب جي ڳوٺ ۾ دفن ڪيائون. سندس وفات جي قطعه تاريخ هن ريت آهي:

چو سيد محمد بقا شد شهيد،
حلاوت ز رحمت الاهي چشيد.
بسي بود نافع بهر خاص و عام،
کزو زود طالب خدا شد رسيد.
خرد سال تاريخ او در دلم،
بگفتا: بدرجه شهادت رسيد.
1198هه

پاڻ سنڌي شعر به چيو اٿائين. سندس شعر جو نمونو هتي ڏجي ٿو:

سڄڻ ڪي سارئين، آءٌ سارٻان صحي،
اديون آريجن جا، پچان روز پهي،
ويندي ڪيچ کهي، جيئنديس ڪين جتن ري.

***

جي کهان ته ڪوڪ نه نڪري، صبر آءٌ نه سهان،
اکيون لايو پر کي، ويني سُور سهان،
ڪنهن کي ڪين چوان، ته ڪنهن پر اُڪندي آهيان.[1]

(2) منشي عطا محمد شڪارپوري: ”تاريخ تازه نوائي معارڪ“ (فارسي)، ص 874
(3) چوڌري تبسر: ”تذڪره پيران پاڳاره“ (اردو)، ص 94
(1) لطف الله بدوي: ”تذڪره لطفي“ _ جلد 1، ص 74_672

وفات ڪان پوءِ سندس فرزند سيد محمد راشد "روضي ڌڻي" هدايت ۽ رشد جي مسند تي ويھنو ۽ فيض عام ڪرڻ لڳو. هن وقت تائين سندس نالي "راشدي" سيد مشھور آهن. موجوده پير صاحب اٺون پاڳارو سيد صبغة الله شاهہ (ٽيون)، راشدي خاندان ۽ گاديءَ جو چشم و چراغ آهي.

19. مير علي شير "قانع" ٺٽوي:

هن باب ۾ هڪ اهڙي بزرگ جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي، جنھن جو واسطو خود مخدوم صاحب جي دور ۽ شھر سان آهي. اهو آهي مير علي شير "قانع" ٺٽوي. هن شخصيت جي ڪري اڄ اسين ڪلھوڙن جي دور جي سنڌ جي تمدني، سياسي ۽ ادبي تاريخ معلوم ڪرڻ جا اهل ٿيا آهيون. مير علي شير جو تعلق ٺٽي جي شڪر الاهي سادات سان آهي. سن 1140ھ/1727ع ۾ ڄائو ۽ سن 1203ھ/1788ع ۾ ٺٽي ۾ وفات ڪيائين. مير "قانع" ڪجھہ وقت ميان غلام شاهہ ڪلھوڙي جي دربار ۾ سرڪاري مؤرخ پڻ ٿي رهيو، ليڪن هيءُ عهدو سندس طبيعت جي خلاف هو. ان ڪري نوڪري ڇڏي اچي ٺٽي ۾ تصنيف ۽ تاليف ۾ مشغول ٿيو. هڪ دفعو سير سفر لاءِ سنڌ کان ٻاهر سورت ويو ٿو ڏسجي. باقي سڄي زندگي سنڌ ۾ گذاريائين. اڪثر بيشتر ڪلھوڙن جي سرڪاري مرڪزن، جھڙوڪ: خداآباد، محمد آباد ۽ مراد آباد ۾ پڻ نظر اچي ٿو.

مير "قانع" جملي 42 ڪتاب نثر ۽ نظم ۾ تصنيف ۽ تاليف ڪيا، جن مان اڪثر ڪتاب سنڌ جي تاريخ ۽ تذڪري سان تعلق رکڻ ڪري پوءِ جي عالمن لاءِ تحقيق جو بنيادي ذريعو بنيا. "قانع" جي لکيل ڪتابن جي لسٽ هيءَ آهي:

1. ديوان علي شير
2. مثنوي شمئہ از قدر حق
3. مثنوي قضا و قدر
4. نو آئين خيالات
5. مثنوي قصئہ ڪامروپ
6. ديوان فال غم

7. ساقي نامہ
8. واقعات حضرت شاهہ
9. چھار منزله
10. تزويج نامئہ حسن و عشق
11. اشعار متفرقہ
12. صنايع و تاريخ
13. بوستان بھار
14. مقالات الشعراء
15. تاريخ عباسيہ
16. تحفة الڪرام
17. اعلانِ غم
18. زبدة المناقب
19. مختارنامہ
20. نصاب البلغاء
21. مثنوي ختم السلوڪ
22. طومار سلاسل گزيده
23. شجره اطهر اهلبيت
24. معيار سالڪانِ طريقت
25. روضة الانبياء
26. زينت الاخلاق
27. غوثيہ
28. نصاب نامہ
29. ميزان الافڪار
30. تهذيب طباع
31. سرفراز نامہ
32. حديقة البلغاء
33. مثنوي ڪان جواهر

34. ميزان فارسي
35. رسالہ معما مع شرح
36. بياض محک الشعراء
37. ديوان اشعار
38. قصائد و منقبت
39. انشاي قانع
40 ۽ 41 .... (نامعلوم)
42. لب تاريخ ڪلهوڙه[1]

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ متعلق سڀ کان پهريون ڪتابي احوال پڻ مير علي شير ”قانع“ ٺٽويءَ پنهنجي ڪتاب ”مقالات الشعراء“ ۾ آندو آهي. ياد رهي تہ مير ”قانع“، مخدوم صاحب جي وفات کان چند ڏينهن اڳ هيءُ لاثاني تذڪرو ”مقالات الشعراء“ لکي پورو ڪيو هو. مخدوم صاحب جي وفات کان ست سال پوءِ، هن ”تحفة الڪرام“ لکي پورو ڪيو، جنهن ۾ پڻ مخدوم صاحب بابت قدري تفصيلي احوال آيل آهي. بهرحال، مير علي شير ”قانع“ ٺٽوي، مخدوم صاحب جي دور ۽ شهر جو اکين ڏٺو شاهد هو.

تازو راقم ”سنڌ جو تاريخ نويس: مير علي شير قانع ٺٽوي“ نالي ڪتاب چئن ٻولين ۾ مرتب ڪيو آهي، جيڪو 2019ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڄام شوري شايع ڪيو آهي.

20. مخدوم روح الله بڪري:

هيءُ ٻيلارو جامع علوم منقول و معقول، حاوي معالم فروع و اصول، پنهنجي زماني ۾ صلاحيت ۽ تقويٰ سان مشهور و معروف هو. سنڌ جو حاڪم ميان نور محمد ڪلهوڙو سندس بيحد معتقد هو. ڪانئس دعا گهرائڻ جو هميشہ احتياج ڏيکاريندو هو.

مير ”قانع“ ٺٽوي لکي ٿو:

(1) مير علي شير ”قانع“: ”تحفة الڪرام“ مترجم: ڏسو سوانح حيات، از: راشدي، ص 11_73 (تلخيص)

”مون کي مخدوم روح الله سان سن 1166هہ ۾ محمد آباد ۾ ملاقات ٿي، جو اتي ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دعا ڪرڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا هئا.“ [1]

مخدوم روح الله جي صوفي شاهہ عنايت الله (شهادت 1130هہ) سان پس غائبانہ محبت هئي. شاهہ عنايت الله جهوڪ واري جو هڪ فارسي خط مخدوم روح الله جي نالي لکيل محفوظ آهي، جنهن ۾ سندن محبت ۽ عقيدت ظاهر ٿئي ٿي. مخدوم روح الله جي وفات ٻارهين صدي هجريءَ جي پوئين اڌ ۾ ٿي.[2]

21. مولوي محمد حسين:

مولوي محمد حسين، مخدوم صاحب جو همعصر هو. سن 1177هہ/1763ع ۾ فارسي ڪتاب ”قصص الانبياء“ جو ”سيرِ بستان“ جي نالي سان سنڌي نظم ۾ ترجمو ڪيائين.[3]

22. مخدوم محمد مقيم ٻيلائي:

مخدوم محمد مقيم، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو همعصر ٻارهين صدي هجريءَ جي عارفن مان آهي. محمد مقيم ولد مخدوم ميان سعد الله قادري (سنڌي لاڙي) اصل ديهہ ”لڪڙيءَ“ جو وينل آهي، جا بنوريءَ پرڳڻي ۾ هئي. محمد مقيم ٺٽي ۾ علوم حاصل ڪري، ان کان پوءِ ٺٽي جي مشهور عارف ڪامل، خواجہ ابوالقاسم نقشبنديءَ کان بيعت ورتي، تصوف جي منزل طي ڪري، ڪماليت جو صاحب ٿيو. ٺٽي مان علم پرائي، فيض حاصل ڪري اچي ڳوٺ ٻيلہ سيد يعقوب شاهہ ۾ مقيم ٿيو. سندس والد وڏو پرهيزگار ۽ تقويٰ جو صاحب هو.

محمد مقيم وڏو عالم، واعظ ۽ صاحب ڪرامت حضوري بزرگ هو. ڪيس غيب مان روزينو ملندو هو. جوانيءَ جي زماني ۾ هميشہ جمعي جي ڏينهن حديث جو ڪتاب ڪولي عام ماڻهن کي وعظ ڪندو هو، پر پوئين

(1) مير علي شير ”قانع“: ”تحفة الڪرام“ ڏسو سوانح حيات، ص 324 (تلخيص)
(2) دين محمد وفائي: ”تذڪره مشاهير سنڌ“ _ جلد 1، ص 87_90
(3) ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: ”سنڌي ادب جو تاريخي جائزو“، ص 79

دور ۾ ماڻهن جي بي توجهيءَ ڪري وعظ ڪرڻ بنهه بند ڪري ڇڏيائين. سندس وفات جي تاريخ معلوم ڪانهي، پر مولوي دين محمد وفائيءَ ڪيس ٻارهين صدي هجريءَ جي مشاهيرن ۾ شمار ڪيو آهي.

مولوي دين محمد وفائيءَ لکي ٿو:

"ٺٽي جي شهر ۾ ڪنهن هندوءَ، پيغمبرِ خدا ﷺ جي صحابين سڳورن کي گاريون ڏنيون، جنهن تي ڏاڍو شور مچي ويو. مخدوم محمد هاشم جو زمانو هو. هن صاحب هندوءَ کي قتل ڪرائڻ جي فتويٰ ڏني ۽ هوڏانهن مخدوم صاحب جو همعصر وڏو عالم مخدوم ضياءُ الدين ٺٽوي ۽ ٺٽي جا ٻيا علماءَ، هندوءَ کي تعزير ڏيڻ جي راءِ ڏنائون.

ميان نور محمد ڪلهوڙي جي حڪومت هئي. مخدوم محمد هاشم جيڪا قتل جي فتويٰ ڏني هئي، حاڪم ان موجب حڪم جاري ڪيو ۽ ٻئي ڪنهن به عالم کان ڪجهه پڇيائين به ڪونه.

مخدوم ضياءُ الدين جو هڪ وڏو نامور عالم هو. تنهن کي انهيءَ واقعي جو ڏاڍو افسوس ٿيو ته وقت جي حاڪم اسان کان چو نه پڇيو؟ انهيءَ تشويش دور ڪرڻ جي ارادي سان لڪڙي جي ڳوٺ مخدوم محمد مقيم وٽ لنگهي آيو. ڪيس سموري ماجرا ٻڌائيندي چيو ته حاڪم اسان کان چو نه پڇيو؟ فقط مخدوم محمد هاشم جي چوڻ تي هندوءَ کي قتل ڪرائي ڇڏيائين. هوڏانهن شريعت موجب ان کي فقط تعزير ڏيڻو هو. هاڻي اوهان هن مسئلي جي حق يا ناحق جو فرق حضور رسول ﷺ جن کان سمجهي، پوءِ اسان کي ٻڌايو ته سچ ڇا آهي؟

مخدوم مقيم چيو ته حاضر، ان شاء الله سڀاڻي اوهان کي جواب ڏيندس. جڏهن ٻيو ڏينهن ٿيو ته مخدوم ضياءُ الدين کي چيائين ته حضور رسول الله ﷺ جن فرمايو ته، "ڏيءَ کي مارجي، ته ننهن اک رکي." ازانسواءِ، حضور رسول الله ﷺ

جن اوهان تي گناهه جي چٽي رکي آهي. جنهن تي گناهه لاهڻ لاءِ مخدوم ضياءُ الدين فقيرن کي ڪاڏو ڪارايو، مگر گناهه معاف نه ٿيو. ان کان پوءِ ٻئي دفعي ڪفارو ڏنو يعني ڪاڏو ڪارايو، پر اڃا به ٽئين دفعي جو حڪم ٿيو. جنهن کان پوءِ مخدوم محمد مقيم فرمايو، ته هاڻي گناهه معاف ٿي ويو."[1]

23. مولانا عبدالرزاق:

مولانا عبدالرزاق ۽ علي اڪبر (مصنف: حصن الاموال) مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جا همعصر هئا.[2] مولانا عبدالرزاق جو قديم سنڌيءَ ۾ "ميت جو وقت وارڻ" بابت هڪ رسالو مشهور آهي.

"ميت جو وقت وارڻ" هڪ اصطلاح آهي، جو ڪن سنڌي فقيهن، فقهي اصطلاح "اسقاط" جي مطلب کي سنڌيءَ ۾ ظاهر ڪرڻ لاءِ واضح ڪيو آهي. اسقاط جو مطلب آهي، ڪن شرعي ذميدارين جي ادائگيءَ ۾ رهجي ويل ڪوتاهين جو ڪنهن حيلي سان پورائو ڪرڻ. هن رسالي ۾ هن قسم جي حيلي ڪرڻ جو طريقو سيکاريو ويو آهي. مؤلف، ميت جي نمازن ۽ روزن وغيره جو فديو ڪڍڻ وقت پنهنجو نالو ۽ ڪتاب جي مڪمل ٿيڻ جي تاريخ هنن لفظن ۾ ڄاڻايا آهن:

عاصي عبدالرزاق کي ايءَ آئي منجهه پروجا
ڪيم تحقيق تنهن جو توري ٽڪن ساڻ
ويهين ماه ذي القعد جي ستهنين سالا
اڪارهين سئن متي ٿيا ڪنا هجرت حبيبا.

مصنف هيءُ رسالو 20 ذوالقعد 1167هه تي لکي پورو ڪيو. پر عبدالرزاق ڪير هو؟ اهو معلوم ٿي نه سگهيو آهي. البت، وقت وارڻ جي فديي معين ڪرڻ لاءِ جا تحقيق ڪئي ويئي آهي، ان ۾ شهدادپوري، روپاهي ۽ ساندڪن جي ماڻهن جا نالا ورتا ويا آهن. جنهن مان گمان پيدا ٿئي ٿو ته مؤلف شهدادپور کان روپاهه تائين وچئين لاڙ جو رهندڙ هو.

[1] دين محمد وفائي: "تذڪره مشاهير سنڌ" _ جلد 3، ص 80_276
[2] ڊاڪٽر يار محمد قاضي: "سنڌ ۾ فقهي تحقيق جو ارتقا"، ص 80

سنڌ جا اڪثر فقيه هن راءِ (اسقاط) جي تائيد ڪندڙ آهن ۽ سنڌي ڪتابن ۾ ڪيترن ئي اهڙن حيلن جو ذڪر ڪيل آهي. مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ به ميت جي وقت وارڻ لاءِ حيلي متعلق هڪ فارسي رسالو لکيو آهي، جنهن ۾ اهڙي حيلي ڪرڻ کي درست قرار ڏنو اٿس. ان رسالي جو نالو "فتح الڪلام في ڪيفية اسقاط الصلواة والصيام" آهي.(1)

مولانا عبدالرزاق جي باري ۾ مير علي شير "قانع" ٺٽوي صرف ايترو لکي ٿو:

> "عبدالرزاق، محمد قيوم جو فرزند آهي، جيڪو مشهور معرفت ماڻهو هو. عبدالرزاق ۽ سندس ٻه پٽ ميان محمد ۽ محمد حفيظ، سورت بندر ۾ گذاري ويا." (2)

24. علي اڪبر:

علي اڪبر، مخدوم صاحب جو همعصر غالباً ٺٽي جي آسپاس لاڙ پٽ جو رهاڪو هو. سندس سنڌي ٻولي ۾ "حصن الاموال" نالي هڪ ننڍڙو رسالو لکيل ۽ مشهور آهي. هن رسالي ۾ زڪواة، خراج، عشر ۽ صدقة الفطر وغيره جا مسئلا بيان ٿيل آهن. هيءُ رسالو ذوالحج 1162هه جو لکيل آهي. فطري ۽ زڪواة جا احڪام بيان ڪندي، مصنف ٺٽي جي مروج ماڻن جو ذڪر ڪيو آهي. ان مان ظاهر آهي ته مصنف ٺٽي جي انتظامي حدن جو رهندڙ هو.(1)

علي اڪبر جي باري ۾ "تحفة الڪرام" وارو صاحب لکي ٿو:

> "علي اڪبر بن ميان محمد حافظ بن مخدوم بايزيد. ميان علي اڪبر پيءُ جي جاءِ تي ويهي نالو ڪڍيو ۽ حياتيءَ جو عرصو پورو ڪري گذاري ويو. اولاد ڪونه ڇڏيائين." (2)

25. مخدوم محمد ابراهيم ڀٽي:

(1) ڊاڪٽر يار محمد قاضي: "سنڌ ۾ فقهي تحقيق جو ارتقا"، ص 89_91
(2) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "تحفة الڪرام"، ص 545
(1) ڊاڪٽر يار محمد قاضي: "سنڌ ۾ فقهي تحقيق جو ارتقا"، ص 80
(2) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "تحفة الڪرام"، ص 563

مخدوم محمد ابراهيم، هالن پراڻن جي ڀٽي خاندان جي بزرگن مان هو ۽ مخدوم عبدالرؤف جو سڳو ڀاءُ هو. هيءُ شريعت جو صاحب هو. ان وقت مذهبي مسئلا، جي عربي ۽ فارسيءَ ۾ ئي هوندا هئا، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪرڻ جو چاهه ۽ ذوق سنڌ جي علمائن ۾ گهٽ قدر هو. مخدوم ابراهيم به پراڻي سنڌي نظم ۾ هڪ ڪتاب لکيو آهي، جنهن جو نالو آهي: "مخدوم ابراهيم جي سنڌي"

مخدوم صاحب پنهنجي سنڌيءَ ۾ اهي 350 ضروري مسئلا لکيا آهن، جن جي ڄاڻ هر مسلمان لاءِ ضروري آهي. مخدوم ابراهيم جي سنڌيءَ ۾ سندس همعصر علمائن جي تصنيفات وارو ڏوهيڙو ڪم آيل آهي. هن ڏوهيڙن جي ترتيب اها ساڳي رکي آهي، جهڙي مخدوم محمد هاشم جي ڪتاب "زادالفقير" جي ترتيب آهي.(3)

مخدوم ابراهيم، سنڌي ٻوليءَ ۾ موزون شاعريءَ جي ابتدا ڪندڙ ۽ نعت گو شاعر، مخدوم عبدالرؤف ڀٽيءَ جو ننڍو ڀاءُ هو. سندس ولادت سن 1102هه/1690ع ۾ ٿي. ان حساب سان هو مخدوم محمد هاشم جو همعصر ۽ عمر ۾ ان کان ٻه سال وڏو هو.(4)

مخدوم ابراهيم غالباً ڪتاب "مقدمة الصلواة" کان متاثر ٿي، پنهنجي علائقي وچولي سنڌ هالا طرف ديني مسئلن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ تبليغ خاطر منظوم ڪيو.

26. محمد پناهه "رجا" ٺٽوي:

هينئر مخدوم صاحب جي انهن همعصر ۽ واقفيت وارن شاعرن جو ذڪر اچي ٿو، جن مخدوم صاحب جي وفات تي فارسي زبان ۾ قطعه تاريخ چيا، جن مان مخدوم صاحب جي وفات جو سن 1174هه نڪري ٿو. انهن ۾ پهريون ٺٽي جو مشهور شاعر محمد پناهه "رجا" ٺٽوي آهي.

(3) محمد صديق ميمڻ: "سنڌ جي ادبي تاريخ" _ جلد 1، ص 74_173
(4) ڊاڪٽر يار محمد قاضي: "سنڌ ۾ فقهي تحقيق جو ارتقا"، ص 56_57

محمد پناهه جو تخلص "رجا" آهي. شعر ۾ ابوتراب ڪامل جو شاگرد هو. طبيعت جي لطف ۽ فڪر جي جدت جي ڪري شعر ۾ سهڻا نڪتا ڳولي ڪيندڙ، تاريخ ڪڍڻ ۾ عجيب فڪر جو ڌڻي، نمڪين ماڻهو ۽ مجلس جو مور آهي. فقيرن ۽ الله وارن سان عقيدت رکندڙ آهي. ٺٽي جي اندر شاعرن ۾ غنيمت آهي. سنڌ جي وزير مير لطف الله عرف مير متاري وٽ عزت جي زندگي گذاريائين. شاهه عبداللطيف جو بيحد معتقد هو. هن جو فارسي ڪلام "مقالات الشعراء" ۾ گهڻو آيل آهي.[1]

27. غلام علي "مداح" ٺٽوي:

غلام علي "مداح" ٺٽوي، ٺٽي جي مشهور شاعر محمد محسن جو پٽ هو. سندس ولادت سن 1145هه ۾ ٿي. سندس پيءُ "محسن" ٺٽويءَ هڪ سجع تيار ڪئي، جنهن مان سندس پٽ جو نالو ۽ تاريخ ولادت حاصل ٿئي ٿي:

غلام علي بي بدل يافتم = 1145هه

"مداح" خوش فڪر، رنگين طبع ۽ سخن جي مشق سان گڏ عربي علم ۾ به ڀرپور ڪوشش ڪئي. شعر و شاعريءَ ۾ مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ سان صحبتون رهيس. پيءُ جي وفات کان پوءِ، پنهنجي پيءُ جي نالي کي شاعريءَ جي ذريعي زنده رکيو اٿس.[1]

"مداح" گهڻو ڪري ميان سرفراز خان ڪلهوڙي وٽ سندس صاحبزادگيءَ جي زماني ۾ رهندو هو ۽ سندس شاعريءَ ۽ ٻين علمن ۾ استاد هو. سندس ڪماليت جو اندازو هيٺئين تاريخي قطعي مان ڪري سگهجي ٿو، جيڪو سيد نجم الدين محي الدين ثاني ڪشميريءَ جي فرزند نصير الدين ابوبڪر جي ولادت تي لکيو اٿس. "مداح" پنهنجي

(1) "تحفة الڪرام" (سنڌي)، ص 599
ايضاً مقالات الشعراء (فارسي)، ص 224
(1) ايضاً، 599
ايضاً، 745

شاعرانه طبع آزمائي ۽ قابليت جو جوهر ڏيکاريندي، هيٺين ڇئن خانن جي دائري ۾ به بيت لکيا آهن، جن کي جتان به هيٺان مٿان، اُبتو سبتو پڙهيو وڃي، ته وزن ۽ شعر به پورو بيهندو ۽ ماده تاريخ به هر پهلو کان حاصل ٿيندو. اهو ٻن شعرن وارو دائرو هيءُ آهي:

اقدم و اعلم	اوثق عادل	عاقل اڪمل	پر دل دانا
فائق نامي	واصل اقدس	مدرڪ واطيب	ازهمه والا
نيڪ بهادر	نافع ڪامل	سيد وارجع	موقن اعطي
اعبد اطهر	حاڪم اڪبر	اصدق اوفي	منعم و مولي

"مداح" جون نظمون، نعتون، قصيدا ۽ غزليات بي شمار آهن. سندس وفات جي تاريخ معلوم ڪانهي. پر مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ جي تصنيف "تحفة الڪرام" جي لکجڻ (1182هه) تائين به زنده هو.[2]

28. محمد رفيع ٺٽوي:

محمد رفيع پنهنجي حياتي جهان آباد ۾ گذاري، خانيءَ جي خطاب جو شرف حاصل ڪيو. احمد شاهه جي ڳڙٻڙ کان پوءِ راجپوتانه ۾ رهڻ لڳو. وري وڪيل جي حيثيت ۾ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي وٽ آيو ۽ ٿورو عرصو ٺٽي ۾ رهيو ۽ واپس موٽيو. نيٺ ٻيهر ٺٽي ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائين. هيءُ تقويٰ ۽ فضيلت جي زيور سان سينگاريل، مفتيءَ واري عهدي تي پياءُ جو جانشين آهي.[3]

29. مرزا غلام علي بيگ ٺٽوي:

مرزا غلام علي "مومن"، الله وردي بيگ گاذرونيءَ جو پوٽو، هڪ لياقت ۽ انسانيت ڀريو نوجوان ۽ تازو شاعر آهي. شيخ قمرالدين جي خدمت ۾ بادشاهي لشڪر ۾ رهندو هو. هاڻي سنڌ جي والي ميان غلام

(2) دين محمد وفائي: "تذڪره مشاهير سنڌ" _ جلد 3، ص 84_182
(3) مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ: "تحفة الڪرام"، ص 544

شاهه ڪلهوڙي جي حاضريءَ جو خاص خدمتگار آهي.[1]

30. **محمد رحيم ٺٽوي:**

محمد رحيم ٺٽوي شاعر آهي. سندس اڪثر شاعري هجو ۽ هزل جي طرز واري آهي. شايد ان ڪان سواءِ ٻي شاعري به چيل اٿس.[2]

----

(1) ميرعلي شير "قانع" ٺٽويءَ: "تحفة الڪرام"، ص 601

(2) ميرعلي شير "قانع" ٺٽوي: "مقالات الشعراء" (فارسي)، ص 244

پاڳو ٽيون

مخدوم صاحب جي تصنيفات ۽ تاليفات جو علمي جائزو

باب پهريون

علمي خدمتون

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي برک عالم ۽ ڪثيرالتصانيف وڏو مصنف هو. مخدوم صاحب ان دور جي نصابي تعليم ۽ درس تدريس سان گڏ درسِ حديث، جمعي جي وعظ ۽ تبليغ، عام ماڻهن کي درپيش ايندڙ مسئلن جا شرعي جواب ۽ فتويٰ لکڻ، شرعي احڪام جي پابندي ۽ عمل جاري ڪرائڻ، وقت جي عالمن ۽ فاضلن جي ڪتابن جو تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس ڪرڻ ۽ انهن جي تعميري ۽ اصلاحي تنقيد ڪرڻ ۾ ڀرپور حصو ورتو. پاڻ علمي ۽ ديني ڪتابن جي تصنيف ۽ تاليف ۾ آخر وقت تائين ڪوشش جاري رکيائين ۽ قلم جي ڪاروان کي آخر دم تائين ڪاهيندو، علم ۽ حڪمت جا ماڻڪ موتي ۽ هيرا جواهر ورهائيندو رهيو.

مخدوم صاحب جي سموري زندگي بااصول ۽ ٽائيم ٽيبل مطابق گذري. مخدوم صاحب جا چوويهہ ڪلاڪ هر ڪم واسطي ورهايل هئا. درس تدريس کان سواءِ، ڪتابن جي تاليف لاءِ خاص وقت مقرر هو. عبادت ۽ ياد الاهيءَ لاءِ جدا وقت هو.

مخدوم صاحب ابتدا کان وٺي آخر تائين قلم هلايو. ڪيئي ڪتاب - سنڌي، عربي ۽ فارسي ٻوليءَ ۾ لکيائين، جن مان اڪثر مذهبي ۽ شرعي مسئلن تي آهن. تاريخ ۽ سيرت تي بہ ڪجھ ڪتاب آهن. مخدوم صاحب جي عربي ڪتابن جي باري ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو:

> ”مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جا عربي ڪتاب جامعة الازهر- مصر ۾ پڙهيا ويندا هئا ۽ پڙهايا وڃن ٿا.“[1]

مخدوم صاحب جي وفات کي اڍائي سؤ سالن کان مٿي عرصو گذري چڪو آهي. ان سموري عرصي ۾ سنڌ، برصغير ۽ باقي دنيا ۾ ڪيئي تبديليون ۽ ذهني توڙي فڪري دنيا ۾ عجيب و غريب انقلاب برپا ٿي چڪا آهن. سنڌ ۾ ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور ۾ رائج درسي ڪتابن کي انگريزن آئي

[1] ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: ”سنڌيون“، ص 61

ڪاپاري ڌڪ لڳو. اڳ ۾ فارسي ۽ عربيءَ تي زور هوندو هو. هاڻي ته انگريزي ٻولي گوءِ ڪڻي ويئي آهي.

دراصل، ان سڄي تبديلي، ذهني ڦيرقار، فڪري وهڪري ۽ علمي ادبي ردوبدل ۾ سنڌ واسين جو تمام گهڻو نقصان ٿيو آهي. هڪ طرف ٻارهين صدي هجريءَ جو علمي ورثو، جيڪو اڪثر عربي ۽ فارسيءَ ۾ آهي، زماني جي انقلابن جي ور چڙهي ضايع ٿي ويو. ٻئي طرف انگريزن جي فتح پڻ سنڌ کي علمي طور ڪاپاري ڌڪ هنيو. اڄ ڪيئي عربي ۽ فارسيءَ جا ديني مدرسا برباد ٿي چڪا آهن. سنڌ جا قلمي نسخا - برٽش ميوزيم ۽ انڊيا آفيس لائبريري جي زينت بنيل آهن ۽ هينئر عام اهلِ سنڌ انهن ناياب قلمي نسخن جي ڏسڻ لاءِ سِڪي رهيا آهن ۽ فائدي وٺڻ کان قاصر آهن. ان کان علاوه سنڌ جا سوين مخطوطا ناعاقبت انديشيءَ، پنهنجن جي بي قدريءَ ۽ ٻين سببن ڪري پٽنه لائبريري، آصفيه ڪتبخانه دکن، پنجاب يونيورسٽي لاهور ۽ لکنو وغيره ۾ وڃي پهتا آهن.

انهيءَ وضاحب جو مقصد هيءُ آهي ته سنڌ جي لاثاني عالم ۽ عظيم ليکڪ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي لکيل ڪتابن جو صحيح تعداد، انگ اکر ۽ انهن ڪتابن جا نالا معلوم ڪرڻ، اڄ اسان لاءِ مذڪوره حالتن ۽ سببن پٽاندر انتهائي مشڪل آهن.

مخدوم صاحب سڄي زندگي قلم هلايو ۽ گهڻا ئي ڪتاب تحرير ڪيا. ليڪن، ان ڏس ۾ سردست ڪا حتمي راءِ قائم ڪرڻ مشڪل آهي. حقيقت ۾ مخدوم صاحب سنڌ جي بسيار نويس عالمن مان هڪ هو. هتي اسان مخدوم صاحب جي تحرير ڪيل ڪتابن جي تعداد ۽ نالن بابت بحث ڪري، ڪنهن نتيجي تي پهچڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا.

سنڌ جي نامياري محقق ۽ عظيم اسڪالر، محترم استاد ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 35 سال اڳ پنهنجو قرب ڪري، مخدوم صاحب جي هڪ قلمي عربي ڪتاب مان ضروري مواد جو عڪس، راقم ڏانهن اسلام آباد مان موڪليو هو، جنهن ۾ مخدوم صاحب جي 105 عربي، فارسي ۽ سنڌي ڪتابن جي فهرست ڏنل آهي. انهن ۾ 74 عربي ڪتاب، 21 فارسي ۽ 10 سنڌي ڪتابن جا نالا

شامل آهن.[1]

مخدوم صاحب پنهنجي ڪتاب "اتحاف الاڪابر" ۾ لکي ٿو:

"منهنجون تصنيفون عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ آهن ۽ اهي هن وقت تائين هڪ سو پندرهن کان وڌيڪ آهن."[2]

اسان جي تحقيق موجب ته "اتحاف الاڪابر" (1136هه) ۾ آيل مخدوم ٺٽويءَ جي ڪتابن جي فهرست، مخدوم صاحب جي ڪنهن شاگرد يا ڪاتب ان مذڪوره ڪتاب ۾ سن 1136هه کان پوءِ درج ڪئي آهي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ فهرست ۾ مخدوم ٺٽويءَ جي سن 1136هه کان پوءِ جي لکيل ڪتابن جا نالا به شامل آهن، مثلاً: "الشفاء " (1147هه)، "ڪشف الرين" (1149هه) ۽ "حياة القاري" (1166هه).

بهرحال، مخدوم صاحب "اتحاف الاڪابر" نالي اهو مٿيون ڪتاب حرمين شريفين جي سفر دوران مڪي شريف ۾ سن 1136هه ۾ لکيو هو. مخدوم صاحب ان ڪتاب لکڻ کان پوءِ برابر 38 سال زنده رهيو ۽ لاڳيتو قلم هلائيندو رهيو. خبر ناهي ته مخدوم صاحب انهيءَ پوئين دور ۾، قلم ذريعي علم جا ڪيترا واهڙ وهايا هوندا ۽ ڪتاب لکيا هوندا!

مخدوم محمد ابراهيم "خليل" ٺٽوي پنهنجي ڪتاب "تڪمله مقالات الشعراء " ۾ مخدوم صاحب جي ڪتابن جو تعداد، هڪ سئو چوڏهن لکيو آهي ۽ ان بعد تمام حيرت سان لکي ٿو:

"سبحان الله! هنن بزرگن جي همت ڪيڏي نه بلند هئي. هينئر ته ايڏي تصنيف ڪرڻ ئي محال ڪم آهي. انهن جي هٿ ۽ قلم ۾ ڪهڙي نه طاقت ۽ برڪت هئي، جو پاڻ ايترو ڪم ڪري ويا آهن. مگر حق ته هيءُ آهي جو اهو سڀ ڪجهه ازلي فيض ۽ الله تعاليٰ جي مهرباني ۽ ڪرامت سان ٿيو آهي. "[1]

"تڪمله مقالات الشعراء" جي حاشيي تي سيد حسام الدين راشدي مخدوم صاحب جي پونيرن مان ميان غلام محمد جي حوالي سان آندو آهي، ته مخدوم صاحب جا ڏيڍ سؤ ڪتاب لکيل آهن. راشدي صاحب خود حاشيي

(1) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو راقم ڏانهن خط، مؤرخه 3 آڪٽوبر 1985ع، اسلام آباد

(2) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "مخدوم محمد هاشم جي سوانح حيات ۽ علميت بابت ويچار" (مقالو) _ ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد سنڌ، 4_1985ع، ص 133.

(1) "تڪمله مقالات الشعراء " (فارسي)، ص 43

تي مخدوم صاحب جي ڪتابن جي الف - بي وار فهرست ڏني آهي، جنهن ۾ 125 ڪتابن جا نالا ڏنل آهن.[2] اها ساڳئي فهرست 22 سالن کان پوءِ، 15 ڪتابن جي اضافي سان، ٽماهي ”مهراڻ“ حيدرآباد سنڌ، نمبر 1 ۽ 2 سال 1980ع ۾ ٻيهر آندي ويئي آهي.

مخدوم صاحب جي ڪتابن جي باري ۾ سنڌ جو مشهور عالم ۽ مترجم، مخدوم امير احمد لکي ٿو:

> ”مخدوم صاحب جي تصنيفات جو تعداد ٽن سون کان به وڌيڪ آهي ۽ مختلف مسائل ۾ هزارن کان وڌيڪ تحريرون انهن کان سواءِ آهن.“[3]

مخدوم امير احمد وڏي جستجو ڪري، 125 ڪتابن جي فهرست به ڏني آهي. انهن ڪتابن جي موضوع ۽ فن توڙي موجودگيءَ جو تذڪرو به ڪيو آهي، ته اهي ڪتاب ڪهڙي ٻوليءَ، فن ۽ ڪهڙي ڪتبخاني ۾ موجود آهن.

دراصل، مخدوم ٺٽويءَ جي ڪتابن جي فهرست ٺاهڻ جي سڀ کان اول ۽ وڌيڪ ذميداري سندس اهلِ علم فرزندن ۽ شاگردن تي هئي، پر افسوس جو مخدوم صاحب جي فرزند عبداللطيف به ان ڏس ۾ فقط ايترو لکيو آهي:

> ”مخدوم صاحب جون تصنيفات هڪ سؤ کان وڌيڪ آهن.“[4]

تاريخ نويس غلام رسول مهر پنهنجي ڪتاب ”تاريخ ڪلهوڙا“ ۾، مخدوم صاحب جي ڪتابن جو تعداد ساڍا ٽي سؤ لکيو آهي.[1]

بهرحال، مخدوم صاحب جي ڪتابن جي تعداد بابت حتمي طور چئي نه ٿو سگهجي. البت، مخدوم صاحب جي 164 ڪتابن جا نالا دستياب ٿي سگهيا آهن. تنهنڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته مخدوم صاحب جي ڪتابن جو انگ هو سؤ کان ساڍن ٽن سون جي وچ تي آهي. راقم جي ڪتبخاني ۾ مخدوم ٺٽويءَ جا 88 ڪتاب محفوظ آهن، جيڪي ڇپيل، فوٽو اسٽيٽ ۽ قلمي صورت ۾ آهن.

مخدوم صاحب جا ڪيئي ڪتاب ضايع ٿي ويل آهن. يا اسان جي اکين کان اوجهل آهن. جيڪي ڪتاب زماني جي انقلابن کان بچيا، تن مان ڪجهه

(2) ”تڪملہ مقالات الشعراء“ (فارسي)، حاشيو ص 52 کان 59
(3) ”بذل القوة“ (عربي)، ڏسو مقدمو ص 11
(4) ”مناقب مخدوم محمد هاشم“ (فارسي قلمي)، ص 2
(1) ”تاريخ ڪلهوڙا“ (اردو) _ جلد 2، ص 993

بمبئي، لاهور، ڪراچي ۽ حيدرآباد مان پئي ڇپيا آهن. يا وري سنڌ جي قومي ۽ ذاتي لائبررين جي زينت بنيل آهن. علامه عبدالعزيز ميمني، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، سرهندي، همايوني، ڳڙهي ياسيني بزرگ، راشدي ۽ جهنڊي وارا پير صاحبان ۽ سنڌ جا ٻيا اهلِ علم ڪتبخانن وارا صاحب- اهي خوش نصيب بزرگ آهن، جن جي ذاتي ڪتبخانن ۾ مخدوم صاحب جون ناياب تصنيفات اڄ به موجود آهن. تازو مخدوم صاحب جا ڪي عربي ڪتاب ڪوئيٽه، افغانستان، اُردن، مصر حلب، بيروت ۽ مڪي ۽ مديني شريف مان به شايع ٿيا آهن.

راقم جو مخدوم صاحب تي تحقيق جي سلسلي ۾ گهڻائي ڀيرا ٺٽي وڃڻ ٿيو. هڪ دفعي منهنجي معلوم ڪرڻ تي ٺٽي جي مفتي ۽ مدرسه عثمانيه مجدديه جي مهتمم مفتي عبدالرحمان ٺٽويءَ مخدوم صاحب جي ڪتبخاني جي باري ۾ ٻڌايو:

> ”ابتدائي حالات جي ته خبر ناهي. گهڻا سال اڳ ٺٽي ۾ زبردست مينهن پيو هو. سڀ ڪو پنهنجيءَ ۾ پورو هو. مخدوم صاحب جي پونير مان عورتن کان سواءِ ٻيو ڪوبه ڪونه هو. ان ڪري عورتون اهي هزارين ڪتاب اتان ڪڍائي محفوظ ڪري سنڀالي نه سگهيون. اهڙيءَ حالت ۾ جهنڊي وارن پيرن مان ڪو پير صاحب اهي ڪتاب ان جاءِ مان ڪيرائي، پاڻ سان اُٺ پرائي کڻي ويو هو. اهڙيءَ طرح مخدوم صاحب جا ڪتاب ٺٽي ۾ محفوظ رهي نه سگهيا.“[1]

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب 60 سال اڳ به ان روايت جي تصديق ڪندي، پنهنجي هڪ مقالي ۾ اهڙي قسم جي وضاحت ڪئي آهي ته مون کي پير ضياءُ الدين جهنڊي واري ٻڌايو هو، ته اسان جي نادر روزگار لائبريري ۾ به مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي ڪتبخاني جو حصو آهي. جيڪي پير رُشد الله شاهه (صاحب العَلم رابع) ”خلافت ڏٺي“ (وفات: 1340هه/1921ع) ٺٽي مان ڪڍائي آيو هو.[2]

بهرحال، ٺٽي يا سنڌ ۾ مخدوم صاحب جي نالي هڪ اهڙو ادارو يا

(1) بروايت مفتي عبدلرحمان ٺٽوي، تاريخ 5 مئي 1984ع
(2) غلام مصطفيٰ قاسمي: ”هاشميہ لائبريري“ (مقالو) _ ماهوار ”نئين زندگي“ ڪراچي سنڌ، جولاءِ 1959ع، ص 16

اڪيڊمي هجي، جنهن ۾ ڪوشش ڪري سنڌ، هند، حرمين شريفين، برٽش ميوزيم لنڊن ۽ ٻين هنڌن تان مخدوم صاحب جي ڪتابن جا عڪس وٺي محفوظ ڪجن، ته محقق ۽ علم جا پياسا اتي ڪَهِي وڃي اهي ڪتاب ڏسن، پڙهن، پُرجهن ۽ تحقيق ڪن ۽ مخدوم صاحب جي علمي پالوٽ مان سيراب ٿين. مخدوم صاحب جا عربي ۽ فارسي ڪتاب ترجمو ۽ ايڊٽ ڪري شايع ڪجن ۽ سندس سنڌي ڪتاب وري جديد نموني ۾ مرتب ڪري، سليس سنڌيءَ ۾ آڻي عام ڪجن، ته جيئن مخدوم صاحب جي علمي ۽ تحقيقي دور جي ديني ۽ شرعي نڪتن کان واقفيت ملي ۽ فائدو عام ٿئي.

هن وقت مخدوم صاحب جي جملي تصنيفات جو احاطو ڪرڻ ته ممڪن ڪونهي، ڇو ته سندس سڀني تصنيفات جو احوال گمناميءَ جي گوشي ۾ ۽ اسان جي اکين کان اوجهل آهي. البت، تحقيق دوران مخدوم صاحب جا جيڪي 88 ڪتاب دستياب ٿي سگهيا آهن. يا انهن 76 ڪتابن جا نالا ڪن تاريخي ڪتابن ۾ محفوظ رهجي ويا آهن. انهن جو اسان اڳتي هلي تفصيلي احوال بيان ڪنداسون.

باب ٻيو

(الف) سنڌي ڪتابن جو جائزو

1. زادُالفقير

تصنيف جو سال: ماه رمضان 1125ھ

ڪاتب جو نالو: شيخ عبدالرحمان بن شيخ عبدالله

ڇپائيءَ جو هنڌ: مجتبائي پريس لاهور، يڪم رجب المرجب 1312هجري

صفحن جو تعداد: 53 صفحا، صفحي جي ڊيگهه 9 انچ، ويڪر 6 انچ، هر صفحي ۾ 17 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 12 لفظ آهن.

موضوع: فقه

متن جي شروعات: بسم الله الرحمان الله الرحيم

ڪرهو حمد حڪيم ڪي ساراهيو سلطان،
رحمت سين رحيم جنهن اُپايو جهان.

خاتمو: مڃڻ وسارا وِهو اپيو منجهه اسلام
کهو ڪلمو صدق سين مٿي محمد جام.

خاتمة الطبع: تمام شد نسخه زادُالفقير، من تصانيف سلطان العلماء مخدوم مرحوم محمد هاشم ٺٽوي رحمه

صورتخطي: ڪتاب جي صورتخطي عربي رسم الخط ۾ آهي. ڪتاب جي تحرير صاف، سهڻي ۽ دلپذير آهي ۽ لفظن کي اعرابون ڏنل آهي.

مجموعي خصوصيات: هيءَ رسالو ٻين ٻن ڪتابن "راحة المومنين" (مخدوم محمد هاشم ٺٽوي) ۽ "مطلوب المومنين" (مخدوم عبدالخالق ٺٽوي) سان گڏ ڇپيل آهي. مخدوم صاحب هن ڪتاب ۾

13 ڪتابن جا حوالا آندا آهن. "زادُالفقير" جو ڇپيل نسخو راقم جي لائبريريءَ ۾ محفوظ آهي ۽ سنڌ جي اڪثر ڪتابخانن ۾ پڻ موجود آهي.

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب سنڌي زبان ۾ ڊزن کان وڌيڪ سنڌي ڪتاب لکيا آهن. اهي سڀ ڪتاب نظم ۾ جوڙيل آهن. جيتوڻيڪ پاڻ عربي ۽ فارسي ٻولين جو وڏو ڄاڻو هو، پر پاڻ پنهنجي مادري سنڌي ٻوليءَ جي اهميت ۽ خدمت سان گڏ عام سنڌ جي ماڻهن لاءِ ديني مسئلن کي سليس ۽ سهنجي نموني ۾ پيش ڪرڻ جي خيال کان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب لکڻ ضروري ڄاتائين.

مخدوم صاحب جي پهرئين تصنيف جي حوالي سان ٻہ ڪتاب اسان جي سامهون آهن: هڪ "زادُالفقير" (سنڌي) ۽ ٻيو "مظهرالانوار" (عربي). هنن ٻنهي ڪتابن تي تصنيف جو ساڳيو سال 1125هه لکيل آهي. اهو معلوم ٿي نہ سگهيو آهي تہ انهن ٻنهي مان اول ڪهڙو ڪتاب تصنيف ٿيو البت، "زادُالفقير" سندس سنڌيءَ ۾ پهريون رسالو آهي، جيڪو رمضان المبارڪ 1125هه ۾ لکيو ويو. ان وقت مخدوم صاحب جي ڄمار 21 ورهيہ هئي. ڪتاب ۾ ڪافي نج قديم سنڌي لفظ ڪتب آندل آهن، جيڪي ان وقت عام مروج هئا. هن وقت اهي اڪثر لفظ لاڙ ۾ تہ مروج آهن، پر لاڙ کان سواءِ ٻئي پاسي گهٽ استعمال ۾ آهن ۽ گهڻو ڪري متروڪ ٿي چڪا آهن. جيئن تہ: مهت= مسجد، ٽوڪ= شيءِ، ڏهلي= ڏکي، ڳيور= ننڍو ٻار، گيهون= ڪٽڪ، مهدا= اڳيان، هڏه = اصلي، مچڻ= متان وغيره.

اهڙيءَ طرح مخدوم صاحب سنڌي الف - بي جي مخصوص حرفن جي هيٺين صورتخطي قائم ڪئي آهي:

قديم		جديد
ٽري	ٽي	
ڊرج	ڊج	
ڪرهو		ڪريو
ٻاج		ٻاجهہ
جهہ		جنهين

ڪهہ		ڪنهين
اَڇان		اَڇاڻ
دُني	دنيا	
ڏُونهہ		ڏانهن
رحمت		رَحمتون
ڏينهہ		ڏينهن
دلجي		دل جون
جيڪ		جيڪي
ميغ	مينگهہ	
نات	نہ تہ	
سئي		ٻڌي
ڪنا		ڪان
ڪين		ڪائڻ
دغاءِ		دغائون
ڪريندس		ڪندس
سُهجي		سهنجي
چندبر		چنڊ
مرَن	مڙن	
مرس		مڙس
هٿا		هٿان
ماڙو		ماڻهو
گٽو	گهڻو	
سجندو		سجهندو
هي		هينئون
ماگ		ماڳ
ڳالي		ڳالهيون
منجهہ		۾
مُن		مون
هنان		هن ڪان

گن — گهٽي

نگئو — نڪتو

مخدوم صاحب جو هيءُ ڪتاب "زادُالفقير" (درويش جو ثمر) سنڌي نظم ۾ جوڙيل آهي، جنهن ۾ اسلام جي ٽئين ۽ اهم رُڪن روزي بابت شرعي سمجهاڻيون ڏنل آهن. جيئن ته روزو درويش جي باب ۾ صبر ۽ توفيق جو سچو پچو ثمر آهي، تنهن ڪري ڪتاب جو نالو ئي مخدوم صاحب رکيو آهي "زادُالفقير" . هيءُ ڪتاب مخدوم صاحب جي ڪلام ۾ تارن منجهه چنڊ مثل آهي. مخدوم صاحب هن رسالي ۾ رمضان المبارڪ جي چنڊ ڏسڻ کان وٺي روزن بابت سڀ مسئلا مختصر ۽ جامع نموني ۾ لکيا آهن. هر هڪ مسئلي کي سهڻي پيرايي ۾ سمجهايو ويو آهي. نموني طور ڪتاب ۾ آيل مواد جا مختصر عنوان لکجن ٿا:

چنڊ ڏسڻ جو حڪم، رمضان جي چنڊ ڏسڻ جي شهادت، عادل جي تعريف، عيد جي چنڊ جي شهادت، مطالع جي اختلاف جو مسئلو، رمضان شريف ۾ سحري کائڻ ۽ نيت ڪرڻ، شڪ جو روزو، سرمي ۽ تيل وجهڻ جو روزي تي اثر نه پوڻ، روزي جي فديي جو مقدار، پاڻيءَ ۾ ٽٻي هڻڻ جو روزي تي اثر ۽ ڪفاري جي ادائگي وغيره.

نظم جو نمونو:

مخدوم صاحب ڪتاب جو نالو ۽ تصنيف جو سال نظم ۾ هن ريت آندو آهي:

ڪتاب

لکئم رسالو روزن جو ڪري محنتا،
ميڙيم مسئلا تن جا ڪري وس وڏا،
"زادُالفقير" سنڌي رکيم تنهنجو ناءُ

نالو

عربي اَجاڻن کي، گهڻي ڏهلي هوءِ،
سنڌي کيم سهڪي، جان سکي سيو ڪوءِ،
ته مائَ مومن تن کي، پڙهي ياد ڪن،
جيڪي آهين ان ۾، سي مسئلا سڪن،

ڪٽي هٽ "هاشم" کي، مائَ ڪڏهن دعا ڪن.

سال

وره جا هجرة کان تنهن ڏينهن ليکيام
تان اڪاره سو پنجيهه هوا ۽ رمضان جا ايام.

(1125هه)

"سنڌ جي ادبي تاريخ" واري صاحب لکيو آهي ته "زادالفقير" جو نظم پختو، ميناج ۽ نزاڪت ڀريو آهي... "زادالفقير" جي ساري نظم ۾ قافيا بلڪل باقاعدي ۽ پختا رکيل آهن. جتي جتي پنجن مصرعن کان زياده مصرعون ڏوهيڙن ۾ رکيل آهن، اتي قافيو عمدي طرح ڪم آيل آهي، مثال طور:

بقا ناه بلاد کي دنيا ناه دوام
اجل ٿو اوتون ڪري ٿي قريب قيام
سمر سنڌي ساٿيا ڪرهو تات تمام
ڏجو داءَ ڏٽي جي آگي ير علام
ڪريو ياد ڪريم کي سنجهي صبح شام
مڃڻ وسارا وهو اپيو منجهه اسلام
ڪهو ڪلمو صدق سين مٺي محمد چام.

مٿئين مثال مان آسانيءَ سان معلوم ڪري سگهجي ٿو ته "زادالفقير" جي نظم جي عبارت نزاڪت ۽ ميناج جي ڪري شاهه ڀٽائيءَ جي ڪلام جون سڪون پئي لاهي.[1]

"زادالفقير" جي فقهي اهميت:

"زادالفقير" اسلام جي ٽئين رُڪن روزي بابت شرعي مسئلن جوهڪ مختصر جامع ۽ مفيد ڪتاب آهي. ان ڪري سنڌ ۾ هن ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت زياده آهي. مصنف ڪتاب ۾ رمضان جي روزن بابت نه رڳو گهڻا مسئلا ۽ فقهي احڪام گڏ ڪيا آهن، پر هر ڪنهن حڪم ۽ مسئلي ۾ مختلف رخن سميت هر هڪ ڳالهه پوري وضاحت سان سمجهائي آهي. جيتوڻيڪ مخدوم صاحب جو روزن جي باري ۾ عربي زبان ۾ هڪ ضخيم ڪتاب "مظهرالانوار"

[1] خانبهادر محمد صديق ميمڻ: "سنڌي جي ادبي تاريخ" _ جلد پهريون، ص 78 کان 80

جي نالي سان لکيل آهي، پر سنڌيءَ ۾ هيءُ ننڍڙو ڪتاب ”زادالفقير“ جڻ ته انهيءَ عربي ڪتاب جو خلاصو ۽ تتُ آهي.

------

2. قوت العاشقين

مخدوم صاحب هيءُ ڪتاب سنہ 1127 هجري ۾ لکيو. سيرة النبي ﷺ جي معجزن واري حوالي سان هيءُ سنڌس پهريون مشهور ڪتاب آهي، جنهن ۾ متن 350 صفحا، مرتب جو مقدمو ۽ سوانح 10 صفحا، جملي 360 صفحا آهن. صفحي جي ڊيگهہ 7 انچ ۽ ويڪر 4 انچ آهي ۽ هر صفحي ۾ سراسري طور 16 کان 17 سٽون ۽ هر سٽ ۾ 7 لفظ آهن.

مخدوم صاحب جو هيءُ دلپذير ڪتاب گهڻو اڳ ۾، بمبئيءَ مان ليٿو ۾ ڇپيو هو، زيرِ نظر نسخو ميان عبدالله لغاريءَ جي ڪوشش سان ”سنڌ مسلم ادبي پرنٽنگ پريس، حيدرآباد“ مان ٽائيپ ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو، جو اصل تصنيف 1127ھ کان 242 سال پوءِ سن 1369ھ/1950ع ۾ شايع ٿيو. انهيءَ ٽائيپ ۾ ڇپيل نسخي کي بہ ستر سالن جو عرصو گذري چڪو آهي. هيءُ ڪتاب نهايت شاندار ۽ عشقِ رسول ﷺ سان ٽمٽار آهي. هن ڪتاب جا قلمي توڙي ڇپيل نسخا، سنڌ جي اڪثر ڪتبخانن ۾ موجود آهن. راقم جي سامهون جيڪو نسخو آهي، اهو محترم ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائيءَ جي لائبرريءَ ۾ موجود آهي. مخدوم صاحب جو اصل هٿ جو لکيل قلمي نسخو ”رحيميه لائبريري- بدين“ ۾ محفوظ آهي. ويجهر ۾ مفتي عبدالرحمان ٺٽويءَ هن ڪتاب کي موجوده صورتخطي نظم ۾ ۽ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ موجوده نثر ۾ آڻي شايع ڪرايو آهي.

مواد جو وچور:

”قوت العاشقين“ ۾ رسول الله ﷺ جن جا فضائل ۽ معجزا ڏنل آهن. هيءُ ڪتاب ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. مخدوم صاحب هن ڪتاب جي شروعات ۾ حضور پاڪ ﷺ جي فضائل ۽ شان ۾ پنهنجو چيل هڪ عربي قصيدو ”قصيده برده“ جي نموني آندو آهي ۽ ان جو سنڌي نظم ۾ ترجمو ۽ تشريح بہ ڪندو ويو آهي. ٻئي حصي ۾ مخدوم صاحب حضور جن ﷺ جا هڪ سئو سٺ معجزا نظم ۾ بيان ڪيا آهن. معجزن جي ترتيب اهڙي نرالي آهي، جو هڪ معجزي ۾ بہ ٽي ٻيا معجزا بہ سمايل آهن. اهڙيءَ ريت جملي 186 معجزا شامل ڪيا ويا آهن.

مخدوم صاحب جي سنڌي ڪتابن مان ”قوت العاشقين“ اسان جي نبي

سڳوري ﷺ جي فضائل جي باب ۾ لکيل آهي. ڪتاب جو شعر عربيءَ ۾ آهي ۽ ان جو سنڌي ترجمو ۽ تشريح عاشقن کي تڙپائيندڙ ۽ دل ۾ ولولو پيدا ڪندڙ آهي. مخدوم صاحب، هن ڪتاب ۾ نهايت وڻندڙ ٻولي استعمال ڪئي آهي. ڏاڍي سڪ ۽ سوز مان آهون ۽ دانهون ڪيون آهن ۽ پرت مان پياري پيغمبر ﷺ کي پڪاريو آهي. ”قوت العاشقين“ مان پهريون ۽ آخري عربي شعر ترجمي سان نموني طور هيٺ ڏجي ٿو:

پهريون شعر

”اغثني يا رسول الله حانت ندامتي،
اغثني يا حبيب الله قيامت قيامتي.“
رسهم يا رسول الله رب جا اجها عاصين
سڀاجها سپين پرين مرڪڻ مرسلن
سونهارا سپين پرين سدا سونهن سين
سڳورا سڀ خلق جا منجهه ٻنهي جهانن
اي سائين سهڻا سپرين پلا ڪان پلن
پلارا پلين پتين ضامن ضعيفن
ڪوڏايل ڪريم جا نرمل نور اکين
ريٻارا رحيم جا ڏوا ڏيهه ڏٺين
ٻاجهائيندڙ ٻهون پرين اتي عاصين.

آخري شعر

”لفضل رسول الله ليس له حصر،
لسان کل فصيح في قيود سامة.“
فضل سنڌي رسول جي نانهن نهايت ڪا
نه ڪو ڇيهه نه پاند ڪو نه تنهن جو آهي اپارا
وسئو واسئو مينهن جيان اٿلي عالم تان
گجي سو گوڙيون ڪري دائم جيئن دريا
سدا تنهن سمونڊ جي ڪنڌي ناهه ڪرا
هاتڪ سڀ حيران ٿيا تنهن ورهن جي وصفا
ڪهيون زبانون تن جون جي وڏا شاعر ۽ علما
منجهه مدح محبوب جي عاجز ٿي اُو بيٺا

تان طاقت ناهه تمام جي قدرت ڪنهين ڪان ڪير
سڳهندو تنهن جون ڪري سائين ري ثنا.

هن ڪتاب جي ٻئي حصي ۾ 186 معجزن جو بيان آهي:

سهسين سچي رسول جا سڻجن معجزا
ڳاڻيٽو نه ليي تن جو نه ڪو شمارا
ليکو ناه لکن ۾ اپر آڳانجها
ڪمين ڪروڙين ناه ڪاپري پدمئا
جيڪي معجزا سنڌي ۾ ميڙي مون لکئا
نه ٽين سؤ ڇهاسي معجزين ليکي شمارا.

مخدوم ٺٽوي لکي ٿو ته حضور ﷺ جن جا معجزا چئن قسمن جا آهن:

ڪي آڳاٽا جمڻ ڪنا، ڪي ڄاپڻ پڇاٽا،
ڪي هئا بعد رسالت جي، ڪي بعد وفاتا.

معجزن جو تفصيل هن ريت درج آهي:

قسم پهريون: ڇهه معجزا
قسم ٻيو: ارڙهن معجزا
قسم ٽيون: هڪ سئو چويهه معجزا
قسم چوٿون: ڏهه معجزا

اهي ڪل 160 معجزا ٿيا. انهن معجزن ۾ ضمناً ٻيا معجزا به آيل آهن، جيڪي جملي 186 معجزا ٿين ٿا. انهن معجزن جو احوال جن ڪتابن تان ورتل آهي، تن ۾ مشڪواة، مواهب اللدنيه، سيرت گاذروني، الشفاء قاضي عياض، سيرت شامي، روضة الصفا ۽ سيرت حلبي وغيره جا نالا قابلِ ذڪر آهن.

مخدوم صاحب، هن ڪتاب ۾ ڏاڍي ٻاجهاري ٻولي استعمال ڪئي آهي. لفظن جي جڙاوت، سرحرفي ۽ سهڻائيءَ ۾، هڪ ست ٻيءَ ست کان خوبصورت ۽ پُرڪشش آهي. جڻ ته لفظ مخدوم صاحب جي آڏو ٻانهون ٻڌيو بيٺا آهن ۽ پاڻ انهن کي چونڊي چونڊي، سوڌي سنواري ۽ سهيڙي سينگاري شعر ۾ جڙيندو ويو آهي، مثال طور:

مهڙ مڙني مرسلين مشفق مجتبيٰ
لال لاکيڻون لکڻين، نبي نور هديٰ

سڄڻ صورت سوهڻو سرهو سينئا
ماڻڪ موتين هار جيئن مُنهن ۾ محمدا
پاپوهيندي پڌرا جوهر ڪن جلوا
ڪڙن ڪنٺهار تا ڪر مرڪندي مهندا
شرم ٿئي شمس کي پسئو پرينءَ پڙاءَ
جوت نہ ذري جيتري کي چنڊ چوڏهينءَ ماه
ڏسي منهن محبوب جو تارا شرمئا
سج چنڊائي سهڻو خاصو خير وريُ.

هن ڪتاب جي باري ۾ خانهادر محمد صديق ميمڻ پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو:

"حضرت مخدوم صاحب جي سنڌي ڪتابن مان 'قوت العاشقين' اسان جي نبي ڪريم ﷺ جي فضائل جي باب ۾ لکيل آهي. ڪتاب جو شعر رسول الله ﷺ جي عاشق کي تڙپائيندڙ ۽ ولولو پيدا ڪندڙ آهي. هي ڪتاب ڪيترا دفعا ليٿو ۾ ڇپجي چڪو آهي، پر هن وقت ليٿو ڇاپو پڙهڻ ۾ آسان نہ آهي. تنهن ڪري هاڻوڪي صورتخطيءَ ۾ ٽائيپ ۾ ڇپايو ويو تہ جيئن اسڪولن ۽ ڪاليجن جا شاگرد ۽ ٻيا رسول الله ﷺ جا عاشق ان مان فيض پرائي، نبي ڪريم ﷺ جا متوالا ٿي پون. ڪتاب جو صحيح نسخو هٿ ڪري، تحقيقات سان ڇپايو ويو آهي." [1]

------

(1) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: "قوت العاشقين"، مرتب: محمد صديق ميمڻ، ڏسو مهاڳ، ص 1 ۽ 2

3. راحة المؤمنين

مخدوم صاحب، "قوت العاشقين" کان پوءِ سن 1130ھ ۾ هيءُ ڪتاب سنڌي ۾ لکيو. جيڪو 182 سال پوءِ سن 1312ھ ۾ مولوي محمد عثمان پراڻيءَ سنڌيءَ ۾ مجتبائي پريس لاهور مان شايع ڪيو.

هن ڪتاب ۾ 56 صفحا آهن. صفحي جي ڊيگهہ نو انچ ۽ ويڪر ڇهہ انچ آهي. هر صفحي ۾ 17 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 12 لفظ آهن. هيءُ رسالو "زادُالفقير" سان گڏ هڪ ئي جلد ۾ ڇپيل آهي.

هيءُ ڪتاب سنڌي نظم ۾ "ذبح ۽ شڪار" جي مسئلن بابت لکيل آهي. جانور کي حلال ۽ ذبح ڪرڻ ۽ شڪار ڪرڻ جي باري ۾ ڪوبہ اهم ۽ ضروري مسئلو ڪونهي، جو هن ننڍڙي رسالي ۾ آيل نہ هجي. گويا مخدوم صاحب درياءَ کي ڪوزي ۾ بند ڪيو آهي. جيتوڻيڪ مخدوم صاحب عربيءَ ۾ "فاڪهة البُستان" نالي ذبح ۽ شڪار بابت جامع ڪتاب جوڙيو آهي، پر هيءُ سنڌي ٻوليءَ ۾ ان ڪتاب جو نچوڙ سمجهڻ گهرجي. هن ڪتاب ۾ مخدوم صاحب 25 ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن. هن ڪتاب جا مطبوع نسخا سنڌ جي اڪثر ڪتبخانن ۾ موجود آهن.

مواد جو وڇور:

مخدوم صاحب، هيءُ رسالو انهيءَ ڪري لکيو تہ جيئن مسلمان حلال ۽ حرام شين جو باهمي فرق پروڙين ۽ حلال شين جو صحيح استعمال ڪن. شرع جي مقرر ڪيل طور طريقي تي حلال ڪيل شين کي ڪم آڻين ۽ حرام کان بچن. مخدوم صاحب پنهنجي هن ڪتاب جي "تمهيد" ۾ لکي ٿو:

هينئڙي منجهہ حقير جي اڇي وهم پيو
ماٺهو مسئلا ذبح ۽ شڪار جا پُڇن گهڻيرو
ڪي لکجي تن منجهان گهڻو جي ٿورو

مخدوم صاحب اهو ڄاڻو ٿي تہ: "عربي آهي اهڪي اٻوجهن اپار" انهيءَ ڳالهہ جو ڪيس بخوبيءَ احساس هو، تنهنڪري هيءُ ضروري مسئلا سنڌيءَ ۾ آندائين.

"راحة المؤمنين" ۾ جانور کي ذبح ڪرڻ جا سڀ مسئلا، حلال ۽ حرام

جانور ۽ پکي ۽ مڇيءَ جي بيان سان گڏ، شڪار متعلق حلال جانورن ۽ پکين جو بيان تمام تحقيقي پيرائي ۾ آندو ويو آهي. ڪتاب ۾ ٻه باب آهن، پهريون ذبح جي باري ۾ ۽ ٻيو شڪار جي باري ۾.

پهريون باب: ذبح جي شروعات ۾ آهي ته حلال جانور کي ڪُهڻ ۽ حلال ڪرڻ جي باري ۾ جانور ڪُهندڙ کان قيامت ۾ عذاب يا پڇاڻو نه ٿيندو. مخدوم صاحب ان باري قرآن پاڪ ۽ حديث مان دليل ڏيندي لکي ٿو:

"جاڻڻ گهرجي ته شريعت محمدي مطابق حلال جانور کي ڪُهڻ جائز آهي. جيئن خود الله تعاليٰ جو ارشاد آهي: "خَلَقَ لَكُم مَّا فِى الْأَرْضِ جَمِيْعًا" (پارو 1، سورة البقره، آيت 29) يعني - جو ڪجهه زمين ۾ آهي، سو سڀ اوهان لاءِ پيدا ڪيو. حضور پاڪ ﷺ جن پاڻ حج جي موقعي يا عيد قربان جي ڏينهن ۾ جانورن جي قرباني ڪئي آهي. البت ضرورت کان سواءِ يا رونشي خاطر جانور کي نه ڪُهڻ گهرجي ۽ ائين ڪرڻ مڪروه آهي."

"ذبح" ڇا کي چئجي؟ جانور ڪُهڻ جي طريقہ ڪار جي وضاحت هن ريت آيل آهي. ذبح جا ٻہ قسم آهن: هڪ ذبح اختياري ۽ ٻيو ذبح ضرورت.

"ذبح اختياري" جي معنيٰ آهي حلال جانور کي پنهنجي وس يا پنهنجي مرضي مطابق ڪُهڻ يا ذبح ڪرڻ،اهو تڏهن جائز آهي جڏهن حلال جانور کي ذبح ڪرڻ وارو شخص الله پاڪ جو نالو وٺي ذبح ڪري، يعني "بسم الله، الله اڪبر" چئي ذبح ڪري. جانور جو منهن قبلي طرف رکڻ گهرجي. ذبح ڪرڻ وقت ڪاتي يا ڇُري تمام تيز ڪري، پوءِ ذبح ڪري. جانور جي نڙيءَ جون چارئي رڳون ڪپجي وڃن. اهي چار رڳون هيءَ آهن:

1. نڙگهٽ، جنهن مان جانور ساهه کڻي ٿو.
2. ڦوڪٽي، جنهن مان جانور گاهه ۽ پاڻي کائي ۽ پيئي ٿو.

3 ۽ 4. ٻہ اهي رڳون، جيڪي نڙگهٽ جي ٻنهي پاسن کان ڪنن جي هيٺان آهن، جن ۾ رت جو دورو هلندو رهي ٿو.

مخدوم صاحب ذبح يا ڪُهڻ جي ان سمجهاڻيءَ کان پوءِ ذبح يا ڪُهڻ جا چوڏهن شرط تمام تفصيل سان بيان ڪيا آهن.

"ذبح اختياريءَ" کان پوءِ "ذبح ضرورت" جو بيان آهي. "ذبح ضرورت" اهڙي قسم جي ذبح جو نالو آهي، جو جيڪڏهن ڪُهندڙ شخص جانور تي قادر

ٿي نہ ٿو سگهي، تہ پوءِ بسم الله چئي، ڪنهن تکي اوزار سان جانور کي اهڙو زخم ڪرڻ گهرجي، جنهن سان جانور مان رت وهي نڪري. "ذبح ضرورت" جا ڇهہ قسم آهن.

"ذبح ضرورت" کان پوءِ حلال ۽ حرام جانورن جو بيان آهي. زمين تي جانور ٽن قسمن جا پيدا ٿيل آهن: (الف) چوپايا جانور (ب) پکي (ج) زمين تي سُرندڙ جيت.

ان بعد مخدوم صاحب اهو بحث ڪيو آهي، تہ ڪهڙا جانور يا پکي حلال يا حرام يا مڪروه آهن. اهڙيءَ ريت مڇي يا پاڻيءَ ۾ رهندڙ ٻين جانورن ۽ مڪڙن جو بيان بہ آندو ويو آهي. آخر ۾ انهن ڏهن جانورن جو ذڪر آهي، جن جو گوشت پاڻ حضور ﷺ جن ڪاڌو آهي. اهي جانور هي آهن:

ڏهہ وهٽ لکيائون اهڙا صحي سي سٽجن
اُٺ، ٻڪري ۽ ڏڳي چوٿون سهو چون،
پنجين ڪڪڙ، ڇهون تغدري چو منجهان پکيڙن
ستون گوشت گورخر جو، اٺون سندو مڇين
ڪن ڪتابن ۾ پچار هي آهي
تہ ڪاڌو گوشت سرخاب جو پڻ سيد سونهاري
مڪڙن جي ماهہ ۾ پڻ روايت آهي
پورا ڏهہ حيوان ٿيا ان روايت ڪري.

باب ٻيو: شڪار جي باري ۾ آهي. شڪار مسلمان مومن جي لاءِ شرعاً روا ۽ جائز آهي. مخدوم صاحب وضاحت ڪندي لکي ٿو:

لکن ڪتابن ۾ نرتي ئي پچار
تہ آهي درست مؤمنن کي ڪرڻ سندو شڪار
"واذا حللتم فاصطادوا" فرمايو جبار
موڪل ڏني تنهن جي پڻ محمد مختار
پر ڪيو شڪار پاڻ نہ ڪڏهن سرور سڀ ڄمار
مگر اِذنُ ڏنائون انجو کي صحي صحابن
تيلاهہ مباح ٿيو منجهہ مڙن مذهبن
پر قصد قوت حلال جو ور شڪاري ڪن
ڪ ڪري نيت ڪنهن نفعي جي وڃي شڪار وٺن

جي نيت ڪيائين راند جي تہ ڪراھت ڪھن.

شڪار جا ٻہ قسم آهن: هڪ شڪاري جانورن سان ۽ ٻيو تيز تکن اوزارن سان. ذبح وانگر شڪار جا بہ چوڏهن شرط بيان ڪيا ويا آهن.

نظم جو نمونو:

”راحة المومنين“ وارو نظم بناوت، ميناج ۽ نزاڪت ۾ هوبهو (مخدوم صاحب جي ڪتاب) ”زادُالفقير“ جهڙو آهي. هن ۾ بہ ڪي ڏوهيڙا ٻن مصرعن وارا ۽ ڪي ٽن مصرعن وارا آهن ۽ ڪي وڏيڪ مصرعن وارا آهن ۽ قافيہ جي پختگي ۽ صنعتن جو سينگار بہ اهڙو ئي رکيل آهي.[1]

هن رسالي جو نظم سهڻو، پختو ۽ وڻندڙ آهي. مخدوم محمد هاشم جو هيءُ ادبي ڪارنامو ڪلهوڙن جي درو ۾ لکيل ”سنڌين“ ۾ خاص اهميت وارو آهي.[2]

”راحة المؤمنين“ جي فقهي اهميت:

مخدوم صاحب جي دور ۾ اڪثر آبادي زراعت پيشہ هئي، پر تڏهن بہ سنڌ ۾ ڪيترن پاڳن ۾ ”شڪار“ عام ماڻهن جي کاڌ خوراڪ جو هڪ اهم ذريعو هو، بلڪ گهڻن ماڻهن جو ڌنڌو پڻ هو. ان سان گڏ حلال رزق جهڙي اهم مقصد کي سمجهائڻ بہ ضروري هو، تہ جيئن ماڻهو حرام کان بچن ۽ حلال روزي ڪمائي ڪائن.

جانورن جي ذبح ۽ شڪار جي مسئلن بابت عام ماڻهوءَ کي معلومات جي گهڻي ضرورت پوي ٿي. ان ڪري مخدوم ٺٽويءَ عام ماڻهن جي ڀلائيءَ خاطر سندن روزمره جي زندگيءَ جي هن ضروري پهلوءَ متعلق محنت ڪري مسئلا گڏ ڪيا، تہ جيئن هڪ مسلمان ناجائز خوراڪ کان بچي سگهي.

ڪتاب ۽ مواد جي اهميت جي پيش نظر راقم هن ڪتاب کي جهوني سنڌي مان جديد سنڌي صورتخطي ۾ آندو آهي. هي ڪتاب ٻوليءَ جي حوالي سان اصل پراڻي ۽ جديد سنڌي صورتخطي سان گڏ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد سال 2009ع ۾ ڇپرايو آهي.

------

[1] ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ جلد پهريون، ص 89

[2] ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: ”سنڌيون“، ص 64، 65

4. سايھ نامھ

هيءُ ٻہ - ورقي سنڌي رسالو، سنڌ ۾ منجهند جو اصلي پاڇي پروڙڻ بابت مخدوم صاحب غالباً سن 1133ھ ڌاري لکيو. هيءُ رسالو گويا سندس ساڳئي موضوع تي فارسيءَ ۾ لکيل ڪتاب ”رشف الزلال في تحقيق فيءَ الزوال“ 1133ھ/1721ع جو نچوڙ آهي.

مخدوم صاحب جو هيءُ مختصر رسالو پراڻي سنڌيءَ ۾ نماز بابت لکيل مشهور ڪتاب ”مفتاح الصلواة“ جي آخر ۾ ضميمي طور صفحي 364 کان شامل آهي. ”مفتاح الصلواة“ مطبع هري بالنگو- بمبئيءَ ۾ سن 1289ھ ۾ ڇپيو. انهيءَ لحاظ کان ”سايہ نامہ“ کي بہ شايع ٿئي ڏيڍ سؤ سال گذري چُڪا آهن.

تحقيق دوران عزيز دوست بشير احمد هيسباڻيءَ جي معرفت ”سايہ نامہ“ جو هڪ قلمي نسخو ”قاسميہ لائبريري“ ڪنڊياري مان دستياب ٿيو، جيڪو ڇئن صفحن تي مشتمل آهي. هن رسالي جا اکر وچولي قلم سان تمام سهڻا عربي طرز جا آهن. البت، ڪاتب جو نالو ۽ ڪتابت جو سن وغيره ندارد. ڇپيل خواه قلمي مواد هوبهو ساڳيو آهي. اهڙيءَ طرح، جيتوڻيڪ فارسي رسالي ”رشف الزلال“ جي آخر ۾ اهي بيت پڻ آيل آهن، پر ”سايہ نامہ“ جا ڇپيل ۽ قلمي نسخا الڳ بہ موجود آهن، ان ڪري هن رسالي جي اهميت نرالي ۽ هڪ علحده سڃاڻپ آهي.

ڇپيل رسالي جي شروعات هن عنوان ۽ لفظن سان ڪيل آهن:

”بيان سايي اصلي جو، سنڌي زبان ۾، تصنيف سيد العلماء جناب مخدوم محمد هاشم جي، رحمت ڪريس خدا.“ [1]

سنڌ جو عظيم محقق، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب ”سايہ نامہ“ جي سنڌي بيتن جي اهميت جي باري ۾ لکي ٿو:

”مخدوم صاحب جيتوڻيڪ پنهنجي ڪيل تجربي جي نتيجن کي پهريائين فارسيءَ ۾ لکيو، مگر ساڳئي وقت انهن کي سنڌيءَ ۾

[1] عبدالصمد نورنگزاده: ”مفتاح الصلواة سنڌي“، مطبع بمبئي، ص 364، آخري صفحا.

(سايه نامه) نالي پڻ منظوم ڪيائين. سندس مٿيون منظوميو سن 1133هه/1721ع جو جوڙيل آهي، جڏهن شاهه عبداللطيف جي عمر ايڪٽيهه سال ڪن هئي. انهيءَ ڪري هيءُ منظوميو به سنڌي لغت ۽ بيان جي لحاظ سان خاص اهميت رکي ٿو.“ [1]

اصلي پاڇي بابت هيءُ سڄو مواد چاليهه منظوم سنڌي سٽن ۾ سمايل آهي. هتي ”سايه نامه“ جو مڪمل متن ملاحظي لاءِ ڏجي ٿو ته محفوظ رهي:

سايو اصلي ملڪ سنڌ جو سڻهو مومنا
لکي ڪريان پڌرو ڪارڻ رب رضا
ڪيم محنت تنهه تي چوئيهه ماه سڄا
اڌ اڌ مهيني جا سڀ ڪهين لکان پير جدا
وره وهي وهاءِ ڪنا، ڪريان شروع ٿيئا
پهرئين اڌ ۾ وهاء جي اڍائي پير ٽين
پوئين اڌ ۾ ٻه ٿيئا، سٺي ياد ڪجن.
پهرئين اڌ ڪي چيٽ جي ڏيڍ پير ڏٻو
پوبين اڌ ڪي تنهه جي قدم هيڪڙو
اڌ ۾ پهرئين آراڙ جي اڌ پير پسجي
تها پوءِ اچي سڄ برابر ٿيي پاڇو ڪين رهي
نڪي پوبين اڌ ۾ آراڙ جي، نه ساوڻ سڀ سُڄي
جو ساوڻ لنگهي هليو ٿو وري سو وڌي
اڌ پسجي پير جو پنره ڏينهه بدري
پويان پنره تنهه جا سڄو پير ٿيئي
آسو پهري اڌ ڏيڍ ٿئي، پوبين ٻه پورا
ڪتي پنره پهرا پيرٽري، پويان چار هئا
پنج پهري اڌ نهاري جي، ساڍا پنج پُئا
ڇه پير پهري اڌ پوه جي، پوئين ڇه ساڍا
پهري اڌ ۾ ماهه جي پوراست ٿيئا
مُور نه وڌي سنڌ ۾ سايو ستنئا

---

[1] ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ“، ص 465

وري موٽي واڌ ڪنا اچي ان ماڳا
ڦري ساڍا ڇه ٿيئا پوبين اڌ ماها
ڇه پير پهري اڌ ڦڳڻ جي، پوءِ ساڍا پنج ٿئي
ساڍا چار پهري پنرهين چيٽ جي، پوئين ساڍا ٽي
پاڇا ٻارهن ماهن جا اچي پنا اي
پر پون مِڙئي اتر پار ڏانهه ، ڏکڻ ڪونه پوي
سڪي سي ياد ڪرهو ته آن ڪي رب تسي
پر آن توڪي چانءَ ڳال جا، سٽيج سا ساري
ته جني ساڍا اٺ پير لڪئا پوه ڪين ماه مي
او ڪم نه ايندي ڳالڙي موران سنڌين ڪي
سنڌ ۾ ستن پيرنئون پاڇو ڪين وڌي
مگر ڪهين ٻئي ملڪ سين جيڪر هوند جڙي
سايو سيني ملڪن ۾ تفاوت ڪري
پڻ جني ڏنو ساوڻ ڪي ڏيڍ پير سڄو
او نه جڙندو سنڌ سين چو ڪاري ڏسو
سنڌ منجهه ساوڻ ماه ۾ پاڇو مور نه پوءِ
مگر قدر ٻن ٽن آڱرين جي، جنه اعتبار نه ڪوءِ
سٽي دين شريعت ڪي سڪي ياد ڪرهو
ويندا سي ايمان سين ڪلمو جن چيو.

------

5. بناء الاسلام

”بناء الاسلام“ صحيح عقائد جي سلسلي ۾، مخدوم صاحب جو مشهور ڪتاب آهي. هيءُ ڪتاب 5 ذوالحج 1143هجري تي تصنيف ٿيو ۽ ان جا مختلف ڇاپا بمبئيءَ ۽ سنڌ مان شايع ٿيل آهن.

”بناء الاسلام“ جو متن 264 صفحا، ديباچو ۽ فهرست 16 صفحا، جملي 280 صفحا آهن. صفحي جي ڊيگهه ست انچ ۽ ويڪر چار انچ آهي. هر صفحي ۾ 19 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور ڇهه - ست لفظ آهن.

”بناء الاسلام“ هڪ اهڙو جامع ڪتاب آهي، جنهن ۾ عقائد متعلق سڀ ديني مسئلا درج ٿيل آهن. گويا هيءُ سنڌي ڪتاب، مخدوم صاحب جي عربي ڪتاب ”فرائض الاسلام“ جو نچوڙ آهي ۽ ديني معلومات جو خزانو آهي. مخدوم صاحب هن ڪتاب ۾ اعتقاد بابت ڪوبه مسئلو ۽ پهلو تشنهءِ طلب نه ڇڏيو آهي.

راقم جي لائبريريءَ ۾ ”بناء الاسلام“ جا ٽي نسخا موجود آهن:

1. سن 1312هه جو ڇاپو، ڪاتب شيخ عبدالرحمان، ڇپائيندڙ قاضي عبدالڪريم. هن نسخي جا پهريان 6 صفحا ڦاٽل آهن. سئو سال پراڻو ڇاپو آهي. راقم کي استاد ڀائي محترم دوست مولوي تاج محمد گاڏهي، ساڪن وارهه ضلعي لاڙڪاڻي کان مليو.

2. فقير محمد اسماعيل ڪنڀار جو مرتب ڪيل. ڇپائيندڙ حاجي عبدالحسين وينجهر ٺٽويءَ ڪراچيءَ مان سن 1975ع ۾ ڇپائي مفت ۾ ورهايو.

3. ماستر محمد يوسف ”شاڪر“ ابڙي نصرپوريءَ جو عام مروج صورتخطيءَ ۾ مرتب ڪيل، مقدمي سان گڏ ڇپايل، ڪرائون سائيز، ٽيون ڇاپو - 1971ع.

”بناء الاسلام“ جا قلمي ۽ ڇاپي نسخا هر هنڌ موجود آهن.

مواد جو وچور:

”بناء الاسلام“ ۾ مقدمو، ٻه باب ۽ خاتمو آهي. مخدوم صاحب مقدمي ۾ ڪتاب لکڻ جو مقصد ۽ ضرورت بيان ڪندي لکي ٿو:

هاڻي سڻو مؤمنو هنئين جي ڪنن

سڪڻ مسئلا دين جا لازم مٿي تن
عاقل بالغ جي ٿيا ڪلمو جي ڪهن
فرض سڪڻ فرض جو واجب واجبن
سنت سڪڻ سنتن جو چيو عالمن
تات مؤمن تن ڪي ساري ور سکن
پر وڏو امر چيائون پهريون منجهه مڙني امورن
جيئن سکجن عقائد اسلام جا سي سکي ياد ڪجن
جن سان درست ٿئي ايمان [سندو] مؤمنن.

”بناء الاسلام“ جو مواد ٻن ڏگهن بابن ۽ خاتمي تي مشتمل آهي.

پهرئين باب ۾ ايمان مفصل، ست صفتون ايمان جون تفصيل سان بيان ٿيل آهن ۽ ان سان متعلق مسئلا درج آهن.

ٻئي باب ۾ ايمان جي ستن صفتن کان سواءِ ٻيا مسئلا بيان ٿيل آهن، جن مسئلن جو به عقائد سان تعلق آهي.

خاتمي ۾ ايمان مجمل جا مختصر مسئلا ۽ ڪلمي طيب ۽ شهادت جي معنيٰ سمجهايل آهي.

نظم جو نمونو ۽ ٻولي:

مخدوم صاحب جي سڀ کان (سنڌيءَ ۾)مشهور تصنيف ”بناء الاسلام“ آهي، جنهن ۾ اسلامي عقيدن کي تفصيل سان لکيو ويو آهي... هيءُ ڪتاب اهڙيءَ ريت نظم ۾ پيش ڪيو ويو آهي، جنهن مان مخدوم صاحب جي موزون طبيعت جو سچو زور اسلامي تبليغ ۾ صرف ڪيو آهي، جنهن ۾ ڪيس ڪافي لياقتون موجود آهن. مذهبي مسئلن کي نهايت سادي ۽ عام فهم زبان ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس... اسان هن چوڻ لاءِ مجبور ٿيون ٿا ته سنڌي شاعريءَ جي هن صنف ۾ سندس ڪلام بلند مقام رکي ٿو.[1]

مخدوم صاحب ”بناء الاسلام“ ۾ هوبهو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جهڙي ٻولي ڪم آندي آهي، مثال طور:

شاهه ڀٽائي:

(1) لطف الله بدوي: ”تذڪره لطفي“ _ جلد پهريون، ص 50_648

چڱا کن چڱائيون، مڻايون مڻن،
جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سوئي کن.

مخدوم صاحب:

ڪچا کن ڪچايون ۽ پلايون پلا،
جو وڙ جڙي جن کي، سو وڙ سي ڪندا.

شاهه صاحب لاکي ۽ اوڏن جو ذکر سُر ڏهر ۾ ڪيو آهي:

لاکي لڄ ڪنئي، اسان اوڏڙين جي،
يا
لاکا لڄ سندياءِ، اوڏ اگلي آهيان.

مخدوم صاحب به باوجود هن خالص ديني تصنيف ۾ به حضرت شاهه صاحب وانگر لاکي ۽ اوڏن جو ذکر تشبيهه طور استعمال ڪيو آهي.

مخدوم صاحب ڪتاب جي پڇاڙي ڪندي عرض گذار ٿيو آهي، ته هن ڪتاب ۾ جيڪڏهن ڪا غلطي يا خطا ٿي هجي، ته جيئن لاکو، اوڏن جون اگلايون ڍڪيندو هو، تيئن توهان به لاکي جهڙو اعليٰ اخلاقي ثبوت ڏئي، سهو خطا معاف ڪجو:

پڻ صحيح ٿو سوال ڪريان، مؤمنن مهندا
ته جيڪو پسي منجهه هن نسخي غلط سهو خطا
ته ور ساري صحيح ڪري پنهنجي پلاٿيا
ناقص جي نقصان ڏانهن ڪري نهار نه ڪا
’لاکو‘ نه ليکي مورهين اہوجهه ’اوڏن ‘ جا

لاکي ۽ اوڏن جي مثال ڏيڻ سان مخدوم صاحب جو هيءُ خالص ديني ڪتاب به گويا ادبي ڪتاب جون سِڪون ٿو لاهي.

مخدوم صاحب ”ڪتاب جو نالو“ هن ريت آندو آهي:

هاڻي رسالو عقائد جو اڇي تمام ٿيو
”بناء الاسلام“ سنڌي مون نالو تنهن رکيو

تصنيف جو سال

جڏهن اچي تمام ٿئو ناقص جو نسخو
تڏهن مهينو ذوالحج جو پنجين تاريخو

اکاره سوءِ ٽريتاليهه وره هوءِ سو (1143هه)
ڪنا هجرت نبي ڪريم جي، جو آجهو عالم جو.

مصنف

”هاشم“ پٽ عبدالغفور جو منگي تو ملا
ته مون جهڙي ڏوهاري سين ڪرم ڪر پنهنجا

بهرحال، عقائد جي سلسلي ۾ ”بناء الاسلام“ هڪ جامع ڪتاب آهي، جنهن ۾ مخدوم صاحب 42 وڏن وڏن ڪتابن جي حوالي سان تمام تحقيقي ۽ جهجهي معلومات ڏني آهي ۽ ان جو اندازو اصل ڪتاب پڙهڻ مان ئي لڳائي سگهجي ٿو.

راقم هن منظوم ڪتاب کي موجوده سليس سنڌي نثر ۾ آندو آهي ۽ مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور سال 2006ع ۾ شايع ڪيو آهي.

مخدوم ٺٽويءَ جي هن منظوم سنڌي ڪتاب ”بناءُ الاسلام“ جو فارسي ترجمو مخدوم محمد عاقل بن محمد حسين لکعلوي، ساڪن هالاڻي 23 جمادي الاوليٰ 233هجري ۾ ڪيو هو، اهو مسودو 134 صفحا آهي، ان جو قلمي نسخو مدرسه دارالرشاد کيڙ لکمير تعلقي سکرنڊ ۾ آهي، راقم وٽ ان فارسي ترجمي جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي آهي.

------

6. تفسير هاشمي

علم تفسير جي حوالي سان، مخدوم صاحب سنڌ جو پهريون مفسر آهي، جنهن فقهي مسائل سان گڏ قرآن شريف جو ترجمو ۽ مفهوم سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ لاءِ، ان وقت جي مروج سنڌي ٻوليءَ ۾ ٽيهين پاري "عمَّ" جو تفسير لکيو ۽ عام ماڻهن ۾ قرآن فهميءَ جو شعور پيدا ڪيو. ان ڏس ۾ "تفسير هاشمي" (سنڌي) سندس هڪ عظيم ڪارنامو آهي. هن ڪتاب ۾ تفسير جو متن 504 صفحا، فهرست، مقدمو، لفظن جي معنيٰ ۽ پلنامو 50 صفحا، جملي 554 صفحا آهن ۽ ڊيمي سائيز ۾ ڇپيل آهي.

هيءُ ڪتاب مخدوم صاحب پنهنجي وفات کان 12 سال اڳ ۾، 17 شعبان المعظم سن 1162هه ۾ لکيو ۽ 169 سالن کان پوءِ سن 1330هه ۾ پهريون ڀيرو ميان محمد يعقوب جي ڪتابت سان، مطبع ڪريمي - بمبئيءَ مان ڇپيو. سنڌي ادبي بورڊ وارو موجوده نئون ڇاپو، انهيءَ بمبئيءَ واري ڇاپي کان 78 سال پوءِ سن 1987ع ۾ شايع ٿيو آهي، جو پڻ بمبئي واري ڇاپي جو هوبهو عڪس آهي. سنڌي ادبي بورڊ وارو اهو ڇاپو، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي مرتب ڪري شايع ڪرايو آهي.

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب هن تفسير جي ابتدا حمد سان ڪئي آهي:

سڀ ساراهون رب ڪي جو خاوند خلقڻهار
سڀاجهو سڀين پرين ڏڏن جو ڏاتار

"تفسير هاشمي" سنڌيءَ ۾ لکڻ جو سبب بيان ڪندي، مخدوم صاحب اهو واضح ڪندي لکي ٿو ته مون قرآن مجيد جي آخري سيپاري جو ترجمو ۽ تفسير اڳ ۾ ڇو ڪيو آهي:

پر پوئين سيپاري ڏانهن تنهنجي گهڻو احتياج آهه
سڀ ڪو پڙهيس نماز ۾ سهڪائي سڀبا
سورون تنهنجون ۽ آيتون آهن مختصر ٻينئا
نندو وڏو تنهن ڪي پڙهي ڪوڙ منجها

پر معنيٰ پروڙڻ تنهنجي اهڪي ابوجهن لاءِ
تڏهن سنڌي ڪيم سهڪي ڪيڏي عربيا
ته ماڻ پروڙين معنيٰ تنهنجي مؤمن مرهاتا
رسن تنهنجي فهم ڪي مهر سين مولئ
ماڻ ڪرين ڪڏهن هن عاجز ڪاڻ دعا
ڪ پڙهن تنهنجي حق ۾ ڪڏهن فاتحا.

هن تفسير جو اهو نالو، مخدوم صاحب پنهنجي نالي جي نسبت سان هن ريت بيان ڪيو آهي:

نالو تفسير "هاشميه" رکئم ته ڪا،
سائينم ستر ڪري تن فضل پنهنجي سان.

هن تفسير ۾ هر سورة جو پهريائين شان نزول ۽ ان سورة سان تعلق رکندڙ سيئي علمي نڪتا ڏاڍي تحقيقي ۽ علمي انداز سان بيان ڪيا ويا آهن. تفسير ڪندي مخدوم صاحب هيءُ تحقيقي اصول سامهون رکيو آهي ته قرآن جو تفسير قرآن سان، ان کان پوءِ رسول الله ﷺ جي صحيح حديثن سان ۽ ان سان گڏ علم ڪلام ۽ فقه جي مشهور ڪتابن مان به جاءِ بجا حوالا آندا ويا آهن، تنهن ڪري هيءُ تفسير علمي معيار ۽ تحقيق جو ڀنڊار بنجي پيو آهي.

جيئن ته اڄ کان اڍائي ٽي سؤ سال اڳ ۾ ڇاپي جي سهولت نه هئڻ ڪري نئور نچوئي، وڏي محنت ڪري، هٿ سان قلمي ڪتاب لکيا ويندا هئا، پر تنهن هوندي به اهو مخدوم صاحب جي علمي عظمت جو ڪمال آهي، جو قرآن حڪيم جي هن هڪڙي سيپاري جو تفسير ڪندي به تفسير، حديث، ڪلام، فقه، سيرت ۽ تصوف جي 48 ڪتابن جا حوالا آندا اٿائين.

مخدوم صاحب رڳو ڪتابي حوالا نه ڏنا آهن، پر هن تحقيقي دعويٰ لاءِ تحقيقي انداز سان تفسيرن ۽ حديثن جو حوالو ڏيندي چوي ٿو ته ڀلي هنن ڪتابن مان اهو حوالو يا حديث ڪڍي، پيٽي ڏسو پاڻ لکي ٿو:

پڻ آهي سونهاري حديث ۾ اهڙي پچارا
تفسير "معالم" ۽ "شرح صدور" ۾ سا ڪڍي نهارجا
سي مون لکي تفسير عربي ۾ ڪئا هيڪاندا
جيڪو ڪڍي نهاري ان ڪي ته ٿين سڀ پڌرا

مخدوم صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ آندل ماخذن جا حوالا هن انداز سان

نظم ۾ آندا آهن:

پڻ آهي تفسير "بحر المعاني" ۾ اهڙي پچارا
"بخاري" ۽ "مسلم" ۽ "مشڪواة" ۾ ئي حديث آٽي تو
پڻ حضرت شيخ جيلاني فرمايو منجهه "غنيي" ڪتابا

مخدوم صاحب تفسير ڪندي حديثن جي اسناد ۽ صحيح هجڻ لاءِ به زبردست تحقيق ۽ ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي. مثال طور: هو پاڻ ئي سوال ٿو ڪري ته نماز جي پلائيءَ ۾ ماڻهن ۾ هيءَ حديث مشهور آهي ته، "نماز وڻ آهي، ان جا ٽي ڦر يا فائدا آهن" - ان حديث بابت مخدوم صاحب مفسرانه ۽ محدثانه انداز ۾ بحث ڪندي لکي ٿو: ته هيءَ حديث صحاح سته، توڙي ٻين حديث ۽ فقه جي ڪتابن ۾ صحيح يا ضعيف سند سان به آيل ڪانهي. ان ڪري هي حديث تفسير ۾ درج ڪانه ڪئي اٿم.

اهو ڏسي نهايت عجب ٿئي ٿو، ته هڪڙي سيپاري جو تفسير پنج سؤ صفحن کان زياده آهي، پر پوءِ به مخدوم صاحب لکي ٿو ته مون هيءُ تفسير عام فهم ۽ مختصر ڪري لکيو آهي. لفظ "عصر" (زمانو) جي باري ۾ بيان ڪري ٿو:

ٻئا پڻ تفسير "عصر" جا گهڻئي لکي تو
پر سبب اختصار جي مون تن کي ڇڏئو.

لفظ "ڪوثر" جي باري ۾ چوي ٿو ته ان جون 24 معنائون آهن، پر مون اختصار ڪري ٽي لکيون آهن:

آهين چوويهه قول تنهن ۾ مفسرن لکئا
پر ڇڏيم ذڪر تن جو اختصار جي سببا
ڪيم بس ٽن قولن اتي جي لکيم تن کان

ان کان علاوه مخدوم صاحب عربي صرف ونحو جي اپٽار به ڪئي آهي، جا سندس تفسير جي تحقيقي خوبي آهي، مثال طور:

ڪنان مفعول فذِڪره جي ئي استثنا
آهي عطف افتحم اتي ئي لفظ لکن تا.

"تفسير هاشمي" جي پڇاڙي هيٺين لفظن تي ٿئي ٿي:

بخشي بوڇ بچائيون ۽ عصيان اپارا

ساڻ لڏائين ڪلمي دنيا دارا.

بهرحال، "تفسير هاشمي" قرآن فهميءَ لاءِ هڪ بيش بها خزانو آهي. ٽيهارو سال اڳ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لاڙڪاڻي واري انهيءَ منظوم "تفسير هاشمي" کي سنڌي نثر ۾ آڻي، سال 1991ع ۾ مهراڻ اڪيڊميءَ طرفان شايع ڪرايو آهي. ڊاڪٽر ميمڻ اڪثر جاين تي پنهنجي طرفان حاشيا هڻي، تفسير هاشمي جي اصليت کي مجروح ڪيو آهي. پڻ ڪٿي عبارتن کي ڇڏي ڏنو آهي. راقم هن تفسير تي تحقيقي ڪم ڪري رهيو آهي. ان شاء الله عنقريب اشاعت هيٺ ايندو.

------

7. تحفة التائبين

هيءُ رسالو جهونن دفترن مان علمي دنيا ۾ پهريون دفعو دستياب ٿيو آهي. هن نسخي ۾ 11 صفحا آهن. صفحي جي ڊيگهه اٺ انچ ۽ ويڪر پنج انچ آهي. هر صفحي ۾ 13 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور اٺ لفظ آهن. تصنيف جو سال ۽ ڪاتب نامعلوم آهي. البت، هيءُ نهايت اڳاٽو نسخو معلوم ٿئي ٿو. هيءُ رسالو قلمي صورت ۾، سنڌي الف اشباع جي قافيي سان منظوم آهي. غالباً مخدوم صاحب جي ابتدائي سنڌي تصنيفات مان آهي. هن قلمي نسخي جو عڪس راقم کي محترم بشير احمد هيسباڻيءَ کان مليو. سنڌ ۾ ”تحفة التائبين“ جو هيءُ واحد دستياب قلمي نسخو آهي. مخدوم صاحب هن ننيڍڙي رسالي ۾ قرآن مجيد، امام غزالي (450هه - 505هه) ۽ امام جزري شافعي (751هه - 833هه) جي ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن.

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب هيءُ رسالو ”سچي توبهه ڪرڻ“ جي باري ۾ لکيو آهي، جنهن ۾ توبهه ڪرڻ جو طريقو نهايت سليس ۽ سادن لفظن ۾ سمجهايل آهي. انسان کي هن دنيا ۾ ڪيترن ئي مرحلن مان گذرڻو پوي ٿو. وک وک تي آزمائشون ۽ امتحان، ڪنڊا ۽ ڏکيا پيچرا سامهون اچن ٿا. نفس ۽ شيطان به اشرف المخلوقات انسان کي گمراهه ڪرڻ ۽ صحيح واٽ کان ٿيڙڻ لاءِ ڪئين جار اڳيان پويان پکيڙي ڇڏيا آهن. جنهن ڪري هن دار دنيا ۾ سنڀالي قدم کڻڻو پوي ٿو. گناهن جا ڪنڊا گس تان هٽائي، وِک وڌائڻي پوي ٿي. تنهن هوندي به انسان ويسر ۽ گيسر جو پتلو آهي. نيٺ ڪانئس گناهه جهڙو ڪڌو ڪم ٿي پوي ٿو. گناهه کان پوءِ پڇتاءُ به ٿئي ٿو ۽ ندامت جا ڳوڙها ڳڙن ٿا. ان پڇتاءُ ۽ ندامت کي ٻين لفظن ۾ ”توبهه“ چئبو آهي. مخدوم صاحب توبهه ڪرڻ جا ٽي شرط لکيا آهن:

1. گذريل گناهن تي دل ۾ پشيماني ڪرڻ.
2. هلندڙ زماني ۾ گناهه ڪرڻ ڇڏي ڏئي.

3. اهو پڪو پهه ڪري ته ايندڙ وقت ۾ به گناهه جو ڪم مور نه ڪندس.

اهڙي ريت، هن رسالي ۾ توبهه ڪرڻ جي باري ۾ ٻيون به نصيحتون ۽ هنئين سان هنڊائڻ جهڙيون هدايتون شامل آهن.

------

8. اصلاح مقدمة الصلواة

مخدوم صاحب جي هن رسالي جو محرڪ مبين ابوالحسن ٺٽويءَ جو ڪتاب ”مقدمة الصلواة“ سنڌي آهي، جيڪو غالباً 11 صدي هجري جي آخر يا 12 صدي هجريءَ جي اوائل ۾ لکيو ويو هو. ”مقدمة الصلواة“- قرآن مجيد پوري ڪرڻ کان پوءِ ٻارن کي مڪتب ۾ ابتدائي درسي طور پڙهايو ويندو هو ۽ ”ابوالحسن جي سنڌي“ جي نالي سان مشهور هو. ان رسالي ۾ نماز بابت ڪي مسئلا تحقيق طلب هئا، جنهن ڪري مخدوم صاحب انهن تحقيق طلب مسئلن ۽ جاين تي سنڌيءَ ۾ پنهنجا اصلاحي بيت شامل ڪيا، جيڪي اڳتي هلي قلمي توڙي ڇاپي نسخن ۾ اڄ تائين ڇپيل ۽ موجود آهن. اهڙيءَ ريت ”مقدمة الصلواة“ جي تحقيق طلب مسئلن کي اتي جو اتي سمجهڻ ۾ گهڻي آساني ٿي پئي. مخدوم صاحب وارا اهي وڌايل بيت، ”مقدمة الصلواة“ جي موجوده ڇپيل نسخن ۾ 21 جاين تي شامل آهن، ۽ انهن بيتن جو مجموعي تعداد 89 آهي.

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جو چوڻ آهي، ته مخدوم صاحب وارو منظوم ”اصلاح مقدمة الصلواة سنڌي“ هڪ الڳ قلمي نسخي جي صورت ۾، سنڌس ڪتب خاني ۾ موجود آهي. گهڻيءَ ڪوشش جي باوجود اسان کي ڪنهن ٻئي هنڌان اهو الڳ رسالو دستياب ٿي نه سگهيو آهي ۽ نه وري علامه قاسمي واري نسخي تائين رسائي حاصل ٿي سگهي آهي. بهرحال، ڇپيل ”مقدمة الصلواة“ ۾ مخدوم صاحب وارا 89 سنڌي بيت محفوظ آهن ۽ انهن بيتن جي الڳ حاشئي ۾ وضاحت به آيل آهي.

------

9. تنبيهہ نامو

مخدوم ٺٽويءَ جي ڇپيل خواه قلمي ڪتابن جي ڪنهن به فهرست ۾ هن رسالي جو نالو آيل ڪونهي، پر مطبع مصطفائي - لاهور جو ڇپيل هيءُ رسالو ڊاڪٽر محمد ادريس السنديءَ جي مهربانيءَ سان مڪتبه قاسميه ڪنڊياري مان دستياب ٿيو آهي. ”تنبيه نامي“ کي شايع ٿئي، سؤ سالن کان مٿي عرصو گذري چڪو آهي.

هن مجموعي ۾ ٽي سنڌي منظوم رسالا شامل آهن. پهريون رسالو مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو لکيل آهي. باقي ٻه رسالا، مخدوم غلام محمد ٻگائي ۽ مخدوم عبدالهاديءَ جا لکيل آهن. انهن ٽنهي رسالن ۾ بي نمازين جاهلن ۽ عاشورن ۾ بي دينن کي پٽڻ ڪٽڻ ۽ تابوت ڻاهڻ کان منع ڪرڻ بابت تنبيه آيل آهي.

مخدوم ٺٽويءَ جي ”تنبيه نامي“ ۾ 7 صفحا آهن. هر صفحي جي ڊيگهه اَٺ انچ، ويڪر ساڍا پنج انچ ۽ هر صفحي ۾ 17 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور ڇهه لفظ آهن.

هن مجموعي جون 350 ڪاپيون شايع ٿيون ۽ ان جي قيمت 6 آنا هئي. مجموعي جي آخر ۾ سال محرم الحرام 1312هه مطابق جولاءِ 1894ع درج ٿيل آهي، جيڪو اشاعت جو سال آهي. سر ورق تي ناشر قاضي نور محمد جو هيءُ نوٽ لڳل آهي:

”قاضي نور محمد قريشي تاجر ڪتب لاڙڪاڻه پٽ مرحوم مغفور مخدوم ميان محمد حسن صاحب (1304هه) قريشي هالائي نقشبندي جي گهڻي تلاش بعد هٿ ڪري منجهه مطبع مصطفائي لاهور ڇپئو.“

مخدوم ٺٽويءَ جي هن رسالي ۾ ٻن مسئلن بابت تنبيه آيل آهي. هڪ بي نمازين کي نماز پڙهڻ لاءِ تاڪيد ۽ نماز نه پڙهندڙ بي نمازين واسطي عذاب ۽ تنبيه آيل آهي. ٻيو محرم ۽ عاشورن ۾ پِٽڻ ڪُٽڻ ۽ تابوت ڻاهڻ کان منع بابت تنبيه آيل آهي.

باب ٽيون

(ب) عربي ڪتابن جو جائزو

1. مظهر الانوار

تصنيف جو سال: 1125ھ

ڪاتب جو نالو: نامعلوم

ڪتابت جي تاريخ: 9 ذوالحج 1243ھ

صفحن جو تعداد: 210 صفحا، صفحي جي ڊيگھ ڏھ انچ، ويڪر ڇھ انچ آھي. ھر صفحي ۾ 21 سٽون ۽ ھر سٽ ۾ سراسري طور 20 لفظ آھن.

موضوع: فقه

متن جي شروعات: بسم الله الرحمٰن الرحيم. رب يسر و تمم بالخير. الحمد لحقيقة و حرية اڪثر من ان يحصيٰ، عليٰ ما ابلغ علينا من نعمة و اوليٰ. والصلواة عليٰ حبيبه ڪما يحب و يرضيٰ. الذي اسريٰ به ليلا الي المسجد الاقصا. و عليٰ اهل بيته المصطفين المقيمين علي الهديٰ. الذي اذهب عنهم الرجس و طهروا تطهيرا. و صحبه الذين... بڪلمة الله العليا. و جعلو لڪلمة الذين ڪفرو السفليٰ.

خاتمو: ما ذڪره الشيخ محي الدين قدس سره في غنية و ختمت به الڪلام لابترڪ به في الاختتام و لله الحمد علي التمام والصلواة والسلام عليٰ سيد الانام و آله و صحبه الڪرام اليٰ قيام الساعة وساعة القيام.

ڪاتب جي صورتخطي: ڪتاب جي صورتخطي عربي طور طرز جي آھي. اڪر گھاٽا، سھڻا موتين جي داڻن جھڙا آھن.

ھي ڪتاب مخدوم صاحب جي اوائلي ڪتابن مان ھڪ ضخيم ڪتاب آھي. ھن وقت تائين مخدوم صاحب جا جيڪي بہ ڪتاب دستياب ٿي سگھيا آھن، تن مان ھيءَ عربيءَ ۾ پھريون ڪتاب آھي. جيتوڻيڪ ھيءُ نسخو اصل تحرير ڪان 118 سال پوءِ جو لکيل آھي، پر نهايت صاف ۽ صحيح نسخو ڇاپيءَ جھڙو آھي. ھن ڪتاب ۾ ڪتابت جون غلطيون بنھ گھٽ آھن. ھن ڪتاب جو اصل نسخو درسگاھ چوٽيارين جي ڪتبخاني ۾ موجود آھي. سنڌ ۾

"مظهر الانوار" جا باقي بہ قلمي نسخا - ڪتبخانہ درگاھ خياري شريف تعلقي سڪرنڊ ۽ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جي ڪتبخاني ۾ موجود آھن. راقم کي مذڪوره ڪتاب جو عڪس محترم دوست بشير احمد ھيسباڻيءَ جي معرفت مولوي محمد قاسم سومري ڪنڊياري واري ڪان مليو. جيڪو پڻ اصل ۾ چوٽيارين واري قلمي نسخي جو عڪس آھي. ڪتاب جي آخر ۾ ڪاتب جو ھيءُ نوٽ لڳل آھي: "قد وقع الفراغ من النسخة الشريفة المسمي بمظهر الانوار قبيل الزوال... و نهم ماه ذوالحج سن 1243ھجري."

مواد جو وچور:

"مظهر الانوار" روزن جي مسئلن بابت ھڪ مستقل، جامع ۽ ضخيم ڪتاب آھي. مخدوم صاحب جي اوائلي زندگيءَ جو ھڪ بھترين يادگار آھي. مخدوم صاحب جڏھن 21 ورھين جو ھو، تہ پاڻ دين اسلام جي ٽئين رڪن "روزي" جي مسئلن بابت اهڙو تحقيقي ڪتاب لکي، علمي دنيا ۾ پنھنجو نالو روشن ڪيائين. روزن جي مڪمل مسئلن بابت سنڌ ۾ اڄ تائين عربي ٻوليءَ ۾ اهڙو جامع ڪتاب نہ لکيو ويو آھي.

جيئن تہ ھيءُ ڪتاب اھلِ علم ۽ عربي دانن لاءِ نهايت ڪارائتو ھو، تنھن ڪري اڳتي ھلي مخدوم صاحب پاڻ ھن ڪتاب "مظهر الانوار" عربيءَ جو عام فارسي دانن لاءِ "حيات الصائمين" نالي فارسيءَ ۾ ترجمو بہ ڪيو، جنھن جو احوال الڳ پنھنجيءَ جاءِ تي فارسي ڪتابن ۾ ايندو.

مخدوم صاحب ھن ڪتاب جي مھاڳ ۾، ان جي لکڻ جو سبب بيان ڪندي لکي ٿو:

"ڪمزور ٻانھو - پنھنجو عجز ۽ قصور مڃيندڙ، الله تعاليٰ جي رحمت ۾ اميدوار - محمد ھاشم پٽ عبدالغفور چوي ٿو، تہ ڳچ ڏينھن ڪان ڪن دوستن چيو پئي تہ آئون اهڙو ڪتاب لکان، جنھن ۾ روزن جي مسئلن جو جامع بيان ھجي. ھن ڪتاب جو متن مون سن 1125ھجريءَ ۾ لکڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ ان جو شرح ۽ تفصيل لکيم، تہ جيئن روزي سان تعلق رکندڙ احڪام کولي بيان ڪجن. ھيءُ ڪتاب دوستن لاءِ سوکڙي آھي. الله تعاليٰ ۾ آس آھي، تہ ھن ڪتاب مان ماڻھن کي فائدو ٿيندو. ھر مسئلي ۾ مون ڪتابن جو حوالو ڏنو آھي. ھن ڪتاب ۾ چار باب آھن ۽ ھر باب ۾ ڳچ فصل

بہ آهن. مون کان جيڪا سهو يا خطا ٿي هجي، تہ جو بہ قرب ڪري انهن غلطين جي نشاندهي ۽ اصلاح ڪندو، تہ الله تعاليٰ اصلاح ڪندڙ محسن جو اجر ضايع نہ ٿو ڪري.“

هيءُ ڪتاب روزن جي ماهيت ۽ تفسير کان شروع ٿي، ليلة القدر جي بيان تي پڄاڻيءَ کي پهچي ٿو.

جيتوڻيڪ اڄ کان ٻہ اڍائي سئو سال اڳ ۾ موجوده دور وانگر ڪتبخانن، پريسن ۽ ڪمپيوٽر ڇپائيءَ جون سهولتون ڪونہ هيون. اڪثر ڪتاب قلمي ۽ ناياب هوندا هئا، تاهم مخدوم صاحب هن عربي ڪتاب ۾ حوالي طور ٽن سؤ ڪتابن جي فهرست پنهنجي مقدمي ۾ ڏني آهي. اهڙيءَ ريت ان دور ۾ بہ علمي معيار قائم ۽ برقرار رکيو آهي. مخدوم صاحب ان باري ۾، هن ڪتاب جي ”مقدمي“ ۾ لکي ٿو:

”جڏهن هيءُ رسالو لکي رهيو هوس، تڏهن مون کي ڪتابن جو وڏو ذخيرو هٿ آيو، جن سيني ڪتابن جو هن ڪتاب لکڻ لاءِ مطالعو ڪيم ۽ انهن ڪتابن مان فوائد هٿ ڪري، هن ڪتاب ۾ گڏ ڪيم. شاگردن کي ترغيب ڏيارڻ ۽ (دين ۽ ڪتابن) جي شائقين جي تسڪين لاءِ انهن ڪتابن جو تفصيل وار بيان ڪريان ٿو.“

انهيءَ مٿئين عبارت کان پوءِ، مخدوم صاحب انهن ڪتابن جو فن وار وچور ڏنو آهي.

علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جو چوڻ آهي تہ ”رمضان المبارڪ جي روزن بابت هيءُ هڪ مستقل عربي ڪتاب آهي، جو اسلامي دنيا ۾ اڄان تائين اهڙو ڪتاب نہ لکيو ويو آهي.“ [1]

هيءُ بهترين ڪتاب مفتي محمد جان نعيمي سنڌي، مدرسہ مجدديہ نعيميہ ملير ڪراچي واري عربي ۾ تحقيقي انداز سان ايڊٽ ڪري سال 2008ع ۾ شايع ڪيو آهي.

------

(1) بروايت علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي ـ ڊائريڪٽر، شاهہ ولي الله اڪيڊمي، حيدرآباد سنڌ.

2. فاڪهة البستان

مخدوم صاحب جي دستياب عربي ڪتابن ۾، تاريخ 7 شعبان المعظم 1128هہ جو تصنيف ٿيل هيءُ ٻيو ضخيم ڪتاب آهي. هن قلمي نسخي جو ڪاتب ميان عبدالرحمان بن محمد يعقوب آهي. ڪتابت تمام سهڻي ۽ وڻندڙ آهي، ڄڻ تہ موتين جا داڻا ورقن تي وکريل آهي.

ڪتاب جي صفحن جو تعداد 312، صفحي جي ڊيگهہ ڏهہ انچ، ويڪر ساڍا ست انچ آهي. هر صفحي ۾ 21 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 18 لفظ آهن.

”فاڪهة البُستان“ - ذبح ۽ شڪار جي مسئلن تي هڪ جامع ڪتاب آهي. مخدوم صاحب جڏهن هي ڪتاب لکيو تہ ان وقت سندس عمر 24 سال هئي. هن ڪتاب ۾ حوالي طور ٽن سؤ ڪتابن جا نالا منڍ ۾ ڏنا ويا آهن. جي مخدوم صاحب جي ڪتبخاني ۾ موجود هئا. هن ڪتاب جو اصل قلمي نسخو خياري شريف تعلقي سڪرنڊ جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي. سنڌ ۾ هن ڪتاب جا قلمي نسخا هيٺين ڪتبخانن ۾ موجود آهن: ڪتبخانو ڳڙهي ياسين، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي لائبريري حيدرآباد، پير سيد محب الله شاهہ راشدي لائبريري پيرڪوٽ نزد نيو سعيد اباد، ڪتب خانہ سرهندي مٽياري، سنڌ الاجي لائبريري ڄام شورو، سينٽرل لائبريري سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، ڪتبخانو درسگاهہ چوٽياري ۽ سيد محمد حسين شاهہ سجاولي لائبريري. راقم کي هن ڪتاب جو عڪس، مولوي محمد قاسم سومري ڪنڊياري واري کان مليو.

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب پنهنجي وقت ۾ اڪثر ضروري مسئلن ۽ پيچيل سوالن بابت ڪتاب ۽ رسالا لکيا ۽ وقت سر انهن اهم ضرورتن تي ڌيان ڏئي قلم کنيو. سردست ذبح ۽ شڪار جي مسئلن بابت بہ ان وقت گهڻو رجحان هو. ان وقت سنڌ ۾ شڪاري جانورن ۽ پکين جي گهڻائي هئي. درياءَ جي پاٽي ۽ ڍنڍن ڍورن جي ڪري مڇي بہ جام هئي. ڪلهوڙن جي دور ۾ شڪار بابت احوال تاريخن ۾ موجود آهي. باغ علي سنڌي ۽ ”محسن“ ٺٽويءَ ان جو احوال آندو آهي. خود ميان داؤد بن يار محمد ڪلهوڙي ”صيد المراد في قوانين

الصياد" نالي ڪتاب لکيو، جنهن ۾ شڪار بابت گهڻو مواد آهي.[1] ان ڪري عام ماڻهوءَ کي شڪار جي مسئلن، مڇيءَ جي قسمن، حلال ۽ حرام جانورن جو فرق، ذبح ۽ شڪار بابت تمام گهڻي ضرورت هئي. اهوئي سبب آهي جو مخدوم صاحب انهن سيني ڳالهين کي سامهون رکي، ذبح ۽ شڪار جي مسئلن تي جامع ڪتاب "فاڪهة البستان" عربيءَ ۾ لکيو.

جيتوڻيڪ عربيءَ ۾ اڳين عالمن به ذبح ۽ شڪار جي مسئلن بابت ڪتاب لکيا هئا، جن جو ذڪر تفصيل وار "الفهرست" ابن نديم وراق ۾ آيل آهي، جيئن ته قاضي ابو يوسف، امام محمد بن حسن شيباني، امام محمد بن ادريس شافعي، امام داؤد بن علي ظاهري.[2] ٻين ڪتابن ۾ به ڪي باب ذبح ۽ شڪار بابت شامل آهن. جيئن ته صحاح سته، فقهي متن، مشارق الانوار، ڪنزالعمال، فتاويٰ سراجيه، فتاويٰ حماديه ۽ فتاويٰ عالمگيري وغيره. انهيءَ موضوع تي مخدوم صاحب پهريائين عربي زبان ۾ اعليٰ پايي جو هيءُ ڪتاب "فاڪهة البستان" نالي لکيو، جو اهلِ علم جي معيار مطابق لکيل آهي. دراصل، جيئن ته مخدوم صاحب کي عام ماڻهن جي آساني، ضرورت ۽ ڄاڻ لاءِ ذبح ۽ شڪار جا مسئلا بيان ڪرڻا هئا، تنهنڪري اڳتي هلي پاڻ خود انهيءَ عربي ڪتاب جو نچوڙ سنڌي ٻوليءَ ۾ منظوم ڪري "راحة المومنين" نالي سان عام ماڻهن جي آڏو پيش ڪيائين، ته جيئن اهلِ سنڌ ٻهراڙيءَ جي رهاڪن، جهنگ جهر جي باشندن خواه درياءَ، ڍنڍن ۽ ڍورن جي آسپاس رهندڙ ماڻهن کي ذبح ۽ شڪار بابت پوري ڄاڻ ملي ۽ سنڌيءَ ۾ سليس مسئلا سمجهي سگهن.

مخدوم صاحب "فاڪهة البستان" جي مقدمي ۾ لکي ٿو:

> "مون هيءُ ڪتاب - ذبح ۽ شڪار بابت، معتبر ڪتابن تان اخذ ڪري، خاص الله تعاليٰ جي رضامندي ۽ ماڻهن جي نفعي خاطر لکيو آهي. گهربل مواد، ڪنز ۽ وقايه جي متن کي بنياد بنائي، پوءِ ان جي مسئلن جو جامع شرح ۽ ضروري دليل پيش ڪيا ويا آهن... هيءُ ڪتاب تاريخ 7 شعبان 1128هجري تي لکيو ويو ۽ ان جو نالو

(1) غلام رسول مهر: "تاريخ ڪلهوڙا" (اردو) _ جلد 2، ص 11_10

(2) ابن نديم: "الفهرست" (اردو) مترجم: محمد اسحاق ڀٽي، ص 485، 487، 502، 504.

> 'فاڪهة البستان ' رکيو ويو."

هن ڪتاب کان ٽي سال اڳ ۾، مخدوم صاحب روزن جي مسئلن تي عربيءَ ۾ "مظهر الانوار" نالي ضخيم ڪتاب لکيو هو. ان وقت ڪيس ناياب ڪتابن جو ذخيرو هٿ آيو هو، تنهنڪري پاڻ انهن ڪتابن کي پڙهي ۽ پروڙي اهو مذڪوره ڪتاب لکيو هئائين ۽ انهن ٽن سون ڪتابن جي فهرست به منڍ ۾ ڏئي ڇڏي هئائين. اهڙيءَ ريت "فاڪهة البستان" لکڻ وقت به مخدوم صاحب جي سامهون اهي ڪتاب رهيا، تنهن ڪري انهن ڪتابن جي فهرست ٻيهر هن ڪتاب ۾ ماخذ طور شامل ڪيل آهي.

"فاڪهة البستان" ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي: (1) ڪتاب الذبائح ۽ (2) ڪتاب الصيد. هر هڪ ڀاڱي جي عنوان جو نالو "ڪتاب" آهي. هر ڪتاب مقدمي ۽ مختلف فصلن ۾ ورڇيل آهي. "فاڪهة البستان" ۾ آيل مواد جي فهرست هن طرح آهي:

مقدمو:

حمد ۽ صلواة
ڪتاب جو موضوع ۽ مقصد
ڪتاب لکڻ جي تاريخ
ڪتاب ۾ حوالي طور آيل ڪتاب ۽ ماخذ
الذبائح جي وضاحت
جانور ذبح ڪرڻ جو شرعي ۽ عقلي جواز
نبي ﷺ طرفان پاڻ جانور ڪهڻ جو احوال
نبي ﷺ طرفان پاڻ شڪار نه ڪرڻ جو تفصيل
اباحة الذبح جا شرط
ڪائڻ کان سواءِ جانور ذبح ڪرڻ جي ڪراهت
لفظ الذڪاة جو لغوي ۽ شرعي تفسير

ڪتاب الذبائح: اٺن فصلن ۾ ورهايل آهي:

ڪتاب الصيد: اٺن فصلن تي مشتمل آهي، جن ۾ شڪار ڪرڻ بابت مڪمل معلومات آيل آهي ۽ خاتمي ۾ زمين ۽ درياهي حلال جانورن ۽ پکين جي الف - بي وار فهرست شامل آهي.

اهڙيءَ ريت، سنڌ جي عالمن ۽ مصنفن مان اڄ ڏينهن تائين ذبح ۽ شڪار

جي مسئلن بابت اهڙي جامع ۽ پُر دلائل ڪتاب عربيءَ ۾ نه لکيو ويو آهي. مخدوم صاحب جو عربي دان اهلِ سنڌ تي هيءُ عظيم علمي احسان آهي.

”فاڪهة البستان“ عربي جا ويجهڙ ۾ ٻه ڇاپا شايع ٿيا آهن:

1. تحقيق: ضياءُالرحمٰن، استاد جامعه عمر ڪراچي، دارالڪتب العلميه بيروت، لبنان، 1433ھ/2012ع.
2. تحقيق: ابوعبيدالله محمّد جان بن عبدالله النعيمي، المڪتبة المجددية النعيميه ملير، ڪراچي، 1437ھ/2016ع.

------

3. شد النطاق فيما يلحق من الطلاق

فقه ۾ معاملات ۾ نڪاح ۽ طلاق جي وڏي اهميت آهي. مخدوم صاحب انهيءَ ڏس ۾ ٻه چند رسالا لکيا آهن. ”شد النطاق“ طلاق جي باري ۾ تاريخ 6 جمادي الاخريٰ 1133ھ جو لکيل مختصر رسالو آهي. هن رسالي ۾ صفحن جو تعداد 16، ضميمو ۽ خاتمو 8 صفحا، ڪل 24 صفحا آهن. صفحي جي ڊيگھه ساڍا نو انچ، ويڪر ڇهه انچ آهي. هر صفحي ۾ 21 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 13 لفظ آهن. ميان محمد عمر نالي ڪاتب، ڇپيل رسالي جي آخر ۾ ٻن صفحن جو عربي ۽ فارسي ۾ نوٽ هنيو آهي، جنهن جو مطلب اهو آهي ته: ”مخدوم صاحب جو هيءُ رسالو ”شد النطاق فيما يلحق من الطلاق“ هڪ عجيب ۽ اڻ لڀ نسخو آهي. هن ڪتاب جو مخدوم صاحب جي هٿ جو لکيل نسخو، مخدوم صاحب جي اولاد مان مولوي غلام محمد جي ڪتبخاني مان سيد رفيع الدين حسيني قادريءَ جي واسطي سان مليو. ماڻهن جي عام فائدي خاطر محمد عبدالواحد پٽ مرحوم محمد مصطفيٰ خان مطبع مصطفائيءَ مان ذوالقعد 1300ھ ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. حرره احقرالبشر محمد عمر غفرله خالق البشر.“

هيءُ رسالو مخدوم صاحب جي وفات کان 126 سال پوءِ جو ڇپيل نسخو آهي. ڪاتب جي تحرير موجب هيءُ نسخو خود مصنف جي قلمي نسخي تان ڪتابت ڪري ڇپايو ويو آهي، ان ڪري هن ڇاپي نسخي جي صحيح هجڻ جي خاص خوبي آهي. مخدوم صاحب هن رسالي ۾ سنڌ ۾ طلاق جي باري ۾ تحقيقي انداز سان روشني وڌي آهي. هن ننڍي رسالي ۾ مخدوم صاحب 28 ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن. هن رسالي جو ڇاپي نسخو راقم جي لائبرريءَ ۾ موجود آهي ۽ سنڌ جي اڪثر ڪتبخانن ۾ پڻ موجود آهي.

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب هن ڪتاب جي مقدمي ۾ حمد ۽ صلواة ڪان پوءِ لکي ٿو:

”هن مختصر رسالي ۾ مون طلاق جي حڪم واقع ٿيڻ جو ذڪر ڪيو آهي. پوءِ اها طلاق مطلق هجي يا طلاق بائن ۽ رجعي ۽ ان سان جيڪي حڪم لڳن ٿا يا نه ٿا لڳن، ان جو احوال آهي. مون

'كنز الدقائق' جي (طلاق بابت) عبارت ڪي متن جي طريقي سان آڻي، ان جو تفصيل سان شرح ڪيو آهي ۽ ان شرح جو نالو آهي 'شد النطاق فيما يلحق من الطلاق'. هن رسالي جي شروعات الله تعاليٰ تي ڀروسو رکي 6 جمادي الآخر سن 1133ھ ۾ ڪيم ۽ ٻن ڏينهن ۾ لکي پورو ڪيم."

لفظ "طلاق" جي معنيٰ آهي قيد ڪان آزاد ڪرڻ. شرعي اصطلاح ۾ ڪن مخصوص لفظن سان زال ڪي نڪاح جي قيد ڪان آزاد ڪرڻ ڪي "طلاق" چئبو آهي. طلاق جا ٽي قسم آهن: (1) طلاق رجعي (2) طلاق بائن ۽ (3) طلاق مغلظ.

1. طلاق رجعي: هڪ ڀيرو طلاق ڏيڻ سان رجعي طلاق پوندي ۽ انهيءَ طلاق ۾ زال ۽ مڙس هڪ گهر ۾ رهي سگهن ٿا. جيڪڏهن مرد رجعي طلاق واري عورت ڪي عدت اندر موٽائيندو ته موٽائي سگهي ٿو ۽ نئين نڪاح ڪرڻ جي ضرورت نه آهي.

2. طلاق بائن: بائن طلاق اها آهي، جو مرد عورت ڪي ٻه دفعا طلاق چوي. ان ۾ نئون نڪاح ڪرڻ گهرجي.

3. طلاق مغلظ: مرد طلاق جا لفظ اهڙا چوي، جن ڪان ٽي طلاقون واقع ٿين ته اها طلاق مغلظ آهي. ان ۾ عورت، مرد تي حرام ٿي ويندي، جا ان لاءِ حلاله ڪان سواءِ حلال نه ٿيندي.[1]

مخدوم صاحب هن رسالي ۾ فقه جي مشهور ڪتاب "ڪنزالدقائق" جي باب الڪنايات مان هيٺين عبارت آڻي، پوءِ ان جو عربيءَ ۾ شرح ڪيو آهي:

"والصريح يلحق الصريح والبائن والبائن يلحق الصريح لا البائن الا اذا كان معلقا."[1] يعني ۽ صريح طلاق، طلاق صريح ۽ بائن ٻنهي سان ملي ٿي ۽ بائن رڳو صريح سان ملي ٿي نه بائن سان، مگر جنهن صورت ۾ بائن ڪنهن شرط تي موقوف هجي.

مخدوم صاحب "ڪنزالدقائق" جي عبارت آڻي، پوءِ ويو آهي لفظن جي شرح ڪندو ۽ ڪتابن جا حوالا ڏيندو. مخدوم صاحب هيءُ رسالو سن 1133ھ ۾ لکيو. ان ڪان 33 سال پوءِ سن 1156ھ ۾ طلاق صريح ۽ ڪنايه جي فرق

(1) علاؤالدين الحصڪفي: "الدرالمختار" (عربي) جلد _ 1، تلخيص ص 22_218

(1) عبدالله بن احمد بن محمود ابوالبرڪات النسفي: "ڪنزالدقائق" (عربي)، ص 127

سمجهائڻ لاءِ هڪ ٻيو رسالو "تمام العناية في الفرق بين صريح الطلاق والكناية" نالي عربيءَ ۾ به لکيو، جنهن جو احوال پنهنجيءَ جاءِ تي ايندو. بهرحال، طلاق هڪ اهم سماجي مسئلو آهي، ان ڪري احتياط ضروري آهي. هيءُ رسالو ان ڏس ۾ هڪ بهترين ڪاوش آهي.

-----

4. جنة النعيم في فضائل القرآن الڪريم

قرآن مجيد هڪ ڪامل ڪتاب، هدايت ۽ حڪمت جو سرچشمو آهي. مخدوم صاحب جو علم القرآن بابت ڪافي ڪم ٿيل آهي. تفسير، قرأت تجويد ۽ فضائل قرآن بابت سندس گهڻا ڪتاب لکيل آهن. سرِدست "جنة النعيم" قرآن مجيد جي فضائل جي باري ۾ هڪ جامع ڪتاب آهي. هيءُ ڪتاب ربيع اےخر 1134هه ۾ تحرير ٿيو، جنهن ۾ 184 صفحا آهن. هر صفحي جي ڊيگهه ڏهه انچ ۽ ويڪر پنج انچ آهي. صفحي ۾ 22 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 12 لفظ آهن. ڪاتب فقير محمد نالي آهي، البت ڪتابت جو سن ناپيد آهي. هيءُ قلمي نسخو اهڙو ته صاف ۽ چٽو لکيل آهي، جڻ ته ڇاپي نسخو آهي. هيءُ بهترين ۽ ناياب اصل عربي ڪتاب اڃا تائين قلمي صورت ۾، سنڌ جي مختلف ڪتبخانن ۾ محفوظ آهي. ڪتاب ۾ قرآن شريف جي سورتن جا نالا ڳاڙهيءَ مس سان ۽ ٻيو سڄو ڪتاب ڪاريءَ مس سان لکيل آهي. راقم کي هن ڪتاب جو عڪس "مدرسه مجدديه نعيميه - ملير، ڪراچيءَ" مان مفتي محمد جان نعيمي وٽان مليو، جو پڻ اصل ۾ پير جهنڊي جي ڪتبخاني جو عڪس آهي. هن ڪتاب جا قلمي نسخا هيٺين ڪتبخانن ۾ موجود آهن: ڪتبخانو ڳڙهي ياسين، پير محب الله شاهه ۽ پير بديع الدين شاهه جهنڊي وارن جا ڪتبخانا، درگاهه ملاڪاتيار، درسگاهه چوٽياريون، مولوي معروف جو ڪتبخانو - مٽياري، مفتي عبداللطيف جو ڪتبخاجو - ٺٽو. هن ڪتاب کي محترم علي اڪبر قادري، مدير "منهاج القرآن" لاهور، پنجاب يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ. ڊيءَ لاءِ ايڊٽ ڪيو آهي.[1]

مواد جو وچور:

جيتوڻيڪ مخدوم صاحب پنهنجي وقت جو هڪ زبردست فقيه ۽ مفتي مڃيو وڃي ٿو پر پاڻ اهو پهريون سنڌي عالم آهي، جنهن اسلامي احڪام جي پهرئين سرچشمي قرآن حڪيم جي فضائل، تفسير، قرأت ۽ تجويد بابت قلم کنيو. مخدوم صاحب اڄ کان ٽي سؤ سال اڳ پنهنجي دور ۾ قرآن ڪريم جي

[1] علي اڪبر قادري ازهري، ايڊيٽر، "منهاج القرآن" لاهور جو راقم ڏي خط، مؤرخه 24 ڊسمبر 1992ع

فضائل جي باري ۾ "جنة النعيم في فضائل القرآن الڪريم" جهڙو بهترين ۽ جامع ڪتاب عربيءَ ۾ لکيو. مخدوم صاحب اڳتي هلي قرآن ڪريم جو سنڌي ٻوليءَ ۾ "تفسير هاشمي" به لکيو، جو قرآن پاڪ جي ٽيهين پاري تي مشتمل آهي ۽ پنج سؤ صفحن تي ڦهليل آهي. البت، 29 پارو اڻ ڇپيل آهي، جنهن جو قلمي نسخو "ندوة العلماء" - لکنو، هندستان ۾ موجود آهي.[1]

مخدوم صاحب هن ڪتاب جي "مقدمي" ۾ ان جو تعارف بيان ڪندي لکي ٿو:

"مون هن رسالي ۾ قرآن مبين جا فضائل گڏ ڪيا آهن. قرآن جا اهي فضائل جيڪي نبي امين ﷺ جن جي حديثن مبارڪن ۾ وارد ٿيل آهن، يا نبي ﷺ جي ڀلارن اصحابن ۽ تابعين سڳورن جي آثار ۾ آيل آهن، اختصار جي پيش نظر انهن حديثن ۽ آثار جون سندون حذف ڪري، باقي اصل متن آندو اٿم. البت ايترو لحاظ ضرور ڪيو اٿم، ته فضائلِ قرآن ۾ آيل هر حديث ۽ هر اثر جي روايت ۾ اصحابي ۽ تابعي جو نالو آندو اٿم، ته جيئن ترتيب سهڻي رهي.

هيءُ رسالو مهيني صفر سن 1134هه ۾ لکڻ شروع ڪيم، جو ربيع الاخر 1134هه ۾ لکجي پورو ٿيو. رسالي جو نالو 'جنة النعيم في فضائل القرآن الڪريم ' رکيو اٿم. هن ۾ هڪ مقدمو ۽ ٻه فصل آهن. پهرئين فصل ۾ قرآن ڪريم جي سورتن ۽ خاص آيتن جي فضائل ۽ برڪت بابت فائدا آهن. انهن جي ڀلائيءَ بابت جيڪي حديثون ۽ آثار وارد ٿيل آهن، تن جو بيان آهي. ٻئي فصل ۾ انهن حديثن جو ذڪر آهي، جن کي 'ثعلبي ' ۽ 'واحدي ' نقل ڪيو آهي ۽ 'زمخشري ' ۽ 'بيضاوي ' پنهنجن تفسيرن ۾ آندو آهي. البت مقدمي ۾ ڪن اعتراضن جا جواب پڻ ڏنل آهن."

مخدوم صاحب هن رسالي ۾ "سورة فاتحه" کان وٺي "سورة الناس" تائين قرآن پاڪ جي 114 سورتن جي نمبروار فهرست ڏني آهي، جن مان اڪثر سورتن جا مڪمل ۽ تفصيلي فضائل درج ڪيل آهن ۽ باقي ٻين سورتن جو وري

[1] محمد صديق "مائر" : "سنڌ لاجي ۾ قلمي نسخي جو تشريحي ڪئٽلاگ"، ص 30

ضمناً ذڪر ڪيو ويو آهي. سورتن جي فضائل سان گڏ، مخدوم صاحب قرآن ڪريم جي چوڏهن ۽ چند مشهور آيتن سڳورين جا فضائل به لکيا آهن، ته انهن آيتن جي پڙهڻ مان ڪهڙا فائدا آهن، جيئن ته:

- اِناالله و اِنا اِليه راجعون.
- آيت الڪرسي.
- سورة "بقرة" جون آخري آيتون ۽
- لو انزلنا هذالقرآن.

اهڙيءَ ريت هيءُ رسالو پڄاڻيءَ تي پهچي ٿو.

تازو هن ڪتاب جو عربي ۾ خلاصو - "هبة الرحمٰن الرحيم" جي نالي سان اُردن مان شايع ٿيو آهي.

ويجهڙ ۾ هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو مولوي سليم الله سومري ڪنڊياري واري ڪيو آهي، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري سال 2011ع ۾ شايع ڪيو آهي.

چند سال اڳ ڊاڪٽر مجيب الله شيخ "جنة النعيم" عربيءَ ۾ ايڊٽ ڪري، سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان به پي ايڇ.ڊي جي ڊگري ورتي آهي.

------

5. السيف الجلي عليٰ ساب النبي ﷺ

هن ڪتاب جو سڄي ملڪ ۾ واحد قلمي نسخو "مدرسه مجدديه نعيميه- ملير، ڪراچي" جي ڪتب خاني ۾ آهي، جيڪو ڪين لاڙ پٽ مان دستياب ٿيو. هيءُ نسخو نهايت بوسيده صورت ۾ آهي ۽ ان جي نهايت سهڻي ڪتابت ٿيل آهي. ڪتابت خود مخدوم صاحب جي ٿيل آهي يا وري سندس ڪنهن همعصر ۽ شاگرد جا هٿ اکر معلوم ٿين ٿا. راقم وٽ ان جهوني قلمي نسخي جو عڪس موجود آهي. هن ناياب نسخي جي تصنيف ٿيڻ جي تاريخ 12 شعبان المعظم 1134ھ آهي. هن نسخي جي دستياب ٿيل 25 صفحن مان ان جو پهريون صفحو ناقص آهي، جنهن ۾ مهڙ واريون 6 سٽون موجود آهن ۽ اڌ صفحو ڦاٽل آهي. پهرين 15 صفحن ۾ سراسري طور هر صفحي ۾ 15 سٽون ۽ باقي بين صفحن ۾ 11، 12 سٽون آهن. هر سٽ ۾ لڳ ڀڳ 11 لفظ آهن.

مواد جو وچور:

اصل ۾ مسئلي جي نوعيت هيءَ آهي ته جيڪڏهن ڪو غير مسلم، الله جي رسول حضرت محمد ﷺ کي گارگند ڏئي، يا ڪو ڪنور دل مسلمان به ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جي شان ۾ نقص ۽ عيب ڪڍي، گستاخي ڪري، ته ان جي شرعي طور ڪهڙي سزا ۽ حڪم هئڻ گهرجي؟

مخدوم صاحب هن ڪتاب جي "مقدمي" ۾ لکي ٿو:

"مون هيءُ رسالو لکيو آهي، ان ۾ هن اهم ۽ نازڪ مسئلي بابت ڪافي شافي روايتون ۽ عبارتون آنديون اٿم. جيڪو مسلمان ٿي ڪري، الله جي پاڪ نبي ﷺ کي گارگند ڏئي يا ان مان نقص ۽ عيب ڪڍي ۽ گستاخي ڪري، ته اهو مسلمان واجب القتل آهي. ان مسئلي ۽ حڪم تي هيٺين امامن ۽ امت جو اجماع آهي: شيخ تقي الدين السبڪي، الخطابي، قاضي عياض، ابوبڪر بن منذر، امام مالڪ، الليث، امام شافعي، امام ابوحنيفه، امام ابو يوسف، امام محمد، امام ثوري، امام اوزاعي ۽ اهل ڪوفه."

اهڙيءَ ريت رسالي جي ٻئي فصل ۾، غير مسلم بابت حڪم ۽ سزا ڄاڻايل آهي. مخدوم صاحب وضاحت ڪندي لکي ٿو:

"هن مسئلي بابت ايترا ته گهڻا دلائل آهن، جو انهن جو ڪاٿو ڪونهي. اجماع امت ڪان پوءِ ته انهن دليلن جي ضرورت به نه آهي. پاڻ سڳورن ﷺ جو فرمان ۽ فيصلو ڪافي شافي آهي ته: "من سبَ نبياً فاقتلوه و من سبَ اصحابي فاضربوه." مطلب ته جيڪو الله جي نبيءَ کي گار ڏئي، ان کي قتل ڪريو ۽ جيڪو منهنجي اصحابيءَ کي گار ڏئي، ته پوءِ ان کي ڌڪ هڻو. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ان ڏس ۾ ابن الاشرف، ابي رافع يهودي ۽ ابن حظل کي قتل ڪرڻ جو امر فرمايو هو."

هن اهم نازڪ مسئلي بابت مخدوم صاحب بيا به گهڻائي نڪتا بيان ڪيا آهن ۽ دين جي وڏن وڏن ڪتابن جا حوالا پيش ڪيا آهن، ته جيئن آئنده ڪو غير مسلم يا بي ادب گستاخ مسلمان گستاخي ڪرڻ جي جرئت نه ڪري سگهي ۽ ناموسِ رسالت جي مسئلي کي کولي بيان ڪري هر هڪ کي باخبر ڪيو آهي.

جيتوڻيڪ هن ڪتاب لکڻ جو مقصد ۽ مسئلي جي حقيقت رسالي جي دستياب 25 صفحن مان ظاهر ۽ معلوم ٿي سگهي آهي، پر افسوس جو رسالو آخر ۾ ناقص آهي ۽ ٽئين فصل جي باقي مواد بابت پروڙ پئجي نه سگهي آهي ته انهن ڪتل صفحن ۾ ڪهڙيءَ نوعيت جو مواد شامل هوندو!

الحمدلله! ويجهر ۾ "السيف الجلي" جا مختلف قلمي نسخا حاصل ڪري سنڌ جي ٻن عالمن عربيءَ ۾ ايڊٽ ڪري شايع ڪيا آهن:

1. عبدالله فهيمي لاڙڪاڻو، دارالضياء ڪويت، 2016ع. ان تي نظرثاني ۽ مقدمو مفتي حق النبي ازهري شاهه پور چاڪر واري جو لکيل آهي. تازو "السيف الجلي" جو اردو ترجمو به ڪراچي مان 2016ع ۾ ڇپيو آهي.
2. ڊاڪٽر عبدالقيوم سنڌي، مڪتبه رئيسي مڪة المڪرمة، 2017ع.

------

6. رد رسالہ قرة العين في البڪاءِ علي الحسين

هيءُ قلمي نسخو 16 صفحن تي مشتمل آهي. صفحي جي ڊيگهه چار انچ ۽ ويڪر ڇهه انچ آهي. هر صفحي ۾ 14 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 10 لفظ آهن.

هيءُ رسالو مخدوم صاحب جو دستخط آهي. جنهن تي سندس تصنيف واري سال ۽ نالي جي هيءُ مهر لڳل آهي:

"محمد هاشم عفي عنه 1134هه"

مخدوم صاحب پاڻ رسالي جي مٿان لکيو آهي ته:

"هٰذه رسالة للشيخ محمد معين التتوي في تجويز الماتم والنياحة والحداد ولبس السواد والتعزية بعد الثلث في يوم عاشور. و هٰذه الرسالة سماها مؤلفها قرة العين في البڪاء علي الحسين رضي الله عنه."

مخدوم صاحب جي نالي ۽ مهر جي مٿان مخدوم محمد حيات سنڌي مدني جي صحيح به آهي، جنهن ۾ هي تحرير ٿيل آهي: "الفقير محمد حيات السندي." انهيءَ مان اهو ظاهر آهي ته هيءُ رسالو مخدوم محمد حيات سنڌيءَ جي نظر مان به گذريل آهي، جنهن تصديق طور رسالي تي پنهنجي صحيح به ڪئي آهي. اهو به مشهور آهي ته مخدوم محمد حيات سنڌيءَ، مخدوم محمد معين جي رد ۾ به رسالا لکيا آهن، خاص ڪري امامن سڳورن جي لاءِ روئڻ، پٽڻ، ڪٽڻ، جي منع بابت. "ذريعة الوصول" فارسي ڪان پوءِ مخدوم صاحب جو هٿ اکرين لکيل هيءُ ٻيو رسالو آهي، جو سندس مهر سان سينگاريل دستياب ٿيو آهي. هيءُ رسالو علمي دنيا ۾ هڪ وڏو انڪشاف آهي. هن رسالي جي مهر مان معلوم ٿئي ٿو ته هيءُ رسالو 282 سال گذرڻ ڪان پوءِ دستياب ٿيو ۽ محفوظ رهيو آهي. مصنف جو هيءُ واحد قلمي نسخو، "مدرسہ مجدديه نعيميه- ملير، ڪراچي" ۾ موجود آهي. راقم جي ڪتبخاني ۾ ان نسخي جو عڪس محفوظ آهي.

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب، مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جي چند رسالن جو رد لکيو آهي، جن مان هيءُ رسالو به هڪ آهي. مخدوم محمد معين ٺٽي جو وڏو عالم، صوفي ۽ شاعر هو. مذهب جي لحاظ سان رنگين طبيعت جو مالڪ هو. هڪ طرف

سندس نسبت شاهه ولي الله محدث دهلويءَ سان آهي، تہ ٻئي طرف اهلِ سنت جي خلاف محرم شريف ۾ امامن سڳورن خاص ڪري حضرت امام حسين رضي الله عنه جي لاءِ پٽڻ ڪٽڻ، ماتم ڪرڻ، ڪارا ڪپڙا پائڻ ۽ اهڙين ٻين ڳالهين کي جائز قرار ڏيندو هو. اهڙي عالم ۽ وڏي پايي جي مصنف طرفان اهڙيون ڳالهيون لکڻ، خاص ڪري جاهل عوام لاءِ وڏي هٿي هئي ۽ اهلِ سنت جي مٿان وڏو وار هو. ان ڪري مخدوم صاحب بروقت ان ڳالهہ جو نوٽيس ورتو ۽ مخدوم محمد معين جو باوجود ادب احترام رکندي بہ مسلڪ اهلِ سنت جي لحاظ سان سندس اهڙين ڳالهين ۽ ڪتابن جو رد لکي، عام ماڻهن کي خبردار ڪيو ۽ اها ڳالهہ وقت جي عالمن جي ڌيان تي بہ آندي. اهو ئي سبب آهي، جو مخدوم محمد حيات سنڌيءَ، مدني، مخدوم صاحب جي پٽ عبداللطيف ۽ پوٽي مخدوم ابراهيم بہ مخدوم محمد معين جي ڪتابن جو ڀرپور رد ۽ جواب لکيا آهن.

بهرحال، هيءُ رسالو امام حسين رضي الله عنه جي لاءِ روئڻ، پٽڻ، ڪٽڻ، ڪارن ڪپڙن پائڻ ۽ تعزيہ ڪڍڻ وغيره جي رد ۾ مخدوم معين جي رسالي ”قرة العين“ جي جواب ۾ دليلن سان ڀرپور ۽ مختصر طور تحرير ٿيل آهي ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي جرئت، همت ۽ علمي عظمت جو اهڃاڻ آهي.

------

7. اتحاف الاڪابر بمرويات الشيخ عبدالقادر

مخدوم ٺٽويءَ سن 1135هجري ۾ حرمين شريفين جي سفر تي پلي پار ويو هو. اتي پاڻ مڪي شريف ۽ مديني پاڪ جي استادن کان علم پرايائين. مڪي شريف ۾ پنهنجي استاد عبدالقادر بن ابوبڪر بن عبدالقادر صديقي حنفي کان علم حديث ۽ ٻيا علم حاصل ڪيائين ۽ اسنادون گڏ ڪيائين. ان سلسلي ۾ هيءُ ڪتاب مخدوم ٺٽويءَ جي تصنيفات مان هڪ عظيم شاهڪار آهي. مخدوم صاحب هن ڪتاب ”اتحاف الاڪابر“ ۾ علم تفسير، حديث، اصول حديث، فقه، اصول فقه، تصوف، تاريخ، رجال، سيرت ۽ ٻين علمن ۾ لکيل عربي ڪتابن جون اهي اسناد يا سَندون گڏ ڪيون آهن، جيڪي ڪيس پنهنجي عظيم استاد عبدالقادر مڪي جي واسطي سان حاصل ٿيون.

هڪ هڪ ڪتاب جي مصنف تائين پنهنجي سلسلي کي پهچائڻ بابت لکيل هي بهترين ڪتاب هڪ مقدمي، چئن بابن ۽ خاتمي تي ٻڌل آهي ۽ عربي ٻولي ۾ لکيل آهي.

باب پهريون: انهن اجازتن ۽ سندن بابت جيڪي ڪنهن خاص ڪتاب لاءِ ڪيس حاصل ٿيون. مخدوم صاحب انهن سندن کي الف - بي واري ابجدي حساب سان پيش ڪيو آهي.

باب ٻيو: عمومي اجازت ڏنل اسناد جو ذڪر.

باب ٽيون: مسلسل احاديث جي اجازت ۽ سَنَدن بابت.

باب چوٿون: تصوف جي سمورن سلسلن جي اجازتن ۽ خرقه شريف بابت.

خاتمو: اوراد، اذڪار، دعائن ۽ عالي سَنَدن جي بيان ۾.

ڪتاب جي شروعات ”حديث الرحمة المسلسل بالاولية“ سان ٿئي ٿي ۽ ڪتاب جي آخر ۾ مخدوم صاحب جي لکيل 115 ڪتابن جي لسٽ بہ آيل آهي، جيڪا بعد ۾ غالباً سندس ڪنهن شاگرد يا ڪاتب طرفان شامل ڪيل آهي.

راقم جي ڪتبخاني ۾ ”اتحاف الاڪابر“ جا بہ قلمي عڪسي نسخا موجود آهن: هڪ حافظ حبيب سنڌي چوهڙ جمالي وارو ناقص قلمي عڪسي نسخو ۽ ٻيو پروفيسر امين الله علوي شڪارپور واري جو قلمي عڪسي نسخو.

حافظ حبيب واري نسخي ۾ 354 صفحا آهن. ڪاتب عبدالحق مٽياروي

۽ تاريخ ڪتابت 4 شعبان المعظم 1319ھ آهي. ڪتابت بنهه سادي ۽ اکر ڪچا آهن. پروفيسر علوي واري نسخي ۾ 620 صفحا آهن. خوبصورت ڪتابت سان مزين آهي. البت، ڪاتب جو نالو ۽ تاريخ ڪتابت نامعلوم آهن.

"اتحاف الاڪابر" جا قلمي نسخا هيٺين ڪتبخانن ۾ پڻ موجود آهن: مڪتبه عربيه جده شريف، مڪتبه الحرم المڪي، ڪتب خانہ پير ڳوٺ، ڪتبخانه مجدديه نعيميه ملير ڪراچي، ڪتبخانه پيير سرهندي ۽ مڪتبه قاسميه ڪنڊياري ۾ ڇهن نسخن جا عڪس موجود آهن. ڊاڪٽر محمد ادريس السندي انهن سڀني نسخن کي سامهون رکي، هن ڪتاب کي ايڊٽ ڪري رهيو آهي.

مخدوم ٺٽويءَ "اتحاف الاڪابر" ۾ پنهنجي ولادت جي تاريخ هن طرح ڏني آهي:

"خميس جي رات، 10 ربيع الاول 1104 هجري."

- ڪتاب جي شروعات جمعي جي ڏينهن، تاريخ 4 ذوالقعد 1135 هجري ۾ مڪي شريف ۾ ٿي.
- سندس استاد، سندُن جا جيڪي سلسلا بيان پي ڪيا، انهن جا هوند بہ ٽي جلد جڙي پون ها، پر مخدوم صاحب اختصار ڪري اهو مواد هڪ جلد ۾ مرتب ڪيو آهي.
- مخدوم صاحب سفر حرمين شريفين جي واپسيءَ بعد ٺٽي ۾ اچي هن ڪتاب ۾ اضافا ڪيا. انهن اضافن جا بہ بہ رسالا جڙي پيا: هڪ "نظم الجواهر" ۽ ٻيو "نور البصائر".[1]

------

[1] ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي سوانح حيات ۽ علميت بابت ويچار (مقالو)، ٽماهي "مهراڻ"، نمبر_4، 1985ع، ص 34_131

8. نظم الجواهر بذيل اتحاف الاڪابر

مخدوم ٺٽويءَ اسناد جي حوالي سان مڪي شريف ۾ "اتحاف الاڪابر" نالي هڪ ضخيم ڪتاب تصنيف ڪيو. پلي پار جي سفر تان واپسيءَ بعد ٺٽي ۾ اچي پاڻ "اتحاف الاڪابر" ۾ اضافا ڪيائين. هيءُ ڪتاب "نظم الجواهر" ان سلسلي جي ڪڙي آهي ۽ عربي ٻولي ۾ لکيل آهي.

هن رسالي ۾ 23 صفحا آهن. صفحي جي ڊيگهه ٻارهن انچ، ويڪر ست انچ آهي. هر صفحي ۾ 35 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 13 لفظ آهن. هن رسالي جو ڪاتب - مير سيد احمد سادات الحسيني، ساڪن ڪابل ملڪ افغانستان آهي. جنهن هن نسخي جي ڪتابت وقت ظهر بروز سومر رمضان المبارڪ 1354هجري تي مڪمل ڪئي. هن رسالي جي نهايت خوبصورت ڪتابت ٿيل آهي.

جيئن تہ مخدوم صاحب پنهنجي ڪتاب "اتحاف الاڪابر" ۾ التزام ڪيو هو، تہ اُن ۾ اهي اسناد ۽ اجازات گڏ ڪندو، جيڪي ڪيس پنهنجي استاد عبدالقادر حنفي مڪي جي واسطي سان حاصل ٿيون آهن. تنهنڪري ڪيس هن اضافي ۽ ذيل جي ضرورت محسوس ٿي، جنهن ۾ هن استاد عبدالقادر حنفيءَ کان سواءِ ٻين مشائخن ۽ استادن، جهڙوڪ: محمد بن عبدالله المغربي الفاسي، شيخ عيد بن علي النمرسي المصري ۽ شيخ طاهر بن ابراهيم بن الحسن الڪوراني المدني جون سندون گڏ ڪيون آهن. "نظم الجواهر" جو مواد ڇئن فصلن ۾ وراهيل آهي.

------

9. نور البصائر تڪملھ ذيل اتحاف الاڪابر

هيءُ رسالو عربي زبان ۾، ”نظم الجواهر“ جو تڪملو آهي، جنهن ۾ مخدوم صاحب پنهنجي مرشد سيد سعد الله قادري بن غلام محمد سورتي جون اجازات ۽ اسانيد گڏ ڪيون آهن.

”نورالبصائر“ پنجن صفحن جو مختصر رسالو آهي. صفحن جي سائيز، ڪاتب ۽ ڪتابت جو سال به ساڳيو ”نظم الجواهر“ وارو آهي. يعني سال 1354هجري، ڪاتب مير سيد احمد سادات الحسيني، ساڪن ڪابل ملڪ افغانستان.

------

10. درهم الصرة في وضع اليدين تحت السُرة

مخدوم صاحب هيءُ رسالو حنفي مذهب جي تائيد ۾ اندازاً 1137هجري ۾ لکيو. هيءُ رسالو 24 صفحن تي مشتمل آهي. صفحي جي ڊيگهه اٺ انچ ۽ ويڪر چار انچ آهي، هر صفحي ۾ 18 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 15 لفظ آهن. ڪاتب ۽ ڪتابت جو سال نامعلوم آهي ۽ وچولي ڪتابت آهي.

هيءُ رسالو سنڌ جي وڏي محدث، محمد حيات سنڌي مدنيءَ جي رد ۾ لکيل آهي. مخدوم صاحب هن کان اڳ ۾ به محمد حيات سنڌيءَ جي رد ۾ رسالا لکيا آهن. انهن مان ”معيار النقاد“ رسالي جي آخر ۾ سن 1137ھ ڄاڻايل آهي. هيءُ رسالو به ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. لڳ ڀڳ ان ئي دور ۾، يا ان کان ڪجهه اڳ يا پوءِ لکيو ويو آهي. هيءُ رسالو پير جهنڊي جي ڪتبخاني - نيو سعيد آباد، درسگاهه چوٽياريون ۽ سرهندي ڪتبخاني - ٽنڊي سائينداد ۾ موجود آهي. راقم وٽ پير جهنڊي واري قلمي نسخي جو عڪس موجود آهي.

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب پنهنجي وقت جي گهڻن عالمن ۽ مصنفن سان قلم ذريعي علمي ميدان ۾ تحقيقي بحث مباحثا ڪري ڪتاب لکيا، جن ۾ ميون ابوالحسن ٺٽوي، مخدوم محمد قائم ٺٽوي مدني، مخدوم محمد معين ٺٽوي ۽ مخدوم محمد حيات سنڌي مدنيءَ جا نالا سرِفهرست آهن.

هيءُ رسالو مخدوم محمد حيات سنڌي مدنيءَ جي رد ۾ لکيل آهي، جنهن فقه حنفيءَ جي خلاف، امام شافعي جي دليل تي، نماز ۾ مردن کي به عورتن وانگر مٿي سيني تي هٿ ٻڌي نماز پڙهڻ جي جواز ۾ فتويٰ ڏني هئي ۽ اها تحرير ”فتح القدير“ جي حاشيي تي لکي هئي.

جيئن ته مخدوم صاحب فقه حنفيءَ جو زبردست عالم ۽ مقلد هو. جنهن پهريان ته اها ڳالهه ٻڌي، بعد ۾ تصديق ڪرڻ خاطر ”فتح القدير“ جو حاشيو به پڙهيو ۽ اهو به ٻڌو ته ڪي ماڻهو امام ابو حنيفه جي پيروي ڪندڙ ”حنفي“ سڏائڻ وارا به شڪ جي بناء تي امام شافعي جي مسلڪ وانگر سيني تي هٿ ٻڌي نماز پڙهن ٿا. ان تي مخدوم صاحب کي ڪن دوستن چيو ته نماز جي هن اهم مسئلي تي تحقيقي رسالو لکو، ته جيئن حق ظاهر ٿئي ۽ شڪ دور ٿئي.

مخدوم صاحب هن رسالي ۾ آيل مواد کي مقدمي، پنجن فصلن ۽ خاتمي ۾ ورهائي، قلم هلايو آهي. نماز ۾ مردن لاءِ دن کان هيٺ هٿ ٻڌڻ بابت حنفي مذهب جي تائيد ۾ ڀرپور علمي بحث ڪري، مسئلي کي ثابت ڪيو آهي ۽ هن مسئلي بابت چئني امامن جو مذهب بيان ڪري، نقلي ۽ عقلي دليل پيش ڪري، سوالن جا جواب به ڏنا آهن ۽ حنفي مذهب جي تائيد ۾ رسالي کي پورو ڪيو آهي.

مخدوم صاحب دُن جي هيٺان هٿ ٻڌڻ بابت "درهم الصرة" کان سواءِ به رسالا ٻيا به لکيا آهن:

1. معيار النقاد في تمييز المغشوش عن الجياد
2. ترصيع الدرة عليٰ درهم الصرة

انهن ٻنهي رسالن جي مواد جو نچوڙ ۽ تحقيق هيءَ آهي، ته مردن کي نماز ۾ هٿ، دن جي هيٺان ٻڌڻ گهرجن، اهوئي حنفي مذهب جو اصول ۽ عمل آهي.

------

11. معيار النقاد في تمييز المغشوش عن الجياد

هن رسالي جي شروعات هن ريت ٿيل آهي: "الفه الفقير محمد هاشم السندي في الرد عليٰ محمد حيات المذكور وشيخه ابي الحسن المسطور."

هن رسالي ۾ 29 صفحا آهن. صفحي جي ڊيگهه اٽ انچ ۽ ويڪر چار انچ آهي. هر صفحي ۾ 17 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 12 لفظ آهن.

مخدوم صاحب نماز ۾ دن جي هيٺان هٿ ٻڌڻ بابت ٽي رسالا لکيا آهن. انهن ٽنهي رسالن جو ڪاتب هڪ ئي ميان رحمت الله نالي معلوم ٿئي ٿو. اکر گهاٽا ۽ وچٿرا آهن.

هيءُ رسالو مخدوم صاحب جي دور جو ڪتابت ٿيل آهي. هن رسالي جي آخر ۾ جيئن ڪاتب جي نوٽ مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته هيءُ نسخو مصنف مخدوم محمد هاشم جي اصل نسخي تان نقل ڪيو ويو آهي. سن 1137هه ماه جمادي الاوليٰ، اڱاري ڏينهن تي لکجي پوري ٿيو. هيءُ رسالو پير جهنڊي جي ڪتبخاني - نيو سعيد آباد ۾ موجود آهي. راقم وٽ ان نسخي جو عڪس موجود آهي.

مواد جو وچور:

هن رسالي ۾ به حنفي مذهب جي تائيد ۾ مردن لاءِ نماز ۾ دُن جي هيٺان هٿ ٻڌڻ بابت بحث ڪيل آهي. اصل ۾ هيءُ رسالو مخدوم صاحب جي دور جي وڏي محدث ۽ همعصر، مخدوم محمد حيات سنڌي مدني جي حنفي مسلڪ جي خلاف لکيل رسالي "الدرة في اظهار غش نقد الصرة" جو رد ۽ جواب آهي. اهو رسالو وري مخدوم صاحب جي رسالي "درهم الصرة" جي تنقيد ۾ تحرير ٿيل آهي. مخدوم صاحب بر وقت "معيار النقاد" لکيو ۽ مخدوم محمد حيات سنڌي مدنيءَ جي اعتراضن جا جواب ڏنا ۽ پنهنجي نڪته نظر کي واضح ڪري، حنفي مسلڪ کي ثابت ۽ واضح ڪيو.

هن مسئلي ۾ مخدوم صاحب جو ٻيو وڏو همعصر ۽ عالم، مخدوم ابوالحسن ڪبير ٺٽوي سنڌي مدني، جيڪو محمد حيات سنڌيءَ جو استاد هو،

شايد هن مسئلي ۾ به پنهنجي شاگرد محمد حيات سنڌي سان شامل راءِ هو. ان ڪري مخدوم صاحب، محمد حيات سنڌيءَ سان گڏ سندس استاد ابوالحسن ڪبير سنڌي مدني جو به اشارتاً پنهنجي رسالي ۾ نالو ڪنيو ۽ ذڪر ڪيو آهي.

بهرحال، مخدوم صاحب حنفي مسلڪ تي هن مسئلي ۾ وارد ٿيندڙ اعتراضن جا ڀرپور جواب ڏنا آهن ۽ مسئلي کي کولي بيان ڪيو آهي. مردن لاءِ نماز ۾ سيني جي مٿان عورتن وانگر هٿ ٻڌڻ جي بجاءِ دُن جي لڳ هيٺان هٿ ٻڌي نماز پڙهڻ کي جائز ۽ صحيح ثابت ڪيو آهي.

------

12. ترصيع الدرة عليٰ درهم الصرة

هي رسالو به مخدوم صاحب جي دور جو تحرير ٿيل آهي، جو حنفي مسلڪ موجب "نماز ۾ دُن جي هيٺان هٿ ٻڌڻ "جي سلسلي ۾ تين ڪڙي آهي. هن رسالي جو ڪاتب ساڳيو ئي ميان رحمت الله آهي. هيءُ نسخو 22 صفحن تي ڦهليل آهي. صفحي جي ڊيگهه اٺ انچ ۽ ويڪر چار انچ آهي. هر صفحي ۾ 16 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور ڏهه لفظ آهن.

هيءُ رسالو قلمي صورت ۾ آهي ۽ پير جهنڊي جي ڪتبخاني - نيو سعيد آباد ۾ موجود آهي. راقم وٽ ان رسالي جو عڪس موجود آهي.

مواد جو وچور:

هيءُ رسالو به حنفي مسلڪ جي تائيد ۾، دُن کان هيٺ هٿ ٻڌي نماز پڙهڻ بابت آهي. اندازاً سن 1137هه يا ان کان ڪجهه وقت اڳ ۾ يا پوءِ جو لکيل آهي. هيءُ رسالو به اصل ۾ مخدوم محمد حيات سنڌي مدنيءَ جي رد ۾ لکيو ويو آهي ۽ دليلن سان ڀرپور آهي. محمد حيات سنڌي تقليد جو مخالف ۽ نماز ۾ سيني تي هٿ ٻڌڻ جو قائل هو. مخدوم صاحب حنفي مسلڪ جو مقلد ۽ نماز ۾ دن کان هيٺ هٿ ٻڌڻ جو قائل هو. ان ڪري سنڌ جي ٻنهي وڏن محدثن هن مسئلي تي علمي ڏي وٺ ڪئي ۽ هڪ ٻئي جي جواب ۾ رسالا لکيا.

مخدوم صاحب هن رسالي ۾ ٻين رسالن وانگر حنفي مسلڪ جي تائيد ۾ مخدوم محمد حيات سنڌي مدني کي علمي جواب ڏئي، ڪيس قائل ڪرڻ جي ڀرپور علمي ڪوشش ڪئي آهي. بحث دوران ڪن قلمي نسخن جي اختلاف ۽ عبارت جي گهٽ وڌائيءَ جي به مختلف نسخن جا نالا ڏئي نشاندهي ڪئي وئي آهي. چند جاين تي سنڌ جي مشهور عالم، محمد اڪرم نصرپور واري جا حوالا به آندا ويا آهن. بهرحال، هيءُ رسالو ۽ ان موضوع "دن کان هيٺ هٿ ٻڌي نماز پڙهڻ" بابت ٻه ٻيا رسالا به پڙهڻ جي قابل آهن ۽ علمي بحث جو بهترين نمونو آهن.

هن مسئلي "وضع اليدين تحت السرة" ۾ ته ٻنهي محدثن جو اختلاف آهي، پر هوڏانهن مخدوم محمد معين ٺٽوي، جنهن جو ڪن مسئلن ۾ اهلِ

سنت جي برخلاف رافضيت ۽ شيعت ڏانهن لاڙو هو. تنهن جي خلاف ٻنهي محدثن گڏجي ڀرپور علمي نموني ۾ جواب ڏنا آهن ۽ پنهنجي علمي اختلاف کي وچ ۾ نه آندو آهي، ۽ ٻنهي رباني عالم هئڻ جو بهترين ثبوت ڏنو آهي.

مخدوم صاحب جا "ڌُن جي هينان نماز ۾ هٿ ٻڌڻ" بابت اِهي ٽئي عربي رسالا: "درهم الصرة"، "معيار النقاد" ۽ "ترصيع الدرة" ۽ محمد حيات سنڌي جو "درة" هڪ گڏيل مجموعي جي صورت ۾ تازو "ادارة القرآن والعلوم الاسلاميه، ڪراچي" طرفان سن 1414هجري ۾ شايع ٿي چڪا آهن.

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جا هي ٽئي رسالا ۽ مخدوم محمد حيات سنڌي مدني جو "درة" سڀ گڏيل مجموعو ڪتابي شڪل ۾ سال 1403هجري ۾ مولانا شير محمد منيب افغانستان مان به شايع ٿيو آهي.

------

13. نورالعينين في اثباة الاشارة في التشهدين

هن ڪتاب ۾ 118 صفحا آهن. صفحي جي ڊيگهه يارهن انچ ۽ ويڪر ست انچ آهي. هر صفحي ۾ 17 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 17 لفظ آهن. ڪتابت وچولي، باب ۽ فصل ڳاڙهي مس سان لکيل آهن. ڪاتب، رسالي پوري ٿيڻ جي آخر ۾، سنهي قلم سان هن ريت لکيو آهي: مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو هيءُ ڪتاب "نورالعينين" ڪاتب عبدالڪريم خيرپوريءَ جي هٿان تاريخ 11 صفر المظفر سن 1331ھ ۾ لکجي پورو ٿيو.

مخدوم صاحب هيءُ ڪتاب 11 مهينن ۾ لکي پورو ڪيو. هن ڪتاب جي لکجڻ جي شروعات 6 ذوالحج 1138ھ تي ٿي ۽ برابر يارهن مهينا ان سلسلي ۾ مختلف ڪتابن تان مواد جي ميڙا چونڊي پئي ڪئي. تاريخ 12 شوال 1139ھ تي ڪتاب لکجي پورو ٿيو. هن ڪتاب ۾ مخدوم صاحب علم حديث ۽ اصول حديث جا واهڙ وهايا آهن. هن ڪتاب جا قلمي نسخا الڪبير اڪيڊمي - ڪوٽڙي ڪبير، ڪتبخانه ڳڙهي ياسين، اوريئنٽل ڪاليج حيدرآباد، درسگاهه چوٽياري ۾ موجود آهن. راقم کي ان جو عڪس - قاسميه لائبريري ڪنڊياري مان مليو. هن ڪتاب کي محترم مولا بخش شر سڪندري شاهپور چاڪر واري پي ايڇ. ڊي لاءِ ايڊٽ ڪري، سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري مان سال 2005ع ۾ ڊاڪٽري جي ڊگري ورتي آهي.

مواد جو وچور:

"التحيات" ۾ آڱر جي اشاري ڪرڻ بابت اختلاف آهي. "خلاصه ڪيداني" نالي عربيءَ، فارسي ۾ هڪ ننڍڙو ڪتاب آهي، جنهن ۾ نماز جي مسئلن ۾ لکيو ويو آهي ته "التحيات" ۾ هيءُ جو آڱر جو اشارو ڪيو ويندو آهي، سو نه ڪيو وڃي. اهو اشارو ڪرڻ حرام آهي.[1] اهڙيءَ ريت فارسي درسي ڪتاب "مالابدمنه" ۾ به منع آيل آهي.[1]

انهيءَ مسئلي تي افغانستان ۾ ڏاڍو زور رهيو آهي. ڪنهن دور ۾ ائين به هو

[1] لطف الله نسفي: "خلاصه ڪيداني" (عربي- فارسي)، ص 15

[1] قاضي ثناء الله پاني پتي: "مالا بدمنه" (فارسي)، ص 44

ته جيڪو اشارو ڪندو هو، تنهن کي سخت سزا ڏني ويندي هئي. ويتر جو امام رباني مجدد الف ثاني (المتوفيٰ: 28 صفر المظفر 1034ھ) جهڙو ولي ۽ عالم به اشاري خلاف لکي ويو، تنهن ته انهن کي هٿي ڏئي ڇڏي. دراصل، پناڻ امام ربانيءَ جا ڏاڏا معتقد پئي رهيا آهن، ڇاڪاڻ ته امام صاحب به اصل ۾ ڪابل جو هو.

پر جڏهن ته اهو مسئلو فقه حنفي جي ظاهر روايت وارن ڪتابن ۾ نه آيو آهي، مگر امام ابو حنيفه (80ھ - 150ھ) جي شاگرد امام محمد بن حسن (المتوفي: 189ھ) پنهنجي ڪتاب "مؤطا" ۾ التحيات ۾ اشاري ڪي حديث سان ثابت ڪندي لکيو آهي، ته اهوئي امام ابو حنيفه جو قول آهي. انهيءَ ڪري اڪثر حنفين انهيءَ قول تي فتويٰ ڏني آهي ۽ سندن عمل به انهيءَ تي رهيو آهي.[2]

دراصل، امام محمد - "مؤطا امام محمد" ، 'ڪتاب الصلواة' ۾ هيءَ حديث آندي آهي:

"مالڪ بن انس، مسلم بن ابي مريم، علي بن عبدالرحمان المعاوي چيو، مون کي عبدالله بن عمر نماز ۾ پٿرين سان راند ڪندي ڏٺو. آئون جڏهن نماز کان واندو ٿيس، ته مون کي ائين ڪرڻ کان جهليائين ۽ چيائين ته ائين ڪندو ڪر، جيئن رسول الله ﷺ ڪندا هئا. مون چيو ته رسول الله ﷺ ڇا ڪندا هئا؟ عبدالله بن عمر چيو ته پاڻ جڏهن نماز ۾ ويهندا هئا، ته ساڄو هٿ ساڄي ران تي رکي ۽ ٽن آڱرين کي بند ڪري، اشهد آڱر سان اشارو ڪندا هئا. کاٻي هٿ کي کاٻي ران تي رکندا هئا. قال محمد وهو بصنيع رسول الله ﷺ ناخذ وهو قول ابي حنيفة.[1] يعني امام محمد چيو ته رسول الله ﷺ جي هن فعل کي اسان وٺون ٿا، يعني عمل ڪريون ٿا ۽ اهوئي امام ابو حنيفه قول آهي."

"التحيات" پڙهڻ دوران آڱر جي اشاري ڪرڻ جو طريقو هيءُ آهي، ته نمازي جڏهن سجدو ڪري "التحيات" پڙهڻ ويهي ۽ "التحيات" پڙهندي جڏهن "لا اِلٰه" جي لفظ تي پهچي، ته ساڄي هٿ جي وچين آڱر آڱوٺي سان ملائي ڇلي وانگر

---

[2] علامه غلام مصطفيٰ قاسمي: "علويه لائبريري" (مقالو)، ماهوار "نئين زندگي"، ڪراچي سنڌ، فيبروري 1960ع، ص 21

[1] امام محمد بن حسن شيباني: "مؤطا امام محمد" ، مترجم: خواجه عبدالوحيد، ص 68.

گول بنائي ۽ ڏسڻي (اشهد) آڱر مٿي کڻي ۽ "الا الله" چوڻ وقت آڱر هيٺ ڪري، پر آڱوٺي ۽ وچين آڱر کي انهيءَ حال تي رکي، جيستائين سلام ورائي.[2]

مخدوم صاحب هن ڪتاب جي مقدمي ۾ انهيءَ سڄي بحث ۽ مسئلي جو نچوڙ سمائي ڇڏيو آهي. پاڻ لکي ٿو:

"پنهنجي پالڻهار جي رحمت ۾ اميدوار ٻانهو- محمد هاشم پٽ عبدالغفور پٽ عبدالرحمان سنڌي اصل ۾ ٻنوري جو رهاڪو، پوءِ ٺٽوي چوي ٿو، ته هن مختصر رسالي ۾ نماز ۾ التحيات پڙهڻ وقت اشهد آڱر کڻڻ جو مسئلو بيان ٿيل آهي. اهو مستحب آهي يا سنت، (پر) ان جو ترڪ ڪرڻ چڱو نه آهي. ڇو ته ان باري ۾ حضور ﷺ جن جي ڪافي صحيح صريح حديثن ۾ گهڻو احوال آيو آهي. تان ته اهو مسئلو تواتر جي معنيٰ تائين پهتل آهي. ان سان گڏ فقهي نص به ان باري ۾ آيل آهي. حنفي مذهب وارن جو ان تي صحيح عمل به رهيو آهي ۽ امت محمدي جي سيني مذهب جي مجتهدن جو هن مسئلي تي اجماع آهي. البت پوئين دور جي ڪن حنفي مقلدن جو اختلاف آهي. مون (هن مسئلي جي تحقيق ۽ جواز ۾) حديثون، عقلي نقلي دليل ۽ حنفي فقيهن جون روايتون ميڙي چونڊي گڏ ڪيون آهن، ته جيئن ان تي عمل ڪري سگهجي ۽ (ان باري ۾ پيدا ٿيل) خطا ۽ سهو کان بچي سگهجي."

---

[2] مولوي عبدالحميد پٽي: "تحفة الفقيه" (سنڌي)، جلد_1، ص 68

14. كشف الغطاء عما يحل و يحرم من النوح والبكاء

جيتوڻيڪ هيءُ رسالو عربي ۾ آهي، پر ان جي ڪتابت جو نمونو فارسي طرز تي آهي. هيءُ رسالو ٻن ڪاتبن جو لکيل آهي: 1. عبدالرؤف بن سائينڏنو 2. غلام قادر: انهيءَ ڪري ڪتابت ۾ يڪسانيت نه آهي ۽ اکر به ڪچا آهن. ڪتابت جو سال نامعلوم آهي. مخدوم صاحب هيءُ ڪتاب سن 1142هجري ۾ لکيو. هن رسالي ۾ 28 صفحا آهن. صفحي جي ڊيگهه ٻارهن انچ ۽ ويڪر اٺ انچ آهي. هر صفحي ۾ 28 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 25 لفظ آهن.

مخدوم صاحب جو عربيءَ ۾ لکيل هيءُ ڪتاب، ٺٽي جي وڏي عالم ۽ مخدوم صاحب جي همعصر، مخدوم محمد معين جي رد ۾ لکيل آهي. جنهن ۾ قرآن، حديث ۽ تاريخ جي حوالن سان زبردست علمي بحث ٿيل آهي. هيءُ رسالو قلمي صورت ۾ آهي. هن رسالي جا قلمي نسخا ڪتبخانه گڙهي ياسين، ڪتبخانه سرهندي - ٽنڊي سائينداد، عبدالله گندري سونڊن واري ۽ سنڌالاجي لائبريري ڄام شوري ۾ موجود آهن. راقم کي ان جو هڪ عڪس قاسميه لائبرري ڪنڊياري ۽ ٻيو عڪس عبدالله گندري کان ٽئي مان مليو.

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب جي دور ۾ ٺٽي ۾ مخدوم محمد معين عرف مخدوم ٺارو هڪ وڏو چوٽيءَ جو عالم ٿي گذريو آهي. ڪي چون ٿا ته مخدوم صاحب جو استاد هو ۽ ڪي چون ٿا ته سندس همعصر هو. بهرحال مخدوم محمد معين هڪ مجيل علمي شخصيت، مصنف ۽ شاعر هو. هن هڪ رسالو لکيو، جنهن ۾ اهو چيو ويو آهي ته "حضرت امام حسين عليه السلام واسطي روئڻ پٽڻ جائز آهي. عاشوري جي ڏينهن ۾ عزا جون مجلسون قائم ڪرڻ جائز آهن ۽ انهن ڏينهن ۾ ڪارا ڪپڙا پائڻ به سنت آهن. تقيو ڪرڻ به سنو ڪم آهي ۽ ڪربلا جي مٽيءَ مان ٺهيل پٿرين يا ٺڪرين تي الله تعاليٰ جو سجدو ڪرڻ به سنو آهي وغيره." انهن عقيدن جي ثابت ڪرڻ لاءِ اهو رسالو "قرة العين في البكاء علي الحسين" ٺاهيائين.

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي شريعت جو سخت پابند هو ۽ وري مخدوم

محمد معين جهڙي برک عالم، شاهه ولي الله دهلويءَ جي شاگرد، ابوالقاسم نقشبنديءَ جي مريد ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي گهاٽي دوست ۽ صوفيءَ طرفان اهڙيون ڳالهيون ٻڌي ۽ سندس رسالي جو رد ڪرڻ ضروري ڄاتو.

مخدوم صاحب، مخدوم محمد معين جي انهن عقيدن ۽ رسالي جي رد ۽ جواب ۾ هيءُ رسالو "كشف الغطاء عما يحل و يحرم من النوح والبكاء" لکيو، جنهن ۾ قرآن، حديث، فقه، لغت ۽ تاريخي حوالن ۽ عقلي نقلي دليلن سان مخدوم محمد معين جو رد ڪيو ويو آهي.

مخدوم صاحب، مخدوم محمد معين جي رسالي تي ڀرپور علمي رد ڪد ڪندي، وڏي ادب ۽ احترام سان کيس "سيدنا"، "مولانا" ۽ "شيخنا" سڏيو آهي. پاڻ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ هن ڪتاب ۾ لکي ٿو:

> "الله جي دين جي باري ۾ حق چوڻ تي شرعاً ۽ عرفاً ڪا به ميار نه آهي ۽ اجازت آهي. ان ۾ وڏي ننڍي يا استاد کي به حق چئي سگهجي ٿو. امام محمد بن حسن شيباني پنهنجي مؤطا ۾ حضرت امام مالڪ بن انس جي باري ۾ (حق) ڳالهايو آهي. علمي مسئلن ۾ اهل مدينه ۽ ڪوفي وارن جو اختلاف يا گهڻن ڪتابن ۾ ڪيترن مسئلن تي اختلاف موجود آهي. (مخدوم محمد معين جي رسالي پڙهڻ کان پوءِ) منهنجي دل ۾ ڪي سوال اُڀريا. ان ڪري مون اها جسارت ڪئي آهي، پر ان ۾ سندس مخالفت يا انڪار ڪرڻ جو ارادو ڪونه اٿم. جيڪڏهن منهنجا سوال (يا هي رسالو) غلط آهي، ته پوءِ پلي نشاندهي ڪري. جيڪڏهن منهنجي رسالي ۾ آيل تحقيق يا سوال جواب صحيح آهن، ته پوءِ حق کي مڃڻ گهرجي ۽ حق جو انڪار نه ٿو ڪري سگهجي."

مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ "مقالات الشعراء" فارسي ۾، ٻنهي ٺٽوي محدثن جي فارسي شاعري ۽ احوال آندو آهي، جنهن ۾ ساڳي ڳالهه ۽ مؤقف ورجايل آهي ته مخدوم محمد معين ٺٽويءَ، امام حسين عليه السلام لاءِ روڄ راڙي ڪرڻ، پٽڻ ڪٽڻ ۽ مٽي ۾ مٽي وجهڻ کي جائز چيو آهي.

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ ان جي جواب ۾ شريعت محمديءَ جي نڪته نظر سان صبر ۽ تحمل، رضا تي راضي رهڻ ۽ "ان الله مع الصابرين" جي قرآني اصول تي زور ڏنو آهي.

بهرحال، مخدوم صاحب سڄي رسالي ۾ مٿيون ڳالهيون آڻي، سوال جواب ڪري، اهلِ سنت جو مسلڪ صحيح ثابت ڪيو آهي.

مخدوم صاحب کان سواءِ، مخدوم محمد معين جي شاگرد، مخدوم محمد حيات سنڌي مدنيءَ بہ پنهنجي استاد جي انهن عقيدن ۽ رسالي جو رد ۽ جواب لکيو آهي.

اڳتي هلي، مخدوم محمد هاشم جي پٽ، مخدوم عبداللطيف ٺٽويءَ ”ذب ذبابات الدراسات“ ۽ پوٽي مخدوم ابراهيم (مڏئي مرقد) پنهنجي ڪتاب ”القسطاس المستقيم“ ۾ مخدوم محمد معين جو رد لکيو آهي.

مخدوم صاحب هن کان اڳ سن 1134ھ ۾ انهيءَ مذڪوره رسالي جو رد مختصر طور ”رد رسالہ قرة العين“ عربيءَ ۾ لکيو هو ۽ هيءُ رسالو ”ڪشف الغطاء“ وڌيڪ تفصيل سان تحرير ٿيل آهي.

------

15. رفع الغطاء عن مسئلة جعل العمامة تحت الرداء

مخدوم صاحب نون صفحن تي مشتمل هيءُ رسالو سن 1146هجريءَ ۾ تحرير ڪيو. ميان عبدالرحمان نالي ڪاتب، تاريخ 26 جمادي الاول 1348هجري ۾ ڪتابت ڪيو. صفحي جي ڊيگهہ نوَ انچ ۽ ويڪر ساڍا ڇهہ انچ آهي. هر صفحي ۾ 16 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 16 لفظ آهن. رسالي جي ڪتابت خوشخط ۽ ڇپيل ڪتاب جهڙي آهي.

مخدوم صاحب هن رسالي ۾ 41 ڪتابن جا حوالا ڏئي، ننڍڙي رسالي جي اهميت کي وڌائي ڇڏيو آهي. هن رسالي جا قلمي نسخا قاسميه لائبريري، کنڊياري، اورينٽل ڪاليج لائبريري - حيدرآباد ۽ مولانا معروف لائبريري - مٽياري ۾ آهن. راقم وٽ قاسميه لائبريري واري نسخي جو عڪس موجود آهي.

مواد جو وچور:

مخدم صاحب جي وقت ۾ اها ڳالهہ مشهور هئي تہ نماز جي حالت ۾، پٽڪي جي مٿان چادر ويهڻ سنت آهي ۽ ڪلهن تي چادر ويڙهڻ مڪروه آهي، جيئن نماز ۾ مٿو اگهاڙو ڪرڻ مڪروه آهي. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ نماز ۾ پٽڪي جي مٿان چادر نہ وڌي، تہ الله تعاليٰ ان ڏانهن نہ ڏسي. مخدوم صاحب هن رسالي ۾ انهن دليلن کي رد ڪري، صحيح رستي جي رهنمائي ڪئي آهي.

مخدوم صاحب هن سوال کي بيان ڪري، ان جو حديث شريف ۽ رجال جي ڪتابن سان ڀرپور جواب ڏنو آهي، ۽ هڪڙي ئي سوال جي جواب ۾ 41 ڪتابن ۽ حوالن کان دليل ورتو آهي. خاص ڪري علم حديث ۾ جامع استدلال پيش ڪيو آهي.

هن رسالي جي خاص خوبي ۽ نئين ڳالهہ هيءَ آهي تہ جيئن انگريزيءَ ۾ نالي جو شارٽ فارم ڪبو آهي، تيئن مخدوم صاحب بہ هن رسالي ۾ عربي ڪتابن جي نالن جو شارٽ فارم وانگر اشارو ڪيو آهي ۽ ان کي ”رمز“ سڏيو آهي. مثال طور حديث جي مشهور ڪتاب ”مسلم“ جو حوالو رکيو ”م“ لکيو آهي. حديث جي ٻي مشهور ڪتاب ”ابوداؤد“ جو حوالو فقط ”د“ لکيو آهي.

ساڳي طرح حديث جي ڪتاب ”نسائي“ جو حوالو بہ صرف ”س“ لکيو آهي.

مخدوم صاحب هن رسالي جي مقدمي ۾، ان جي لکڻ جو سبب، نالو ۽ سال بہ تحرير ڪيو آهي. پاڻ لکي ٿو:

”هيءُ مختصر رسالو آهي، جنهن جو نالو مون ’رفع الغطاء عن مسئلة جعل العمامة تحت الرداء“ رکيو آهي. منهنجي دل ۾ ان وقت ڪي خدشا اُٿيا، جڏهن ڪن پائرن سن 1146ھ ۾ مون کان ڪي سوال پڇيا، تہ هن وقت (عالمن ۽ ماڻهن ۾) هي مشهور آهي تہ نماز جي حالت ۾ پٽڪي جي مٿان چادر ويڙهڻ سنت آهي ۽ ڪلهن تي چادر رکڻ مڪروه آهي. جيڪڏهن نماز جي حالت ۾ چادر ڪي پڳ جي مٿان نہ ويڙهائين، تہ الله تعاليٰ ان ڏانهن (رحمت جي) نظر نہ ڪندو.“

مخدوم صاحب صحيح ڳالهہ بيان ڪندي لکي ٿو، تہ پٽڪي جي مٿان چادر ويڙهڻ يا ڪلهن تي چادر رکڻ جائز آهي ۽ مڪروه نہ آهي.

مخدوم صاحب پنهنجي دور ۾ وقت بہ وقت پيش ايندڙ فقهي مسئلن ۽ سوالن جوابن جي پيش نظر، عام ماڻهن جي ديني معلومات ۽ ڀلائي خاطر ڪتاب لکيا ۽ پنهنجي علمي پالوٽ جو فيض جاري ڪيو. اهو سندس علمي وسعت، عميق مطالعي ۽ عالمانہ نظر جو دليل آهي.

------

16. الشفاء في مسئلة الراء

هن رسالي جو مواد مقدمي ۽ ٻن فصلن تي مشتمل آهي. هن رسالي ۾ 15 حوالا ڏنل آهن. هيءُ رسالو 26 صفحن تي ڦهليل آهي. صفحي جي ڊيگهہ نو انچ ۽ ويڪر ڇهہ انچ آهي. هر صفحي ۾ 12 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 10 لفظ آهن.

هيءُ نسخو محمد شفيع بن احمدي القريشي نالي ڪاتب 9 ربيع الاول 1383هجري تي ڪتابت ڪيو. راقم کي هيءُ قلمي نسخو، مخدوم غلام عمر عرف منور علي کان ڪتاب خانہ جوڻاٽي شريف تعلقي وارهہ ضلعي لاڙڪاڻي وٽان مليو. جنهن زماني ۾ مرزا قليچ بيگ وارهہ جو مختيارڪار هو، تہ پاڻ جوڻاٽي شريف جي ڪتبخاني ڏسڻ لاءِ ويندو هو ۽ حضرت غلام الصديق بزرگ سان علمي رهاڻيون ڪندو هو. هن ڪتبخاني ۾ مرزا قليچ بيگ جا خط اڄا تائين محفوظ آهن. هن نسخي کان علاوہ راقم وٽ ”الشفاء في مسئلة الراء“ جي هڪ ٻئي قلمي نسخي جو عڪس بہ موجود آهي، جو محترم بشير احمد هيسباڻيءَ کان مليو. انهيءَ نسخي جا 12 صفحا آهن. ۽ ڪتابت فارسي طرز جي آهي. ڪتابت صاف نہ آهي. اکر سنها ۽ باريڪ اٿس. ڪاتب جو نالو ۽ ڪتابت جو سال وغيره پڻ ڄاڻايل نہ آهي.

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب علم قرأت ۽ تجويد تي ڏهاڪو کن رسالا لکيا آهن. انهن مان هيءُ رسالو ”الشفاء في مسئلة الراء“ بہ هڪ آهي. هن رسالي ۾ ”ر“ جي علم تجويد موجب پڙهڻي ۽ تحقيق بيان ٿيل آهي. مخدوم صاحب هن رسالي ۾ حمد ۽ صلواة کان پوءِ لکي ٿو:

> ”پنهنجي وڏي پالڻهار جي رحمت جو محتاج- محمد هاشم پٽ عبدالغفور سنڌي چوي ٿو، تہ هيءُ رسالو (قرآن شريف ۾) ’ر‘ کي ڏگهو يا ٿلهو ڪري پڙهڻ ۽ باريڪ يا سنهو ڪري پڙهڻ جي باري ۾ آهي. هيءُ رسالو مون تاريخ 2 شوال مبارڪ سن 1147ھ تي لکڻ شروع ڪيو ۽ هن جو نالو ’الشفاء في مسئلة الراء‘ رکيو اٿم.“

مخدوم صاحب تحقيق ڪري، ٻن فصلن ۾ ”ر“ تي بحث ڪيو آهي:

فصل پهريون: هن فصل کي ٽن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي:

قسم 1: ”ر“ مڪسوره زير واري تي بحث آهي.

قسم 2: ”ر“ مفتوحہ زبر واري جي بيان ۾ آهي.

قسم 3: ”ر“ مضمومة پيش واري جو بحث آيل آهي.

فصل ٻيو: هن فصل ۾ چئن نوعن تي بحث آهي. هنن چئني نوعن ۾ ”ر“ ساڪن جي باري ۾ سمجهاڻي ۽ شرح بيان ٿيل آهي.

مخدوم صاحب ”ر“ جي باري ۾ علم تجويد جي مطابق جيڪي نڪتا هن رسالي ۾ شامل ڪيا آهن. انهن اصولن ۽ قاعدن جو خلاصو هيءُ آهي:

قاعدو: ”ر“ تي جيڪڏهن زير هجي، تہ سنهي ڪري پڙهبي، مثال: رِجالا

قاعدو: ”ر“ تي جيڪڏهن زبر هوندي، تہ ٿلهي ڪري پڙهبي، مثال: رَحمة.

قاعدو: ”ر“ تي پيش هجي تہ ٿلهي ڪري پڙهبي، مثال: رُزقوا

قاعدو ”ر“ پاڻ ساڪن آهي تہ ان جي اڳئين حرف جي اعراب کي ڏسبو. جيڪڏهن اڳيون حرف زبر يا پيش وارو آهي، تہ ”ر“ ٿلهي ڪري پڙهبي، جيئن: تَرضىٰ، تُرزقون. جيڪڏهن ”ر“ کان اڳيون حرف زير وارو آهي، جيڪا زير اصلي آهي ۽ حروف استعلاءَ کان اڳ بہ نہ آهي. زير وارو حرف ۽ ”ر“ ساڪن هڪ ئي لفظ ۾ هجي، تہ ”ر“ سنهي ڪري پڙهبي، جيئن: انذِ رالناس.

هيءُ ڪتاب ڊاڪٽر قاري عبدالقيوم بن عبدالغفور السندي، استاد ”اُم القريٰ يونيورسٽي“- مڪہ مڪرمہ، عربيءَ ۾ ايڊٽ ڪري، جامعہ بنوريہ ڪراچيءَ مان سن 1999ع ۾ شايع ڪيو آهي.

------

17. اللؤلؤ المکنون في تحقيق مد السکون

هيءُ ڇهن صفحن جو مختصر رسالو آهي. صفحي جي ڊيگهہ ڏہ انچ ۽ ويڪر ڇهہ انچ آهي. هر صفحي ۾ 24 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طر 13 لفظ آهن. ڪاتب نامعلوم. البت ڪاتب، ڪتابت جو سال هن ريت لکيو آهي: ”اين نسخہ صحيح 17 شهر رمضان المبارک سنہ 1162هہ تمام شد.“

اصل رسالو، مخدوم صاحب سن 1148هہ ۾ لکيو هو ۽ هيءُ ڪتابت ٿيل رسالو سن 1162هہ جو آهي، جنهن مان ظاهر آهي تہ هيءُ رسالو مخدوم صاحب جي حياتيءَ ۾، اصل رسالي کان رڳو 14 سال پوءِ جو ڪتابت ٿيل آهي. ان ڪري گمان غالب آهي تہ هيءُ رسالو مخدوم صاحب جي دور جو ۽ سندس ئي ڪتابت ٿيل هوندو. پر جيئن تہ مخدوم صاحب جا هٿ اکر راقم وٽ محفوظ آهن، ان ڪري اکرن جي ڀيٽ ڪرڻ مان معلوم ٿئي ٿو تہ هيءُ رسالو ٻئي ڪنهن ڪاتب جو لکيل آهي ۽ ان جي ڪتابت مخدوم صاحب جي ڀيٽ ۾ صفا سادي ۽ ڪچي آهي، جو تہ مخدوم صاحب جي ڪتابت اعليٰ درجي جي سهڻي ۽ خوشخطيءَ جو نادر نمونو آهي. ”اللؤلؤ المکنون“ جا قلمي نسخا، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي لائبريري- حيدرآباد، سنڌالاجي لائبريري - ڄام شوري، مدرسہ مجدديہ نعيميہ - ملير ڪراچي، ۽ ڪتب خانہ ڳڙهي ياسين ۾ موجود آهن. راقم وٽ قاسميہ لائبريري ڪنڊياري واري نسخي جو عڪس موجود آهي.

مواد جو وچور:

قرآن مجيد جا اسان تي ٽي حق آهن: هڪ قرآن کي قرأت تجويد جي قاعدي سان پڙهڻ، ٻيو ان جي معنيٰ ۽ حڪم معلوم ڪرڻ ۽ ٽيون ان جي حڪمن تي عمل ڪرڻ.

حضور ﷺ جن جو ارشاد مبارڪ آهي: ”خير کم من تعلم القرآن و علمہ“[1] يعني توهان مان ڀلو ماڻهو اهو آهي، جو قرآن سکي ۽ سيکاري.

---

[1] ولي الدين عراقي: ”مشکواة المصابيح“ (عربي)، ص 183

مولوي عبدالڪري ديروي پنھنجي ڪتاب ”تعليم القرآن“ ۾ لکي ٿو:

”حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي سنڌي، جو ستن قرأتن جو سَنَدَ يافتو ۽ اهلِ الله ۽ وڏو عالم ٿي گذريو آهي. سندس فتويٰ ’فرائض الاسلام‘ ۽ ’بياض هاشمي‘ ۾ لکيل آهي تہ: فرض آهي تہ قرآن شريف قرأت جي قاعدي موافق پڙهجي، يعني حرفن کي مخرجن مان ڪڍجي ۽ صفتون ادا ڪجن. پنھنجي طاقت آهر سکڻ جو سعيو ڪجي. سعيي سان بہ نہ آيو، تہ پوءِ معاف آهي.“ [2]

انهيءَ مٿئين عبارت مان اهو ظاهر آهي تہ قرآن مجيد کي تجويد جي قاعدن موافق پڙهڻ، هر مسلمان عاقل بالغ مرد خواه عورت تي نماز ۾ يا نماز کان ٻاهر فرض آهي.

”تجويد“ عربي ٻوليءَ ۾ ڪنھن بہ شيءِ جي عمده ڪرڻ کي چئبو آهي ۽ قارين وٽ قرآن مجيد کي عمدن لفظن سان پڙهڻ ۽ غلط ادائي کان بچڻ کي ”تجويد“ چئبو آهي.

مخدوم صاحب ”تجويد“ جو وڏو ڄاڻو هو. هن ان سلسلي ۾ ٻيا رسالا بہ لکيا آهن. هيءُ رسالو خاص ”مد السڪون“ جي باري ۾ آهي.

مد جي تعريف ۽ ان جا قسم: مد، لغت ۾ وڌائڻ ۽ ڊگھي ڪرڻ کي چئبو آهي. اها ٻہ قسم آهي: مد اصلي ۽ مد فرعي.

حرف مده کي پنھنجي آواز سان چوڻ کي ”مد اصلي“ ، مد طبعي، مد ذاتي ۽ قصر چئبو آهي. مد اصلي کان زياده حرف مده جي ڊگھي ڪرڻ کي ”مد فرعي“ چئبو آهي.

مخدوم صاحب هن رسالي جي مقدمي ۾ حمد ۽ صلواة کان پوءِ لکي ٿو:

”هيءُ مختصر رسالو آهي. هن ۾ مون (علم تجويد جي اصول موافق) ”مدالسڪون“ ۽ ان سان واسطو رکندڙ ڪجھ ڳوڙهيون ڳالهيون ذڪر ڪيون آهن. مون هي رسالو تاريخ 21 رمضان المبارڪ سن 1148ھ ۾ لکڻ شروع ڪيو آهي. مون هن رسالي جو نالو ’اللؤلؤ المڪنون في تحقيق مد السڪون‘ رکيو آهي. هي رسالو ٻن فصلن تي مشتمل آهي.“

[2] عبدالڪريم ديروي ميھڙائي: ”تعليم القرآن“ (سنڌي)، ص 2

مخدوم صاحب جو علم تجويد ۾ هيءُ رسالو ”مد السڪون“ جي باري ۾ معلومات سان ڀرپور آهي. جيئن مٿي مد جي تعريف ۽ ان جي قسمن جو بيان ٿي چڪو آحي، اهوئي هن سڄي رسالي جو نچوڙ آهي.

هي ڪتاب بہ ڊاڪٽر قاري عبدالقيوم بن عبدالغفور السندي ڪنڌ ڪوٽ واري ۽ استاد ”ام القريٰ يونيورسٽي“- المڪة المڪرمة ايڊٽ ڪري، مڪتبه جامعه بنوريه ڪراچي طرفان سن 1999ع ۾ شايع ڪيو آهي.

------

18. ڪشف الرين عن مسئلة رفع اليدين

مخدوم صاحب هيءُ رسالو 15 جمادي الاخر 1149 هجري ۾ لکيو. مولوي عبيدالله پهنور 12 صفر المظفر 1408هه تي نيو فيمس پرنٽنگ پريس حيدرآباد مان اردو ترجمي سان شايع ڪيو آهي. اصل متن 53 صفحا، مترجم جو مقدمو 27 صفحا، جملي 80 صفحا آهن ۽ ڊيمي سائيز ۾ آهي.

جيتوڻيڪ هي رسالو ڇپيل آهي، پر هن ڇاپي جي خوبي هيءَ آهي ته هر صفحي جي مٿئين اڌ ۾ عربي عبارت ۽ هيٺئين حصي ۾ ان اصل عربي عبارت جو ترجمو ڏنل آهي. اردو ترجمو مولانا ابوالعلاءِ محمد عبدالعليم ندوي جو ڪيل آهي. موصوف ڪتاب جي منڍ ۾، امام ابو حنيفه، تقليد ۽ حنفي مسلڪ جي اهميت تي 28 صفحن جو جامع مقدمو به لکيو آهي. مدرسه مدينة العلوم - پيندي شريف طرفان مخدوم صاحب جا ٽي ڪتاب اردو ترجمي سان شايع ٿيا آهن: (1) فرائض الاسلام (2) ڪشف الرين عن مسئلة رفع اليدين (3) تنقيح الڪلام. ”ڪشف الرين“ جو ڇاپي ڪتاب، راقم کي محترم ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي مرحوم کان تحفي طور مليو. هن رسالي جو قلمي نسخو پير جهنڊي جي لائبريري ۾ موجود آهي ۽ ويجهر ۾ ٽيڪسيلا پنجاب مان به ان جو اردو ترجمو (مترجم حافظ عزيز الرحمٰن) شايع ٿيو آهي.

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب جو هيءُ رسالو عربيءَ ۾ لکيل آهي، پر آخر ۾ فارسيءَ ۾ سوال جواب ۽ عبارتون به درج ٿيل آهن. هيءُ رسالو ”رفع اليدين“ جي رد ۾ لکيل آهي. ”رفع اليدين“ معنيٰ هٿ مٿي کڻڻ، يعني نماز ۾ تڪبير تحريمه کان سواءِ رڪوع ۾ وڃڻ مهل ۽ رڪوع کان مٿي ٿيڻ وقت هٿ سان اشارا ڪرڻ.

حنفي مسلڪ ۾ تڪبير تحريمه کان سواءِ نماز ۾ هٿ سان اشارا نه ڪيا ويندا آهن. ان ڪري مخدوم صاحب رفع اليدين جي باري ۾ سير حاصل بحث ڪري، حنفي مسلڪ جي تائيد ثابت ڪئي آهي. مخدوم صاحب ڪتاب جي مقدمي ۾ لکي ٿو:

”مون کان رفع اليدين جي باري ۾ سوال ڪيو ويو، ته نماز ۾ رڪوع ۾ وڃڻ وقت ۽ رڪوع کان مٿي ٿيڻ مهل هٿ سان اشارا ڪجن يا نه؟ رفع اليدين نه ڪرڻ جي باري ۾ حديثون آهن يا نه؟ اهي حديثون محدثن جي اصطلاح ۾ ثابت مقبول ۽ صحيح آهن يا نه؟“

مخدوم صاحب انهن سوالن جو نهايت محققانه ۽ عالمانه انداز ۾ جواب ڏنو آهي. ڪتاب ۾ ٻه فصل آهن.

پهريون فصل انهن حديثن ۽ اصحابن سڳورن جي باري ۾ آهي، جيڪي رفع اليدين نه ڪرڻ جي متعلق آهن. هن باب ۾ گهڻيون حديثون ۽ آثار ثابت آهن.

ٻئي فصل ۾ مخدوم صاحب اهي حديثون دليل طور آنديون آهن، جن ۾ ٻنهي صورتن ۾ رفع اليدين نه ڪرڻ جي باري ۾ حنفين جي تائيد آهي. ان کان پوءِ انهن حديثن تي اعتراض ۽ سوال آڻي، انهن جا تحقيقي جواب ڏنا ويا آهن ۽ ثابت ڪيو ويو آهي ته نماز ۾ تڪبير اوليٰ کان سواءِ رفع اليدين نه ڪرڻ گهرجي ۽ مجتهد کان سواءِ عام ماڻهوءَ تي تقليد واجب آهي.

هن ننڍي ڪتاب ۾ مخدوم صاحب عربي ۽ فارسيءَ جي 42 ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن، جيڪو سندن علم حديث ۽ اصول حديث جي فن ۾ ڪمال آهي. سندن تحرير ۾ محدثانه شان ظاهر آهي.

مخدوم صاحب، مجدالدين فيروز آبادي جي چئن سون اصحابن کان رفع اليدين ڪرڻ جي غلط بيانيءَ تي علمي چوٽ به ڪئي آهي.

مخدوم صاحب ”ڪشف الرين“ ۾ علمي تحقيق جو درياءَ پلٽيو آهي. پاڻ ”بياض هاشمي“ جي ڪري وڏو فقيه مڃيو ويندو آهي، پر هن ڪتاب ۾ هڪ محدث جي حيثيت سان قلم جو ڪرهو ڪاهيندي نظر اچي ٿو.

مخدوم صاحب هن ڪتاب ۾ حديث ۽ اصول حديث جي دليلن جا انبار پيش ڪيا آهن، جن ۾ حضرت عبدالله بن مسعود، براء بن عازب، جابر بن سمره، ابن عباس، عبدالله بن زبير، عباد بن زبير جون حديثون ۽ حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عمر، ابن مسعود ۽ ابن عمر رضي الله عنهم جا اثر به بيان ڪيا آهن. هڪ هڪ حديث تي ڀرپور بحث ڪيو ويو آهي. رجال حديث تي تنقيد ۽ جرح جي وضاحت ڪئي ويئي آهي. جن حديث جي رجال کي تعصب ۽ ضد جي ڪري محروم ڪيو ويو آهي، انهن جي عادل ۽ ثقه هجڻ کي دليلن سان ثابت ڪيو ويو آهي. حديث جي صحت جو مدار، اصحابن سڳورن جو عمل ۽ حضرت نبي ﷺ جو آخري ۽ پويون عمل قرار ڏنو ويو آهي، جيڪو صحيح

معيار ۾ متفق عليه به آهي.

ان کان علاوه امام ابو حنيفه نعمان بن ثابت (80ھ - 150ھ) تي حديث جي ڇڏڻ واري الزام جو جواب به ڏنو ويو آهي ۽ تقليد جي اهميت ۽ ضرورت بيان ڪئي ويئي آهي. بهرحال، "ڪشف الرين" علمي لحاظ کان هڪ مٿانهون ڪتاب آهي ۽ مطالعي جي قابل آهي. تازو هي ڪتاب "ڪشف الرين" فاضل نوجوان مولوي حاجي مفتي عبدالرزاق مهراڻ سڪندري، سنڌي ترجمو ۽ تخريج ڪري، "نماز ۾ هٿ مٿي ڪڻ" جي نالي سان مڪتبه حزب الاحناف سانگهڙ مان سال 1422ھ - 2001ع ۾ شايع ڪيو آهي.

"ڪشف الدين" ڊاڪٽر عبدالقيوم سنڌي، عربي ۾ ايڊٽ ڪري، جامعه دارالفيوض الاسلاميه ڪنڊڪوٽ مان به 1423ھ/2002ع ۾ شايع ڪيو آهي.

------

19. تحفة القاري بجمع المقاري

هن رسالي جي تصنيف ٿيڻ جو سال 1150هجري آهي. محمد شفيع بن احمدي قريشيءَ 9 ربيع الاول 1383ھ تي ڪتابت ڪري مڪمل ڪيو. هيءُ رسالو 26 صفحن تي ڦهليل آهي. صفحي جي ڊيگهه اَٺ انچ ۽ ويڪر ڇهه انچ آهي. هر صفحي ۾ 12 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 9 لفظ آهن. ڪتابت وچولي ۽ صاف اٽس ۽ جلي قلم سان عربي رسم الخط ۾ لکيل آهي.

هن رسالي ۾ درياءَ کي ڪوزي ۾ بند ڪيو ويو آهي. مخدوم صاحب قرآن مجيد جو حرف حرف ۽ لفظ لفظ ڪري ڳڻيو آهي. ان کان پوءِ هر پاري جا هڪ جيترا سورهن حصا مقرر ڪيا آهن. راقم کي هن رسالي جو عڪس جوڻاٽي شريف تعلقي وارهه ضلعي لاڙڪاڻي جي ڪتبخاني مان مليو ۽ ان جي ٻئي ڪنهن ڪتبخاني ۾ موجودگيءَ جو پتو پئجي نه سگهيو آهي.

مواد جو وچور:

هن رسالي ۾ مخدوم صاحب هيءَ تحقيق آندي آهي، ته فرض ۽ نفل نماز جي ٻنهي رڪعتن ۾ قرأت هڪ جيتري ۽ برابر هئڻ گهرجي. قرأت نه پهرئين رڪعت ۾ وڌي هجي ۽ نه ٻي رڪعت ۾. مخدوم صاحب هن رسالي جي مقدمي ۾ لکي ٿو:

> "فقه جي ڪتابن ۾ آهي ته نماز ۾ ٻي رڪعت، پهرئين رڪعت کان ڊگهي ڪرڻ مڪروه آهي، پوءِ ڪٿي اها نفل نماز ئي هجي. اهو صحيح قول آهي. هن مسئلي جو تفصيلي بيان 'منية المصلي' جي شرح ۾ علامه ابراهيم حلبيءَ ڪيو آهي. اهڙي وضاحت ڪتاب 'امداد الفتاح' ۾ به آهي. پهرئين رڪعت کي ٻيءَ رڪعت کان ڊگهو ڪرڻ به غير مستحب آهي. امام ابوحنيفه ۽ امام ابو يوسف (113ھ - 182ھ) وٽ تراويح جي ٻنهي رڪعتن ۾ قرأت جي هڪ جهڙائي ۽ هڪ جيترو هجڻ مستحب آهي. اهڙي وضاحت 'محيط سرخسي' ۾ آهي."

مخدوم صاحب رسالي لکڻ جو سبب بيان ڪندي لکي ٿو:

”هي جو بُخاريٰ جي مشائخن قرآن شريف ۾ رڪوع مقرر ڪيا آهن، انهن مان ڪو رڪوع وڏو آهي ته ڪو رڪوع ننڍو آهي. ان ڪري تراويحن ۾ حافظ يا قاري انهن مقرر ڪيل ننڍن وڏن رڪوعن جي حساب سان قرآن شريف پڙهندو، ته تراويح نماز جي ڪا رڪعت وڏي ٿيندي ته ڪا رڪعت ننڍي ٿيندي. جنهن ڪري نماز ۾ مستحب به ترڪ ٿيو وڃي ۽ ڪراهت به ٿيو پوي. مون قرآن شريف جي ٽيهن پارن کي هن ريت ورهايو آهي، ته قرأت ۾ سڀ رڪعتون برابر ۽ هڪ جهڙيون ٿين. نماز ۾ ڪراهت کان به بچي سگهجي ۽ ترڪ مستحب به نه ٿئي. مون هيءُ رسالو شوال مهيني جي اوائل ۾ سن 1150هه ۾ لکڻ شروع ڪيو.“

مخدوم صاحب جي تحقيق مان اهو پرو پوي ٿو ته پاڻ قرآن شريف جي ٽيهن پارن کي اهڙي ترتيب ڏئي ورهايو اٿائين، جو سڀني رڪعتن جي قرأت برابر ۽ هڪ جهڙي ٿي وڃي ۽ ترڪ مستحب کان به بچي سگهجي. مخدوم صاحب هر پاري کي سورهن حصن ۾ ورهايو آهي ۽ هر حصي جو نالو ”مقرا“ رکيو آهي ۽ اهڙيءَ طرح قرآن شريف جا جملي 480 مقاري ٿيا.

هينئر جيڪو ماڻهو هڪ هڪ مقرا هر رڪعت ۾ پڙهي، ته هر رڪعت هڪ جيتري ٿيندي ۽ تراويح ۾ قرآن شريف رمضان المبارڪ جي 24 تاريخ ۽ رات پورو ٿيندو. مستحب جو ترڪ به نه ٿيندو ۽ ڪراهت کان به بچي سگهبو.

هيءُ ناياب ۽ منفرد ڪتاب ”مرڪزي جماعت اهلِ سنت سنڌ“ جي صدر، مفتي محمد جان نعيمي سنڌي ۽ مهتمم ”مدرسه مجدديه نعيميه، ملير ڪراچي“ واري ايڊٽ ڪري، جامع عربي مقدمي ۽ سوانح حيات سان سن 1421هه/2000ع ۾ سهڻي نموني شايع ڪيو آهي. هي ڪتاب سنڌي ترجمي، تعارف ۽ عربي متن سان گڏ ”قرآن مجيد جا هاشمي رڪوع“ نالي ڊاڪٽر قاري عبدالقيوم السندي، اسسٽنٽ پروفيسر اُم القريٰ يونيورسٽي مڪة مڪرمة واري انجمن خدام التجويد ڪنڊڪوٽ سنڌ مان به 2001ع ۾ شايع ڪيو آهي.

مخدوم صاحب، هيءُ رسالو مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جي رد ۾ لکيو آهي. مخدوم محمد معين پنهنجن رسالن ۾ موضوع حديثون آڻي، ڪن مسئلن ۾ دليل ورتو آهي. جيئن ڪارا ڪپڙا پائڻ، روئڻ پٽڻ ۽ ٻارهن امامن جا فضائل وغيره.

مخدوم صاحب اصولي طور حديث جي فن ۽ مسئلن جي چند ڇاڻ بابت موضوع حديثن تي جرح ۽ تعديل لکي، مخدوم محمد معين کي لاجواب ڪيو آهي. مقدمه ابن صلاح، اڪسير الهداية ۽ تنوير الهادي ڪتابن جي عبارتن ۽ خاص ڪري مخدوم محمد معين جي ڪتابن ”قرة العين“ ۽ ”مواهب سيد البشر في فضائل الائمة الاثنيٰ عشر“ تي ڀرپور علمي تحقيق ۽ تنقيد ڪئي آهي. خاص موضوع حديث کي زير بحث آندو آهي. مخدوم صاحب پنهنجي رسالي ۾ مخدوم محمد معين جو نالو نه کونه آندو آهي، پر ڪيترين جاين تي ڪيس ”مولانا“ جي لقب سان مخاطب ٿيو آهي، مثال طور: الله تعاليٰ مولانا کي سلامت رکي ۽ سندس حفاظت ڪري! وغيره.

بهرحال، مخدوم صاحب جو هيءُ رسالو علمي بحث تي مشتمل آهي ۽ عام ماڻهن لاءِ يا عام فهم نه آهي. هن رسالي جي عربي ٻولي به عالمانه آهي ۽ سليس نه آهي. جيئن ته مخدوم محمد معين به وڏي پائي جو عربي دان ۽ عالم هو، ان ڪري مخدوم صاحب به ان سان عالمانه انداز سان مخاطب ٿيو آهي ۽ اهڙوئي اسلوب اختيار ڪيو آهي. ٻيءَ صورت ۾ مخدوم صاحب ٻين مسئلن تي جيڪي عربيءَ ۾ ڪتاب لکيا آهن، اهي نهايت سليس ۽ عام فهم عربي ٻوليءَ ۾ آهن. هن رسالي مان مخدوم صاحب جو علم حديث ۽ اصول حديث بابت ڀرپور علمي مطالعو ۽ اهڃاڻ جو پرو پوي ٿو.

------

20. حصن المنوع عما اورد عليٰ من ادرج الحديث الموضوع

مخدوم صاحب 12 صفحن جو هيءُ رسالو بروز اربعاء، 14 ربيع الاخر 1153هجري ۾ لکيو. حافظ محمد قائم پلي بن درس اصل پلي جو ڪتابت ٿيل آهي، البت ڪتابت جو سال نامعلوم آهي ۽ ڪتابت به هڪ سري ڪانهي. صفحي جي ڊيگهه ساڍا اٺ انچ ۽ ويڪر ست انچ آهي. هر صفحي ۾ 22 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 25 لفظ آهن.

هن رسالي ۾ جيتوڻيڪ ڪتابت جو سال ڄاڻايل نه آهي، پر هڪ اندازي موجب ته هيءُ رسالو خود مخدوم صاحب جي وقت جو ڪتابت ٿيل آهي، جنهن جا ٽي اهڃاڻ ملن ٿا.

1. رسالي جي سرورق تي ڪتاب جي نالي لکڻ کان پوءِ، ڪاتب هيءُ عبارت لکي آهي: ”مؤلفه محمد هاشم اللهم سلمه.“ جنهن جي معنيٰ آهي ته هن رسالي جو مصنف محمد هاشم آهي. اي الله! هن کي سلامت رک! ڪاتب طرفان سلامتي جي دعا تڏهن لکبي، جڏهن رسالي جو مصنف حال حيات ۽ سلامت هجي! ٻيءَ صورت ۾ ڪاتب ”اللهمَ سلمه“ جي بجاءِ دعا لاءِ ”رحمة الله عليه“ لکي ها.
2. رسالي جي آخر ۾، ڪاتب جي نالي ”فقير قائم“ جي هيٺان عربيءَ ۾ لکيل آهي، ته هيءُ رسالو مؤلف جي نسخي سان ڀيٽيل آهي ۽ مؤلف جي سامهون اُتاريو ويو آهي.
3. رسالو تمام جهونو ۽ ڪرم خورده آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هيءُ رسالو تمام آڳاٽو ۽ مصنف جي وقت جو آهي.

رسالي جا عنوان ۽ سوال جواب ڳاڙهيءَ مس سان لکيل آهن. مخدوم صاحب دستور ڪان هتي، هن رسالي ۾ پنهنجو نالو نه لکيو آهي. والله اعلم باالصواب. هن رسالي جو واحد قلمي نسخو استاد محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لائبريريءَ ۾ موجود آهي، جتان راقم کي ان جو عڪس دستياب ٿيو.

مواد جو وچور:

21. تمام العناية في الفرق بين صريح الطلاق والكناية

هيءُ رسالو مخدوم صاحب سن 1156هجري ۾ لکيو. متن ڇهه صفحا ۽ ضميمو ٻه صفحا، جملي اٺ صفحا آهن. صفحي جي ڊيگهه ساڍا نَو انچ ۽ ويڪر ڇهه انچ آهي. هر صفحي ۾ 21 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 13 لفظ آهن.

هيءُ رسالو سن 1300هه ۾ شايع ٿيو. ڪاتب طرفان 'خاتمه الطبع' ۾ وضاحت آهي ته:

"هيءُ رسالو مخدوم صاحب جي پونير مان مولوي غلام محمد ڪان وٽي مطبع مصطفائيءَ مان محمد عبدالواحد ڇپرايو هو."

هن ننڍڙي رسالي ۾ 17 ڪتابن جا حوالا آيل آهن. خاص ڪري سنڌ جي هڪ بزرگ، مخدوم جعفر بوبڪائي (وفات: 1002هه/1594ع) جي ٻن ڪتابن "حل العقود في طلاق السنود" ۽ "المتانة في مرمة الخزانة " جا حوالا به موجود آهن.

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب هن رسالي ۾ طلاق جي صريح ۽ ڪنايه لفظن بابت تحقيقي بحث ڪيو آهي. لفظ "طلاق" قرآن مجيد ۾ ٻن جاين تي آيو آهي. لفظ طلاق، صريح ۽ ڪنايه جي معنيٰ هيءَ آهي:

طلاق: زال جو نڪاح جي پابنديءَ کان آجو ٿيڻ[1] شرعي اصطلاح ۾ طلاق جي معنيٰ آهي، ڪن مخصوص لفظن سان زال کي نڪاح جي قيد کان آزاد ڪرڻ.[2]

صريح: صريح جو جمع صرحاء ۽ صرائح آهي. معنيٰ خالص، چٽو، واضح.[3]

ڪنايه: ڪاف جي زير سان. پوشيده يا اشاري سان ڳالهه ڇوڻ، اهڙيءَ طرح جو ان جي معنيٰ چِٽي ۽ ظاهر نه هجي.[1]

---

(1) غياث الدين محمد رامپوري: "غياث اللغات" (فارسي)، ص 561

(2) الدرالمختار (عربي)، ص 215

(3) پروفيسر غلام حسين جلباڻي: "عربي ـ سنڌي ڊڪشنري" جلد ـ 1، ص 691

(1) غياث اللغات، ص 720

مخدوم صاحب هن رسالي "تمام العناية" کان سواءِ ٻين تحريرن ۾ به طلاق جي مسئلي کي چٽائيءَ سان بيان ڪيو آهي.

محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هن رسالي جي تحقيقي مطالعي کان پوءِ لکي ٿو:

"مخدوم صاحب پنهنجي هن رسالي 'تمام العناية' ۾ هيءُ سوال ڪنيو، ته جيڪڏهن سنڌ جي ماڻهن مان ڪو پنهنجي زال کي ٽي ڀيرا چوي: 'مون فلاڻي ڇڏي'، ته ان صورت ۾ ڇا لازم ٿيندو؟

ان جو جواب هن طرح ڏنائين ته سڄو دارومدار چوندڙ جي نيت ۽ ارادي تي آهي. جيڪڏهن ٽن طلاقن جي نيت هئس ته پڪي صريح طلاق ٿي چڪي، پر جيڪڏهن اهڙي نيت ڪانه هئس ته پوءِ هڪ طلاق بائن ٿيندي. اهو انهيءَ ڪري جو لفظ 'ڇڏي' هڪ ڪنايو آهي ۽ انهيءَ ڪري 'طلاق بائن' جي برابر آهي.

سن 1156هه/1743ع ۾ مخدوم محمد هاشم جي لکيل هڪ تحرير ۾ پڻ انهن لفظن تي بحث ٿيل آهي. سوال هو ته سنڌين (مسلمانن) مان ڪو پنهنجي زال کي ٽي ڀيرا چوي ته: 'مون فلاڻي ڇڏي، مون فلاڻي ڇڏي، مون فلاڻي ڇڏي'، ته ان حالت ۾ مٿس ڇا لازم ٿيندو؟

مخدوم محمد هاشم جواب ۾ چيو ته جيڪڏهن نيت ٽن طلاقن جي ڪيائين ته طلاق پڪي ٿي چڪي ۽ زال پوءِ ٻئي مڙس سان نڪاح ڪندي. پر جيڪڏهن ڪنهن به ٻيري اهڙي نيت نه ڪيائين ته پوءِ طلاق بائن ٿي ۽ نئين سر نڪاح پڙهبو. اهو انهيءَ ڪري جو سنڌي ٻوليءَ جي ڪناين (لفظن جي معنوي اشارن) کي اڻين ئي نبيرڻو پوندو، جيئن عربيءَ جي ڪناين کي. سنڌين جي زبان ۾ لفظ 'ڇڏي' (اصل ڇهڏي) 'ڪنايو' آهي ۽ نه 'صريح' (چٽي معنيٰ وارو). سنڌي زبان ۾ هن قسم جا ٻيا ڪيترائي مثال موجود آهن." [1]

مخدوم صاحب "تمام العناية" ۾ فقه جي وڏن ڪتابن جي حوالن سان گڏ سنڌ جي مشهور عالم، مخدوم جعفر بوبڪائيءَ جي هڪ خاص ڪتاب

---

(1) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ"، ص 59ـ258

"سنڌين جي طلاق نامي جي مسئلن جو حل" (حل العقود في طلاق السنود) جي هڪ عبارت حوالي طور به آندي آهي:

"ان قال لموطوئته 'ڇهڏي، ڇهڏي، ڇهڏي ' او 'ڇهڏيم ' ثلاث مراة و اراد بالتکرير التاسيس دون التاکيد لايقع الا الواحدة. يعني ته جيڪڏهن ڪنهن مڙس پنهنجي زال لاءِ چيو ته (مون هي) 'ڇڏي، ڇڏي، ڇڏي' يا ٽي ڀيرا 'ڇڏيم' (چيائين) مگر ائين ورائي ورائي چوڻ سان جيڪڏهن سندس مقصد پنهنجي گفتي تي زور ڏيڻ ۽ چٽي ڪرڻ جو (تاسيس) هو ۽ نه (طلاق ڏيڻ خاطر پنهنجي) ارادي کي پڪو ڪرڻ (تائيد) ته ان حالت ۾ اها هڪ طلاق (جي اعلان جي برابر) ٿيندي." [2]

مخدوم صاحب جي ڪتاب "تمام العناية " جي حوالي سان، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ تحقيق ڪندي ان جو نچوڙ هن ريت ڏنو آهي:

"شرعي لحاظ سان پڪو طلاق تڏهن ٿيندو، جڏهن ڪو مڙس سوچي سمجهي ٿڌي دماغ سان ٽي ڀيرا طلاق ڏيڻ جو اعلان ڪري. مگر ڪن وقتي ڪاوڙ سببان هڪ ساهيءَ ۾ ٽي ڀيرا 'ڇڏيم، ڇڏيم، ڇڏيم' چئي ٿي ڇڏيو، پر پوءِ پشيمان ٿي ٿيا. (مخدوم صاحب مخدوم جعفر جي مٿين وضاحت آندي آهي ته اهڙيءَ حالت ۾ اهو اعلان ٽن ڀيرن وارو نه، پر هڪ ڀيري جي برابر ٿيندو: يعني ته اها طلاق (صفا پڪي) نه ٿيندي، پر طلاق بائن (پهريون اظهار وارو) چئبي. مخدوم جعفر (جي مٿئين عبارت ۽ وضاحت آڻي مخدوم صاحب) هڪ سماجي ۽ نفسياتي شڪل کي شرع جي روشنيءَ ۾ عملي طور حل ڪيو، ته جيئن جذبات وچان ٽي ڀيرا 'ڇڏي ' يا 'ڇڏيم ' چوڻ سان ڪنهن جو گهر نه ڊٺي ۽ گهرو زندگي تباهه نه ٿئي." [1]

[2] ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ"، ص 55 _ 254
[1] ايضاً، ص 255

------

22. تحقيق المسلک في ثبوت اسلام الذمي بقوله للمسلم انا مثلک

هن ڪتاب ۾ 92 صفحا آهن ۽ ڪتابت تمام خوبصورت اٿس. صفحي جي ڊيگهه نوَ انچ ۽ ويڪر ست انچ آهي. هر صفحي ۾ 25 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 16 لفظ آهن.

هيءُ قلمي نسخو خود مخدوم صاحب جي دور جو تحرير ٿيل آهي. جيئن ڪاتب رسالي جي آخر ۾ نوٽ لکيو آهي:

"الحمدلله قد قوبلت هذه النسخة بحضرة مؤلفها و وقع الفراغ عن مقابلتها في الثاني والعشرين من جمادي الاوليٰ سن 1160هه."

انهيءَ مٿئين عبارت مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته مخدوم صاحب جي روبرو ڪتاب جي اصل نسخي سان پيٽي نقل تيار ڪيو ويو آهي. مخدوم صاحب اصل ڪتاب 23 شعبان المعظم 1159هه ۾ لکيو ۽ ڪاتب ان ڪان اٺين مهيني پوءِ 22 جمادي الاوليٰ 1160هه ۾ هيءُ نقل پيٽي اُتاريو. انهيءَ لحاظ سان هيءُ نسخو صحت ۽ قدامت جي اعتبار ڪان تمام صحيح ۽ آڳاٽو نسخو آهي.

مخدوم صاحب اڳتي هلي ٻئي سال 1160هه ۾ هن ڪتاب "تحقيق المسلک" جو خلاصو 12 صفحن ۾ "تصحيح المدرک" نالي عربيءَ ۾ به لکيو. راقم کي ٻنهي قلمي نسخن جا عڪس "مدرسه مجدديه نعيميه، ملير ڪراچي" مان مليا. هي ٻئي رسالا اڃا تائين اڻ ڇپيل آهن. هن رسالي جا قلمي نسخا ڪتبخانه پير جهنڊي، ڪتبخانه ڳڙهي ياسين ۽ قاسميه لائبريري ڪنڊياري ۾ موجود آهن.

مواد جو وچور:

وچئين زماني ۾ ڪابه گفتگو توڙي اها ڪيتري سياسي ڇو نه هجي، مذهب جي آميزش ڪان سواءِ ممڪن ئي نه هئي. ڪي ڳالهيون ته اهڙيءَ ريت زبان ۽ بيان جو جزو بڻجي ويون هيون، جو هندو مؤرخ به پنهنجي هم مذهبن کي نه رڳو "ڪافر" لکندا هئا، پر انهن جي مرڻ تي به "جهنم رسيد" ئي چوندا هئا.[1]

[1] پروفيسر خليق احمد نظامي: "سلاطين دهلي کي مذهبي رجحانات" (اردو)، ص 11

غالباً مغلن جي پوئين دور ۾، حڪومت ۽ شرعي عالمن طرفان ذمي ڪافرن جي اسلام آڻڻ لاءِ ڪي اهڙا لفظ مقرر ٿيل هئا، جو جيڪڏهن ڪو ذمي ڪافر اهي لفظ چوندو هو، ته انهن لفظن چوڻ سان مٿس اسلام جو حڪم جاري ٿي ويندو هو. انهن لفظن مان "انا مثلک" يعني آئون تنهنجي مثل آهيان - لفظ به آهن. انهن لفظن جي تائيد، شرعي اهميت ۽ لغوي حيثيت بابت اڳتي هلي بحث مباحثا ٿيا ۽ ڪتاب جڙيا.

مخدوم صاحب ذمي ڪافر طرفان انهن لفظن چوڻ سان اسلام جي اثبات جو قائل هو. مخدوم صاحب هن رسالي ڪان سواءِ "تصحيح المدرک" ۽ "بياض هاشمي" ۾ به هن مسئلي بابت ڀرپور علمي بحث ڪيو آهي.

مخدوم صاحب حمد ۽ صلواة ڪان پوءِ لکي ٿو:

"هيءُ مختصر تذڪرو 'تحقيق المسلک في ثبوت اسلام الذمي بقوله للمسلم انا مثلک' نالي لکيو ويو آهي. هن رسالي ۾ ان مسئلي تي تحقيق سان حق بيان ڪيو ويو آهي ۽ مخالفت جو به تحقيق سان رد ڪيو ويو آهي. هن رسالي جي شروعات ڇنڇر رات، تاريخ 23 شعبان سن 1159هه تي ٿي."

مخدوم صاحب هن رسالي جو مواد ٽن فصلن ۽ خاتمي تي ورهايو آهي.

پهرئين فصل ۾ هن مسئلي بابت فقه جا فروعي، اصولي، علاميه ۽ حديثن جا پنجاهه دليل پيش ڪيا ويا آهن، جنهن ۾ مثل جي لفظ چوڻ سان اسلام ثابت ٿئي ٿو.

ٻئي فصل ۾ لفظ "مثل" تي ڀرپور علمي بحث ڪيل آهي.

ٽئين فصل ۾ هن مسئلي بابت ان دور جي همعصر ۽ غالباً اڳين عالمن جو به علمي رد ڪيل آهي ۽ انهن جي اعتراضن جا جواب ڏنل آهن. اهڙيءَ ريت خاتمي ۾ سڄي ڪتاب جو نچوڙ سمايل آهي.

هن ڪتاب ۾ آيل مسئلي جي نوعيت هيءَ آهي ته ڪنهن ذمي ڪافر مسلمان کي چيو ته آئون تو جهڙو آهيان، ته اهو ذمي انهن لفظن چوڻ سان مسلمان ٿي پوندو ۽ ان ذمي تي اسلام جو حڪم لاڳو ٿيندو. اهڙيءَ ريت "انا مثلک" يعني آئون تو جهڙو آهيان. يا آئون تنهنجي مثل آهيان چوڻ مان قد ڪاٺ، رنگ روپ ۽ وضع قطع مراد هرگز نه وٺي سگهبي، بلڪ ذميءَ تي اسلام جو حڪم جاري ٿيندو.

مخدوم صاحب هن رسالي کي وڏي خبرداريءَ سان لکيو آهي. جو سندس دور جي همعصر عالمن به هن مسئلي بابت مخدوم صاحب جي مخالفت ۾ رسالا لکيا هئا. انهيءَ ڪري مخدوم صاحب هر ڳالهه کي تڪي توري ۽ ڪتابن جي حوالن سان مسئلي کي بيان ڪيو آهي. مخدوم صاحب ٽئين فصل ۾ مخالفن جي سوالن جا ڀرپور علمي جواب ڏنا آهن ۽ اصل مسئلي جي نوعيت کي کولي کولي بيان ڪيو آهي.

مخدوم صاحب هن رسالي ۾ جن سنڌ جي عالمن جا نالا آندا آهن. انهن مان ڪي سندس همعصر ته ڪي وري ڪانئس اڳ جا عالم آهن. جيئن ته:

❊ مخدوم محمد اڪرم نصرپوري، مصنف: ”امعان النظر“

❊ شيخ حافظ احمد البتائي

❊ علامه مخدوم بايزيد سنڌي ٺٽوي، مصنف: ”مقاليد الاسلام“

❊ مخدوم حامد اگهمي، صاحب بياض تذڪرة الفقيه

❊ مخدوم عبدالغفار

❊ ملا يونس

مخدوم صاحب هن رسالي ۾ گهڻن ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن. هڪ هڪ صفحي تي ڪافي حوالا موجود آهن. جن مان مسئلي جي نوعيت ۽ دليلن جي اهميت ظاهر ٿئي ٿي.

مخدوم صاحب هن رسالي جا ٽي نالا رکيا آهن:

1. التحقيق المسلک في ثبوت اسلام الذمي بقوله للمسلم انا مثلک
2. الرد المختوم عليٰ من نفي کون المثل للعموم
3. السهم المسموم في کبد من نفي کون المثل للعموم

البت، هن رسالي جي مقدمي ۾ آيل ۽ مشهور پهريون نالو ”تحقيق المسلک“ ئي آهي. باقي ٻه نالا مخدوم صاحب رسالي جي ٽئين باب جي پڇاڙيءَ تي ۽ خاتمي کان اڳ ۾ آندا آهن.

مسئلي جي شرعي نوعيت ۽ حجت ائين تحرير ٿيل آهي. شايد اهو حڪم ذمين تي لاڳو ٿيو هجي ته هجي! ٻيءَ صورت ۾ مخدوم صاحب جي دور ۾ ڪلهوڙا حڪمران روادار ۽ فراخدل هئا. تاريخ جي مطالعي مان ظاهر آهي ته ميان يارمحمد کان وٺي ميان نورمحمد، ميان غلام شاهه ۽ سرفراز ۽ عبدالنبي ڪلهوڙي جي دؤر تائين ڪيترا هندو حڪومت جي ڪمن ۾ ڀاڱي ڀائيوار ۽ وڏن

عهدن تي فائز هئا ۽ مسلمانن سان گڏجي خوش اسلوبيءَ سان ڪم سرانجام ڏيندا پئي رهيا. سرِدست مخدوم صاحب جي وقت جي حڪمران، ميان نور محمد ڪلهوڙي جي لکيل ڪتاب ”منشور الوصيت و دستور الحڪومت“ فارسي جي حاشيي تي ڪيترن هندن جا نالا موجود آهن. جيڪي وڏن عهدن تي فائز هئا ۽ حڪومت جي ڪمن ڪارين ۾ ٻانهن ٻيلي هئا. جن مان مخدوم صاحب ۽ سندس همعصر حڪمران دور جي رواداريءَ جا مثال ملن ٿا:

1. برخوردار مهته موٽو مل	ميان يار محمد ۽ نور محمد جي دور ۾
2. ديوان مانجهو مل	ميان نور محمد جي زماني ۾
3. ديوان گدو مل	ميان نور محمد، غلام شاهه ۽ سرفراز خان جي دور ۾
4. ديوان چيلارام سيوستاني	وزير مالي اُمور
5. ديوان گهنشام داس	غلام شاهه جي زماني ۾
6. ديوان ٻالڪ رام	محڪمه انشاء ، غلام شاهه جي زماني ۾
7. شيوڪ رام عطارد	مُنشي، غلام شاهه جي زماني ۾
8. ديوان گلراج مل، وڪيل	سرفراز جي زماني ۾
9. لاله امرت راءِ، وڪيل	سرفراز جي زماني ۾
10. ديوان جسپت راءِ، وڪيل	ديوان گدو مل جو پٽ
11. لاله عزت راءِ	عبدالنبي جي زماني ۾
12. مهته ديوداس	عبدالنبي جي زماني ۾
13. ديوان مولراج	عبدالنبي جي زماني ۾
14. مهته هرڪرن مل	عبدالنبي جي زماني ۾
15. ديوان گلاب راءِ	عبدالنبي جي زماني ۾
16. ديوان اجو مل، عامل	عبدالنبي جي زماني ۾
17. ديوان تاراچند، خدمتگار	عبدالنبي جي زماني ۾
18. ديوان هريراءِ، خدمتگار	عبدالنبي جي زماني ۾
19. ديوان سهجرام، خدمتگار	عبدالنبي جي زماني ۾
20. ديوان ماڻڪ راءِ، خدمتگار	عبدالنبي جي زماني ۾
21. ديوان مولچند، خدمتگار	عبدالنبي جي زماني ۾
22. ديوان دولهه رام، خدمتگار	عبدالنبي جي زماني ۾

23. پيه دولهه رام، خدمتگار	عبدالنبي جي زماني ۾ [1]

------

[1] ميان نور محمد ڪلهوڙو: "منشورالوصيت" (فارسي)، ڏسو حاشيو سيد حسام الدين راشدي، ص 19_20

23. تصحيح المدرک في ثبوت اسلام الذمي بقولھ انا مثلک

هيءُ رسالو ”تحقيق المسلک“ جو اختصار آهي، جنهن ۾ 12 صفحا آهن ۽ صفحي جي ڊيگهه نوَ انچ ۽ ويڪر ڇهه انچ آهي. هر صفحي ۾ 24 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 18 لفظ آهن. ڪاتب ۽ ڪتابت جو سال نامعلوم آهي. فارسي طرز تحرير ۾ هيءُ رسالو تمام پراڻي ڪاغذ تي لکيل آهي. وچ مان ۽ ڪٽي ڪٽي اڌوهيءَ جو کاڌل آهي. ان ڪري پڙهڻ مهل صحيح عبارت ۾ مونجهارو ٿئي ٿو. مصنف ذميءَ جي اسلام آڻڻ جي باري ۾ تمام تحقيق سان 51 دليل ڏئي مسئلي کي واضح ڪيو آهي. مخدوم صاحب جو هن مسئلي بابت اصل ۾ ”تحقيق المسک“ نالي رسالو لکيل آهي. رسالي جي آخر ۾ ساڳئي مسئلي بابت عربي ۽ فارسيءَ ۾ متفرق عبارتون لکيل آهن. اهي عبارتون ستن صفحن تي پکڙيل آهن. انهن مان هڪ جاءِ تي هيءَ عبارت تحرير ٿيل آهي: ”هذا تحرير الفقير الي الله تعاليٰ محمد هاشم...“

هيءُ رسالو پير محب الله شاهه جهنڊي واري جي ڪتبخاني ۽ مدرسه مجدديه نعيميه- ملير ڪراچي ۾ موجود آهي. راقم وٽ ”مدرسه مجدديه نعيميه“ واري نسخي جو عڪس آهي.

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب جي دور ۾ شايد حڪومت ۽ شرعي عالمن طرفان ڪي اهڙا لفظ مقرر ٿيل هوندا هئا، جو جيڪڏهن ڪو ذمي ڪافر اهي لفظ چوندو هو، ته ان تي اسلام جو حڪم جاري ٿي ويندو هو. مخدوم صاحب به هن رسالي ۾ انهيءَ مسئلي تي گفتگو ڪئي آهي. پاڻ مقدمي ۾ لکي ٿو:

> ”هيءُ مختصر رسالو ’تصحيح المدرک في ثبوت اسلام الذمي بقوله انا مثلک‘ (آئون تو جهڙو آهيان) اسلام جي ثبوت جو دليل آهي. اصل ۾ هيءُ رسالو منهنجي (هن ئي مسئلي بابت لکيل)

وڏي ڪتاب ’بتحقيق المسلک في ثبوت اسلام الذمي بقوله انا مثلڪ‘ جو خلاصو ۽ نچوڙ آهي. مون هيءُ رسالو تاريخ 13 محرم سن 1160ھ ۾ لکڻ شروع ڪيو.“

---

24. النورالمبين في جمع اسماء البدريين

هيءُ رسالو جيتوڻيڪ ضخامت ۾ ننڍو آهي، پر مواد جي لحاظ سان جامع آهي. مخدوم صاحب محنت ڪري بدر جي جنگ ۾ شامل اصحابن سڳورن جي الف - بي وار مڪمل لسٽ ڏني آهي. صفحن جو تعداد 23، صفحي جي ڊيگهه ساڍا نوَ انچ ۽ ويڪر ست انچ آهي. هر صفحي ۾ 17 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 13 لفظ آهن. جيئن ته رسالي ۾ ڪاتب جو نالو ۽ سن لکيل ڪونهي، ان ڪري خبر نه ٿي پوي ته هيءُ نسخو ڪيترو آڳاٽو آهي. البت رسالي ۾ استعمال ٿيل پنو بادامي ٿي ويو آهي ۽ اکرن جي صفائي ۽ بيهڪ مان لڳي ٿو، ته هيءُ رسالو خود مخدوم صاحب جي هٿ جو لکيل يا سندس وقت جي ڪنهن ماهر ڪاتب جو لکيل آهي. هن رسالي جا قلمي نسخا سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌالاجي لائبريري ڄام شوري ۾ موجود آهن. قدامت ۽ صحت جي اعتبار کان سنڌي ادبي بورڊ وارو نسخو بهترين آهي. راقم هن ڪتاب ”النورالمبين“ جو سنڌي ترجمو ۽ شرح لکي، 2004ع ۾ مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور مان شايع ڪرايو آهي.

مواد جو وچور:

بدر جي جنگ اسلامي تاريخ جو بنيادي، اهم ۽ عظيم الشان واقعو آهي. بدر جي لڙائيءَ واري جاءِ مديني منوره کان ٽن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. دراصل، اهو هڪ کوهه جو نالو آهي، جيڪو هڪ سردار - بدر بن حارث نالي کوٽايو هو. ان ڪري هن سڄي واديءَ جو نالو ”بدر“ مشهور ٿي ويو.

بدر جي لڙائي 17 رمضان المبارڪ سن 2 هجريءَ تي لڳي هئي. هجرت کان پوءِ مڪي جي ڪافرن مديني تي ڪاهه ڪرڻ جون تياريون ڪيون. هڪ هزار جنگي جوان هٿيارن پنهوارن سان سهي سنبري، مديني منوره تي ڪاهي آيا. هيڏانهن ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ وٽ 313 اصحابي سڳورا هئا، جيڪي سڀ سِرُ ترِيءَ تي رکي، بچاءُ لاءِ نڪتا هئا. ڪافرن جو لشڪر مسلمانن کان ٽيڻو هو. وٽن هڪ سئو گهوڙا ۽ ست سؤ اُٺ هئا. مسلمانن وٽ فقط ٻه گهوڙا ۽ چند اُٺ هئا. الله تعاليٰ هيڻن ۽ ايمان وارن جو همراه ٿيو. مسلمان ڪامياب ٿيا. ڪافرن جا ستر ماڻهو مارجي ويا، جن ۾ سندن سردار ابو

جهل بہ ماريو ويو ۽ ستر ماڻهو قيد ٿيا.

مسلمانن مان رڳو چوڏهن ماڻهو، الله جي دين ۽ سندس نبي سڳوري ﷺ جن جي ساٿ مان شهيد ٿيا. اهڙيءَ ريت ٿوريءَ فوج ۽ جنگي سامان جي کوٽ جي باوجود الله تعاليٰ مسلمانن کي ڪاميابي ڏني ۽ جنگي ساز و سامان ۽ اسلحي سان سينگاريل ڪافرن جي ٽيڻي فوج کي شڪست ملي. اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ پنهنجو واعدو پورو ڪيو.

بدر جي جنگ ۾ 313 مسلمان شريڪ ٿيا هئا. هن جنگ ۾ 84 مهاجر مسلمان ۽ 229 مديني شريف جي انصارن بهرو ورتو هو.[1]

مخدوم صاحب، هن رسالي ۾ جنگ بدر ۾ سيني 313 شريڪ ٿيندڙ مسلمانن جي الف - بي واري مڪمل فهرست ڏني آهي. انهن اصحابن سڳورن جي نالن سان گڏ اڪثر سندن ڪُنيت بہ ڏني ويئي آهي، جو تہ عربن ۾ نالي سان گڏ ڪُنيت جو عام رواج آهي. خود اسان جو پيارو نبي حضرت محمد ﷺ بہ ”ابوالقاسم“ جي ڪُنيت سان مشهور آهي.

مخدوم صاحب هن رسالي جو پس منظر بيان ڪندي، مقدمي ۾ لکي ٿو:

> ”حمد ۽ صلواة کان پوءِ فقير محمد هاشم بن عبدالغفور بن عبدالرحمان سنڌي ٺٽوي چوي ٿو تہ جڏهن مون امام بخاري رحمة الله عليه کي ڏٺو، تہ هن اصحابن سڳورن مان بدر جي اصحابن جا نالا مبارڪ پنهنجي ’جامع الصحيح‘ ۾ برڪت طور گڏ ڪري درج ڪيا آهن. حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلويءَ بہ ’مشڪواة شريف‘ جي شرح ۾ لکيو آهي، تہ صحيح بخاريءَ ۾ بدري اصحابن سڳورن جي نالن پڙهڻ وقت بيشڪ دعا قبول ٿئي ٿي. امام بخاريءَ جنگ بدر ۾ شامل سيني اصحابن جا نالا مبارڪ ڪونہ آندا آهن. ان ڪري مون ارادو ڪيو تہ هن رسالي ۾ بدر جي سيني اصحابن جا نالا مڪمل طور تي ڪٺا ڪريان، تہ جيئن الله تعاليٰ جي درگاهہ ۾ مون لاءِ ثواب ۽ ڀلائيءَ جو ڪارڻ بنجن. اهو ڪم 21 ذوالقعد سن 1161هہ تي شروع ڪيم ۽ هن رسالي جو نالو ’النورالمبين في جمع اسماء البدريين‘ رکيم.

(1) محمد بن جرير الطبري: ”تاريخ طبري“ (اردو) جلد_1، ص 153 کان 205 (تلخيص)

> خاص توجهہ طلب ڳالهہ هيءَ آهي تہ اڪثر نسخن ۾ جن بدري اصحابن جو ذڪر امام بخاريءَ ڪيو آهي، انهن ۾ پياري پيغمبر ﷺ جن جي ذات گراميءَ کان سواءِ 44 ڄڻن جو ذڪر آهي. باقي هڪ نسخي ۾ 45 ڄڻا ٿين ٿا، جو انهن ۾ حضرت عتبه بن مسعود الهزلي، حضرت عبدالله بن مسعود جي ڀاءُ جو نالو وڌايو ويو آهي. پر مون سيني بدري اصحابن جو سربستو بيان ڪيو آهي، جن جو تعداد 313 آهي، جيڪي حروف المعجم جي ترتيب تي لکيا اٿم. مون اهي نالا بہ درج ڪيا آهن، جيڪي امام بخاري پڻ آندا آهن، تہ جيئن حروف معجم مان انهن جي پڙهڻ ۾ سهولت ٿئي. البت ايترو آهي تہ مون انهن نالن تي ’خ‘ حرف جي نشاني لڳائي آهي، تہ جيئن اهي ٻين کان نشانبر ٿي بيهن ۽ ٻي ڳالهہ اها تہ مون هرهڪ اصحابي سڳوري جو نالو ۽ ان سان گڏ سندس ڪُنيت پڻ آندي آهي. انهن اصحابن جي شروعات نالي سان ڪئي اٿم، پر جيڪڏهن مون کي ڪنهن اصحابي سڳوري جونالو نہ ملي سگهيو آهي، تہ پوءِ ان جي ڪُنيت کي ئي بنياد بنائي شروعات ڪئي اٿم.“

مخدوم صاحب مقدمي ۾ ڪتاب لکڻ جو سبب ۽ تفصيل لکڻ کان پوءِ الف- بي وار بدر جي 313 اصحابن سڳورن جا نالا نمبر وار لکيا آهن، تہ جيئن بدري اصحابن جي نالن مبارڪن پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ آساني ٿئي ۽ محقق کي نالي ڳولڻ ۾ دشواري نہ ٿئي.

مخدوم صاحب اهو تفصيل بہ لکيو آهي تہ بدري اصحاب ٽي قسم آهن. هڪڙا مڪي شريف مان هجرت ڪري آيل مهاجر يعني قريش ۽ انهن جا حَليف يا غلام آهن. ٻيا وري مديني منوره جا انصار. انصارن جا وري ٻہ ٽولا هئا. اوس ۽ انهن جا حليف. مخدوم صاحب نالن واري لِسٽ ۾ اها بہ ڄاڻ ڏني آهي، تہ هر هڪ اصحابي سڳورو انهن ٽنهي قسمن مان ڪهڙي قسم سان واسطو رکي ٿو. بهرحال، مخدوم صاحب جو هيءُ علمي ۽ شاندار تحقيقي ڪارنامو آهي.

”النورالمبين“ عربي، مولوي سليم الله سومري ايڊٽ ڪري، مڪتبه قاسميه ڪنڊياري پاران سال 1432هہ/2011ع ۾ شايع ڪيو آهي.

------

25. القول الانور في حكم لبس الاحمر

مخدوم صاحب هي رسالو تاريخ 16 ذوالحج 1163هجري تي لکيو، جنهن ۾ 23 صفحا آهن. صفحي جي ڊيگهه ٻارهن انچ ۽ ويڪر ست انچ آهي. هر صفحي ۾ 28 کان 31 سٽون آهن ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 18 کان 21 لفظ آهن. ڪاتب ۽ ڪتابت جو سال نامعلوم آهي. راقم وٽ ڪتاب خانه ڳڙهي ياسين واري قلمي نسخي جو عڪس آهي. هيءُ رسالو گهڻا سال اڳ مولوي محمد ابراهيم ياسينيءَ رفاه عام پريس لاهور مان ڇپرايو هو. هن رسالي جا ڇاپي نسخا راقم وٽ ۽ سنڌ جي اڪثر جهونن ڪتب خانن ۾ موجود آهن.

مخدوم صاحب هن رسالي ۾ قرآن شريف، تفسير، حديث، اصول حديث، فقه، اصول فقه، علم ڪلام وغيره جي هڪ سئو کان وڌيڪ ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن، جن مان مخدوم صاحب جي علمي عظمت کي سلام ڪرڻو ٿو پوي ته 23 صفحن جي ننڍڙي رسالي ۾ هڪ مسئلي تي ايترن ڪتابن جو مواد سامهون رکي، هيءُ مختصر ۽ جامع نسخو جوڙيو ويو آهي.

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب حمد ۽ صلواة کان پوءِ هن رسالي ۾ نج ڳاڙهي ڪپڙي پائڻ بابت لکيو آهي ته:

”امام اعظم ابوحنيفه رحمة الله عليه جي مذهب ۾ صحيح مجيل قول موجب مردن لاءِ نج ڳاڙهو ڪپڙو پائڻ مڪروه تحريمي آهي.“

مخدوم صاحب حديثن مان ثابت ڪيو آهي ته حضور ﷺ جن ڳاڙهي ڪپڙي پائڻ کان مردن لاءِ منع ڪئي آهي. ڳاڙهي ڪپڙي پائيندڙ کي حضور جن سلام جو جواب نه ڏنو آهي. ڳاڙهو ڪپڙو شيطان کي پسند آهي. پاڻ سڳورن ان کان بچڻ جو حڪم ڏنو آهي.

مخدوم صاحب ڳاڙهي ڪپڙي پائڻ جي ڪراهت جي ثبوت ۾ ٻن قسمن جا دليل ڏنا آهن: هڪ حديث ۽ ٻيو فقه. حديث ۾ اها ڪراهت ٻن قسمن جي آيل آهي. پهريون قسم ڳاڙهي ڪپڙي بابت مطلق آهي. ٻيو قسم خاص ڪري ڳيڙو رنگ ۽ ڪپڙي جي باري ۾ آهي.

مخدوم صاحب حديث جي سلسلي ۾، حضرت جابر بن سمرة رضي الله عنه جي روايت بہ آندي آهي. راوي چوي ٿو تہ مون رسول الله ﷺ کي چانڊوڪي رات ۾ ڏٺو. ڪين ڳاڙهو وڳو پهريل هو. پوءِ مون (آسمان جي) چنڊ کي بہ ڏٺو پئي ۽ (مديني جي چنڊ) رسول الله ﷺ جي منهن مبارڪ کي بہ پئي ڏٺم. پر مون کي حضور جن جو مُنهن مبارڪ چنڊ کان بہ وڌيڪ سهڻو ڏسڻ ۾ پئي آيو.

انهيءَ حديث مبارڪ مان ظاهر طور اهو معلوم ٿئي ٿو تہ حضور جن کي ڳاڙهو وڳو پهريل هو. پر ان جو شارحن اهو صحيح جواب ڏنو آهي تہ حضور جن کي اهو پهريل وڳو نج ڳاڙهو ڪونہ هو پر ان کي رڳو ڳاڙهيون ليڪون هيون. مخدوم صاحب بہ لکيو آهي تہ برابر اهو ڪپڙو نج ڳاڙهو ڪونہ هو پر ڳاڙهين ليڪن وارو هو.

مخدوم صاحب، "مواهب اللدنيه" ۽ "شرح شمائل" علي قاري مڪي جي حوالي سان لکيو آهي:

"حضور جن کي اهي پاتل ڪپڙا يمن جا هئا. انهن ڪپڙن تي ڳاڙهين ليڪن سان گڏ سايون ۽ ڪاريون ليڪون بہ هيون ۽ نج ڳاڙهو ڪپڙو ڪونہ هو. جيئن اسان جي ملڪ سنڌ ۾ ٺٽي جي مشهور ڳاڙهين ليڪن سان گڏيل 'لنگي ' جو ڪپڙو ٺهيل هوندو آهي. اهڙيءَ ريت اهو بہ ائين رڳو ڳاڙهين ليڪن وارو ڪپڙو هو ۽ خالص مڪ ڳاڙهو ڪپڙو ڪو نہ هو."

مخدوم صاحب حديث جو وڏو ڄاڻو هو. پاڻ اصول حديث جي پيش نظر، حديث جي روايت ۽ سند تي محدثانہ جرح ڪندي لکي ٿو:

"هن حديث جي سند ضعيف آهي. هن حديث جي سند ۾ القاسم ليساري، ابراهيم بن هارون ۽ يحيٰ بن ابي طالب راوي آهن. اهي ٽئي راوي مجهول آهن. خبر مجهول غير مقبول هوندي آهي. اصول حديث جي ڪتابن موجب خبر مجهول ضعيف آهي ۽ ضعيف روايت شرعي احڪام ۾ حجت نہ هوندي آهي. حافظ ذهبي 'ميزان' ۾ وضاحت سان لکيو آهي تہ يحيٰ بن ابي طالب، هارون بن موسيٰ ۽ يحيٰ ضعيف راوي ۽ ڪوڙا آهن."

مخدوم صاحب کي علم حديث وانگر فقه تي بہ ڪامل دسترس هئي. پاڻ فقه جي عبارتن جو نچوڙ هن ريت ڏنو آهي:

"ڳاڙهو ڪپڙو مردن کي پائڻ مڪروه تحريمي آهي."

مخدوم صاحب هن مسئلي ۾ ٻين فقيهن جو موقف بہ بيان ڪيو آهي، پر اڳتي هلي انهن جو ڀرپور رد بہ ڪيو اٿس. مثال طور: ابوالمڪارم، "فتاويٰ قاضي خان" جي حوالي سان نقل ڪيو هو، تہ ڳاڙهي ڪپڙي پهرڻ ۾ ڪابہ ڳالهہ نہ آهي. شمس الدين القهستاني، الزاهدي جي حوالي سان لکيو هو تہ ڳاڙهي ڪپڙي پائڻ ۾ ڪوبہ خوف نہ آهي.

مخدوم صاحب وٽ اهي ٻئي ڪتاب موجود هئا. انهن ڪتابن جو لفظ لفظ ڪري پڙهيو هئائين. ان ڪري پاڻ ڪامل فقيه جي حيثيت ۾ ابوالمڪارم ۽ القهستاني تي علمي چوٽ ڪندي لکي ٿو:

"انهن ٻنهي ڳاڙهي ڪپڙي جائز هجڻ جي عبارت مٿين ڪتابن تان نقل ڪئي آهي. گهڻي تحقيق ڪان پوءِ اهي جائز هجڻ جا لفظ ئي انهن ڪتابن ۾ موجود نہ آهن، تہ پوءِ سندن اهي اوٽ تي حوالا ڏيڻ ڪنهن بہ طرح صحيح ۽ دليل نہ آهن."

مخدوم صاحب ان باري ۾ اهلِ علم کي بہ اپيل ٿو ڪري تہ جيڪڏهن اهي لفظ انهن ڪتابن ۾ موجود هجن، تہ ڪو اسان کي ٻڌائي تہ الله تعاليٰ هن کي اجر ڏيندو ۽ اسان هن جا شڪرگذار رهنداسون.

اهڙيءَ ريت مخدوم صاحب اڳتي هلي لکي ٿو:

"هائو، ڪن ماڻهن 'ملتقط ' ۽ 'مجمع الفتاويٰ ' جي حوالي سان بہ ساڳي ڳالهہ ڳاڙهي ڪپڙي جي جواز ۾ آندي آهي، پر جيئن تہ اهي ٻئي ڪتاب اسان جي ملڪ سنڌ ۾ موجود نہ آهن تہ جيئن اسان انهن کي ڏسي ۽ هن ڳالهہ کي پيٽي ڏسون. ممڪن آهي تہ اهي حوالا بہ ابوالمڪارم ۽ القهستاني جي مٿين حوالن وانگر اوٽ تي هجن، تنهن ڪري ان ڳالهہ کي ڪو وزن ڪونهي. جيڪڏهن اسان اهو ڪٿي مڃون تہ ٻنهي يا ڪنهن هڪ ڪتاب ۾ اها جواز جي ڳالهہ آهي، تہ بہ ان ۾ شڪ ناهي تہ اها ڳالهہ غير مختار ۽ ظاهر روايت جي خلاف آهي."

مخدوم صاحب اڳتي هلي امام ابو حنيفہ، امام مالڪ ۽ امام احمد بن حنبل رحمة الله عليهم جي حوالي سان تحرير ڪيو آهي، تہ مردن کي ڳاڙهو ڪپڙو پهرڻ مڪروه تحريمي آهي. البت، امام شافعي رحمة الله عليه جو موقف الڳ بيان ڪري، ان جا جواب بہ ڏنا اٿائين.

مخدوم صاحب رسالي جي آخر ۾ فقه حنفي جي مشهور درسي ڪتاب ”نورالايضاح“ جي مصنف، حسن بن عمار بن علي شرنبلالي (994هه- 1069هه) تي علمي چوٽون ڪيون آهن، جو هن ڳاڙهي ڪپڙي پائڻ جي جواز ۾ هڪ رسالو لکيو هو. مخدوم صاحب شرنبلالي جي رسالي جي باري ۾ لکي ٿو، ته ان جو دارومدار ٽن ڳالهين تي آهي ۽ پاڻ انهن ٽن ڳالهين جي جواب سان گڏ ڇهه ٻيا جواب ڏئي، شرنبلالي جي تحرير کي رد ڪيو اٿائين.

مخدوم صاحب جو هن رسالي ۾ تحرير جو انداز عالمانہ ۽ سوالن جوابن جو طريقو محققانہ آهي، جنهن مان مخدوم صاحب جي قرآن فهمي، علم تفسير، علم حديث، اصول حديث، فقه، اصول فقه ۽ علم ڪلام جي ڀرپور ڄاڻ ۽ علمي مهارت جو پتو پوي ٿو.

هي عربي ڪتاب ”القول الانوار“، ابوالضياءِ محمد فرحان قادري رضوي عطاري، اداري دارِاحياء العلوم ڪراچي مان سال 1431هه/2010ع ۾ جديد تحقيقي انداز سان ايڊٽ ڪري خوبصورت نموني شايع ڪيو آهي.

------

26. رفع النصب لتكثر التشهدات في صلواة المغرب

مخدوم صاحب هيءُ رسالو بروز خميس 11 جمادي الاول 1164 هجري تي لکيو، جو ڇهن صفحن تي ڦهليل آهي. صفحي جي ڊيگهه تيرهن انچ ۽ ويڪر ست انچ آهي. هر صفحي ۾ 21 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 16 لفظ آهن. هن رسالي تي ڪاتب جو نالو ۽ ڪتابت جو سال نہ لکيل ڪونهي، پر رسالي جي آخر ۾ ٻن صفحن تي سوال جواب ۽ شرعي تحرير - مخدوم صاحب جي پوٽي - مخدوم ابراهيم بن عبداللطيف بن محمد هاشم ٺٽويءَ جي نالي لکيل آهي. سوال ڪندڙ جو نالو سليمان بن عبدالله بن صالح بن مفرح لکيل آهي، جنهن مان ظاهر آهي تہ هيءُ رسالو مخدوم صاحب جي پوٽي جي وقت ۾ ڪتابت ٿيو آهي. البت رسالي جي منڍ ۾ بسم الله جي مٿان لکيل آهي تہ، ”قابلناه بالاصل“ ، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هيءُ رسالو مخدوم صاحب جي اصل دستخط قلمي نسخي تان پيٽي لکيو ويو آهي، جيتوڻيڪ هيءُ دستياب نسخو ڪتابت ڪٽي پوءِ ٿيو آهي. ان ڪري هن نسخي جي صحت ۽ اهميت ظاهر آهي. راقم کي هن رسالي جو عڪس قاسميه لائبريري ڪنڊياري مان مليو. هيءُ رسالو سنڌالاجي لائبريري ڄام شوري، ڪتبخانہ ڳڙهي ياسين ۽ درسگاه منصوره ۾ بہ محفوظ آهي.

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب هن رسالي ۾ عجيب مسئلو بيان ڪيو آهي. سانجهي نماز ۾ جيترا ڀيرا بہ تشهد يا التحيات پڙهڻ ممڪن ۽ واقع ٿي سگهي، انهن جو تفصيل ڏنو آهي. حمد ۽ صلواة کان پوءِ مخدوم صاحب لکي ٿو:

> ”هيءُ رسالو آهي، جنهن ۾ مون سانجهيءَ نماز ۾ جيترا ڀيرا تشهد يا التحيات پڙهڻ ممڪن ٿي سگهن، انهن جو تعداد گڏ ڪيو آهي.
> امام ابوحنيفه ۽ امام ابو يوسف جي قول تي سانجهيءَ نماز ۾ تشهد پڙهڻ جو تعداد 79 ڀيرا ممڪن آهي. البت امام محمد جي قول تي 160 ڀيرا سانجهيءَ نماز ۾ تشهد پڙهڻ ممڪن آهي، جيئن

ان جو تفصيل بيان ٿيندو. مون هيءُ رسالو خميس جي ڏينهن 11 جمادي الاوليٰ 1164هه تي لکڻ شروع ڪيو ۽ هن رسالي جو نالو 'رفع النصب لتكثر التشهدات في صلواة المغرب' رکيو ويو."

مخدوم صاحب پهريان فقه جي مشهور ڪتاب "بحرالرائق" جي حوالي سان سانجهي نماز ۾ 11 ڀيرا التحيات پڙهڻ جو مثال به ڏنو آهي. ان کان پوءِ مڪمل تفصيل ڏئي رسالو پورو ڪيو آهي.

ساڳئي بحث، عنوان ۽ مسئلي تي مخدوم صاحب هڪ رسالو "بهذ المنكب الي تكثير التشهدات في صلواة المغرب" هن کان اڳ ۾ تفصيل سان لکيو هو، جنهن جو حوالو پاڻ هن رسالي "رفع النصب" جي آخر ۾ ڏنو اٿائين.

هن رسالي ۾ آيل تفصيل ڏسڻ ۽ مسئلي کي سمجهڻ لاءِ وڏيءَ مٿاڪٽ ۽ دماغي ورزش ڪرڻ جي ضرورت آهي.

------

27. الحجة القوية في حقيقة القطع بالافضيلة

مخدوم صاحب جي هن دستياب قلمي نسخي ۾ 79 صفحا آهن. هر صفحي جي ڊيگهه اٺ انچ ۽ ويڪر ڇهه انچ آهي. هر صفحي ۾ 13 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 10 لفظ آهن. ڪاتب جي صورتخطي وچولي ٿلهي قلم سان صاف ۽ وڻندڙ آهي.

هيءُ رسالو مخدوم صاحب جي ٻن عربي ڪتابن جو نچوڙ آهي ۽ مخدوم محمد معين ٺٽوي جي ڪتاب "الحجة الجلية في رد من قطع بالافضيلة" جو رد آهي. مخدوم صاحب هن ڪتاب ۾ قرآن، حديث، فقه، اصول، ڪلام ۽ رجال جي ڪتابن جا اڪثر جابجا حوالا ڏنا آهن. پر افسوس جو ڪتاب جو هيءُ نسخو 79 صفحي کان پوءِ آخر تائين ناقص آهي. ان ڪري ڪاتب ۽ ڪتابت جو سن معلوم ٿي نه سگهيو آهي. پر ڪاغذ ۽ اکرن جي بيهڪ مان لڳي ٿو ته هيءُ نسخو ويجهي دور جو ڪتابت ٿيل آهي. مخدوم صاحب جي هن رسالي "الحجة القوية" جو قلمي نسخو، حافظ عبدالله ولد مولوي محمد معروف مٽياري واري جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي. راقم ڪي اتان هن نسخي جو عڪس مليو آهي. هن رسالي جا قلمي نسخا پير سرهندي، اورينٽل ڪاليج ۽ نيشنل ميوزيم لائبررين ۾ موجود آهن.

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب پنهنجي همعصر عالم - مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جي گهڻن ڪتابن جو رد لکيو آهي. هيءُ ڪتاب به ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، جنهن ۾ چئني خليفن جي ترتيب بابت بحث ٿيل آهي. مخدوم صاحب مقدمي ۾ هن رسالي تصنيف ڪرڻ جو مقصد ۽ نچوڙ بيان ڪندي تحرير ڪيو آهي:

> "مون پهريائين هن سلسلي ۾ وڏو ڪتاب 'السنة النبوية في حقيقة القطع بالافضلية' لکيو هو. ان کان پوءِ انهيءَ ڪتاب جو اختصار 'الطريقة الاحمدية في حقيقة القطع بالافضيلة' نالي سان لکيم ۽ هيءُ موجوده رسالو انهيءَ وچئين رسالي جو خلاصو آهي ۽ هن خلاصي جو نالو آهي: 'الحُجة القوية في حقيقة القطع

بالافضيلة'.

انهن ٽنهي رسالن لکڻ جا ٻه مقصد آهن:

1. اهلِ سنت جماعت جي تحقيق، قرآن عظيم ۽ نبي ﷺ جي حديثن مبارڪن مان حضور جن جي چئني خليفن جي ترتيبوار فضيلت ۽ حقيقت ظاهر ڪرڻ. يعني 'افضل البشر ڪلهم بعدالانبياء عليهم الصلواة والسلام ابوبڪر ثم عمر ثم عثمان ثم علي رضي الله عنهم.' مطلب ته الله تعاليٰ جي نبين سڳورن کان پوءِ سڀني انسانن ۾ ابوبڪر ڀلو آهي، پوءِ عمر، پوءِ عثمان، پوءِ علي. الله تعاليٰ انهن کان راضي ٿيو.

2. اهلِ سنت ۽ هنن خليفن جي ترتيب ۾ مخالفت ڪندڙ ۽ رافضين جي موافقت ڪري حضرت علي المرتضيٰ کي سڀني خليفن کان افضل سمجهندڙ ڪن همعصر عالمن 'الحجة الجليلة في رد من قطع بالافضلية ' نالي ڪتاب لکيو آهي. منهنجي هن ڪتاب جو ٻيو مقصد رافضين جي تائيد ڪندڙ همعصر (مخدوم محمد معين ٺٽوي) جي هن ڪتاب جو رد ڪرڻ آهي.

مون هيءُ رسالو 17 شعبان 1164هه ۾ لکڻ شروع ڪيو. هن رسالي ۾ مقدمو، ٻه فصل ۽ خاتمي ۾ ڇهه فائدا آهن. ان ۾ شڪ نه آهي ته بيشڪ حضرت علي رضي الله عنه وڏين فضيلتن ۽ مناقبن جو صاحب آهي. هو امت جو اڪابر آهي، السابقون الاولون مان آهي، الله تعاليٰ جي صالح ٻانهن ۾ ڀلو آهي، نيڪن صالحن مقربن مان آهي. سندس گهڻيون ئي فضيلتون ۽ ڀلايون آهن، پر خليفن سڳورن جي ترتيب جيئن مٿي بيان ٿي، حضرت عليءَ جو انهن ۾ اهوئي نمبر آهي. ان ڏس ۾ عقل يا اجتهاد جو دخل ڪونهي. نبي ﷺ طرفان ئي اها ترتيب ۽ امر واقع آهي."

مخدوم صاحب پنهنجي هن رسالي "الحجة القوية " ۾ همعصر جو اشارو ته ڪيو آهي، پر نالو نه ورتو آهي. اصل ۾ اهو اشارو مخدوم صاحب جي وڏي همعصر ۽ رنگين طبيعت واري عالم - مخدوم محدم معين ٺٽويءَ ڏانهن آهي ۽ "الحجة الجلية " ان جو ئي ڪتاب لکيل آهي.

بهرحال، هيءُ علمي بحث مخدوم صاحب پنهنجي رسالي ۾ آڻي، علمي

تحقيق جا واهڙ وهايا آهن ۽ ڀرپور حوالن سان پنهنجو اندازِ تحرير ۽ اهلِ سنت جو دفاع ۽ حق ثابت ڪيو آهي. افسوس ته هيءُ رسالو آخر ۾ ناقص آهي.

تازو نيشنل ميوزم ڪراچيءَ مان هن ئي موضوع تي مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو وچون رسالو "الطريقه الاحمديه" دستياب ٿيو آهي. سهڻي ڪتابت سان 229 صفحن تي مشتمل اهي ۽ ڪاتب جو نالو ۽ سال هي آهي: محمد اسماعيل افغان، 1333هجري.

هيءُ ڪتاب مناظر اسلام مفتي عبدالرحيم سڪندري، مدرسه صبغة الهديٰ شاهه پورچاڪر ضلعي سانگهڙ وارو ايڊٽ ڪري رهيو هو، پر افسوس مفتي سڪندري 29 مارچ 2018ع تي وفات ڪري ويو آهي! اميد ته سندس لائق فرزند مفتي حق النبي ازهري اهو تحقيقي ڪم مڪمل ڪندو!

------

28. حياة القاري باطراف صحيح البخاري

مخدوم صاحب جو حديث پاڪ بابت هيءُ هڪ بهترين ضخيم ڪتاب آهي. هن ڪتاب ۾ 758 صفحا آهن. صفحي جي ڊيگهه تيرهن انچ ۽ ويڪر اَٺ انچ آهي. هر صفحي ۾ 15 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 15 لفظ آهن. اسان جي سامهون "حياة القاري" جو قلمي نسخو، ڪاتب ابراهيم بن نور محمد جمالي، ساڪن ڳوٺ پائي خان جمالي غالباً نزد نيو سعيد آباد جو لکيل موجود آهي. ڪتاب جي آخر ۾ ڪاتب جي نالي کان پوءِ درگاهه پير جهنڊي ۽ مڪتبه راشديه جي مالڪ، مرحوم سيد رشد الله شاهه صاحب العلم الرابع پنهنجي هٿ سان هيٺيون نوٽ لکيو آهي: "ابوتراب چوي ٿو ته اسان وٽ موجود اصل قلمي نسخي تي تحرير ٿيل هو ته هيءُ نسخو مصنف محمد هاشم ٺٽويءَ جي مجلس ۾ ويهي، اصل تان پيٽي نقل ڪيو ويو آهي. اهو نقل تاريخ 8 رمضان المبارڪ آچر جي ڏينهن 1167هه تي لکجي پورو ٿيو. ڪتبه عبدالرحمٰن بن شيخ الاجل محمد هاشم سنڌي عفي عنه."

پير صاحب جي انهيءَ مٿئين مختصر نوٽ مان اهو پتو پوي ٿو ته:

1. هيءُ قلمي نسخو، مخدوم صاحب جي وڏي پٽ عبدالرحمٰن جي هٿ جو لکيل هو.

2. مخدوم صاحب جي خدمت ۾ ويهي روبرو اُتاريو ويو هو.

3. ڪتاب جي اصل لکجڻ کان رڳو هڪ سال پوءِ 1167هه ۾ ڪتابت ڪيو ويو هو.

4. مخدوم صاحب ڪتاب جو پهريون نقل ٻين ڪاتبن جي بجاءِ پنهنجي پُٽ کي ڪتابت لاءِ ڏنو، ته جيئن ڪتاب جو ٻيو اُتارو به صحيح ۽ پروسي جهڙو ٿئي.

5. مخدوم صاحب وانگر سندس وڏو فرزند عالم هجڻ سان گڏ وڏو ڪاتب به هو، جو حديث جو اهم ڪتاب ڪتابت ڪيو هئائين.

6. مخدوم صاحب ۽ سندس اولاد جي علم حديث سان محبت جو پتو پوي ٿو.

اسان جي سامهون مڪتبه پير بديع الدين راشدي جهنڊي واري جو قلمي

نسخو آهي. هيءُ نسخو مخدوم صاحب جي فرزند مخدوم عبدالرحمان ٺٽويءَ واري قلمي نسخي جو نقل آهي. هن نسخي تي پير ابو تراب راشدي ۽ خليفي محمد خان جماليءَ ڳوٺ ميوو جمالي تعلقه سڪرنڊ جي نظرثاني ڪيل آهي، ان ڪري هن قلمي نسخي جي قدامت ۽ صحت جي لحاظ کان وڏي اهميت آهي ٻڌجي ٿو ته خود مخدوم جي هٿ جو لکيل قلمي نسخو، نيشنل ميوزيم ڪراچيءَ ۾ موجود آهي. راقم ڪي "حياة القاري" جي قلمي نسخي جو عڪس مرحوم عبدالرحمان منگيي سڪرنڊ واري جي ذريعي مڪتبه راشديه، نيو سعيد آباد مان مليو.

مواد جو وچور:

دين جو سرچشمو قرآن ۽ حديث آهي. ٻئي دين جا ٿنڀ به آهن. قرآن ۽ حديث جو تمام گهرو تعلق آهي. جيڪڏهن قرآن جسم آهي، ته حديث ان جو روح آهي. ڪتاب الله متن آهي، ته حديث نبوي ۽ حضور ﷺ جا اقوال ۽ اعمال، ان جو شرح ۽ تفسير آهي.

هن ڳالهه تي سڀني امامن ۽ عالمن جو اتفاق آهي، ته ڪتاب الله کان پوءِ سڀني ڪتابن ۾ "صحيح بخاري" هڪ صحيح ڪتاب آهي ۽ ان جو درجو آهي. هن ڳالهه تي به سڀ متفق آهن، ته ابو عبدالله محمد بن اسماعيل بُخاري رحمة الله عليه (194هه - 256هه) حديث جي فن ۾ "اميرالمحدثين" آهي.

مخدوم صاحب پنهنجي وفات کان ڏهاڪو سال ڪن اڳ سن 1164هه ۾ علم حديث متعلق هيءُ ڪتاب "حياة القاري باطراف صحيح البخاري" عربيءَ ۾ مرتب ڪيو. علم حديث ۾، مخدوم صاحب جو هيءُ ڪتاب نهايت اهم ۽ ضخيم آهي. هن مان سندس علم حديث سان محبت ۽ تبحر علميءَ جو پتو پيو ٿو.

هن ڪتاب ۾ امام محمد بن اسماعيل بخاريءَ جي ڪتاب "صحيح بخاريءَ" مان حديث جا "اطراف" گڏ ڪيا ويا آهن. مخدوم صاحب اصل ۾ هيءُ ڪتاب ستين ۽ اٺين صدي هجريءَ جي مشهور محدث، امام حافظ جمال الدين يوسف المزي (742هه) جي لکيل ڪتاب "تحفة الاشراف بمعرفت الاطراف" تان استفادو ڪري لکيو آهي. حافظ مزيءَ جو اهو جڳ مشهور ڪتاب عربيءَ ۾ سورهن جلدن ۾ لکيل آهي ۽ بهترين ڪتاب آهي. محدث مزيءَ هن ڪتاب ۾ حديث نبويءَ جي ڇهن مشهور ڪتابن "صحاح سته" جا اطراف گڏ ڪيا آهن. صحاح سته جا مشهور ڪتاب هي آهن:

1. صحيح محمد بن اسماعيل بخاري (194هه - 256هه)

2. صحيح مسلم بن الحجاج نيشاپوري (202ھ - 261ھ)
3. سنن ابي داؤد سجستاني (202ھ - 275ھ)
4. جامع ابي عيسيٰ ترمذي (209ھ - 279ھ)
5. سنن ابي عبدالرحمٰن نسائي (215ھ - 303ھ)
6. سنن ابي عبدالله بن ماجه قزويني (209ھ - 273ھ)

مخدوم صاحب "حياة القاري" جي مهاڳ ۾، تصنيف جو سبب بيان ڪندي لکي ٿو:

"حمد ۽ صلواة کان پوءِ رب غنيءَ جي رحمت جو محتاج محمد هاشم بن عبدالغفور بن عبدالرحمان سنڌي چوي ٿو ته هيءُ رسالو آهي، جنهن ۾ مون امام حجة الاسلام محمد بن اسماعيل بخاريءَ جي ڪتاب 'الجامع الصحيح' بخاري جي حديثن جا اطراف (حصا) گڏ ڪيا آهن. اهي اطراف مون حافظ الحديث، يگاني عالم ابوالحجاج جمال الدين يوسف بن زڪي مزي جي ڪتاب 'الاطراف' تان چونڊيا آهن. مون هن ڪتاب جو نالو 'حياة القاري باطراف البخاري' رکيو آهي. هن جي شروعات 18 شعبان 1164ھ تي ڪئي اٿم. هن ۾ مون کي ان تي ئي اعتماد آهي، جنهن تي حافظ مزي اعتماد ڪيو آهي. 'صحاح سته' کان به مواد ورتو اٿم. امام بخاريءَ جي روايت کي 'خ' جي رمز سان بيان ڪيو اٿم ۽ ان تي وڌيڪ حاشيو به هنيو اٿم.

هن مختصر ڪتاب کي علامہ ابو مسعود دمشقي (وفات 401ھ)، علامہ خلف واسطي (وفات 400ھ ڪان پوءِ) ۽ حافظ مزي جي ڪتابن جي نموني تي مرتب ڪيو اٿم، پر هن جي خاص ترتيب محدث حافظ مزيءَ جي ڪتاب واري آهي. هن ۾ مون پاڻ معروف حروف معجم تي ترتيب رکي آهي. ان کان سواءِ 'ھ' جي حرف کي 'و' کان اڳ ۾ آندو اٿم. اها حافظ مزيءَ جي ترتيب آهي. جيتوڻيڪ ائين اسان وٽ مشهور طريقي جي اُبتڙ آهي.

مون جن معروف ڪتابن مان 'حياة القاري ' جو مواد ورتو آهي، انهن کان به زياده هن ۾ اضافا ڪيا اٿم، جيڪي مون لاءِ سهنجا ٿي سگهيا آهن يا مون کي معلوم ٿيا آهن. انهن ۾ جن اوڻاين جي مون کي خبر پئي، تن جي اصلاح ڪئي اٿم. حديث پاڪ جا اطراف يا

حصا بخاري شريف جي متن ۾ لکيل لفظن جي موافق ذڪر ڪيا اٿم. ان ڪوشش ۾مون کان جيتري قدر ٿي سگهيو آهي ته تحقيق ڪئي اٿم، نه ته حافظ مزيءَ جي اتباع ڪندي روايت بالمعنيٰ آندي اٿم. الله تعاليٰ کان سوال آهي ته منهنجي هيءُ محنت پنهنجي رضا لاءِ خلوص واري بنائي.

هن مختصر ڪتاب کي مون ٻن بابن ۾ ورهايو آهي. پهرئين باب ۾ احاديث موصولہ درج آهن. ٻئي باب ۾ مرسل احاديث بيان ڪيون اٿم. انهن مان هر هڪ کي ٻہ قسم بنايو اٿم. پهرئين قسم ۾ اسماءُ الرجال ته ٻئي قسم ۾ اسماءُ النساء ۽ انهن مان بہ هر هڪ کي ٻن بابن ۾ ورهايو اٿم. پهرئين باب ۾ نالا ۽ ٻئي باب ۾ ڪُنيتون. انهن ۾ حروف معجم تي ترتيب ڏني اٿم، ته جيئن ڏسندڙن کي فائدو وٺڻ سولو ٿئي.

ڪتاب شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ مقدمو ذڪر ڪيو اٿم. مقدمي ۾ ٻہ فائدا آهن. فائدو پهريون هي آهي ته صحيح بخاري ۾ ڪهڙيون حديثون ورائي ورائي آندل آهن ۽ ڪهڙيون حديثون بنا تڪرار جي آهن. فائدو ٻيو هي آهي ته هر اصحابيءَ جون صحيح بخاريءَ ۾ موصول ۽ معلق حديثون آيل آهن، انهن جو تفصيل ڏنل آهي."

مخدوم صاحب بہ ڪتاب الله کان پوءِ حديث نبويءَ جي عظمت جي پيش نظر حافظ مزيءَ جي نموني تي صحيح بخاريءَ جا اطراف "اطراف المزي" تان ميڙي چونڊي، سوڌي سنواري، سهيڙي سموهي راوين جي جديد ۽ آسان ترتيب سان الف - ب وار فهرست موجب مرتب ڪيا آهن.

دراصل "اطراف" علم حديث ۾ حديث جي ڪتاب جو هڪ قسم آهي. اطراف جي لفظي معنيٰ آهي طرف، حصا، طرف جو جمع آهي اطراف.

"اطراف" حديث جي ان ڪتاب کي چئبو آهي، جنهن ۾ حديث جو رڳو اهو حصو ذڪر ڪيو وڃي، جو باقي حديث جي حصي تي دلالت ڪري ۽ پوءِ ان حديث جا سڀ طريقا ۽ سندون بيان ڪيون وڃن يا ڪن مخصوص ڪتابن جون سندون بيان ڪيون وڃن، جيئن اطراف الڪتب الخمسه ابي العباس ۽ اطراف المزي."

حافظ جمال الدين يوسف المزي "اطراف" تي بحث ڪندي لکيو آهي:

"ڪنهن حديث مبارڪ جو هڪ حصو ذڪر ڪري، ان جي سيني

سَنَدُن کي حديث جي ڪتابن مان آڻي، ان تي بحث ڪيو ويندو آهي. جن ڪتابن ۾ ان جو ذڪر هوندو آهي، انهن کي ’ڪتب الاطراف ‘ سڏيو ويندو آهي ۽ ان حصي کي طرف چئبو آهي ۽ جڏهن حديث جي ڪتابن جا لکندڙ ڪنهن حديث جي روايت ۾ شريڪ ٿيندا آهن يا انهن مان ڪي بزرگ ان کي آڻيندا آهن ته ڪتب الاطراف وارا اها حديث ان جي ذڪر ڪرڻ واريءَ جاءِ جي بيان سان گڏ لکندا آهن ۽ جيڪڏهن اها حديث ٻن يا ٽن جاين تي ذڪر ڪيل هوندي آهي ته انهن سڀني جاين جي نشاندهي ڪندا آهن ۽ ان سان ان حديث جي طريقن ۽ سَنَدُن تي بحث ڪرڻ آسان ٿي پوندو آهي. ڪتب الاطراف مان وڏو فائدو اهو ٿي آهي. عالمن چيو آهي ته: ’محدث بلا اطراف ڪانسان بلا اطراف ‘ مطلب ته اطراف الحديث جي علم کان سواءِ محدث ائين آهي، جيئن عضون کان سواءِ انسان. ” [1]

مخدوم صاحب ”حياة القاري“ ۾ مقدمي کان پوءِ صحيح بخاري جي اطراف جو سلسلو، راويءَ جي الف - بي وار فهرست سان شروع ڪيو آهي. هتي اطراف جا چند مثال پيش ڪجن ٿا:

حرف الالف

❊ انس بن مالک ابو حمزه الانصاري عن ابي.

حديث: ”ڪنا نريٰ هذا من القرآن حتيٰ نزلت الهٰکم التکاثر“ يعني حضرت انس رضي الله عنه حضرت اُبي رضي الله عنه کان نقل ڪيو، ته اسان هي سمجهندا هئاسون ته هي قرآن مان آهي، تان ته سورة ”الهٰکم التکاثر“ نازل ٿي.

اصل ۾ مڪمل حديث هيءَ آهي ته حضرت انس بن مالک روايت ٿو ڪري، ته رسول الله ﷺ فرمايو ته جيڪڏهن ماڻهوءَ وٽ سون جي هڪ وادي هجي ته هو گهرندو ته ٻه واديون هجن. ان جي وات کي مٽي ئي ڀري سگهي ٿي ۽ الله تعاليٰ توبهه ڪندڙ جي توبهه قبول ڪري ٿو.

❊ عبدالرحمٰن بن الاسود بن عبد يغوث الزهري عن ابي.

حديث: ”ان من الشعر حڪمة “ ، ترجمو: بيشڪ شعرن مان ڪي شعر

[1] جمال الدين يوسف المزي، حافظ: ”تحفة الاشراف بمعرفة الاطراف“ (عربي)، جلد_1، ص 2

حڪمت سان ڀريل آهن.

❊ ابراهيم بن سعد بن ابي وقاص القرشي الزهري عن اسامه بن زيد

حديث: ”اذا سمعتم بالطاعون بارض فلا تدخلوها.“ ترجمو: نبي ﷺ فرمايو ته جڏهن توهان ڪنهن جڳهه بابت ٻڌو ته اتي طاعون آهي، ته اُتي نه وڃو.

اصل ۾ مڪمل حديث هيءَ آهي ته نبي ﷺ فرمايو ته جڏهن توهان ڪنهن جڳهه بابت ٻڌو ته اتي طاعون آهي، ته اتي نه وڃو ۽ جڏهن توهان ڪنهن جاءِ ۾ هجو ۽ اتي طاعون پکڙجي وڃي، ته اتان نه نڪرو.

صحيح بخاريءَ ۾ روايتن جو تعداد: مخدوم صاحب ”حياة القاري“ جي مقدمي ۾ ابن الصلاح، النووي ۽ حافظ ابن حجر عسقلانيءَ جي حوالي سان صحيح بخاري جي سمورين روايتن جو مختلف نوعيتن سان بحث ڪري، تعداد بيان ڪيو آهي. ان بحث جو نچوڙ هي آهي:

”صحيح بخاري جي روايت ٿيل حديثن جي تعداد ۾ عالمن جو اختلاف آهي. ابن الصلاح جي تحقيق آهي ته صحيح جي سڀني حديثن جو تعداد 7275 آهي. حذف مڪررات يعني وري وري آيل حديثن جي حذف ڪرڻ يا ڪيڻ ڪانپوءِ هيءَ تعداد چار هزار بيهي ٿو.

ابن حجر عسقلانيءَ جي تحقيق پٽاندڙ صحيح بخاريءَ جون سڀ حديثون مڪررات سميت 7397 آهن. سڀني معلقات جو تعداد 1341 آهي، سڀني متتابعات جو تعداد 344 آهي ۽ ڪل تعداد 9082 آهي. حذف مڪررات کان پوءِ مرفوع حديثن جو تعداد 2623 وڃي ٿو بيهي. اهڙيءَ ريت امام بخاريءَ جون جيڪي حديثون اعليٰ سندن تي مشتمل آهن، اهي ثلاثيات آهن. انهن جو تعداد ٻاويهه آهي ۽ حذف مڪرارت کان پوءِ هيءُ تعداد سورهن وڃي رهي ٿو.“

مخدوم صاحب، روايت ٿيل حديثن جي تعداد کان پوءِ هر هڪ روايت ڪندڙ اصحابيءَ جي روايت ڪيل حديثن کي الف- بي وار ۽ نالي وار تعداد لکيو آهي. مثال طور: ابي بن ڪعب رضي الله عنه، جيڪو قرآن جي قارين جو سردار آهي، ان جون ست حديثون روايت ٿيل آهن. اسامه بن زيد بن حارث سورهن حديثون، اسيد بن حضير انصاري هڪ حديث ۽ انس بن مالک انصاريءَ 268 حديثون روايت ڪيون آهن.“

مخدوم صاحب مقدمي ۾ اعتراف ڪيو آهي ته سندس هن ڪتاب ”حياة القاري باطراف صحيح البخاري“ جا محرڪ هينيان محدث آهن، جن کان متاثر

تي ۽ سندن ڪتابن تان استفادو ڪري، علم حديث بابت هيءُ بهترين ڪتاب لکيو اٿائين.

1. امام محمد بن اسماعيل بخاري (194ھ - 256ھ)
2. حافظ جمال الدين يوسف بن الزڪي المزي(654ھ - 742ھ)
3. امام ابو مسعود ابراهيم بن محمد دمشقي (وفات 1 - 400ھ)
4. علامہ خلف واسطي (وفات 400ھ کان پوءِ)
5. محدث ابن الصلاح (577ھ - 643ھ)
6. حافظ ابن حجر عسقلاني (773ھ - 852ھ)

------

29. بذل القوة في حوادث سني النبوة

سيرت پاڪ جي حوالي سان مخدوم صاحب جو هيءُ جڳ مشهور ڪتاب آهي. مخدوم امير احمد عباسي ڪهڙائيءَ سن 1966ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد طرفان مرتب ڪري شايع ڪيو هو. متن 307 صفحا، عربي مقدمو، فهرست، انڊيڪس ۽ تعليقات 331 صفحا، جملي 638 صفحا آهي. صفحي جي ڊيگهہ ساڍا اٺ انچ ۽ ويڪر ڇهہ انچ آهي. هر صفحي ۾ سراسري طور 24 سٽون ۽ هر سٽ ۾ 12 لفظ آهن.

مخدوم ٺٽويءَ حضور پُرنور نبي ﷺ جن جي سوانح ۽ سيرت پاڪ بابت سنڌي، فارسي ۽ عربيءَ ۾ گهڻا ڪتاب لکيا آهن. جيتوڻيڪ اهي سيئي ڪتاب تحقيقي لحاظ کان ڀرپور آهن، پر عربي زبان ۾ هن ڪتاب ”بذل القوة“ جو معيار نهايت مٿانهون آهي. پنهنجي انداز ۽ نئين ترتيب جي لحاظ کان سيرت ۾ نئون موڙ ۽ اهڃاڻ آهي. ڪتاب جي منڍ ۾ مخدوم امير احمد هڪ سئو صفحن تي عربيءَ ۾ مقدمو لکيو آهي.

مواد جو وچور:

هيءُ ڪتاب ٻن قسمن ۾ ورهايل آهي. پهريون قسم هڪ باب تي مشتمل آهي ۽ ان هڪ باب ۾ 13 فصل آهن. ٻيو قسم ٽن بابن ۾ ورڇيل آهي. پهرئين باب ۾ 8 فصل، ٻئي باب ۾ 10 فصل ۽ ٽئين باب ۾ 11 فصل آهن. مخدوم صاحب ”بذل القوة“ جي مقدمي ۾ لکي ٿو:

> ”محمد هاشم پٽ عبدالغفور پٽ عبدالرحمان سنڌي ٺٽوي چوي ٿو تہ هيءُ مختصر ڪتاب آهي، جنهن ۾ انهن واقعن جو تاريخي ترتيب سان ذڪر آهي، جيڪي نبي ڪريم ﷺ جي ٽيويهہ سالہ نبوت واري زندگيءَ ۾ دور ۾ واقع ٿيا، يعني 13 سالن جو مڪي زندگيءَ وارو دور ۽ 10 سالن جي مدني زندگيءَ واري دور جا حالات، واقعا ۽ غزوات سرايا يا جنگيون. هن ڪتاب جي شروعات 5 ذوالحج 1166ھ تي ٿي ۽ هن ڪتاب جو نالو ’بذل القوة في حوادث سني النبوة ‘ آهي. هيءُ ڪتاب ٻن قسمن يا حصن ۾ ورهايل آهي.

پهرئين قسم ۾ مڪي دور جا واقعا ۽ ٻئي قسم ۾ مدني دور جا واقعا. مدني دور ٽن بابن ۾ ورهايل آهي: باب پهريون غزوات، باب ٻيو سرايا ۽ بعوث ۽ باب ٽيون ٻيا واقعا.“

هن ڪتاب جي پڄاڻي 4 صفر المظفر 1168ھ اربع جي ڏينهن ٿي، يعني هن اهم ڪتاب جي مواد جي چونڊ ۽ جمع و ترتيب ۾ مخدوم صاحب کي لڳ ڀڳ ٻه سال ڪن لڳي ويا.

ڪتاب ۾ آيل مواد جي سن وار فهرست ڏسڻ سان هن ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت جو اندازو ٿي سگهي ٿو ۽ سيرت پاڪ تي ترتيب وار ۽ يڪجا مواد جو خاڪو سامهون اچي بيهي ٿو:

حصو پهريون: نبوت جي شروعات کان هجرت تائين جا واقعا يعني هن باب ۾ سن 1 کان 13 تائين نبوت جا تاريخ وار واقعا شامل آهن.

حصو ٻيو: هجرت جي شروعات کان وٺي حضور ﷺ جن جي وصال تائين جا واقعا.

باب پهريون: غزوات النبي ﷺ - هن باب ۾ سن 2ھ کان 9ھ تائين پيش آيل لڙاين جو ذڪر آهي.

باب ٻيو: اهي سرايا ۽ بعوث جيڪي حضور ﷺ جن هجرت کان پوءِ روانا ڪيا. هن باب م سن 2ھ کان 11ھ تائين پيش آيل سرايا جو احوال آهي.

باب ٽيون: غزوات ۽ سرايا کان سواءِ ٻيا حالات ۽ واقعات، جيڪي هجرت کان پوءِ حضور ﷺ جن جي وصال تائين پيش آيا. هن باب ۾ سن 1ھ کان 11ھ تائين جا گڏيل واقعا درج آهن.

ٻئي باب ۾ غزوات ۽ سرايا جو احوال آهي. جن جنگين ۾ پاڻ نبي ڪريم ﷺ جن شريڪ ٿيا، محدثن جي اصطلاح ۾ انهن جنگين کي ”مغازي“ ۽ ”غزوات“ چئبو آهي. جن لڙاين ۾ پاڻ شريڪ نہ ٿي سگهيا ۽ پنهنجي اصحابن کي لشڪر جو امير بنائي موڪليو، ان کي ”سرايا“ ۽ ”بعوث“ چئبو آهي. سرايا جو تعداد 77 آهي. جن جنگين ۾ حضور جن پاڻ شريڪ ٿيا، انهن جو تعداد 28 آهي. انهن جنگين جي ترتيبوار فهرست هي آهي:

1. غزوه الابواءِ يا ودان
2. غزوه بواط
3. غزوه سفوان يا بدر اوليٰ

4. غزوه العشيرة
5. غزوه بدر ڪبريٰ
6. غزوه بني سليم يا قرقرة الڪدر
7. غزوه السويق
8. غزوه غطفان يا ذي امر
9. غزوه الفرع
10. غزوه بني قينقاع
11. غزوه احد
12. غزوه حمراء الاسد
13. غزوه بني نضير
14. غزوه بدر صغريٰ
15. غزوه دومة الجندل
16. غزوه بني المصطلق يا مريسع
17. غزوه خندق
18. غزوه بني قريظہ
19. غزوه بني لحيان
20. غزوه حديبيه
21. غزوه ذي قرد
22. غزوه خيبر
23. غزوه وادي القريٰ
24. غزوه ذات الرقاع
25. غزوه فتح مڪه
26. غزوه حنين
27. غزوه طائف
28. غزوه تبوڪ

مخدوم صاحب مڪي شريف ۽ مديني منوره جي ڪن زيارتن ۽ برڪت وارين تاريخي جاين جو ذڪر ڪندي، ڪتاب ۾ پنهنجو اکين ڏٺو مشاهدو بہ ڏيندو ويو آهي. ان مان مخدوم صاحب جي سفر حرمين شريفين جون چند جهلڪيون بہ سامهون اچن ٿيون، تہ هن ڪهڙي سال ۾ مڪي يا مديني جون

زيارتون ڪيون. ياد رهي تہ مخدوم صاحب سن 1135ھ ۾ حرمين شريفين جو سفر اختيار ڪيو هو ۽ سن 1137ھ تي واپس ٺٽي موٽي آيو هو.

مخدوم صاحب مڪي ۽ مديني منوره جي ڪن تاريخي جاين بابت پنهنجو مشاهدو هن طرح لکي ٿو:

دار ارقم: دار ارقم، مڪي شريف ۾ مسجد الحرام جي ويجهو صفا جبل لڳ اڄ تائين موجود آهي. هيئنر دار خيزران جي نالي سان مشهور آهي (جو تہ) هارون الرشيد جي ماءُ خيزران حبشيه ان جاءِ جي نئين سر تعمير ڪرائي، ان کي برڪت خاطر مسجد بنائي ڇڏيو هو. مون جڏهن سن 1135ھ ۾ حج بيت الله جو شرف حاصل ڪيو، تہ ان جاءِ جي زيارت جي سعادت بہ نصيب ٿي هئي.(ص 21)

ڪوهہ الروحاء : مديني ۽ مڪي جي وچ تي الروحاء نالي ڪوهہ آهي، جيڪو مديني کان 36 ميلن جي پنڌ تي آهي ۽ اهو ڪوهہ اڄ تائين مشهور ۽ موجود آهي. اسان پنهنجي اکين سان هن ڪوهہ کي ڏٺو ۽ پاڻي بہ پيتو. (ص 48)

مسجد جمعہ: حضور ﷺ مسجد بنو سالم بن عوف ۾ جمعي جي نماز پڙهي ۽ جمعي جو خطبو ڏنو هو. بنو سالم بن عوف جي آبادي قبا ۽ مديني جي وچ تي هئي. انهيءَ ڪري هن مسجد کي مسجد جمعہ چون ٿا. هيءُ اسلامي تاريخ ۾ حضور ﷺ جن جو سڀ کان پهريون جمعو ۽ سڀ کان پهريون خطبو هو. هيءَ مسجد اڄ تائين موجود آهي. اسان بہ سن 1136ھ ۾ هن مسجد جي زيارت ڪئي. ان وقت هن جي نئين تعمير ٿي چڪي هئي. (ص 102)

حضرت ميمونہ جي قبر: مڪي ۽ مديني جي درميان مڪي کان ڏهن ميلن جي مفاصلي تي "سرف" نالي هڪ ڳوٺ آهي. هن وقت هيءُ ڳوٺ تہ غير آباد آهي ۽ هتي حضرت ميمونه رضي الله عنها جي قبر کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ناهي. هن جي قبر تي قبو ٺهيل آهي. الحمدلله! سن 1136ھ ۾ اسان هن قبي جي زيارت ڪئي. (ص 195)

ابن ڪثير تي علمي چوٽ:

مخدوم صاحب "بذل القوة" ۾ لڳ ڀڳ سٺ ڪتابن جا حوالا آندا آهن. علامہ ابن ڪثير مشهور مصنف آهي. "البدايه والنهاية" بہ تاريخي لحاظ کان مشهور ڪتاب آهي. مخدوم صاحب ابن ڪثير تي انهيءَ ڪتاب جي حوالي سان علمي چوٽون ڪيون آهن.

1. هجرت نبويءَ جي سلسلي ۾ ابن ڪثير جو رد مخدوم صاحب ڪيو آهي.
2. سن 2ھ جي واقعن ۾ بيت المقدس مان قري بيت الله قبلو مقرر ٿيو.

مخدوم صاحب ان سلسلي ۾ بہ "البدايه والنهاية" جي حوالي سان ابن ڪثير جو ڀرپور رد ڪيو آهي.

"بذل القوه" عربي جي ٻولي:

مخدوم صاحب ۽ شاهہ لطيف جي دور جي سنڌي ٻولي بہ هن وقت سمجهڻ ۽ پڙهڻ ۾ محنت طلبي ٿي. عربي ٻولي تہ اڃان بہ وسيع ۽ ڏکي آهي. پر مخدوم صاحب کي عربي ٻوليءَ تي عبور ۽ ڪامل دسترس حاصل هئي. "بذل القوة" جي عربي ٻولي تمام سليس، عام فهم ۽ آسان آهي. ڄڻ تہ هر دور ۽ هن دور جي ٻولي آهي. مثال طور: پاڻ مڪي ۽ مديني جي درميان "ڪوهہ الروحاء " جي زيارت جو نقشو هن ريت چٽي ٿو:

"والروحاء بئر معروف بين مكة والمدينة علىٰ ستة والثلاثين (36) ميلا من المدينة. وهو موجود مشهور الي الان. رايناها باعيننا و شربنا من مائها الف ومائة وخمس وثلٰثين (1135). والحمدلله." (ص 48)

عربي عبارت پڙهندي اڪثر جاين تي نثر مان بہ شاعريءَ جو لطف ٿو اچي، مثال طور:

"ثم رمي بها الي الكفار
فوقع لهم بسببه الفرار
ونزل النصرمن الله العزيز الجبار." (ص 121)

بهرحال، سيرت پاڪ جي سلسلي ۾ "بذل القوة" نئين ترتيب سان هڪ بهترين ۽ لاثاني ڪتاب آهي.

"بذل القوة" جا هي 6 ڇاپا شايع ٿيا آهن:

1. بذل القوة عربي، تحقيق: مخدوم اميراحمد، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1966ع.
2. بذل القوة جو اردو ترجمو 'عهد نبوت كے ماه و سال' ترجمو: مولانا محمد يوسف لڌيانوي، حسين چودهري ٽرسٽ لاهور، 1976ع.
3. بذل القوة جو اردو ترجمو ۽ شرح 'سيرة سيد الانبياءِ' مترجم: مولانا محمد عبدالعليم مجددي، مظهر علم لاهور، 2000ع.
4. بذل القوة جو سنڌي ترجمو: مولوي طفيل احمد ٺٽوي، دربار عبدالله شاهہ

اصحابي مڪلي، ٺٽو 2001ع.

5. بذل القوة جو سنڌي ترجمو ۽ شرح ’سيرت هاشمي‘ پروفيسر اسرار احمد علوي، مهراڻ اڪيدمي شڪارپور، 2004ع.

6. بذل القوة عربي، جامعه الازهر مصر ۾ ايم.فل لاءِ تحقيق، مفتي حق النبي شرازهري، دارالفتح عمان، اردن، 2016ع.

------

30. التحفة المرغوبة في افضلية الدعاء بعد المكتوبة

هي 19 صفحن جو سهڻو رسالو آهي. صفحي جي ڊيگهه ٻارهن انچ ۽ ويڪر اَٺ انچ آهي. هر صفحي ۾ 23 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 20 لفظ آهن. ڪاتب آخر ۾ هڪ نوٽ لکيو آهي، جنهن جو ترجمو هيءُ آهي: ”هيءَ رسالو ڪاتب موسيٰ الاليباي، مولوي عبدالرئوف بختارپور واري جي قلمي نسخي تان اتاريو ۽ ان وري مولوي لعل محمد مٽيارين واري جي قديمي نسخي تان نقل ڪيو“. هن تحرير مان لفظ ”نسخه قديميه“ مان ظاهر آهي ته موجوده رسالو خود مخدوم صاحب جي اصل نسخي جو نقل آهي ۽ صحيح نسخو اصل سان پيٽيل آهي. راقم وٽ هن رسالي جو عڪس موجود آهي.

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب هيءُ رسالو پنهنجي دور جي ڪن عالمن جي جواب ۾ لکيو آهي، جن اها فتويٰ ڏني هئي ته فرض نماز پڙهڻ کان پوءِ، سنت مؤڪده کان اڳ ۾ دُعا گهرڻ مڪروه آهي.

مخدوم صاحب هن رسالي ”التحفة المرغربة“ جي مقدمي ۾ تصنيف جو سبب ڄاڻائيندي لکي ٿو:

> ”مون کان سوال ڪيو ويو آهي، ته فرض نماز کان پوءِ دعا گهرڻ سنت آهي يا نه؟... مون (تحقيق ڪري) جواب ڏنو، ته فرض نماز کان پوءِ دعا گهرڻ سنت مستحب آهي. ان کي ڇڏڻ چڱو نه آهي، خاص ڪري امام جي حق ۾. هيءُ جائز آهي ته دعا سنت مؤڪده کان اڳ ۾ گهري وڃي. جهڙيءَ طرح دعا سنت کان پوءِ گهرڻ جائز آهي. بهتر هيءُ آهي ته دعا سنت کان اڳ ۾ گهرجي، پر دعا تمام ڊگهي نه هجي.
>
> (فرض کان پوءِ ۽ سنت کان اڳ ۾) دعا گهرڻ جي مسئلي بابت وقت جي گهڻن عالمن موافقت ڪئي آهي ۽ ڪن ان مسئلي جي (ڪتاب) جواهر الفتاويٰ ۽ الاشباه وغيره جي حوالي سان مخالفت

ڪئي، جن جو بيان خاتمي ۾ ذڪر ڪيل آهي... پوءِ مون (ان جي جواب ۾) هيءُ رسالو لکيو آهي ۽ مون هن رسالي ۾ فرض کان پوءِ سنت کان اڳ ۾ دعا گهرڻ جي عدم ڪراهت (کي رد ڪري، دعا گهرڻ جي ثابتي لاءِ) دليل ڏنا آهن. نبي ﷺ ۽ معتبر فقهي روايتن سان دعا کي ثابت ڪيو آهي.

مون هيءُ رسالو خميس جي رات، 19 - صفر 1168ھ ۾ لکڻ شروع ڪيو. هن رسالي جو نالو 'التحفة المرغوبة في افضلية الدعاء بعد المکتوبة ' آهي. هن رسالي ۾ ٻه باب ۽ خاتمو آهي."

مخدوم صاحب هن رسالي جي مواد جي ورڇ هن ريت ڪئي آهي:

پهرئين باب ۾ حديث جي روشنيءَ ۾ اهو ثابت ڪيل آهي، ته اصل ۾ فرض کان پوءِ دعا گهرڻ سنت مستحبه آهي.

ٻئي باب ۾ حديث مبارڪ سان گڏ فقه جي روشنيءَ ۾ وضاحت آهي، ته دعا فرض کان پوءِ ۽ سنت کان اڳ ۾ ڪراهت کان سواءِ جائز آهي.

خاتمي ۾ دعا جي مخالفن جا اعتراض ۽ جواب آهن. اهڙيءَ ريت هيءُ رسالو دعا جي فضيلت ۽ جواز تي پورو ٿئي ٿو.

هن رسالي ۾ مخدوم صاحب حديث مبارڪ ۽ فقه جي ڪتابن ۽ حوالن سان ڀرپور دليل ڏئي، حسبِ دستور ڪتاب کي جاندار بڻايو آهي ۽ اصل مسئلو کولي سمجهايو آهي. الله تعاليٰ کان دعا گهرڻ جي مخالف لاءِ اعتراض جي ڪا به گنجائش باقي نه ڇڏي آهي ۽ مخدوم صاحب جي اصولي ۽ تحقيقي استدلال کي مڃڻو ئي پوي ٿو.

"التحفة المرغوبة" جا 6 ڇاپا شايع ٿيا آهن:

1. التحفة المرغوبة عربي، تحقيق، مفتي شجاعت علي قادري، دارالعلوم نعيميه ڪراچي، 1983ع.
2. اردو ترجمو 'شاندار تحفه' نالي، مترجم ڊاڪٽر محمد اشرف سمون، الراشد اڪيڊمي ڪراچي، 1994ع.
3. عربي ۾، محقق: عبدالفتاح ابوغده، مکتب المطبوعات الاسلاميه حلب، 1997ع.
4. 'نماز اور حضور کی دعا'اردو مترجم: محمد شهزاد مجددي، سني لٽريري سوسائٽي لاهور، 1999ع.

5. 'سهڻي سوغات' نالي سنڌي ترجمو: ڊاڪٽر محمد اشرف سمون، عباس فائونڊيشن ٽاٽو ٻولاخان، 2008ع.
6. 'پسنديده تحفه' نالي اردو ترجمو: مولوي عبدالله فهيمي، جمعيت اشاعت اهلسنت پاڪستان ڪراچي، 2012ع.

------

31. تنقيح الڪلام في النهي عن قرأة الفاتحه خلف الامام

هن رسالي جو پنو مير انجهڙو ۽ مواد 56 صفحا آهي. صفحي جي ڊيگهه نو انچ ۽ ويڪر ڇهه انچ آهي. هر صفحي ۾ 27 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 12 لفظ آهن. هيءُ رسالو مخدوم صاحب جي دور جو ڪتابت ٿيل آهي.

ڪاتب پنهنجو نالو ڪونه ڄاڻايو آهي، البت ڪتاب جي آخر ۾ عربيءَ ۾ هيءُ نوٽ لکيو آهي.

"تمت المقابلة بحضرة المؤلف في التاريخ العاشر من شهرالله رجب الفرد من سنة الف ومائة و تسع و ستين من الهجرة النبوة عليٰ صاحبها الصلواة والسلام والتحية."

مخدوم صاحب هيءُ رسالو 24 صفر المظفر 1169هه ۾ لکيو، جڏهن ته ڪاتب جي انهيءَ مٿئين نوٽ مان اهو ظاهر آهي ته هيءُ رسالو ڇئن مهينن ڪان پوءِ، ساڳئي سال 10 ماه رجب المرجب 1169هه ۾ مصنف جي سامهون اصل نسخي تان پيتي، هيءُ نقل تيار ڪيو ويو. قدامت جي لحاظ ۽ صحت جي اعتبار ڪان آڳاٽو ۽ صحيح نسخو آهي. هن رسالي جا قلمي نسخا مدرسه مجدديه نعيميه- ملير ڪراچي، سنڌالاجي لائبريري ڄام شوري، پير جهنڊي ۽ مٽياريءَ جي ڪتبخانن ۾ موجود آهن. راقم وٽ مدرسه مجدديه نعيميه واري قلمي نسخي جو عڪس آهي. هيءُ رسالو مدرسة مدينة العلوم، پيپنڊي شريف طرفان اردو ترجمي سان به شايع ٿيو آهي. مترجم: ابوالعلاءَ عبدالعليم ندوي، سال 1993ع.

مواد جو وچور:

هن رسالي ۾ فرض نماز ۾ امام جي پٺيان جماعتيءَ ڪي سورة فاتحه نه پڙهڻ جي باري ۾ بيان آهي. مخدوم صاحب ڪان سندس دور ۾ ڪن ماڻهن پڇيو ته: ڇا نماز ۾ جماعتيءَ ڪي امام جي پٺيان سورة فاتحه پڙهڻ جائز آهي يا نه؟ يا ڪراهت آهي. جي ڪراهت آهي، ته پوءِ ڪراهت تحريمي آهي يا تنزيهي؟ يا حضور نبي ﷺ جي حديثن مبارڪن ۾ اهو ذڪر آهي يا نه؟

مخدوم صاحب انهن مٿين سوالن جي جواب ۾ هيءُ تفصيلي رسالو لکيو آهي.

مخدوم صاحب هن رسالي ۾ پهريائين چئني فقهي مذهبن - مالڪي، شافعي، حنبلي ۽ حنفي جا هن مسئلي ۾ اصول بيان ڪيا آهن. ان ڪان پوءِ احاديث مبارڪ، تابعين ۽ فقيهن جي اقوال ڪي آڻي، تحقيق ڪري، حنفي مذهب جي تائيد ۾ ثابت ڪيو آهي ته امام جي پٺيان نماز ۾ جماعتيءَ ڪي سورة فاتحه نه پڙهڻ گهرجي.

بهرحال، هن سڄي رسالي ۾ مسئلي جو نچوڙ، مخدوم صاحب ڪتاب جي خاتمي ۾ هن ريت ڏنو آهي:

مخدوم صاحب خاتمي ۾ تحقيق ڪري فيصلو ڏيندي لکي ٿو ته هن سڄي رسالي، سوالن ۽ بحث جو نچوڙ هنن ٻن نڪتن ۾ سمايل آهي:

"1. امام جي پٺيان مقتدي يا جماعتي جو سورة فاتحه يا ان ڪان سواءِ ٻي سورة پڙهڻ، فرض نماز ۾ يا نفل ۾ جيئن تراويح وغيره ۾ مڪروه آهي. امام ابوحنيفه ۽ صاحبين (امام ابو يوسف ۽ امام محمد) وٽ مڪروه تحريمي آهي. امام محمد سان هڪ روايت منسوب يا نقل ٿيل آهي، سري يعني آهستي قرأت واري نماز ۾ امام جي پٺيان جماعتيءَ ڪي سورة فاتحه پڙهڻ مڪروه نه آهي. اها ان ڪان ضعيف روايت آهي. بهرحال حق هيءُ آهي ته امام محمد جو قول به شيخين (امام ابوحنيفه ۽ امام ابو يوسف) سان موافق آهي. هن مسئلي ۾ امام ابوحنيفه اسي (80) اصحابن سڳورن رضي الله عنهم سان موافق آهي. جيئن عيني شرح بخاريءَ ۾ وضاحت آيل آهي. امام ابو حنيفه سان تابعين ۽ ٻين فقيهن جي به موافقت آهي.

2. قوي دليلن مان هيءُ دليل قوي آهي ته امام جي پٺيان جماعتي سورة فاتحه نه پڙهي، جيئن ابن همام 'فتح القدير' يا ابن حجر عسقلانيءَ 'فتح الباري' ۾ نص آندو آهي. اهڙيءَ ريت هن مسئلي ۾ نص قرآني ۽ حديثن جا دليل گهڻا آهن. هن مسئلي ۾ زياده اڪثريت اسان سان آهي. اهو بحث هن رسالي ۾ تفصيل سان آيل آهي. اگرچ ڪن هن جي خلاف گمان ڪيو آهي، پر انهن ڪي علم حديث جي ڄاڻ نه آهي."

"تنقيح الڪلام" جو ٻيو اردو ترجمو ۽ خلاصو مولانا آفتاب علي ڪيو

آهي، جيڪو ڪتبخانه مڪي ميرپورخاص مان 1429ھ/2008ع ۾ ڇپيو آهي.

------

32. فتح العلي في حوادث سني نبوة النبي

سيرت پاڪ جي موضوع تي هيءُ هڪ مختصر رسالو آهي، جنهن ۾ 56 صفحا آهن. صفحي جي ڊيگهه ست انچ ۽ ويڪر پنج انچ آهي. هر صفحي ۾ 17 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 10 لفظ آهن. ڇاليهارو سال ڪن اڳ فائونٽين پين ۽ نيري مس سان لکيل، مولوي انور حسين ميمڻ ٺٽويءَ جي قلمي ذخيري مان دستياب ٿيو آهي. اصل ۾ ڪنهن پراڻي قلمي نسخي جو اتارو آهي، جيڪو پڻ هن وقت ناياب آهي. ڪتابت بنهه سادي آهي. سنڌي ۾ هن رسالي جو ٻيو ڪو به نسخو معلوم ٿي نه سگهيو آهي. افسوس ته هيءُ قلمي نسخو آخر ۾ 4 سن نبوت جي احوال کان پوءِ کُٽل آهي.

مواد جو وچور:

دراصل، مخدوم صاحب جو سيرت پاڪ تي عربي زبان ۾ "بذل القوة" نالي ضخيم ڪتاب لکيل آهي، جو هن موضوع تي هڪ بهترين تحقيقي ڪتاب آهي. هيءُ رسالو "فتح العلي" مخدوم صاحب جي انهيءَ ضخيم عربي ڪتاب "بذل القوة" جو خلاصو ۽ نچوڙ آهي. هن ڪتاب ۾ حضور پاڪ ﷺ جن جي نبوي زندگي مبارڪ جا چيدا چيدا تاريخي واقعا، جنگيون ۽ سرايا وغيره جو مختصر احوال سمايل آهي. مخدوم صاحب هن رسالي جي مقدمي ۾ وضاحت سان لکي ٿو:

> "حمد ۽ صلواة کان پوءِ رب غني جي رحمت جو محتاج ٻانهو محمد هاشم پٽ عبدالغفور پٽ عبدالرحمان سنڌي ٺٽوي چوي ٿو، ته هيءُ رسالو نبي ڪريم ﷺ جن جي نبوت واري زماني مبارڪ جي واقعن، لڙاين ۽ سرايا وغيره جي بيان ۾ آهي. منهنجي اڳ ۾ لکيل سيرت پاڪ بابت وڏي ڪتاب 'بذل القوة في حوادث سني النبوة' جو اختصار آهي. هيءُ خلاصو ربيع الاول جي اوائل سن 1170ھ ۾ لکڻ شروع ڪيم ۽ هن خلاصي جو نالو 'فتح العلي في حوادث سني نبوة النبي ' رکيم. هن اختصار جا ٻه سبب آهن: هڪ ته سهنجائيءَ خاطر اصل ڪتاب جو نچوڙ آهي. ٻيو جڻ ته اصل ڪتاب جي تفصيلي فهرست آهي. جيڪو تسلي ۽ تحقيق ڪرڻ

گهري، اهو اصل ڪتاب ڏانهن رجوع ڪري.”

بهرحال، مخدوم صاحب سيرت پاڪ تي هيءُ مختصر عربي رسالو جوڙي طالبن لاءِ آساني ڪئي آهي، تہ جيئن ٿوري وقت ۾ ماڻهو خلاصو پڙهي، حضور پاڪ ﷺ جن جي زندگي مبارڪ مان حظ حاصل ڪن ۽ سنتِ نبويءَ جي تابعداري ڪري ثواب جا حقدار ٿين.

------

33. حلاوة الفم بذڪر جوامع الڪلم

مخدوم صاحب هيءُ ننڍڙو رسالو حديث بابت تاريخ 21 رجب 1171 هجري ۾ لکيو. رسالي ۾ ست صفحا آهن. صفحي جي ڊيگهہ تيرهن انچ ۽ ويڪر اٺ انچ آهي. هر صفحي ۾ 35 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 16 لفظ آهن. ڪتابت وچٽري آهي. ڪاتب جو نالو ۽ ڪتابت جو سال تحرير ٿيل ڪونهي، پر ڪاتب رسالي جي منڍ ۾ مٿان عربي ۾ لکيو آهي تہ: ”قابلناه بالاصل.“ مطلب تہ هيءُ رسالو اصل مصنف جي دستخط قلمي نسخي تان پيٽي لکيو ويو آهي. ان ڪري هيءُ رسالو صحت جي لحاظ سان اهميت وارو ۽ صحيح نسخو آهي. هن رسالي جو عڪس راقم کي محترم بشير احمد هيسباڻيءَ جي معرفت قاسميه لائبريري ڪنڊياري مان مليو. هن رسالي جا قلمي نسخا ڪتبخانہ ڳڙهي ياسين، سنڌالاجي لائبريري ڄام شوري، اوريئنٽل ڪاليج حيدرآباد ۽ درگاهہ ٺٽي سائينداد ۾ موجود آهن.

مواد جو وچور:

هن رسالي ۾ پياري پيغمبر ﷺ جن جون پند ۽ نصيحت، عبرت ۽ حڪمت، اخلاص ۽ هدايت سان ڀرپور هڪ سؤ ويهہ ”جوامع الڪلم“[1] حديثون، حديث جي ڪتابن مان انتخاب ڪري، الف - بي وار مرتب ڪيون ويون آهن. مخدوم صاحب حمد ۽ صلواة کان پوءِ مقدمي ۾ لکي ٿو:

> ”مون نبي ﷺ جن جون جوامع الڪلم حديثون ميڙي چونڊي گڏ ڪيون آهن، جن کي حديث جي عالمن خاص طرح بيان ڪيو آهي. نبي ڪريم ﷺ جن جي زبان مبارڪ فصاحت، بلاغت سان ڀرپور ۽ سندن گفتار مٺي ۽ وڻندڙ هئي. پاڻ سڳورا مخلوق ۾ تمام فصيح ۽ صاف ۽ سٺي گفتگو ڪندڙ، پُراثر اندازِ بيان ۽ وڻندڙ گفتار جا صاحب هئا. ان ڪري اهلِ علم مٺي مرسل ﷺ جي چونڊ وڻندڙ ۽ پُرتاثير گفتار يعني حديثن کي پنهنجي ڪتابن ۾

[1] ”جوامع الڪلم“ ان ڪلام ۽ گفتگوءَ کي چئبو آهي، جنهن جا لفظ ٿورا ۽ مطلب تمام گهڻو هجي. مولوي فيروزالدين: ”فيروز اللغات“ (فارسي _ اردو)، ص 324

جمع ڪيو آهي، جيئن ابن سني، القضائي ۽ ابن الصلاح. مون طالبن ۽ پڙهندڙن جي سهولت خاطر انهن مختصر، جامع ۽ دلپسند حديثن کي الف - بي وار مرتب ڪيو آهي.”

اهڙيءَ طرح مخدوم صاحب به حديث، سيرت ۽ تاريخ جي مختلف وڏن ڪتابن جي جدا جدا باغن ۽ گلن مان گل چونڊي، حديثن جو هيءُ گلدستو جوڙيو آهي. جيتوڻيڪ رسول الله ﷺ جن جو ڪلام وحي الاهي آهي ۽ حضور ﷺ جن جي گفتگو يعني سڀ حديثون به علم ۽ حڪمت جي نور سان ڀرپور آهن، پر هن رسالي ۾ مختصر، جامع، موقعي سان ٺهڪندڙ، معنيٰ خيز ۽ اُهي چونڊ حديثون شامل ڪيون ويون آهن، جيڪي عرب ملڪ يا اسلامي دنيا ۾ عام مشهور پهاڪن، اصطلاحن ۽ محاورن طور استعمال ٿين ٿيون. اهي حديثون مختصر پر جامع ۽ هدايت جي نڪتن سان ڀرپور ۽ دل کي سُرور بخشيندڙ آهن. ٿورن لفظن ۾ گهڻو مقصد بيان ڪيل آهي.

جهڙيءَ طرح سنڌ ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه جي برڪت ڀريئي رسالي ۽ بيتن مان مختصر سٽون گفتگوءَ ۾ ڏاڍو رَسُ پيدا ڪن ٿيون ۽ موقعي آهر گفتگو ۽ مضمون کي دلچسپ بنائن ٿيون. مثال طور، محنت ۽ جاکوڙ لاءِ مشهور آهي:

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي.

يا ڀليڪار لاءِ چئبو آهي:

الله اچن اُوءِ، جن آئي من سرهو ٿئي.

اهڙيءَ طرح، مخدوم صاحب مختصر ۽ معنيٰ خيز حديثون چونڊيون آهن. مثال طور: ”انما الاعمال با النيات“. ساڳئي معنيٰ ۾ سنڌيءَ ۾ به چوڻي آهي ته: ”جهڙي نيت تهڙي مراد“. يا ”الدال علي الخير کفاعله“ ساڳئي معنيٰ ۾ سنڌيءَ ۾ به مشهور آهي:

ڀلائي ڪندين تان ڀلو تنهنجو ٿيندو،
ڀلائيءَ جا ڀاڙا خدا توکي ڏيندو.

اهڙيءَ ريت مخدوم صاحب سڀ حديثون مشهور ۽ دلچسپ چونڊيون آهن. حديثون ته سڀ هدايت سان ڀرپور نور آهن، پر مخدوم صاحب رسالي جي آخر ۾ لکيو آهي:

”پيغمبر اسلام ﷺ شريعت جي متفرقات ۽ اسلام جي قاعدن کي هنن چئن حديثن ۾ گڏ ڪري ڇڏيو آهي:

1. انما الاعمال بالنيات - يعني عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. (بخاري ۽ مسلم)
2. الحلال بين والحرام بين - حلال ظاهر آهي ۽ حرام به ظاهر آهي. (مسلم)
3. البينة علي المدعي واليمين عليٰ من اَنکر - (مطلب ته شاهد فرياديءَ تي آهن ۽ قسم جوابدار تي آهي. (رواه عبدالرزاق ۽ بيهقي)
4. لايکمل ايمان المرءُ حتيٰ يحب لا خيه مايحب لنفسه- مطلب ته ماڻهوءَ جو ايمان ڪامل نه ٿو ٿئي، جيستائين جيڪو ڪم پنهنجي لاءِ پسند ٿو ڪري، ته پنهنجي ڀاءُ لاءِ به اهوئي ڪم پسند ڪري. (بخاري، مسلم)

مخدوم صاحب اهي حديثون ”ابن المنير“ ۽ ”مواهب اللدنيه“ جي حوالي سان آڻي لکي ٿو:

”پهرين حديث عبادات جي چوٿين حصي تي مشتمل آهي. ٻي حديث معاملات جي چوٿين حصي تي مشتمل آهي. ٽين حديث حڪومت ۽ خصومت جي چوٿين حصي تي مشتمل آهي ۽ چوٿين حديث آداب جي چوٿين حصي تي مشتمل آهي.“

مخدوم صاحب هن ننڍڙي رسالي ۾ به امام بخاريءَ کان وٺي اِبن المنير تائين 48 ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن ۽ تحقيق جو معيار برقرار رکيو آهي. هي عربي رسالو مولوي سليم الله سومري ڪنڊياري واري عربي ۾ ايڊٽ ڪري مڪتبه قاسميه طرفان 1426هه - 2005ع ۾ شايع ڪيو آهي.

راقم هن عربي ڪتاب ”حلاوة الفم“ جو سنڌي ۾ ترجمو ۽ مختصر شرح ڪيو آهي، جيڪو ’محبوب نبيءَ جا مٺا ٻول‘ جي نالي سان مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور 2009ع ۾ شايع ڪيو آهي.

------

34. فرائض الاسلام

هيءُ ڪتاب ديني ادب ۽ مسائل جي حوالي سان انسائيڪلوپيڊيا جي حيثيت رکي ٿو. متن 121 صفحا، مختلف مسائل 7 صفحا، جملي 128 صفحا اٿس. صفحي جي ڊيگهه نوَ انچ ۽ ويڪر ڇهه انچ آهي. صفحي ۾ 27 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 10 لفظ آهن. ڪتاب جي آخر ۾ ناشر جو اردو ۾ نوٽ لکيل آهي ۽ مفتي عبدالرحيم (شاگرد مولوي محمد ايوب) جي تصحيح ۽ نظرثاني سان مشهور تاجر ڪتب - ميان محمد صحاف پشاوريءَ، 27 ذوالقعد 1312ھ تي هندو پريس دهليءَ مان شايع ڪيو. مرتب حاشيي تي مختصر واڌارو بہ ڪيو آهي. ناشر جي نوٽ مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ هن مخدوم صاحب جي وارثن کان هيءَ ڪتاب وٺي شايع ڪرايو هو. البت، انهيءَ نوٽ ۾ مخدوم صاحب جي ڪنهن وارث جو نالو ڄاڻايل نہ آهي. مخدوم صاحب جي پونير مان مخدوم غلام محمد جو نالو تاريخ ۾ لکيل ملي ٿو. تنهن ڪري گمان غالب آهي، تہ مخدوم غلام محمد ئي ناشر ميان محمد صحاف پشاوريءَ کي ”فرائض الاسلام“ جو قلمي نسخو ڇپرائڻ لاءِ ڏنو هوندو.

فرائض الاسلام عربي جو منظوم سنڌي ترجمو 1181هجري ۾ مخدوم عبداللطيف ٺٽوي ڪيو ۽ 1291ھ ۾ بمبئي مان شايع ٿيو. فرائض اسلام جا فارسي، اردو ۽ سنڌي ترجما بہ ٿيا آهن.

دهليءَ واري ڇاپي کان سواءِ، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي بہ حيدرآباد مان ”فرائض الاسلام“ عربيءَ ۾ شايع ڪرايو هو. تازو هن ڪتاب جو اردو ترجمو مدرسه مدينة العلوم، پيبندي شريف طرفان پڌرو ٿيو آهي. هن بهترين معلومات افزا ڪتاب ”فرائض الاسلام“ جو راقم سليس سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي ۽ مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور 2011ع ۾ شايع ڪيو آهي.

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب جو هيءُ پنهنجي موضوع تي نهايت نيارو ڪتاب آهي. هن ڪتاب ۾ تمام اعتقادي ۽ عملي فرض کولي سمجهايا ويا آهن، جيڪي مڪلف تي فرض آهن. اهي فرض ڪفايہ هجن يا فرض عين.

هن ڪتاب ۾ اهي فرض داخل آهن، جيڪي خاص عبادت بابت آهن ۽ ڳچ فرض معاملات جي باري ۾ بہ آهن، جيڪي عبادات ڏانهن منسوب آهن.

مخدوم صاحب هن ڪتاب ۾ اسلام جي جملي 1262 فرضن جو تفصيلوار ذڪر ڪيو آهي. مخدوم صاحب تمهيد ۾ لکي ٿو:

”حمد ۽ صلواة کان پوءِ، پنهنجي بي نياز پالڻهار جي رحمت ۾ اميدوار ٻانهو - محمد هاشم پٽ عبدالغفور پٽ عبدالرحمان سنڌي ٺٽويءَ- **الله** تعاليٰ هر وقت ان جي حفاظت ڪري - چوي ٿو تہ هيءُ ڪتاب آهي، جنهن ۾ مون ايمان جا فرض بيان ڪيا آهن. انهن فرضن جو ڄاڻڻ ۽ سکڻ، انهن تي عمل ڪرڻ هر مڪلف مسلمان (اهو مسلمان جنهن تي شرعي حڪم نافذ هجن) تي فرض آهي. جيتوڻيڪ مون کان اڳ ۾ بہ ڪن پائرن انهن فرضن کي گڏ ڪيو آهي، پر انهن فرضن جي ليکي، جوڙ ۽ ترتيب ۾ انهن بزرگن کان ظاهر ظهور سهو ٿي آهي، جيڪا يقين وارن عالمن کان ڳجهي نہ آهي. ان جو ذڪر اسان هن ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ چڱيءَ طرح بيان ڪنداسون.

هيءُ رسالو مون تاريخ 8 رجب 1171هہ ۾ لکڻ شروع ڪيو ۽ هن رسالي جو نالو ’فرائض الاسلام‘ رکيم. هن رسالي لکڻ جو مقصد رڳو مومنن جو نفعو ۽ طالبن سڳورن جو فائدو آهي. **الله** تعاليٰ ۾ آسرو آهي تہ هر خاص عام مومن کي فائدو ڏيندو ۽ سيني مسلمانن سان گڏ منهنجو بہ خير عافيت سان خاتمو ٿئي.“

هن ڪتاب جي مقدمي ۾ ست فائدا آهن، جن ۾ اعتقادي ۽ عملي فرضن جي آسان سمجهاڻي ڏنل آهي. مخدوم صاحب مقدمي ۾ ان جي وضاحت هن طرح ڪئي آهي:

”هن ڪتاب ۾ جيڪي 1262 فرض آندا ويا آهن، انهن مان ڪن جو فرض هجڻ قرآن مجيد مان ثابت آهي. ڪن جي متواتر حديثن مان ثابتي آهي. ڪي وري مجتهدن جي بيان مان ثابت آهن. هن رسالي ۾ اهي فرض درج ڪيا ويا آهن، جيڪي حضرت امام اعظم ابوحنيفه جي مذهب ۾ فرض آهن.“

مخدوم صاحب مقدمي ۾ مزيد وضاحت ڪندي لکي ٿو:

”اسان جي همعصر دور جي ڪن بزرگن، ڪن ان کان بہ اڳ وارن

بزرگن رڳو ساڍيون ڇهہ ويهون فرضن جون يعني هڪ سئو ٽيهہ اسلام جا فرض ڳڻيا آهن، جن مان ڪجهہ اهڙا فرض شمار ڪيا ويا آهن، جيڪي اصل ۾ فرض ئي ڪونہ آهن ۽ ڪجهہ فرض قطعي هئا، انهن کي وري ڇڏي ڏنائون.“

مخدوم صاحب هتي جن بزرگن ڏانهن اشارو ڪيو آهي ۽ نالو نہ ورتو آهي، اهي بزرگ مخدوم ميون ابوالحسن سنڌي، مخدوم ضياءُ الدين ٺٽوي ۽ حاجي محمود هُليو ۽ ٻيا آهن.

هن ڪتاب جا بہ پاڱا آهن:

ڪتاب (پاڱو) پهريون:

هن پاڱي ۾ 332 اعتقادي فرض آيل آهن. ايمان مفصل جي ستن ڳالهين جو تفصيل بيان ڪندي، مخدوم صاحب لکي ٿو:

”ايمان جون ست صفتون جن جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو، هي آهن:
(1) **الله** تعاليٰ تي ايمان (2) ملائڪن تي ايمان (3) **الله** تعاليٰ جي نازل ڪيل ڪتابن تي ايمان (4) **الله** تعاليٰ جي رسولن تي ايمان (5) قيامت جي ڏينهن تي ايمان (6) چڱي مَني تقدير تي ايمان.
(7) مرڻ کان پوءِ جيئري ٿيڻ تي ايمان.“

هتي مخدوم صاحب، علامہ سعدالدين تفتازاني ۽ علامہ قاضي عضدالدين ايجي طرفان ايمان مجمل ۽ مفصل جي باري ۾ بحث آڻي، انهن جو جواب بہ ڏنو آهي. هن کان پوءِ مخدوم صاحب هرهڪ نڪتي جي ڌار ڌار تشريح ۽ انهن جي تفصيلي فرضيت بيان ڪئي آهي، جنهن جو خلاصو هن ريت آهي:

1. **الله** تعاليٰ تي ايمان:

الله تعاليٰ جي ذات تي ايمان آڻڻ ۾ 84 ڳالهين تي اعتقاد رکڻ فرض آهي. جيئن **الله** تعاليٰ واجب الوجود آهي. هُو ازل کان آهي. ابد تائين موجود رهندو، وغيره.

2. ملائڪن تي ايمان:

هن ۾ 19 فرض آهن ۽ انهن فرضن جي مختصر وضاحت بہ آيل آهي. مثال طور: ملائڪ نور آهن. ملائڪ خدا جي هر امر جا تابعدار آهن. ملائڪن جو جهان سيني کان وڏو آهي. انهن ۾ چار ملائڪ وڏا مقرب آهن.

(الف) جبرئيل عليه السلام: نبين سڳورن تي خدائي پيغام کڻي ايندو هو.

(ب) ميڪائيل عليه السلام: هيءُ رزق، برسات، هوا، ڪنوڻ ۽ پاڻيءَ جي نظام تي مقرر آهي.

(ج) عزرائيل عليه اسلام: هيءُ ساهه قبض ڪرڻ تي مامور آهي.

(د) اسرافيل عليه السلام: هيءَ قيامت جي ڏينهن صور ڦوڪيندو.

3. ڪتابن تي ايمان:

هن ۾ 11 ڳالهين تي ايمان رکڻ ضروري آهي. انهن فرضن جي مختصر وضاحت به ڪيل آهي، جيئن: الله تعاليٰ جا سڀ ڪتاب سندس نازل ڪيل ۽ الله جو ڪلام آهن. الله تعاليٰ 104 ڪتاب نازل ڪيا آهن. انهن مان چار ڪتاب وڏا ۽ ٻيا صحيفا آهن. حضرت آدم عليه السلام تي ڏهه صحيفا نازل ٿيا. حضرت شيث عليه السلام تي پنجاهه صحيفا نازل ٿيا. حضرت ادريس عليه السلام تي ٽيهه صحيفا نازل ٿيا. حضرت ابراهيم عليه السلام تي ڏهه صحيفا نازل ٿيا. حضرت موسيٰ عليه السلام تي توريت نازل ٿيو ۽ اهو عبراني ٻوليءَ ۾ آهي. حضرت داؤد عليه السلام تي زبور نازل ٿيو ۽ اهو يوناني ٻوليءَ ۾ آهي. حضرت عيسيٰ عليه السلام تي انجيل نازل ٿيو ۽ اهو سرياني ٻوليءَ ۾ آهي. حضرت محمد رسول الله ﷺ تي قرآن نازل ٿيو ۽ اهو عربيءَ ٻوليءَ ۾ آهي.

4. رسولن تي ايمان:

نبين سڳورن تي ايمان رکڻ ۾ 46 ڳالهيون فرض ۽ ضروري آهن. انهن فرضن مان چند نموني طور هي آهن، جن تي ايمان رکڻ فرض آهي.

نبي سڳورا الله تعاليٰ جا فرمانبردار ٻانها آهن. الله تعاليٰ وٽ عزت وارا آهن. سڀ نبي سڳورا سچا آهن ۽ خدا جي پيغام پهچائڻ ۾ صادق ۽ امين آهن. ڪو به انسان نبين سڳورن سان برابري ڪري نه ٿو سگهي، توڙي اهو ڪٽي اولياء هجي، علماء هجي يا نيڪ صالح هجي.

روايتن ۾ آهي ته رسول 313 آهن. باقي ٻيا سڳورا سڀ نبي آهن. نبين سڳورن جي تعداد ۾ اختلاف آهي. ڪي چون ٿا ته هڪ لک چوويهه هزار نبي ٿي گذريا آهن. ڪي وري اهو تعداد گهٽ وڌ به چون ٿا. ان ڪري عالمن چيو آهي ته اسان جو سڀني نبين سڳورن ۽ رسولن تي ايمان آهي. سڀني کان پهريون نبي ابوالبشر حضرت آدم عليه السلام آهي ۽ آخري نبي حضرت محمد رسول الله ﷺ آهي.

نبي سڳورا نبوت جي عهدي تان معزول ڪو نه ٿا ٿين، نه حياتيءَ ۾ ۽ نه مماتيءَ ۾. اهي جهڙيءَ ريت حياتيءَ ۾ نبوت جي صفت سان سينگاريل هوندا آهن، اهڙيءَ طرح وصال کان پوءِ به نبي ئي رهندا آهن.

5. آخرت جي ڏينهن تي ايمان:

هن ۾ 51 فرض آهن. مثال طور، قيامت جي ڏينهن کي مڃڻ فرض آهي. قيامت جي سڀني نشانين کي مڃڻ به فرض آهي. الله تعاليٰ جي اجازت سان اسان جي نبي ﷺ جن جي شفاعت حق آهي. سڀني نبين، اوليائن، عالمن ۽ صالحن طرفان به شفاعت ڪرڻ حق آهي. حضور ﷺ جن، جو ڪجهه آخرت جي باري ۾ ٻڌايو آهي، اهو حق آهي.

6. تقدير تي ايمان:

هن ۾ ٽي فرض آهن. تقدير برحق ۽ الله تعاليٰ جي طرفان آهي. ٻانهو پنهنجي افعال يعني ڪمن ڪرڻ ۾ خودمختيار آهي، مجبور ڪونهي. ان ڪري عذاب ثواب ٻانهي جي چڱن مٺن ڪمن موافق ملندو.

7. موت کان پوءِ جيئري ٿيڻ تي ايمان:

هن ۾ پنج فرض آهن. الله تعاليٰ سڀ مخلوق کي موت کان پوءِ ٻيهر جيئرو ڪندو ۽ ظالم کان مظلوم کي عيوضو وٺي ڏيندو. حساب ڪتاب کان پوءِ ٻه ٽولا ٿيندا. هڪ بهشتي ٽولو هوندو ۽ ٻيو دوزخي.

مخدوم صاحب ايمان جي انهن ستن صفتن سان تعلق رکندڙ 103 ٻيا فرض به آندا آهن ۽ انهن جو تفصيلي ذڪر به ڪيو آهي. انهن مان چند هي آهن:

”الله تعاليٰ جي سڀني حڪمن ۽ منع ٿيل ڳالهين جي تعظيم ۽ بجا آوري ڪرڻ، بيت المقدس سان گڏ ڪعبة الله شريف جي عزت ڪرڻ به فرض آهي. ڪعبة الله اسان جي نبي سڳوري ۽ سندن سڄي اُمت جو قبلو آهي.

حديثن ۾ آهي ته روءِ زمين تي جيتريون به جايون آهن، ڪعبة الله سڀني کان ڀلو آهي. پر جنهن زمين سان حضرت نبي ڪريم ﷺ جو جسم مبارڪ لڳل آهي، اها ان کان به ڀلي آهي. اها جڳهه ڪعبي، بهشت، پرعرش کان به ڀلي آهي.

حضور ﷺ جن جو جسماني معراج برحق آهي. نبين سڳورن کان پوءِ اصحابي سڳورا سڀني انسانن کان ڀلارا آهن. اهل سنت جماعت وٽ چئني خليفن جي خلافت جنهن ترتيب سان مشهور آهي. اها برحق

آهي. عشره مبشره (اهي ڏهه اصحابي جن کي جيئري حضور ﷺ جن بهشت جي بشارت ڏني هئي) بهشتي آهن.

سڀ نبي سڳورا پنهنجن قبرن ۾ زنده آهن. ڪو به ولي يا ڪو ٻيو عقل وارو ماڻهو آهي، ته انهن تي شرعي حڪمن جي پيروي لازم آهي."

ڪتاب (پاڳو) ٻيو:

هن پاڳي ۾ ارڙهن فصل آهن. جن ۾ 930 عملي فرض شامل آهن. عملي فرائض جا ٻه قسم آهن: هڪ فرض عين ۽ ٻيو فرض ڪفايه. فرض عين 914 آهن، باقي 16 فرض ڪفايه آهن. هتي سڀني فصلن ۽ انهن سان واسطو رکندڙ فرضن جي لسٽ ڏجي ٿي، جن ۾ 930 فرض اچي وڃن ٿا:

فصل 1: وضو ۽ ان سان واسطو رکندڙ فرض.
فصل 2: غسل ۽ ان سان واسطو رکندڙ فرض.
فصل 3: تيمم ۽ ان سان واسطو رکندڙ فرض.
فصل 4: موزن تي مک ڪرڻ جا فرض.
فصل 5: پٽي ۽ چيڙي تي مسح ڪرڻ جا فرض.
فصل 6: حيض ۽ نفاس سان واسطو رکندڙ فرض.
فصل 7: پليتي کان پاڪائي بابت فرض.
فصل 8: استنجا سان واسطو رکندڙ فرض.
فصل 9: نماز سان واسطو رکندڙ فرض.
فصل 10: مسافر جي نماز سان واسطو رکندڙ فرض.
فصل 11: جمعي نماز سان واسطو رکندڙ فرض.
فصل 12: جنازي نماز سان واسطو رکندڙ فرض.
فصل 13: زڪواة سان واسطو رکندڙ فرض.
فصل 14: روزي سان واسطو رکندڙ فرض.
فصل 15: اعتڪاف سان واسطو رکندڙ فرض.
فصل 16: حج سان واسطو رکندڙ فرض.
فصل 17: عمري سان واسطو رکندڙ فرض.
فصل 18: ٻئي جي پاران حج ڪرڻ جا فرض.

خاتمو: خاتمي ۾ ٽي فائدا آهن. جن ۾ فرضن جو وچور، ڪن سنڌي

عالمن جي فرضن بابت نشاندهي وغيره آيل آهي. بهرحال، "فرائض الاسلام" پنهنجي موضوع جي لحاظ کان هڪ بهترين ۽ معلومات سان پرپور ديني انسائيڪلوپيڊيا آهي.

35. الوصية الهاشميه

مخدوم صاحب جو هيءُ رسالو اندازاً سن 1174 هجري جو لکيل آهي. جو پاڻ وفات کان اڳ لکيو هوندائين. هيءُ رسالو 10 صفحن تي مشتمل آهي. صفحي جي ڊيگهہ ڇهہ انچ ۽ ويڪر چار انچ آهي. هر صفحي ۾ 16 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 10 لفظ آهن. دستياب نسخو 3 جمادي الاخر 1282 هجري جو لکيل آهي ۽ ان جو ڪاتب حاجي رجب هالائي آهي. راقم، اهو قلمي نسخو مؤرخہ 30 ڊسمبر 1992ع تي پروفيسر غلام محمد لاکي سان گڏ شهر سونڊا ۾ قاضي محمد موسيٰ جي ڪتب خاني ۾ ڏٺو ۽ هن صاحب قرب ڪري ان جو عڪس بہ فراهم ڪيو.

هن رسالي جا قلمي نسخا درسگاه چوٽياري، جامعه راشديه - پير جو ڳوٺ، مولوي غلام محمد ڏاهري - مورو، مولوي محمد طفيل نقشبندي - مڪلي ٺٽو، نيشنل ميوزيم - ڪراچي ۽ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي لائبريري - حيدرآباد ۾ موجود آهن. ”وصية هاشمي“ جو فارسي ترجمو چوٽياريءَ جي ڪتبخاني ۾ محفوظ آهي. هن رسالي جو سنڌي ترجمو ڊاڪٽر محمد اشرف سمي ڪيو آهي، جو الراشد اڪيڊمي ڪراچي طرفان 1995ع اشاعت هيٺ اچي چڪو آهي. ’وصيت هاشمي‘ جو سنڌي ترجمو مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي جو ڪيل رسالي ’نئين زندگيءَ‘ آڪٽوبر 1959ع ۾ بہ ڇپيو هو ۽ 1995ع ۾ مفتي محمد جان نعيمي ’الوصية الهاشميہ‘ عربي ۾ ايڊٽ ڪري، ملير ڪراچي مان شايع ڪئي آهي.

مواد جو وچور:

هر دور ۾ نيڪ ۽ صالح ٻانها پنهنجي اولاد ۽ پوئلڳن کي وصيتون ۽ نصيحتون ڪندا رهيا آهن. قرآن مجيد جي سورة لقمان ۾ حضرت لقمان عليه السلام جي پنهنجي پٽ کي وصيت آيل آهي، جنهن ۾ نيڪي ۽ هدايت جي تلقين ڪيل آهي. خود مخدوم صاحب جي دور جي همعصر حڪمران، ميان نور محمد ڪلهوڙي (وفات 1167ھ) جو وصيت نامو ”منشور الوصيت و دستور الحڪومت“ فارسيءَ ۾ لکيل مشهور آهي. ان ۾ بہ ميان صاحب پنهنجي اولاد کي نهايت نيڪ نصيحتون لکيون آهن. حضرت نبي ﷺ جو ارشاد مبارڪ بہ آهي:

”ما حق امريءِ مسلم له شيءٌ يوصيٰ فيه يبيت ليلتين الا وصية مڪتوبة عنده.“[1] مطلب تہ مسلمان جي مٿان هيءُ حق آهي تہ ان وٽ وصيت جهڙي شيءِ هجي تہ اهو ان حال ۾ ٻہ راتيون بہ نہ گذاري، پر ان وٽ پونير لاءِ وصيت لکيل موجود هجي.“

مخدوم صاحب بہ مرض الموت ۾ حضور پاڪ ﷺ جن جي انهيءَ مٿئين حديث پاڪ تي عمل ڪندي، پنهنجي پونير لاءِ ”الوصية الهاشمية“ نالي رسالو عربي ۾ لکيو. مخدوم صاحب هن رسالي ۾ پنهنجي ٻن پٽن - مخدوم عبدالرحمان ۽ مخدوم عبداللطيف ۽ ٻين شاگردن، مريدن ۽ معتقدن کي وصيت ڪئي آهي. هن رسالي ۾ خدا جي خوف، تقويٰ ۽ ذڪر اذڪار جي تلقين سان گڏوگڏ، دين جي ٻين ڪيترين ضروري ڳالهين بابت تاڪيد فرمايل آهي. ان ۾ دين جي درد رکندڙ عام مسلمانن لاءِ بہ نهايت نفعي بخش وصيت آيل آهي.

مخدوم صاحب قرآن ڪريم جي آيتن، حضور ﷺ جي حديثن ۽ عربي ۽ فارسي شعرن سان وصيت نامي کي مائيدار بنايو آهي. سندس وصيت ۾ ڪيئي نصيحت ڀريا نڪتا سمايل آهن.

هر علم ۽ عمل جو سرچشمو خدا جو خوف ۽ تقويٰ آهي. مخدوم صاحب بہ وصيت نامي جي شروعات ان سرچشمي سان ڪئي آهي. حمد ۽ صلواة کان پوءِ مخدوم صاحب لکي ٿو:

”اي عبدالرحمان ۽ عبداللطيف! منهنجا ٻئي چڱا فرزندؤ! اوهان جو پالڻهار اوهان کي آفتن کان بچائي ۽ پنهنجي لطف سان اوهان ٻنهي کي توفيق عطا فرمائي. سمجهدار طالبن ۽ مريدن مان پيارا دوستو! آئون اوهان کي هر حال ۾ الله تعاليٰ کان ڊڄڻ جي وصيت ڪريان ٿو. ڇو تہ الله تعاليٰ جو خوف ۽ تقويٰ هڪ اهڙي شيءِ آهي، جنهن تي سڀني عملن جو دارومدار آهي ۽ ان ۾ سڀ ڪو ڪمال سمائجي وڃي ٿو.“

اهڙيءَ ريت مخدوم صاحب وصيت نامي جي پڇاڙي هن دعا تي ڪئي آهي:

”اي منهنجا الله! تنهنجو گنهگار ٻانهو گناهن جو اقرار ڪري، تنهنجي درگاهہ ۾ آيو آهي. جيڪڏهن تون بخش ڪندين تہ

[1] محمد بن اسماعيل البخاري: ”الجامع الصحيح“ (عربي)، جلد 2، ص 84

حقيقت ۾ بخشش ڪرڻ تنهنجي ئي لائق آهي. جيڪڏهن تون ڌڪاري ڇڏيندين ته توکان سواءِ ڪوبه رحم ڪرڻ وارو ڪونهي. هن ضعيف کان خطائون ٿيون آهن. پوءِ تو وٽ توبهه تائب ٿي، تنهنجي رضا ۽ رحم جو اميدوار بنجي آيو آهي ۽ اي نگهبان! عاصي بي فرمان بنجي تنهنجي دربار ۾ آيو آهيان."

----

36. بياض هاشمي

تصنيف جو سال: غالباً سن 1174 هجري ۾ مڪمل ٿيو.

ڪاتب جو نالو: جلد اول: عبدالرزاق بن ملا زڪريا بن ابو الفضل بن آخوند عبدالله. جلد ثاني: ڪاتب نامعلوم.

ڪتابت جي تاريخ: جلد اول: 10 رمضان المبارڪ 1186ھ جلد ثاني: تاريخ ڪتابت نامعلوم.

صفحن جو تعداد: جلد اول: 408 ورق. جلد ثاني: 179 ورق. ٽوٽل صفحا 975. صفحي جي ڊيگهه ٻارهن انچ ۽ ويڪر نوَ انچ آهي.

موضوع: علم الفقه

متن جي شروعات: هو المستعان. بسم الله الرحمان الرحيم. ڪتاب العلم وفيه اربعة ابواب. الباب الاول في بيان فضل العلم و آدابه وما يناسب بباب العلم و التعليم و تعلم.

خاتمو: من سب اڪبر العلماء فيه يعود الي النبي ﷺ فيجب قتله ولم يقبل توبته لان اڪبر العلماء محمد رسول الله ﷺ 12. فتاويٰ سمرقندي وڪذا في المحيط من عينه. بياض مخدوم مولانا.

ڪاتب جي صورتخطي: هن بياض جو پهريون جلد تمام صاف ۽ سٺي صورتخطيءَ ۾ عربي طرز تحرير جو نمونو آهي. جڏهن ته ٻيو جلد فارسي طرز تحرير ۾ ۽ نهايت سادي صورتخطي ۾ آهي.

مجموعي خصوصيات: بياض هاشمي تمام گهڻين خاصيتن سان ڀرپور هڪ علمي شاهڪار آهي. راقم وٽ موجود پهريون جلد مخدوم صاحب جي وفات کان رڳو ٻارهن سال پوءِ سنه 1186ھ جو لکيل نسخو آهي. بياض جو ٻيو جلد به تمام جهونو ۽ ڪرم خورده آهي. ڪاغذ ٿلهو بادامي رنگ اٿس، پر پڙهڻ ۾ صاف آهي. هن جلد تي ڪتابت جو سال ۽ ڪاتب جو نالو لکيل ڪونهي. ڪتاب الوصايا تي پورو ٿئي ٿو. غالباً آخر ۾ ناقص آهي.

بياض جي خاص خوبي هيءَ آهي ته هر مسئلي کي گلڪاري نموني لکيو ويو آهي. هر مسئلو الڳ گل نموني ۽ ڏار ڏار پنڊ پيچ حاشيي وانگر درج ٿيل

آهي، جنهن ڪري هر مسئلي کي الڳ ڪري سمجهڻ ۾ غور فڪر ۽ توجهه ڪرڻو پوي ٿو. راقم کي ڀهريون. جلد ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي نواب شاهيءَ مرحوم جي ذريعي عڪس ٿي مليو. سندس چوڻ موجب ته اهو ڳڙهي ياسين واري قلمي نسخي جو عڪس آهي. بياض جو ٻيو جلد محترم استاد علامه مولانا ڪريم بخش مگسي مرحوم- مدرسه دارالقرآن ميهڙ ۽ ڊسٽرڪٽ خطيب اوقاف ضلع دادو واري کان تحفي طور مليو. بياض هاشمي جا نسخا هيٺين ڪتابخانن ۾ موجود آهن: همايون شريف، چوٽياري، ڳڙهي ياسين، امروٽ شريف، درگاهه کهڙا، درگاهه خياري تعلقه سڪرنڊ، جامعه راشديه پير ڳوٺ، جوڻاٽي شريف تعلقه واره، درگاه پير جهندو نزد سعيد آباد، ڪوٽڙي ڪبير، محمد سعيد صديقي شڪارپور، مدرسه ڪنزالعلوم سومراٽي ضلع شڪارپور، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي لائبريري حيدرآباد، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ حيدرآباد، سينٽرل لائبريري ۽ سنڌالاجي لائبريري ڄامشورو ۽ مدرسه مجدديه نعيميه، ملير - ڪراچي ۽ مفتي عبدالرحيم سڪندري لائبريري شاهپور چاڪر.

مواد جو وچور:

دراصل لغت ۾ لفظ "بياض" جي معنيٰ آهي "سفيدي، اڇاڻ، چمڪ ۽ مسودي کي صاف ڪري لکڻ." [1]

عام اصطلاح ۾ جيتوڻيڪ علمي ياداشت خاطر لکيل احوال واري ڪتاب کي ڪيترن نالن سان سڏيو وڃي ٿو، جيئن: ڪشڪول، جُنگ، تذڪره، گنج ۽ بياض وغيره. بياض ۾ عام طور شعرن جو انتخاب ڏنل هوندو آهي. ان سان گڏ مطالعي دوران مختلف ڪتابن تان پڙهيل دلچسپ مواد، علمي تحقيق، عجيب نڪتا، نصيحتون ۽ شعر وغيره پڻ شامل هوندا آهن. ڪڏهن وري ذاتي ۽ خانداني احوال، خاص سن، ڄمڻ ۽ مرڻ جون تاريخون، ڪن اهم واقعن ۽ خاص حادثن بابت يادگيريون، اهم تاريخي واقعا ۽ مجرب طبي نسخا به بياض ۾ درج هوندا آهن.

اڳئين وقت ۾ اهو رواج هو ته اڪثر عالم، طالب العلم، حڪيم ۽ شاعر پاڻ وٽ نوٽ بڪ يا اڇا پنا بندي نموني رکندا هئا، جنهن ۾ وقت بوقت

[1] معلوف لوئس: "المنجد في اللغة والاعلام" (عربي)، ص 56

ضروري يادداشتون نوٽ ڪيون ويندڙيون هيون، پر وقت جي عالمن، استادن ۽ فقيهن وري ان کي نئون رخ ڏنو، يعني مطالعي دوران فقهي ديني مسئلن ۽ انوکن تحقيقي نڪتن کي فقهي ترتيب سان اهڙي ريت چونڊي لکيو، جو ڄڻ ته اهو بياض هڪ فقهي ڪتاب بڻجي پيو. ان دور ۾ يا اڳتي هلي مختلف عالمن طرفان فقهي ترتيب ڏنل اهي بياض ۽ ڪتاب انهن مرتب ڪندڙ عالمن جي نالي سان بياض سڏيا ويا. سنڌ ۾ اهڙا ڪئين علمي بياض ڪافي مشهور آهن، جيئن: بياض گرهوڙي، بياض واحدي، بياض همايوني، بياض آريجوي، بياض يمشي، بياض قاسمي، بياض ڪريمي ۽ بياض قادري وغيره.

بياض هاشمي به مخدوم صاحب جي سڄي زندگيءَ جي تحقيقي مطالعي جو نچوڙ ۽ مختلف فقهي مسئلن بابت ورتل نوٽن جو يادگار ضخيم ڪتاب آهي، جنهن ۾ ديني مدرسن جي فقهي درسي ڪتابن وانگر "بياض هاشمي" جو مواد ڪتاب العلم ۽ ڪتاب الطهارت، ڪتاب الصلواة کان شروع ٿي، ڪتاب الوصايا تي اختتام پذير ٿئي ٿو. ان ۾ قرآن، حديث، فقه، تاريخ ۽ تصوف جا سوين ديني مسئلا سمايل آهن ۽ ڪتابن جا حوالا پڻ شامل آهن.

مخدوم صاحب کي درس تدريس، تصنيف تاليف، تحقيق ۽ مطالعي دوران جيڪي اهم، ناياب ۽ تحقيقي مقام، مسئلا ۽ عبارتون سامهون آيون، تن کي پاڻ هڪ الڳ بياض ۾ نوٽ ڪندو ويو ۽ انهن مسئلن بابت پنهنجي تحقيق به لکندو ويو، جيڪو هاڻي "بياض هاشمي" جي صورت ۾ اسان جي سامهون آهي.

بياض هاشمي جي علمي اهميت:

بياض هاشمي سنڌ جي علمي دنيا ۾ مجيل علمي ذخيرو ۽ فقهي انسائيڪلوپيڊيا جي حيثيت ۾ مشهور آهي. مولانا عبيدالله سنڌي (1862ع - 1944ع) جنهن اعليٰ ذهني لياقت، غور و فڪر ۽ عميق مطالعي کان پوءِ اسلام قبول ڪيو هو، تنهن هن ويجهي پوئين دور ۾ علم ۽ عالمن جي اسناد ۽ سلسلن جي باري ۾ "التمهيد لتعريف ائمة الجديد" نالي عربي ۾ هڪ بهترين ضخيم ڪتاب لکيو آهي. انهيءَ مذڪوره ڪتاب ۾ هُن پاڻ کي علم حديث جي ڳچ واسطن سان مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو شاگرد ڪري ڄاڻايو

آهي.[1] ازانسواءِ، مولانا عبيدالله سنڌيءَ ”بياض هاشمي“ جي اهميت ۽ عظمت جو پڻ اعتراف ڪيو آهي. ان باري ۾ سندس شاگرد، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي لکي ٿو:

”علم حديث جو هڪ فن آهي. مختلف حديثن ۾ تطبيق ڏيئي مطابقت ۽ موافقت پيدا ڪرڻ- اهو فن نهايت مشڪل سمجهيو ويندو آهي. انهيءَ فن ۾ صحيح طرح اهو عالم ئي ڪم ڪري سگهي ٿو، جنهن کي اجتهاد جو درجو حاصل هوندو. منهنجو استاد علامه عبيدالله سنڌي فرمائيندو هو ته، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي مجموعه بياض (بياض هاشمي) جي مطالعي سان انهيءَ فن ۾ مون کي ڪمال حاصل ٿيو.“ [2]

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي وڌيڪ لکي ٿو:

”چوڏهين صدي هجريءَ جو حافظ الحديث علامه سيد انور شاهه ڪشميري مرحوم پنهنجي تصنيف ۾ ڪيترين جاين تي جڏهن ڪيس سنڌ جي انهيءَ محقق عالم (مخدوم محمد هاشم ٺٽوي) جي تحقيق ملي ٿي ته ان کي ٻين سيني عالمن ۽ جليل القدر محققن جي تحقيق کان وڌيڪ اهميت ڏئي، انهيءَ (مخدوم) جي قول کي اهميت ڏئي ٿو... فقه ۽ حديث ۾ مخدوم صاحب جي بلند پايه تحقيقن کي ڏسندي، جيڪڏهن ڪيس وقت جو ”حافظ ابن همام“ يا ”حافظ ابن حجر عسقلاني“ سڏجي ته وڌاءَ نه ٿيندو.“ [1]

”بياض هاشمي“ جي اهميت انهيءَ مان به ظاهر آهي، ته خود مخدوم صاحب جي دور ۾ اڪثر عالمن ۽ مدرسن جي ڪتب خانن ۾ اهو نقل ٿي پهچي چڪو هو. مخدوم صاحب جي همعصر، وڏي عالم ۽ شاعر- مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي (1152هه - 1192هه) جي هٿ جو لکيل ”بياض هاشمي“ جو قلمي نسخو هن وقت به چوٽيارين جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي. اهڙيءَ ريت سنڌ جي اڪثر قديم ۽ جهونن ڪتب خانن ۾ بياض جا قلمي نسخا اڄ به موجود آهن.

---

[1] مولوي عبيدالله سنڌي: ”التمهيد لتعريف ائمة الجديد“ (عربي)، ص 169، 181، 182، 183

[2] علامه غلام مصطفيٰ قاسمي: ”هاشميه لائبريري“ (مقالو)، ماهوار ”نئين زندگي“، ڪراچي سنڌ، جولاءِ 1959ع، ص 17

[1] ايضاً، ص 17

”بياض هاشمي“ جي علمي عظمت سنڌ ۾ هر مڪتبهءِ فڪر وٽ مڃيل آهي. علامه قاسمي هڪ علمي مناظري جي احوال ۾ لکي ٿو:

”سنڌ جي پوئين علمي دور ۾ عالمن کي ٻن نالن سان ياد ڪيو ويندو هو: هڪ همايوني ٻيو امروٽي. انهيءَ دور ۾ ذبح فوق العقده تي سنڌي مفتين جي فتوائن جي ڏي وٺ ٿي. همايوني فڪر جا علماءِ ٻنهين جي حلال جا قائل هئا ۽ مولانا سيد محسن شاهه هڪ کي حلال ۽ ٻئي کي حرام سڏي رهيو هو. ٻنهي جون تحريرون هليون. علامه ياسيني محمد قاسم ان جي خلاف هو. ظاهري طرح تحريرن ۾ مولانا محسن شاهه جو پاسو قوي هو. همايون ۾ مناظرو به رکيو ويو. تڏهن مولانا محمد قاسم ياسيني طرفان حلت لاءِ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي ”بياض“ جي هڪ جزئي ڏيکاري وئي، جنهن سيني کي خاموش ڪري ڇڏيو.“ [2]

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي ”بياض هاشمي“ جي باري ۾ سنڌ جي حوالي سان وڌيڪ لکي ٿو:

”بياض هاشمي جي چوٿين جلد جو هڪ چڱو پاڱو سنڌ جي ديني تاريخ ۽ فضيلتن تي لکيو ويو آهي. هن کان اڳ ڪنهن به ديني عالم پنهنجي ديني تصانيف ۾ ائين نه ڪيو آهي.“ [1]

رچرڊ برٽن پڻ پنهنجي سنڌ بابت هڪ تصنيف ۾ ”بياض هاشمي“ جو ذڪر ڪيو آهي.[2]

بياض هاشمي ۾ سنڌي عالمن جا حوالا:

هونئن ته مخدوم صاحب پنهنجي تصنيفات ۾ جابجا ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن، پر بياض ۾ سوين ڪتابن جا حوالا شامل آهن. مخدوم صاحب ”بياض هاشمي“ ۾ خاص ڪري سنڌ جي اڪثر اڳين توڙي همعصر عالمن جا نالا حوالي طور ذڪر ڪيا آهن، جيئن: مخدوم جعفر بوبڪائي، مخدوم حامد اڳهمي- ساڪن

---

[2] علامه غلام مصطفيٰ قاسمي: ”سنڌ ۾ فتويٰ جو فن“ (مقالو)، ماهوار ”شريعت“ سکر سنڌ، (فتويٰ نمبر) جون جولاءِ آگسٽ 1978ع، ص 13_15

[1] علامه غلام مصطفيٰ قاسمي: ”مخدوم محمد هاشم جي حب الوطني“ (مقالو)، ماهوار ”پيغام“ ڪراچي، اپريل 1982ع، ص 33

[2] رچرڊ برٽن: ”سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون“ (مترجم سنڌي)، ص 77

قلعه اڳهم، مخدوم قاضي فريد ٺٽوي، شيخ محمد قائم علماء سنڌ، مخدوم پير محمد هالاره ۽ شيخ محمد شفيع، شيخ عنايت الله مفتيان بلده ٺٽه.

مخدوم صاحب بياض ۾ مختلف مسئلن ۾ ڪتابن ۽ عالمن جا حوالا آڻي، آخر ۾ پنهنجي تحقيق لکندو ويو آهي. اڪثر جاين تي پنهنجو نوٽ لکي، پڇاڙيءَ ۾ پنهنجو نالو هن ريت لکيو اٿائين:

محمد هاشم عفي عنه

محمد هاشم غفرله

محمد هاشم عليه الرحمة والغفران

محمد هاشم بن عبدالغفور غفرلهما

محمد هاشم غفر الله له ولوالديه

هذا ماحققه الفقير الراجي اليٰ رحمة الصبور محمد هاشم بن عبدالغفور عفي عنه.

بهرحال ”بياض هاشمي“ ۾ وڏو يڪجا علمي خزانو سمايل آهي، جنهن ۾ آسانيءَ خاطر مواد جي ورچ فقهي ترتيب موجب - ڪتاب، باب ۽ فصل وار سٽيل آهي. ان ڪري هر مسئلي کي سهنجائيءَ سان ڳولي، حوالي طور ڪم آڻي سگهجي ٿو. هيءُ مخدوم صاحب جو اهلِ سنڌ جي علمي دنيا تي وڏو احسان آهي. مفتي محمد جان نعيمي سنڌي ملير ڪراچي وارو بياض هاشمي ۾ لکيل مخدوم ٺٽوي جا پنهنجا نوٽ ايڊٽ ڪري رهيو آهي.

ڊاڪٽر محمد ادريس السندي، مدرسه جامعه عمر ڪراچي، جي علماء سان گڏ ’بياض هاشمي‘ جا ڳچ قلمي نسخا سامهون رکي، ان کي ايڊٽ ڪري ۽ ڇئن ضخيم جلدن ۾ ڪمپوز ڪرايو آهي. ان شاءالله تعاليٰ هي قلمي ”بياض هاشمي“ جلدي شايع ٿي ويندو!

------

37. خطبات هاشميه

هيءُ ڪتاب مخدوم صاحب جي تصنيفات ۾ هڪ بلڪل نئين دريافت آهي. هن رسالي جو ڪنهن به فهرست ۾ نالو آيل ڪونهي. هيءُ رسالو مفتي محمد جان نعيميءَ، مفتي اعظم سنڌ اڪيڊمي، دارالعلوم مجدديه نعيميه- ملير، ڪراچي طرفان سيپٽمبر 1990ع ۾ عربيءَ ۾ شايع ڪرايو آهي.

هن ڪتاب جو مقدمو 4 صفحا، متن 47 صفحا، جملي 51 صفحا آهن. صفحي جي ڊيگهه ساڍا اٺ انچ ۽ ويڪر ساڍا پنج انچ آهي. هر صفحي ۾ 12 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 9 لفظ آهن. راقم کي اهو ڇپيل ڪتاب مرتب کان تحفي طور مليو.

مواد جو وچور:

جمعي نماز پڙهڻ جو حڪم قرآن مجيد ۽ حديث مبارڪ ۾ آيل آهي. انهيءَ سلسلي ۾ فقيهن پڻ تحقيق ڪري، جمعي نماز جماعت سان پڙهڻ لاءِ شرعي لحاظ سان شرط مقرر ڪيا آهن. انهن مان فقه حنفي موجب ”مصر“ به هڪ شرط آهي. حضرت امام ابوحنيفه جي مسلڪ مطابق وڏن شهرن ۾ جمعو پڙهي سگهبو. البت ٻهراڙيءَ ۽ ڳوٺن ۾ شهر جي شرط نه هجڻ ڪري جمعي نماز جو عدم جواز ثابت ٿئي ٿو. مخدوم مئيڏنه نصرپوري - مخدوم صاحب جي شاگرد - مخدوم عبدالرحيم، مخدوم محمد هاشم، مخدوم ضياءَ الدين ۽ ٻين عالمن جي تحرير نقل ڪري جمعي نماز پڙهڻ جي جواز ۾ لکيو آهي ته:

> ”جڏهن ته هن زماني ۾ شريعت جي احڪامن جي اجراء ۾ سُستي اچي وئي آهي ۽ حدود ته بنهه غائب ٿي ويون آهن، بلڪ قاضين کان به گهڻو ڪري اهڙا اختيارات کسيا ويا آهن. ان ڪري جي اصل مذهب جي روايتن تي فتويٰ ڏجي ٿي ته ڪن ٿورين جاين کان سواءِ - جمعه، جيڪو دين جي وڏن احڪامن مان آهي، جائز نه ٿي سگهندو، بلڪ هن ملڪ (سنڌ) ۾ مشڪل آهي، تنهنڪري ضروري آهي ته هن بابت ٻين روايتن تي عمل ڪيو وڃي ته ديني شعائر ۽ احڪام هٿ کان نه وڃن. جڏهن قاضي اجازت ڏئي ته امام

محمد جي روايت يا امام شافعي يا امام مالڪ جي قول تي اتفاق سان نماز جمعہ جائز ٿيندي.“ (1)

ان ڏس ۾ سنڌ جي قاضي القضاة، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ سنڌ جي ٻين محقق عالمن جي اتفاق راءِ سان قاضي جي حيثيت ۾ ضرورت جي بناء تي امام محمد، امام شافعي ۽ امام مالڪ جي روايتن تي عمل ڪندي فتويٰ جاري ڪئي، تہ ”سنڌ جي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ جمعي جي نماز پڙهڻ جي اجازت آهي.“(2) مخدوم صاحب جي تحرير تي هنن عالمن جون صحيحون ٿيل آهن: مخدوم ضياء الدين ٺٽوي، مفتي عزت الله، مفتي محمد مقيم، قاضي ابوالحسن، قاضي عبدالرحمان ۽ عبدالله.

هن پوئين دور جي مشهور مفتي، مولانا عبدالغفور همايوني (1221هہ-1336هہ) پنهنجي فتويٰ ۾ لکيو آهي:

> ”جتي مصر جي تعريف پوري نہ اچي، بلڪ اهڙو ڳوٺ جتي چاليهہ مرد عاقل بالغ آزاد مسلمان رهندا هجن، تہ اهڙي ڳوٺ ۾ امام شافعي جي مسلڪ ۾ جمعي جي نماز قائم ڪرڻ واجب آهي ۽ حنفي مسلڪ ۾ ناجائز آهي. ان ڪري احتياط هن ۾ آهي تہ امام شافعي جي مسلڪ تي رعايت ڪندي، جمعي جي نماز پڙهي وڃي ۽ جمعي جي نماز کان بعد چار رڪعتون آخر ظهر پڙهجن تہ فقيهن جي اختلاف کان بچي ۽ ظهر نماز يقيناً ادا ٿي وڃي.“ (3)

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي طرفان ڳوٺن ۾ جمعي نماز جي جواز کان پوءِ سنڌ جي جهرجهنگ ۾ جمعي ۽ عيد جون نمازون عام ٿيون. مخدوم صاحب جي فتويٰ جي پيش نظر اڄ بہ شهرن سان گڏ ٻهراڙين جي ڳوٺن جا هزارين لکين مسلمان خدا جي فرض جمعي جي نماز جماعت سان پڙهي پنهنجي خالق جي حضور ۾ حاضر ٿين ٿا. اهو عام مشاهدو آهي تہ پلي عام ٻهراڙيءَ جا هاري ناري ۽ مسڪين مزدور ماڻهو بي نماز نہ پڙهن، پر جمعي جي نماز پابنديءَ سان پڙهن ٿا. گنهگار ٻانها وهنجي سهنجي، پاڪ صاف ڪپڙا ڍڪي، جمعي جي ڏينهن نماز پڙهي، توبهہ جا حقدار بنجي، ثواب حاصل ڪن ٿا. اڃان

(1) مخدوم مئيڏنو نصرپوري: ”تحرير“، ٽماهي ”الرحيم“ حيدرآباد سنڌ، نمبر 3، 1966ع، ص 69
(2) مخدوم عبدالواحد سيوستاني: ”بياض واحدي“، جلد _1، ص 337
(3) مولانا عبدالغفور همايوني: ”فتاويٰ همايوني“ (فارسي) جلد _1، ص 56

تائين سنڌ جي شهرن وانگر ٻهراڙي ۾ مزدور مڙو جمعي جي ڀلاري ڏينهن موڪل ڪري ٿو ۽ هاري ناري بہ جمعي جي نماز پڙهڻ کان پوءِ ڪٽڪ، جوئر، ٻاجهري ۽ سارين وغيره جي بتائي ڪري ٿو. هن وقت شهرن سان گڏ ٻهراڙين جي ڳوٺن ۾ جمعي نماز جا روح پرور اجتماع ڏسي مخدوم صاحب لاءِ دل مان اها دعا نڪري ٿي تہ: اي الله! مخدم صاحب جي فتويٰ ڪري جيئن ڳوٺن جون مسجدون آباد ٿيون آهن، تيئن سندس قبر کي نور سان ڀرپور ڪر! دراصل، مخدوم صاحب جي هن فتويٰ مان سندس ديني جذبي، اسلام ۽ نماز سان محبت ۽ عام سنڌ جي ماڻهن جي اصلاح جو پتو پوي ٿو.

ٻنهي جهانن جا سردار، حضرت محمد رسول الله ﷺ جن جمعي نماز، عيدن، لڙاين ۽ ٻين ضروري موقعن تي پنهنجي اصحابن سڳورن کي هدايتون نصيحتون ڪندا ۽ خطبا ڏيندا هئا. ان سلسلي ۾ ”حجة الوداع“ وارو خطبو اسلامي تاريخ ۾ هڪ وڏي اهميت رکي ٿو. گويا اهو اسلامي زندگي گذارڻ جو مختصر ۽ ’جامع منشور‘ آهي.(1)

اهو خطابت جو سلسلو حضور ﷺ جن کان وٺي اڄ تائين جاري آهي. وڏا وڏا مفسر، عالم، محدث، فقيه ۽ پيش امام واعظ موقعي مناسبت سان عام ماڻهن کي خطبن ذريعي الله ۽ رسول جو پيغام پهچائيندا پئي آيا آهن.

مخدوم صاحب بہ ان سنت نبوي يعني خطابت جو سلسلو جاري رکيو. پاڻ هر جمعي تي ”جامع خسرو“ مسجد، محلہ دابگران - ٺٽي ۾ وعظ ڪندو هو ۽ ان بعد جمعي ۽ عيدن تي عربيءَ ۾ مختصر خطبو پڙهندو هو. جيئن هن وقت سنڌ ۾ لاڙ پٽ ۾ ”عثماني خطبو“، ”جيلاني خطبو“ ۽ وچولي ۽ اُتر سنڌ ۾ ”جتوئيءَ جو سنڌي خطبو“ مشهور آهن. مخدوم صاحب جا اهي عربي خطبا، جيڪي جمعي ۽ عيدن تي پڙهندو هو، سندس شاگرد رشيد مخدوم عبدالله بن محمد رحمة الله عليہ پنهنجي ڪتاب ”جامع الكلام في منافع الانام“ ۾ ”الخطبات الهاشمية في العيدين والجمعة“ جي عنوان سان نقل ڪيا آهن. مفتي محمد جان نعيمي- ملير، ڪراچي واري اهي عربي خطبا ان قلمي ڪتاب تان اُتاري ڪتابي صورت ۾ سال 1990ع ۾ ”خطبات هاشمية“ نالي شايع ڪيا آهن. خطبات هاشمية جي ڪتابت ۽ طباعت تمام سهڻي آهي. هن رسالي ۾

(1) پروفيسر امتياز حسين سعيد: ”خطباتِ رسول“، (اردو) ص 1 _122

هي خطبا شامل آهن: جمعي جا ٻه خطبا اول ۽ ثاني، جمعة الوداع جو خطبو اول ۽ ثاني، عيدالفطر ۽ عيد الاضحيٰ جا ٻه ٻه خطبا اول ۽ ثاني- جملي پنج خطبا آهن. هن عربي خطبي جي ڳولا ۽ حفاظت جو سهرو- مفتي محمد جان نعيمي، ملير - ڪراچيءَ واري جي سر سونهين ٿو.

------

38. رد الرساله المعينيه

مخدوم صاحب ٺٽي جي مشهور عالم، مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جي رد ۾ چند رسالا لکيا آهن. هيءُ مختصر ٻن صفحن جو تحرير نما رسالو به ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. مخدوم صاحب خلافت ۾ اهلِ سنت جي عقيدي جو قائل هو. مخدوم محمد معين ٺٽويءَ خلفاء راشدين بابت حديث، رجال ۽ تاريخ ۾ آيل مشهور صحيح ترتيب جي خلاف حضرت علي رضي الله عنه کي ٽن خليفن سڳورن کان افضليت جي جواز ۾ رسالو لکيو هو.

مخدوم صاحب هن مختصر رسالي ۾ اهو سڄو بحث آڻي، حوالن سان اهو ثابت ڪيو آهي ته حضرت علي رضي الله عنه قابلِ احترام اصحابي آهن، پر رسول الله ﷺ کان پوءِ خلافت جي ترتيب مشهور روايتن ۽ تاريخ موجب جيڪا اڄ ڏينهن تائين اهلِ سنت جماعت وٽ هلندي آئي آهي، اهائي صحيح ۽ حق آهي.

هيءَ تحرير عربي ٻولي ۾ آهي. رسالي جو پورو نالو مواد جي نوعيت موجب مشهور عربي ٻولي جي عالم ۽ مصحح - سيد شجاعت علي قادريءَ رسالي جي مٿان هن ريت لکيو آهي:

"هذه رسالة مختصرة في تاليف الشيخ محمد هاشم التتوي في الرد علي الرسالة المعينية الناطقة بافضلية علي عليٰ الخلفاء الثلاثة رضي الله عنهم"

مخدوم صاحب آخر ۾ پنهنجو نالو هن ريت لکيو آهي:

"حرره الفقير الي الله الغني محمد هاشم بن عبدالغفور السندي كان الله تعاليٰ له وبه و معه في كل وقت وحين آمين"

جيتوڻيڪ رسالي جا اکر تمام سهڻا ۽ ماهر ڪاتب جا آهن، پر اها مٿئين تحرير خود مخدوم صاحب جي هٿ اکرين معلوم ٿي رهي آهي. والله اعلم بالصواب!

------

39. الحجة القوية في الرد عليٰ من قدح في الحافظ ابن تيميھ

هن قلمي رسالي جو عڪس، راقم ڪي مدرسه مجدديه نعيميه - ملير، ڪراچي مان دستياب ٿيو. ٻئي ڪنهن به ڪتب خاني مان ان جو ڏس پتو پئجي نه سگهيو آهي. 19 صفحن جو هيءُ رسالو به مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جي رد ۾ لکيل آهي. هن رسالي جي تصنيف ٿيڻ جو سال ڄاڻايل نه آهي. البت، جيئن ته مخدوم محمد معين سن 1161 هجري ۾ وفات ڪئي، ان ڪري هيءُ رسالو ضرور ان سال کان اڳ لکيو ويو هوندو. رسالي جي عربي ٻولي نهايت ادبي ۽ عالمانه نوعيت جي آهي، ڇو ته سنڌس مخاطب به مخدوم محمد معين جهڙو چوٽيءَ جو عالم ۽ مصنف هو. مخدوم امير احمد عباسيءَ جي تحقيق ۽ فهرست موجب هن رسالي جو مٿيون نالو مناسب ۽ موضوع مطابق آهي.

رسالي ۾ صفحا 19، صفحي جي ڊيگهه اٺ انچ ۽ ويڪر ڇهه انچ آهي. هر صفحي ۾ 21 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 15 لفظ آهن.

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب جي هن رسالي جو پس منظر هيءُ آهي ته اڳئين دور ۾ ڪنهن رافضين مان "منهاج الڪرامة في معرفة الامامة" نالي ڪتاب لکي، اهلِ سنت جي خلاف ڪيئي مسئلا گهڙي، انهن تي بهتان مڙهيا. اسلامي اصولن ۽ حق انصاف کي ڇڏي، اهلِ سنت جماعت تي الزام تراشيون ڪيون. انهيءَ ڪري ستين صدي هجريءَ جي مشهور مصنف، تقي الدين احمد حافظ ابن تيميه (وفات: 728ھ/1328ع) هڪ ڪتاب "منهاج الاستقامة" لکيو، جنهن ۾ رافضين جي لکيل ڪتاب "منهاج الڪرامة" ۾ رافضين ۽ انهن جي من گهڙت

مسئلن جو ڀرپور تعاقب ڪيل هو، جنهن ۾ هن سختيءَ کان به ڪم ورتو هو.

مخدوم محمد معين ٺٽويءَ وري ڇا ڪيو، جو اهلِ سنت جي خلاف رافضين جي حمايت ۾ ابن تيميه جي ان رسالي 'منهاج الاستقامة' تي به اعتراض ڪيا. ابن تيميه کي سخت تنقيد جو نشانو بنايو ۽ ڪيس "تقي الدين" جي بجاءِ "شقي الدين" سڏيو.

جيئن ته ان وقت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي اهلِ سنت جماعت جو سرواڻ هو ۽ ان سان گڏوگڏ هڪ بلند پايي جو محقق، مصنف ۽ نقاد به هو. هن اهلِ سنت جماعت جي حمايت ۾ لکيل ابن تيميه جي رسالي تي ڪيل اعتراضن جو نوٽيس ورتو ۽ ابن تيميه رافضين جي خلاف، جيڪي مسئلا ۽ جواب لکيا هئا، انهن جي تائيد ۾ "الحجة القويه" نالي هيءُ رسالو لکيو. مخدوم صاحب جيتوڻيڪ ابن تيميه جو هم خيال ۽ مقلد ڪونه هو، پر جيئن ته هن رافضين جي مسئلن ۾ حق ۽ انصاف کان ڪم ورتي، اهلِ سنت جي فائدي ۾ رسالو لکيو هو، تنهنڪري مخدوم صاحب ان حق ۽ انصاف جي تقاضا ۽ بنياد تي ۽ حمايت خاطر ابن تيميہ جي رسالي تي ڪيل اعتراضن جا ڀرپور جواب ڏئي هيءُ رسالو جوڙيو، جنهن ۾ رافضين جو رد ۽ اهلِ سنت جي حمايت آهي.

ابن تيميه، جن مسئلن ۾ رافضين تي علمي تنقيد ڪئي آهي، اهي هن ريت آهن:

1. امام غائب، امام مهدي
2. امامن سڳورن لاءِ روئڻ پٽڻ
3. ٻارهن امامن جي معصوميت نبين سڳورن جهڙي مڃڻ
4. خلافت راشده تي اجايا اعتراض
5. حضرت علي المرتضيٰ جي افضليت
6. حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت خاتون فاطمة الزهراء جو اختلاف ظاهر ڪرڻ وغيره.

بهرحال، مخدوم صاحب هن رسالي ۾ عالمانه انداز ۾ بحث ڪري، انهن سڀني مسئلن جو صحيح جواب ڏنو آهي ۽ حق ۽ انصاف کي سامهون رکي، اهلِ سنت جماعت جو صحيح موقف ظاهر ڪيو آهي.

اُم القريٰ يونيورسٽي مڪي شريف جي اسسٽنٽ پروفيسر ڊاڪٽر قاري عبدالقيوم سنڌي هيءُ ڪتاب عربي ۾ ايڊٽ ڪري سال 1423ھ/2002ع ۾،

مطبع الصفا مكة المكرمة مان شايع ڪيو آهي.

------

40. ثمانية قصائد صغار في مدح النبي ﷺ

هيءُ قلمي نسخو تمام جهونو آهي، پر ان جي تصنيف جو سال ۽ ڪتابت جو دور وغيره معلوم ڪونهي. رسالي ۾ 28 صفحا آهن. صفحي جي ڊيگهه ست انچ ۽ ويڪر پنج انچ آهي. هر صفحي ۾ 10 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 10 لفظ آهن. راقم کي هن قلمي نسخي جو عڪس، مدرسه مجدديه نعيميه- ملير، ڪراچيءَ مان مليو. مٽياري، ٺٽي ۽ ڳڙهي ياسين جي ڪتب خانن ۾ هيءُ رسالو موجود آهي. ڪتاب ۾ مخدوم صاحب جي نالي "ٺٽوي" جي بجاءِ محمد هاشم "ٺٺئي" لکيل آهي.

مواد جو وچور:

هيءُ رسالو مخدوم صاحب جي عربي شاعريءَ جو مجموعو آهي، جنهن ۾ ٻنهي جهانن جي سردار، حضرت محمد ﷺ جي شان ۽ ساراهه ۾ قصيدا چيل آهن. هن مجموعي جو نالو مخدوم صاحب جي تصنيفات جي لسٽ ۾ خمسه قصائد (پنج قصيدا) ۽ ثمانية قصائد (اٺ قصيدا) لکيو ويو آهي، پر هن مجموعي ۾ ڇهه عربي قصيدا موجود آهن. ان کان علاوه مخدوم صاحب جي سنڌي ڪتاب "قوت العاشقين" ۾ 41 شعرن تي مشتمل عربي قصيدو پڻ شامل آهي. اهڙيءَ ريت جملي ست قصيدا دستياب ٿيا آهن. ممڪن آهي ته ڪنهن ڪهني بياض ۾ مخدوم صاحب جو اُٺون قصيدو به محفوظ هجي، جنهن لاءِ جاکوڙ جاري آهي.

مخدوم صاحب رباني عالم ۽ عاشقِ رسول ﷺ هو. ان ڪري هنن دستياب عربي قصيدن ۾ حضور ﷺ جن جي عشق ۽ زيارت، فراق ۽ وصال، شان ۽ ساراهه ۾ صدائون ڪيل آهن ۽ بار بار پاڻ سڳورن تي درود ۽ سلام جي ورڪا ڪيل آهي.

مخدوم صاحب هنن قصيدن ۾ پنهنجي نالي سان گڏ "عبد ضعيف" جي نسبت ڪئي آهي. جيئن آخر ۾ چوي ٿو:

عبد ضعيف هــاشم　　　في حب احمد فــاحم

وحبيبنا يحمي الحميٰ صلوا عليه وسلمـوا.

هنن قصيدن مان هڪ قصيدو سنڌي ترجمي ۽ شرح سان حافظ عبدالرزاق مهراڻ سڪندري، مڪتبه حزب الاحناف پوليس لائن سانگهڙ مان 1426هه - 2005ع ۾ شايع ڪيو آهي. شرح جو نالو آهي ”نسيم الڪاظمة“

مخدوم ٺٽوي جا ٻه عربي قصيدا، سنڌي، سرائيڪي نظم ۾ ۽ لفظي معنيٰ سان ”آبِ ڪوثر“ نالي ڇپيا آهن. جيڪو سنڌي لئگئيج اٿارٽي حيدرآباد 2011ع ۾ شايع ڪيو آهي. مترجم شاعر غلام حسين ”مشتاق“ سڄاروي آهي.

------

41. موهبة العظيم في ارث حق مجاورة الشعر الڪريم

سنڌ ۾ ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد ﷺ جن جا وار مبارڪ ٻن هنڌن تي محفوظ آهن: هڪ لاڙ پٽ شاهبندر ۾، ٻيو اتر سنڌ روهڙي شهر ۾. روهڙيءَ ۾ موجود وار مبارڪ درياءَ جي ڪنڌيءَ تي قديم جامع مسجد جي ڀر ۾ مقبري اندر محفوظ آهي. راقم کي انهيءَ وار مبارڪ جي زيارت جو شرف حاصل آهي.

حضور ﷺ جن جي وار مبارڪ جي زيارت ڪندڙ ماڻهو عقيدت ۽ محبت خاطر اتي پيسا ڏوڪڙ ٻه ڏين ٿا. اهي پيسا اتي جا خدمتگار مجاور کڻن ٿا. اڳتي هلي درگاه وار مبارڪ جي خدمتگار مجاورن ۾ ان ملندڙ نذراني تي ملڪيت ۽ وراثت حقداري جو سوال پيدا ٿيو. خود مخدوم صاحب جي دور ۾ اهو سوال ڪانئس پڇيو ويو. مخدوم صاحب کان اڳ ۽ پوءِ جي عالمن ٻه انهيءَ مسئلي بابت مختلف تحريرون لکيون آهن.

مخدوم صاحب وار مبارڪ بابت، سوال جواب جي صورت ۾ ”موهبة العظيم“ نالي عربي ۾ رسالو لکيو. پاڻ حمد ۽ صلواة کان پوءِ لکي ٿو:

”پنهنجي پالڻهار غني جي رحمت جو محتاج فقير محمد هاشم پٽ عبدالغفور پٽ عبدالرحمان سنڌي ٺٽوي چوي ٿو، ته مون هيءُ رسالو نالي ”موهبة العظيم في ارث حق مجاورة الشعر الڪريم“ مرتب ڪيو آهي. مون کان سال 1155 هجري ۾ حضرت نبي ﷺ جن جي وار مبارڪ جي محافظت ۽ مجاورت جي حق ۾ ورثي جاري ٿيڻ بابت سوال پڇيو ويو. پوءِ مون چيو هائو ان ۾ ورثو ٿيندو.

وري محافظت جي حق ۾ صحت الدعويٰ ذڪر ڪيل جو سوال ڪيو

ويو. مون چيو هائو ان ۾ دعويٰ صحيح ٿئي ٿي.

پوءِ سوال ڪيو ويو ته باسون ۽ هديا جيڪي وار مبارڪ جي مجاورن کي زيارت ڪندڙ ڏين ٿا، ڇا اهو (مال) سيني مجاورن ۽ محافظن جو حق آهي. ڇا اهو انهن جي درميان ورهايو ويندو؟ مون چيو هائو. اهو سيني جو حق آهي ۽ حصي رستي سيني ۾ مال ورهايو ويندو.

پوءِ سوال ڪيو ويو ته جيڪڏهن انهن مجاورن ۽ محافظ خدمتگارن مان ڪو هڪڙو ڄڻو حفاظت ۽ خدمت وغيره جي متولي ٿيڻ جي دعويٰ ڪري ٿو ۽ اهو ارادو ٿو رکي ته سيني ورثي وارن جي رضامنديءَ کان سواءِ ئي سڀ ڪجهه خاص سندس ئي قبضي ۾ هجي. ٻئي جو ان ۾ ڪجهه به نه وڃي. ڇا اهو سڀ ڪجهه انهي دعويٰ ڪندڙ متولي واسطي صحيح آهي؟ پوءِ مون چيو ته اهو ان لاءِ صحيح ۽ حق نه آهي، پر اسلام جا والي ۽ دين محمد عليه السلام جا حامي ان کي انهيءَ قبضي ۽ اڪيلي حقداريءَ ۽ وراثت کان منع ڪن ۽ روڪين.“

اسان کي ”موهبة العظيم“ جو چئن صفحن جو مواد دستياب ٿيو آهي. ان ۾ مخدوم صاحب جي مٿئين عبارت کان سواءِ آخر ۾ عربي ۽ فارسي ۾ ڪيترن عالمن جون عبارتون ۽ صحيحون ڪيل آهن. غالباً اهي پوءِ جي عالمن جا نالا آهن. جيئن: مخدوم عبدالواحد سيوستاني، محمد مقبول رضوي، محمد حسين هالائي، محمد واصل، عثمان عفي عنه، محمد متعلوي ۽ عثمان متعلوي.

انهيءَ مٿئين دستياب ٿيل مواد مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته مخدوم صاحب جو اصل ۾ هڪ ضخيم رسالو تحرير ٿيل آهي. اها اڻ پوري عبارت ان رسالي جو هڪ اقتباس آهي. ان ڪري وار مبارڪ جي مسائل بابت مخدوم صاحب جي مڪمل تحقيق جي پروڙ نه ٿي پئجي سگهي. بهرحال، جو ڪجهه مواد ملي سگهيو آهي، ان جو نچوڙ مٿي ڏنو ويو آهي. مزيد تلاش جاري آهي. هن رسالي جا نسخا همايون شريف ۽ ڪتب خانه سرهندي مٽياري ۾ پڌجن ٿا.

راقم کي ’موهبة العظيم‘ جي چئن صفحن جو قلمي مواد ڊاڪٽر مولوي محمد ادريس سومري السنديءَ، ڪتب خانه درگاه الله آباد - ڪنڊياري جي ڪنهن قلمي بياض مان فوٽو اسٽيٽ وٺي تحفي طور موڪليو.

------

42. شرح صفة الروضة

مخدوم صاحب جي قلمي ڪتابن جي تلاش ڪندي، قبرستان ۽ ڳوٺ شيخ احمد شيخاني لڳ ڪنڊياري وڃڻ ٿيو. اتي استاد محمد اشرف وٽ سندس وڏن جي قلمي ذخيري مان مخدوم صاحب جو ناياب قلمي رسالو ”شرح صفة الروضة“ دستياب ٿيو. هن رسالي جا ٻه قلمي نسخا آهن. هڪ خود مخدوم صاحب جو دستخط نسخو، ٻيو اصل تان اتاريل نسخو. مخدوم صاحب واري دستخط نسخي ۾ ڏهه ورق آهن. زماني جي گردش ڪري ان جا ابتدائي ورق ڪٽل آهن. اصل تان اتاريل نسخو قدري زياده آهي، جو 44 صفحن تي مشتمل آهي ۽ ٿلهي قلم سان سادي ڪتابت ۾ موجود آهي. جيتوڻيڪ ان جي منڍ ۾ گهڻو اضافو آهي، پر پوءِ به ابتدائي صفحا ڪٽل آهن.

الله تعاليٰ جي نيڪ ۽ صالح ٻانهن وٽ حضور ﷺ جن تي درود شريف پڙهڻ ۽ برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ، امام جزوليءَ جي مرتب ڪيل ڪتاب ”دلائل الخيرات“ ڪي پڙهڻ جو گهڻي وقت کان معمول هلندو پيو اچي. ”دلائل الخيرات“ ۾ امام جزولي حزب الاول کان اڳ ۾ ”صفة الروضة“ بابت بحث ڪندي لکيو آهي:

> ”هيءَ وصف ان روضي مبارڪ جي آهي، جنهن ۾ رسول الله ﷺ جن دفن ٿيل آهن. ان جا دوست ابوبڪر ۽ عمر رضي الله عنهما به مدفون آهن. روضي مبارڪ ۾ دفن ٿيل پلارن جي ترتيب هن ريت آهي: روضي مبارڪ جي وچ تي نبي ﷺ جن آرامي آهن. ان جي پاسي کان پنيان ابوبڪر دفن ٿيل آهي، ان جي پيرن کان عمر فاروق پوريل آهي.“ [1]

مخدوم صاحب ان بحث کي سامهون رکي، دليلن، حوالن ۽ مشاهدي سان ثابت ڪري اصل صحيح صورت، شرح ۽ حاصل ڪلام هن ريت تحرير ڪيو آهي:

[1] **محمد بن سليمان الجزولي: ”دلائل الخيرات“ (عربي)، ص 37**

”متي جيڪي قبرن مبارڪن جون ست يا نَوَ ڪيفيتون ڪتابن لکيون آهن پنهنجي جاءِ تي، پر منهنجي تحقيق هيءَ آهي ته حضرت ابوبڪر جو مٿو نبي ﷺ جن جي ڪلهي مبارڪ جي سامهون آهي. حضرت عمر جو مٿو، حضرت ابوبڪر جي ڪلهي برابر آهي (۽ پيرن جي سامهون نه آهي) هي ئي ڪيفيت مشهور ترجيح واري ۽ صحيح آهي. هينئر قبرون مبارڪ هن ئي ڪيفيت تي جُڙيل آهن.“

مخدوم صاحب انهيءَ وضاحت کان پوءِ ٽنهي پاڪ قبرن جو صحيح نموني ۾ نقشو به ڪڍيو آهي، ته جيئن اصل حقيقت ۽ ڪيفيت سمجهڻ ۾ سهنجائي ٿئي ۽ ”دلائل الخيرات“ جي مرتب جي سهو سامهون رهي.

بهرحال، مخدوم صاحب جو هيءُ رسالو گويا ”دلائل الخيرات“ جي ’صفة الروضة‘ واري باب يا عنوان جو شرح آهي. ”دلائل الخيرات“ وارو اصل متن ڳاڙهي مس سان ۽ مخدوم صاحب جو شرح ڪاري مس سان لکيل آهي.

”شرح صفة الروضة“ ۾ مخدوم صاحب جو نالو به دفعا هن ريت آيل آهي:

1. ڪتبه الضعيف الراجي شفاعة النبي العربي الفقير محمد هاشم بن عبدالغفور السندي التتوي جمع الله تعاليٰ بينه و بين رسوله المدني ﷺ
2. محمد هاشم عفي عنه

ڪتبهٗ الضعيف مان ظاهر آهي ته اهو خود مخدوم صاحب جي هٿين اکرين لکيل قلمي نسخو آهي. اسان وٽ مخدوم صاحب جا هٿ اکر محفوظ آهن، جن ڪي پيٽڻ سان اهو معلوم ٿيو ته برابر هيءُ قلمي نسخو مصنف جو دستخط تحرير ٿيل آهي.

مخدوم صاحب مٿئين عبارت ۾ پاڻ ڪي نبي عربي ﷺ جن جي شفاعت جو اميدوار ڪري لکيو آهي ۽ دعا ڪئي آهي ته الله تعاليٰ شال رسولِ مدني ﷺ جن سان ملائي!

هن قلمي نسخي جا اکر موتين جي داڻن جهڙا سهڻا آهن. البت، قلمي نسخي جو اول آخر ناقص هجڻ ڪري، لکت ۽ ڪتابت جو سال معلوم نه ٿي سگهيو آهي. راقم ڪي هن خوبصورت رسالي جي ٻنهي نسخن جا عڪس ڊاڪٽر محمد ادريس

السندي ڪنڊياري واري جي معرفت استاد محمد اشرف کان تحفي طور مليا. مخدوم صاحب جي هن رسالي جو نالو ڪنهن به فهرست ۾ آيل ڪونهي ۽ بلڪل نئين دريافت آهي. هيءُ رسالو ٻئي ڪنهن به ڪتب خاني ۾ موجود ناهي.

مخدوم صاحب رسالي جي آخر ۾ "بعض تعريف المؤلف" جي عنوان سان "دلائل الخيرات" جي مرتب امام جزوليءَ جي مختصر سوانح حيات هن ريت لکي آهي:

ابو عبدالله محمد بن سليمان الجزولي السملالي. سندس والد جزوله قبيلي جي امير ماڻهن ۾ شمار ڪيو ويندو هو. امام جزولي جو آبائي وطن ضلع سوس ملڪ بربر افريقه ۾ واقع هو. سندس تعليم شهر فاس ۾ ٿي. فاس، مراڪش ۾ واقع آهي. علم پرائڻ کان پوءِ پاڻ پڙهائڻ لڳو. شهر فاس مان ڇڏي ريف ۾ آيو. اتي شيخ محمد بن عبدالله کان باطني علم حاصل ڪيائين. چوڏهن سال برابر عبادت ۽ رياضت ۾ گوشه نشين ٿي رهيو. ان کان پوءِ ماڻهن جي رشد و هدايت لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳو. ٻارهن هزارن کان وڌيڪ ماڻهن سندس هٿ تي بيعت ڪئي ۽ گناهن کان توبه تائب ٿيا.

امام جزولي ڪتاب الله ۽ سنتِ نبوي جو نهايت عامل ۽ پابند هو ۽ ڪثرت سان درود ۽ وردن وظيفن پڙهڻ ۾ مشغول رهندو هو. ان دوران ڪيس درود شريف جا ظاهري فائدا ۽ برڪتون مشاهدي ۾ آيون. انهن کان متاثر ٿي "دلائل الخيرات" ڪتاب مرتب ڪيائين، جنهن ۾ حديث پاڪ جي ڪتابن مان درود ميڙي چونڊي هن ڪتاب ۾ شامل ڪيائين. "دلائل الخيرات" اڄا تائين اڪثر اولياء الله برڪت خاطر پڙهندا اچن ٿا ۽ سندن عمل ۾ آهي. امام جزولي تصوف ۾ "حزب الفلاح" ۽ "حزب سبحان الله الدائم لايزال" نالي ڪتاب به لکيا.

امام جزولي جي وفات سجدي جي حالت ۾، تاريخ پهرين ربيع الاول 870 هجري ۾ سوس ملڪ بربر ۾ ٿي. 77 سالن کان پوءِ مراڪش جي بادشاهه سندس مڙهه کي سوس مان ڪڍرائي، مراڪش ۾ آڻي دفن ڪرايو ۽ مٿس عاليشان قبو جوڙايو. سندس قبر تي درود شريف گهڻو پڙهيو وڃي ٿو.

------

43. حاشيه درود حاضري

حضور نبي ﷺ جن تي درود ۽ سلام پڙهڻ، الله تعاليٰ جو حڪم آهي ۽ هر مسلمان لاءِ سعادت ۽ برڪت به آهي ان ڏس ۾ درود شريف جو بهترين ڪتاب ”دلائل الخيرات“ (از: محمد بن سليمان الجزولي- وفات: 870هه) جڳ مشهور آهي هر دور ۾ علماء ۽ صلحاء ان ڪي پڙهندا آيا آهن. مخدوم صاحب ان جو شرح به لکيو آهي.

”دلائل الخيرات“ جي نموني ۾ لکيل ”درود حاضري“ اصل ۾ عبدالسلام بن بشيش جو تحرير ٿيل آهي. ان ۾ درود جا سهڻا صيغا سمايل آهن. ”قطب الارشاد“ ۾ حضرت فقير الله علوي شڪارپوريءَ ”درود حاضري“ جي ليکڪ کي ”عارف بالله، قطب الڪامل ۽ سيدي“ جي سهڻن لقبن سان سڏيو آهي. پاڻ لکي ٿو ته:

> ”مون کي درود حاضري پڙهڻ جي اجازت شيخ محمد هاشم ٺٽوي ڏني آهي.“ [1]

مخدوم صاحب جهڙيءَ طرح ”دلائل الخيرات“ ۾ آيل صفة الروضة جو شرح لکيو آهي. اهڙيءَ ريت ”درود حاضري“ تي به حاشيا لکيا آهن ۽ مختلف نسخا سامهون رکي، ان جي تصحيح ڪئي آهي.

هن رسالي تي اڪثر حاشيه عربيءَ ۾ لکيل آهي، البت ڪِٿ هنڌن تي فارسيءَ ۾ به حاشيه تحرير ٿيل آهن. مخدوم صاحب حاشيي تي هڪ هنڌ محمد عارف صديقي حنفي ٺٽوي جو نالو به لکيو آهي. ”درود حاضري“ جي مختلف اُنن جاين تي مخدوم صاحب جو نالو لکيل آهي. ڪٿي مخدوم محمد هاشم عفي عنه ۽ ڪٿي رڳو مخدوم لکيل آهي.

هن رسالي جي ضخامت 36 صفحا آهي. صفحي جي ڊيگهه 6 انچ ۽ ويڪر چار انچ آهي. رسالو خوبصورت عربي طرز تحرير ۾ تمام وڻندڙ ۽ خوشخط لکيل آهي. هيءُ رسالو نئون دستياب ٿيو آهي. ڪنهن به فهرست ۾ هن حاشيه جو نالو

[1] فقيرالله علوي شڪارپوري: ”قطب الارشاد“ (عربي)، ص 396، 398

آيل ڪونهي. هن رسالي جو دستياب قلمي نسخو قاسميه لائبرري ڪنڊياري ۾ محفوظ آهي. راقم ڪي ڊاڪٽر محمد ادريس السنديءَ ان جو عڪس سوکڙي طور موڪليو، جو راقم جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي.

------

44. ڪفاية القاري

هن رسالي تي ڪاتب جو نالو ۽ سن وغيره لکيل ڪونهي، پر پنو تمام پراڻو ۽ بادامي رنگ جو ٿي ويل آهي. هن رسالي جو قلمي نسخو مولوي محمد معروف مٽياروي جي ڪتب خاني ۾ سندس فرزند حافظ عبدالله، پيش امام ڪوٽ واري مسجد، مٽياري وٽ موجود آهي. راقم وٽ ان قلمي نسخي جو عڪس محفوظ آهي. هن رسالي جو ٻيو نسخو ڪٿي به ملي نه سگهيو آهي ۽ هيءُ واحد اڻ ڇپيل نسخو آهي.

هن رسالي ۾ 20 صفحا آهن. صفحي جي ڊيگهه اٺ انچ ۽ ويڪر ڇهه انچ آهي، ۽ هر صفحي ۾ 19 سٽون ۽ هر سٽ ۾ 13 لفظ آهن.

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب علم قرأت تجويد بابت جيڪي به ڪتاب لکيا آهن، اهي سڀ نثر ۾ آهن، البت، هيءُ رسالو عربي نظم ۾ مثنوي جي طرز تي جوڙيل آهي. بنيادي طور تي هن رسالي ۾ قرآن پاڪ پڙهندڙ قاريءَ کي قرآن پاڪ پڙهندي، ڪن لفظن جون مشڪل ادائگيون، ٽڪاڻا يا اشتباه سامهون اچن ٿا، انهن جي سليس سمجهاڻي ڏنل آهي. اها سمجهاڻي باب وار الف - بي ۽ سورت وار سمجهايل آهي. مخدوم صاحب مقدمي ۾ وضاحت ڪندي لکي ٿو:

”هيءُ رسالو ’ڪفاية القاري‘ جڻ ته پڙهندڙ لاءِ موتي پوئيل ۽ جڙيل آهن. قرآن ڪريم جي تلاوت ڪندي قاريءَ کي جيڪي لفظن ۾ مبني حرفن وغيره ۾ اشتباه اچن ٿا، انهن جي آسانيءَ خاطر معجم حرفن تي هيءُ رسالو مرتب ڪيو ويو آهي. ان ڏس ۾ سمجهاڻڻ خاطر قاعدا ۽ قانون به آندا ويا آهن.“

جيتوڻيڪ اڳ ۾ اهو سمجهيو پئي ويو، ته مخدوم صاحب جي عربي شاعري چند نعتيه قصيدن تي مشتمل آهي ۽ اهي قصيدا حضورﷺ جن جي شان ۾ چيل آهن، پر هن منظوم عربي ڪتاب ”ڪفاية القاري“ جي دستياب ٿيڻ مان ظاهر آهي ته مخدوم صاحب رڳو مختصر نعتيه قصيدا نه، پر تجويد جهڙي مشڪل فن ۾ به بهترين ۽ طويل عربي نظم ۾ هيءُ ڪتاب لکي، عربي شاعريءَ ۾ پنهنجو علمي مقام ۽ عربي ٻوليءَ تي عبور ۽ مرتبو حاصل ڪيو آهي.

مخدوم صاحب پنهنجو نالو محمد هاشم شعر ۾ هن ريت آندو آهي:

قال اقل الخلق محمد هاشم
دام له لطف من الله عاصم.

ڪتاب جو نالو هن شعر ۾ سمايل آهي:

سميتها ”ڪفاية القاري“ بعد ما
وجدتها متئمما مڪملا.

ڪفاية القاري جو مواد 746 شعرن تي پکڙيل آهي. هن موجوده قلمي نسخي ۾ ايترا عربي شعر آهن. ممڪن آهي ته ڪنهن ٻئي نسخي ۾ زياده شعر هجن ۽ لکت جو سال ۽ ڪاتب جو نالو به ملي وڃي. بهرحال ”ڪفاية القاري“ جي دستيابي مخدوم صاحب جي عربي شعر و شاعري جي ڏس ۾ تمام وڏو علمي انڪشاف ۽ اضافو آهي.

ڊاڪٽر عبدالقيوم سنڌي، هيءُ ڪتاب عربي ۾ ايڊٽ ڪري سال 1428هه/2007ع ۾، المڪتبة الامدادية مڪه مڪرمة مان شايع ڪيو آهي. هي مڪمل نسخو آهي، ان ۾ 1008 بيت موجود آهن. محقق ڪي هي صحيح قلمي نسخو ملڪ عبدالعزيز لائبريري مديني منوره مان مليو آهي.

------

45. حواشي الشاطبيه

مخدوم صاحب قرأت تجويد بابت مڪمل صورت ۾ ڳچ ڪتاب لکيا آهن، پر هيءُ مشهور درسي ڪتاب "شاطبيہ" جو حاشيو ۽ شرح آهي. جيتوڻيڪ "شاطبيہ" جا حاشيا ۽ شرح ڪيترن عالمن لکيا آهن. مخدوم صاحب هيءُ حاشيو عربيءَ ۾ لکيو آهي. هيءُ قلمي نسخو لڳ ڀڳ ٻن سؤ صفحن تي پکڙيل آهي. صفحي جي ويڪر پنج انچ ۽ ڊيگهه اٺ انچ آهي. متن جي شروعات کان اڳ ۾ متن جي فهرست آيل آهي، فهرست کان پهريان مخدوم صاحب جن ڪتابن تان مواد ورتو آهي، "شاطبيہ" جي انهن 14 عربي ۽ فارسي شرحن جي لسٽ بہ درج ڪئي آهي.

شاطبيہ جو متن عربي شعرن سان شروع ٿئي ٿو. مخدوم صاحب ان متن تي عربي ٻوليءَ ۾ حاشيہ لکندو، تعليقات ۽ شرح ڪندو ويو آهي. مخدوم صاحب شاطبيہ جي پهرئين صفحي تي تحقيق ڪندي لکي ٿو:

> "هي شاطبيہ جي رموز تي دلالت ڪندڙ مفرد يا مرڪب چوڏهن بيت آهن. انهن مان پهريان ست بيت شاطبيہ جو ڪلام نہ آهي، پر ٻئي ڪنهن جا ملحق آهن. باقي ٻيا بيت اصل شاطبي جو ڪلام آهي.
> فتدبر - محمد هاشم عفي عنه"

اهڙيءَ ريت مخدوم صاحب شرح دوران منجهيل علمي مسئلن ۽ نڪتن جي ويو آهي وضاحت ڪندو ۽ ڪا ڪنهن اڳوڻي شارح کان سهو ٿي آهي، تہ ان تي تنقيد ۽ اصلاح بہ ڪئي اٿس. مشهور مصنف علي قاري مڪي (وفات 1014هه) بہ شاطبيہ جو شرح لکيو هو. مخدوم صاحب ان جو ڪيترين جاين تي رد ڪيو آهي.

"شاطبيہ" جو مصنف ابوالقاسم بن فيره بن خلف بن احمد شاطبي اندلسي آهي. شاطبہ، اندلس ۾ هڪ شهر جو نالو آهي. امام شاطبي 538هجري ۾ شاطبہ ۾ ڄائو. پهريائين پنهنجي وطن ۾ ابوعبدالله محمد بن ابي العاص نفري جي خدمت ۾ رهي، قرأت تجويد جي فن ۾ مهارت حاصل ڪيائين.

مختلف استادن کان علم حديث پرايائين. ڪتاب سيبويہ، ڪامل مبرد ۽ ادب الڪاتب ابن قتيبہ ۾ قابليت ۽ عبور ماڻيائين. علم پرائڻ کان پوءِ اسڪندريہ رستي حج ادا ڪرڻ جي ارادي سان روانو ٿيو. جڏهن امام شاطبي قاهره پهتو تہ علم جي پياسن طالبن جو وٽس هجوم گڏ ٿيڻ لڳو. مصر جي حڪمران قاضي فاضل ڪيس قاهره جي مدرسه فاضلية جو شيخ مقرر ڪيو. امام شاطبي پڙهائي جي ميدان ۾ شيخ القراة جو صدر نشين ٿي ويو. ان دوران پاڻ هينيان چار قصيدا لکيائين: (1) حرز الاماني (2) عقليہ اتراب القصائد (3) ناظمة الزهر في علوم الفواصل (4) قصيده داليہ.

امام شاطبي قرآن، حديث، لغت ۽ تجويد ۾ سند جي حيثيت رکندو هو. ان سان گڏ عابد زاهد ۽ وڏو متقي پرهيزگار بہ هو. سندس مشهور ڪتاب "شاطبيہ" عربي شعر ۾ تجويد تي بهترين ڪتاب آهي. ان جي مقدمي ۾ 94 شعر ۽ متن ۾ 1079 شعر آهن. اهڙيءَ طرح، ڪل 1173 شعر ڪتاب ۾ آهن.

امام شاطبي جي وفات 28 جمادي الثاني 590 هجري تي ٿي. ڪيس قاضي فاضل جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. اهو قبرستان مقطم جبل جي دامن ۾ زيارتگاهه آهي.

مخدوم صاحب جو "حاشيہ ۽ شرح شاطبيہ" جو اصل قلمي نسخو مولوي محمد ابراهيم وٽ مدرسه باب الاسلام ٺٽي شهر ۾ محفوظ آهي. هن نسخي جو ٻيو اتارو ڪٿي بہ ڪونہ ٿو ٻڌجي. غالباً هيءُ واحد قلمي نسخو آهي. مولوي محمد ابراهيم جو چوڻ آهي تہ هن قلمي نسخي تي مخدوم صاحب جي مهر بہ لڳل هئي، پر هن وقت مهر وارو ورق نسخي ۾ موجود ڪونهي. جيڪڏهن مهر دستياب ٿئي ها، تہ هوند قلمي نسخي جي قدامت ۽ سنہ تحرير بابت بہ احوال سامهون اچي ها!

راقم جي ڪتب خاني ۾ مولوي محمد ابراهيم، مدرسه باب السلام ٺٽي واري قلمي نسخي جو مڪمل عڪس موجود آهي ۽ قابل ديد آهي.

هن قلمي نسخي جي زيارت ۽ حاصل ڪرڻ لاءِ راقم سان مولوي طفيل احمد نقشبندي مڪليءَ وارو بہ گڏ هو. پي ايچ.ڊي دوران مولوي محمد ابراهيم

پھريان ڪتاب جا ڏھ صفحا (5 اول ۽ 5 آخري) فوٽو اسٽيٽ ڪري ڏنا هئا. بعد ۾ ڊاڪٽر محمد ادريس السندي جي تعاون سان سڄو ڪتاب فوٽو اسٽيٽ مجلد ٿي مليو ۽ راقم جي لائبريري ۾ محفوظ آهي.

------

46. حاشيہ مقدمة الجزري

مخدوم صاحب علم قرأت تجويد بابت چند رسالا لکيا آهن. هيءُ رسالو اصل ۾ اسلامي دنيا جي مشهور قاري امام ابوالخير شمس الدين محمد جزري جي ڪتاب "مقدمة الجزري" جو عربيءَ ۾ حاشيہ ۽ شرح آهي. مخدوم صاحب امام جزري جي رسالي جا ٻہ شرح عربي ۽ فارسي ۾ الڳ الڳ تحرير ڪيا آهن. هيءُ عربي حاشيو 43 صفحن تي مشتمل آهي. صفحي جي ديگھہ ڏھ انچ ۽ ويڪر ست انچ آهي. وچ ۾ اصل متن ۽ ڪاغذ جي چئني پاسن کان گھاٽو حاشيو تحرير ٿيل آهي. ڪٿي ڪٿي مخدوم صاحب جو حاشيي تي نالو بہ لکيل آهي.

حاشيہ لکجڻ جو سال، ڪتابت ۽ ڪاتب جو نالو ڪٿي بہ لکيل ناهي. حاشيي تي وڏي محنت ٿيل آهي. مخرجن جي ادائگي ۽ سمجھاڻيءَ لاءِ مخدوم صاحب وات ۽ ڏندن جو نقشو بہ حاشيي ۾ ڏنو آهي، تہ جيئن اهو آساني سان معلوم ٿي سگھي تہ ڪھڙو حرف ڪٿان ۽ ڪيئن نڪري ۽ ادا ٿئي ٿو.

مخدوم صاحب جو هيءُ عربي حاشيو مولوي محمد معروف لائبرري، مٽياري ۾ موجود آهي. راقم ڪي ان جو عڪس اتان مليو. هن حاشيي جو ٻيو قلمي نسخو علامه غلام مصطفيٰ قاسمي حيدرآباد جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي.

مقدمة الجزري جي مصنف جو مختصر احوال:

امام جزري اٺين/ نائين صدي هجريءَ جو مشهور بزرگ ٿي گذريو آهي. سندس پورو نالو امام ابوالخير شمس الدين محمد بن محمد بن محمد علي بن يوسف بن عمر جزري شافعي آهي. سندس ولادت 25 رمضان المبارڪ سنہ 751 هجري ۾ دمشق ۾ ٿي. تعليم پرائي فاضل بنيو ۽ اسلامي دنيا ۾ قرأت جو امام مڃيو ويو. پاڻ وڏو عابد، زاهد ۽ عاشقِ رسولﷺ هو. سندس ڪتابن جو تعداد 39 آهي. سندس مشهور ڪتابن ۾ جزري، النشر في قرأة العشر ۽ حصن

حصين آهن. امام جزري جي وفات 833 هجري ۾ ٿي ۽ شيراز ۾ دفن ٿيو.[1]

------

(1) رفيق احمد رفيق المهروي: "ارشاد الطالبين في احوال المصنفين" (اردو)، ص 104

47. ڪشف الرمز عن وجوه الوقف علي الهمز

هيءُ عربي رسالو قلمي صورت ۾ مدرسه مجدديه نعيميه- ملير، ڪراچي جي ڪتب خاني ۾ محفوظ آهي. سيد شجاعت علي قادري ڪراچي واري انهيءَ قلمي نسخي جي مطالعي کان پوءِ هيءُ عربي عبارت تحرير ڪئي آهي ته:

> "ظاهر ۾ ته هيءَ رسالو مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي تصنيفات مان آهي، پر عجب آهي ته مخدوم صاحب حسب دستور ٻين ڪتابن وانگر منڍ ۾ پنهنجو نالو نه آندو آهي."

هن رسالي جو نسخو ٻئي ڪنهن ڪتب خاني ۾ معلوم ٿي نه سگهيو آهي. راقم وٽ مدرسي ملير واري قلمي نسخي جو عڪس موجود آهي. هن رسالي ۾ 15 صفحا آهن. صفحي جي ڊيگهه نوَ انچ ۽ ويڪر ست انچ آهي. هر صفحي ۾ 23 سٽون ۽ سراسري طور 12 کان 15 لفظ آهن.

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب قراء ت تجويد بابت چند رسالا لکيا آهن. هيءُ رسالو "ڪشف الرمز" به ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. هن رسالي ۾ علم قرأت جي امام حمزه جا حرف "همزه" بابت مختلف اصول بيان ڪيل آهن. مخدوم صاحب همزه بابت تفصيل هن ريت آندو آهي، ته ان جا چار نوع آهن:

النوع الاول: همزو مبتدا حقيقي هجي، جيئن: آدم، ايمانا ۽ اوحيٰ.

النوع الثاني: همزو متوسطة حقيقي هجي، جيئن: يؤمنون، يأمرون، ڪأس، بأس، الذئب ۽ بئر. ان جا 9 قسم آهن.

النوع الثالث: همزو متوسطة حڪمي هجي. هن جا ٻه وجهه آهن.

النوع الرابع: همزو متطرفة هجي. ان جا 19 مقام آهن.

مخدوم صاحب هن رسالي ۾ اهو به ٻڌايو آهي، ته امام حمزه ڪوفي سان علم قرأت ۾ همزه جي چئن نوعن مان مشهور قرأت جو راوي ۽ ڄاڻو- هشام رڳو چوٿين ۽ آخري نوع "همزة المتطرفه" سان متفق آهي. بهرحال، مخدوم صاحب امام قرأت- حمزه ڪوفي جو حرف "همزه" بابت تفصيل ۽ مذهب بيان

ڪري، نهايت سهڻي وضاحت ڪئي آهي.

------

48. حاشيہ خلاصة الحساب

مخدوم صاحب جي ڪتابن جي لسٽ تي نظر ڪجي ٿي تہ پاڻ گهڻ پهلو شخصيت نظر اچي ٿو. حساب ۽ رياضي هڪ مشڪل فن آهي. مخدوم صاحب کي انهيءَ فن ۾ بہ وڏي ڄاڻ هئي. ڪيس نہ فقط ڄاڻ حاصل هئي، پر هو ان فن ۾ بہ ماهر نظر اچي ٿو. بهاؤالدين عاملي جو رياضيءَ ۾ ”خلاصة الحساب“ نالي ڪتاب مشهور آهي ۽ نهايت مشڪل ڪتاب آهي. مخدوم صاحب انهيءَ ڪتاب جو بهترين حاشيو ۽ شرح لکيو آهي، جيڪو 53 صفحن تي مشتمل آهي. خلاصة الحساب جي حاشيي جي اڪثر هنڌن تي مخدوم صاحب جو نالو هن ريت تحرير ٿيل آهي: ”محمد هاشم رحمه ربه “.

آخر ۾ ڪاتب جو نالو، خير محمد ولد محمد حفيظ، ساڪن هالہ ڪنڊي لکيل آهي.ڪتابت جي تاريخ 18 رجب بروز سومر سنہ 1190 هجري لکيل آهي. انهيءَ سال مان اهو ظاهر آهي تہ هيءُ حاشيو مخدوم صاحب جي اصل قلمي نسخي تان اتاريل آهي ۽ مخدوم صاحب جي وفات 1174ھ کان رڳو 16 سال پوءِ جو نقل ٿيل آهي.

مخدوم صاحب حاشيي ۾ تفصيل سان وضاحت طلب هنڌن تي ونڊ، ضرب، جوڙ ۽ ڪٽ جا نقشا ۽ نمونا بہ ڏنا آهن ۽ وضاحت سان علمي بحث بہ ڪيو آهي. هيءُ حاشيو عربي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي.

هن ڪتاب جو اصل قلمي نسخو علامه غلام مصطفيٰ قاسمي حيدرآباد جي ڪتب خاني ۾ محفوظ آهي. راقم کي ان جو عڪس مڪتبہ قاسميه ڪنڊياري جي ذريعي مليو. هر صفحي جي ڊيگهہ ٽَو انچ ۽ ويڪر ساڍا پنج انچ آهي ۽ اڃان تائين ڪٿي بہ نہ ڇپيو آهي.

راقم کي تحقيق دوران ”حاشيه خلاصة الحساب“ جو هڪ ٻيو ناقص قلمي نسخو، مڪتبہ معروفيہ مٽياري مان حافظ عبدالله ميمڻ وٽان دستياب ٿيو، جو 15 صفحن تي ڦهليل آهي. هن نسخي تي ڪتابت جو سال ۽ ڪاتب جو نالو

لکيل ڪونهي، پر خاص ڳالهہ اها آهي تہ حاشيي تي مخدوم صاحب جي فرزند، مخدوم عبداللطيف جو نالو بہ تحرير ٿيل آهي. اڪثر حاشيي جي جاين تي هي لفظ لکيل آهن: "من استاد الاعظم محمد هاشم مدظله". انهيءَ عبارت مان اهو ظاهر آهي، تہ هيءُ نسخو مخدوم صاحب جي فرزند مخدوم عبدالطيف جي مطالعي هيٺ رهيو آهي. اهو بہ ممڪن آهي تہ هيءُ نسخو خود مخدوم عبداللطيف جي هٿ جو لکيل هجي، ڇاڪاڻ تہ هو پنهنجي والد ۽ محسن استاد کي "استاد الاعظم" ۽ "مدظله" جي لفظن سان ياد ڪري رهيو آهي. افسوس آهي تہ هن قلمي نسخي جا فقط پهريان 15 صفحا دستياب ٿي سگهيا آهن ۽ آخر ۾ نسخو نامڪمل آهي.

"خلاصة الحساب" جو اصل مصنف محمد بن حسين بن عبدالصمد الحارثي العاملي الهمداني آهي. سندس لقب بهاؤالدين ۽ شيخ بهائي آهي. بهاؤالدين عاملي تاريخ 17 محرم الحرام 953هه/1548ع ۾ جبل عامل شام ۾ ڄائو. پنهنجي پيءُ عبدالله يزدي، علي ۽ افضل قائني کان علم پرايائين. شاهہ عباس صفوي جي عهد ۾ اصفهان جو قاضي ٿي رهيو. سير سفر ۾ القدس، دمشق، مصر ۽ حلب بہ ويو.

بهاؤالدين عاملي جي وفات 13 شوال المڪرم 1031هه/20 آگسٽ 1622ع تي ٿي ۽ ڪيس طوس ۾ دفنايو ويو. هو شاعر بہ هو ۽ اهل تشيعة جو پوئلڳ هو. سندس گهڻا ڪتاب لکيل آهن. فارسي ٻوليءَ ۾ سندس لکيل هڪ رسالو "صرف بهائي" درس نظامي ۾ پڙهايو وڃي ٿو.[1]

توجہ طلب ڳالهہ اها آهي تہ بهاؤالدين عاملي شيعي مذهب جو هو ۽ مخدوم صاحب اهلِ سنت جو اڳواڻ هو. جيتوڻيڪ مخدوم صاحب جا اهل تشيعة سان اختلافي مسئلن تي سخت قلمي مناظرا بہ رهيا آهن، پر هن مان سندس علمي وسيع القلبي ظاهر ٿئي ٿي. خلاصة الحساب هڪ علمي ڪتاب هو، ان ڪري مخدوم صاحب علمي اهميت ۽ عام فائدي خاطر ان جو سهڻو ۽ علمي حاشيو ۽ شرح لکيو.

(1) **پروفيسر اختر راهي: "تذڪره مصنفين درس نظامي" (اردو)، ص 78**

------

49. الطِراز المُذَهب في ترجيح الصحيح من المذهب

جيتوڻيڪ هن رسالي ۾ مخدوم صاحب جو نالو ۽ تصنيف جو سن لکيل ناهي، پر مخدوم امير احمد "بذل القوة" (عربي) جي مقدمي (ص 30) ۾، هيءُ رسالو مخدوم صاحب جي تصنيفات ۾ شامل ڪيو آهي. 24 صفحن جو هيءُ رسالو عربي ٻوليءَ ۾، ٿلهي قلم سان لکيل آهي. صفحي جي ڊيگهه اٺ انچ ۽ ويڪر پنج انچ آهي. هر صفحي ۾ 17 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 8-10 لفظ آهن. ڪتابت نهايت سادي ۽ ڪچي آهي. پهريون صفحو وچولي قلم سان ۽ باقي 23 صفحا ٿلهي قلم سان عربي طرز ۾ تحرير ٿيل آهن.

اهڙيءَ ريت حسبِ دستور ڪتابت جو سن ۽ ڪاتب جو نالو بہ لکيل ڪونهي، پر هن رسالي سان گڏ مخدوم صاحب جو هڪ ٻيو رسالو "ارشاد الظريف" بہ ساڳئي ٿلهي قلم ۽ طرزِ تحرير سان ڪاتب جو لکيل آهي. ان جي آخر ۾، ڪاتب پنهنجو نالو هن طرح لکيو آهي: "بيده عبده المسڪين سيد شاهہ عباس ساڪن شهر ٺلاهہ ملڪ سند"

مخدوم صاحب جي انهيءَ رسالي جو هيءُ واحد قلمي نسخو آهي، جيڪو پير محب الله شاهہ راشدي، درگاهہ پير جهنڊي جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي. راقم کي هن قلمي نسخي جو عڪس، پير صاحب جي فرزند - پير قاسم شاهہ راشديءَ جي مهرباني سان مليو.

مخدوم صاحب حنفي مذهب جي متقدمين ۽ متاخرين مشائخ عالمن جي ڪن مسئلن ۾ اختلاف کي سلجهائڻ خاطر هيءُ رسالو لکيو آهي. مخدوم صاحب حسبِ دستور عالمانہ انداز ۾، هن ننڍي رسالي ۾ بہ 23 ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن. مخدوم صاحب جي لفظن ۾ هن رسالي جو نچوڙ هن ريت آهي:

"هيءُ رسالو مون امام ابوحنيفه جي پيروي ڪندڙ مقلدن، هن زماني جي طالب علمن لاءِ لکيو آهي. جيڪي بعض فقهي مسئلا حنفي مذهب جي ڪتابن ۾ ذڪر ڪيا ويا آهن ۽ انهن مسئلن ۾ پوئين دور جي مشائخن يعني مشائخ المتاخرين جو ظاهر روايت ۾ اختلاف آهي. اهڙيءَ طرح متقدمين ۽ متاخرين ۾ جيڪو اختلاف واقع آهي، مون انهن جو مذهب جي قاعدن موجب اصول ۽ فروع کي واضح ڪري، ڪافي شافي جواب ڏنو آهي. اصولي طور الڪتاب، السنة، الاجماع ۽ القياس موجب اختلاف کي حل ڪيو آهي. امام ابوحنيفه ۽ سندس شاگردن جا بہ ڪن مسئلن ۾ اختلاف رهيا آهن، پر اهي اختلاف اجتهادي آهن. امام ابوحنيفه جي تحقيق جو سلسلو رسول اللهﷺ جن تائين هن ريت پهچي ٿو: امام ابو حنيفه، علقمه جو شاگرد آهي. علقمه، عبدالله بن مسعود جو شاگرد آهي. عبدالله بن مسعود، رسول اللهﷺ جن جو شاگرد آهي. امام ابوحنيفه ٻن واسطن سان حضورﷺ جن جو شاگرد آهي ۽ حضورﷺ جن شريعت محمدي جو سرواڻ آهي."

اصل ڪتاب ۾ امام ابوحنيفه جو سلسلو ٻن واسطن سان آيل آهي. پرامام ابوحنيفه جي سوانح نگارن جو هن ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ امام ابوحنيفه جي تحقيق جو سلسلو هنن ڇهن واسطن سان حضور جن تائين پهچي ٿو: ابو حنيفه، حماد، ابراهيم نخعي، علقمه، ابن مسعود، رسول اللهﷺ .

ممڪن آهي تہ مخدوم صاحب وٽ اهڙو ڪو حوالو هجي يا ڪاتب کان سهو ٿي هجي. والله اعلم!

بهرحال، فقه حنفي جي ڪن اجتهادي مسائل ۾ اڳين ۽ پوئين دور جي عالمن جي اختلاف کي سمجهڻ بابت، هن زماني جي طالب علمن ۽ مشائخ عالمن لاءِ هيءُ رسالو نهايت ڪارآمد آهي.

------

50. ارشاد الظريف اليٰ طور التصنيف

مخدوم صاحب جو هيءُ ست ورقي رسالو ساڳئي پير جهنڊي جي ڪتبخاني ۾، اڳئين رسالي ”الطراز المذهب“ وانگر گڏ هڪ مجموعي جي آخر ۾ محفوظ آهي. هن رسالي جي تقطيع ۽ ڪاتب به ساڳيو سيد شاهه عباس ٺلاه وارو آهي. هن ناياب رسالي ۾ چوڏهن صفحا آهن. مخدوم امير احمد ”بذل القوة“ جي مقدمي (ص 30) ۾، هن رسالي ”ارشاد الظريف“ کي مخدوم صاحب جي تصنيفات ۾ شامل ڪيو آهي.

مخدوم صاحب هن رسالي ۾ هڪ محقق استاد ۽ مڃيل مصنف جي حيثيت سان، هڪ نئين سيکڙات ۽ عام مصنف جي رهنمائي ڪندي، تصنيف تاليف، شرح ۽ تفسير ۽ تحقيقي ڪتاب لکڻ جا طور طريقا، قاعدا ۽ قانون تحرير ڪيا آهن، ته مصنف کي پهريائين ڪتاب ۾ بسم الله، الله تعاليٰ جي حمد و ثنا ۽ رسول الله ﷺ تي صلواة سلام لکڻ سان شروع ڪرڻ گهرجي. حمد ۽ صلواة کان پوءِ ڪتاب لکڻ جو مقصد بيان ڪجي. ڪتاب کي باب وار ورهائي، پوءِ سهوليت خاطر هر هڪ باب ۾ مختلف ننڍا ننڍا فصل، الڳ عنوانن سان آڻي ڳالهه کي پُر اثر، عام فهم ۽ مقصد کي چٽو ڪجي.

مخدوم صاحب ليکڪن جي تحرير ۽ تصنيفات کي پڪو پختو ڪرڻ ۽ محققانه بنائڻ لاءِ رهنمائي ڪندي، خاتمي ۾ لکي ٿو:

> ”مؤلف جي مٿان هي ذميواري پوي ٿي، ته ڪتاب لکڻ مهل هو ڪچي ڦڪي ڳالهه، رطب و يابس، ڪمزور ۽ ضعيف روايت کي سمجهي، پروڙي پرکي، ڇنڊڇاڻ ڪري، صحيح ۽ مستند روايتون آڻي، ڪتاب ۾ شامل ڪري ۽ مشهور محقق مصنفن جي ڪتابن جا حوالا ڏئي، پنهنجي تصنيفات کي وزنائتو بنائجي. غير معروف، اڻ ڄاتل هٿ ٺوڪيل مصنفن ۽ ڪتابن جي حوالي کان پاسو ڪجي. ڇو ته خبر ناهي غير معروف مصنف ۽ ڪتاب عادل ۽ محققانه آهن، يا لئي مان لٺ پڇي مصنف ٿيا آهن.
>
> بهرحال، تحقيق کي هر حال ۾ سامهون رکي، قرآن جي تفسيرن ۽ حديث جي رواين ۽ روايتن کي درايت جي ڪسوٽيءَ تي پرکي، مواد کي پوءِ ڪتاب ۾ شامل ڪجي.

مخدوم صاحب هن رسالي ۾ تصنيف، تاليف ۽ شارح جو فرق به بيان ڪيو آهي. مطلب ته پنهنجي فن ۾ هيءُ ننڍو رسالو ”ارشاد الظريف“ نهايت مختصر، جامع ۽ نون عام ليکڪن جي رهنمائيءَ لاءِ تمام ڪارائتو آهي.

------

51. الحجة الجلية في مسئلة سُور الاجنبيھ

هن عربي رسالي ۾ ڇھ صفحا آهن. صفحي جي ڊيگھ اٺ انچ، ۽ ويڪر ڇھ انچ آهي. هر صفحي ۾ 11 سٽون ۽ هر هڪ سٽ ۾ سراسري طور 8 لفظ آهن.

اصل ۾ هيءُ رسالو قاضي غلام محمد هالائي جي ڪتب خاني ۾ هڪ مجموعي ۾ موجود آهي. ان مجموعي مان ڊاڪٽر محمد ادريس السنديءَ سن 1420 هجري ۾ اُتاري، صاف صورت ۾ خوشخط لکيو آهي. ڪتابت ڇاپي جهڙي صاف سهڻي ۽ خوبصورت آهي. راقم وٽ ڊاڪر السندي جي قلمي نسخي جو خوبصورت عڪس موجود آهي.

مخدوم صاحب ٺٽويءَ هن رسالي ۾ ڏاڙهي مرد يا زال جي اوبر جو پاڻي وغيره ڏاڙهين زال يا مرد کي پيئڻ بابت بحث ڪيو آهي. جيتوڻيڪ اها اوبر پليد نہ آهي، پر ڏاڙهي مرد يا زال جي اوبر ڏاڙي زال يا مرد کي پيئڻ مڪروه تہ آهي، پر اها ڪراهت تحريمي آهي يا تنزيهي؟

ان جي علت هيءَ آهي تہ اها اوبر نجس يا پليد نہ آهي، پر جيڪڏهن ڏاڙهي ماڻهو جي اوبر پيئڻ ۾ لذت ۽ شهوت جو ارادو شامل هوندو، تہ پوءِ ظاهر آهي تہ اها اوبر پيئڻ مڪروه تحريمي آهي. ٻيءَ صورت ۾ اها اوبر مڪروه تنزيهي آهي.

تازو قلم:

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جا ڇھ نوان عربي ڪتاب ويجهر ۾ دستياب ٿيا آهن. انهن جو الف- ب وار مختصر تعارف ڏجي ٿو:

52. بسط البرده لدي ناظم البرده (عربي، فارسي):

عشق رسول جي حوالي سان امام بوصيري ۽ سندس ”قصيده بُرده“ عربي ادب ۾ مشهور آهي. ان جا شرح امام باجوري ۽ امام خرپوتي جا لکيل معروف آهن. مخدوم ٺٽويءَ جو هي رسالو مولوي عبدالله فهيمي لاڙڪاڻي واري جي معرفت ايران مان دستياب ٿيو آهي. وڏي سائيز 12 صفحا آهن. مخدوم صاحب جو هي رسالو امام بوصيري ۽ سندس قصيده بابت لکيو آهي. آچر رات 2 محرم 1153هجري ۾ لکيو ويو. رسالو آخر ۾ ناقص آهي ۽ اڻڇپيل آهي.

53. الطريقة الاحمديھ في حقيقة القطع بالافضيلة (عربي):

هيءُ ضخيم ڪتاب عربي، اردو ترجمي ۽ تخريج سان ساڍا ڇھ سو صفحا، 2017ع پروگريسو بڪس لاهور مان ڇپيو آهي، مترجم ۽ محقق ابن يوسف حنفي آهي. هيءُ ڪتاب خلافة راشده جي ترتيب ۽ تحقيق بابت مخدوم صاحب جي ڪتاب ”السنة النبوية“ جو وچون خلاصو آهي.

54. فتح الخلاق بموازين السبعة من الاوفاق (عربي):

مخدوم صاحب هيءُ رسالو 20 جمادي الاوليٰ 1151هجريءَ ۾ لکيو. ڊبل ڪرائون سائيز، 18 صفحا آهن. هن ۾ علم التڪسير تعويذات ۽ نقشن ڀرڻ جا طريقا ۽ اسماءُ الحسنيٰ جا ابجدي عدد ذڪر ڪيل آهن. هيءُ رسالو مولوي عبدالله فهيمي جي ذريعي آگرن جي ڪتبخاني ميهڙ مان عڪس ٿي مليو، قلمي صورت ۾ آهي.

55. القول المعجب في بيان كثرت تشهدات المغرب (عربي):

هيءُ رسالو وڏي سائيز، گهاٽن اکرن ۾ ڇئن صفحن جو، تاريخ 4 ذوالحج 1166هجريءَ ۾ لکيو ويو. هن رسالي ۾ سانجهي نماز ۾ جيترا ڀيرا التحيات پڙهڻ ممڪن ۽ واقع آهي، انهن جو تفصيل آهي، انهن جو تعداد 224 ڀيرا آندو ويو آهي. هي اڻڇپيل رسالو آهي.

56. نصرة النبي الكريم بقتل الساب اللئيم (عربي):

مخدوم صاحب هيءُ رسالو پنجتن پاڪ جي عزت احترام ۾ لکيو ۽ ان ۾ پنهنجي شاگرد مخدوم مئيڏني نصرپوريءَ جو 17 دليلن سان رد لکيو آهي، وڏي سائيز، 12 صفحا، 4 صفر 1168ھ جو لکيل ۽ اڻڇپيل، هن جو ٻيو نالو آهي، السيوف القاهره عليٰ ساب الخمسة الطاهرة.

57. وسيلة القبول في حضرة الرسول (عربي):

مخدوم ٺٽويءَ، نبي سائين تي درود صلواة بابت پهريان فارسيءَ ۾ ”ذريعة الوصول“ نالي ڪتاب لکيو. هيءُ ڪتاب ان جو عربي ۾ خلاصو 10 رمضان 1147ھ ۾ لکيو آهي ۽ ڊاڪٽر محمد ادريس السندي عربي ۾ ايڊٽ

ڪري مڪتبه قاسميه ڪنڊياري مان 1424هه/2013ع ۾ ڇپرايو آهي.

باب چوٿون

(ج) فارسي ڪتابن جو جائزو

1. ذريعة الوصول اليٰ جناب الرسول (ﷺ)

تصفيف جو سال: 17 رجب 1133هه

ڪاتب جو نالو: مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (بخط مؤلف)

ڇپائيءَ جو هنڌ: سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ پريس، ڄام شورو

ڇپائيندڙ: مهراڻ آرٽس ڪائونسل، حيدرآباد سنڌ

ڇپائيءَ جو سال: نامعلوم

صفحن جو تعداد: مقدمو 2 صفحا، متن 62 صفحا، ڪل 64 صفحا. صفحي جي ڊيگهه ست انچ ۽ ويڪر پنج انچ آهي. هر صفحي ۾ 27 سٽون آهن ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 14 لفظ آهن.[1]

موضوع: سيرت النبيﷺ

متن جو شروعات: بسم الله الرحمان الرحيم. سبحانڪ لاعلم لنا الا ما علمتنا انڪ انت العليم الحڪيم ولاحول ولا قوة الا بالله العلي العظيم. الحمدلله رب العالمين حمد الشاڪرين. والصلواة والسلام عليٰ رسوله محمد سيد الاولين والاخرين.

خاتمو: وحال آنڪہ ما در اول شب باتوئيم ونمي بينم ڪہ بصلواة اشتغال مي داري واگر ڪسي بفرستادن درود مشغول گردد و جدوجهد ڪہ زياده ازان درهيچ تصور نيايد و در تمام اوقات و ساعات شبانروز شصت هزار صلوات نمي توان گفت....

مخدوم صاحب جي فارسي تصنيفات مان هيءُ رسالو پهرئين فارسي

---

[1] ”ذريعة الوصول“ جو اردو ترجمو، مولوي محمد يوسف لڌيانويءَ ڪراچي مان 1995ع ۾ شايع ڪيو آهي.
هن جو انگريزي ترجمو زم زم پبلشرز ڪراچي طرفان شايع ٿيو، ۽ مولوي طفيل احمد نقشبندي مڪلي واري 1992ع ۾ سنڌي ترجمو شايع ڪيو. مولوي رفيع الدين چنہ جو ترجمو مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور 1997ع ۾ ڇپرايو آهي. مفتي محمد جان نعيمي ڪراچي واري بہ سنڌي ۾ ترجمو ڪيو ۽ سهڻو ڇپرايو آهي.

دستياب تصنيف آهي. هن ڪتاب جي خاص خوبي اها آهي تہ هيءَ ڪتاب خود مصنف مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي هٿ سان لکيل آهي. ان قلمي نسخي جو عڪس وٺي ڪتابي شڪل ۾ شايع ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت اهلِ علم وٽ مخدوم صاحب جا هٿ اکر پهريون ڀيرو ڇاپي ۾ سامهون آيا آهن. جيتوڻيڪ اڳ ۾ ڪن جهونن ڪتبخانن ۾ مخدوم صاحب جا هٿ اکر ۽ خطي قلمي نسخا موجود آهن، پر اشاعت هيٺ آيل هيءَ پهرئين ڪوشش آهي. هن سڄي ڪوشش جو سهرو علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جي سر تي سونهي ٿو، جنهن مخدوم صاحب جو دستخط نسخو حاصل ڪري، پندرهين صدي هجري تقريبات جي سلسلي ۾ "مهراڻ آرٽس ڪائونسل، حيدرآباد" طرفان شايع ڪرايو آهي. هن رسالي ۾ 23 ڪتابن جا حوالا ڏنل آهن ۽ درود شريف جي عبارت ڳاڙهيءَ مس سان لکيل آهي. راقم جي لائبريريءَ ۾ ڇاپي نسخو موجود آهي. هيءُ رسالو سنڌ جي اڪثر ڪتبخانن ۾ موجود آهي.

مواد جو وچور:

هيءُ رسالو درود شريف بابت مرتب ٿيل آهي، جنهن ۾ درود شريف جا فضائل ۽ اهي صيغا، جي مرفوع موقوف حديثن ۽ آثار صحابہ و تابعين ۽ خواب وغيره جي ذريعي صلواة جي ڪيفيت مليا آهن، انهن جو ذڪر آهي. مخدوم صاحب مقدمي ۾ وضاحت ڪندي لکي ٿو:

"حمد ۽ صلواة کان پوءِ الله جي رحمت ۾ اميدوار ضعيف ٻانهو، محمد هاشم پٽ عبدالغفور سنڌي چوي ٿو تہ هيءُ مختصر رسالو آهي، جنهن ۾ صلواة ماثوره جون ڪيفيات، جيڪي حضورﷺ جن جي مرفوع حديثن ۽ آثار صحابہ ۽ تابعين ۾ وارد آهن، اهي درج ڪيل آهن. البت هن رسالي ۾ ڪجھ صلواة جون ڪيفيات اهڙيون بہ شامل آهن، جيڪي ضعيف حديثن مان وارد آهن. ضعيف، مرسل، منقطع ۽ معضل حديثن تي فضائل اعمال ۾ عمل ڪري سگهبو آهي. ان تي سڀني جو اتفاق آهي. جيئن ابن حجر مڪي 'فتاويٰ حديثيہ' ۾ وضاحت ڪئي آهي. هيءُ رسالو اربعاء جي ڏينهن، تاريخ 2 رجب سن 1133ھ تي لکجڻ شروع ٿيو ۽ تاريخ 17 رجب (پندرهن ڏينهن ۾) لکجي پورو ٿيو. جيتوڻيڪ ان وچ ۾ ڪجھ رڪاوٽون بہ پيون. هن رسالي جو نالو 'ذريعة الوصول اليٰ

جناب الرسول ﷺ' رکيو ويو آهي."

مخدوم صاحب مواد جي ورڇ جو احوال هن ريت آندو آهي:

هن رسالي ۾ ڪل پنج فصل آهن:

فصل-1: صلواة جون اهي ڪيفيتون، جيڪي نبيﷺ جن کان منقول آهن.

فصل-2: صلواة جون اهي ڪيفيتون، جيڪي نبيﷺ جن کان ننڊ ۾ منقول آهن.

فصل-3: صلواة جون اهي ڪيفيتون، جيڪي اصحابن ۽ تابعين جي ڪلام مان منقول آهن.

فصل-4: صلواة جون اهي ڪيفيتون، جيڪي اصحابن ۽ تابعين کان سواءِ علماء راسخين ۽ قدماءِ صالحين کان منقول آهن.

فصل-5: صلواة جي سڀني ڪيفيتن مان وڌيڪ افضل ڪيفيت ڪهڙي آهي؟ ان ۾ عالمن جو اختلاف.

ڄاڻڻ گهرجي تہ احاديث ماثوره جي تعداد ڪي اڳين عالمن جي وڏي جماعت جمع ڪيو آهي.

مخدوم صاحب مقدمي جي آخر ۾ لکي ٿو:

"مون انهن سڀني مصنفن جي ڪتابن مان انتخاب ڪري، اختصار جي طريقي تي هيءُ رسالو مرتب ڪيو آهي. مون اڪثر مواد بالواسطہ ورتو آهي ۽ ڪجھ بغير واسطي جي. مون رڳو صلواة جي ڪيفيات تي اڪتفا ڪئي آهي، البت فضائل صلواة ۽ معنيٰ ڪي ڇڏي ڏنو اٿم، تہ جيئن طالبن لاءِ سولائي ۽ صلواة جي شوق رکندڙن لاءِ سهنجائي ٿئي."

اهڙيءَ ريت رسالي جو پهريون ڀاڱو 42 صفحن تي پورو ٿئي ٿو ۽ ان کان پوءِ ضميمي طور شيخ عبدالحق محدث دهلوي، علامہ قاضي عياض ۽ مخدوم عمر موئره جي رسالي تان صلواة جي صيغن جو احوال شروع ٿئي ٿو، جيڪو 62 صفحي تي ختم ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ اهو ضميمو اڃا جاري آهي، پر اڌوهي ۽ ٻين سببن ڪري اڳتي صفحا ڪاڏل ۽ ڪتل آهن. ڪتاب جي اوڙڪ جو پتو نہ ٿو پوي.

هن ڪتاب جي مرتب، علامہ غلام مصطفيٰ قاسميءَ جو چوڻ آهي تہ (سنڌ جي عالمن مان درود شريف بابت) مخدوم صاحب جي هيءَ پهرئين علمي

ڪوشش آهي.[1]

-----

[1] مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: "ذريعة الوصول" (فارسي) مرتب: علام قاسمي، ڏسو مقدمو ص 2

2. فتح الڪلام في ڪيفيت اسقاط الصلواة والصيام

هن رسالي جو ڪاتب فقير دوست محمد بن شاهه محمد آهي. ڪتابت جو سنه نامعلوم. مواد 27 صفحا آهي. صفحي جي ڊيگهه اٺ انچ ۽ ويڪر ڇهه انچ آهي. هر صفحي ۾ 12 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 12 لفظ آهن. هيءُ رسالو ايتري قدر ته مقبول ٿيو، جو هندستان جي مطبع محمد وزير واقع ڪلڪتي مان سن 1300هه ۾ شايع ٿيو. هن رسالي جو ڇاپي نسخو محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مدرسه سونڊا ۽ ٻين ڪتبخانن ۾ موجود آهي. راقم ڪي انهيءَ رسالي جي هڪ قلمي نسخي جو عڪس سنڌالاجيءَ مان مليو.

مواد جو وچور:

هن رسالي ۾ ميت جي طرفان فديه ادا ڪرڻ جي ڪيفيت ۽ ميت جي طرفان روزن ۽ نمازن معاف ڪرائڻ يا اسقاط جو طريقو بيان ٿيل آهي. مخدوم صاحب هن رسالي جي مقدمي ۾ لکي ٿو:

> "مون هن رسالي کي فارسي عبارت ۾ مومنن جي سهولت خاطر مرتب ڪيو آهي. هيءُ رسالو جمعي جي رات، تاريخ 20 شوال سن 1133هه تي لکڻ شروع ڪيو ويو. هن رسالي جو نالو 'فتح الڪلام في ڪيفيت اسقاط الصلواة والصيام' رکيو ويو آهي ۽ پنجن فصلن تي مشتمل آهي."

اصل ۾ شرعي لحاظ سان ميت جي مٿان جيڪي الله تعاليٰ جا حق، فرض ۽ واجب رهيل آهن، جيئن نماز، روزا، زڪواة، حج، نذر يا باس، ڪفاره، صدقه فطر، عشر ۽ سجده تلاوت وغيره. انهن طرفان فديون ڏيو آهي. مخدوم صاحب به هن رسالي ۾ ميت جي طرفان نماز ۽ روزن جي فديي ۽ اسقاط جو احوال ۽ طريقو بيان ڪيو آهي. هيءُ سمورو مواد پنجن فصلن ۾ ورهايل آهي ۽ انهن جا عنوان هن ريت آهن:

فصل اول: در بيان احڪام وجوبه دادن فديه بر ولي ميت از ترڪه ميت.

فصل دوم: در بيان مقدار فديه صلواة والصيام.
فصل سوم: در بيان آنکه لازم است بر ولي اداء سائر حقوق واجبه بر ولي غير صلواة و صوم از ترکہ او.
فصل چهارم: در بيان کيفيت اسقاط صلواة و صوم بہ فديه .
فصل پنجم: در بيان بعضي مسائل متفرقه با حکام فديه

----

3. رشف الزلال في تحقيق فيءِ الزوال

هن رسالي ۾ 14 صفحا آهن. هر صفحي جي ڊيگهہ ٻارهن انچ ۽ ويڪر ست انچ آهي. هر صفحي ۾ 14 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 18 کان 21 لفظ آهن. ڪاتب ۽ ڪتابت جو سال نامعلوم آهي.

هيءُ رسالو قلمي صورت ۾ فارسي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي. نماز بابت اهم مسئلي جي تحقيق ٿيل آهي. راقم وٽ ڳڙهي ياسين ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪتبخاني جا عڪس موجود آهن. هن جي خاص خوبي هيءَ آهي تہ مخدوم صاحب فارسيءَ سان گڏ پنهنجا خواه اڳين عالمن جا سنڌي شعر حوالي طور آندا آهن. خود مخدوم صاحب جي فارسي شاعريءَ جا 11 نوان بيت بہ دستياب ٿيا آهن. راقم هن رسالي جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي، جو سن 1994ع ۾ سنڌي لينگئيج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ طرفان ڊاڪٽر بلوچ جي مهاڳ سان شايع ٿيو آهي.

مواد جو وچور:

اسلام جي پنجن رڪنن مان ”نماز“ کي اهم حيثيت حاصل آهي. نماز ادا ڪرڻ لاءِ وري صحيح وقت سڃاڻڻ ۽ وقت تي پابنديءَ سان نماز ادا ڪرڻ لازمي آهي. هينئر تہ گهڙيال ۽ واچون عام جام آهن. ايتري قدر جو نماز جي بانگ بہ ريڊئي ۽ ٽيليويزن تان نشر ٿئي ٿي، تنهنڪري نماز جي وقتن جي سمجهڻ لاءِ ڪابہ ڏکيائي ڪانهي. گذريل دور ۾ اڪثر وقت جو حساب رات جو تارن ۽ نکٽن ذريعي جاچيندا هئا ۽ ڏينهن جو وري خاص ڪري ٻپهري نماز جو پهريون ۽ آخري وقت سج جي پاڇي وسيلي معلوم ڪري، نماز ادا ڪندا هئا. شرعي لحاظ سان بہ هر نماز مقرر وقت تي پڙهڻي آهي. اڳئين نماز جو وقت پُور منجهند ٿيندي ئي سج لڙڻ سان شروع ٿئي ٿو. پر سوال هو تہ اڳئين نماز جي آخري وقت واريءَ حد کي لڙيل پاڇي جي لحاظ سان ڪيئن سڃاڻجي ۽ ٽپهري نماز جي شروعات ڪيڏيءَ مهل ڪجي؟

سج اڀرڻ کان پوءِ جيئن جيئن سج مٿي چڙهندو ايندو آهي، تيئن تيئن هر شيءِ جو پاڇو گهٽبو ويندو آهي. جڏهن سج پنهنجي پنڌ جو پورو اڌ ختم ڪري

ڪاپار تي ايندو آهي، تڏهن هر شيءِ جو پاڇو ننڍي ۾ ننڍو ٿيندو آهي. جنهن کي فقه وارن جي اصطلاح ۾ ”اصلي پاڇو“ يا ”فيءِ الزوال“ چئبو آهي. فقه جي مشهور درسي ڪتاب ”قدوري“ جو صاحب لکي ٿو:

”ظهر جو وقت سج لڙڻ کان شروع ٿئي ٿو ۽ امام ابو حنيفي رحمة الله عليه جي نزديڪ انهيءَ وقت ختم ٿئي ٿو، جڏهن هر هڪ شيءِ جو پاڇو انهيءَ شيءِ کان ٻيڻو ٿي وڃي ٿو. امام ابو يوسف ۽ امام محمد جي نزديڪ ظهر جو وقت تڏهن ختم ٿئي ٿو، جڏهن هر هڪ شيءِ جو پاڇو انهيءَ جيترو ٿئي ٿو.“ [1]

هيءَ ڳالهه خيال ۾ رکڻ گهرجي ته هيڪوٽي يا ٻيڻي پاڇي ۾ اهو پاڇو شمار نه ڪبو، جو هرهڪ شيءِ تي ٺيڪ منجهند وقت موجود هوندو آهي. جڏهن سج چوٽيءَ تي ايندو آهي، جنهن کي ”فيءِ الزوال“ چوندا آهن.[2]

هن رسالي جي لکجڻ جو پس منظر هيءُ آهي ته مخدوم صاحب کان اڳ ۾ ٻپهريءَ جو اصلي پاڇو ماپڻ، ان کي سمجهڻ ۽ سڃاڻڻ لاءِ سنڌ جي ڪن عالمن فارسي ڪتابن ۽ سنڌي بيتن ۾ اصلي پاڇي جا اصول ۽ طور طريقا بيان ڪيا، جيڪي غالباً سنڌ کان ٻاهر ڪن ٻين ملڪن لاءِ اتان جي عالمن عربيءَ يا فارسي عبارت ۾ لکيا هئا، جن کي وري سنڌ جي عالمن سليس فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ منظوم ڪيو.

مخدوم صاحب سنڌ جي عالمن جا اهي آڳاٽا فارسي ۽ سنڌي بيت پنهنجي هن رسالي ۾ حوالي طور نقل ڪيا آهن. مخدوم صاحب تحقيق ۽ تجربو ڪري، انهن جدولن ۾ غلطيون محسوس ڪندي پاڻ هن ريت تجربو ڪيو. مخدوم صاحب لکي ٿو:

”جڏهن ٻين مصنفن جون عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ لکيل جدولون پيٽيون ويون ته انهن ۾ ڪافي فرق هو، جو ته انهن بزرگن اڳين ڪتابن ۾ جيڪو طريقو ذڪر ڪيل ڏٺو ان کي سنڌي بيتن ۾ آڻي ڇڏيائون. اصل ۾ اهو پاڇو ٻين ملڪن ۾ آزمايل هو. ان ڪري مون پاڻ ابتدا حمل تاريخ 6 جمادي الاوليٰ سن 1132ھ تي اصلي پاڇو ڪڇڻ شروع ڪيو. اهڙيءَ طرح اهو تجربو شمسي سال جي برابر 17

(1) ابوالحسين احمد بن محمد بغدادي القدروي: ”القدوري“ (عربي)، ص 34
(2) مخدوم امير احمد: ”تعليمات اسلام“ (ترجمو: قدوري سنڌي) حصو 2، ص 24

جمادي الاوليٰ سن 1133ھ تي پورو ٿيو. وري احتياط طور ٻئي سال به ساڳيو تجربو جاري رکيو ويو، ته جيئن پاڇي جي ماپ ۾ ڪا سهو خطا نه ٿئي. اهو اصلي پاڇي جي ماپ جو طريقو ۽ تخمينو ٽن چئن ماڻهن جي قد ۽ پاڇي سان ٿي ماپيوسين. احتياط طور سيني مان وچولي قد واري ماڻهوءَ جي ماپ کي اعتبار ڪيو ٿي ويو. اها ماپ هر هفتي جاري رهي، البت ڪن اڻٽر مجبورين جهڙ وغيره جي ڪري، ڪڏهن ٻئي هفتي به ماپ ٿي ڪئيسون. اها ٻنهي سالن جي ماپ نهايت احتياط ۽ خبرداريءَ سان ڪئي وئي.“

جيتوڻيڪ مخدوم صاحب هن رسالي ۾ جيڪي اڳين عالمن جا فارسي ۽ خاص ڪري سنڌي بيت حوالي طور آندا آهن، انهن ۾ آيل تحقيق اڻ پوري ۽ بيان ڪيل جدولون غلط آهن، پر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق مطابق تاريخي لحاظ کان اهي سنڌي بيت آڳاٽا آهن. ان ڪري سنڌي تحرير جي تاريخ ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. ٿي سگهي ٿو ته اهي منظوميا ڏهين يا يارهين صدي هجري (16 - 17 صدي عيسوي) جا هجن. چاڪاڻ ته انهن منظومين کي مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ پنهنجي ڪتاب ”رشف الزلال“ ۾ نقل ڪيو آهي.... سنڌي ٻوليءَ جي آڳاٽي لغت جي لحاظ سان اهي ٻئي منظوميا هڪ دستاويزي حيثيت رکن ٿا.[1]

مخدوم صاحب مقدمي ۾ وضاحت سان لکي ٿو:

”هيءُ رسالو سنڌ ملڪ جي شهر ٺٽي، نصرپور ۽ انهن جي آسپاس واري علائقي ۾ اصلي پاڇي جي تحقيق ۽ ان جي مقدار ۽ اندازي جي باري ۾ لکيل آهي، جنهن کي مومنن جي سهنجائيءَ خاطر فارسي (۽ سنڌي) ٻوليءَ ۾ مرتب ڪيو ويو آهي. هن رسالي جو نالو آهي: ’رشف الزلال في تحقيق فيءِ الزوال.‘ هيءُ رسالو سومر جي ڏينهن 24 شوال سن 1133ھ ۾ لکڻ شروع ڪيو ويو.“

مخدوم صاحب هن رسالي جو مواد مقدمي، ٽن فصلن ۽ خاتمي ۾ ورهايو آهي.

------

(1) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ“، ص 421

4. حيات الصائمين

هيءَ ضخيم فارسي ڪتاب آهي. متن 475 صفحا، فهرست ۽ ڪاتب جو نوٽ 15 صفحا، ڪل 490 صفحا. صفحي جي ڊيگهه يارهن انچ ۽ ويڪر اٺ انچ آهي. هر صفحي ۾ 16 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 20-25 لفظ آهن. ڪتابت جي تاريخ 7 جمادي الاخريٰ 1336هجري آهي ۽ ڪاتب خيرپور رياست جو مفتي محمد سعد الله انصاري آهي، جيڪو تعلقي سڪرنڊ جي درگاهه خياري شريف جو مريد هو. روزن جي مسئلن بابت اهڙو جامع ڪتاب ڪو مشڪل لکيو ويو هجي! هن رسالي جا قلمي نسخا درگاهه خياري شريف، الڪبير اڪيڊمي- ڪوٽڙي ڪبير، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي لائبريري، ڪتبخانه سرهندي - مٽياري، سنڌالاجي لائبريري، ڪتبخانه مدرسه حماديه- هاليجي، مدرسه مجدديه نعيميه- ملير، ڪراچي ۾ موجود آهن. راقم وٽ درگاهه خياري شريف جو عڪسي نسخو موجود آهي.[1]

مواد جو وچور:

"حيات الصائمين" جو مواد هن ريت ورهايل آهي: مقدمو، 14 باب ۽ خاتمو. مخدوم صاحب جو هن کان اڳ ۾ روزن جي باري ۾ عربيءَ ۾ هڪ ڪتاب "مظهر الانوار" نالي لکيل آهي. مخدوم صاحب پاڻ خود انهيءَ ڪتاب جو فارسيءَ ۾ "حيات الصائمين" نالي ترجمو ڪيو. مخدوم صاحب مقدمي ۾ لکي ٿو:

"ڪن اهلِ صفا قرب وارن چيو، ته منهنجو روزن جي مسئلن تي اڳ ۾ جامع ڪتاب 'مظهر الانوار 'عربيءَ ۾ لکيل آهي، ان جو فارسي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪجي ته جيئن شاگردن کي سمجهڻ ۾ سهنجائي ٿئي. پوءِ دوستن جي چوڻ تي عربيءَ مان فارسيءَ ۾ ترجمي جو ڪم پنهنجي ذمي سمجهيم. تاريخ 17 ربيع الاخر سنه 1131هه، جمعي جي ڏينهن نماز کان پوءِ اهو ترجمي جو ڪم هٿ ۾ ڪنيم.

---

(1) حيات الصائمين سيد شبير احمد شاهه اميناڻي شريف ضلع دادو وارو سنڌ يونيورسٽي مان پي.ايچ.ڊي ڊگري لاءِ ايڊٽ ڪرڻ جو ارادو ۽ ڪوشش ڪري رهيو آهي.
مرحوم مولوي گرماڻي دادو وارو به ڪتاب "حيات الصائمين" جو سنڌي ترجمو ڪري رهيو هو.

هن رسالي جو نالو 'حيات الصائمين' رکيو ويو آهي. **الله تعاليٰ** ۾ اميد آهي ته هن نسخي مان مومنن کي فائدو ٿيندو ۽ ڪتاب مان فائدو حاصل ڪندڙن جون دعائون مصنف جي روح کي رسنديون. جيڪو به هن نسخي ۾ ڪا سهو ۽ خطا ڏسي ته اهو عفو ۽ ڪرم سان ڍڪي ۽ اصلاح ڪري. بيشڪ **الله** تعاليٰ اصلاح ڪرڻ وارن جو ثواب ضايع نه ٿو ڪري."

"حيات الصائمين" جي مقدمي ۾ مخدوم صاحب 307 ڪتابن جي فن وار فهرست ڏني آهي، جي وٽس هن ڪتاب جي تصنيف وقت حوالي طور سندس سامهون هئا. هن رسالي ۾ روزي جي باري ۾ اهڙو ڪو به مسئلو نه آهي، جنهن کي ڪولي نه سمجهايو ويو هجي. البت، جيئن ته هيءَ ڪتاب "مظهر الانوار" عربي جو ترجمو آهي، ان ڪري اصل جي پيٽ ۾ ڪجهه اختصار کان ڪم ورتل آهي. اهڙو اشارو مخدوم صاحب به هن ڪتاب جي منڍ ۾ ڏنو آهي. ڪتاب جو مواد باب وار هن ريت ورهايل آهي:

مقدمو: حمد ۽ صلواة کان پوءِ مقدمي ۾ ڪتاب جي تصنيف جو مقصد، تصنيف جو سال ۽ حوالي طور آيل 307 ڪتابن جا نالا فن وار درج آهن. مقدمي ۾ ڪل پنج فصل آهن:

فصل پهريون: روزي جي حقيقت جي بيان ۾

فصل ٻيو: روزي جي شرطن جي بيان ۾

فصل ٽيون: روزي جي حڪم ۽ محاسن جي بيان ۾

فصل چوٿون: روزي جي قسمن جي بيان ۾

فصل پنجون: رمضان مهيني جي ڪن خاص فائدن جي بيان ۾

باب پهريون: روزي جي نيت جي مسئلن جي بيان ۾ - هن باب ۾ ڪل 9 فصل آهن، جن سيني جو واسطو نيت سان آهي.

باب ٻيو: چنڊ ڏسڻ جي مسئلن جي بيان ۾ - هن باب ۾ ڪل 16 فصل آهن. جن ۾ چنڊ ڏسڻ، رمضان جي روزن بابت چنڊ ڏسڻ جي شاهدن وغيره جو تفصيل آهي.

باب ٽيون: روزي جي ڀڃڻ ۽ قضا بابت آهي، جنهن ۾ روزي ڀڃڻ جي ڪري قضا ۽ ڪفارو گڏ واجب ٿئي ٿو. ان جو سمورو تفصيل آيل آهي.

باب چوٿون: روزي ڀڃڻ ۽ ڪفاري کان سواءِ قضا واجب ٿيڻ جي بيان ۾ -

هن باب ۾ ڪل 8 فصل آهن. هنن فصلن ۾ اهو تفصيل آهي ته روزي ڀڃڻ جي حالت ۾ روزو قضا ته ڪرڻو پوندو، البت ڪفارو ادا نه ڪبو.

باب پنجون: انهن شين جو بيان جن جي ڪري زورو بنهه ڪو نه ٿو ڀڄي - هن باب ۾ ٻه فصل آهن، جن ۾ اهو بيان آهي ته هنن شين ۽ ڳالهين جي ڪري روزي تي ڪو به اثر ڪونه ٿو پوي ۽ روزو برقرار رهي ٿو.

باب ڇهون: جيڪي ڪم روزي ۾ ڪرڻ مڪروه آهن يا مڪروه ناهن جي بيان ۾ - هن باب ۾ ٻه فصل آهن. انهن ٻنهي فصلن ۾ اها وضاحت آيل آهي ته روزي ۾ ڪهڙا ڪم ڪرڻ مڪروه آهن ۽ ڪهڙا ڪم ڪرڻ مڪروه نه آهن.

باب ستون: سحري کائڻ ۽ افطار ڪرڻ جي باري ۾ - هن باب ۾ ڪل 7 فصل آهن، جن ۾ روزي رکڻ مهل کائڻ پيئڻ ۽ روزي کولڻ جو پورو احوال درج آهي.

باب اٺون: رمضان مبارڪ جي روزن دوران جائز عذر جي بيان ۾ - هن باب ۾ ڪل 11 فصل آهن، جن ۾ اهو تفصيل آيل آهي ته اهڙو ماڻهو جنهن کي اهڙو جائز عذر ۽ سبب آهي. جن جي ڪري رمضان مبارڪ جي سڄي مهيني ۾ روزو نه رکي ۽ کائي پي سگهي ٿو.

باب نائون: روزيدار وانگر تشبيهه طور پاڻ کي روڪڻ جي بيان ۾ - هن باب ۾ ٽي فصل آهن، جن ۾ اهو بيان آيل آهي ته رمضان مبارڪ ۾ صبح، منجهند يا شام يعني ڏينهن جو ڪو ڇوڪرو بالغ ٿيو، حيض واري عورت حيض کان پاڪ ٿي يا ڪافر مسلمان ٿيو، ته اهو شخص روزي واري باقي رهيل ڏينهن جو حصو روزي ۽ رمضان مبارڪ جي احترام طور نه ڪجهه کائي ۽ نه پيئي. پر روزيدار وانگر پاڻ کي ڏينهن جو باقي رهيل وقت، کائڻ پيئڻ ۽ هر ڳالهه کان روڪي ڇڏي.

باب ڏهون: روزي جي سيني قسمن جي بيان ۾ - هن باب ۾ ٽي فصل آهن، نفل، مستحب روزن جو بيان تفصيل سان آيل آهي.

باب يارهون: باس جي روزن جي بيان ۾ - هن باب ۾ پنج فصل آهن، جن ۾ نذر معين ۽ باس جي روزن جي باري ۾ وضاحت آيل آهي.

باب ٻارهون: رمضان جي قضا روزن ۽ نذر معين جي قضا روزن جي بيان ۾ - هن باب ۾ هڪ فصل آهي، جنهن ۾ اهو مواد شامل آهي ته رمضان مبارڪ جي قضا روزن جو طريقو ڪهڙو آهي! ۽ مقرر باس جي روزن قضا ڪرڻ جو نمونو ڪهڙو آهي؟

باب تيرهون: رمضان ۾ روزي ۾ کائڻ ۽ ڪفاري جي بيان ۾ - هن باب

۾ پنج فصل آهن، جن ۾ اهو بيان آهي ته ڄاڻي واڻي روزي ڀڃڻ جو گناهه توبهه سان لهي ٿو يا نه، يا ڪفاري ڏيڻ سان گناهه لهي ٿو. ان سان گڏ ڪفاري جا شرط، رڪن، ڪفاري ادا ڪرڻ جو طريقو وغيره به درج آهي.

باب چوڏهون: اعتڪاف جي مسئلن جي بيان ۾ - هن باب ۾ ڪل 11 فصل آهن، جن ۾ اعتڪاف لفظ جو تفسير، رڪن، شرط، اعتڪاف جا قسم، اعتڪاف ڀڃڻ، عورت جو گهر ۾ اعتڪاف ۾ ويهڻ ۽ ان سان لاڳو مسئلا بيان ٿيل آهن. ان کان سواءِ شب قدر جو پورو تفصيل ۽ فضيلت وغيره به آيل آهي.

مخدوم صاحب ڪتاب جي آخر ۾ ترجمي شروع ڪرڻ ۽ پوري ٿيڻ جي تاريخ بيان ڪندي لکي ٿو:

”هن ڪتاب (حيات الصائمين) کي خميس جي ڏينهن ٻيهريءَ جي وقت، 17 ذوالحج سن 1133ھ تي لکي پورو ڪيم. هيءُ ڪتاب 17 ربيع الاخر سن 1131ھ تي لکڻ شروع ڪيو هئم. پوءِ سمورو وقت ٻه سال ۽ اٺ مهينا ٿئي ٿو. پر هڪ مهيني گهٽ ٻه سال ڪي ضروري ڪم ڪار ۽ مجبورين وچ ۾ واقع ٿيون. تنهنڪر لڳ ڀڳ 9 مهينن ۾ هي ڪتاب لکي پورو ڪيم.“

هيءُ ڪتاب جيتوڻيڪ ترجمو آهي، پر پڙهڻ سان اصل جو گمان ٿئي ٿو. مخدوم صاحب جيڪڏهن مقدمي ۾ اها وضاحت نه ڪري ها ته ڪا به خبر نه پوي ها ته ”حيات الصائمين“ اصل فارسي ۾ لکيل آهي، يا ”مظهر الانوار“ عربيءَ جو ترجمو آهي. مخدوم صاحب روزن بابت ”مظهر الانوار“ عربي، ”حيات الصائمين“ فارسيءَ سان گڏ سنڌيءَ ۾ ”زادالفقير“ نالي رسالو پڻ لکيو آهي.

------

5. فتح القوي في نسب النبيﷺ

سيرت پاڪ جي حوالي سان مخدوم صاحب جو هيءُ بهترين فارسي ڪتاب آهي. راقم وٽ هن ڪتاب جا ٻه عڪسي نسخا آهن. مڪمل نسخو ڪاتب غلام الصديق الصديقي السنّي الحنفي جو 4 شوال 1351 هجري جو لکيل موجود آهي، جنهن ۾ 155 صفحا آهن. صفحي جي ڊيگهه ٻارهن انچ ۽ ويڪر ست انچ آهي. هر صفحي ۾ 21 کان 28 سٽون ۽ سراسري طور 20 لفظ آهن. سڄو ڪتاب ڪاري مس ۽ وچولي قلم سان لکيل آهي. البت باب، فصل ۽ خاص نالا ڳاڙهيءَ مس ۾ لکيل آهن.

”فتح القوي“ ۾ مخدوم صاحب ٻن سون کان وڌيڪ ڪتابن جا حوالا آندا آهن ۽ فن سيرت جو تحقيقي معيار قائم رکيو آهي. هن ڪتاب جي قلمي نسخي جو عڪس تعلقي واره جي جوڻاٽي شريف جي ڪتبخاني مان مخدوم غلام عمر عرف منور علي وٽان مليو. هن ڪتاب جي هڪ ٻئي نسخي جو عڪس مولوي غلام محمد ڏاهري موري واري کان ٻه مليو آهي. ان پوئين نسخي جي سائيز ننڍي آهي ۽ 350 صفحن تي پکڙيل آهي. ڪتابت تمام سهڻي ۽ صاف ٿيل آهي. هن نسخي جو ڪاتب عبدالحق آهي، ليڪن ڪتابت جو سن لکيل ڪونهي. ازانسواءِ پهريون صفحو ناقص اٿس. هيءُ ڪتابت گهڻو عرصو اڳ مطبع فيض عثماني ڪراچي مان 1303ھ ۾ ٻه ڇپيو هو. جو سنڌ جي ڪن جهونن ڪتبخانن ۾ ۽ راقم وٽ فوٽو اسٽيٽ موجود آهي.[1]

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب، رسول اللهﷺ جن جي سيرت، نسب مبارڪ، درود، حضور جن جي شان، اسماء الرسول ۽ معجزن بابت ويهارو کن عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکيا آهن. انهن ۾ فارسيءَ ۾ لکيل مخدوم صاحب جو ڪتاب ”فتح القوي في نسب النبي“ رسول اللهﷺ جن جي حسب نسب جي

---

[1] نوٽ: هيءُ ڪتاب ”نسب النبي ﷺ“ جي نالي سان مولوي عبدالوهاب چاچڙ روهڙي واري 2003ع ۾ سنڌي ترجمو ڪري شايع ڪيو آهي.

باري ۾ هڪ مشهور تحقيقي ڪتاب آهي.

مخدوم صاحب هن ڪتاب ۾ حضورﷺ جن کان وٺي عدنان تائين، عدنان کان وٺي اسماعيل عليه السلام تائين ۽ حضرت ابراهيم عليه السلام کان وٺي آدم عليه السلام تائين نسب جو سلسلو بيان ڪيو آهي. ان نسب نامي ۾ جيڪي اختلاف آهن، انهن کي حوالن سميت کولي سمجهايو ويو آهي. حضورﷺ جن جي والدين، يعني پيءُ عبدالله ۽ ماءُ آمنه جي باري ۾ نهايت تحقيقي حوالا ڏئي ثابت ڪيو ويو آهي ته: ”اهي سڳورا جيئن ته حضور جن جي اعلانِ نبوت کان اڳ ۾ وصال ڪري ويا هئا، ان ڪري انهن تي ڪابه سختي ۽ عذاب ڪونهي. حضورﷺ جن معجزي ذريعي انهن ٻنهي کي زنده ڪيو هو ۽ انهن سڳورن حضورﷺ جن تي ڪلمو به پڙهيو هو ۽ اهي چوٽڪاري وارا آهن. بهرحال، حضورﷺ جن جي نسبت ڪري سندن والدين جي باري ۾ اسان کي خاموشي اختيار ڪرڻ گهرجي.“

هن ڪتاب ۾ آيل مواد هن ريت ورهايل آهي:

مقدمو: مخدوم صاحب حمد ۽ صلواة کان پوءِ لکي ٿو:

”هيءُ رسالو حضرت پيغمبر خداﷺ جن جي نسب جي باري ۾ آهي. حضورﷺ جن جي والد سڳوري کان وٺي حضرت آدم عليه السلام تائين شرح ۽ شجري جو احوال آهي. هن رسالي جو نالو ’فتح القوي في نسب النبيﷺ‘ آهي. هيءُ رسالو محرم مهيني جي آخري ڏهي ۾ سن 1133ھ تي لکڻ شروع ڪيو ويو ۽ 14 ربيع الاول 1133ھ تي (هڪ مهيني ۽ چوويهن ڏينهن ۾) لکي پورو ڪيو.“

هن رسالي ۾ ٽي باب آهن. هر باب ۾ مختلف فصل، سوال جواب، تڪملہ ۽ خاتمو آهي.

باب پهريون: هن باب ۾ حضورﷺ جو نسب نامو سندن والد سڳوري حضرت عبدالله کان ويندي حضرت آدم عليه السلام تائين مختصر بيان ٿيل آهي.

باب ٻيو: هن باب ۾ حضورﷺ جن جي نسب جو سلسلو تفصيل سان آيل آهي، جنهن ۾ حضورﷺ جن کان وٺي حضرت آدم عليه السلام تائين پشت به پشت نسب نامو تحقيقي حوالن سان بيان ٿيل آهي.

هن باب ۾ ٻه فصل آهن. پهرئين فصل ۾ علامہ ابي علي جواني رحہ جي تحقيق موجب نسب وار نالا آيل آهن: ٻئي فصل ۾ مشهور سيرت نگار ابن

اسحاق جي تحقيق موجب نسب وار نالا درج آهن. ان کان علاوه حضورﷺ جن جي چئن يارن ۽ عشره مبشره جي نسب جو احوال به مختصر نموني ۾ آيو آهي. مخدوم صاحب لکي ٿو:

”اهي ڏهه اصحاب سڀئي قريشي آهن. ان ڪري انهن جو احوال به هن سلسلي ۾ درج ڪجي ٿو.“

ٽيون باب: هيءُ باب حضرت رسول اللهﷺ جن جي والدين جي اسلام ۽ ايمان جي باري ۾ آهي. انهيءَ سلسلي ۾ مخدوم صاحب ٽي مبحث ذڪر ڪيا آهن:

1. حضورﷺ کان وٺي حضرت آدم عليه السلام تائين جيڪي به نالا حضور ﷺ جن جي نسب نامي ۾ آيل آهن، اهي سڀ الله تعاليٰ جا مڃيندڙ ۽ مسلمان مومن هئا. ان ڪري حضور جن جا والدين به ناجي يعني ڇوٽڪاري وارا آهن.
2. ڪي وري هن قول جا مخالف آهن.
3. ڪن وري هن مسئلي ۾ توقف ۽ سڪوت اختيار ڪيو آهي.

مخدوم صاحب سڀ مبحث آڻي، تحقيق ڪري قرآن مجيد، حديث پاڪ، سيرت ۽ تاريخ جي حوالن سان دليل ڏئي، حضور ﷺ جن جي والدين جو ايمان ثابت ڪيو آهي.

مخدوم صاحب پنهنجي وطن ”سنڌ“ جو لفظ جو هن ڪتاب ۾ ضمناً آندو آهي. پاڻ حضرت نوح عليه السلام جي سلسلي ۾ سندس پٽن ۽ پوٽن جي ذڪر ۾ لکي ٿو، ته حضرت نوح عليه السلام کي چار پٽ هئا: سام، حام، يافث ۽ ڪنعان.

حام کي نَو پٽ هئا: هند، سنڌ، زنج، نوبه، ڪنعان، ڪوش، قبط، سبن ۽ حبش.

سام کي ست پٽ هئا: ارفخشد، ڪيومرث، ارم، اسود، معن، يورخ ۽ لاود.

يافث کي يارنهن پٽ هئا: چين، سقلاب، ميشح، ڪماري، ترڪ، خلج، فرد، روس، سرسان، غر ۽ تارج.

سنڌ جي باري ۾ اختلاف آهي. هڪ هي ته سنڌ حام جو پٽ هو ۽ نوح عليه السلام جو پوٽو هو. (جنهن جي نالي سان اسان جي ملڪ سنڌ جو نالو پيو) ٻيو هي ته سنڌ ۽ هند ٻئي ڀائر ته آهن، پر اهي نوح عليه السلام جا پوٽا ڪو نه آهن. البت نوح عليه السلام جي پڙپوٽي نوفر جو اولاد آهن. جيئن

هيٺئين شجري ۾ آيل آهي: سنڌ ۽ هند بن نوفر بن يعطب بن حام بن نوح عليه السلام.

تحقيق جو انداز:

مخدوم صاحب جي تحقيق جو انداز ۽ علمي ڪاوشن جو نمونو نرالو آهي. حضور ﷺ جن کان وٺي حضرت آدم عليه السلام تائين جيڪي به نسب نامي ۽ شجري مبارڪ ۾ پاڪ نالا آيل آهن، مخدوم صاحب انهن نالن جي حوالن سميت لغوي تحقيق به ڪئي آهي، ته اهي نالا اصل ۾ سرياني، عبراني يا عربي ٻوليءَ جا آهن ۽ انهن نالن جي اصلي معنيٰ ڇا آهي؟ مثال طور ”فِهر“ فهر جي ”ف“ کي زير، ”هه“ ساڪن جزم سان ۽ آخر ۾ ”ر“ آهي. فهر جي معنيٰ آهي ڊگهو پٿر. ”سهيلي“ ائين چيو آهي. ”خشني“ جو چوڻ آهي ته فهر هٿ جيتري پٿر کي چئبو آهي. فهر کي قريش چون ٿا. فهر ۽ ان جو اولاد قريش آهن. فهر مڪي وارن جو سردار هو. ان کان عرب ڊڄندا هئا ۽ سندس عزت ڪندا هئا.

مخدوم صاحب ”قريش“ لفظ تي بحث ڪندي، ان جون به ٽي معنائون لکيون آهن:

1. قريش نالي هڪ دريائي جانور آهي، جيڪو سڀني جانورن کي کائي ختم ڪندو آهي، چو ته طاقتور جانور آهي. ان طاقت جي ڪري ماڻهن ۾ قريش نالو مشهور ٿي ويو.
2. ڪن چيو آهي ته قريش جي معنيٰ آهي واپار ۽ ڏيڻ وٺڻ. قريش به واپار ڪندا هئا ۽ اخذ ۽ عطا به ڪندا هئا.
3. ڪن چيو آهي ته قريش جي معنيٰ آهي تفتيش يعني ڳولا ڦولها ۽ برابر قريش مسڪينن جو حال احوال پڇندا ۽ انهن کي ڳوليندا رهندا هئا ۽ مسڪينن جي مدد به ڪندا هئا.

مخدوم صاحب پنهنجن ڪتابن ۾ تحقيق جا درياءَ پلٽيا آهن. مخدوم صاحب فارسي نظم ۾ ”هاشم گدا“ جو تخلص ڪتب آندو آهي، پر فارسي نثر ۾ ٻين عالمن ۽ ڪتابن جي تحقيق آڻي آخر ۾ لکندو ويو آهي ”اين ضعيف ميگويد.“ اهڙيءَ ريت لفظ ”فهر“ ۽ ”قريش“ تي بحث ڪندي، مخدوم صاحب صرف صفحي نمبر 50 تي ”هيءُ ضعيف چوي ٿو“ لکي، تفسير، فقه، لغت وغيره جي 28 ڪتابن جا حوالا ڏئي، تحقيق ۾ ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي.

صفحي نمبر 50 تي هيءُ حوالا درج آهن:

تفسير: تفسير ثعلبي، تفسير ڪشاف، تفسير بيضاوي، تفسير مدارڪ نسفي ۽ تفسير جلالين.

فقهه حنفي: معراج الدرايه، عيني، غاية البيان، هدايه، شرح وقايهه صدر الشريعت، شرح مختصر وقايه ابي المڪارم ۽ بحرالرائق شرح ڪنزالدقائق.

لغت: صحاح جوهري، صراح مختصر صحاح، مغرب في لغات فقه الحنفيه برهان الدين المطرزي، ڪتاب المصباح المنير في لغات فقه الشافيه المغربي، الدرالمصون في علم الڪتاب المڪنون

ان کان سواءِ شهاب الزهري، حافظ ابن حجر، محمد بن اسحاق صاحب المغازي، معمر بن مثنيٰ، قاسم بن سلام، امام شافعي، حافظ صلاح الدين، ابن عمر، علامہ ابي الحسن اخفش، حماد بن سلمه ۽ حذيفه بن يمان بحوالہ سيرت شامي وغيره.

مخدوم صاحب لفظ "آدم" تي تحقيق ڪندي لکي ٿو:

1. اهل ڪتاب وٽ "آدم" لفظ جي معنيٰ آهي خاڪ، مٽي، ان ڪري ڪيس آدم سڏيو ويو. "آدام" مان الف حذف ڪري ڇڏيائون.

2. "جوهري" ۽ "بيهقي" جو قول آهي تہ "آدم" لفظ عربي آهي، البت ان جي اشتقاق جي باري ۾ اختلاف آهي. ڪي چون ٿا تہ آدم افعل جي وزن تي آهي ۽ "ادمهہ " کان مشتق آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڪڻڪ رنگو هجڻ. ان ڪري حضرت آدم عليه السلام کي "آدم" يعني ڪڻڪ رنگو سڏيو ويو.

3. ڪن جو چوڻ آهي تہ آدم "ادم" مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي گڏيل، مليل، جيئن تہ حضرت آدم عليه السلام کي مٽي ۽ پاڻيءَ سان ملائي ٺاهيو ويو هو، ان ڪري سندس نالو آدم پيو.

ان کان سواءِ مخدوم صاحب "آدم" لفظ جي باري ۾ ٻيا بہ قول آندا آهن.

بهرحال، "علم الانساب" جي حوالي سان حضور جن ﷺ جي نسب جي سلسلي ۾، مخدوم صاحب جو هيءُ بهترين ڪتاب آهي ۽ سيرت النبي ﷺ جي سلسلي ۾ وڏو معلوماتي خزانو آهي.

----

6. زاد السفينة لسالڪي المدينة

هن رسالي ۾ 45 صفحا آهن. صفحي جي ڊيگهہ اٺ انچ ۽ ويڪر ڇهہ انچ آهي. هر صفحي ۾ 16 سٽون ۽ هر سٽ ۾ بہ 16 لفظ آهن. ڪاتب محمود الزطي ۽ ڪتابت جي تاريخ 30 جمادي الاخر 1382 هجري آهي. هيءُ رسالو اڻ ڇپيل آهي. تيهارو سال اڳ ڪنهن پراڻي نسخي تان ڪاتب محمود الزطي سهڻن اکرن ۾ هن رسالي کي اتاري، رسالي کي سمجهڻ ۽ پڙهڻ ۾ آساني پيدا ڪري ڇڏي آهي. جهونن ڪرم خورده قلمي نسخن جي بدران هن رسالي جهڙي صاف قلمي نسخي کي پڙهڻ لاءِ بار بار دل گهري ٿي. هن رسالي جا 32 صفحا فارسي نثر ۾ ۽ 13 صفحا عربي نظم ۾ آهن. هن رسالي جا قلمي نسخا هيٺين ڪتبخانن ۾ موجود آهن: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي- حيدرآباد، نيشنل ميوزيم - ڪراچي، قاضي محمد موسيٰ - سوندا ۽ عبدالله گندرو - سوندا. راقم وٽ قاضي محمد موسيٰ سوندن واري جي نسخي جو عڪس موجود آهي.

مواد جو وچور:

هيءُ رسالو ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن جي پاڪ شهر مدينه منوره جي نالن مبارڪن ۽ فضائل بابت لکيل آهي. مخدوم صاحب مقدمي ۾ لکي ٿو:

> "هن رسالي ۾ مديني منوره جي نالن مبارڪن جو تعداد ذڪر ڪيل آهي. اهي نالا مبارڪ کي قرآن شريف ۾، کي رسول الله ﷺ جي حديثن مبارڪن ۾، کي اصحابن سڳورن ۽ تابعين جي آثارن ۾ بيان ڪيل آهن. معتبر ڪتابن تان انهن نالن مبارڪن جي معنيٰ بہ ڏني ويئي آهي. مديني شهر جا فضائل ۽ خاصيتون ۽ اتي جي اوائلي رهاڪن جو احوال بہ شامل آهي. هيءُ رسالو سن 1133هہ ۾ لکڻ شروع ڪيو ويو. هن جو نالو 'زاد السفينة لسالڪي المدينہ' رکيو ويو. هيءُ رسالو چئن قسمن ۽ خاتمي تي مشتمل آهي."

هن رسالي جو مواد هن ريت ترتيب ڏنل آهي. پهريائين مديني منوره زاد الله

تعاليٰ شرفاً وڪرماً جون چاليهه خاصيتون، پلايون ۽ برڪتون بيان ڪيل آهن. اڳتي هلي مخدوم صاحب، حضرت ابن عباس رضي الله عنه جي روايت سان لکي ٿو:

”جيڪي ماڻهو پهريان پهريان مديني منوره ۾ اچي رهيا، آبادي ڪئي، ڪجيون پوکيون ۽ گهر جوڙيا، اهي عماليق هئا. اهي عملاق بن ارفخشد بن سام بن نوح عليه السلام جو اولاد هئا.“

ان کان پوءِ مديني پاڪ جي نالن مبارڪن جو ذڪر آهي ۽ مديني منوره جي هڪ سؤ نالن جي الف - بي وار فهرست ڏني وئي آهي. انهن پاڪ نالن جي معنيٰ، سمجهاڻي ۽ تشريح به شامل آهي.

مديني منوره جي نالن کان پوءِ مڪي شريف ۽ مديني پاڪ جي گڏيل ۽ جدا جدا فضيلت بيان ٿيل آهي. هن باب ۾ مخدوم صاحب علمي بحث ڪري ثابت ڪيو آهي، ته مديني شريف ۾ جنهن زمين سان نبي ﷺ جو جسم مبارڪ لڳل آهي، اها جاءِ مڪي، مديني، دنيا جي سڀني جاين، ايتريقدر جو ڪعبة الله شريف کان به شان ۾ اعليٰ ۽ افضل آهي.

مخدوم صاحب هن رسالي جي آخر ۾ عربي قصيدا شامل ڪيا آهن، جن ۾ حضور ﷺ جن جو عشق ۽ محبت سان شان بيان ڪيل آهي. مديني جي سائين ﷺ کي سڪ ۽ سوز مان پڪارون ڪيل آهن. اهي عربي قصيدا ابو محمد عبدالله بن ابي عمران بسڪري ۽ امام عبدالله نويسيءَ جا چيل آهن. هن نئين طريقي سان فارسي نثر ۽ عربي نظم ۾ هن ڪتاب ”زادالسفينة لسالڪي المدينه“ جي پڄاڻي ٿئي ٿي.

------

7. تحفة الاخوان في منع شرب الدخان

هيءُ ننڍڙو 11 صفحن جو رسالو 11 شوال المڪرم 1134هه جو تحرير ٿيل آهي. ڪاتب ۽ ڪتابت جو سال لکيل ڪونهي. صفحي جي ڊيگهه تيرهن انچ ۽ ويڪر اَٺ انچ آهي. هر صفحي ۾ 34 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 26 لفظ آهن. هن رسالي جي منڍ ۾ مٿان لکيل آهي ته: ”قابلناه بالاصل“ . انهيءَ مان اهو ظاهر آهي ته هيءُ قلمي نسخو مصنف جي اصل نسخي سان ڀيٽيل آهي ۽ صحت جي اعتبار کان پڻ صحيح آهي. هيءُ رسالو قلمي صورت ۾ آهي ۽ اڃا تائين نه ڇپيو آهي. راقم کي هن رسالي جو عڪس محترم بشير احمد هيسباڻيءَ جي ذريعي ”قاسميه لائبريري“ ڪنڊياري مان مليو. هن رسالي جا قلمي نسخا هنن ڪتبخانن ۾ موجود آهن: ڪتبخانه ڳڙهي ياسين، سرهندي ڪتبخانو - مٽياري، سرهندي ڪتبخانو- ٽنڊو سائينداد، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي لائبريري - حيدرآباد ۽ مدرسه مجدديه نعيميه - ملير ڪراچي.[1]

مواد جو وچور:

هن رسالي ۾ مقدمو، چار فصل ۽ خاتمو آهي. مخدوم صاحب تحقيقي معيار قائم رکندي، هن 11 صفحن جي ننڍڙي رسالي ۾ 59 ڪتابن جا حوالا آندا آهن، جيڪو مخدوم صاحب جي تبحر علمي، تحقيقي ڄاڻ ۽ هر مسئلي تي عبور جو چٽو ثبوت آهي. جيتوڻيڪ هيءُ رسالو فارسي زبان ۾ آهي، پر هن ۾ عربي عبارتن جو حوالي طور به گهڻو مواد شامل آهي. هن رسالي ۾ آيل مواد جو وچور هن ريت آهي:

مقدمو: مخدوم صاحب مقدمي ۾ سنڌ ملڪ ۾ دونهين ۽ تماڪ جي اچڻ ۽ پيدا ٿيڻ جوبيان ڪيو آهي. ماڻهو تماڪ کي پهريائين مختلف نالن، جهڙوڪ: طابغ، طبغاء ، تنبڪ، طبغاد، طلابه ۽ تنباڪو جي نالن سان سڏيندا هئا. مٿين سڀني مختلف نالن کي هينئر ”تماڪ“ سڏيو وڃي ٿو. تماڪ مان (سگريٽ، ٻيڙيون) حقو ۽ نسوار وغيره عام جام استعمال ۾ هلندڙ آهن.

---

[1] ”تحفة الاخوان“ جو سنڌي خلاصو ۽ ترجمو مولانا پير محمد قاسم مشوري لاڙڪاڻي واري ڪيو. جيڪو سندس رسائل قاسميه ۾ ڪجھ سال اڳ ڇپيو آهي.

فصل پهريون: هن فصل ۾ دونهين ڇڪڻ يا پيئڻ سان مطلق روزي پڄڻ ۽ ڪفاري لازم ٿيڻ جو بيان آهي.

فصل ٻيو: هن فصل ۾ مخدوم صاحب علماء متاخرين کان اهي روايتون آنديون آهن، جن ۾ دونهين ڇڪڻ بابت منع يا بدعت ۽ ڪراهت جو حڪم آهي. هن بحث جي شروعات هن ريت ڪيل آهي:

“ظاهر آهي ته دونهين جو ظاهر ٿيڻ گذريل زماني ۾ ڪونه هو. تنهن ڪري اڳين عالمن ان بابت ڪجهه نه لکيو آهي. البت پوئين زماني جي متاخرين عالمن ان مسئلي تي قلم کنيو آهي. جن متاخرين عالمن پنهنجن ڪتابن ۾ دونهين جي منع يا ڪراهت بابت لکيو آهي، انهن عالمن جا نالا ۽ ڪتاب هي آهن:

- شيخ شرنبلالي - شرح منظوم الوهبانيه
- علامه ابن العماد - هدية ابن العماد لعباد العباد
- شيخ عبدالرحمان مرشدي - تذڪره
- علامه ابراهيم لقاني - جوهرة التوحيد عمدة المريد

هيءُ ذڪر ڪيل حنفي عالمن جو بيان هو. شرعي طور شيخ خالد سويدي مالڪي ۽ علامه قاضي محمد بن عبدالرحمان به دونهين ڇڪڻ کان منع ڪئي آهي ۽ ان کي شيطان جو دوکو ۽ برائي سڏيو آهي. دونهون، حقو، ٻيڙي وغيره جي ڇڪڻ سان هڪ ته پئسو برباد ٿئي ٿو، جو اجايو خرچ يا اسراف آهي. ٻيو ته ان ۾ بصر وغيره وانگر بدبوءِ به آهي. سورة اعراف آيت 157 ۾ الله تعاليٰ جو ارشاد آهي: يحرم عليهم الخبائث (يعني: ناپاڪ شيون انهن تي حرام ڪري ٿو) ان ڪري دونهون ڇڪڻ جائز نه آهي، بدعت آهي.”

هن فصل جي آخر ۾ مخدوم صاحب طبي لحاظ کان حڪيم جالينوس جو قول به آندو آهي:

“ٽن شين کان پاسو ڪريو: 1. مٽيءَ جي دز 2. دونهون ۽ 3. بدبوءِ. دونهين جو استعمال شين کي ڪارو ڪري ٿو ۽ ان جي گرمي ۽ ڪاراڻ جي ڪري بيماري پيدا ٿئي ٿي.”

فصل ٽيون: مخدوم صاحب هن فصل ۾ دونهين جي حرام يا مڪروه هجڻ جي باري ۾ وڌيڪ تفصيل ڏنو آهي، ته دونهين جي حرام يا بدعت هجڻ جا ڪيترا سبب آهن. مثال طور:

1. دونهون کاڌي جي شيءِ يا دوا نه آهي.
2. دونهون بدعت آهي.
3. دونهون طبي لحاظ کان نقصانڪار آهي.
4. دونهون عقل جو فتور ۽ دماغ خراب ڪري ٿو.

علي قاريءَ “شرح اربعين نووي” ۾ لکيو آهي، ته دونهون نقصانڪار آهي ۽ هر نقصانڪار شيءِ حرام آهي. ان ڪري دونهين وانگر هر نشي واري شيءِ مثلاً شراب، حشيش، افيون، چرس، ڀنگ وغيره عقل کي وڃائن ٿا.

5. دونهون ڇڪڻ ڪافرن ۽ شرير ماڻهن جي مشابهت آهي.

فصل چوٿون: هن فصل ۾ چند فائدا آهن ۽ سڄي بحث جو نچوڙ هن فصل ۾ سمايل آهي. جيتوڻيڪ علمائن جو دونهين ڇڪڻ جي باري ۾ اختلاف آهي، ته دونهون ڇڪڻ حرام آهي يا مڪروه. هن فصل ۾ سوال ۽ انهن جا جامع جواب ۽ نڪتا به ڏنل آهن.

پڄاڻي: مقدمي ۽ چئني فصلن ۾ دونهين بابت بيان هو. پڄاڻيءَ ۾ وري حشيش جي باري ۾ بحث آهي ته حشيش پڻ حرام آهي. جيتوڻيڪ اهو مهانگو آهي، پر تڏهن به ان کي ساڙڻ جو حڪم آهي. حشيش کان پوءِ آفيم جي باري ۾ بحث ڪيو ويو آهي ته حرام آهي. اهڙيءَ طرح ڏوڏي ۽ خسخاس جو حڪم آهي. البت قهوو مباح آهي.

آخر ۾ شيخ ابن حجر هيتيءَ جي حوالي سان دلچسپ سوال ۽ جواب تحرير آهي، ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو آفيم يا ان جهڙي ٻئي نشي جو اهڙو عادي ٿي ويو آهي، جو ان کي اهو نشو نه ٿو ملي، ته ان کي مرڻ جو خطرو آهي؟ جواب ۾ لکي ٿو ته جيئن قرآن مجيد جي حڪم موجب بک کان مرڻ واسطي لاچاري حالت ۾ مردار کائڻ جي اجازت آهي. اهڙيءَ طرح هيءُ مسئلو به آهي.

------

8. حياة القلوب في زيارة المحبوب

اصل ڪتاب جو فارسي متن 350 صفحا ۽ فهرست 18 صفحا، جملي 368 صفحا آهي. صفحي جي ڊيگهه نو انچ ۽ ويڪر ڇهه انچ آهي. هر صفحي ۾ 21 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 17 لفظ آهن. هيءُ ڪتاب پهريائين نومبر 1880ع ۾ مطبع ڪريمي بمبئي مان ڇپيو. اندازاً سؤ سال کان پوءِ مفتي محمد شفيع، دارالعلوم ڪراچي واري جي ڪوشش سان، مشهور پريس ڪراچي مان ٻيو موجوده ڇاپو 1391هه/1971ع ۾ شايع ٿيو آهي.[1]

”حيات القلوب“ مناسڪ حج ۽ زيارت حرمين جي باري ۾ معلومات سان ڀرپور ۽ بهترين ڪتاب آهي. هيءُ ڪتاب 8 رجب سن 1135هه تي لکجڻ شروع ٿيو ۽ 27 رمضان تي لکجي پورو ٿيو. اهڙيءَ طرح هيءُ ضخيم ڪتاب ٻن مهينن ۾ لکيو ويو. هن ڪتاب ۾ مخدوم صاحب پوڻن ٻن سَون کان وڌيڪ ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن. خاص طور تي سنڌ جي ٻن عالمن مخدوم محمد جعفر بوبڪائي ۽ مولانا رحمت الله سنڌي درٻيلوي جي ڪتابن جا حوالا به ڏنا آهن. جيئن ”عجالة الطالبين“- از: مخدوم بوبڪائي ۽ ”المنسک المتوسط“، ”المنسک الکبير“ - از: مولانا درٻيلوي. مخدوم صاحب پنهنجي ٻن ڪتابن ”ذريعة الوصول“ ۽ ”وسيلة الفقير“ جا نالا به هن ڪتاب ۾ حوالي طور آندا آهن. هن ڪتاب جا ڇاپي نسخا سنڌ جي اڪثر ڪتبخانن ۾ موجود آهن.

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب هن ڪتاب جي شروع ۾ لکي ٿو:

> ”هيءُ مختصر رسالو حج ڪرڻ ۽ ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جي زيارت جي باري ۾ لکيل آهي. مومنن جي سهولت خاطر عبارت ۾ اختصار ڪيل آهي. هيءُ رسالو اربعاء جي ڏينهن صبح جو تاريخ 8 رجب سن 1135هه تي لکجڻ شروع ٿيو. ان جو نالو ’حياة القلوب

---

[1] سال 2001ع ۾ هن ڪتاب جو اردو ترجمو خليل الرحمٰن نعماني دارالڪتب النعمانيه ڪراچيءَ مان شايع ڪيو آهي ۽ ان جو سنڌي ترجمو ڊاڪٽر عبدالرزاق سومري لاڙڪاڻي واري 2012ع ۾ ڇپايو آهي.

في زيارت المحبوب‘ رکيو ويو. هن رسالي ۾ مقدمو ۽ چوڏهن باب آهن.“

مقدمو: ڪتاب جو مقدمو ٽن فصلن ۾ پنجاهه صفحن تي پکڙيل آهي. مقدمي جي پهرئين فصل ۾ حج بيت الله ۽ عمري جا فضائل بيان ڪيل آهن. حج جي فرضيت جي ابتدا ۽ نبي ﷺ جن جي حج ۽ عمرن جو ذڪر آهي. مقدمي جي ٻئي فصل ۾ حج جا شرط ۽ حج بدل جو بيان آهي. مقدمي جي ٽئين فصل ۾ حج جي فرضن، واجبن، سنتن، مستحب، مڪروه، حرام ۽ حج جي پجڻ جي باري ۾ تفصيل بيان ٿيل آهي.

باب پهريون: احرام جي بيان ۾ - هن باب ۾ ڏهه فصل آهن. انهن ۾ حج ۽ عمري واسطي احرام ٻڌڻ ۽ ميقات وغيره جو بيان آهي.

باب ٻيو: مڪي شريف ۾ داخل ٿيڻ جي بيان ۾ - هن باب ۾ مڪي شريف ۾ داخل ٿيڻ ۽ حرم پاڪ بيت الله ۾ اچڻ ۽ دعائن گهرڻ جو احوال آهي.

باب ٽيون: طواف جي بيان ۾ - هن باب ۾ چار فصل آهن. جن ۾ طواف جا قسم، طواف جي صحيح هجڻ جا شرط، طواف ادا ڪرڻ جو نمونو، آبِ زم زم پيئڻ ۽ حجر اسود چمڻ جو بيان آهي. ان سان گڏ طواف جي دعائن ۽ جيڪي ڳالهيون طواف ۾ حرام آهن، انهن جو تفصيل آيل آهي.

باب چوٿون: صفا ۽ مروه جي وچ ۾ ڊوڙڻ جي بيان ۾ - هن باب ۾ صفا ۽ مروه نالي ٻن ٽڪرين جي درميان ڊوڙڻ ۽ ان سان تعلق رکندڙ دعائن وغيره جو بيان آهي.

باب پنجون: سعي ۽ وقوف جي بيان ۾ - هن باب ۾ سعي ۽ وقوف جو احوال آيل آهي.

باب ڇهون: عرفات تي وقوف جي بيان ۾ - هن باب ۾ پنج فصل آهن. انهن ۾ عرفات تي رهڻ ۽ اتي نمازن ۽ دعائن پڙهڻ جو احوال آهي.

باب ستون: مزدلفي جي بيان ۾ - هن باب ۾ ڇهه فصل آهن. انهن ۾ مزدلفي ۾ اچڻ، رهڻ، اتي نماز پڙهڻ ۽ مزدلفي کان موٽڻ وقت دعائن جو بيان آهي.

باب اٺون: منيٰ جي بيان ۾ - هن باب ۾ اٺ فصل آهن. انهن ۾ پٿريون چونڊڻ، پٿريون هڻڻ، قرباني ڪرڻ ۽ وار ڪوڙائڻ وغيره جو احوال آهي.

باب نائون: طواف زيارت جي بيان ۾: هن باب ۾ ٽي فصل آهن. جن ۾ طواف زيارت، انهن جي صحيح هجڻ جي شرطن ۽ ڪيفيت وغيره جو احوال آهي.

باب ڏهون: جمرن ڇُٽڻ جي بيان ۾ - هن باب ۾ ڇهه فصل آهن. انهن ۾ رمي جمار ۽ ان سان واسطو رکندڙ مسئلن جو بيان آهي.

باب يارهون: طواف ۽ موڪلاڻيءَ جي بيان ۾ - هن باب ۾ چار فصل آهن. انهن ۾ موڪلاڻيءَ وارو طواف ۽ ان سان تعلق رکندڙ مسئلا بيان ٿيل آهن.

باب ٻارهون: عمره جي احڪامن جي بيان ۾ - هن باب چار فصل آهن. جن ۾ عمره ادا ڪرڻ ۽ ان سان لاڳو مسئلا ۽ فضائل ذڪر ڪيل آهن.

باب تيرهون: مختلف مسئلن جي بيان ۾ - هن باب ۾ نهايت معلومات افزا ۽ ڏار ڏار مسئلا بيان ٿيل آهن. جيڪي چوڏهن فصلن ۾ ورهايل آهن. جيئن مڪي شريف ۾ رهڻ جا آداب. برسات ۾ بيت الله جي طواف ڪرڻ جو ثواب، بيت الله ۾ داخل ٿيڻ جو طريقو، بيت الله جي تعمير جوبيان، مسجد حرام جي ديگهه ۽ ويڪر جو بيان، مڪي شريف ۾ ۽ ان کان ٻاهر زيارتن جو بيان، حضرت آدم عليه السلام جي دفن جي جاءِ، جنت المعليٰ جي زيارت ۽ ان ۾ موجود مزارن جي زيارت جو احوال، حدود حرم ۽ ڪعبة الله جي غلاف جو بيان وغيره.

باب چوڏهون: ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن جي زيارت جي بيان ۾ - هن باب ۾ چوڏهن فصل آهن. جن ۾ هن ريت مواد آيل آهي: حضور ﷺ جن جي زيارت ڪرڻ جو طريقو، حضور ﷺ جن تي سلام پڙهڻ ۽ ان سان گڏ صديق اڪبر ۽ فاروق اعظم تي سلام پڙهڻ، مديني شريف ۾ رهڻ جو بيان، مديني جي ماڻهن سان محبت ڪرڻ، مسجد نبويءَ ۾ چاليهه نمازون پڙهڻ، حضور ﷺ جن جي روضي مبارڪ ۽ قديم مسجد نبويءَ جون حدون، مسجد نبويءَ جو ڪيترا پيرا نهڻ، جنت البقيع جي زيارت ڪرڻ، احد جبل، مسجد قبا، حضور ﷺ جن سان منسوب مسجدون ۽ کوهه. انهن سڀني جي زيارت ۾ ڪوشش ڪرڻ، مديني شريف کان پنهنجي وطن موٽڻ جا آداب وغيره.

اهڙيءَ طرح، مخدوم صاحب هن ڪتاب جي مقدمي ۽ چوڏهن بابن ۾ حج بيت الله ۽ زيارت روضئہ رسول ﷺ سان تعلق رکندڙ سڀ مسئلا ۽ تاريخي واقعا کولي بيان ڪيا آهن. ان ڪري هيءُ ڪتاب مناسڪ حج ۽ عمره ۽ تاريخي واقعن ۽ مسئلن سان گڏ حاجي سڳورن لاءِ سونهون ۽ گائيڊ جي حيثيت رکي ٿو.

------

9. فيض الغني في تقدير صاع النبي ﷺ

(كشف السر عن تقدير صدقة الفطر)

هيءُ 9 صفحن جو ننڍڙو رسالو 15 ربيع الاخر 1137 هجري تي ٺٽي ۾ لکيو ويو. صفحي جي ڊيگهه اٺ انچ ۽ ويڪر پنج انچ آهي. هر صفحي ۾ 19 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 15 لفظ آهن.

هن نسخي جي خاص خوبي هيءَ آهي ته مخدوم صاحب هن رسالي جا ٻه نالا رکيا آهن:

1. فيض الغني في تقدير صاع النبي ﷺ
2. كشف السر عن تقدير صدقة الفطر

هيءُ رسالو اڳاٽو لکيل ۽ناياب آهي. قلمي صورت ۾ آهي ۽ اڃا تائين شايع نه ٿيو آهي. هن رسالي جا قلمي نسخا هنن ڪتبخانن ۾ موجود آهن: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي لائبريري- حيدرآباد، پير محب الله جهنڊي واري جو ڪتبخانو، سنڌالاجي لائبريري- ڄام شورو، مولوي معروف جو ڪتبخانو- متياري ۽ مدرسه مجدديه نعيميه مليرِ، ڪراچي. راقم وٽ مدرسه مجدديه نعيميه واري نسخي جو عڪس موجود آهي. راقم هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو ڪيو آهي.

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب هن رسالي ۾ ٻن ڳالهين تي بحث ڪيو آهي. 1. نبي ﷺ جي مديني واري ماپ جو ٽويو ۽ 2. صدقة الفطر ۽ ان سان متعلق مسئلا. مخدوم صاحب هن رسالي ۾ وڏي تحقيق ۽ محنت کان ڪم ورتو آهي. هيءُ رسالو پنجن فصلن ۽ خاتمي تي مشتمل آهي:

فصل پهريون: در تقدير صاع

فصل ٻيو: در تقدير رطل

فصل ٽيون: در تقدير مثقال

فصل چوٿون: دربيان تقدير نصف صاع عراقي از گندم بمكائيل حرمين

شريفين و مكائيل بلاد سند.

فصل پنجون: در تقدير صدقة فطر

مخدوم صاحب لکيو آهي:

”حضرت پيغمبر ﷺ جي دور ۾ مديني منوره ۾ ٻه ٽويا رائج ۽ مشهور هئا: هڪ صاع حجازي، جنهن ۾ پنج رطل آهن. ٻيو صاع عراقي، جنهن ۾ اٺ رطل آهن. امام مالڪ (93هه - 179هه)، امام شافعي (150هه - 204هه) ۽ امام احمد (164هه - 241هه) ’صاع حجازيءَ‘ کي اعتبار ڪيو آهي ۽ امام ابو حنيفه (80هه - 150هه) احتياط طور ’صاع عراقي‘ کي اختيار ڪيو آهي.“

مخدوم صاحب پهريائين ٽويي، مثقال، ماسي وغيره جو بيان آڻي، ان کان پوءِ صدقه فطر جي لاءِ ڪڻڪ جي اڌ ٽوئيي بابت بحث ڪيو آهي. ان نصف صاع لاءِ ٺٽي کان وٺي مڪي شريف ۽ مديني شريف جي عالمن تائين تحقيق ڪندو رهيو. مخدوم صاحب ان سلسلي ۾ جيڪا جستجو ڪئي، اها قابلِ تعريف آهي ۽ ان جو تت هن ريت آهي:

مخدوم صاحب عراقي اڌ ٽوئيي (نصف صاع) جي باري ۾ صدقه فطر لاءِ ڪڻڪ جي اڌ ٽوئيي خاطر ٺٽي شهر ۾ چار ڀيرا تحقيق ڪئي، پاڻ لکي ٿو:

”تاريخ 14 شوال سن 1128هه سنڌ ملڪ جي شهر ٺٽي ۾، ٺٽي شهر جي بازار مان ڪڻڪ گهرائي، تولي، مثقال، پاٽي ۽ ٽوئيي جي ماپ ۽ تور بابت تحقيق ۽ تصديق ڪئي وئي. اهي وزن لکي نوٽ ڪري ڇڏيم.

جڏهن الله تعاليٰ جي فضل سان 1135هه ۾ مڪي شريف ويس، ته اتي 11 ذوالقعد تي علامه عبدالڪريم هندي حنفي عالم وٽ مڪي شريف جي بازار مان ڪڻڪ گهرائي، مڪي جي وٽن ۽ ماڻن سان عراقي صاع جي تحقيق ڪئيسون. اهو مڪي وارو وزن به پاڻ وٽ نوٽ ڪيم.

وري جڏهن الله تعاليٰ جي فضل سان سن 1136هه ۾ مديني منوره ويس، ته اتي به تحقيق جو سلسلو جاري رهيو. اتي اهو ٻڌڻ ۾ آيو ته مڪي شريف جي بازار ۾ يا مديني منوره جي بازار ۾ جيڪي عام جَوَ و ڪامجن ٿا، اهي مصري جوَ آهن. اهي مصري جَوَ ننڍا ٿين ٿا ۽

مديني منوره ۾ جيڪي جوَ پوکجن ٿا، اهي جوَ وڏا ٿين ٿا. ان ڪري وري مديني منوره جي حنفي عالمن جي مجلس ۾ احتياط طور مديني جي بازار مان ڪڻڪ گهرائي، حساب ڪري، نصف صاع يعني عراقي اڌ ٽوئيي جي باري ۾ تحقيق ڪئي وئي. اها مديني واري ماپ ۽ تور بہ پاڻ وٽ لکي محفوظ ڪيم.

ان دوران مديني جي اهل علم کان معلوم ٿيو، تہ مديني منوره جي ماڻهن وٽ گهرن ۾ اجا تائين نبي ﷺ جي دور جا 'مُد' (تور ۽ ماپ جو وَٽُ يا ٿانءُ) موجود آهن. انهن چيو تہ اهي تور ۽ ماپ جا مُد اسان وٽ حضور جن ﷺ جي وقت کان وٺي، وڏن وٽ پشت بہ پشت هڪ ٻئي کان هلندا ٿا اچن. اسان روزن جو فطرو، فديو ۽ ڪفارو وغيره بہ انهن نبوي مُدن سان ادا ڪندا آهيون. مون انهن نبوي مُدن جي ماپ تور بہ تحقيق ڪري پاڻ وٽ لکي محفوظ ڪئي.

پوءِ جڏهن 16 ربيع الاول 1137هہ تي پنهنجي وطن ٺٽي پهتس، تہ ٺٽي جي وڏي فاضل شيخ عنايت الله واعظ جي صحبت ۾، اهي ٽيئي (مڪي، مدني تور ماپ ۽ مُد نبوي) نوٽ ٿيل وزن سامهون رکياسون. پوءِ ٺٽي شهر ۾ هلندڙ پاٽين سان ماپ جي انهن ٽنهي نمونن کي رکي ڀيٽيو ويو. انهن سڀني تور ۽ ماپ جي مختلف نمونن ۾ قدري اختلاف هو. ان ڪري اسان سڀ وزن ۽ ماپون سامهون رکي، تحقيق ڪري پاٽي، اڌ ٽوئيي جو صحيح وزن ۽ ماپ مقرر ڪئيسون، جنهن موجب صدقہ فطر ادا ڪري سگهجي."

جيتوڻيڪ هيءُ رسالو صدقہ فطر ادا ڪرڻ لاءِ ڪڻڪ جي اڌ ٽوئيي يا نبي ﷺ جي مدني ٽوئيي جي باري ۾ تحرير ڪيل آهي، پر هن رسالي ۾ مخدوم صاحب جي صرف هڪ مسئلي تي ايڏي جستجو ۽ جدوجهد جو بہ پرو پوي ٿو، جو پاڻ ٺٽي شهر ۾ رائج وزن کان وٺي مڪي ۽ مديني جي ٽوين ۽ مُد نبويءَ جي ماپ سان گڏ، وري واپسيءَ ۾ ٺٽي ۾ سڀ وزن سامهون رکي؛ ٺٽي جي عالمن سامهون مسئلي کي حل ڪيو آهي، جنهن مان سندس علمي تحقيق جو بلند معيار ظاهر ٿئي ٿو.

ٻيو تہ هن رسالي ۾ آيل مواد ۾ مخدوم صاحب جي سوانح حيات بابت بہ ڪي اهڃاڻ موجود آهن ۽ ڪَي جهڙا سوانحي نڪتا ۽ اشارا سامهون اچن ٿا.

محمد هاشم ٺٽوي چوي ٿو، ته جڏهن آئون (سن 1137ھ ۾) حج تان واپس (پنهنجي وطن سنڌ شهر ٺٽي ۾) آيس، ته هڪ ڪتاب (فارسيءَ ۾) ڏٺم، جنهن ۾ سنڌ ملڪ ۽ سنڌ وارن ماڻهن جي گلا ۽ گهٽتائي، شڪايت ۽ بُرائي لکيل هئي. جڏهن اهو ڪتاب پڙهي ڏٺم ته منهنجي حيرت جي حد ئي نه رهي، جو هڪ عبدالرؤف خان نالي افغانيءَ سنڌ جي شان ۾ گستاخي ۽ گهٽتائي لکي ۽ ڪئي هئي. هن سنڌ جي شڪايت ڪري، بي فائدو مغز ڪپايو ۽ اجايو وقت وڃايو هو. مون انهيءَ اچرج ۾ پاڻ کي دل ۾ چيو ته جيڪر (سنڌ جي گلا ٻڌي) چپ ٿو رهان، ته سنڌ جي گلا ۽ گهٽتائي ثابت ٿيندي. جڏهن سنڌ جي شڪايت ثابت ٿي، ته ظاهر آهي ته تون به ان ۾ شامل ٿيندين. حقيقت ۾ جنهن سنڌ جي گلا غيبت، برائي ۽ مذمت ڪئي، تنهن ڄڻ ته تنهنجي ئي گهٽتائي ڪئي. (سنڌ جي شان جون ڳالهيون ڳڻي) ان افغانيءَ جو رد ۽ سنڌ بابت بي واجبي شڪايتن جو مون جواب لکيو آهي، جيڪو اميد ته هر ڏاهي ۽ عقلمند جي دل کي وڻندو ۽ سمجهدار جي نظر ۾ قبول پوندو.“

بهرحال، وطن جي محبت ۽ سنڌ جي شان بابت هيءُ هڪ بهترين ڪتاب آهي. مخدوم صاحب پهريون عالم آهي، جنهن سنڌ جي دفاع لاءِ قلم کنيو.

------

10. مدح نامه سنڌ

هي ناياب قلمي رسالو علامه غلام مصطفيٰ قاسمي جي ڪوشش سان سنڌي ادبي بورڊ لائبريري مان دستياب ٿيو آهي. اصل رسالو 16 ربيع الاول 1146 هجري جو لکيل آهي. ڪاتب فقير عبدالله ۽ ڪتابت جي تاريخ، بروز جمع 18 صفر 1279 هجري آهي. صفحن جو تعداد 40 آهي ۽ هر صفحي جي ڊيگهه ساڍا اٺ انچ ۽ ويڪر ڇهه انچ آهي. هر صفحي ۾ 17 کان 22 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 15 کان 22 لفظ آهن.

وطن جي محبت ايمان جو جزو آهي. انسان جو خمير جنهن مٽيءَ مان هوندو آهي، ته فطري طور ان جي روح ۾ ان مٽيءَ جي محبت سمايل رهندي آهي. ان سرزمين سان سرس سڪ، اڻ ڪٿ الفت ۽ مٺين محبت موجزن رهندي آهي. سنڌ جي سرتاج شاعر، شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه به رسالي ۾ پنهنجي وطن جو دعائن سان، محبت جو مذڪور ۽ الفت جو اظهار ڪيو آهي:

سائينم! سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين!

”مدح نامه سنڌ“ جو فقط هڪ نسخو سنڌي ادبي بورڊ ڄام شوري جي لائبريريءَ ۾ موجود آهي. راقم وٽ ان جو عڪس موجود آهي. راقم جي عڪسي نسخي ۽ سعيي سان محترم علامه محمد ادريس ڏاهري نقشبندي انهيءَ ڪتاب جو سنڌي ترجمو شايع ڪيو آهي. هيءَ ڪتاب اداره خدمة القرآن والسنة شاهپور جهانيان ضلعي نواب شاهه مان 1411ھ - 1991ع تي ڇپيو آهي. ’مدح نامه‘ جو نئون ڇاپو سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد 2011ع ۾ شايع ڪيو آهي.

مواد جو وچور:

سهڻي سنڌ جي سرتاج عالم، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحه هيءُ ڪتاب ”مدح نامه سنڌ“ وطن سنڌ جي شان، محبت، عظمت ۽ حفاظت بابت لکيو آهي. مخدوم صاحب هن رسالي لکڻ جو سبب بيان ڪندي لکي ٿو:

”حمد ۽ صلواة کان پوءِ الله جي ٻانهن ۾ گهڻو ڪمزور، الله جي رحمت ۾ اميدوار - جنهن جا نيڪ عمل ٿورا ۽ گناهه گهڻا آهن. اهو ٻانهو

11. الباقيات الصالحات في ذڪر الازواج الطاهرات

هن رسالي ۾ 38 صفحا آهن. صفحي جي ڊيگهه ست انچ ۽ ويڪر چار انچ آهي. هر صفحي ۾ 15 کان 20 سٽون آهن ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 9 کان 16 لفظ آهن. ڪاتب جو نالو نامعلوم ۽ ڪتابت جي تاريخ 4 جمادي الآخر، بروز آچر ۽ سال...! مخدوم صاحب هن رسالي ۾ 45 ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن. هن رسالي جا قلمي نسخا مدرسه منصوره، سنڌالاجي، ڳڙهي ياسين، درسگاهه چوٽياري ۽ مدرسه مجدديه نعيميه ملير- ڪراچي جي ڪتبخانن ۾ آهن. راقم ڪي استاد غلام سرور پٽني جي ذريعي دارالعلوم منصوره نزد هالا نوان واري نسخي جو عڪس دستياب ٿيو.[1]

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب هن رسالي ۾ ٻنهي جهانن جي سردار، يتيمن جي يار، اڙين جي آڌار، غريبن جي غمخوار، حضرت محمد رسول الله ﷺ جن جي پاڪ يارهن (11) گهر وارين بيبين سڳورين جو مختصر احوال لکيو آهي ۽ انهن جا فضائل بہ بيان ڪيا آهن. پاڻ سڳورن عورت کي صنف نازڪ سڏيو آهي ۽ ان کي ڇپي پاسريءَ سان تشبيهه ڏني آهي. جيڪڏهن ان کي سڌي ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي، تہ ڀڄي پوندي. ڇڏي ڏبس، تہ ڇپي ٿي رهندي. ان ڪري عورت ذات سان وچٿري نموني گذارڻو آهي.

الله تعاليٰ حضور ﷺ جن کي هر گناهه کان معصوم ۽ هر نفساني خواهش کان پاڪ بنايو آهي. پاڻ 25 سالن جا نوجوان هئا، تہ 40 سالن جي

(1) سيرت النبي ﷺ جي سلسلي ۾، هن موضوع تي امهات المومنين جي احوال بابت مخدوم صاحب جو هيءُ رسالو "الباقيات الصالحات" مختصر ۽ جامع آهي. حضور پاڪ ﷺ جن پنهنجين گهر وارين کي جيڪو مهر ڏنو، ان باري ۾ مخدوم صاحب هڪ الڳ رسالو "تحفة المسلمين في تقدير مهور امهات المومنين" بہ لکيو آهي.

"الباقيات الصالحات" جو سنڌي ترجمو، سنڌ جي نامور عالم، مولانا محمد ادريس ڏاهري شاهه پور جهانيان واري 1999ع ۾ شايع ڪيو آهي. انهيءَ ڪتاب ۾ راقم الحروف جو لکيل تعارف پڻ شامل آهي. (ليکڪ)

وڏيءَ عمر واري بيوه حضرت خديجة الڪبريٰ سان شادي ڪيائون. جيستائين اها بيبي سڳوري زنده هئي، تہ پاڻ ٻي شادي نہ ڪيائون. ان جانثار بيبي سڳوريءَ جي وفات کان پوءِ اهڙيون حالتون ٿيون ۽ اسلامي لڙائين ۾ ڪيترين عورتن جا وَرَ ۽ واهرو شهيد ٿي ويا. انهن جي دلين تي صدمن جا بار اچي پيا ۽ ڪو بہ سارسنڀال لهڻ ۽ همدردي وارو نہ رهيو. بيوه عورتن کي معاشري ۾ چڱيءَ نظر سان بہ نہ ڏٺو ويندو هو. پاڻ سڳورن ﷺ جن بيوه عورتن جي همت افزائي ۽ دلجوئيءَ خاطر انهن سان شاديون ڪيون.

الله تعاليٰ حضور ﷺ جن جي پاڪ گهر وارين جو وڏو شان ڪيو آهي. قرآن مجيد ۾ ڪين مومنن جون مائرون سڏيو ويو آهي. " اَلنَّبِيُّ اَوْلٰى بِالْمُؤْمِنِيْنَ مِنْ اَنْفُسِهِمْ وَاَزْوَاجُهٗٓ اُمَّهٰتُهُمْ ۭ" (پارو 21، سورت الاحزاب، آيت 6) ترجمو: نبيءَ جو ايمان وارن تي سندن جانين کان بہ زياده حق آهي ۽ سندس زالون انهن جون مائرون آهن.

شاهه ولي الله دهلويءَ انهيءَ مٿئين آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي، تہ يعني: پيغمبر جون زالون، مومنن جون مائرون آهن. انهن سان نڪاح حرام آهي، جيئن ماءُ سان حرام آهي.[1]

مومنن جون مائرون ۽ عربي گهوٽ ﷺ جن جون گهر واريون عام عورتن جهڙيون نہ آهن. الله تعاليٰ انهن جو نبي سڳوري جي ڪري شان سوايو ڪيو آهي. قرآن ۾ ارشاد رباني آهي: " يٰنِسَاۗءَ النَّبِيِّ لَسْتُنَّ كَاَحَدٍ مِّنَ النِّسَاۗءِ" (پارو 22، سورت الاحزاب، آيت 32) ترجمو: اي نبيءَ جون زالون! اوهان ٻين عورتن جهڙيون هرگز ڪين آهيو.

حضور ﷺ جن جي صدقي بيبين سڳورين جو وڏو شان آهي. ايتري قدر جو انهن پاڪ بيبين سان نڪاح ڪرڻ بہ حرام آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي بيبيون سڳوريون حضور ﷺ جن جون گهر واريون آهن، ان ڪري ڪين اهو امتياز ۽ خاص خصوصيت حاصل آهي. جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي: " وَمَا كَانَ لَكُمْ اَنْ تُؤْذُوْا رَسُوْلَ اللّٰهِ وَلَآ اَنْ تَنْكِحُوْٓا اَزْوَاجَهٗ مِنْۢ بَعْدِهٖٓ اَبَدًا ۭ اِنَّ ذٰلِكُمْ كَانَ عِنْدَ اللّٰهِ عَظِيْمًا" (پارو 22، سورت الاحزاب، آيت 53) يعني: ۽ اوهان لاءِ اهو مناسب نہ آهي جو الله جي رسول کي ايذاءُ رسايو ۽ نڪي (نبي سڳوري) کان پوءِ سندس بيبين سڳورين

(1) شاهه ولي الله دهلويءَ: "تفسير فتح الرحمان"، مترجم: غلام مصطفيٰ قاسمي، ڏسو حاشيو ص 500

سان نڪاح ڪريو. بيشڪ اهو ڪم الله وٽ وڏو گناهه آهي.

هيءُ رسالو مخدوم صاحب حضور ﷺ جن جي پاڪ گهر وارين جي عزت ۽ اهميت خاطر لکيو آهي. مخدوم صاحب رسالي جي مقدمي ۾ لکي ٿو:

”هيءُ رسالو حضور ﷺ جن جي پاڪ گهر وارين جي احوال ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ بيبين سڳورين جا نالا ۽ نسب ۽ سندن وفات جون تاريخون بيان ٿيل آهن. هيءُ رسالو 20 تاريخ شوال 1147هه ۾ لکجڻ شروع ٿيو.“

باب پهريون: هن باب ۾ مخدوم صاحب حضور ﷺ جن جي پاڪ گهر وارين جي تعداد جو بيان تمام تحقيق ۽ ڪيترن ڪتابن جي حوالي سان آندو آهي. هن باب جو لب لباب هيءُ آهي ته سڀني عالمن جو اتفاق آهي ته پاڻ سڳورن ﷺ جن جون پاڪ گهر واريون 11 آهن. انهن مان 6 قريش هيون، 4 عرب هيون ۽ هڪ بني اسرائيل مان هئي. انهن بيبين سڳورين جا ترتيب وار نالا هيءُ آهن:

1. حضرت خديجة الڪبريٰ ڌيءَ خويلد. سندس ماءُ جو نالو فاطمه هو.
2. حضرت سوده ڌيءَ زمعه. سندس ماءُ جو نالو شموس هو.
3. حضرت عائشه ڌيءَ ابوبڪر صديق. سندس ماءُ جو نالو زينب هو.
4. حضرت حفصه ڌيءَ عمر فاروق. سندس ماءُ جو نالو زينب ڌيءَ معظون هو.
5. حضرت ام سلمه ڌيءَ ابي اميه. سندس ماءُ جو نالو عاتڪه هو.
6. حضرت ام حبيبه ڌيءَ ابوسفيان. سندس ماءُ جو نالو رمله هو.
7. حضرت زينب ڌيءَ جحش. سندس ماءُ جو نالو اميمه هو.
8. حضرت زينب ڌيءَ خزيمه. سندس ماءُ جو نالو هند بنت عوف هو.
9. حضرت ميمونه ڌيءَ الحارث. سندس ماءُ جو نالو هند هو.
10. حضرت جويريه ڌيءَ حارث.
11. حضرت صفيه ڌيءَ حي. سندس ماءُ جو نالو ضره هو.

باب ٻيو: هن باب ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي پرڻجڻ جي ترتيب ۽ نڪاح ۾ آيل ترتيب وار بيبين سڳورين جا نالا آيل آهن ۽ روايتن جي اختلاف سان پرڻي جو سال به آيل آهي. پرڻي جي ترتيب پهرئين باب ۾ آيل نمبر وار نالن مطابق آهي. نڪاح ۾ هن ترتيب کان سواءِ تاريخ ۽ سيرت جي ڪتابن ۾ مختلف ترتيبون به آيل آهن.

باب ٽيون: هن باب ۾ حضور ﷺ جن جي حرمن سڳورن جي وفات جي سالن ۽ سنن جو بيان آهي.

1. حضرت خديجه رضي الله عنها جي وفات حضور ﷺ جن جي حياتيءَ ۾ هجرت نبويءَ کان ٽي سال اڳ مڪي شريف ۾ ٿي.
2. حضرت زينب ڌيءَ خزيمه رضي الله عنها جي وفات حضور ﷺ جن جي حياتيءَ ۾ هجري سن جي چوٿين سال مديني پاڪ ۾ ٿي.

باقي سڀني بيبين سڳورين جي وفات حضور ﷺ جن جي وصال کان پوءِ ٿي آهي. انهن سڀني بيبين سڳورين جي وفات جي سن وار ترتيب ۽ وفات جي جاءِ جو احوال هن طرح آهي:

1. زينب ڌيءَ جحش رضي الله عنها، وفات سن 20هه، مدفن مدينه، حضرت عمر فاروق جو دور
2. ام حبيبه رضي الله عنها، وفات سن 44هه، مدفن مدينه، حضرت امير معاويه جو دور
3. حفصه رضي الله عنها، وفات سن 45هه، مدفن مدينه، حضرت امير معاويه جو دور
4. جويريه رضي الله عنها، وفات سن 50هه، مدفن مدينه، حضرت امير معاويه جو دور
5. صفيه رضي الله عنها، وفات سن 50هه، مدفن مدينه، حضرت امير معاويه جو دور
6. ميمونه رضي الله عنها، وفات سن 51هه، مدفن مقام سرف، حضرت امير معاويه جو دور
7. عائشه رضي الله عنها، وفات سن 58هه، مدفن مدينه، حضرت امير معاويه جو دور
8. ام سلمه رضي الله عنها، وفات سن 61هه مدفن مدينه، يزيد جو دور

(9. سوده بنت زمعه رضي الله عنها، وفات 68هه، مدفن مدينه جنت البقيع، يزيد جو دور).[1]

------

(1) **نوٽ: حضرت سوده بنت زمعه جي وفات جو سال غالباً ڪاتب کان رهجي ويو آهي، جيڪو ڏنو ويو آهي. (ادارو)**

12. جمع اليواقيت في تحقيق المواقيت

هيءُ ڇئن صفحن جو ننڍڙو رسالو 1148 هجري ۾ تحرير ٿيو. صفحي جي ڊيگهه ساڍا ست انچ ۽ ويڪر ساڍا ڇهه انچ آهي. هر صفحي ۾ 16 سٽون آهن ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 15 لفظ آهن. هيءُ موجوده نسخو ڪنهن جهوني رسالي جو اتارو آهي، جو مولوي انور حسين ميمڻ، پيش امام، هاشمي مسجد، اگر محلہ، ٺٽي واري وٽ موجود آهي. سندس مهرباني سان انهيءَ نسخي جو عڪس مليو. هن رسالي جا قلمي نسخا مدرسه مجدديه نعيميه- ملير ڪراچي، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي لائبريري - حيدرآباد ۽ ڪتبخانہ ڳڙهي ياسين ۾ موجود آهن. هيءُ رسالو اڻ ڇپيل آهي. راقم انهيءَ ڪتاب جو سنڌي ترجمو پڻ ڪيو آهي.

مواد جو وچور:

هن رسالي ۾ نماز جي وقتن جو بيان ۽ تحقيق آيل آهي. مخدوم صاحب هن کان اڳ ۾، نماز جي وقتن خاص ڪري سنڌ ۾ ٻپهري نماز جي اصلي پاڇي سڃاڻڻ بابت ”رشف الزلال“ فارسي ۽ ”سايه نامه“ سنڌيءَ نالي رسالا لکيا آهن. هيءُ رسالو ”جمع اليواقيت“ بہ ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي.

مخدوم صاحب رسالي جي مقدمي ۾ نماز جي وقتن ۽ ڪتاب لکڻ جو احوال هن ريت ڄاڻايو آهي:

> ”حمد ۽ صلواة کان پوءِ محمد هاشم بن عبدالغفور سنڌي ٺٽوي چوي ٿو، تہ هيءُ مختصر رسالو سنڌ ملڪ ۾ پنجن نمازن جي وقتن جون جيڪي هلندڙ گهڙيون پل آهن، انهن جي تحقيق خاطر لکيو ويو آهي. هن رسالي کي سن 1148ھ ۾ مرتب ڪيو ويو ۽ هن رسالي جو نالو آهي ’جمع اليواقيت في تحقيق المواقيت‘ يعني وقتن جي تحقيق ڪرڻ ۾ ياقوت گڏ ڪرڻ.“

------

13. تحفة السالڪين اليٰ جناب الامين

هن ننڍڙي رسالي ۾ 11 صفحا آهن ۽ 14 شعبان المعظم 1158ھ جو لکيل آهي. صفحي جي ڊيگهه نوَ انچ ۽ ويڪر پنج انچ آهي. صفحي ۾ 14 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 15 لفظ آهن. ڪاغذ ميرانجهڙو ۽ ڇڊي ڪاري مس استعمال ٿيل آهي.

مخدوم صاحب هيءُ رسالو حرمين شريفين جي زيارت 1135ھ کان 22 سال پوءِ سن 1158 هجري ۾ لکيو. رسالي تي جيتوڻيڪ ڪاتب جو نالو ۽ ڪتابت جي تاريخ لکيل ڪانهي، پر قلمي نسخو تمام جهونو ۽ ڪرم خورده پروڻ وانگر صفا پرزا پرزا ٿيل آهي. اهڙيءَ صورتحال جي پيش نظر هيءُ قلمي نسخو خود مخدوم صاحب جي دور جو معلوم ٿئي ٿو. جيئن تہ هيءُ رسالو آخر ۾ ناقص آهي، ان ڪري ڪاتب ۽ ڪتابت جو سن وغيره معلوم ڪونہ ٿو ٿئي. هن رسالي جو واحد دستياب قلمي نسخو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي، جتان راقم کي ان جو عڪس مليو.

مواد جو وچور:

هن رسالي جو باريڪ بينيءَ ۽ گهڻي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ سان مطالعي بعد معلوم ٿئي ٿو، تہ هيءُ رسالو حج جي مسئلن تي مشتمل آهي. مخدوم صاحب پهريائين سن 1135ھ ۾ مناسڪ حج ۽ حضور ﷺ جن جي زيارت جي باري ۾ فارسي زبان ۾ هڪ تفصيلي ڪتاب ”حياة القلوب اليٰ زيارت المحبوب“ ﷺ لکيو. جيئن تہ اهو ڪتاب تمام تفصيل سان، جامع ۽ اهلِ علم واسطي ڪارآمد هو، تنهنڪري مخدوم صاحب پاڻ هن ڪتاب جو خلاصو فارسي ۾ ”سفينة السالڪين اليٰ بلد الله الامين“ نالي سان لکيو. اڳتي هلي عام ماڻهن، حاجين ۽ طالبن جي سهولت خاطر ”سفينة السالڪين“ جو بہ اختصار ۽ نچوڙ ”تحفة السالڪين اليٰ جناب الامين“ نالي فارسيءَ ۾ لکيائين، جنهن جو پيشِ

نظر ناقص نسخو اسان جي سامهون آهي.

مخدوم صاحب اها سڄي وضاحت رسالي جي مقدمي ۾ آندي آهي. هيءُ رسالو هڪ مقدمي ۽ ٽن بابن تي مشتمل آهي. جنهن ۾ حج جي فرضيت، ڀلائي، حج ادا ڪرڻ جو طريقو ۽ رسول الله ﷺ جن جي روضي مبارڪ جي زيارت ۽ آداب جو تمام مختصر ۽ عام فهم بيان آهي.

-----

14. وسيلة الغريب اليٰ جناب الحبيب

فضائل اهلِ بيت ۾ هيءُ رسالو 29 شعبان المعظم 1164ھ ۾ لکيو ويو. هن رسالي ۾ 29 صفحا آهن. ۽ هر صفحي جي ڊيگهه ٻارهن انچ ۽ ويڪر اٺ انچ آهي. هر صفحي ۾ 32 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 24 لفظ آهن. ڪاتب ۽ سال ڪتابت نامعلوم. شانِ اهل بيت ۾ شاندار رسالو جڙيل آهي. راقم کي انهيءَ ڪتاب جو عڪس، عزيز دوست بشير احمد هيسباڻيءَ جي ذريعي قاسميه لائبريري - ڪنڊياري مان مليو. هن رسالي جا قلمي نسخا ڪتبخانه ڳڙهي ياسين، سنڌالاجي لائبريري- ڄام شوري، مدرسه مجدديه نعيميه - ملير ڪراچي، ڪتبخانه پيرجهنڊو ۽ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي جي لائبريري - حيدرآباد ۾ موجود آهن. راقم هن ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي.

مواد جو وچور:

هن رسالي ۾ حضرت نبي ﷺ جن جي اهل بيت سڳورن جو شان، فضائل، مناقب ۽ تاريخ بيان ٿيل آهي. هيءُ ڪتاب مقدمي ۽ ڇهن بابن ۾ ورهايل آهي، جنهن ۾ مخدوم صاحب علمي پالوٽ جا واهڙ وهايا آهن. 29 صفحن جي هن رسالي ۾ قرآن، حديث، فقه ۽ تاريخ جي 86 ڪتابن جا حوالا موجود آهن. مخدوم صاحب مقدمي ۾ هن ڪتاب تاليف ڪرڻ جو مقصد بيان ڪندي لکي ٿو:

> ”جڏهن مون اصحابن سڳورن، خلفاءِ راشدين ۽ خلافت جي ترتيب ۽ فضيلت جي باري ۾ ٽي ڪتاب (عربيءَ ۾) وڏو، وچون ۽ ننڍو لکي پورا ڪيا، ته دل ۾ خيال آيو، ته حضرت نبي ﷺ جن جي اهل بيت سڳورن جي عاشقن کي شوق ڏيارڻ ۽ حضور ﷺ جن کي راضي ڪرڻ خاطر سندن باري ۾ ڪجھ فضيلتون ۽ احوال گڏ ڪري، اهل بيتن جي شان ۽ ڀلائيءَ ۾ ڪتاب لکان. ڇو ته نبي ﷺ جن جي آل اصحابن سڳورن مان هرهڪ اسان جي لاءِ اکين جون ماڻڪيون ۽ نيڻن جو نُور آهن.
>
> جيئن ته حضرت نبي پاڪ ﷺ جن پنهنجي اهل بيت کي حضرت

نوح عليه السلام جي ٻيڙيءَ سان تشبيهه ڏني آهي ته جيڪو ان ۾ چڙهندو، اهو ڇوٽڪارو لهندو. جيڪو ان کان پوئتي رهيو، اهو غرق ٿيو. حضور نبي ﷺ جن پنهنجن اصحابن سڳورن کي به تارن سان تشبيهه ڏني آهي ۽ فرمايو، ته منهنجا اصحاب تارن وانگر روشن آهن. توهان انهن جي پيروي ڪندؤ، ته هدايت وارا ٿيندؤ. اهڙيءَ ريت، آخرت واسطي سالڪ ۽ سفر ڪرڻ واري لاءِ حضور ﷺ جن جي آل اصحاب جي رعايت ضروري آهي، ته جيئن هلاڪت کان بچي وڃي، مقصود حاصل ڪري گمراهيءَ کان امن ۾ رهي."

هر هڪ بابت جو تعارف هن ريت آهي:

باب پهريون: هن بابت ۾ قرآن مجيد جي انهن آيتن جو بيان آهي، جيڪي اهل بيت سڳورن جي شان ۾ آيل آهن. مخدوم صاحب اهي ڇهه آيتون آڻي، انهن جو شان نزول ۽ شرح مشهور وڏن تفسيرن، جهڙوڪ: تفسير بيضاوي، تفسير خازن، تفسير ڪشاف، ثعلبي - صحيح بخاري، صحيح مسلم، مستدرڪ حاڪم، مسند احمد بن حنبل، معجم طبراني ۽ ڪتاب نواقص جي حوالي سان بيان ڪري ثابت ڪيو آهي، ته اهل بيت سڳورن جو شان وڏو آهي ۽ ڪين پنجتن پاڪ چوڻ به صحيح آهي.

باب ٻيو: هن باب ۾ مخدوم صاحب اهي چاليهه حديثون آنديون آهن، جن ۾ ڪنهن خاص نالي کان سواءِ، سيني اهل بيت سڳورن جو ڳڏيل شان ۽ فضيلت بيان ٿيل آهي. مثال طور چاليهين حديث ۾ آهي:

"ديلمي فردوس اعليٰ ۾ حضرت علي رضي الله عنه کان روايت ڪئي، ته نبي ﷺ جن فرمايو ته قيامت جي ڏينهن چئن ماڻهن لاءِ شفاعت ڪندس:

1. اهو جيڪو منهنجي اولاد جي عزت ڪري.
2. اهل بيت جي حاجت پوري ڪرڻ وارو.
3. اهل بيت جي پريشانيءَ جي وقت مدد ڪرڻ وارو.
4. پنهنجي دل ۽ زبان سان انهن کي دوست رکڻ وارو."

امام شافعي رحمة الله عليه اهل بيت جي محبت کي فرض قرار ڏنو آهي:

يا اهلبيت رسول الله حبکم،
فرض من الله في القرآن انزله،
کفاکم من عظيم القدر انکم،

من لم يصل عليکم لاصلواة له.

مطلب ته اي رسول الله ﷺ جا اهل بيتو! قرآن ۾ الله تعاليٰ توهان جي محبت فرض بيان ڪئي آهي. اوهان جي لاءِ هيءَ عزت ۽ رتبو ڪافي آهي ته جنهن اوهان تي صلواة نه پڙهي، ته ان جي نماز نه ٿيندي.

باب ٽيون: هن باب ۾ مخدوم صاحب اهي 64 حديثون آنديون آهن. جن ۾ اهل بيت جي نالن سان الڳ الڳ فضيلت ۽ پلاٽي بيان ڪيل آهي. جيئن حضرت علي رضي الله عنه جي شان ۾ 24 حديثون، حضرت بيبي فاطمه رضي الله عنها جي شان ۾ 14 حديثون ۽ حضرت امام حسن ۽ امام حسين عليهما السلام جي شان ۾ 26 حديثون.

باب چوٿون: هن باب ۾ تاريخي واقعا ۽ احوال بيان ٿيل آهن ۽ مخدوم صاحب اهل بيت جون گڇ اهي فضيلتون ۽ صفتون آنديون آهن، جيڪي تاريخ ۽ سيرت جي هيٺين ڪتابن ۾ آيل آهن، جيئن ته: طبقات ابن سعد، الکوکب الدريه في طبقات الصوفيه، سيرت شامي، فتح الباري، علامه قرطبي، زرڪشي، خيفري، مقريزي، سيوطي، طحاوي، شيخ الاسلام ابو زرعه ۽ الشفا قاضي عياض وغيره.

باب پنجون: هن باب ۾ مخدوم صاحب محنت ڪري تاريخي لحاظ سان حضرت علي، حضرت فاطمه، حضرت حسن ۽ حضرت حسين رضي الله عنهم جي ولادت، وفات ۽ انهن جي حياتيءَ جي مدت جو بيان، سندن وفات جو هنڌ، سندن مقبرن جي ذڪر سان گڏ سندن اولاد جو به تفصيلي احوال ڏنو آهي. هيءُ باب تاريخي لحاظ کان معلومات سان ڀرپور ۽ وڏيءَ تاريخي اهميت وارو آهي.

انهيءَ ساڳئي بابت ۾ مخدوم صاحب ابن ڪثير جي تاريخي ڪتاب "البداية والنهايه" جي حوالي سان لکيو آهي، ته امام زين العابدين جي والده سڳوري "سلامه" سنڌي عورت هئي.

باب ڇهون: هن باب ۾ مخدوم صاحب رسول الله ﷺ جن جي فرزندن ۽ نياڻين جو تفصيلي احوال بيان ڪيو آهي.

مخدوم صاحب آخر ۾ وضاحت طور لکيو آهي ته مون نبي ﷺ جن جي بيبي خديجة الڪبريٰ ۽ ٻين گهر وارين جي بيان ۾ الڳ ڪتاب "الباقيات الصالحات" نالي فارسيءَ ۾ لکيو آهي. وڌيڪ احوال ان رسالي ۾ ڏسڻ گهرجي.

هن ڪتاب جو اردو ترجمو مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، "الولي" رسالي (80 - 1979ع) ۾ قسط وار شايع ڪيو. بعد ۾ اهو اردو ترجمو "فضائل اهل

بيت" نالي سان ڪتابي صورت ۾ به ڇپيو آهي. محمد صالح کهڙي جو سنڌي ترجمو، راقم جي تعارف سان روشني پبليڪيشن ڪنڊياري- حيدرآباد مان 2005ع ۾ شايع ڪيو آهي. ان کان اڳ ۾ مولوي محمد اسماعيل ميمڻ سڪندري جو سنڌي ترجمو "وسيلو ولهي جو" نالي رسالي "الراشد" پير ڳوٺ ۾ به قسطوار ڇپيو هو.

------

15. تحفة المسلمين في تقدير مهور اُمهات المومنين

هيءُ ٽن صفحن جو نهايت ننڍڙو رسالو تاريخ 6 رجب المرجب 1171هه ۾ لکيو ويو. ڪاتب ۽ ڪتابت جو سال نامعلوم آهي. صفحي جي ڊيگهه تيرهن انچ ۽ ويڪر اٺ انچ آهي. هر صفحي ۾ 35 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 17 لفظ آهن.

ڪاتب رسالي جي مٿان منڍ ۾ لکيو آهي، ته هيءُ مواد اصل مصنف جي نسخي تان پيٽي اُتاريو ويو آهي. هن رسالي جي مٿئين ڪاتب طرفان "زبدة العلماء" جو لقب به تحرير ٿيل آهي، جنهن مان مخدوم صاحب جي همعصر ۽ اهلِ علم ڪاتبن ۾ سندس علمي عظمت جو به پتو پوي ٿو. راقم ڪي هن رسالي جو عڪس، محترم بشير احمد هيسباڻيءَ جي ذريعي قاسميه لائبريري ڪنڊياري مان مليو. هن رسالي جو قلمي نسخو ڪتبخانه ڳڙهي ياسين ۾ به موجود آهي.[1]

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب هن رسالي ۾ ٻنهي جهانن جي سردار، حضرت محمد رسول الله ﷺ جن جي ازواج مطهرات يعني پاڪ گهر وارين جي باري ۾ مختصر احوال ۽ انهن کي جيڪو نبي ﷺ جن کان نڪاح ۾ پرڻي مهل حق مهر يا ڪابينو مليو، ان جو تفصيل درج ڪيو آهي. انهيءَ ڪري مخدوم صاحب ان مناسبت سان هن رسالي جو نالو "تحفة المسلمين في تقدير مهور امهات المومنين" رکيو آهي. ان وقت عرب ملڪ جي رائج سڪي جي برابر پنهنجي ملڪ سنڌ جي سڪي جو حساب به ڏنو ويو آهي. مخدوم صاحب لکي ٿو:

---

[1] مخدوم صاحب هن ننڍي رسالي "تحفة المسلمين" ۾ ٽيرنهن ڪتابن جا حوالا آندا آهن. راقم الحروف هن رسالي جو سنڌي ترجمو ڪيو آهي، جو مولانا محمد ادريس ڏاهري شاهه پور جهانيان واري سن 1999ع ۾ مخدوم ٺٽويءَ جي ڪتاب "الباقات الصالحات" سان گڏ ڇپرايو آهي. بعد ۾ "سوغات" نالي بجدا 2009ع ۾ صراط پبليڪيشنز ڪراچي مان ڇپيو آهي.

"سيني عالمن جو هن ڳالهه تي اتفاق آهي، ته نبي ﷺ جن جون پاڪ گهر واريون يارهن آهن. زياده تعداد ۾ ٿورو گهڻو ڪٿي اختلاف به آهي. مون هتي نبي ﷺ جن جي انهن يارهن پاڪ بيبين سڳورين جي مهر يا ڪابيني جو مختصر احوال آندو آهي. البت نبي ﷺ جي سيني گهر وارين جو تفصيلي احوال مون پنهنجي لکيل ٻئي فارسي ڪتاب 'الباقيات الصالحات في ذکر الازواج الطاهرات' ۾ آندو آهي."

مخدوم صاحب هن رسالي جي شروع ۾ حضور ﷺ جن جي حرمن سڳورن جو نمبروار ذڪر ۽ مهر جو احوال ڏاڍي تحقيق ۽ وڏن ڪتابن جي حوالي سان لکيو آهي. هر هڪ بيبي سڳوريءَ جو نالو سندن پيءُ جي نالي سان گڏ آندو آهي. نالن جي ترتيب کان پوءِ مخدوم صاحب هڪ محقق جي حيثيت ۾ پاڻ ئي سوال ڪري ٿو، ته جيڪڏهن توکان ڪو پڇي ته نبي ﷺ جن پنهنجي گهر وارين کي مهر يا ڪابينو ڏنو هو يا نه؟ جي مهر ڏنو هو، ته گهڻو ۽ ڪيترو ڏنو هو؟ ان سوال جي جواب ۾ مخدوم صاحب قرآن مجيد جي هيءَ آيت دليل طور آندي آهي: " يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّآ اَحْلَلْنَا لَكَ اَزْوَاجَكَ الّٰتِيْٓ اٰتَيْتَ اُجُوْرَهُنَّ" (پارو 22، سورت احزاب، آيت 50) ترجمو: اي نبي! بيشڪ اسان تو لاءِ اهي زالون حلال ڪيون آهن، جن کي تو سندن مهر ڏنو.

هتي "اجورهن" مان مراد "مهورهن" آهي. هن آيت مبارڪ مان دليل ڏيندي مخدوم صاحب تفسير بيضاوي، علامه حلبي ۽ علامه شهاب الدين خفاجي جي حوالي سان لکي ٿو ته، "هن آيت مان ظاهر آهي ته نبي ﷺ جن پنهنجن گهر وارين کي شاديءَ کان اڳ ۾ مهر ادا ڪيو هو. البت تفسير ڪشاف جو بيان آهي، ته حضور ﷺ جن شايد مهر مقرر ڪيو هجي، يا زبانيءَ چيو هجي ۽ ڏنو نه هجي." مخدوم صاحب ان کي رد ڪندي چوي ٿو ته، "اهو احتمال مجازي ۽ غير ظاهري آهي." وڌيڪ تفسير ثعلبي جي حوالي سان آڻي ٿو ته، "نبي ﷺ جن بيبين سڳورين کي شادي ڪرڻ مهل اڳ ۾ مهر يا ڪابينو ڏنو هو." هينئر به شاديءَ کان اڳ ۾ مهر ڏيڻ افضل ۽ بهتر آهي. ان کان پوءِ مخدوم صاحب هر هڪ بيبي سڳوريءَ ۽ سندس مهر جو الڳ الڳ بيان ڪيو آهي. ان جو نچوڙ هيءُ آهي:

1. حضرت بيبي خديجة ڌيءَ خويلد رضي الله عنها: هن بيبي سڳوريءَ

ڪي ساڍا ٻارهن اوقيه مهر ڏنو ويو هو. هر اوقيه چانديءَ جا چاليهه درهم آهي. "مواهب اللدنيه" ۾ آهي ته بيبي سڳوريءَ جو جملي مهر پنج سؤ درهم چاندي هو. ان مهر جو سنڌ ملڪ جي حساب سان اندازو هڪ سؤ چاليهه روپيا ٿيندو. "صحيح مسلم" جي حديث ۾ ٻين روايتن مان ظاهر آهي ته بيبي سڳوريءَ جو مهر ويهه اُٺ هو ۽ ويهن اُٺن جي قيمت پنج سؤ درهم چاندي ٿيندي. ان ڪري پنج سؤ درهم چاندي ۽ ويهن اُٺن جي الڳ الڳ روايت جي تطبيق هيئن ٿيندي، ته ويهن اُٺن جي قيمت پنج سؤ درهم چاندي هئي ۽ ٻئي روايت جو ظاهر الڳ ۽ مقصد هڪ آهي. هيئن به ٿي سگهي ٿو، ته پنج سؤ درهم چانديءَ سان گڏ ويهه اُٺ زياده ڏنا ويا هجن.

"سيرت شامي" ۾ ٻئي هنڌ اچي ٿو، ته بيبي خديجة رضي الله عنها جو مهر يا ڪابينو بيبي فاطمة الزهراء رضي الله عنها جيترو يعني چار سؤ مثقال چاندي هو. بيبي فاطمة جي مهر جو وضاحتي احوال، ضميمي طور هن رسالي جي آخر ۾ ايندو.

2. حضرت سودي ڌيءَ زمعهه رضي الله عنها: "سيرت شامي" ۾ آهي ته هن بيبي سڳوريءَ جو مهر چار سؤ درهم چاندي هو، جيڪو سنڌ ملڪ جي حساب سان هڪ سؤ ٻارهن روپيا ٿيندو.

3. حضرت عائشهه ڌيءَ ابوبڪر صديق رضي الله عنها: صحيح قول موجب هن بيبي سڳوريءَ جو مهر به حضرت خديجة رضي الله عنها وانگر پنج سؤ درهم چاندي هو. ابن اسحاق جي روايت ۾ چار سؤ درهم چاندي آيو آهي. ابن اسحاق جي اها روايت، صحيح روايت جي خلاف آهي. اهڙي وضاحت زرقانيءَ "مواهب اللدنيه" جي شرح ۾ لکي آهي.

4. حضرت حفصهه ڌيءَ عمر فاروق رضي الله عنها: هن بيبي سڳوريءَ جي مهر جي باري ۾ پوريءَ طرح معلوم نه آهي. پر صحيح مسلم ۾ حضرت عائشه رضي الله عنها جي حديث ۾ آيو آهي ته نبي ﷺ جن جو پنهنجي گهر وارين لاءِ مهر ساڍا ٻارهن اوقيه سونُ هو. ساڍا ٻارهن اوقيه برابر پنج سؤ درهم جي آهن. پوءِ هن حديث مان ظاهر آهي ته هن بيببي سڳوريءَ جو مهر به پنج سؤ درهم هو.

5. حضرت اُم سلمه ڌيءَ ابي اميه رضي الله عنها: هن بيبي سڳوريءَ جو مهر هڪ هنڌُ، هڪ ننڍو پيالو، هڪ وڏو پيالو ۽ هڪ جنڊُ هو. انهن سيني

شين جي قيمت ڏهه درهم چاندي آهي. ٻيءَ روايت ۾ آيو آهي ته انهن شين جي قيمت چاليهه درهم چاندي آهي.

6. حضرت ام حبيبهه ڌيءَ ابو سفيان رضي الله عنها: صحيح قول موجب هن بيبي سڳوريءَ جو مهر چار سؤ دينار سونُ هو. ٻيءَ روايت ۾ آهي ته ٻه سؤ دينار سونُ هو. ٽينءَ روايت ۾ آهي ته نَو سؤ درهم چاندي هو. چوٿينءَ روايت ۾ چار هزار درهم چاندي هو. پر سيني روايتن ۾ پهرئين روايت وڌيڪ صحيح آهي.

نوٽ: ياد رهي ته هن بيبي سڳوريءَ جو مهر پاڻ سڳورن ﷺ جن جي رضامنديءَ سان حبش جي بادشاهه نجاشيءَ از خود ام حبيبه سان گڏ موڪليو هو. ان ڪري ئي ام حبيبه جو مهر سيني بيبين سڳورن کان وڌيڪ آهي.

7. حضرت زينب ڌيءَ جحش رضي الله عنها: هن بيبي سڳوريءَ جو مهر چار سؤ درهم چاندي هو.

8. حضرت زينب ڌيءَ خزيمهه رضي الله عنها: هن بيبي سڳوريءَ جو مهر چار سؤ درهم چاندي هو. ٻيءَ روايت ۾ پنج سؤ درهم به آيو آهي.

9. حضرت ميمونهه ڌيءَ حارث رضي الله عنها: هن بيبي سڳوريءَ جو مهر چار سؤ درهم چاندي هو. ٻيءَ روايت ۾ پنج سؤ درهم چاندي به آيو آهي.

10. حضرت جويريهه ڌيءَ حارث رضي الله عنها: هن بيبي سڳوريءَ جو مهر نَوَ اوقيه سونُ هو. ياد رهي ته هيءُ بيبي سڳوري جنگ مريسيع (بني المصطلق) ۾ مالِ غنيمت ۾ حضرت ثابت بن قيس بن شماس انصاري رضي الله عنه جي حصي ۾ آئي هئي. حضرت ثابت پوءِ بيبي سڳوريءَ کي نوَن اوقين تي مڪاتب* ڪيو.

حضرت نبي ﷺ جن بيبي جويريه پاران نَوَ اوقيه ڏئي، حضرت ثابت کان بيبي سڳوريءَ کي آزاد ڪرايو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جن ان سان نڪاح ڪيو ۽ اهو مال مڪاتب نَوَ اوقيه سندس مهر ٿيو. ٻيءَ روايت ۾ آهي ته نبي ﷺ جن حضرت جويريه کي حضرت ثابت کان سونَ جي نوَن اوقين ۾ خريد ڪري آجو ڪيو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جن ان سان نڪاح ڪيو. سونَ جي نَوَ اوقين ۾ 360 درهم چاندي ٿين ٿا ۽ سنڌ ملڪ جي حساب سان 98 روپيا ٿيندا.

11. حضرت صفيهه ڌيءَ حي رضي الله عنها: هيءَ بيبي سڳوري پهريائين

* ٻانهو جيڪڏهن پنهنجي آقا کي خوش ڪري ڪجهه رقم مقرر ڪري ادا ڪري سگهي ٿو. ته پوءِ اهو آزاد ٿي سگهي ٿو. ان کي "مڪاتب" چئبو آهي.

خيبر جي جنگ ۾ حضرت دحية بن خليفه ڪلبي جي حصي ۾ آئي. نبي ﷺ جن حضرت دحية کان بيبي سڳوريءَ کي ستن غلامن جي عيوض خريد ڪري آجو ڪيو ۽ پنهنجي نڪاح ۾ آندو. ان ڪري شافعي علماء چون ٿا، ته بيبي سڳوريءَ جي آزادي ئي سندس مهر هو. ڪن چيو آهي ته بيبي سڳوريءَ جي آزاديءَ لاءِ جيڪي ستَ ماڻهو بدلي ۾ ڏنا ويا هئا، اهي ئي مهر برابر هئا. ڪي چون ٿا ته هن بيبي سڳوريءَ جو مهر مقرر ڪونه هو ۽ سندس آزادي ئي مهر مثل هئي ۽ هيءُ نڪاح مهر کان سواءِ حضرت نبي ﷺ جن جو خاصو آهي. اهو قول حنفين، مالڪين ۽ حنبلين جو آهي. البت، امام احمد بن حنبل هن ڳالهه جو قائل آهي، ته هر مؤمن جو نڪاح مهر کان سواءِ به ٿي سگهي ٿو.

پڇاڙي (ضميمو)

حضرت بيبي فاطمة الزهراء جي مهر جو بيان: ڄاڻڻ گهرجي ته "مواهب اللدنيه" لکيو آهي ته نبي ﷺ جن جي نياڻي حضرت بيبي فاطمة الزهراء جو مهر چار سؤ مثقال چاندي هو. اهڙيءَ ريت سيرت شاميه، رياض العارفين ۽ خزانة الروايات ۾ به آيل آهي. انهيءَ مان معلوم ٿيو ته اهو مهر سنڌ ملڪ جي حساب سان هڪ سؤ ست روپين جي برابر آهي.

هن کان اڳ ۾ به گذري آيو آهي، ته حضور ﷺ جن جي پهرئين گهر واريءَ حضرت بيبي خديجة الڪبريٰ جو مهر هڪ روايت موجب چار سؤ مثقال چاندي هو. ان ڪري سنڌ ملڪ جا اڪثر ماڻهو نبي ﷺ جن جي سنت ۽ طريقي موجب "هڪ سؤ ست رپيا" مهر مقرر ڪندا آهن.

------

16. اصلاح مقدمة الصلواة

هن رسالي جو نالو ڪاتب هن ريت لکيو آهي: ”اصلاح مقدمة الصلواة - سيدنا و مولانا الخير النحري الشيخ محمد هاشم التتوي زيد عمره ودام...“ انهيءَ عبارت جي لفظ ”زيد عمره“ مان اهو معلوم ٿئي ٿو، ته هيءُ رسالو خود مخدوم صاحب جي حال حيات دور جو لکيل آهي، جو ڪيس ڊگهي عمر جي دعا ڪيل آهي.

رسالي ۾ 24 صفحا آهن. صفحي جي ڊيگهه نوَ انچ ۽ ويڪر ڇهه انچ آهي. هر صفحي ۾ 16 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 9 کان 13 لفظ آهن. هن رسالي جو قلمي نسخو، محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لائبريريءَ ۾ آهي. ان جو عڪس راقم وٽ محفوظ آهي. هن نسخي کان علاوه مرحوم مولوي حامد الله آگري، پيش امام - درگاهه سعدي موساڻي، تعلقي ميهڙ وٽان بہ اصلاح مقدمة الصلواة جو هڪ قلمي نسخو تحفي طور مليو، جو پڻ راقم وٽ محفوظ آهي. البت، صحت جي لحاظ کان پهريون قلمي نسخو بهتر آهي. مخدوم صاحب هن 12 ورقن جي ننڍي رسالي ۾ 62 ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن. هن رسالي جا قلمي نسخا مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، ڳڙهي ياسين، ڪنڌياري ۽ مدرسه ملير ڪراچي جي لائبررين ۾ موجود آهن. راقم هن ڪتاب جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي.

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب هيءُ رسالو مشهور ٺٽوي بزرگ ميين ابوالحسن جي سنڌيءَ ۾ لکيل ڪتاب ”مقدمة الصلواة“ منظوم جي اصلاح خاطر لکيو آهي. مخدوم صاحب پاڻ ”اصلاح“ جي مقدمي ۾ وضاحت ڪندي لکي ٿو:

”حمد ۽ صلواة کان پوءِ حقير ٻانهو گهڻو گنهگار محمد هاشم پٽ عبدالغفور جو چوي ٿو ته، هن رسالي لکڻ جو سبب منهنجا ڪي پيارا دوست آهن. الله تعاليٰ کين سلامت رکي! جن توجهه ڇڪايو ته

وڏي عارف ۽ مشهور صالح شيخ ابوالحسن پٽ مرحوم عبدالعزيز سنڌي (الله تعاليٰ سندس قبر کي روشن ڪري!) جو لکيل سنڌي ڪتاب ”مقدمة الصلواة“ سنڌ جي شهرن ۾ گهڻو مشهور آهي. خاص ۽ عام ماڻهن جي گهڻائيءَ لاءِ نماز جي مسئلن ۾ دستور العمل بنجي چڪو آهي. جيتوڻيڪ ان ۾ ڪن جاين تي ڪي مسئلا شڪ شبهي کان خالي ناهن. پوءِ جڳائي ٿو ته حق جي اظهار ۽ خلق جي رهبريءَ خاطر انهن جاين ۽ مسئلن تي روشني وڌي وڃي، پر باوجود سڄڻن جي انهيءَ صلاح جي هن فقير (محمد هاشم ٺٽوي) مؤلف (ميين ابوالحسن ٺٽوي) جي صلاحيت ۽ ڪمال جي ڪري ڳچ مدت تائين انهن مسئلن جي اپٽار کان پاڻ کي روڪيو ۽ انهن مسئلن تي قلم کڻڻ جي جرئت نہ ٿي ڪئي. نيٺ ڳچ عرصي کان پوءِ منهنجي دل ۾ غيب جي خزاني مان الله تعاليٰ طرفان القاءُ ٿيو، يعني روح ريلو ڏنو ته هي خير جو ڪم آهي ۽ مؤلف (ميون ابوالحسن ٺٽوي) جو روح بہ راضي آهي. ڇو ته نيڪ ۽ صالح، حق ٻڌڻ سان خوش دل ٿيندا آهن. جيتوڻيڪ اهو حق چوڻ ڪٺي ننڍن کان ئي ظاهر ٿيو هجي. اهڙيءَ ريت حديث شريف ۾ بہ علم لڪائڻ جي مذمت آيل آهي. پوءِ ان ضرورت کي تنبيهه طور پورو ڪيو ويو. جڏهن رسالو پورو ٿيو، ته ان جو نالو ”اصلاح مقدمة الصلواة“ رکيو ويو. جيڪو بہ منهنجي اصلاح ۾ ڪا غلطي يا سهو ڏسي، ته خدا ڪارڻ ان جي اصلاح ۽ تصحيح ڪري. بيشڪ الله تعاليٰ محسنن جو اجر ضايع نہ ٿو ڪري!“

مخدوم صاحب هن رسالي ۾ ”مقدمة الصلواة“ جي عبارت ۾ مسئلن جي اصلاح خاطر 28 سوال ڪيا ۽ انهن جا جواب فارسيءَ ۾ ڏنا آهن ۽ اصل اصلاح طلب سنڌي بيت بہ حوالي طور ڏنا آهن. ”اصلاح مقدمة الصلواة“ جو وڌيڪ تفصيل سوانح حيات جي انين باب ۾ آيل آهي.

مخدوم صاحب ”مقدمة الصلواة“ جي اصلاح خاطر سنڌيءَ ۾ بہ بيت لکيا،

جيڪي ’مقدمة الصلواة‘ مطبوع سان گڏ ڇپيل آهن.

------

17. نتيجة الفڪرفي تحقيق صدقة الفطر

هن رسالي جو نالو مخدوم صاحب جي ڪتابن جي فهرست ۾ ته موجود هو، پر اهو ڪٿان به دستياب ٿي نه پئي سگهيو. نيٺ گهڻي ڳولا کان پوءِ خوش قسمتي سان ”بياض هاشمي“ اندر اهو الڳ صورت ۾ لکيل مليو. وڏي سائيز جي پنجن صفحن تي فارسي ۾ لکيل هيءُ ناياب رسالو آهي.

مخدوم صاحب صدقه فطر ۽ نبوي ٽويي جي باري ۾ هڪ رسالو سن 1137هجري ۾ لکيو هو. ان جا ٻه نالا آهن. هڪ ”فيض الغني“ ۽ ٻيو ”ڪشف السر“ .

هيءُ رسالو ”نتيجة الفڪر“ انهن ٻنهي رسالن کان پوءِ جو لکيل آهي ۽ انهي ئي سلسلي ۽ مسئلي جي هڪ ڪڙي آهي. رمضان المبارڪ مهيني ۾ روزن پوري ڪرڻ کان پوءِ، عيد جي ڏينهن صبح جو عيد نماز تي وڃڻ کان اڳ ۾ ڪٽڪ جو اڌ ٽويو هر مسلمان ڪي فطرو ڏيڻو هوندو آهي. هيءُ رسالو ”صدقة الفطر“ جي تحقيق ۾ لکيل آهي. ان ۾ سوال جواب به ڏنل آهن. عراقي ٽويي ۾ اٺ رطل پوندا آهن ۽ حجازي ٽويي ۾ پنجن رطلن کان ڪجهه وڌيڪ ٿيندو آهي.

مخدوم صاحب هن رسالي ۾ تحقيق دوران سنڌ جي عالمن: مخدوم جعفر بوبڪائي، مخدوم ظهير الدين ٺٽوي ۽ قاضي فريد ٺٽوي جا نالا به حوالي طور آندا آهن. آخر ۾ مخدوم صاحب پنهنجو نالو تحرير جي نموني هن ريت لکيو آهي:

”هذا ماحققه الفقير الراجي اليٰ رحمة الصبور محمد هاشم عفي عنه“

------

18. حديقة الصفا في اسماءِ المصطفيٰ ﷺ

هن رسالي ۾ 35 صفحا آهن. صفحي جي ڊيگهه ڇهه انچ ۽ ويڪر چار انچ آهي. هر صفحي ۾ 13 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 7 لفظ آهن. هن رسالي جو قلمي نسخو تمام پراڻو آهي، پر صحيح سلامت آهي. اکرن جي بيهڪ، سهڻي سٽاءَ ۽ ڪتابت مان معلوم ٿئي ٿو ته هيءُ قلمي نسخو خود مخدوم صاحب جي دور جو يادگار ۽ سندس هٿ جو لکيل آهي. اسان وٽ مخدوم صاحب جا تصديق شده هٿ اکر ۽ مهر به محفوظ آهي انهن اکرن جي ڀيٽڻ سان گمان غالب ٿئي ٿو ته هيءُ رسالو به خود مصنف جو دستخط قلمي نسخو آهي. محفوظ اکرن ۽ مهر جي تصديق علامه غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن ڪئي آهي. بهرحال، هيءُ ناياب قلمي نسخو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي لائبريري، ڄام شوري ۾ محفوظ آهي.

هن رسالي جي خاص خوبي هيءَ آهي ته مخدوم صاحب توريت، زبور ۽ ٻين صحيفن سان گڏ انجيل جو حوالو به ڏنو آهي. عيسائي پادري انجيل جي تحريف ۽ دلائل جي حوالي سان مسلمانن سان مناظرو ڪندا ۽ رد ڪد ڏيندا رهيا آهن. مخدوم صاحب جي علمي ۽ ديني حيثيت ته مڃيل آهي، پر صحيفن ۽ انجيل تي سندس مهارت حيرات ڪن آهي. پاڻ نه صرف انجيل جو ڄاڻو هو، پر عيسائين سان مناظرا به ڪندو رهندو هو. جنهن جي تصديق رچرڊ برٽن به ڪئي آهي.[1]

راقم وٽ سنڌالاجي واري قلمي نسخي جو عڪس موجود آهي. سنڌ ۾ هن رسالي جو ٻيو قلمي نسخو سرهندي لائبريري، ٽنڊي سائينداد ۾ آهي.

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب عاشقِ رسول ﷺ ۽ سنت نبويءَ جو پابند ۽ دين اسلام جي اجراءِ لاءِ هميشه ڪوشان رهندو هو. سيرت النبي، سوانح، مديني منوره ۽ اسماء النبي ﷺ جي موضوعن تي سندس گهڻ ڪتاب لکيل آهن. مثلاً: بذل

(1) رچرڊ برٽن: "سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون"، (مترجم سنڌي)، ص 77

القوة، فتح القوي، زاد السفينه، قوت العاشقين، روضة الصفا، حديقة الصفاء ۽ وسيلة الفقير وغيره.

مخدوم صاحب هيءُ ڪتاب حضور ﷺ جي نالن مبارڪن بابت نهايت تحقيقي ۽ جديد انداز ۾ لکيو آهي. عام طور حضور ﷺ جن جا 99 نالا مشهور آهن، پر مخدوم صاحب قرآن، حديث، اصحابن ۽ تابعين جا آثار ۽ آسماني صحيفن - توريت، زبور ۽ انجيل جي حوالن سان حضور ﷺ جن جا نالا مبارڪ ميڙي چونڊي، الف - بي وار ترتيب ڏيئي مرتب ڪيا آهن. انهن نبوي نالن مبارڪن جو تعداد 1181 آهي. نبي سائين جي نالن مبارڪن پڙهڻ جو فائدو ۽ طريقو به تحرير ٿيل آهي. مخدوم صاحب اڳتي هلي "حديقة الصفا" ۾ آيل 1181 نالن مبارڪن جي معنيٰ، مطلب، سمجهاڻي ۽ شرح ۾ "وسيلة الفقير في شرح اسماء الرسول البشير" نالي ضخيم ڪتاب فارسي ۾ به لکيو.

مخدوم صاحب جي تحقيق موجب حضور ﷺ جن جا نالا مبارڪ ٻن هزارن کان وڌيڪ آهن. تحقيق ڪندي کيس 1181 نالا دستياب ٿيا، جن جي لسٽ "حديقة الصفا" جي آخر ۾ شامل آهي.

مخدوم صاحب ڪتاب جو پسمنظر، حوالي طور آيل ڪتابن جي تحقيق ۽ ترتيب بيان ڪندي مڪمل تفصيل پيش ڪيو آهي. هتي "حديقة الصفا" جي مقدمي جو ترجمو ڏجي ٿو، ته جيئن پوري ڪتاب جو تعارف سامهون اچي ۽ امت نبوي جا نيڻ ٺرن:

> "حمد ۽ صلواة کان پوءِ عاجزي ۽ نيستي مڃيندڙ، **الله** تعاليٰ جي رحمت ۾ اميدوار محمد هاشم پٽ عبدالغفور سنڌي (**الله** ڪريم ٻنهي جا گناهه بخشي ۽ عيب ڍڪي!) عرض گذاري ٿو ته ڪتاب 'سبل الهدايٰ والرشاد في سيرة خيرالعباد' مشهور 'سيرت شامي' ۾ قاضي ابوبڪر بن عربي (المتوفي: 543هه) کان نقل ڪيو آهي، ته ڪن مشائخ صوفين فرمايو آهي: '**الله** تعاليٰ جا هزار نالا مبارڪ آهن. اهڙيءَ طرح **الله** جي پياري پيغمبر ﷺ جا به هزار نالا آهن.'
>
> شيخ عبدالرؤف مناوي 'شرح انموذج اللبيب' ۾ آندو آهي ته امام ابن فارس چيو: 'پياري نبي ﷺ جا ٻه هزار ويهه (2020) نالا مبارڪ آهن.'

جيتوڻيڪ انهن پيارن نبوي نالن مبارڪن جي تعداد جو تعين ۽

تفصيل ڪنهن ڪتاب ۾ يڪجاءِ نہ ٿو ملي. پوءِ هن ڪمزور (محمد هاشم) ڪي دل ۾ خيال آيو، تہ نبي ﷺ جا نالا مبارڪ جيڪي بہ ملي سگهن، انهن کي هڪ لڙهيءَ ۾ پوئي هار ٺاهجي تہ جيئن رسول **الله** ﷺ جي عاشقن کي ورد ۽ پڙهڻ ۾ آساني ٿئي. پوءِ انهن نبوي نالن مبارڪن کي قرآن شريف، حديث شريف، اصحابن ۽ تابعين جي آثارن مان ميڙي چونڊي سهيڙيو ويو آهي. هن رسالي ۾ ڪي اهڙا نالا مبارڪ بہ ذڪر ڪيل آهن، جن کي اڳوڻن عالمن بيان ڪيو آهي. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ نبي ﷺ جن جي انهن نالن مبارڪن پڙهڻ ۽ ورد وظيفو ڪرڻ سان **الله** تعاليٰ ۽ سندس رسول ﷺ جو راضپو حاصل ٿئي ٿو. قيامت جي ڏينهن **الله** تعاليٰ جي زيارت ۽ ديدار جو وسيلو ٿيندو. ان شاء **الله** تعاليٰ! هن رسالي جو نالو ’حديقة الصفا في اسماء المصطفيٰ ﷺ رکيو ويو آهي. هن رسالي ۾ مقدمو آهي، جيڪو ٽن فائدن تي مشتمل آهي. (۽ آخر ۾ نبي پاڪ جا 1181 نالا مبارڪ درج آهن)“

هن رسالي جو اُردو ترجمو ”باغ هن باغ“ نالي سان مفتي محمد جان نعيمي، مدرسه مجدديه نعيميه- ملير، ڪراچي طرفان 1997ع ۾ ڇپرايو آهي. راقم ان جو اڳواٽ سنڌي ترجمو تحقيق دوران ڪيو هو. تازو هن بابرڪت ڪتاب ”حديقة الصفا“ جو منهنجو ڪيل سنڌي ترجمو مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور طرفان 2003ع ۾ شايع ٿيو آهي.

حديقة الصفا جا ٻيا بہ اردو ترجما ڇپيا آهن، ڪن نسخن ۽ ڇاپن ۾ نبي سائين جا نالا مبارڪ 1177، 1181 ۽ 1185 آيل آهن. ’حديقة الصفا‘ جي منهنجي مترجم ڇاپي ۾ بہ ڇپائي جي غلطي مان 1185 نالا ڇپجي ويا آهن، جيڪي دُرست ڪري نبي سائين جا 1181 نالا مبارڪ پڙهيا وڃن. ان شاءَ**الله** نئين ڇاپي ۾ درستگي ڪئي ويندي.

------

19. وسيلة الفقير في شرح اسماء الرسول البشير

هن ضخيم ڪتاب جي فهرست 12 ورق ۽ ۽ متن 270 ورق، جملي 562 صفحا آهن. صفحي جي ڊيگهہ نوَ انچ ۽ ويڪر ست انچ آهي. هر صفحي ۾ 21 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 15 لفظ آهن.

هيءُ قلمي نسخو ويجهڙائيءَ واري دور جو لکيل معلوم ٿئي ٿو. ان ڪان سواءِ آخري صفحو ڪٽل هئڻ ڪري، هن ضخيم ۽ ناياب ڪتاب جي تاليف جي تاريخ ۽ ڪاتب جي نالي وغيره جي پروڙ ڪانہ ٿي پوي. مخدوم صاحب حضور ﷺ جي نالن مبارڪن بابت هڪ الڳ هڪ رسالو ”حديقة الصفا في اسماء المصطفيٰ“ ﷺ مرتب ڪيو هو. هيءُ ڪتاب ”وسيلة الفقير“ انهن نبوي نالن مبارڪن يعني ”حديقة الصفا“ جو شرح آهي. اسان جو غالب گمان آهي تہ ”وسيلة الفقير“ انهيءَ ننڍي رسالي ”حديقة الصفا“ ڪان پوءِ لکيو ويو هوندو. افسوس آهي تہ ”حديقة الصفا“ جي تصنيف جو سال بہ معلوم ٿي نہ سگهيو آهي، البت، مخدوم صاحب ”وسيلة الفقير“ ۾ (198 ورق تي) پنهنجي هڪ ٻئي فارسي ڪتاب ”فتح القوي“ (سن تاليف 1133 هجري) جو حوالو ڏنو آهي. انهيءَ مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ ”وسيلة الفقير“ ضرور سن 1133ھ ڪان بعد ۾ لکيو ويو هوندو. هي ڪتاب قلمي صورت ۾ آهي. راقم جي ڪتب خاني ۾ سينٽرل لائبريري، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شوري جي نسخي جو عڪس محفوظ آهي. ان ڪان سواءِ انهيءَ رسالي جا درگاهہ پير جهنڊي ۽ مدرسه مجدديه نعيميه - ملير، ڪراچي ۾ بہ قلمي نسخا موجود آهن.

مواد جو ڇور:

مخدوم صاحب هن رسالي ۾ ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جي 1181 نوراني نالن مبارڪن جو سليس فارسيءَ ۾ شرح لکيو آهي. مخدوم صاحب نبوي نالا مبارڪ الف - بي وار ترتيب سان آڻي، ان ڪان پوءِ هر هڪ نبوي نالي

مبارڪ جي لفظي معنيٰ، اهو نالو مبارڪ قرآن، حديث يا ڪنهن ٻي ماخذ ۾ آيل آهي، ان جي نشاندهي ۽ حوالو، نالي مبارڪ پڙهڻ جا فضائل ۽ برڪتون لکيون آهن. آخر ۾ ويو آهي هر هڪ نالي مبارڪ جي سليس فارسي ۾ سمجهاڻي ڏيندو. ان ڏس ۾ اڄ تائين فارسيءَ ۾ اهڙو جامع ڪتاب ۽ شرح نہ لکيو ويو آهي. سندس قلم مان عشقِ رسول ﷺ جا سرچشما ڦٽي نڪتا آهن. گويا هيءُ ڪتاب علمي خزانو ۽ ساهہ سان سانڍڻ جهڙو تحفو آهي ۽ تحقيقي دنيا ۾ مخدوم صاحب جو هڪ وڏو علمي ڪارنامو آهي.

مخدوم صاحب "وسيلة الفقير" جو مواد هن ريت ورهايو آهي: ڪتاب جي شروعات ۾ نالي ڪان پوءِ سڄي مواد جي 24 صفحن ۾ فهرست آيل آهي. ان ڪان پوءِ ڪتاب لکڻ جو سبب، مقصد، جامع مقدمو، چار باب، بابن ۾ مختلف فصل، قسم، فائدا ۽ آخر ۾ خاتمو آهي.

راقم کي ويجهر ۾ سنڌالاجي لائبريري ڄام شوري مان "وسيلة الفقير" فارسي جي مڪمل قلمي نسخي جو عڪس مليو آهي. اهو قلمي نسخو وڏي سائيز جي 396 صفحن تي مشتمل، وچولي ڪتابت سان آهي. ڪاتب جو نالو فتح محمد نظاماڻي ۽ ڪتابت جي تاريخ هي آهي: يوم الجمعه 18 محرم 1334هه. هيئنر هن مڪمل نسخي جو عڪس قاسميه لائبريري ڪنڊياري ۽ قادريه لائبريري دڙي مگسي سڪرنڊ ۾ موجود آهي.

------

20. النفحات الباهرة في جواز القول بالخمسة الطاهرة

هن رسالي ۾ 8 صفحا آهن، جنهن ۾ 19 وڏن ڪتابن جا حوالا ڏنل آهن. صفحي جي ڊيگهہ ساڍا ست انچ ۽ ويڪر ساڍا ڇهہ انچ آهي. هر صفحي ۾ 16 سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور 16 لفظ آهن. هن رسالي جا قلمي نسخا ڳڙهي ياسين، سنڌالاجي، پير جهنڊي ۽ وليدي ڪتب خانہ - لاڙڪاڻي ۾ موجود آهن. راقم وٽ ڳڙهي ياسين واري قلمي نسخي جو عڪس آهي.

مواد جو وچور:

مخدوم صاحب جي وقت ۾ ڪن متعصب ماڻهن ائين چيو ۽ اها ڳالهہ مخدوم صاحب جي ڪن تي بہ پئي تہ، "جيڪو شخص پاڪ پنجن سڳورن کي 'پنجتن پاڪ' چوندو تہ اهو رافضي آهي ۽ جيڪو ماڻهو اهل بيت جي مشهور ٻارهن امامن سڳورن کي 'ٻارهن امام' چوندو تہ اهو ڪافر آهي."

مخدوم صاحب هن رسالي ۾ حديثن ۽ حوالن سان اهو ثابت ڪيو آهي، تہ پنجتن پاڪ لفظ مان مراد حضرت محمد ﷺ حضرت علي، حضرت حسن، حضرت حسين ۽ حضرت فاطمة الزهراء رضي الله عنهم آهن. انهن پنجن سڳورن کي "پنجتن پاڪ" چوڻ جائز آهي. هن جو اصل "صحيح مسلم" جي حوالي سان ام المؤمنين عائشه رضي الله عنها جي حديث مان صحيح ۽ ثابت آهي. انهن پنجن پيارن کي پنجتن پاڪ چوڻ جائز آهي ۽ ان جو انڪار ڪندڙ جاهل آهي.

ٻارهن امامن سڳورن کي "ٻارهن امام" چوڻ وارو بہ ڪافر نہ آهي ۽ ائين ڪافر چوڻ حق کان تجاوز ڪرڻ آهي. مشهور ٻارهن امام هي آهن: حضرت علي، حضرت حسن، حضرت حسين، حضرت زين العابدين، حضرت محمد باقر، حضرت جعفر صادق، حضرت موسيٰ رضا، حضرت موسيٰ ڪاظم، حضرت محمد نقي، حضرت علي نقي، حضرت حسن عسڪري ۽ حضرت محمد مهدي رضي الله عنهم.

ٻارھن امامن سڳورن جي باري ۾ مخدوم صاحب جي تحقيق ھيءَ آھي، تہ عزت ۽ احترام طور انھن ڀلارن کي ’ٻارھن امام ‘ چوڻ ۾ حرج ڪونھي. البت، انھن کي نبين سڳورن وانگر معصوم سمجھڻ ۽ خلافت رڳو انھن ۾ منحصر ڄاڻڻ صحيح ناھي ۽ ائين چوڻ اھلِ سنت جي عقيدي جي ابتڙ آھي. ائين چوڻ وارو بدعتين ۾ ڳڻيو ويندو، پر ان تي ڪفر جو حڪم لڳائڻ حق کان تجاوز ڪرڻ آھي.

راقم ھن ڪتاب جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو آھي ۽ مولانا محمد ادريس ڏاھري شاھ پور جھانيان واري انھيءَ ڪتاب جي فارسي متن جو سنڌي ۾ خلاصو سال 2000ع ۾ شايع ڪيو آھي. انھيءَ خلاصي جو تعارف بہ راقم جو لکيل آھي.

اپريل 2018ع ۾ ڪراچي جي مشھور محقق عالم مفتي عطاءُالله نعيمي ھيءَ ڪتاب اصل فارسي ۽ اردو ترجمي ۽ تخريج سان گڏ جمعيت اشاعت اھلسنت پاڪستان ڪراچي طرفان شايع ڪيو آھي.

------

21. فضائل نماز و دعاء عاشوره

ھيءُ رسالو مخدوم صاحب جي وفات کان 27 سال پوءِ سن 1201 ھجري جو ڪتابت ٿيل دستياب ٿيو آھي. ڪاتب قاضي محمد حسن ولد حافظ محمد عابد فاروقي سونڊوي آھي. رسالي ۾ 12 صفحا آھن ۽ ھر صفحي جي ڊيگھ اٺ انچ ۽ ويڪر ڇھ انچ آھي. ھر صفحي ۾ 14 سٽون ۽ ھر صفحي ۾ سراسري طور 12 لفظ آھن. ھيءُ رسالو ٺٽي جي ويجھو ”سونڊن“ جي شھر ۾، قاضي محمد موسيٰ وٽ محفوظ آھي. رسالي جي منڍ ۾ ڪاتب لکيو آھي: ”نقل از رسالہ مولانا مرحوم مخدوم حاجي محمد ھاشم غفرالله عنه“. قاضي محمد موسيٰ جي خانداني روايت موجب ھيءُ رسالو مخدوم صاحب جي تصنيف آھي. البت، ان جو ڪنھن بہ فھرست ۾ نالو آيل نہ آھي. ھيءُ رسالو بلڪل نئون دستياب ٿيو آھي. راقم کي انھيءَ رسالي جو عڪس قاضي محمد موسيٰ سونڊوي کان مليو، جو سنڌ ۾ واحد قلمي نسخو آھي ۽ فارسي ٻوليءَ ۾ لکيل آھي.

مواد جو وچور:

ھيءُ رسالو بہ وقت جي اھم ضرورت ۽ ھڪ علمي مسئلي بابت تحرير ٿيل آھي. مخدوم صاحب جي دور ۾ سنڌ ۾ خاص طرح سان ٺٽي شھر ۾ اسلامي ھجري سال جي پھرئين مھيني محرم الحرام عاشوري جي ڏينھن ۾ ناجائز ڪم ٿيندا ھئا. مخدوم صاحب عام ماڻھن جي رھنمائيءَ ۽ سنتِ نبوي جي طريقي موجب عاشوري جي ڏينھن ۾ صحيح ۽ جائز ثواب جي ڪمن ڪرڻ لاءِ ھيءُ رسالو جوڙيو، تہ جيئن عام ماڻھو اجاين ريتن رسمن کان بچن. نماز ۽ دعائون پڙھي ثواب دارين حاصل ڪن.

مخدوم صاحب حمد ۽ صلواة کان پوءِ وضاحت سان لکي ٿو:

”ھيءُ رسالو نماز ۽ دعائن جي بيان ۾ آھي جيڪي عاشوري جي ڏينھن ۽ رات ۾ پڙھجن.

نماز عاشوري جو بيان: نبي ﷺ فرمايو آھي تہ جيڪو عاشوري

جي رات سؤ رڪعتون نماز پڙهي، هر رڪعت ۾ سورت فاتحه کان پوءِ ٽي ٽي ڀيرا سورت اخلاص پڙهي، سلام وارائڻ کان پوءِ ستر ڀيرا تسبيح ”سبحان **الله** وبحمده - سبحان **الله العظيم**“ پڙهي، ته **الله** تعاليٰ ان جا سمورا گناهه بخشيندو ۽ سڄو سال سندس ڪم خير خوبيءَ سان پورا ٿيندا رهندا.“

اهڙيءَ ريت سڄي رسالي ۾ مختلف نفل نمازن پڙهڻ جا طريقا ۽ دعائن پڙهڻ جا نمونا بيان ٿيل آهن. جنھنڪري اسلامي هجري سال جي پهرئين مهيني محرم الحرام جي اهميت پڻ اجاگر ٿئي ٿي ۽ اهل بيت رسول ﷺ جي عملي ۽ حقيقي محبت نصيب ٿئي ٿي. مخدوم صاحب سنتِ نبوي جو پيروڪار هو، ان ڪري عام بدعتن کان بچڻ ۽ محرم الحرام ۾ صحيح عمل ڪرڻ بابت هيءُ رسالو جوڙي مسلمانن جي رهنمائي ڪئي آهي.

------

22. حاشيہ شيخ الاسلام بر سراجي

علم فرائض - فقه ۽ حسابن جي انهن قاعدن ڄاڻڻ جو نالو آهي، جنهن جي ذريعي ميت جي ڇڏيل مال ملڪيت ڪي وارثن ۾ ورهائڻ جي ڪيفيت ۽ انهن جا درجي وار حق ۽ وارثيءَ جا طريقا بيان ڪيا ويندا آهن. علم فرائض کي اڌ علم چيو ويو آهي. انساني زندگي ٻن حصن ۾ ورهايل آهي: هڪ حياتي ۽ ٻيو مماتي.

حياتيءَ جو حساب ته هر هڪ ڄاڻي سگهي ٿو، پر ڪنهن شخص جي وفات کان پوءِ، شرعي قانون موجب سندس مال ملڪيت حصي رستي حقدارن ۽ پونيرن ۾ ورهائڻ لاءِ علم فرائض جي مڪمل ڄاڻ ضروري آهي.

ان ڏس ۾، علم فرائض ۽ ورثي ترڪي بابت ”سراجي“ نالي عربي زبان ۾ اڳاٽي وقت جو مشهور ڪتاب آهي. هيءُ ڪتاب امام سراج الدين محمد بن محمود بن عبدالرشيد سجاوندي حنفي جو لکيل آهي. اهو بزرگ غالباً ڇهين ستين صدي هجريءَ ۾ ٿي گذريو آهي. سندس ڪتاب ”سراجي“ فرائض جي فن ۾ واحد ڪتاب آهي، جيڪو هر طبقي جي ديني مدرسن ۾ نصاب طور پڙهايو وڃي ٿو. انهيءَ ڪتاب جا ڪيترن ئي محققن نثر خواه نظم ۾ شرح لکيا آهن، پر شرح شيخ الاسلام سيف الدين احمد بن يحييٰ بن محمد مهروي (وفات 916هه) سرِ فهرست آهي.

مخدوم صاحب پڻ انهيءَ شرح شيخ الاسلام جو ٻه حاشيو لکيو آهي. اهو حاشيو فارسي ٻولي ۾ تحرير ڪيل آهي. خوش قسمتيءَ سان اهو حاشيو مخدوم صاحب جي هڪ ٻئي ڪتاب ”حاشيہ خلاصة الحساب“ جي ساڳئي جلد جي آخر ۾ شامل ٿيل آهي. هيءُ حاشيو نئون دستياب ٿيو آهي. مخدوم صاحب هن ۾ پهريان علم فرائض جي اهميت ۽ تفصيل ڏنو آهي. ان بعد ورثي ترڪي ۾ شامل حقدار وارثن جي جدول ٻه ڏني آهي.

افسوس آهي ته اسان کي انهيءَ ناياب ”حاشيي شيخ الاسلام بر سراجي“ جو فقط چار ورقي مواد ملي سگهيو آهي. ۽ اهو آخر ۾ اڻ پورو آهي. بهرحال، ڪل نه ملڻ سان جز جو ملڻ ٻه غنيمت آهي.

جيتوڻيڪ هن حاشيي تي تصنيف جو سال، ڪتابت ۽ ڪاتب جو نالو نہ لکيل ڪونهي، البت ٻهرئين صفحي تي ڪاتب طرفان هيٺيون نوٽ لکيل آهي:

"حواشي اين ڪتاب شيخ الاسلام و خلاصة الحساب و اين مقطع
بمعہ تصحيح جدول از دست مخدوم محمد هاشم رحمہ ربہ الرحم...
تصحيح و مقابلہ و الله الموفق..."

انهيءَ مٿئين عبارت مان اهو ظاهر آهي تہ هيءُ رسالو بہ حاشيہ خلاصة الحساب وانگر ناياب آهي. خود مخدوم صاحب طرفان تصحيح بہ ڪيل آهي ۽ مخدوم صاحب جي اصل نسخي تان پيٽي اُتاريو ويو آهي.

هن رسالي جو اصل قلمي نسخو علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جي ڪتب خاني ۾ آهي ۽ راقم وٽ ان جو عڪس موجود آهي.

باب پنجون

(د) مخدوم ٺٽويءَ جي علمي عظمت

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي علمي عظمت پڻ انهيءَ مان صاف ظاهر آهي، تہ سندس دور کان وٺي هن موجوده وقت تائين اهلِ علم عالمن ۽ اهلِ قلم فاضلن پنهنجي علمي تصنيفات ۾ مخدوم صاحب جي ڪتابن جا حوالا سند ۽ دليل طور وٺي، پنهنجن ڪتابن ۾ شامل ڪندا پئي آيا آهن. سندس ڪتابن جا سنڌي ترجما بہ ڪيا ويا آهن. سندس علمي عظمت موجوده دور تائين قائم ۽ دائم آهي. هر مڪتبہءِ فڪر جا عالم سڳورا، مخدوم صاحب جي تحقيقي حوالن ۽ ڪتابن جي عظمت ۽ مڃتا جا قائل آهن.

برصغير هند و پاڪ جي ورهاڱي کان اڳ ۾، سنڌ جي عالمن ڪي ٻن نالن سان ياد ڪيو ويندو هو. هڪ همايوني ۽ ٻيو امروٽي. اهي ٻئي گروهہ مخدوم صاحب جي علمي عظمت جا قائل هئا. ڪنهن مسئلي ۾ اختلاف ٿيندو هو ۽ بحث نہ نبرندو هو، تہ جيڪڏهن ڪا ڌر مخدوم صاحب جي ڪنهن ڪتاب جو دليل طور حوالو پيش ڪندي هئي، تہ ٻئي ڌريون آمنا صدقنا چئي حق کي تسليم ڪنديون هيون ۽ مخدوم صاحب جي علمي عظمت آڏو سر تسليم خم ڪنديون هيون. ان ڏس ۾ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جو چوڻ آهي، تہ هڪ دفعي همايون شريف ۾ (همايوني ۽ امروٽي) عالمن جو ڪنهن فقهي مسئلي تي مناظرو ٿيو. جڏهن همايوني ڌر طرفان مولانا محمد قاسم ڳڙهي ياسين واري مخدوم صاحب جي "بياض هاشمي" جي هڪ جزئي ڏيکاري، تہ سڀ خاموش ٿي ويا.[1]

انهيءَ مٿئين هڪ ئي مثال مان مخدوم صاحب جي علمي عظمت ۽ سندس تصنيف "بياض هاشمي" جي تحقيقي اهميت معلوم ٿئي ٿي، تہ مختلف فڪر ۽ راءِ رکندڙ عالمن جي سامهون جڏهن مخدوم صاحب جو نالو ۽ تحقيقي حوالو اچي ٿو، تہ سڀ ڌريون اختلاف ڦٽو ڪري، بنا هٻڪ جي پنهنجي علم، انا ۽ تحقيق کي

[1] علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي: "سنڌ ۾ فتويٰ جو فن" (مقالو)، ماهوار "شريعت" سکر سنڌ، 1_2، 1978ع، تلخيص ص 15

ڇڏي، مخدوم صاحب جي بيان ڪيل حق طرف رجوع ڪن ٿيون.

مخدوم صاحب جي وقت کان وٺي، سندس علمي ۽ تحقيقي ڪتابن جا حوالا ٻيا مصنف پنهنجي ڳالهہ کي پڪو پختو ڪرڻ ۽ دليل طور پنهنجن ڪتابن ۾ ڏيندا آيا آهن. مخدوم صاحب جي همعصر عالمن کان وٺي هن وقت تائين، جن مصنفن مخدوم صاحب جي ڪتابن جا حوالا ورتا آهن، تن مان جيڪي مطالعي دوران دستياب ٿي سگهيا آهن، انهن جو وچور هن ريت آهي:

ابوالحسن ڏاهري:

هيءُ ٻلارو بزرگ مخدوم صاحب جو همعصر ۽ وڏو صوفي عالم ٿي گذريو آهي. سندس ڪتاب "ينابيع" کي تصوف ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. ان ڏس ۾ مولانا دين محمد وفائي لکي ٿو:

"ابوالحسن ڏاهري پنهنجي مشهور ڪتاب 'ينابيع' ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي ڪتاب "بناء الاسلام" جا جاءِ بجاءِ حوالا ڏنا آهن." [1]

ان کان علاوه، ابوالحسن ڏاهري پنهنجي هڪ ٻئي منظوم فارسي تصنيف "سراج المصلي" فارسي ۾ مخدوم صاحب جو ٽن مختلف هنڌن تي نالو ۽ حوالو آندو آهي، جيئن چوي ٿو:

ولي گفت مخدوم هاشم مرا
ڪ در شرح منيه بکرده خطا

مطلب تہ مون کي مخدوم محمد هاشم چيو، تہ هن مسئلي ۾ "شرح منيہ" ڪتاب ۾ غلطي آهي.

باين طور مخدوم هاشم فقيه
نوشتہ ميان ڪتب اي نبيه

اهڙيءَ ريت مخدوم هاشم پنهنجن ڪتابن ۾ لکيو آهي. هو وڏو فقيه آهي.

ز تصنيف مخدوم هاشم فقيه
شفا نام ديدم ڪتابي نبيه.[1]

مخدوم محمد هاشم فقيہ جي تصنيف "شفاء" نالي هڪ ڪتاب ڏٺم.

(1) دين محمد وفائي: "تذڪره مشاهير سنڌ" جلد _ 1، ص 124
(1) ابولحسن ڏاهري: "سراج المصلي" (فارسي قلمي) ص 53، 288، 317

"سراج المصلي" جي انهن مٿين شعرن مان هيٺيون ڳالهيون معلوم ٿين ٿيون:

1. ابوالحسن ڏاهري، مخدوم صاحب سان مليو هو. مخدوم صاحب سندس ڪنهن ڇپيل مسئلي يا مونجهاري جي باري ۾ چيو، تہ "شرح منيه" ڪتاب واري کان هن مسئلي ۾ خطا ٿي آهي.
2. ابوالحسن ڏاهريءَ مخدوم صاحب کي "فقيه" ڪري لکيو آهي.
3. مخدوم صاحب جي ڪتاب "شفاء" جو نالو حوالي طور آيل آهي.

اهڙيءَ ريت ابوالحسن ڏاهريءَ "ينابيع" ۽ "سراج المصلي" ۾ مخدوم صاحب جي ڪتابن "بناء الاسلام" ۽ "شفاء" جا نالا حوالي ۽ سند طور شامل ڪيا آهن. سندس همعصر صوفي عالم وٽ اها علمي مڃتا مخدوم صاحب جي علمي عظمت جو دليل آهي.

مخدوم عبدالله نرئي وارو:

هيءُ بزرگ مخدوم صاحب کان پوءِ، ان دور ۾ سنڌي ڪتابن جو وڏو مصنف ٿي گذريو آهي. مخدوم صاحب جو شاگرد پڻ هو. هن پنهنجي مشهور منظوم سنڌي ڪتاب "ڪنز العبرت" ۾ مخدوم صاحب جي ڪتابن "بذل القوة" (عربي) ۽ "حيات القلوب" (فارسي) جا حوالا آندا آهن. جيئن پاڻ لکي ٿو:

"خلاصة السير" ۽ "بذل القوة" ۾ ئي آهي مذڪورا
جو "بذل القوة" تصنيف مخدوم هاشم جي رحمت ڪريس خدا
آهي "حيات القلوب" ۾ ان پر مذڪورا
جو تصنيف مخدوم هاشم جي رحمت ڪريس خدا.[1]

اهڙيءَ طرح مخدوم عبدالله نرئي واري پنهنجي رسالي "وفات نامہ" منظوم سنڌي ۾ پڻ مخدوم صاحب جي ٻنهي ڪتابن "بذل القوة" ۽ "حيات القلوب" جا حوالا درج ڪيا آهن.[2]

مخدوم عبدالواحدسيوستاني:

مخدوم صاحب جو ننڍو همعصر ۽ وڏو فقيہ ٿي گذريو آهي. سندس تصنيف "بياض واحدي" چئن جلدن ۾ علمي حلقن ۾ مشهور آهي. سيوستاني بزرگ پنهنجي انهيءَ ڪتاب ۾ مخدوم صاحب جي مشهور علمي ڪتاب

(1) مخدوم عبدالله نرئي وارو: "ڪنز العبرت" جلد _2، ص 130، 132
(2) مخدوم عبدالله نرئي وارو: "وفات نامو" (_سنڌي)، ص 41، 44

”بياض هاشمي“ جا حوالا آندا آهن.[3]

سيد علي محمد شاهه دائري وارو:

هن بزرگ جو ڪتاب ”مصلح المفتاح“ (1277هه - 1861ع) نماز بابت هڪ اهم ضخيم سنڌي ڪتاب آهي. دائري واري بزرگ پنهنجي انهيءَ مذڪوره ڪتاب ۾ مخدوم صاحب جي 22 ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن. رڳو ”بياض هاشمي“ جو 16 ڀيرا حوالو ڏنو ويو آهي. ”مصلح المفتاح“ سنڌيءَ ۾ مخدوم صاحب جي هيٺين ڪتابن جا حوالا ڏنل آهن:

(1) فرائض الاسلام (2) حيات الصائمين (3) جنة النعيم (4) بياض هاشمي (5) اصلاح مقدمة الصلواة (6) فاڪهة البستان (7) ذبح ۽ شڪار (8) تحفة الاخوان (9) الحجة الجلي (10) زاد الفقير (11) نتيجة الفڪر (12) رشف الزلال (13) مفتاح الجنان (14) شفاء الدائم (15) درهم الصرة (16) ذريعة الوصول (17) شرح دلائل الخيرات (18) تحفة المرغوبة (19) وسيلة القلوب (20) شرح شمائل (21) تفسير هاشمي (22) حيات القلوب.[4]

مخدوم عبدالصمد:

مخدوم فتح محمد پاٽائي برهان پوريءَ جو فارسيءَ ۾ نماز بابت هڪ ڪتاب لکيل آهي. مخدوم عبدالصمد ان ڪتاب جو سن 1288هه/1871ع ۾ سنڌي ترجمو ڪيو. ترجمي ۾ مسئلن کي سمجهائڻ لاءِ ڪي اضافا بہ ڪيائين ۽ انهن ۾ مخدوم صاحب جي ڪتابن جا حوالا سند طور ڏنائين. ”شين جو پاڪ ڪرڻ“ ۽ ”نماز جو وقت سڃاڻڻ“ وارن بابن ۾ مخدوم صاحب جي ڪتابن ”فرائض الاسلام“ ۽ ”رشف الزلال“ جا حوالا درج ڪيل آهن.[1]

قاري عبدالرحمان:

هن بزرگ تيرهين صدي هجري جي اوائل ۾ الله جي پاڪ ڪتاب قرآن شريف جي قاعدن بابت ”قواعد القرآن“ نالي منظوم سنڌيءَ ۾ رسالو لکيو. ان پنهنجي رسالي ۾ مخدوم صاحب جو نالو ۽ حوالو هن ريت آندو ويو آهي:

(3) مخدوم عبدالواحد سيوستاني: ”بياض واحدي“ جلد ـ 1، ص 227، 228، 323، 326

(4) سيد علي محمد شاهه دائري وارو: ”مصلح المفتاح“ (منظوم سنڌي)، ص 81ـ583

(1) مخدوم عبدالصمد: ”مفتاح الصلواة“ (سنڌي)، ص 52، 87، 89

”تحرير ۾ مخدوم محمد هاشم جي آهي هنپر تفصيلا“ [2]

مولوي عبدالغفور همايوني:

هيءُ بزرگ چوڏهين صدي هجريءَ جو وڏو عالم، شاعر، فقيہ، عاشق رسول ۽ سنڌ جو مشهور مفتي ٿي گذريو آهي. سندس فتوائون سنڌ کان علاوه بلوچستان ۽ هندستان تائين مقبول هيون. سندس فتوائن جو بهترين ڪتاب فارسيءَ ۾ ”فتاويٰ همايوني“ نالي ڇپيل آهي. انهيءَ ڪتاب ۾ مخدوم صاحب جي ڪتاب ”موهبة العظيم“ جو حوالو آيل آهي.[3]

محمد اسماعيل:

هن بزرگ سنڌي ۾ ”عقيقي جو رسالو“ لکيو. ان ۾ مخدوم صاحب جي ”بياض هاشمي“ جو حوالو شامل ڪيو ويو آهي.[4]

مولوي محمد قاسم ڳڙهي ياسين وارو:

هن بزرگ جو ”فتاويٰ قاسميہ“ نالي فارسي ۾ بهترين ڪتاب ڇپيل آهي. ان ۾ مخدوم صاحب جي ڪتاب ”فاڪهة البستان“ جا حوالا موجود آهن.[1]

مولوي محمد ابراهيم ڳڙهي ياسين وارو:

هي بزرگ ناظم جمعيت احناف صوبہ سنڌ، وڏو عالم ۽ شاعر هو. فارسي نثر ۽ نظم ۾ سندس رسالو ”النظم المقبول في آداب الرسول“ ڇپيل آهي. هن رسالي ۾ آداب الرسول ﷺ جي حوالي سان مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ مخدوم محمد عابد سيوستاني جا نالا درج آهن.[2]

مولوي محمد عثمان نورنگ زادو:

هي ڀلارو عالم سنڌ مدرسة الاسلام، ڪراچيءَ ۾ فقه جو استاد هو. سندس سنڌيءَ ۾ ”تفسير تنوير الايمان“ مشهور آهي. هن پنهنجي ڪتاب ”تحفة الاسلام“ ۾ بہ مخدوم صاحب جو حوالو آندو آهي.[3]

مولوي عبدالڪريم ديروي:

(2) قاري عبدالرحمان: ”قواعد القرآن“ (سنڌي)، ص 8

(3) مولوي عبدالغفور همايوني: ”فتاويٰ همايوني“ (فارسي)، جلد ـ 1، ص 310

(4) محمد اسماعيل: ”عقيقي جو رسالو“ ، بحوالہ ”سنڌ ۾ فقهي ادب جو ارتقاء“ ، ص 79

(1) مولوي محمد قاسم ڳڙهي ياسين: ”فتاويٰ قاسميہ“ (فارسي)، ص 136 ـ 139

(2) مولوي محمد ابراهيم ڳڙهي ياسين: ”النظم المقبول“ (فارسي)، ص 6

(3) مولوي محمد عثمان نورنگ زادو: ”تحفة الاسلام“ ، حصو 5، ص 198

مولوي صاحب ميهڙ جو وڏو عالم، قرأت تجويد جو ماهر ۽ گهڻن ڪتابن جو مصنف ٿي گذريو آهي. تجويد بابت سنڌيءَ ۾ سندس بنيادي رسالا ڇپيل آهن، جن ۾ هن مخدوم صاحب جي تصنيف ”فرائض الاسلام“ جو حوالو شامل ڪيو آهي.[4]

مولوي محمد موسيٰ ڪوڪي:

چوڏهين صدي هجريءَ جي عالمن مان مولوي صاحب ساڪن راڌڻ تعلقي سيوهڻ جو مشهور فقيہ ٿي گذريو آهي. سندس ڪتاب ”فتاويٰ فقه“ سنڌيءَ ۾ مشهور آهي، جنهن ۾ مخدوم صاحب جي هيٺين ڪتابن جا حوالا موجود آهن: (1) بياض هاشمي (2) حيات القلوب (3) ذبح ۽ شڪار (4) زادالفقير (5) فتح القوي.[1]

شاهہ آغا سرهندي:

سنڌ ۾ ٽنڊي سائينداد ۾ سرهندي بزرگن جي درگاهہ علم ۽ فيض جو مرڪز رهي آهي. حضرت شاهہ آغا سرهندي وڏو عالم، فيضور صوفي ۽ حڪيم هو. ان بزرگ بہ پنهنجن ڪتابن ۾ مخدوم صاحب جا حوالا شامل ڪيا آهن.[2]

مفتي عبدالله نعيمي:

مفتي صاحب هن ويجهي دور ۾ ڪراچي جو هڪ وڏو سنڌي عالم، مدرس ۽ ڪتابن جو عاشق ٿي گذريو آهي. سندس مدرسو ۽ فتاويٰ يادگار آهن. هن وقت سندس فرزند مفتي محمد جان نعيمي، ملير- ڪراچي ۾ انهيءَ مدرسي کي مچايو ويٺو آهي. مفتي عبدالله نعيمي پنهنجي فتاويٰ ۾ مخدوم صاحب جي هيٺين ڪتابن جا حوالا شامل ڪيا آهن: (1) بياض هاشمي (2) قصيده هاشميہ (3) حيات القلوب (4) فاڪهة البستان (5) فتح الڪلام.[3]

مفتي عبدالرحمان ٺٽوي:

مفتي صاحب هن وقت ٺٽي شهر جو هڪ وڏو عالم فاضل، مدرس ۽ مصنف آهي. سندس ديني مدرسو مڪلي ۾ ۽ ڪتب خانو مشهور آهي. پاڻ

[4] مولوي عبدالڪريم ديروي: ”تعليم القرآن“ (سنڌي)، ص 2

[1] مولوي محمد موسيٰ: ”فتاويٰ فقہ“ (سنڌي)، ص 8، 11، 86، 305

[2] شاهہ آغا سرهندي: ”مخزن العلوم“ _ حصو فقہ ص 8، حصو قرأة ص 16، ”احسن الوسائل“ ص 20

[3] مفتي محمد عبدالله نعيمي: ”فتاويٰ مجدديہ نعيميہ“، (اردو)، جلد _ 1، ص 83، 97، 180، 201، 243، 244، 245، 250، 283، 296، 417

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ جو عاشق آهي. هن پنهنجي مشهور ڪتاب ”ارشاد الفقه“ ۾ مخدوم صاحب جي ڪتابن جا جاءِ بجاءِ حوالا ڏنا آهن.[4]

-----

[4] مفتي عبدالرحمان ٺٽوي: ”ارشاد الفقہ“ (سنڌي)، ص 1 _ 240

باب ڇهون

(هه) مخدوم صاحب عالمن ۽ اديبن جي نظر ۾

مخدوم صاحب رباني عالم ۽ محقق فقيهه هو. عالمِ اسلام، عرب عجم ۽ پوري هند ۽ سنڌ ۾ سندس مقبوليت هئي. ان ڪري سندس همعصر دور جي عالمن، صالحن ۽ شاعرن توڙي پوءِ جي عالمن ۽ اديبن سندس علمي ۽ ديني خدمتن ۽ ڪارنامن جي دل کولي تعريف ڪئي آهي ۽ سندس ساراهه جا سرس ڏِڪ پريا آهن. مخدوم صاحب کي جن اهلِ قلم شخصيتن نيڪيءَ ۽ دعائن سان ياد ڪيو آهي، بيشڪ هو ان تعريف جو لائق ۽ فائق هو.

ڪن اهلِ قلم کيس وقت جو مجدد ۽ مجتهد لکيو آهي، ته ڪن وري برک عالم، محقق، مفسر، محدث ۽ فقيهه سڏيو آهي. کيس سنتِ نبويءَ جو جيارينڌڙ، مرشد ۽ بدعتن جي پاڙ پٽيندڙ، حق جي اگهاڙي تلوار تسليم ڪيو ويو آهي. ڪن کيس قاضي القضاة، مناظر، مصنف، امام ۽ پنهنجي وقت ۾ نفاذِ اسلام جو محرڪ ڪوٺيو آهي. بهرحال، مخدوم صاحب ۾ الله تعاليٰ جي عنايت ۽ رسول الله ﷺ جي رحمت سان اهي سڀ خوبيون موجود هيون.

هتي انهن اهلِ قلم عالمن، اديبن ۽ شاعرن جا دلي جذبات ۽ قيمتي تاثرات ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن مان ميڙي چونڊي مرتب ڪيا ويا آهن. شروعات مخدوم صاحب جي دور جي ولي الله، نقشبندي سلسلي جي روحاني رهبر، ابوالقاسم نقشبندي ٺٽوي "آفتابِ مڪلي" جي قول سان ڪجي ٿي:

1. ابوالقاسم نقشبندي:

ابوالقاسم ته گهٽا آهن، پر هيءُ مرد مجاهد هڪ ئي آهي. انهيءَ ماءُ کي آفرين هجي، جنهن مخدوم محمد هاشم کي ڄڻيو. هن زماني ۾ ان جي برابر ڪوبه ڪونهي.[1]

2. مخدوم عبدالرحمان (مخدوم صاحب جو وڏو فرزند)

هاڻي هي رسالو مون جوڙيو ڪيدي سنڌي واءِ

[1] مخدوم عبداللطيف: "مناقب مخدوم محمد هاشم" (قلمي فارسي)، ص 11

ڪنا رسالن فارسي، جن ۾ مسائل حج سندا
سي آهين تصنيف منهنجي والد جي محمد هاشم جنهنجو نانءُ
جو استاد مرشد منهنجو ۽ زياده منجهه علما
پڻ رحمت ڪر رحيم تون تنهن تي راتين روز مرا
ساڻ اولاد تنهنجي ۽ محب جي تنهنجا.[2]

3. مخدوم عبداللطيف (مخدوم صاحب جو ننڍو فرزند)

قطب العارفين، محقق فقيهه، محدث مرشد، ٻارهين صدي هجريءَ جو مجدد، عالمِ رباني، نعمانِ ثاني، حاجي الحرمين مرحوم مغفور مخدوم محمد هاشم جو هر هڪ ڪتاب عجيب فائدن ۽ ديني معلومات سان ڀرپور آهي. جيڪو به انهن ڪتابن جو مطالعو ڪندو، ته ان کي گلستانِ شريعت جي هٻڪار حاصل ٿيندي.[3]

4. مير علي شير "قانع" ٺٽوي

مخدوم حاجي (محمد) هاشم ولد عبدالغفور وڏي شان وارو بزرگ ، زماني جي عالمن جو سرتاج آهي. هو دين جي قانون جي ترويج ۽ اسلام جي بنيادي حڪمن جي ڪوشش ۾ بيحد مصروف رهندو هو. ڇڻ ته سندس زماني ۾ دين اسلام جي تجديد واقع ٿي، يعني مجددِ اسلام هو.. هند سنڌ ۽ عرب و عجم ۾ پاڻ مشهور هو. انهن سهڻين صفتن جي ڪري پاڻ ماڻهن ۾ عزت احترام وارا هئا.[4]

5. شاهه عبداللطيف ڀٽائي:

ميين محمد اسحاق ملاڪاتيار واري بزرگ روايت ڪئي، ته مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ڪنهن علمي اختلاف ۽ مسئلي واسطي ٺٽي جي مشهور عالم ۽ شاهه ڀٽائي جي يار مخدوم محمد معين وٽ آيو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي به اڳ ۾ اتي مخدوم محمد معين وٽ وينو هو. جڏهن مخدوم محمد هاشم اتي پهتو، ته شاهه ڀٽائيءَ پنهنجي دوست مخدوم محمد معين کي چيو:

"خبردار! جو هن شخص (محمد هاشم) سان ڪو بحث ڪيو اٿئي. مان سندس چهري تي رسول الله ﷺ جي رحمت جو سايو ڏسي رهيو آهيان."

اهو ٻڌي مخدم محمد معين هڪدم اٿي بيٺو ۽ مخدوم محمد هاشم کي

[2] مخدم عبدالرحمان: "حيات العاشقين" (سنڌي) ص 336
[3] مخدوم عبداللطيف: "مناقب مخدوم محمد هاشم" (قلمي)، ص 9
[4] مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "مقالات الشعراءِ" (فارسي)، ص 842

ٻانهون ٻڌي چيائين تہ، ”سائين! مون کي اوهان سان ڪوبہ بحث ڪرڻو ڪونهي“ .[1]

6. محمد پناه ”رجا“ ٺٽوي:

افسوس ارمان جو خلق جو مخدوم اوچتو هليو ويو! هو سڄي جهان جو مخدوم، سنڌ جو جيد عالم، دين نبويءَ جو دليل ۽ راهہ جو رهبر هو. تفسير، حديث ۽ فقه ۾ ان جو ڪوبہ مٽ نہ هو ۽ علم قرأت ۾ بہ بينظير عالم هو. جڏهن غسل جي تختي تي توکي رکيو ويو، تہ تنهنجيءَ دل مان الله جو ذڪر جاري هو. اهو ڏسي حاضرين حيران ٿي، سبحان الله چوڻ لڳا.[2]

7. غلام علي ”مداح“ ٺٽوي:

مخدوم صاحب، محمد عربي ﷺ جي دين جو مددگار آهي. بدعت ۽ ضلالت جي پاڙ پٽيندڙ هو. محمد هاشم جون ڪرامتون روشن آهن. سندس دل علم جي نور سان مالا مال هئي.[3]

8. محمد رفيع ٺٽوي:

مخدوم صاحب شريعت جو روشن برج ۽ ڪفر جي اونداهيءَ کي ميٽيندڙ هو. حقيقت جي راز کان واقف ۽ بااصول عالم هو. جڏهن سندس وفات جو سال ڳوليم، تہ هاتف چيو: رسول جي دين جي مشعل اجهامي وئي.[1]

9. مرزا غلام علي بيگ ٺٽوي:

مخدوم صاحب فقيہ عالم، امر ۽ نهي جو حاڪم هو. شريعت ۽ دين جو خادم هو. هاتف چيو تہ: جهان جي گلستان مان محمد هاشم جي روح جو پکي فردوس ۾ اڏامي ويو.[2]

10. محمد رحيم ٺٽوي:

مخدوم صاحب پنهنجي زماني جو امام ابو حنيفہ، اهلِ ڪفر کي رسوا ڪندڙ، پنهنجو سامان جنت جي طرف ٻڌڻ وارو هو. جڏهن مون سندس وفات جو سال ڳوليو،

(1) غلام رباني آگرو: ”جهڙا گل گلاب جا“، جلد ـ1، ص 199
(2) مولانا دين محمد وفائي: ”تذڪره مشاهير سنڌ“، جلد ـ2، ص 59ـ261
(3) ايضاً، ص 262
(1) مولانا دين محمد وفائي: ”تذڪره مشاهير سنڌ“، جلد ـ2، ص 262
(2) ايضاً، ص 263

تہ هاتف چيو: مصطفيٰ ﷺ جي جوار ۾ پنهنجي جاءِ لڌائين.[3]

11. محمد احسن خان ٺٽوي:

علومِ ربانيءَ جو اڳواڻ هن فاني جهان مان موڪلائي ويو. ان تي سندس وفات جو سال هاتف هن ريت چيو: الله تعاليٰ ان جي جاءِ جنت ۾ جوڙي.[4]

12. مخدوم محمد ابراهيم ”خليل“ ٺٽوي:

مخدوم محمد هاشم علم ۾ شهره آفاق، تقويٰ ۾ يگانو ۽ طاق، مسئلن جي تحقيق ۾ ڪو بہ ماڻهو سندس همسر نہ هو. عالمن ۾ مشهور هو. سندس گهڻيون تصنيفون آهن... حق هيءَ آهي تہ هي سڀ ڪجهه ازلي فيض، الله تعاليٰ جي مهرباني ۽ ڪرامت سان ٿيو آهي.[5]

13. امين بن هارون چنڙائي:

مخدوم صاحب رباني آيتن جو مظهر، حقاني اسرار جو سرچشمو، ظاهري باطني علمن جو جامع، نبوي اخلاق سان سينگاريل آهي. جيئن سندس علم ۽ ڪمال، حسن اخلاق، جاه و جلال جو ڏاڪو عرب ۽ سنڌ، لاڙ ڪڇ ۾ روشن آهي. هر جاءِ ۽ هر خاص عام جي زبان تي سندس نالو جاري ۽ مشهور آهي.[1]

14. رچرڊ برٽن:

مخدوم صاحب هندستان ۽ عربستان جو سير ڪيو هو. عربي ۽ فارسي ٻولين ۽ فقه چڱيءَ طرح سکيو هو. چون ٿا تہ مسافريءَ دوران هن عيسائي پادرين سان ڪيترا مناظرا ڪيا... هن عربيءَ ۾ ڪتاب لکيا ۽ عام ماڻهن لاءِ انهن جو سنڌيءَ ۾ عام فهم ترجمو بہ ڪيو.[2]

15. مولوي رحمان علي:

مخدوم صاحب ناميارو ۽ مشهور عالم هو. گهڻن ئي عالمن جي مقابلي ۾ پاڳ وارو ۽ شرعي پابنديءَ جي اعتبار کان مٿانهون هو.[3]

16. مرزا قليچ بيگ:

(3) مولانا دين محمد وفائي: ”تذڪره مشاهير سنڌ“، جلد ـ2، ص 263
(4) ايضاً، ص 263
(5) ابراهيم ”خليل“ ٺٽوي: ”تڪملہ مقالات الشعراء“ ص 43
(1) امين بن هارون چنڙائي: ”مناقب مخدومين معظمين“ (قلمي فارسي)، ص 2
(2) برٽن: ”سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون“ (مترجم سنڌي)، ص 77، 78
(3) مولوي رحمان علي: ”تذڪره علماء هند“ (فارسي)، ص 253

مخدوم صاحب شريعت تي بلڪل مستقل هو ۽ اسلام جي ديني ڪمن ۾ گهڻي مدد ڪيائين ۽ دين جي برخلاف ڳالهائيندڙن سان چڱيون چوٽون ڪاڏائين.[4]

17. مولوي محمد صادق ڪڏي وارو:

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي سنڌ جي محقق فقهاء ۽ رباني علماء جو سرڪرده ۽ هڪ سؤ کان وڌيڪ ضخيم ڪتابن جو مصنف آهي. پاڻ ڪيترن مشائخ سلاسل جا استاد ۽ شيخ آهن. پاڻ رسول الله ﷺ طرفان سنڌ جو قاضي ۽ فتاويٰ بياض هاشمي جو مصنف آهي.[5]

18. الوحيد- سنڌ آزاد نمبر:

سنڌ جي انهن هستين مان جن تي اسان جو وطن بجاء ناز ڪري سگهي، مخدوم محمد هاشم عليه الرحمة به هڪ آهي... مخدوم صاحب جا 24 ڪلاڪ ڪمن لاءِ ورهايل هوندا هئا. درس تدريس کان سواءِ ڪتابن جي تاليف لاءِ خاص وقت مقرر هو عبادت ۽ ياد الاهيءَ لاءِ جدا وقت هو.[1]

19. مولانا عبيدالله سنڌي:

مخدوم صاحب جي مجموعہ بياض (هاشمي) جي مطالعي مان (حديث ۽ اصول حديث) جي فن ۾ مون ڪي ڪمال حاصل ٿيو.[2]

20. خانبهادر محمد صديق ميمڻ:

مخدوم صاحب جو علمي ۽ ديني فيض اڍائي سؤ ورهين کان سنڌ ۾ جاري آهي ۽ تا قيامت جاري رهندو.. سندس سنڌي توڙي عربي شعر سنڌ ۽ عرب ۾ هڪ ممتاز درجو حاصل ڪيو آهي. سنڌ جو مشهور شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي عليه الرحمة اسلامي تصوف جو صاحب ۽ ولي، حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي علمي مجلس ۾ ٺٽي ۾ شامل ٿيندا هئا ۽ ساڻن رهاڻيون ڪندا هئا.[3]

21. مولانا دين محمد وفائي:

عالم، عارف، قاري، حاجي، صوفي مولانا مخدوم محمد هاشم... حرمين جي

---

(4) مرزا قليچ بيگ: "قديم سنڌ" _ "قديم سنڌ جا ستارا"، ص 349

(5) روئداد مدرسہ مظهر العلوم، کڏو _ ڪراچي، سال 28_1930ع، بحوالہ ماهوار "شريعت" سکر سنڌ، مارچ 1983ع، ص 7_10

(1) "الوحيد" _ سنڌ آزاد نمبر، 1936ع، ڇاپو ٻيو، ص 32، 33

(2) علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي: "هاشميہ لائبريري" (مقالو)، "نئين زندگي" ڪراچي سنڌ، جولاءِ 1959ع، ص 17

(3) "قوت العاشقين"، مرتب: محمد صديق ميمڻ، ڏسو مقدمو، ص 1

سفر کان پوءِ هڪ نئون رنگ حاصل ڪري واپس ٿيو. علم حديث جو شغل اڳي کان وڌيڪ جاري رکيو ويو ۽ بدعات جي انڪار ۽ بيخ ڪنيءَ تي وڌيڪ زور ڏيڻ لڳو.[4]

22. جي. ايم. سيد سنائي:

مخدوم صاحب ٺٽي جي شهر ۾ مشهور عالم ۽ شريعت جو پابند ۽ پرهيزگار هو. سندس فتوائون مشهور آهن.[5]

23. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو:

زبان اعليٰ صاف ۽ سليس اهي سڀيئي گڻ ۽ وصفون وري مخدوم محمد هاشم جي سنڌيءَ ۾ آهن، جو پنهنجيءَ پر ۾ بي مثل آهي. ساڳيو ئي سوز ۽ گداز اتس، جهڙو شاهه جي ڪلام ۾، اگرچ ان کان بلڪل نيارو آهي... عم سيپاري جي تفسير ۽ "قوت العاشقين" جي تمهيد ۾، جنهن ۾ سندس روح، الله جي ساراهه ۽ رسول ﷺ جي سڪ ۽ چئن يارن جي مدح ۾ ربلا پيو ڏئي. منجهس اهو جذبو، ميناج ۽ رواني آهي. جو پڙهندڙن جو قلب جهجيو پوي ۽ بي اختيار اکين مان ڳوڙها ڳلن تي ڳڙيو پون.[1]

24. الله بچايو يار محمد سمون:

مخدوم محمد هاشم وڏو عالم، زاهد ۽ وقت جو اديب ٿي گذريو آهي... مخدوم صاحب جو شعر صوفياڻو اصلاحي ۽ ديني واڻن جي سمجهاڻيءَ تي آهي.[2]

25. لطف الله بدوي:

مخدوم صاحب دين جي خدمت لاءِ جي ڪوششون ورتيون، سي ڪڏهن به وساري نه ٿيون سگهجي... اسان هن چوڻ لاءِ مجبور ٿيون ٿا ته سنڌي شاعري جي هن صف ۾ سندس ڪلام بلند مقام رکي ٿو. سندس شعر ۾ وڏي رواني ۽ سادگي موجود آهي.[3]

26. مخدوم امير احمد:

مخدوم صاحب سهڻي سيرت سان سينگاريل ۽ پرهيزگار هو عام خاص ۾ هڪ جيترو مجيل ۽ مقبول هو. سندس اڪثر زندگي سنتِ نبويءَ جي زنده رکڻ ۽

---

(4) مولانا دين محمد وفائي: "تذڪره مشاهير سنڌ"، جلد _2، ص 54_255

(5) سيد، جي. ايم سنائي: "پيغامِ لطيف"، 1974ع، ص 7

(1) ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو، "مضمون ۽ مقالا"، ص 8

(2) الله بچايو يار محمد سمون: "لاڙ جو سير"، ص 45، 46

(3) لطف الله بدوي: "تذڪره لطفي"، جلد _ 1، ص 43 _65

بدعت جون پاڙون پٽڻ ۾ گذري. ان ڏس ۾ ڪنهن به وڏي ننڍي جو رک رڪاءُ نه ڪندو هو. پاڻ صبر حيا جو صاحب، توڪل، بردباري، تقويٰ ۽ استقامت جو عملي نمونو هو. فخر وڏائي ۽ رياءَ کان نفرت ڪندڙ هو.[4]

27. ڪريم بخش چنه:

سر زمين سنڌ ۾ احياءَ ملت جو علمبردار مخدوم محمد هاشم ٺٽوي هو. سندس علمي شهرت ۽ فضيلت جو آواز دور دراز هنڌن تي پهچڻ لڳو. هزارين شاگرد ۽ تحقيق جا طالب سندن خدمت ۾ پهتا. سندس علم ۽ فيض جي ڪمال جو پڙلاءُ آخر سنڌ جي ناميارِي حاڪم ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي ڪنن تائين پهتو ۽ هو سندس مريد ٿي ويو.[1]

28. غلام رسول مهر:

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي پنهنجي دور جو ممتاز عالم هو. فقه، حديث، رجال، ڪلام معقول ۽ تفسير وغيره جي علمن ۾ کيس دسترس حاصل هئي. لڳ ڀڳ ساڍن ٽن سون ڪتابن جي تصنيفات ڇڏيائين.[2]

29. رحميداد خان مولائي شيدائي:

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو ٺٽي ۾ اچڻ کان پوءِ علمي شهرت ۽ فضيلت جو آواز ديسان ديس پهچڻ لڳو... ميان غلام شاهه کيس قاضي القضاة جو عهدو ڏنو... مخدوم صاحب اٽڪل ڏيڍ سؤ ڪتاب تاليف ڪري، سنڌ وارن تي هڪ ناقابل فراموش احسان فرمايو.[3]

30. شيخ محمد ابراهيم "خليل" :

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جيتوڻيڪ هڪ فقيه ۽ ظاهر شريعت جو ڏاڍو پابند هو، پر سندس تصنيف "قوت العاشقين" مان ظاهر ٿئي ٿو، ته هو به هڪ وڏو صوفي شهودي صوفي هو.[4]

---

(4) "بذل القوة "(عربي)، ڏسو مقدمو: مخدوم امير احمد عباسي، ص 10

(1) ڪرم بخش چنه: "ملت اسلاميه جي احياءَ جي تحريڪ" (مقالو)، ٽماهي "الرحيم" سنڌي، سرءُ ، 1965 ع، ص 94

(2) غلام رسول مهر: "تاريخ سنڌ ـ عهد ڪلهوڙا" (اردو) جلد ـ2، ص 993

(3) مولائي شيدائي: "جنت السنڌ"، ص 64ـ565

(4) ڊاڪٽر ابراهيم خليل شيخ: "تصوف جي حقيقت ۽ سنڌ جا صوفي شاعر" (مقالو) ماهوار "نئين

31. اعجاز الحق قدوسي:

1.مخدوم صاحب علم ۽ عمل ۾ بي مثال هو. ساري حياتي دين جي تبليغ، سنت جيارڻ ۽ شريعت جي واڌاري لاءِ ڪوشان رهيو. جيئن ته سندس زبان ۾ تاثير ۽ قلم ۾ زور هو، ان ڪري سندس تبليغ جي ڪري گهڻا ذمي مسلمان ٿيا. مخدوم صاحب جا مختلف علمن ۾ گهڻا ڪتاب لکيل آهن. انهن سندس نالي کي عرب و عجم ۾ روشن ڪري ڇڏيو.[1]

32. سيد حسام الدين راشدي:

هن دور جو مشهور ديني عالم ۽ پنهنجي فن ۾ وقت جو امام هو. سندس شخصيت جو اثر نه صرف عوام تي هو، بلڪ وقت جي حڪومت به ڪانئس متاثر هئي. فارسي، عربي ۽ سنڌي ۾ ٽن سون جي لڳ ڀڳ ڪتاب لکيائين. جن مان ڪيترا ئوس ۽ لاثاني علمي ڪتاب آهن. سيپاري تبارڪ ۽ عم جو تفسير، فرائض الاسلام، راحة المومنين، زاد الفقير وغيره سندس ڪتاب آهن. "فرائض الاسلام" - ابوالحسن جي ڪتاب کان متاثر ٿي لکيائين. ابوالحسن فقط 30 مسئلا ڪنيا آهن، پر هن 1262 مسئلن جو احاطو ڪيو آهي.[2]

33. علامه غلام مصطفيٰ قاسمي:

مخدوم صاحب قرآن، حديث، فقه ۽ ٻين علمن ۾ زماني ۾ بي مثال عالم هو. سندس شاگردن جو حلقو يمن، عرب ۽ مغرب اقصيٰ تائين پکڙيل هو. سندس ڪتب خانو به اسلامي دنيا ۾ مشهور هو. پاڻ اسلام جا ڪئين ڪتاب لکيائين. ان سان گڏ اسلام جي اشاعت ۾ وڏي ڪوشش ورتائين. ميان غلام شاهه ڪلهوڙي - سنڌ جي حاڪم طرفان کيس پروانو مليل هو. اڄڪلهه هي جيڪي ميمڻ لکن جي تعداد ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اهي سڀ حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي ديني تبليغ ۽ ڪوشش جو نتيجو آهن ۽ مخدوم صاحب انهن نون مسلمانن لاءِ سنڌي زبان ۾ اسلامي ڪتاب به لکيا.[3]

34. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ:

زندگي" (15 صدي هجري نمبر)، آگسٽ ـ سيپٽمبر 1980 ع، ص 136

(1) اعجاز الحق قدوسي: "تاريخ سنڌ"، (اردو)، جلد ـ2، ص 558

(2) سيد حسام الدين راشدي: "سنڌي ادب" (اردو)، مترجم: غلام محمد لاکو، ص 107

(3) علامه غلام مصطفيٰ قاسمي: "اشاعت اسلام سنڌ ۾" (مقالو)، ماهوار "الولي" حيدرآباد سنڌ، اپريل 1972 ع، ص 44

سنڌ جي سرزمين جيڪي چوٽي جا عالم پيدا ڪيا، تن مان مخدوم محمد هاشم ٺٽوي هڪ نهايت ئي ناميارو عالم هو. سندس شخصيت ۽ علميت سنڌ لاءِ باعثِ فخر آهي... مخدوم محمد هاشم جون ديني ۽ علمي خدمتون ايتريون ته اهم ۽ وسيع آهن، جو انهن تي مسلسل تحقيق جي ضرورت آهي. ديني علمن - تفسير، حديث، فقه وغيره تي ڪيس عبور حاصل هو ۽ انهن بابت ڪيترائي ڪتاب لکيائين. عربي ۽ فارسيءَ ڪان سواءِ سندس سنڌي تصنيفن جومعيار علميت توڙي ٻوليءَ ۽ لغت جي لحاظ سان ايترو ته بلند آهي، جو سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ۾ پڻ مخدوم صاحب جو مقام نهايت بلند آهي.[1]

35. شيخ محمد سومار:

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي دين اسلام جو وڏو مبلغ هو. هو هر ڪنهن ڳالهه جو چوٽڪارو اسلام ڪان سمجهندو هو. ٻئي هر ڪنهن مذهب کي گمراهي ۽ ڪفر سان تعبير ڪندو هو.[2]

36. محمد اسماعيل ڪنيار ٺٽوي:

الله جي عاشقن مان حضرت مخدوم محمد هاشم سنڌ جو مشهور عالم، مفتي، ڪامل ولي، عاشق رسول ﷺ مشهور آهي. سندس تصنيف ڪيل ڪتاب سنڌ جي دينددار مسلمانن لاءِ مشعل راه آهن.[3]

37. مولوي محمد يوسف لڏيانوي:

شيخ علامه مولانا محمد هاشم ٺٽوي - شاه ولي الله دهلويءَ جو همعصر ۽ خطئه سنڌ جو گويا شاهه ولي الله ثاني هو. اسلامي علوم تفسير ۽ حديث، فقه ۽ اصول فقه، ڪلام ۽ تصوف، سيرت ۽ تاريخ، شعر و ادب ۾ پنهنجي دور جو امام هو. علم ۽ فضيلت، زهد ۽ تقويٰ ۾ بي مثال هو. سموري حياتي تعليم ۽ تدريس، تصنيف ۽ تاليف، وعظ ۽ ارشاد، احياء سنت، ترويج سنت ۽ بدعتن جي پاڙ پٽڻ ۾ گذاريائين. سندس وقت ۾ برڪت ۽ قلم ۾ رواني هئي. عربي، فارسي ۽ سنڌي ٽنهي ٻولين بنا تڪليف جي لکندو ۽ ڳالهائيندو هو. اسلامي علوم ۾ ڪو به اهڙو شعبو ۽ وقت جو ڪو اهم مسئلو اهڙو نه هوندو، جنهن تي پاڻ قلم نه هلايو هجي. سندس

[1] ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: ”مخدوم محمد هاشم جي سوانح حيات ۽ علميت بابت ويچار“ (مقالو)، ٽماهي ”مهراڻ“ حيدرآباد سنڌ، 4_1985ع، ص 131

[2] محمد سومار شيخ: ”لطيف سائينءَ جا لاڙ تان ٻيرا“، ص 23

[3] ”بناء الاسلام سنڌي“، ڏسو مقدمو _ از: فقير محمد اسماعيل ڪنيار ٺٽوي، ص 5

تصنيفون موضوع جي اعتبار، قلم جي تيز رفتاري، موضوع جي گهٽائيءَ ڪري، متانت، صحيح تحقيق ۽ متانهين معيار واريون آهن.[1]

38. مولوي محمد اسحاق ڀٽي:

ولايتِ سنڌ جي مردم خيز خطي ۾ جن فيض ۽ برڪت وارن بزرگن درس تدريس ۾ نالو روشن ڪيو ۽ تصنيف و تاليف ۾ جهنڊا کوڙيا، انهن ۾ مولانا محمد هاشم سنڌيءَ جو نالو مبارڪ برصغير جي تاريخ جي صفحن ۾ هميشه ياد رهندو... هو پنهنجي دور جو جليل القدر عالمِ دين هو. ان جي معلومات ۽ مطالعي جو دامن تمام وسيع هو. فقه ۾ ڪيس وڏو عبور هو.[2]

39. ڊاڪٽر محمد مسعود احمد مظهري:

مخدوم صاحب سنڌ جو مشهور محدث، فقيه ۽ وقت جو مجدد هو. سندس ٽن سون ڪان وڌيڪ ڪتاب لکيل آهن. انهن مان ڪجهه عرب ۽ پاڪستان ۾ ڇپيا آهن.[3]

40. ڊاڪٽر قاضي يار محمد:

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي پنهنجي وقت جو ممتاز ديني عالم ٿي گذريو آهي. پاڻ فقه، حديث، رجال، ڪلام، معقول ۽ تفسير وغيره علمن ۾ ڪامل دسترس رکندڙ هو. علم ۾ شهره آفاق هو، ته تقويٰ ۾ يگانه ۽ طاق. مسائل جي تحقيقي ۾ سنڌ ملڪ ۾ سندس ڪو ثاني ڪونه هو.[4]

41. ڊاڪٽر ظهور احمد اظهر:

حاجي (محمد) هاشم بن عبدالغفور سنڌي انهن رباني عالمن مان هو، جن دين اسلام جي تبليغ ۽ سنت جي اشاعت خاطر عظيم خدمتون سرانجام ڏنيون. پنهنجي زماني جو ممتاز عالم هو.[5]

42. محمد يوسف ”شاڪر“ ابڙو:

حق پرست بزرگن مان مخدوم محمد هاشم ٺٽوي به هڪڙو تمام مشهور اهلِ

[1] مخدوم محمد هاشم: ”عهدِ نبوت ڪي ماه و سال“ (اردو)، مترجم: مولوي محمد يوسف لڏيانوي، مقدمو ص 3

[2] محمد اسحاق ڀٽي: ”فقهاءِ هند“ (اردو) جلد _5، حصو 2، ص 250

[3] محمد مسعود احمد مظهري، ڊاڪٽر: ”جانِ جانان“، (اردو)، ص 166

[4] ڊاڪٽر يار محمد قاضي: ”سنڌ ۾ فقهي ادَب جو ارتقا“ ص 65

[5] ظهور احمد اظهر، ڊاڪٽر: ”تاريخ ادبياتِ مسلمانانِ پاڪ وهند“، (اردو) جلد 2 (عربي ادب)، ص 240، 241

الله ٿي گذريو آهي، جيئن هندستان ۾ امام رباني مجدد الف ثاني ۽ شاهه ولي الله پنهنجي وقت ۾ اسلام جي صحيح فڪر پکيڙڻ لاءِ پنهنجي حياتي وقف ڪري ڇڏي هئي.[1]

43. ڊاڪٽر مدد علي قادري:

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ کي جيڪڏهن اسين "سنڌ جو سيوطي" سڏيون، ته ان ۾ ڪو به وڌاءُ نه آهي. علامه جلال الدين سيوطي وانگر واديءِ مهراڻ جي هن عظيم عالم ۽ مفڪر مختلف اسلامي علوم ۽ ادبي صنفن جي ماڻريءَ ۾ پنهنجي قلم جي رخش کي ڇڏي ڏنو آهي.[2]

44. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي:

مخدوم صاحب علم ۽ عمل جو مجسمو هو. اسلامي دنيا جو تمام وڏو عالم به هو، ته وڏو مصلح به هو. اعليٰ پايي جو مقرر به هو، ته بيشمار ڪتابن جو مصنف به هو.[3]

45. ڊاڪٽر اينيمري شمل:

مخدوم صاحب ٺٽي جو وڏو جج هو. سندس دور ۾ جيڪي حڪمران آيا، سي سڀ ڪيس چاهيندا هئا. مولوي محمد هاشم سنڌي توڙي عربيءَ ۾ تمام گهڻو لکيو آهي. اندازو آهي ته هن ٽي سؤ کن مختلف شيون لکيون آهن.[4]

46. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي:

مخدوم صاحب عالم رباني، زاهد الزمان، ساده طبيعت، تڪلف ۽ تصنع کان عاري، علم جو پندار هئا.[5]

47. مفتي عبدالرحمان ٺٽوي:

شيخ الاسلام حضرت علامه مخدوم محمد هاشم سنڌي ٺٽوي علم معقول ۽ منقول ۾ وڏي دسترس رکندو هو. جنهن جي علمي وسعت جو اندازو سندس لکيل ڪتابن مان لڳائي سگهجي ٿو. جيڪي هڪ اندازي موجب ٽن سون جي لڳ ڀڳ

(1) "بناء الاسلام سنڌي"، ڏسو مقدمو از: محمد يوسف شاڪر ابڙو، ص 5

(2) مدد علي قادري: "مخدوم محمد هاشم جون سنڌي تصنيفات" (مقالو)، ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد سنڌ، 1 ـ 2، 1981ع، ص 145

(3) ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر: "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو"، ص 76

(4) ڊاڪٽر اينيمري شمل: سنڌي ادب جي ارتقا"، مترجم: غلام حيدر ٻرڙو، ص 59، 60

(5) ميمڻ عبدالغفور سنڌي، ڊاڪٽر: "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، ص 157

آهن.[1]

48. مولوي محمد طفيل احمد نقشبندي:

تصوف جي سلسلي ۾ بلند پايه جو مرشد نظر اچي ٿو. پاڻ هڪ بي مثال مرشد ۽ پيرِ طريقت هو. جنهن کي نه رڳو چئن سلسلن: قادري، نقشبندي، چشتي ۽ سهرورديءَ ۾ اجازت حاصل هئي، پر شطاريه، قشيريه، شاذليه ۽ ان دور جي ڪيترن طريقت جي هلندڙ سلسلن ۾ به ڪين اجازت مليل هئي.[2]

49. پروفيسر اسد الله ڀٽو:

حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو شمار اسلام جي انهن متبحر علماءِ دين مان آهي، جن جو علمي مقام ۽ فضيلت هڪ تسليم شده حقيقت ۽ روز روشن وانگر عيان آهي.[3]

50. مدير سه ماهي "دانش" فارسي:

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي سنڌ جي تاريخ سرزمين جو فخر آهي. جنهن جي علمي ديني خدمتن کي اسلامي دنيا ۾ هميشه احترام سان ڏٺو وڃي ٿو. مخدوم صاحب عربي، فارسي ۽ سنڌي ٽنهي ٻولين ۾ شعر به چيو آهي.[4]

51. مولانا محمد ادريس ڏاهري:

مخدوم صاحب زاهد عابد، ذڪر ڪندڙ سالڪ، شريعت جو صاحب ۽ حبيب ڪريم رؤف رحيم ﷺ جو سچو عاشق هو. ان ڪري مٿس محبوب عليه السلام جي خاص نگاهه ۽ مهرباني هئي. پاڻ پنهنجي شعرن ۾ جيڪي عشق ۽ الفت وارا نوراني الفاظ استعمال ڪيا اٿس. انهن مان سندس عقيدو ۽ مسلڪ صاف صاف ظاهر ۽ سج وانگر روشن آهن. پاڻ عقيدي ۾ پڪا سني هئا. سنيت ۾ پهاڙ وانگر مضبوط ۽ محبت ۾ راسخ هئا.[1]

52. مولوي عبيدالله پنهور:

شمس الملت والدين علامه مخدوم صاحب جي تعريف ڪان زمانو قاصر آهي.

(1) مولانا محمد طفيل احمد نقشبندي: "تحفة الزائرين" (اردو)، ڏسو تقريظ از: مفتي عبدالرحمان ٺٽوي، ص 243

(2) "تحفة الزائرين" (اردو) ص 389

(3) پروفيسر اسد الله ڀٽو: "مولانا مخدوم محمد هاشم ٺٽوي" (مقالو)، ٽماهي "سنڌ"، سيارو 1983ع، ص 241

(4) ايڊيٽر سه ماهي "دانش" (فارسي)، اسلام آباد، 16، زمستان 1367، ص 158

(1) "مدح نامه سنڌ"، (مترجم سنڌي) از: مولانا محمد ادريس ڏاهري، ص 22 ـ 34

علامه موصوف وقت جو هڪ وڏو محقق عالم ۽ مجتهد هو. سندس گهڻائي ڪتاب آهن، جيڪي جدا جدا فنن تي وڏي محققانه ۽ عالمانه انداز ۾ لکيل آهن.[2]

53. پروفيسر ڊاڪٽر غلام محمد لاکو:

مرزا (قليچ بيگ) کان اڳ ۾ سنڌ ۾ صرف مخدوم محمد هاشم ٺٽوي اهڙو مصنف ٿي گذريو، جنهن عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻولين ۾ سوين ڪتاب لکيا هئا. هو ڪلهوڙن جي دور جو وڏو عالم هو.[3]

54. ڊاڪٽر محمد اشرف سمون:

سندن نالو محمد هاشم لقب شمس الملت و الدين ۽ مخدوم خطاب آهي. پاڻ پنهنجي زماني جا بي بدل محدث ۽ بي مثل فقيه ٿي گذريل آهن.[4]

55. حافظ حبيب سنڌي:

سرزمين ٺٽو هميشه عالمن ۽ اديبن جي بستي رهي آهي. جنهن مخدوم العلماء مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليه الرحمة جهڙين عظيم العظمت شخصيتن کي جنم ڏيئي دنيا تي اهو ثابت ڪري ڇڏيو ته ٺٽو ڪڏهن به علم و ادب جي ميدان ۾ پوئتي پيل علائقو نه آهي.[5]

56. اسلم سنديلو:

اسين سچل سرمست جي (وڏن) همعصرن ۾ نظر وجهنداسون ته اسان کي ڪافي تعداد ۾ وڏا اديب، عالم فاضل ۽ ديني مڪتبه فڪر جا ڄاڻو ملندا. جن ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي - جنهن مديني منوره ۽ مڪي پاڪ مان بلند پايه عالمن کان مختلف علمن ۾ سنڌُون ۽ اجازتون حاصل ڪيون. پوءِ ٺٽي ۾ مقيم ٿيو (به هڪ آهي).[1]

57. محمد ابراهيم ترڪ ۽ اشتياق حسين شاه:

مخدوم صاحب باڪمال عالم ۽ پلو بزرگ ٿي گذريو آهي. اسلامي دنيا جو

---

(2) ”فرائض الاسلام “ (اردو) ڏسو مقدمو از: مولانا عبدالعليم ندوي، ص 3، 4

(3) پروفيسر غلام محمد لاکو: ”شمس العلماء مرزا قليچ بيگ“ (مقالو)، ماهوار ”السنڌ“ اسلام آباد، سيپٽمبر 1993ع، ص 37

(4) ڊاڪٽر محمد اشرف سمون: ”ٻارهين صدي هجريءَ جي سنڌي محدثن جون علمي خدمتون“ پي. ايچ. ڊي لاءِ تحقيقي مقالو، 1989ع، تلخيص 290

(5) حافظ حبيب سنڌي: ”مخدوم محمد هاشم جون علمي ۽ ادبي خدمتون“ (مقالو) ڇهه ماهي ”سنڌي ادب“ ، سنڌالاجي، 1ـ2، 85ـ1986ع، ص 14

(1) اسلم سنديلو: ”سچل سرمست“ ، ثقافت کاتو، ص 13

وڏو مصلح ۽ عالم هو. اعليٰ پايي جو مقرر به هو ته بيشمار ڪتابن جو مصنف به هو. مخدوم صاحب طبيعت جو حليم، مزاج جو خليق از حد پرهيزگار هو. هر ڪم ۾ تحقيقي انداز ۾ شريعت جي حڪمن جي پوري تعميل ڪندو هو ۽ سموري زندگي سيرت پاڪ جي نموني تي بسر ڪيائين.[2]

58. عبدالله گندرو:

ٺٽي جي بزرگن عالمن، جن خلق خدا کي فيض ڏنو، تن مان مخدوم محمد هاشم ٺٽوي هڪ هئا...مخدوم عاشقِ رسول ﷺ هئا. حضور ﷺ جن سان ايتري محبت هئس، جو ٻارهن حج پنڌ ڪيا هئائين.[3]

59. حافظ ارشد انيڙ:

مخدوم صاحب حق لاءِ اگهاڙي تلوار هئا. حق چوڻ ۾ ڪنهن جي به دشمني جو خيال دل ۾ نه آڻيندا هئا. عابد، زاهد، متقي، ساري رات جاڳي عبادت ڪندڙ ۽ ڏينهن جو روزا رکندڙ هئا. فقيه، محدث ۽ مجتهد هجڻ سا گڏ وڏي درجي جا اهلِ دل پڻ هئا.[4]

60. رسول بخش تميمي:

سنڌ محدثن، مجددن، جيد علمائن ۽ مخدومن جو ساڃهه آهي. اهڙن بي بها موتين مان هڪڙو موتي هو شمس العلماء قمر المنير مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، جنهن پنهنجي علمي ڪستوريءَ سان ولايت واسي ڇڏي. وڏو بخت ان وقت جو جنهن وقت ۾ هيءُ شمس العلم پيدا ٿيو.[1]

61. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو:

تقرير، تحرير توڙي درس ۽ تدريس جي لحاظ کان مخدوم صاحب هڪ وڏو عالم هو... سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر جي علمي حلقن ۾ هيءُ عالم سدا جيئرو آهي.[2]

---

(2) ”اخبار تعليم “ (مقالو) 1ـ2، 1991ع، ص 41ـ45 تلخيص

(3) عبدالله گندرو: ”مخدوم محمد هاشم ٺٽوي“ (مضمون)، روزانه ”مهراڻ“ ، 7 جون 1968ع

(4) حافظ ارشد انيڙ: ”علامه محدث محمد هاشم ٺٽوي“ (مقالو)، ماهوار ”نئين زندگي“، جون 1979ع، ص 6

(1) رسول بخش تميمي: ”مخدوم محمد هاشم جا همعصر علماء ۽ فضلاءَ“ (مقالو)، ڇهه ماهي ”سنڌي ادب“ ، سنڌالاجي، 1ـ2، 1983ع، ص 90

(2) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ ، ص 114

ضميما

ضميمو (1)

ماڳ ۽ مڪان

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ سندس خاندان جو سنڌ جي تاريخي ماڳن، جهڙوڪ: سيوهڻ، بنوري، بهرام پور، ٺٽي ۽ مڪليءَ سان واسطو پئي رهيو آهي. اسان هتي انهن ماڳن مڪانن ۽ يادگار آثارن جو مختصر احوال ڏيون ٿا:

سيوهڻ:

سيوهڻ سنڌ جو قديمي تاريخي شهر آهي. تاريخ ۾ سيوهڻ کي مختلف نالن سان سڏيو ويو آهي. مشهور مؤرخ البلاذري (وفات 279هه) "فتوح البلدان" ۾ سيوهڻ جو "سهبان" جي نالي ذڪر ڪيو آهي.[1]

سنڌ جي آڳاٽي تاريخي ڪتاب "چچ نامي" ۾ سيوهڻ جو ذڪر "سيوستان" جي نالي سان هن ريت ملي ٿو:

> "راءِ سهيرس بن ساهسي راءِ جي ڏينهن ۾ سنڌ ملڪ جون حدون وسيع هيون. هن پنهنجي ملڪ تي چار حاڪم مقرر ڪيا هئا. انهن مان هڪ قصبہ سيوستان تي بہ حاڪم هو. جنهن جي هٿ ۾ سيوستان مرڪز ڪان سواءِ ٻڌيہ، جنگان، رونجهان، ڪوه پايہ ويندي مڪران جي حد سندس حوالي هئي."

[1] البلاذري ابوالحسن: "فتوح البلدان" (عربي)، ص 425

(2)

ان سلسلي ۾ ڀيرو مل آڏواڻيءَ لکيو آهي:

"انو ٻاشري، آرين، ايران سان گڏ سنڌ کي 'شو آستان' سڏي، راڄڌاني ڪئي. شو آستان اچار بگڙي سيوستان ۽ سهوان ٿيو. هاڻ عام طرح چئون سيوهڻ. جنهنڪري چئبو ته سڄي سنڌ ۾ 'سيوهڻ' جهڙو قديم نالو ٻئي ڪنهن به شهر تي پيل ڪونهي." (1)

ڀيرومل آڏواڻيءَ جي برعڪس، هڪ ٻيو هندو ليکڪ دوارڪا پرساد شرما لکي ٿو:

"سيوهڻ جو شهر مهاڀارت جي زماني کان پوءِ جو ٺهيل آهي... سڪندر کان پوءِ اتر هندستان جون ڪيتري ذاتيون هجرت ڪري ڏکڻ هندستان ڏانهن آيون.. انهن مان سڀيءَ جي ڪيترن سيوهڻ اچي وسايو.. سيوهڻ جو شهر اٽڪل ٻن اڍائي هزارن سالن جو جهونو آهي." (2)

مير علي شير "قانع" ٺٽوي سيوهڻ بابت رقمطراز آهي:

"هن ڪي سيوهڻ ۽ سهوڻ به سڏيندا آهن... پنجين ولايت ۾ آهي... هڪ قديمي شهر آهي.سنڌ جي اولاد سهوران جي پنيان سڏجي ٿو. سندس قلعو (راءِ سهاسي ٻئي جي ٺهرايل) قلعن مان آهي. قديم الايام کان خلاصو تختگاهه هو. پوءِ وري اروڙ جي راجائن ۽ تنهن کان پوءِ ٺٽي جي بادشاهن جي حڪم هيٺ رهيو." (3)

(2) علي ڪوفي: "فتح نامو عرف چچ نامو"، مترجم: مخدوم : امير احمد، ص 22
(1) ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي: "سنڌ جي هندن جي تاريخ" جلد _1، ص 22
(2) دوارڪا پرساد روچيرام شرما: "سنڌ جو پراچين اتهاس" جلد _3، ص 61_162
(3) "تحفة الڪرام" (سنڌي)، ص 239

سيوهڻ آرين جي دور جو يادگار آهي، يا سڪندر جي زماني جو قديم آثار؟ وقت بوقت حملي آورن، مقامي راجائن ۽ مسلمان حاڪمن هن قديم تاريخي شهر کي ڪئي ڀيرا ڊاهيو ۽ ٺاهيو آهي. مغل دور ۾ هيءُ شهر علمي لحاظ کان مشهور هو. سيوهڻ ۾ مشهور بزرگ، مخدوم عثمان قلندر لال شهباز (673هه - 1274ع) جو مقبرو آهي. سيوهڻ ۾ بزرگ جمن جتي، بودلو بهار، چٽو امراڻي به مدفون آهن. مشهور سياح ابن بطوط به سيوهڻ ۾ آيو هو. هن وقت سيوهڻ ۾ مخدوم صاحب ۽ سندس بزرگن ڏانهن منسوب ڪو به آثار محفوظ نه آهي. سيوهڻ جو شهر، ايران، افغانستان ۽ هند سنڌ ۾ قلندر شهباز جي زيارتگاهه جي ڪري مشهور آهي.

ميرپور بٺورو:

سنڌ جي تاريخ ۾ "بٺورو" هڪ پرڳڻو پئي رهيو آهي. شاهجهان جي ڏينهن ۾، مير ابوالبقا امير خان جڏهن ٺٽي جو نواب مقرر ٿي آيو، ته هن بٺوري پرڳڻي ۾ پنهنجي نالي هڪ يادگار شهر اڏايو. اهو شهر "اميرپور" جي نالي سان سڏجڻ لڳو. هيءُ شهر بٺوري، بهرام پور، درڪ ۽ پليجا پرڳڻن جو مرڪز هو. جيئن بٺوري کان سواءِ ٻيا پرڳڻا تاريخ ۾ محفوظ نه رهيا، ان ڪري "اميرپور" بٺوري سان گڏجي "ميرپور بٺورو" سڏجڻ لڳو ۽ مشهور ٿي ويو.(1)

مخدوم صاحب پاڻ اتي ڄائو نپنو ۽ ابتدائي علم پرايو. سندس والد عبدالغفور به ميرپور بٺوري جي قديمي قبرستان ۾ مدفون آهي. باوجود گهڻي تلاش جي ۽ گهڻي وقت گذرڻ ڪري، ان قديم قبرستان ۾ حضرت عبدالغفور جي قبر جو ڏس پتو ملي نه سگهيو. بٺوري جي اديب ۽ استاد، غلام محمد "جوهر" تصديق سان روايت بيان ڪئي ته اسان وڏن کان

(1) تحفة الڪرام، تلخيص ص 236_237

متواتر ٻڌندا اچون ٿا، تہ مخدوم صاحب جو والد ميرپور ٻٺوري جي هن قديم قبرستان ۾ دفن ٿيل آهي، پر مزار جي نشاندهي نہ ٿي سگهي.

بهرام پور:

تاريخ ۾ بهرام پور کي بہ پرڳڻي جي نالي سان ياد ڪيو ويو آهي. مخدوم صاحب ٺٽي مان تعليم مڪمل ڪري، ميرپور ٻٺوري کان پوءِ ڪجهہ وقت لاءِ ديني تعليم ۽ وعظ و تبليغ جو سلسلو بهرام پور ۾ شروع ڪيو. اڳتي هلي ناسازگار حالتن ڪري مخدوم صاحب وڃي ٺٽو وسايو. هن وقت نہ بهرام پور پرڳڻي جو وجود سلامت رهيو آهي ۽ نہ وري ڳوٺ ئي آباد آهي. البت، هن موجوده وقت ۾ جهوڪ شريف ۽ بلڙيءَ جي وچ تي مخدوم صاحب جي مدرسي ۽ مسجد جا ڊٺل آثار ڳاڙهين پڪين سرن ڪلر ڪاڌل ۽ مٽيءَ جي ڍير جي صورت ۾ موجود آهن. مخدوم صاحب جي انهيءَ تاريخي مدرسي ۽ مسجد جا آثار ديهہ بهرام پور جي سروي نمبر 383 ۾ موجود آهن. ديهہ بهرام پور تعلقي ٽنڊي محمد خان ضلعي ٽنڊي محمد خان ۾ واقع آهي. هيءَ زمين هن وقت زور دست پناڻ جي ملڪيت ۾ آهي. سروي نمبر 383 ۽ ديهہ بهرام پور جو نقشو ڊاڪٽر محمد ابراهيم سنڌي، شاهہ ڪريم واري ڪان مليو. مخدوم صاحب جي هن شهيد ٿيل مدرسي ۽ مسجد بهرام پور جو فوٽو تاريخ 25 نومبر 1995ع تي مولوي اقبال احمد سولنگي، سابق پيش امام، درگاهہ شاهہ ڪريم بلڙي سان گڏ ڪڍيو ويو.

ٺٽو:

ننگر ٺٽو، سنڌ جو تختگاهہ شهر پئي رهيو آهي. ظاهر ۾ سمن جي دور ۾ ٺٽي اوج ۽ عروج ماڻيو، پر ديبل کان پوءِ سومرن جي دور ۾ ٺٽي جو نالو تاريخ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ٺٽي جو مشهور مؤرخ ۽ مڪين، مير علي شير "قانع" ٺٽوي هن شهر جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ بابت لکي ٿو:

"هيءَ سر زمين جيئن تاريخن مان معلوم ٿئي ٿو، پراڻي زماني ۾ بہ ٺٽي جي نالي سان سڏبي هئي. جيئن تہ سنڌ جي مٿئين طرف کي عام ماڻهو سرو چوندا آهن ۽ هن هيٺين طرف کي لاڙ سڏيو ويندو آهي. اهو ٺٽي جي وجہ تسميہ جو ڪليو ثبوت آهي. جڏهن زماني جي گذرڻ ۽ وقت جي انقلابي حادثن کان پنيور، ديول، بکار ۽ ٽرڙي جهڙا عمدا عمدا شهر ويران ٿيڻ لڳا، تڏهن اتي جا اڪثر باشندا هن شهر ڏانهن لڏي آيا. تڏهن گويا ڪہ 'تہ تہ' جي مصداق موجب هاڻوڪي آبادي انهن مٿين آبادين جو مجموعو آهي."

مير "قانع" وڌيڪ وضاحت ڪندي لکي ٿو:

اڳاٽي سمي انهي هنڌ سمنڊ جو پاڻي هو. پوءِ پاڻي سڪي پٽ ٿيو. جڏهن اروڙ ڦٽو، درياءَ سيوهڻ ڏانهن رخ موڙيو. جڏهن محمد طور جو شهر سومرن سردارن سميت ويران ٿيو. وقت جي حڪومت سمن ڄامن جي هٿ ۾ آئي، تڏهن مڪلي جي دامن ۾ ساموئي جو شهر ٻڌائون. اڳتي هلي ڄام نظام الدين عرف ڄام نندہ سن 900 هجري جي پڇاڙيءَ ۾ نجومين جي صلاح سان نئين شهر آباد ڪرڻ لاءِ اهڙي زمين چونڊي، جتي جا ماڻهو آرام پسند هجن. سير ۽ تفريح جي زندگي گذارين. سنڌن فطرت ۾ ڪماليت هجي. اهڙين وصفن واري ٺٽي واري زمين چونڊي وئي. هن وقت ٺٽو ٻن معنائن سان آباد آهي. ڪي چون ٿا تہ، ٺٽہ معنيٰ آهي 'تہ تہ' يعني هيٺاهين زمين. ڪن جو چوڻ آهي، ٺٽہ يعني ٺٽ. جا سنڌين جي اصطلاح ۾ ماڻهن جي گڏ ٿيڻ جو هنڌ جي معنيٰ رکي ٿي." [1]

[1] "تحفة الڪرام" (سنڌي)، ص 463، 464

هينري ڪزنس لفظ ”ٺٽي“ بابت مختلف حوالن سان لکي ٿو:

”هن نالي جي گهڻن نمونن سان هجي ڪئي وئي آهي. ريورٽي چوي ٿو ته پارسي تاريخن ۾ ان کي تهته ڪري لکيو ويو آهي... سنڌ گزيٽيئر ان کي Thattah ٺٽه ڪري لکيو آهي. ڪئپٽن وُڊ ان کي ٺاٽهه جي هجي ۾ لکيو آهي. ڪننگهام ان نالي جي اصليت ٻڌائيندي لکيو آهي ته، ٺٽي جي معنيٰ آهي ڪنارو. ريورٽي چوي ٿو ته ان ٺٽه مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ميڙ، انبوه ۽ ڳاهٽ“ [2]

مشهور محقق، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ٺٽي شهر جي بنيادي وجود تي بحث ڪندي لکي ٿو:

”ٺٽي جي ابتدائي آبادي وارو دور اهو ساڳيو آهي، جڏهن سنڌونديءَ جي وچ وارو وهڪرو تبديل ٿيو. ستين صدي هجري ۽ تيرهين صدي عيسوي... ٺٽو، سنڌو نديءَ جي پيدا ڪيل بستي هئي ۽ هن سنڌو جي ڪڪ مان ان وقت ۽ ان حالت ۾ جنم ورتو، جڏهن ندي پنهنجو وچون پراڻ سلسلي وارو وهڪرو مٽي، گهڻو اولهه طرف ٺٽي وارو رخ اختيار ڪيو. سنڌ جي ماڳن مڪانن جي نالن واري پس منظر جي روشني ۾ خود لفظ ’ٺٽه‘ جي معنيٰ مان انهي حقيقت جي ڪافي حد تائين تصديق ۽ تائيد ٿئي ٿي.“ [1]

ٺٽو - سمن، ارغونن، ترخانن ۽ مغل نوابن جي دور ۾ سنڌ جو تختگاه رهيو. ان دوران ٺٽي تي ڪيئي نشيب و فراز آيا ۽ گذري ويا.

---

[2] هينري ڪزنس: ”سنڌ جا قديم آثار“، مترجم: عطا محمد ڀنڀرو، حاشيو ص 193

[1] ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: ”ٺٽي جو بنيادي وجود يا اصل نسل“ (مقالو)، ٽماهي ”مهراڻ“ حيدرآباد سنڌ، نمبر 1_2، 1988ع، ص 25، 26

البت، ڪلهوڙن خدا آباد کي پنهنجو تخت گاه بنايو هو. دراصل، ٺٽي جو اوج ۽ عروج ڄام نظام الدين سمي جي ڏينهن ۾ رهيو. ٺٽو ان دور ۾ نئين سر اُسريو، نسريو ۽ وڌي وڻ ٿيو. سندس ڇانوَ ۾ سوين مڪتب، مدرسا، عالم فاضل، صوفي صالح، اديب شاعر ۽ امير ڪبير رهندا هئا. ٺٽي ۾ گهٽيون ئي پراڻيون تاريخي جايون شاهجهاني مسجد، مسجد امير خان، جامع خسرو ۽ ڪيترن ڀلارن جون مزارون زيارتگاه آهن.

هن وقت مخدوم صاحب سان منسوب مدرسو، مسجد ۽ جامع خسرو جا آثار زبون حالت ۾ موجود آهن. انهن ماڳن جا اڄ لکا عڪس ۽ تصويرون هن مقالي ۾ شامل آهن. جيڪي تاريخ 30 ڊسمبر 1992ع تي مولوي انور حسين ميمڻ پيش امام ”هاشمي مسجد“ ٺٽي جي نشاندهيءَ ۽ رفاقت ۾ ڪڍيا ويا.

مڪلي:

ٺٽي جي اهلِ قلم مير علي شير ”قانع“ مڪلي ٽڪريءَ بابت فارسي نثر ۽ نظم ۾ هڪ خوبصورت دلچسپ رسالو ”مڪلي نامہ“ نالي لکيو، جنهن ۾ مڪلي بابت ۽ اتي مدفون بزرگن، اميرن ڪبيرن ۽ تفريحي تاريخي جاين جو اکين ڏٺو مختصر احوال آندو آهي. هو لکي ٿو:

”مڪلي پُرفضا ۽ فرحت و سُرور جي عبرت آميز ٽڪري آهي. ڪنهن وقت ڪو الله وارو بزرگ حرمين شريفين جي زيارت لاءِ ويندي، اتان اچي لنگهيو. هن ٽڪريءَ تي اهڙي حالت پيدا ٿيس جو وجد ۾ اچي ويو. وجد ۽ حال جي جوش ۾ چوڻ لڳو ’هذه مكة لي‘ مطلب ته هي ٽڪريءَ منهنجي لاءِ مڪہ آهي. هي لفظ بار بار پيو دهرايائين. وجد جي جوش ڪري سندس زبان ۾ تاثر هو. ان ڪري ماڻهن جي زبان تي هن ٽڪريءَ جو

نالو 'مڪة لي' مان ڦري 'مڪلي ' مشهور ٿي ويو." [1]

مڪلي بابت ٻيون بہ ڪي روايتون آهن. هن وقت بہ مڪلي ٽڪريءَ تي ڀلارن بزرگن مان شاهہ مراد شيرازي، عيسيٰ لنگوٽي، شيخ جيئو، حماد جمالي، جامع مسجد مڪلي، عبدالله شاهہ اصحابي، ميون ابوالحسن سنڌي، سيد يوسف بکري، ابوالقاسم نقشبندي، مخدوم آدم، مخدوم محمد معين جون مزارون ۽ مقبرا موجود آهن. خود مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي مزار بہ مڪليءَ تي ٺٽي - ڪراچي روڊ جي ڏاکڻين پاسي زيارتگاهہ آهي.

اميرن ڪبيرن مان ڄام نظام الدين سمون، ترخانن جا مقبرا، مغلن جون رانڪون ۽ هندن جا عبادتگاهہ بہ مڪلي تي موجود آهن. هن وقت ٺٽي ضلعي جون اڪثر سرڪاري عمارتون ۽ تعليمي ادارا بہ مڪلي ٽڪريءَ تي جڙيل آهن.

------

[1] ميرعلي شير "قانع" ٺٽوي: "مڪلي نامہ" (فارسي) مرتب: حسام الدين راشدي، ص 15، 16

ضميمو (2)

اسنادِ هاشمي، نبي ﷺ تائين

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ تي تحقيق جي سلسلي ۾ فارسي قلمي ڪتاب "مناقب مخدومين معظمين" (مصنف: امين بن هارون چنڙائي) جي تلاش واسطي ٽنڊي سائينداد، بدين، ٺٽي ۽ ڪراچيءَ ۾ جستجو ڪئي وئي. بهرحال، اهو مذڪوره ڪتاب مدرسہ مجدديہ عثمانيہ، ٺٽي جي ڪتب خاني مان دستياب ٿيو. ان بياض ۾ مختلف 32 رسالا ٻيا بہ شامل هئا.

انهن رسالن ۾ خوش بختيءَ سان مخدوم صاحب جي پوٽي مخدوم ابراهيم (مڏئي مرقد) طرفان مرتب ٿيل طريقت جو سلسلو بہ عربيءَ ۾ موجود آهي، جيڪو پڻ پنهنجي جاءِ تي هڪ وڏيءَ اهميت وارو دستياب دستاويز آهي. هن سلسلي ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي پوٽي ۽ پٽ کان وٺي طريقت ۽ تصوف جي سرچشمي ۽ سردار حضرت محمد رسول الله ﷺ تائين، روحاني طريقت جو سلسلو ۽ اسناد محفوظ ۽ موجود آهي. هي اسناد سنڌ ۾ هاشميہ خاندان، سندس شاگردن ۽ متعلقين لاءِ وڏي اهميت ۽ عظمت واري نشاني آهي، جنهن ۾ اسان جي سنڌ جي مايہ ناز عالم جي روحاني طريقت جي اسناد جو سلسلو قوي سند سان حضور ﷺ جن سان وڃي ملي ٿو. هيٺ ناياب دستياب اسناد هاشمي حرف بحرف عربي عبارت ۾ تحرير ڪجي ٿي، تہ جيئن نئين دريافت اسناد گوشہ گمنامي کان محفوظ رهجي وڃي:

"فاني اجزت بل البست الخرقة الفقرية ايضاً من يد ابي و شيخي

الشيخ عبداللطيف وهو اجيز و البسها من ابيه المخدوم الشيخ محمد هاشم و هو البس مع الاجازة ايضا من يد الشيخ عبدالقادر بن ابي بكر الصديقي مفتي الحنفية بمكة وهو لبسها من يد شيخه ابي البقا حسن بن علي العجيمي المكي الحنفي وهو لبسها من يد شيخه العارف بالله صفي الدين احمد بن محمد القشاشي المدني و هو لبسها من والده الشيخ محمد بن يونس بن احمد الدجاجي المقدسي اليمني و هو لبسها من شيخه العارف بالله الامين بن الصديق اليمني المزجاجي وهو لبسها عن شيخه العارف بالله عبدالقادر بن شجاع الدين عمر بن احمد بن جزيل وهو لبسها عن شيخه العارف بالله عبدالقادر بن الجنيد بن احمد وهو لبسها عن ابيه الجنيد بن احمد وهو لبسها عن ابيه الشيخ احمد بن موسيٰ المشرع وهو لبسها عن الشيخ اسماعيل بن الصديقي الجبرتي وهو لبسها عن الشيخ محمد الزجاجي وهو لبسها من قطب وقته و غوث زمانه شريف الدين ابي المعروف اسماعيل بن ابراهيم بن عبدالصمد الجبرتي القرشي الهاشمي العقيلي الصوفي اليمني الزبيدي وهو لبسها عن جمال الدين محمد بن ابي بكر الضجاعي وهو لبسها من الحافظ برهان الدين ابراهيم بن عمر بن علي العلوي الزبيدي وهو لبسها عن الامام جمال الدين عبدالحميد بن عبدالرحمان بن عبدالحميد بن كوهي الاتشكاهي وهو لبسها عن نجم الدين عبدالله بن محمد الاصفهاني وهو لبسها عن عز الدين احمد بن ابراهيم الفاروقي الواسطي وهو لبسها من الشيخ الاكبر محي الدين محمد بن علي بن العربي وهو لبسها عن يد الشيخ جمال الدين يونس بن يحييٰ بن ابي البركات الهاشمي العباسي بمكة المعظمة تجاه الركن اليماني بالمسجد الحرام سنة تسع و تسعين و خمس ماة وهو لبسها عن يد القطب الرباني محي الدين عبدالقادر الجيلاني وهو لبسها من يد الشيخ ابي سعيد المبارک المخرمي وهو لبسها من يد الشيخ ابي الحسن علي

الهکاوي وهو لبسها من يد الشيخ ابي الفرج الطرطوسي وهو لبسها من يد ابي الفضل عبدالواحد بن عبدالعزيز التميمي وهو لبسها من يد الاستاد ابي بكر محمد الشبلي وهو لبسها من يد سيد الطائفة ابي القاسم الجنيد البغدادي وهو لبسها من خاله الشيخ السري السقطي وهو لبسها من يد الشيخ معروف الكرخي وهو لبسها من يد الاستاد داؤد الطائي وهو لبسها من يد الشيخ الحبيب العجمي وهو لبسها من يد الحسن البصري وهو لبسها من امير المؤمنين علي بن ابي طالب كرم الله وجهه وهو لبسها من سيد الاولين و الاخرين محمد النبي الكريم صلي الله تعاليٰ عليه وآله و صحبه وسلم وهو صلي الله عليه وآله وصحبه وسلم البس من رب العالمين بواسطة الروح الامين.” [1]

------

[1] مخدوم ابراهيم بن عبداللطيف ٺٽوي: ”بياض اسنادِ در مناقب مخدومين“ (قلمي)، ص 43_46

ضميمو (3)

مخدوم صاحب جي موجود 88
كتابن جي فهرست

كتاب جو نالو	ٻولي	فن	تصنيف جو سال
1. زادالفقير	سنڌي	فقه	رمضان 1125ھ
2. مظهر الانوار	عربي	فقه	1125ھ
3. قوت العاشقين	سنڌي	سيرت	1127ھ
4. فاكهة البستان	عربي	فقه	7 شعبان 1128ھ
5. راحة المومنين	سنڌي	فقه	1130ھ
6. شدالنطاق فيما يلحق من الطلاق	عربي	فقه	6 جمادي الاخر 1133ھ
7. ذريعة الوصول اليٰ جناب الرسول	فارسي	سيرت	17 رجب 1133ھ
8. فتح الكلام في كيفة اسقاط الصلواة والصيام	فارسي	فقه	20 شوال 1133ھ
9. رشف الزلال في تحقيق فيءَ الزوال	فارسي	فقه	24 شوال 1133ھ
10. حيات الصائمين	فارسي	فقه	17 ذوالحج 1133ھ
11. فتح القوي في نسب النبي	فارسي	سيرت	1133ھ
12. زاد السفينة لسالكي المدينه	فارسي	سيرت	1133ھ
13. جنة النعيم في فضائل القرآن الكريم	عربي	تفسير	صفر 1134ھ
14. السيف الجلي عليٰ ساب النبي	عربي	فقه	12شعبان

			1134ھ
15. تحفة الاخوان في منع شرب الدخان	فارسي	فقه	11 شوال 1134ھ
16. رد رسالہ قرة العين في البكاء علي الحسين	عربي	فقه	1134ھ
17. حيات القلوب في زيارة المحبوب	فارسي	سيرت	1135ھ
18. اتحاف الاكابر بمرويات الشيخ عبدالقادر	عربي	تاريخ	26 شوال 1136ھ
19. فيض الغني في تقدير صاع النبي (كشف السرعن تقدير صدقة الفطر)	فارسي	فقه	15 ربيع الاخر 1137ھ
20. درهم الصرة في وضع اليدين تحت السرة	عربي	فقه	1137ھ
21. معيار النقاد في تمييز المغشوش عن الجياد	عربي	فقه	جمادي الاول 1137ھ
22. ترصيع الدرة عليٰ درهم الصرة	عربي	فقه	1137ھ
23. نورالعينين في اثبات الاشارة في التشهدين	عربي	فقه	12 شوال 1139ھ
24. كشف الغطاء عمايحل ويحرم من النوح والبكاء	عربي	فقه	1142ھ
25. بناء الاسلام	سنڌي	عقائد فقه	5 ذوالحج 1143ھ
26. مدح نامہ سنڌ	فارسي	تاريخ	16 ربيع الاول 1146ھ
27. رفع الغطاء عن مسئلة جعل العمامة تحت الرداء	عربي	فقه	1146ھ
28. الشفاء في مسئلة الراء	عربي	تجويد	2 شوال 1147ھ
29. الباقيات الصالحات في ذكر الازواج الطاهرات	فارسي	سيرت	20 شوال 1147ھ
30. اللؤلؤ المكنون في تحقيق مدالسكون	عربي	تجويد	21 رمضان 1148ھ
31. جمع اليواقيت في تحقيق المواقيت	فارسي	فقه	1148ھ
32. كشف الرين عن مسئلة رفع اليدين	عربي	فقه	15 جمادي الاخر 1149ھ
33. تحفة القاري بجمع المقاري	عربي	تجويد	1150ھ
34. حصن المنوع عما اورد عليٰ من ادرج الحديث الموضوع	عربي	حديث	ربيع الاخر 1153ھ
35. تمام العناية في الفرق بين صريح الطلاق و الكنايه	عربي	فقه	1156ھ
36. تحفة السالكين اليٰ جناب الامين	فارسي	سيرت	شعبان 1158ھ

37. تحقيق المسلک في ثبوت اسلام الذمي بقوله للمسلم انامثلک	عربي	فقه	23 شعبان 1159ھ
الرد المختوم عليٰ من نفي كون المثل للعموم			
السهم المسموم في كبد من نفي كون المثل للعموم			
38. تصحيح المدرک في ثبوت اسلام الذمي بقوله انامثلک	عربي	فقه	13 محرم 1160ھ
39. النور المبين في جمع اسماء البدريين	عربي	تاريخ	21 ذوالقعد 1161ھ
40. تفسير هاشمي	سنڌي	تفسير	17 شعبان 1162ھ
41. القول الانور في حكم لبس الاحمر	عربي	فقه	16 ذوالحج 1163ھ
42. رفع النصب لتكثر التشهدات في الصلواة المغرب	عربي	فقه	11 جمادي الاول 1164ھ
43. الحجة القوية في حقيقة القطع بالافضلية	عربي	فقه	17 شعبان 1164ھ
44. وسيلة الغريب اليٰ جناب الحبيب	فارسي	سيرت	29 شعبان 1164ھ
45. حياة القاري باطراف صحيح البخاري	عربي	حديث	7 صفر 1166ھ
46. بذل القوة في حوادث سني النبوة	عربي	سيرت	4 صفر 1168ھ
47. التحفة المرغوبة في افضلية الدعاء بعد المكتوبة	عربي	فقه	1168ھ
48. تنقيح الكلام في النهي عن قرأت الفاتحة خلف الامام	عربي	فقه	24 صفر 1169ھ
49. فتح العلي في حوادث سني نبوة النبي	عربي	سيرت	1170ھ
50. تحفة المسلمين في تقدير مهور امهات المومنين	فارسي	سيرت	6 رجب 1171ھ
51. حلاوة الفم بذكر جوامع الكلم	عربي	حديث	29 رجب

			1171ھ
52. فرائض الاسلام	عربي	عقائد فقه	1171ھ
53. الوصية الهاشميه	عربي	تصوف	اندازاً 1174ھ
54. خطباة الهاشميه	عربي	فقه	-
55. بياض هاشمي	ف-ع	فقه	-
56. اصلاح مقدمة الصلواة	فارسي	فقه	-
57. اصلاح مقدمة الصلواة	سنڌي	فقه	-
58. نتيجة الفكر في تحقيق صدقة الفطر	فارسي	فقه	-
59. حديقة الصفا في اسماء المصطفيٰ	فارسي	سيرت	-
60. وسيلة الفقير في شرح اسماء الرسول البشير	فارسي	سيرت	-
61. شرح صفة الروضة	عربي	تصوف	-
62. ثمانية قصائد صغار في مدح النبي	عربي	سيرت	-
63. النفحات الباهرة في جواز القول بالخمسة الطاهرة	فارسي	سيرت	-
64. ساير نامه	سنڌي	فقه	-
65. تحفة التائبين	سنڌي	تصوف	-
66. كفاية القاري	عربي	تجويد	-
67. كشف الرمزعن وجوه الوقف علي الهمز	عربي	تجويد	-
68. حاشيه درود حاضري	عربي	تصوف	-
69. حاشيه شاطبيه	عربي	تجويد	-
70. حاشيه مقدمة الجزري	عربي	تجويد	-
71. الحجة القوية في الرد عليٰ من قدح في الحافظ ابن تيميه	عربي	فقه	-
72. رد الرسالة المعينية الناطقة بافضلية علي عليٰ الخلفاء الثلثه	عربي	فقه	-
73. فضائل نماز و دعا عاشوره	فارسي	فقه	-
74. حاشيه خلاصة الحساب	عربي	متفرقات	-
75. حاشيه شيخ الاسلام برسراجي	فارسي	متفرقات	-
76. الطِراز المُذهب في ترجيح الصحيح من المذهب	عربي	متفرقات	-
77. ارشاد الظريف اليٰ طور التصنيف	عربي	متفرقات	-

78. موهبة العظيم في ارث حق مجاورة الشعر الڪريم	عربي	فقه	-
79. نظم الجواهر باتحاف الاڪابر	عربي	تاريخ	-
80. نور البصائر تڪمله ذيل اتحاف الاڪابر	عربي	تاريخ	-
81. الحجة الجلية في مسئلة سُور الاجنبيه	عربي	فقه	-
82. تنبيه نامون	سنڌي	فقه	-
83. بسط البردة	عربي، فارسي	سيرت	-
84. الطريقة الاحمديه	عربي	تاريخ	-
85. فتح الخلاق	عربي	تعويذات	-
86. القول المعجب	عربي	فقه	-
87. نصرة النبي الڪريم	عربي	فقه	-
88. وسيلة القبول	عربي	سيرت	-

ضميمو (4)

مخدوم صاحب جي انهن 75 ڪتابن جا نالا، جيڪي مختلف حوالن سان معلوم ٿي سگهيا آهن

مخدوم صاحب جا ضميمي نمبر -3 ۾ ذڪر ڪيل عربي، فارسي ۽ سنڌي 88 ڪتاب راقم جي لائبريري ۾ محفوظ آهن. انهن ڪتابن ڪان سواءِ تاريخ ۽ تذڪرن جي مختلف ڪتابن، رسالن ۽ فهرستن ۾ مخدوم صاحب جي ٻين 75 ڪتابن جا نالا معلوم ٿي سگهيا آهن. انهن ڪتابن جي تلاش جاري آهي. في الحال انهن معلوم ڪتابن جي الف - بي وار لسٽ هيٺ ڏجي ٿي، ته جيئن سندس قلمي ڪاوشن جا نالا اهلِ علم جي سامهون رهن ۽ انهن ڪتابن جي ڳولا لاءِ جاڪوڙ جاري رهي سگهي:

1. اجادة النجده	....
2. اساس المصلي	عربي
3. اصح الاسانيد	عربي
4. تتمہ حاشيہ خيالي	عربي
5. تحرير ڪبير في الرد عليٰ من اعترض علي الحافظ ابن تيميہ فيما تڪلم بہ من التعليق بالشرط	عربي
6. تحفة العلماء في قول الصلواة خير من النوم في اذان الفجر حال القضاء	عربي
7. تحفة الغازي بجمع المغازي	....
8. التحفة الهاشميہ في شرح القصيدة القاسميہ المعروف بالحريري	عربي
9. تحقيق الڪلام في الرد عليٰ من نفي صحة اسلام المخطي بڪلمة الاسلام	عربي

10. تفسير هاشمي	عربي
11. تفسير سورة الملک والنون	عربي
12. تفسير سورة الكهف	عربي
13. تفسير پاره تبارڪ الذي (29)	سنڌي
14. تهذيب الاصلاح في تنوير المصباح	....
15. تهذيب الكلام	....
16. ثلا ثيات الاثار محمد بن حسن	عربي
17. ثلا ثيات صحيح البخاري	عربي
18. ثلا ثيات المعجم الصغير للطبراني	عربي
19. ثنائيات مؤطا امام مالڪ	عربي
20. حاشيہ تفسير هاشمي	عربي
21. حاشيہ الدر المختار	عربي
22. حاشيہ حسب المفتين	عربي
23. حاشيہ هداية	عربي
24. الحجة الجلي	....
25. حمل الصلاح عليٰ معاند الاصلاح	....
26. خلاصة البيان في عدد اي القرآن	عربي
27. دستور الفرائض	....
28. دوازده مسائل مخدوم ٺٽوي	فارسي
29. رسالہ تير اندازي (منظوم)	فارسي
30. رسالہ السراجيہ (منظوم)	سنڌي
31. رسالہ في المنع عن الماتم في يوم عاشوراء	....
32. رسالہ في تعداد وجوه القرآة الجاريہ في لفظ الان	عربي
33. رسالہ في جمع وجوه القرآة الجارية في آيتہ سورة البقره واذ اخذنا ميثاق بني اسرائيل ان لا تعبدوا الا الله	عربي
34. رسالہ في تحقيق ان الواجب علي العالم المقلد اتباع	فارسي

المجتهد او العمل بظاهر الحديث	
35. رسالہ في ذكر افضل كيفيات الصلواة علي النبي	سنڌي
36. رسالہ في موعظة ما يتعلق با حوال القبر و مابعده	سنڌي
37. رسالہ في كيفية مسح الراس	عربي
38. رسالہ في تعداد وجوه القرآة الجارية في قولہ تعاليٰ حتيٰ اذا ستياس الرسل وظنوا انهم قد كذبوا...	عربي
39. رسالہ في شرح قولہ ﷺ لعمار بن ياسر يقتلڪ الفئة الباغية تدعو الي الجنة ويدعونڪ الي النار	عربي
40. رسالہ في الجواب عماكتب بعض الافاضل في الجواب عنها	عربي
41. رسالہ صُغريٰ في تقدير صدقة الفطر	عربي
42. رسالہ في ان ساب النبي ان اسلم لايسقط عنہ القتل ولوكان كافراً اصلياً	عربي
43. رسالہ في الحكم بالاسلام علي الذمي انندرام	عربي
44. رسالہ في تحقيق اسانيد حديث اقتلوا الساحر والساحرة	عربي
45. رسالہ في تقدير الوضوء والغسل بموازين بلده التته	فارسي
46. رسالہ سنديہ في ترجمة الدعائين: اللهم اني - اللهم ربي	سنڌي
47. رفع الخفاء عن مسئلة الراء	عربي
48. رفع العين عن مسئلة الجمع بين العمتين	عربي
49. رسالہ في وجوه القرآة و ان من اهل الكتاب...	....
50. رسالہ في مسئلة سكر	....
51. الرحيق المختوم في وصل اسانيد العلوم	....
52. روضتہ الصفا في اسماءِ المصطفيٰ	عربي
53. سفينة السالكين اليٰ بلد الله الامين	فارسي
54. السنة النبوية في حقيقة القطع بالافضليه	....
55. شرح شمائل	....
56. شفاء الجنان لاهل الصدق والايقان	عربي

57. الشفاء الدائم عن اعتراض القائم	عربي
58. شهادت امام حسن ۽ حسين (منظوم)	سنڌي
59. عين الفقه	.....
60. غاية النيل في اختصار الاتحاف والذيل	عربي
61. غنية الظريف بجمع المرويات والتصانيف	عربي
62. فتح الغفار لعوالي الاخبار	عربي
63. فرائض الاسلام (منظوم)	سنڌي
64. فرائض الايمان	عربي
65. الفضل المبين بحل عقدة قولهم الشک لايزول اليقين	عربي
66. فيض الغني في جواز نڪاح البالغة بدون اذن الولي	عربي
67. قال اقول	....
68. قصيدة جيميه	سنڌي
69. ڪحل العين بما وقع من وجوه القرأة بين السورتين	عربي
70. مد الباع الیٰ تحرير الصاع	عربي
71. مفتاح الصلواة	....
72. مقدمة الصلواة	فارسي
73. المنکب الیٰ تڪثير التشهدات في صلواة المغرب	....
74. مناسک الحج	....
75. وسيلة القلوب	....

ببليو گرافي

(ساٿي ۽ سونهان)

(الف) قلمي ڪتاب

1. عربي:

(1) مخدوم محمد ابراهيم (مٽئي مرقد): ”القسطاس المستقيم“

(2) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: ”فاڪهة البستان“

(3) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: ”مظهر الانوار“

2. فارسي:

(1) ابوالحسن ڏاهري: ”سراج المصلي“

(2) امين بن هارون چنڙائي: ”مناقب مخدومين معظمين“

(3) مخدوم الله بخش ڪهڙائي: ”تذڪره مخاديم ڪهڙا“

(4) مخدوم عبداللطيف ٺٽوي: ”مناقب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي“

(5) مير علي شير ”قانع“ ٺٽوي: ”معيار سالڪان طريقت“

3. سنڌي:

(1) عباسي شفيع محمد ڪهڙائيءَ: ”قصص الاولياء سنڌ“

(2) ڪلهوڙو نور محمد، ميان: ”منشور الوصيت و دستور الحڪومت“، مترجم: عبدالرسول قادري

(3) محمد اشرف سمون، ڊاڪٽر: ”ٻارهين صدي هجريءَ جي سنڌي محدثن جون علمي خدمتون“ ، پي ايڇ. ڊي لاءِ پيش ڪيل ٿيسز، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، 1989ع

(ب) ڇپيل ڪتاب

1. عربي:

(1) بخاري محمد بن اسماعيل: ”صحيح البخاري“ ، شرڪت مڪتبه مطبع مصطفائي البابي الحلبي و اولاده بمصر، 1953ع

(2) البلاذري ابوالحسن بن يحييٰ: ”فتوح البلدان“ ، منشورات مڪتبه الارميه قم، ايران، 1404ھ

(3) الجزولي محمد بن سليمان: ”دلائل الخيرات“ ، مطبع مجتبائي، دهلي، 1913ع

(4) الحصڪفي علاؤالدين: ”الدرالمختار“ مطبع مجتبائي دهلي، 1913ع

(5) سنڌي عبيدالله، مولوي: ”التمهيد لتعريف ائمة الجديد“ ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو سنڌ، 1976ع

(6) عراقي ولي الدين: ”مشڪواة المصابيح“، مڪتبه مصطفائي، لاهور

(7) فقير الله علوي شڪارپوري: ”قطب الارشاد“ ، مڪتبه حقانيه و اسلاميه، ڪوئٽه، 1393ھ

(8) قاضي محمد اڪرم نصرپوري: ”امعان النظر شرح نخبة الفڪر“ ، (مرتب: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي)، شاه ولي الله اڪيڊمي، حيدرآباد سنڌ، 1401ھ

(9) القدوري ابوالحسين احمد بن محمد بغدادي: ”القدوري“ ، نور محمد ڪارخانه تجارت ڪتب، ڪراچي سنڌ

(10) مخدوم عبدالواحد سيوستاني: ”بياض واحدي“ ، مطبع گيلاني

اليڪٽرڪ، لاهور، 1927ع

(11) مخدوم محمد معين ٺٺوي: ”دراسات اللبيب في الاسوة بالحبيب“، (مرتب: عبدالرشيد نعماني) سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1957ع

(12) مخدوم محمد هاشم ٺٺوي: ”بذل القوة في حوادث سني النبوة“، (مرتب: مخدوم امير احمد عباسي)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1966ع

(13) المزي جمال الدين يوسف حافظ: ”تحفة الاشرف لمعرفة الاطراف“ (مرتب: عبدالصمد شرف الدين)، دارالقيمة ڀيونڊي، بمبئي، 1965ع

(14) معلوف لوئس: ”المنجد في اللغة و الاعلام“، دارالمشرق، بيروت، 1987ع

(15) النسفي عبدالله بن احمد بن محمود ابوالبرڪات: ”ڪنز الدقائق“ ، محمد سعيد اينڊ سنز، ڪراچي سنڌ

(16) نفسي لطف الله: ”خلاصه ڪيداني“ (عربي- فارسي)، نور محمد ڪارخانه تجارت ڪتب، ڪراچي سنڌ

2. فارسي:

(1) رامپوري غياث الدين محمد: ”غياث اللغات“ ، ڇاپخانه سپهر تهران، ايران، 1363ھ

(2) رحمان علي، مولوي: ”تذڪره علماء هند“ ، مطبع منشي نولڪشور، لکنو، 1914ع

(3) سرهندي محمد هاشم جان: ”مونس المخلصين“ ، عباسي آرٽ پريس، ڪراچي سنڌ، 1366ھ

(4) شيخ محمد اعظم ٺٺوي: ”تحفة الطاهرين“ (مرتب: بدر عالم دراني)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1956ع

(5) شيخ فريد الدين بکري: "ذخيرة الخوانين"- پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽي، ڪراچي سنڌ، 1956ع

(6) قاضي ثناء الله پاني پتي: "مالا بدمنہ"، محمد سعيد اينڊ سنز، ڪراچي سنڌ

(7) ڪلهوڙو نور محمد، ميان: "منشور الوصيت و دستور الحڪومت" (مرتب: سيد حساب الدين راشدي)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1964ع

(8) محمد ابراهيم ڳڙهي ياسيني: "النظم المقبول في آداب الرسول" ، مدرسة ملير ڪراچي سنڌ

(9) محمد ابراهيم "خليل" تڪملة مقالات الشعراء " (مرتب: سيد حسام الدين راشدي)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1958ع

(10) محمد قاسم ڳڙهي ياسيني: "فتاويٰ قاسميہ" ، ناشر: عبدالغفار ڪتب خانہ قنڌار، افغانستان

(11) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: "ذريعة الوصول اليٰ جناب الرسول" (مرتب: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي)، مهراڻ آرٽس ڪائونسل، حيدرآباد سنڌ

(12) منشي عطا محمد شڪارپوري: "تاريخ تازه نوائي معارڪ" (مرتب: عبدالحي حبيبي افغاني)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1959ع

(13) مير عبدالحسين خان "سانگي" : "لطائف لطيفي" (مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)، انجمن مرڪز ثقافت شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ، ضلع حيدرآباد سنڌ، پاڪستان، 1967ع

(14) مير عظيم الدين ٺٽوي: "فتح نامہ" (مرتب: شير محمد نظاماڻي)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1967ع

(15) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "تحفة الڪرام" ، در مطبع ناصري واقع دلهائي طبع شد، 1304ھ

(16) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "مقالات الشعراء " (مرتب: سيد حسام الدين راشدي)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1957ع

(17) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "مڪلي نامہ" (مرتب: سيد حسام الدين راشدي)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1967ع

(18) همايوني عبدالغفور، مولانا: "فتاويٰ همايوني"، مطبع رفاه عام، لاهور، 1331ھ

3. سنڌي:

(1) آڏواڻي ڀيرو مل مهرچند: "سنڌ جي هندن جي تاريخ" - پاڳو پهريون، هندستان پرنٽنگ ورڪس، ڪراچي سنڌ، 1946ع

(2) آڏواڻي ڀيرو مل مهرچند: "قديم سنڌ" ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1980ع

(3) آگرو غلام رباني: "جهڙا گل گلاب جا" - جلد پهريون، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو سنڌ، 1991ع

(4) الانا غلام علي ڊاڪٽر: "سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو سنڌ، 1979ع

(5) الله بچايو يار محمد سمون: "لاڙ جو سير" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1976ع

(6) بدوي لطف الله: "تذڪره لطفي"- آر.ايڇ.احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد سنڌ، 1963ع

(7) بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "جامع سنڌي لغات" - جلد پنجون، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1988ع

(8) بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "سنڌي ٻوليءَ جو منظوم آکاڻو

ذخيرو" ، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، 1994ع

(9) بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" ، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو سنڌ، ڇاپو ٽيون - 1990ع

(10) بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي" ، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، 1992ع

(11) بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "شاهه جو رسالو" - جلد ڇهريون، شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه - حيدرآباد سنڌ، 1989ع

(12) بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر: "مولود" ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1961ع

(13) بلوچ خديجه، پروفيسر: "مقدمة الصلواة عرف ابوالحسن جي سنڌي"، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، 1993ع

(14) ٻُٽ الهه رکيو: "سنڌ ۾ ڪتب خانن جي مختصر تاريخ"، سنڌ پبلشرس، حيدرآباد سنڌ، 1980ع

(15) پٽي عبدالحميد، مولوي: "تحفة الفقيه"- شمسيه ڪتب خانه، سکر سنڌ، 1960ع

(16) پٽي عبدالرؤف، مخدوم: "مولود شريف"- (مرتب: محمد صالح پٽي)، محمد يوسف اينڊ برادرس، حيدرآباد سنڌ، 1960ع

(17) ٽالپر محمد جمن، ڊاڪٽر: "سنڌ جا اسلامي درسگاهه" ، هجره پبليڪيشنس، ڪراچي سنڌ، 1982ع

(18) جتوئي علي نواز، پروفيسر: "شهيد گرهوڙي صاحب جو ڪلام"، سنڌ سڌار پبلشنگ هائوس، حيدرآباد سنڌ، ڇاپو ٻيو - 1984ع

(19) جلباڻي غلام حسين، پروفيسر: "شاهه ولي الله جي زندگي"، شاهه ولي الله اڪيڊمي، حيدرآباد سنڌ، 1973ع

(20) جلباڻي غلام حسين، پروفيسر: "عربي- سنڌي ڊڪشنري" جلد ڇهريون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو سنڌ، 1988ع

(21) جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر: "سنڌيون"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو سنڌ، 1970ع

(22) جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر: "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد سنڌ، ڇاپو ٻيو - 1983ع

(23) دائود پوٽو عمر بن محمد، ڊاڪٽر: "ڪلام گرهوڙي"، سنڌي ادبي سوسائٽي، ڪراچي سنڌ، 1956ع

(24) دائود پوٽو عمر بن محمد ڊاڪٽر: "مضمون ۽ مقالا" (مرتب: خانم خديجه دائود پوٽو)، شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه - حيدرآباد سنڌ، 1978ع

(25) دائود پوٽو محمد علي "عيان" : "هٻڪار" ، سنڌ مسلم ادبي پرنٽنگ پريس، حيدرآباد سنڌ، 60-1959ع

(26) دوارڪا پرساد روچيرام شرما: "سنڌ جو پراچين اتهاس" (ڀاڱو ٽيون)، نيشنل پرنٽنگ ورڪس، حيدرآباد سنڌ، 1945ع

(27) ديروي عبدالڪريم، مولوي: "تعليم القرآن " ، نذير پرنٽنگ پريس، ڪراچي سنڌ، 1342ھ

(28) سرائي امداد علي: "قدم ڪاپڙين جا" ، اداره اشاعت شاه عبداللطيف ڪاڇيلو نگرس. ل حيدرآباد سنڌ، 1987ع

(29) سنديلو اسلم: "سچل سرمست" ، سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو، ڪراچي سنڌ، 1990ع

(30) سيد اسد الله شاهه "اسد" ٽکڙائي: "تذکره شعراء ٽکڙ" ، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، 1959ع

(31) سيد، جي، ايم سنائي: "پيغامِ لطيف" ، نئين سنڌ

پبليڪيشن، ڪراچي سنڌ، 1974ع

(32) سيد حسام الدين راشدي: ”سنڌي ادب“ (مترجم: غلام محمد لاکو)، گرامي پبليڪيشن، دولت پور صفن سنڌ، 1981ع

(33) سيد حسام الدين راشدي: ”ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون“ ، انجمن تاريخ سنڌ، ڪراچي سنڌ، 1981ع

(34) سيد علي محمد شاهه دائري وارو: ”مصلح المفتاح“ (مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو سنڌ، 1970ع

(35) شاهه آغا سرهندي: ”احسن الوسائل في تحقيق المسائل“ ، ايجوڪيشنل پريس، ڪراچي سنڌ، 1981ع

(36) شاهه آغا سرهندي: ”مخزن العلوم“ (حصو علم فقه جو)، ايجوڪيشنل پريس، ڪراچي سنڌ، 1971ع

(37) شاهه آغا سرهندي: ”مخزن العلوم“ (حصو علم قرأت جو)، ايجوڪيشنل پريس، ڪراچي سنڌ، 1971ع

(38) شاهه ولي الله دهلوي: ”تفسير فتح الرحمان“ (مترجم: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي)، ايجوڪيشنل پريس، ڪراچي سنڌ، 1375هه

(39) شيخ محمد سومار: ”بدين ضلعي جي ثقافتي تاريخ“ ، لاڙ ادبي سوسائٽي، بدين سنڌ، 1984ع

(40) شيخ محمد سومار: ”لطيف سائين جا لاڙ تان پيرا“ ، تنظيم فڪرو نظر، سکر سنڌ، 1986ع

(41) علي ڪوفي: ”فتح نامه عرف چچ نامه“ (مترجم: مخدوم امير احمد) سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو سنڌ، ڇاپو ٽيون - 1976ع

(42) غلام محمد لاکو: ”سنڌ صدين کان“ ، گرامي پبليڪيشن، دولت پور صفن سنڌ، 1980ع

(43) غلام محمد لاکو: ”دولهه دريا خان“ ، سنڌ ثقافت ۽ سياحت

کاتو ڪراچي سنڌ، 1990ع

(44) غلام محمد لاکو: ”مطالعو سنڌ جو“ ، سنڌ تحقيقي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1992ع

(45) غلام محمد لاکو: ”سمن جي سلطنت“ ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو سنڌ، 1996ع

(46) غلام محمد لاکو: ”سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو“ ، مارئي سماجي سنگت، ملير - ڪراچي سنڌ، 1997ع

(47) قاري عبدالرحمان: ”قواعد القرآن“ (مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، 1992ع

(48) قاضي يار محمد: ”سنڌ ۾ فقهي ادب جو ارتقا“، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، 1992ع

(49) قريشي شمس الدين: ”آئينه قديم سنڌ“، آر.ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد سنڌ، 1956ع

(50) گربخشاڻي هوتچند مولچند: ”مقدمه لطيفي“، ورسٽي پبليڪيشن، ڪراچي سنڌ، ڇاپو ٽيون - 1977ع

(51) مائر محمد صديق: ”انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۾ موجود قلمي نسخن جو تشريحي ڪيٽالاگ“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو سنڌ، 1980ع

(52) محمد اسماعيل: ”عقيقي جو رسالو“، قاضي نور محمد مطبع نامي ڪريمي، بمبئي، 1917ع

(53) مخدوم امير احمد: ”تعليماتِ اسلام“، قرآن پريس، حيدرآباد سنڌ، 1962ع

(54) مخدوم عبدالخالق ٺٽوي: ”مطلوب المومنين“، ڇاپخانه مجتبائي، لاهور، 1312هه/1894ع

(55) مخدوم عبدالرحمان: "حيات العاشقين"، ڇاپخانه فتح الڪريم، بمبئي، 1307هه

(56) مخدوم عبدالله نرئي وارو: "ڪنزالعبرت" (مرتب: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي)، ناشر: مولانا محمد مدني، ڪلان ڪوٽ ڪراچي سنڌ، 1380هه

(57) ايضاً: "وفات نامو"، ابوالعلائي سٽيم پريس، آگره، 1346هه

(58) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: "بناء الاسلام" (مرتب: فقير محمد اسماعيل ڪنيار)، وفائي پرنٽنگ پريس، ڪراچي سنڌ، 1975ع

(59) ايضاً: "بناء الاسلام" (مرتب: محمد يوسف "شاڪر" ابڙو)، فردوس پرنٽنگ پريس، حيدرآباد سنڌ، 1970ع

(60) ايضاً: "مدح نامه سنڌ" (مترجم: مولانا محمد ادريس ڏاهري)، اداره خدمة القرآن والسنة، شاهپور جهانيان سنڌ، 1991ع

(61) ايضاً: "قوت العاشقين" (مرتب: محمد صديق ميمڻ)، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد سنڌ، 1950ع

(62) ايضاً: "قوت العاشقين" (مرتب: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي)، مهراڻ اڪيڊمي ڪراچي سنڌ، 1993ع

(63) مرزا قليچ بيگ: "احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي" ، شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز، حيدرآباد سنڌ، 1987ع

(64) ايضاً: "قديم سنڌ - قديم سنڌ جا ستارا" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1981ع

(65) مفتي عبدالرحمان ٺٽوي: "ارشاد الفقه"، مدرسه مجدديه عثمانيه، ٺٽو سنڌ، 1983ع

(66) مولائي شيدائي رحميداد خان: "تاريخ تمدن سنڌ"، سنڌ يونيورسٽي پريس، حيدرآباد سنڌ، 1959ع

(67) ايضاً: "جنت السنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1958ع

(68) مولوي محمد موسيٰ: "فتاويٰ فقه"، مطبع عباسي، ڪراچي سنڌ، 1957ع

(69) مهر غلام رسول: "تاريخ سنڌ - عهد ڪلهوڙا" (مترجم: يار محمد ابن حيات پنهور ۽ شمشير الحيدري)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1964ع

(70) مير اصغر حسين "اصغر" : "وڻا پٽ پراڻ جا" ، صائم اڪيڊمي، ٽنڊو جان محمد سنڌ، 1979ع

(71) مير عبدالحسين خان سانگي: "لطائف لطيفي" (مترجم: عبدالرسول قادري بلوچ)، شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه، حيدرآباد سنڌ، 1986ع

(72) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "تحفة الڪرام" (مترجم: مخدوم امير احمد)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1958ع

(73) مير معصوم بکري: "تاريخ معصومي" (مترجم: مخدوم امير احمد) سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ڇاپو ٻيو - 1959ع

(74) ميمڻ عبدالغفور سنڌي، ڊاڪٽر: "سنڌي ادب جو مختصر جائزو"، ڪاٺياواڙ اسٽور، لاڙڪاڻو سنڌ، 1976ع

(75) ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر: "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو"، عجائب اسٽور، سکر سنڌ، 1982ع

(76) ميمڻ محمد صديق: "سنڌ جي ادبي تاريخ" - جلد پهريون، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد سنڌ، 1936ع

(77) نورنگ زاده عبدالصمد: "مفتاح الصلواة" ، مطبع بمبئي، 1289هه

(78) نورنگ زاده محمد عثمان، مولوي: "تحفة الاسلام"، مولوي

محمد عظيم اينڊ سنز، شڪارپور سنڌ، 1979ع

(79) وفائي دين محمد مولانا: ”تذڪره مشاهير سنڌ“ - جلد 1، 2، ۽ 3، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1974ع، 1985ع، 1986ع

(80) ايضاً: ”لطف اللطيف“ ، وفائي پبلشنگ هائوس، ڪراچي سنڌ، 1978ع

4. اردو ڪتاب:

(1) ابن نديم محمد بن اسحاق ڀٽي: ”الفهرست“ (مترجم: محمد اسحاق)، اداره ثقافتِ اسلاميہ، لاهور، 1969ع

(2) ابوداؤد سليمان بن اشعث سجستاني: ”سنن ابوداؤد“ (مترجم: عبدالحڪيم اختر شاهجهان پوري)، فريد بڪ اسٽال، لاهور، 1985ع

(3) امتياز سعيد پروفيسر: ”خطباتِ رسول“، مطبوعاتِ حرمت، راولپنڊي، 1981ع

(4) بلگرامي غلام علي آزاد: ”ماثرالڪرا م“، (مترجم: شاهه خالد ميان فاخري)، دارالمصنفين، ڪراچي سنڌ، 1983ع

(5) ڀٽي محمد اسحاق: ”فقهاءِ هند“ - جلد پنجون، پاڳو پهريون، اداره ثقافتِ اسلاميہ، لاهور، 1979ع

(6) جهلمي فقير محمد: ”حدائق الحنفيہ“، مڪتبہ حسن سهيل، لاهور

(7) چوڌري تبسم: ”تذڪره پيرانِ پاڳاره“، انڊس پرنٽرس، حيدرآباد سنڌ، 1975ع

(8) راهي اختر پروفيسر: ”تذڪره مصنفين درس نظامي“ ، مڪتبہ رحمانيہ لاهور، 1978ع

(9) رفيق احمد رفيق المهروي، ”ارشاد الطالبين في احوال المصنفين“، مير محمد ڪتب خانہ، ڪراچي سنڌ، 1399هه

(10) رحمان علي مولوي: ”تذڪره علماء هند“ (مترجم: محمد ايوب قادري)، پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽي، ڪراچي سنڌ، 1961ع

(11) سيد سليمان ندوي: ”عرب و هند ڪي تعلقات“، اردو اڪيڊمي سنڌ، ڪراچي سنڌ، 1987ع

(12) سيد فياض محمود ۽ ڊاڪٽر ظهور احمد اظهر: ”تاريخ ادبياتِ مسلمانانِ پاڪستان و هند“ - جلد ٻيو، پنجاب يونيورسٽي، لاهور، 1972ع

(13) شاهه عبدالعزيز دهلوي: ”بستان المحدثين“ (مترجم: عبدالسميع)، مير محمد ڪتب خانہ، ڪراچي سنڌ

(14) شاهنواز خان: ”ماثر الامراء“ (مترجم: محمد ايوب قادري)، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور، 1968ع

(15) شاهه ولي الله دهلوي: ”فيوض الحرمين“ (مترجم: عابدالرحمان صديقي)، محمد سعيد اينڊ سنز، ڪراچي سنڌ

(16) شيباني محمد بن حسن امام: ”مؤطا امام محمد“ (مترجم: خواجہ عبدالحميد)، محمد سعيد اينڊ سنز، ڪراچي سنڌ

(17) شيخ عبدالحق محدث دهلوي: ”اخبار الاخيار“ (مترجم: اقبال الدين احمد)، دار الاشاعت ڪراچي سنڌ، 1963ع

(18) شيخ محمد اڪرام: ”رودِ ڪوثر“، اداره ثقافتِ اسلاميہ، لاهور، 1988ع

(19) صديقي بختيار حسين پروفيسر: ”برصغير پاڪ و هند مين قديم عربي مدارس ڪا نظامِ تعليم“، اداره ثقافتِ اسلاميہ، لاهور، 1982ع

(20) الطبري محمد بن جرير: ”تاريخ طبري“ (مترجم: سيد محمد ابراهيم ندوي)، نفيس اڪيڊمي، ڪراچي سنڌ، 1967ع

(21) فيروز الدين، مولوي: ”فيروز اللغات“، فيروز سنز، لاهور

(22) قاسم محمود، سيد: ”شاهڪار اسلامي انسائيڪلوپيڊيا“،

شاهڪار بڪ فائونڊيشن، ڪراچي سنڌ، 1984ع

(23) قدوسي اعجاز الحق: "تاريخ سنڌ" - جلد ٻيو، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور، 1974ع

(24) ايضاً: "تذڪره صوفياء سنڌ"، اردو اڪيڊمي سنڌ، ڪراچي سنڌ، 1975ع

(25) ڪاظمي احمد سعيد، سيد: "مقالاتِ ڪاظمي"، مڪتبه شرڪت حنفيه، لاهور، 1397هه

(26) محمد طفيل احمد ٺٽوي: "تحفة الزائرين"، احمد برادرز، ڪراچي سنڌ، 1988ع

(27) محمد مسعود احمد، پروفيسر: "جانِ جانان" انٽرنيشنل پبليڪيشنز، حيدرآباد سنڌ، 1988ع

(28) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: "عهدِ نبوي ڪي ماه و سال" (مترجم: مولانا محمد يوسف لڌيانوي)، حسين چوڌري ٽرسٽ، لاهور، 1976ع

(29) ايضاً: "فرائض الاسلام" (مترجم: مولانا عبدالعليم ندوي)، مدرسه مدينة العلوم، پينڊو شريف، ضلع حيدرآباد سنڌ، 1986ع

(30) مفتي محمد عبدالله نعيمي: "فتاويٰ مجدديه نعيميه"، ناشر: مفتي اعظم اڪيڊمي، ملير - ڪراچي سنڌ، 1411هه

(31) مهر غلام رسول: "تاريخ سنڌ - عهد ڪلهوڙا" - جلد 1 ۽ 2، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1958ع

(32) ندوي محمد حنيف مولانا: "ظفر المحصلين باحوال المصنفين"، دارالاشاعت، ڪراچي

(33) نعيمي محمد اقبال حسين: "تذڪره اولياء سنڌ" ، شارق پبليڪيشنز، ڪراچي سنڌ، 1987ع

(34) نظامي خليق احمد، پروفيسر: "سلاطين دهلي ڪي مذهبي رجحانات"، اداره ادبيات، دهلي، 1981ع

5. انگريزي ترجما:

(1) برٽن رچرڊ فرانسز، سر: "سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون" (مترجم: محمد حنيف صديقي)، سنڌ ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1971ع

(2) چبلاڻي، ايس، پي: "سنڌ جي اقتصادي تاريخ" (مترجم: سراج الحق ميمڻ)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1968ع

(3) سورلي، ايچ، ٽي: "ڀٽ جو شاهه" (مترجم: عطا محمد ڀنڀرو)، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي سنڌ، 1992ع

(4) شمل اينيمري، ڊاڪٽر: "سنڌي ادب جي ارتقا" (مترجم: ڊاڪٽر غلام حيدر ٻرڙو)، شهيد عبدالرزاق اڪيڊمي، مورو سنڌ، 1981ع

(5) هينري ڪزنس: "سنڌ جا قديم آثار" (مترجم: عطا محمد ڀنڀرو)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو سنڌ، 1995ع

(6) زبيد احمد، ڊاڪٽر: "عربي ادبيات مين پاڪ و هند ڪا حصه" (مترجم اردو: شاهد حسين رزاقي)، اداره ثقافتِ اسلاميه، لاهور، 1987ع

(7) سورلي، ايچ، ٽي: "شاهه عبداللطيف آف ڀٽ" (مترجم اردو: رياض صديقي) انڊس پبليڪيشنز، ڪراچي سنڌ، 1989ع

(ج) رسالا ۽ مخزنون

1. ماهوار

(1) "اخبار تعليم"، حيدرآباد سنڌ، ماه جنوري- فيبروري 1991ع

(2) "پيغام"، ڪراچي سنڌ، ماهه آگسٽ - سيپٽمبر 1980ع

(3) "پيغام"، ڪراچي سنڌ، ماهه اپريل 1982ع

(4) "الرحيم"، حيدرآباد سنڌ، ماهه آڪٽوبر 1977ع

(5) "السنڌ"، اسلام آباد، ماهه سيپٽمبر 1992ع

(6) "شريعت"، سکر سنڌ، جون - جولاءِ - آگسٽ 1978ع

(7) "شريعت"، سکر سنڌ، مارچ 1983ع

(8) "نئين زندگي"، ڪراچي سنڌ، ماهه سيپٽمبر 1950ع

(9) "نئين زندگي"، ڪراچي سنڌ، ماهه جولاءِ 1959ع

(10) "نئين زندگي"، ڪراچي سنڌ، ماهه آگسٽ 1959ع

(11) "نئين زندگي"، ڪراچي سنڌ، ماهه فيبروري 1960ع

(12) "نئين زندگي"، ڪراچي سنڌ، ماهه جون 1979ع

(13) "نئين زندگي"، حيدرآباد سنڌ، ماهه آگسٽ - سيپٽمبر 1980ع

(14) "الولي"، (اردو) حيدرآباد سنڌ، ماهه اپريل 1972ع

2. ٽماهي:

(1) "الرحيم" حيدرآباد سنڌ، سرءُ 1965ع

(2) "الرحيم" حيدرآباد سنڌ،نمبر 2، 1965ع

(3) "الرحيم" حيدرآباد سنڌ، نمبر 3، 1966ع

(4) "الرحيم" حيدرآباد سنڌ، نمبر 2، 1967ع

(5) "الرحيم" حيدرآباد سنڌ، نمبر 3-4، 1967ع

(6) "سنڌ" حيدرآباد سنڌ، سيارو 1983ع

(7) "سنڌ" حيدرآباد سنڌ، بهار 1983ع

(8) "مهراڻ" حيدرآباد سنڌ، 3-4، 1957ع

(9) "مهراڻ" حيدرآباد سنڌ، نمبر 1-2، 1981ع

(10) "مهراڻ"، ڄامشورو سنڌ، نمبر 4، 1985ع

(11) "مهراڻ"، ڄامشورو سنڌ، نمبر 1-2، 1988ع

3. ڇهه ماهي:

(1) "سنڌي ادب"، ڄامشورو سنڌ، نمبر 1، 1981ع

(2) "سنڌي ادب"، ڄامشورو سنڌ، نمبر 1-2، 1983ع

(3) "سنڌي ادب"، ڄامشورو سنڌ، نمبر 1-2، 86-1985ع

(4) "الزبير" (اردو)، بهاول پور، نمبر 11، 1967ع

(5) "دانش" (فارسي)، اسلام آباد، 16 زمستان 1367

4. مخزنون

(1) "تحفه لطيف" ڪراچي سنڌ، 1958ع

(2) "مهراڻو" پبليڪيشن، ٿرپارڪر سنڌ، 1985ع

(د) اخبارون

1. روزنامه

(1) "عوامي آواز"، ڪراچي سنڌ، 1 - ڊسمبر 1991ع

(2) "مهراڻ"، ڪراچي سنڌ، 15 جنوري 1961ع، (سالگره نمبر)

(3) "مهراڻ"، حيدرآباد سنڌ، 7 جون 1968ع

(4) "الوحيد" (سنڌ آزاد نمبر)، حيدرآباد سنڌ، پيو ڇاپو -1979ع

(هه) لائبريريون

(1) الله آباد: مدرسه غفاريه جي لائبريري، نزد ڪنڊيارو، مملوڪ پير محمد طاهر غفاري

(2) پينڊو: مدرسه مدينة العلوم جي لائبريري، نزد حيدرآباد، مملوڪ مولوي عبيدالله پنھور

(3) ٺٽو: مدرسه باب الاسلام جي لائبريري، مھتمم: مولوي محمد ابراهيم

(4) ٺٽو: مفتي عبدالرحمٰن ميمڻ جي لائبريري

(5) ٺٽو: مفتي عبداللطيف، خطيب شاهجھان مسجد جي لائبريري

(6) ٺٽو: مولوي طفيل احمد نقشبندي جي لائبريري مڪلي

(7) جوٽاٽي شريف: جوٽاٽي لائبريري، تعلقه واره ضلع لاڙڪاڻو، مملوڪ غلام عمر عرف منور علي

(8) ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي لائبريري

(9) ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ جي لائبريري

(10) ڄام شورو: سنڌ يونيورسٽي جي سينٽرل لائبريري

(11) چوھڙ جمالي: حافظ حبيب سنڌي جي لائبريري

(12) حيدرآباد: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لائبريري

(13) حيدرآباد: سنڌ ميوزم جي لائبريري

(14) حيدرآباد: علامه غلام مصطفيٰ قاسمي جي لائبريري

(15) دڙي مگسي: مخدوم محمد هاشم ٺٽوي لائبريري، نزد سڪرنڊ، مملوڪ عبدالرسول قادري

(16) دولتپور صفن: غلام محمد لاکي جي لائبريري (ڳوٺ منا خان جوکيو)

(17) سڪرنڊ: بيت الحڪمة لائبريري، مملوڪ عبدالرحمان منگيو

(18) سڪرنڊ: درگاه خياري شريف جي لائبريري، مملوڪ پير رفيع الدين خياروي/پير حماد الله خياروي

(19) سونڊا: قاضي محمد موسيٰ جي لائبريري

(20) سيوهڻ: قاضي محمد مراد صديقي جي لائبريري

(21) شڪارپور: پروفيسر اسرار احمد علوي جي لائبريري

(22) ڪنڊيارو: قاسميه لائبريري، مملوڪ مولوي محمد قاسم سومرو/ڊاڪٽر محمد ادريس السندي

(23) ڪراچي: ڊاڪٽر نواز علي "شوق" جي لائبريري

(24) ڪوٽڙي ڪبير: الڪبير اڪيڊمي، منتظم: ميان غوث محمد "گوهر" پيرزادو

(25) ڳڙهي ياسين: مدرسه قاسميه جي لائبريري

(26) مٽياري: معروفيه لائبريري، مملوڪ حافظ عبدالله ميمڻ

(27) ملير/ڪراچي: مدرسه مجدديه نعيميه جي لائبريري، مملوڪ مفتي محمد جان نعيمي

(28) منصوره (نزد هالا): مدرسه منصوره جي لائبريري، منتظم: استاد غلام سرور پٽو

(29) ميھڙ: ڪريمي لائبريري، مملوڪ علامه مولانا ڪريم بخش مگسي نقشبندي

(30) ميھڙ: مولوي حامد الله آگري جي لائبريري (خطيب: درگاهه سعدي موساٽي)

(31) نواب شاهه: ڊاڪٽر قريشي حامد علي "خانائي" جي لائبريري

(32) نواب شاهه: ساهتي لائبريري، مملوڪ بشير احمد هيسباڻي

(33) نواب شاهه: گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لائبريري

(34) نواب شاهه: مولانا رحيم بخش "قمر" لاکي جي لائبريري

(35) نيو سعيد آباد: درگاهه پير جھنڊي جون ٽي لائبريريون: مملوڪ پير بديع الدين شاهه، پير محب الله شاهه راشدي ۽ پير وهب الله شاهه راشدي - پير ڪوٽ

● نوٽ: افسوس هِنن لائبررين جا ڪجهه علم دوست وفات ڪري ويا آهن!



”جامع خسرو“ دابگير مسجد ٺٽو

(سامهون وچون دروازو)



”هاشمي مسجد“ اگر محله، ٺٽو



”مدرسہ هاشميہ“ بهرام پور جا ڦٽل آثار



”جامع خسرو“ دابگير مسجد، ٺٽو
(اولهندي پاسي وارو نظارو)



”مدرسہ هاشميہ“ اگر محلہ، ٺٽي جا ڦٽل آثار



مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ رح
جي مزار جو چبوترو



كتبه الضعيف الراجي شفاعة النبي العربي الفقير
محمد هاشم بن عبد الغفور السندي التتوي جمع الله تعالى
بينه وبين رسوله المدني صلى الله عليه وسلم

”شرح صفة الروضة“ (قلمي عربي) ۾ آيل مخدوم صاحب جو دستخط

مخدوم صاحب جي هڪ ناياب مُهر سن 1134ھ



يا ايها الذين امنوا اطيعوا الله واطيعوا الرسول

الحمد لله ته هي مجموعو ٽن ڪتابن جو جي بزبان سنڌ معروف مشهور آهي

ڪتاب زاد الفقير ڪتاب راحة المؤمنين تصنيف جناب
مخدوم محمد هاشم جي آهين

هي مجموعو ڪتابن سنڌي جو
اول ڪتاب زاد الفقير
ٻيو راحة المؤمنين
ٽيو مطلوب المؤمنين
جمله نسخه ٣

ٽيو مطلوب المؤمنين جناب مخدوم عبدالخالق جي تصنيف

سڀني سان اهتمام خيرخواه خلق الله المنان مولوي محمد عثمان

ڇاپا خاني مجتبائي دهلي ۾ ڇپيو واسطي فيض عام جي

مخدوم صاحب جي پهرئين سنڌي تصنيف "زادالفقير" (1125هه)-
مطبوعه 1312هه جي سر ورق جو عڪس

من قال في القرآن برايه فقد كفر

هي تفسير سنڌي سيپاري عم جو تصنيف عالم مجتهد فقيه مجدد
جناب مولانا مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي آهي جنهن جو نالو

تفسير هاشمي

واسطي فيض عام جي سو سڀني ڇپايو بندهٔ درگاه رب رحيم
قاضي نور محمد ابن المرحوم قاضي عبدالكريم تاجر ڪتب جي

پاڻ ڇپي مطبع ڪريمي واقع جو بمبئي ۾ ڇپانيو

مخدوم صاحب جي آخري سنڌي تصنيف "تفسير هاشمي" (1162هه)- مطبوعه 1320هه جي سرورق جو
عڪس

بسم الله الرحمن الرحيم رب يسر وتمم بالخير

عربي تصنيف "مظهرالانوار" (1125ھ)- ڪتبخانه درگاھ خياري شريف جي قلمي نسخي جو هڪ ورق

الوَصِيَّةُ الهَاشِمِيَّة

تاليف
حجة الاسلام الحافظ المخدوم
محمد هاشم بن عبد الغفور بن عبد الرحمن
التتوى السندى
١١٠٤-١١٧٤هـ

قدم له وحققه
وخرج احاديثه وعلق عليها
ابو عبيد الله محمد جان بن عبدالله النعيمي

دارالعلوم المجددية النعيمية
مليركراتشي باكستان

مخدوم صاحب جي آخري عربي تصنيف "الوصية الهاشمية" (1174ھ) مطبوعه 1416ھ جي سرورس جو عڪس

بسم الله الرحمن الرحيم

سبحانك لا علم لنا الا ما علمتنا انك انت العليم الحكيم . ولا حول ولا قوة الا بالله العلي
العظيم . الحمد لله رب العالمين . حمد الشاكرين . والصلوة والسلام على رسوله محمد
سيد الاولين . والآخرين . وعلى آله واصحابه الطيبين الطاهرين . وازواجه
امهات المؤمنين . وعترته وانصاره واشياعه اجمعين اما بعد ميگويد بنده ضعيف

مخدوم صاحب جي پهرئين فارسي تصنيف ”ذريعة الوصول اليٰ جناب رسول“ (1133هه)- مطبوعه مهراڻ آرٽس ڪائونسل، حيدرآباد سنڌ جي هڪ ورق جو عڪس



تحفة المسلمين

تُحفة المُسلمين

فِي تقدِير مُهُورِ امّهاتِ المؤمنين
رضي الله تعاليٰ عنهن

تصنيف:
حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي
رحمة الله عليه

ترجمو

مولانا عبدالرسول قادري

مخدوم صاحب جي آخري فارسي تصنيف ”تحفة المسلمين في تقدير مَهُورات اُمهات المومنين“ (1171هه) مطبوعه
1999ع جي سرورق جو عڪس